ڪلام

منٺار فقير راڄڙ

رسالو خدائي

(1)

سنڌي ادبي بورڊ

Scanned with CamScanner

كتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

چاپو پهريون سال 1928ع
چاپو ٻيو سال 1987ع
چاپو ٽيون سال 1999ع

نئون ڇاپو آگسٽ 2011ع تعداد هزار

هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن بہ طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: چار سؤ ستر رپيا
(Price: 470-00)

خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب ميسرز سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ مان مسٽر الهڏنو وگهيو، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپرائي پڌرو ڪيو.

انرٽائيٽل منٺار فقير /E

ڇپائيندڙپاران

سنڌي شاعري جي تاريخ ايتري ئي قديم آهي جيتري سنڌ جي تاريخ قديم آهي. اِن حقيقت کي مدِنظر رکندي، سنڌي ادبي بورڊ جي اِها شروع کان ئي ڪوشش رهي آهي تہ سنڌ جي تاريخي مواد کي سهيڙي منظرِ عام تي آڻڻ سان گڏوگڏ سنڌ جي قديم ۽ معياري شاعريءَ کي پڻ ڇاپي علم و ادب جي شائقين جي هٿن تائين پهچائجي. جنهن ڏس ۾ مِيين شاهہ عنات جو ڪلام، شاهہ جو رسالو، سچل سرمست جو سنڌي ۽ سرائيڪي ڪلام، ڪلام فقير نواب ولي محمد خان لغاري، خليفي صاحب جو رسالو، ڪليات حمل، ڪلياتِ امين، ڪلياتِ حاجي خانڻ چنجڻي، ڪنڍڙي وارن جو ڪلام، مخدوم فضل الله جو ڪلام ۽ ٻين ڪيترين ئي نامور شخصيتن جي ڪلام کي ادارو ڇاپي مڃتا ماڻي چڪو آهي ۽ هاڻي مننار فقير راڄڙ جو ڪلام ”رسالو خدائي“ سندس مفصل احوال ۽ يادگار تصويرن سان گڏ ڇاپي قابلِ احترام پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچايو آهي.

مننار فقير جو شعر آفاقي ۽ الهامي آهي. سندس شاعري جي زبان نهايت ئي سهڻي ۽ سٻاجهڙي آهي. جنهن کي هر خاص و عام آسانيءَ سان سمجهي ۽ پڙهي سگهي ٿو.

Scanned with CamScanner

هن کان اڳ ادارو ڪلام منٺار فقير راڄڙ ۽ رسالو مرتضائي ۽ رسالو رهنمائي ڇاپي منظرِ عام تي آڻي چڪو آهي ۽ هاڻي سندن ”رسالو خدائي“ آءٌ پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ڇاپيندي دلي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان. جنهن لاءِ آءٌ بورڊ جي مانواري چيئرمين قبلہ جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جن جو دل جي گهرائين سان شڪرگذار آهيان، جنهن جي مفيد مشورن ۽ ذاتي دلچسپيءَ ڪري هي رسالو ڇپائيءَ جون منزلون آسانيءَ سان طئي ڪندو اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي.

امید آهي تہ اسان جو هي پيار پريو پورهيو قبول پوندو.

ڄام شورو سنڌ
03 رمضان المبارڪ 1432ھ
بمطابق 04- آگسٽ 2011ع

الهڏتو وگهيو
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

فهرست

سُر	عنوان		صفحو
	روشنائي	- فقير ولي محمد راڄڙ	35
	پيغام	- مخدوم محمد امين فهيم	36
	ٻه اکر	- فقير محمد بخش راڄڙ	37
	مختصر عرض	- فقير ولي محمد راڄڙ	39
	سوانح حيات منٺار فقير	- غلام ڪريم شر	43
	چند روايتون	- فقير محمد بخش راڄڙ	69
	پنهنجي پاران	- پيارو خان شر	

راڳڻي	ڪافيون	نمبر	صفحو
ڪلياڻ	اول الله جي تعريف........	1	83
	عقل انسان جو چاهي........	2	83
	تو منجهه رب پاڪ اهي رهندڙ........	3	84
	فڪر ڪر تون فقيريءَ جو........	4	84
	الله جو عاشق چوائين تان........	8	85
	اول خليفو خدا منهنجي نبيءَ جو نور........	6	85
	صورت محبوب جيءَ موهيو........	7	86
	زليخا جو ذڪر سڻ تون........	8	86
	حقيقيءَ حال ڪي هوشيار........	9	87
	محبت جي ڇڪ منهنجي من ڪي........	10	87
	آهيان منجهه غير جي دريا........	11	88
	دنيا ساري فنائي آ........	12	88
	خداريءَ ٻي دنيا واري سنگت........	13	89
	توبهه منهنجا ياخدا........	14	89
	مون ڪي ذرو زور جو ناهي........	15	90
	ڏنم محبوب منهنجي ۾........	16	90
	فڪر ۽ غم درد........	17	91
	لاڳاپن لوڪ جن جهليس........	18	91

Scanned with CamScanner

	مون سان مولا مهربان تون ٿيءُ..........	19	92
	مٺن منهنجي مارن کي..........	20	92
	ٿيو الست بربكم آواز..........	21	93
	لا الله الـه الله محمد الرسول الله..........	22	93
	وڃان مَلڪ ملير..........	23	94
	دل دام وجهي دلبر..........	24	94
	دل درد فراق ڦوڙائي ماري..........	25	95
	عقل سڪن ڪيئن عاشق ويچارا..........	26	95
	برهه ڪئي ويو ساري بادشاهي..........	27	96
	وس تہ پنهنجي ڪان ويس ويچارو..........	28	96
	طلب لڳي اٿم تانگهه تنهنجي..........	29	97
	خدا دي هي تجلي..........	30	97
	مون ڪان منهنجا خان پنهل..........	31	98
	مون ڪان محبوب سندم ميان..........	32	98
	آهيان مستان سندم ڏس..........	33	99
	الائجي تون راض آهين..........	34	99
	آيو مرشد اڱڻ منهنجي..........	35	100
	عزرائيل ٿي ڇيو آئون..........	36	100
	ڇڏي ڪم خاص خدا وارو..........	37	101
	پانڌي تون منهنجي پئجان پاران..........	38	101
تلنگ	منهنجو رک پرم..........	39	102
	هن مند منهنجي هير..........	40	103
	عمر اباڻن ساڻ ميان..........	41	104
	پنهنجو ستي نباهج سيل..........	42	105
	منهنجي محبت ساڻ محبوب..........	43	106
	دل دام وجهي دلبر..........	44	107
	مونکي درسن جي درڪار..........	45	107
	منهنجي درد جو توکان..........	46	108
	اڪبر عشق اگهون حق حق..........	47	108
	ڏاڍي سا خدا جي سرڪار آهي..........	48	109

Scanned with CamScanner

جن جي اندر ۾ هيان نينهن نارا	49	110
جتي عشق آيو رکي راض رايو	50	110
هيڏيون حسن واريون	51	111
رستو، رباني پنڌ لاثاني	52	111
خدا کي وڻي ٿو نمت نياز فقيرن جو	53	112
جي حب هجي توکي ميان	54	112
دم قدم دوستيءَ جو	55	113
جي تون چاهين	56	113
توکي نہ مناسب آهي	57	114
آهي ڪلمي جي دلداري	58	114
عجب يار تنهنجي جمالي	59	115
شل ٿئي نصيب سنگ تنهنجو	60	115
تنهن کي آرام نہ ايندو	61	116
منهنجو خان پارو ڇل ساڻ	62	116
منهنجي جيجل ڙي جند جان	63	117
هن پنيور ۾ هاڻ پينرڙي	64	118
منهنجون سرتيون ساهيڙيون	65	118
ڪوهيارل جو ڪيچ مڪان	66	119
منهنجي هوت پنهل دل هئين	67	120
جيڪا ساهڙ سيڪاري	68	121
جن جي محبت سان ميهار	69	121
ڪيو مجني کي مستان	70	122
لڳو ليليٰ جي لاري	71	123
موٽ ميندرا يار	72	124
منهنجا راڻا ڪيم رسيج	73	124
گهڻيان گهڻيان وڃائيندا هي بين	74	125
آيا رنگپور رانجهن	75	126
ڏاڍا ڏکيا گذاريم ڏينهن	76	127
اڄ سگهو سوداگر يار	77	127
منهنجا ويا وڻجارا	78	128

Scanned with CamScanner

برور

منهنجا ڀولي ڀڪيا لئي ڏوهہ........	79	130
آئي تڪبر ڪؤن تقدير........	80	131
هي خواب لهي خوش روغ ٿيو........	81	133
محبوب جي منهن محراب........	82	133
عمر ساري افراد ادا........	83	134
ڪنهن سان ورهہ ونديان........	84	134
ڪجليون ڪيفن واريون........	85	135
حقيقتؔ حال منهنجي جي........	86	135
اچي مل يار پيارا........	87	136
نہ ڪر مئيءَ ساڻ........	88	136
پنهل توڪان اٿم........	89	137
مدد جي هوا من........	90	137
سنگت نباهيج سامي........	91	138
ڪرمون عاشق تي احسان........	92	138
آهي خدا تنهنجي ديدار ۾........	93	139
ري خدا جي بندگي........	94	139
دوستي واري دين ۾........	95	140
سڀ اسان ڪي ٿيا سهٽا........	96	140
آيو ڪنياتل خاطي........	97	141
جي سانگ پاتئہ........	98	141
جي هنجڙو پڪي........	99	142
گڏجڻ تنهنجو اڳ نہ گهران........	100	142
سفر ڪنديس........	101	143
مون عاشق جو........	102	144
عمر اڄ خواب ۾........	103	144
هٿيار حسن جا........	104	145
اڄ تہ ڪريون ڪاڪ تي........	105	146
اچي تون مير مينڌرا........	106	146
مون ڪي مينڌرا........	107	147
لداٽي ۾ لاءِ تنهنجي........	108	147

Scanned with CamScanner

سوڍي بناڙي	109	148
ليليٰ ۾ لکي	110	148
لاءِ پسڻ ليليٰ	111	149
چوئقبلي چوڌاري	112	149
سميع بصير ستار آيو آهين	113	150
لامکاني ٽو لقب	114	151
خاڪ جي چولي ۾	115	152
نوڪر چاڪر تابع تنهنجا	116	153
ڳوليو ڳوليان مسجد مڙهيون	117	154
پاٽي پاڪ ڪندونا	118	155
عجب نور الله	119	155
ساڳيو نور نورانا	120	156
عجب جوڙ جبار	121	156
دم دم ۾ ديدار	122	157
ڪوليو پرين نقاب	123	158
برهو آهي باز عقاب	124	158
عيش حياتي سپ هئي	125	159
ڪر تون ورد وظيفو	126	159
تون تون جي تند تنوارج	127	160
جيئرو ئي هن جهانۂ	128	160
وجي پيءُ تون آب حياتي	129	161
بحر علم باطوني	130	162
بحر برهہ جو شوق	131	162
سڻندي ئي نينهن جو نغارو	132	163
ڏان ڏان دهشت وارو	133	163
پرواني جيئن پچن ٽا	134	164
دل تي درد ديوانو	135	164
مٺي محبوب جو آهي	136	165
ڳجهڙيون جهڙيون ڳالهيون	137	165
ڪير ويري آهي ڪير واهرو	138	166

	روح منهنجي منجهه رايو........	139	166
	پنهل پجڻ آئون ويدنيس........	140	167
	منهنجيون سرتيون........	141	167
	چيو مون کي مرشد........	142	168
	اسم جو آواز........	143	169
	برهه بادشاهه جا........	144	169
	صورت منجهه سواد........	145	170
	عشق عاشقن جا هٿا........	146	170
	سڪ صبر نه ڏي مون کي........	147	171
	دوستيءَ جي دين........	148	171
	مومل مٺ ۾ پائج........	149	172
	ياد ڪري ڏج يار کي........	150	172
	مل مون کي محبوب........	151	173
	باب برهه جون........	152	173
	ڪيسي پياس تيري روپ........	153	174
	هر برهه تيري ۾........	154	174
	خدا کي نور ڪا........	155	175
ملاري	پيا ٺهه ٺهه مينهن ٺمن........	156	175
	بادل ڪئي برسات........	157	176
	آيو حسن جا يار هٿيار ڪٺي........	158	176
	زابر عشق عجيبن جو........	159	177
	ٿيا سانوڻ ڏينهن سڪار يار........	160	177
	آئي اڳ ۾ اتر جي هير........	161	178
	منهنجو رحمي تون آهين رحمان........	162	178
	مون کي درشن جي درڪار........	163	179
	مون کي طلب سڄڻ تنهنجي تات........	164	179
	آهي الله انسان ۾ وي........	165	180
	تنهنجي جوڀن کي جنساري وي........	166	180
	ڪري گڙيون بادل گهمسان........	167	181
	اهو حسن حضرت محمد ﷺ جو........	168	181

ڪج رحمت ميگهہ ملهار وي............	169	182
ديکو بنيا ميگهہ ملاري............	170	182
رت سانوڻ وي آئي............	171	183
پنهنجو عمل ۾ ڪر اختياري جو............	172	183
تنهنجي رمز عجب............	173	184
حسن ڪٽي هٿيار آيو............	174	184
پورو ٿيو شوق شڪاري جو............	175	185
ٿيو بادل رنگ بهاريءَ............	176	185
گوڙين ڪيا گجگاهہ............	177	186
سهڻا ساجن يار............	178	186
ڪري محبت ميگهہ ملار يار............	179	187
هن رت سانوڻ جيءَ سير ۾............	180	187
پرين مل هاڻ مون پياسي کي............	181	188
هي خلق خدا تنهنجا اوزار............	181	188
جر پلر جالار يار............	182	189
خالق خلق ڏٺي ڏٺي............	183	189
سارنگ ڪيا سينگار............	184	190
گاهہ وسن جا ويئيءَ ويئي............	185	190
ياراني ۾ يار يار............	186	191
مينهن جا مانداڻ............	187	191
پرين مل هاڻ مون پياسي کي............	188	192
هي خلق خدا تنهنجا اوزار............	189	192
هي رت سانوڻ جي سير............	190	193
وڻا سيپ ولهار............	191	194
مند موسم هي سانوڻ جي............	192	194
گوڙين لايا گهمسان............	193	194
يارب تعاليٰ رحمت ساڻ............	194	195
گل ڦل باغ بهار............	195	195
تون ڪر ميگهہ ملهار............	196	196
موڪل ڪر کي منهن............	197	196

Scanned with CamScanner

آيا ملڻ جا سال	198	197
واهه واهه حسن سينگار	199	197
وسندو مينهن وصاليءَ	200	197
وس تون مينهن ولهارن تي	201	198
وري آئي مند وسڪاري جي	202	198
چيم تيئن چئجان پانڌي ادا	203	198
چو ٿو ٿين دلگير	204	199
منهنجو من ڪيو مستان	205	199
تون وري آءُ منهنجا جاني	206	199
ساڳيو سڃاتم يار سهڻي	207	200
صورت سندي يار	208	200
عشق الٽ آيا	209	201
هي موسم مند ملهاري جي	210	201
واءُ جي وڻ ۾ هير	211	202
تنهنجي صحبت ريءَ	212	202
چام چنيسر داسڙا	213	203
تن مارن ريءَ ماتام ٿيو	214	203
توکي نہ مناسب	215	204
ڪرين ٿو ڪوهيارا	216	204
جيڪا تو عقل ۾ هئي	217	205
سينگار ڪنديون ڪيئن	218	205
ڪيسڻ ڪيس خوشحال	219	206
ويڙهيچا تہ ويڙا لڏي	220	206
منڙا مارو جي ملير جا	221	507
مون نماڻيءَ کي	222	207
هيڪر شال ٿيان	223	208
عمر ميان پرچاءِ	224	208
وطن ويڙهيچا ياد ڪريو	225	209
ماڳ مٽياٽيون مور نہ وسرڻ	226	209
عمر اباڻن جا نوان نياپا	227	210

Scanned with CamScanner

	مون کي تن ماروئڙن ڏي	228	210
	ڪا جا مون کي رانجهن	229	210
	سرها ٽيئڙا سنگهار	230	211
سورٺ	تو وڃائي تار ٻيجل	231	211
	ٻول ٻيجل ڪين ٻيو	232	212
	راجا منجهه رتول	233	213
	راجا جو ميان ڏسو	234	213
	اُن سائل سان سلطان	235	214
	اُن جي تندن ڇيو ٿي	236	214
	دان ڏنا درٻار	237	215
	سو سوال سورٺ ڪيا	238	215
	سورٺ چوي سڻ سوال	239	216
	مڄ آزي منگتا	240	217
	سرمِ وڍ سردار جو	241	217
	اُن ڪي سورٺ ڪيا ٿي	242	218
	تنهنجي نينهن جي	243	218
	پلي آئين مگڻهار	244	219
پيلو	هي هلڻ هن مون غريب	245	219
	قلم قسمت ۾ لکيو	246	220
	ديدار دلبر جي خاطر	247	220
	پيارا نہ پوئواري ڪيئي	248	221
	سڪ سوز سوداءِ	249	221
	خواب سهڻي ۾ صحي	250	222
	من موهيو مون مسڪين جو	251	222
	مون کي ڪان ڪجلين جا هٽيو	252	223
	آرام اکڙين ڪونہ ڪيو	253	224
	ڏکيو ڏسڻ تو يار جو	254	224
	اڳيون اڌ عمر هيس حرص ۾	255	225
	ٻيو مڻ ثاني سمجهي نہ دل	256	225
	منهنجي دل ڪسي دلبر	257	226

Scanned with CamScanner

	مختيار محمد مصطفيٰ ﷺ....................	258	226
	من ميرا مجزوب هو........................	259	227
	اس حال اپني کي خبر........................	260	228
	هر نون ديکو دک درد........................	261	228
	اس خواب کي خطري........................	262	229
پيروي	جا منهنجي دل يار........................	263	229
	مين ڏوجها درد پرايا........................	264	230
	منهنجو سڻ فرياد فقير........................	265	231
	ڏٺو مون جوڳي تي........................	266	232
	کندي دنيا دوست کان دور........................	267	234
	محبوب ملي ٿو نياز کون........................	268	235
	محبوب جي مشتاق کي........................	269	235
	ڇڏ جانب خيال جدائي جو........................	270	236
	اڄ ٿيو اچڻ منهنجي يار جو........................	271	237
	ڏسي مڇ مرڻ جو........................	272	238
	جي هن دنيا ۾ حق سمجهين........................	273	238
	هن مومل جي محلي........................	274	239
	لڏائي جيون لاڏکيون........................	275	240
	پڳهه ڇوڙي پند پيا........................	276	240
	آئون پوڄاري آهيان........................	277	241
	وڃي پرڏيهه ۾........................	278	242
	سوداگر سفر مٿي........................	279	242
	وکوڙي واڳون ويا........................	280	243
	بر ۾ برهمڻ جنهن لئه........................	281	244
	ڳڻ ڳالهيون هي سندئي........................	282	244
	حال منهنجي جي معلوم........................	283	245
	راڻا رنجڙو رکي........................	284	246
	اُن اکڙين جون اهڙيون........................	285	246
	جن کئون يار جدا........................	286	247
	اُپٽ اکيون ڏس دلبر........................	287	248

Scanned with CamScanner

پنڌ چو ڏور پچين........	288	248
قسمت ڏور کيس........	289	249
دل نہ قبول ڪري........	290	250
رت روئندا مون ڏٺا........	291	250
قسمت نئي ٽي مون کي........	292	251
پيم ويڇوڙو وڏو........	293	252
اب تو سجن ديڪو........	294	252
اب تو اڪيلي ھم رھي........	295	253
تم ھو ڪس ڪا........	296	253
عشق ڪرناڪام تا........	297	254
ڪولي نور نقاب ڪا........	298	255
ديڪا ھم تجلا نور ڪا........	299	255
ڪام ووئي ڪرنا اڇا........	300	256
اي منٺار تون مرشد وٺان........	301	256
ويڪو رمزان رانجهن واليان........	302	257
مين سڄاتا رانجهن رهبر........	303	258
رنگپور شھر بازار وچ........	304	259
رنگپور واليان ڪيڙيان........	305	259
مين رانجهون رانجهو ڪردي وي........	306	260
سپ ساعت نان ساري وي........	307	260
ڪن جا تو من ٺاريا وي........	308	262
ڪر صاحب رب جي سنڀار........	309	263
ميان حسن ۾ حق پاڪ........	310	263
ميان قادر عشق قراروي........	311	264
مچ عشق سندا تون........	312	265
تيڪون مليا حسن ڪنعاني دا........	313	265
تنهنجي مورت نقلي ڏني........	314	266
عشق جي سودا لڳيم اچي........	315	267
عشق لڳيو لڄ ڪري دور........	316	267
مارئي ماوئڙن ريءَ........	317	268

Scanned with CamScanner

ڏاڏاڻن جا ڏني	318	269
ڪوئي پاڻ وٽي ڪنهن ڪي	319	270
بي پرواهہ تو سلطانيءَ تي	320	270
تنهنجي ڪائي ڪائي ريت	321	271
سڪ وارن سو سور اچن	322	272
بيپرواهہ تون بادشاهہ سندم	323	273
رک ڀرم اڇي مون بدڪاري جو	324	274
پنهنجي وعدي کي نہ وسارج	325	275
ڪر يار منهنجي تل يادگيري	326	275
تون تان پرين پرڏيهہ ڏي	327	276
پنهنجي خدا کي ڪيم وسار	328	277
يا هادي تون هڪدم	329	277
مون ڪان محبوب سائين	330	278
جانب جدائي توکي نہ جڳائي	331	278
تون سمون ڄام سلطان	332	279
تنهنجو تخت تماچي	333	279
ڪارڻ ڪوهياري ڄام جي	334	280
سسئي جيون ڙي سرتيون	335	281
رکج حب رسول نبيءَ ڏانهن	336	281
جن منجهان جهڻي مون کي	337	282
عمر عيش عشرتون ڪري نہ	337	283
ڪنيا مون ڪوڻن ۾	339	283
مون کي نہ سيبائي عمرڪوٽ تنهنجو	340	284
عمر منهنجا اباڻا ڏوٿي	341	284
مارو ڄام منهنجو عمر	342	285
منجهہ قرآن هي بيان	343	285
شاهہ رانجهن تخت هزاري	344	286
وڏي ولايت ويا	345	286
سڻ غرض واسطي الله جي	346	287

نوري	آئون بنڌياڻي وڃان........	347	287
	ڪير ڪڪيون ڪاريون........	348	288
	تنهن مهاڻي ڪي ميان........	349	289
	جيئن نوازي نوري........	350	289
	يار پيارا جيءُ جيئارا........	351	290
لوڙائو	ڪڏهن يار ملندين........	352	290
	پلي ڪري پام........	353	291
	ياد پون ٿيون من تن........	354	291
	سڄڻ سهاڳي مون ڪي........	355	292
	پرين سانگ پنهنجي وڻان........	356	292
	وس تہ پنهنجي ڪان ويس........	357	293
	لڳا وڃي يار سان........	358	293
	دلبر جاني ڪر احساني........	359	294
	اٿم سڻائو سور........	360	294
	سوڍل سهڻا........	361	295
	ماروئڙن لاءِ ٿي دل ماندي........	362	295
	سانگيئڙن ڪي ٿي دل ساري........	363	296
جهنگلو	ڪاهوڙين جو آيم خابرو........	364	296
	آهن اسان جا سيڻ........	365	297
	سيج بندن ڪي آئون نہ........	366	297
	ڪام ڪج وائي وسارڻ........	367	297
	جڏهن نوبت تنهنجي........	368	298
	ڳجهيون يار توسان........	369	298
	اٿم يادگيري........	370	299
	منهنجا يار محبوب........	371	300
	ملي مبارڪ اڄ مون ڪي يار........	372	300
	جن جي طلب تات وائي اٿم........	373	301
	اوڻي اُتان ايندو........	374	301
	واهہ واهہ عجب سبحانا........	375	302
	هر دم سڄڻ سوالاري........	376	302

Scanned with CamScanner

رک هردم پرت پياري........	377	303
جن تي عشق آيو هلن سي........	378	303
من محبوب ملي........	379	304
آئون تہ پڇان توکان پانڌي........	380	304
منهنجو نياپو نيئي........	381	305
اڄ مون ڏٺيون........	382	305
آئون سور انهي ماريس........	383	306
ڪوٽ وطن ناهي منهنجو........	384	306
ذاران ماڙيچن ماڙين ۾........	385	307
وي يارو برهہ اڙانگو........	386	307
ٻئي ڪنهن کي حال سڻايان........	387	308
ڏئي ڏک يار سڄڻ ڏور........	388	308
دم دم ياد ڪريو........	389	309
تون سگهڙو مان ساڻ........	390	309
صورت جوت جمال........	391	310
ڪهڙو عقل نياڳ جو........	392	310
چنيسر ڄام جي چوري........	393	311
وو ڏسي منهنجون........	394	311
دردن ماري آئون........	395	312
آئون نچڻ واري تنهنجي........	396	312
سانگ فقيري چائي........	397	313
لڙ لهرين ۾ لڙهيو........	398	313
ٽي وي مدد ميهار........	399	314
ڪاريون جي راتيون........	400	314
آهيان اٽچاٽي........	401	315
بخش بچايون پتار........	402	315
ليلان توکي لڄ ڪيئن آئي........	403	316
تنهنجي دل داسڙا........	404	316
رک نہ ميارون مٽ نہ مومل........	405	317
راٺل رسڻ جي........	406	317

Scanned with CamScanner

راڻا رب ڪارڻ رس........	407	318
سوڍل سائين واڳ وارئين........	408	318
ميان مينڌرا مونساڻ........	409	319
لڏاڻي جون لڏتون........	410	319
ور پنهنجي ريءَ........	411	320
ٽيوم ساهيليون........	412	320
ڏسو سرتيون سورن........	413	321
کھڙين ريتن ساڻ........	414	321
پريم پيالو پيتم........	415	322
ڏٺم عجائبي........	416	322
مون تي رب راضي........	417	323
تنهنجي ملڻ لاءِ........	418	323
ڏاڍي سرڪار........	419	324
جي تون سامين سان........	420	324
من مارن کان ڪيئن........	421	325
قسمت آنديس ڪوٺ........	422	325
منهنجي من مارن سان........	423	326
ڪرم قضا سين آيس........	424	326
عمر چڱا اخلاق........	425	327
لڏي سانگين مئيءَ جي........	426	327
تن ڪاهوڙين جي آئي نہ خبر........	427	328
منهنجا ڏوٽيئڙا ڏني........	428	328
تن ماروئڙن ريءَ........	429	329
سبي سرتين جا هئي........	430	329
پانڌي جي وچين........	431	330
تن سرتين کي آئون........	432	330
جن کان ڏار گھڙي نہ........	433	331
عمر اڄ تہ هڪ خواب........	434	331
مارئي مارن جو........	435	332
منهنجا جوڳي ويا........	436	332

Scanned with CamScanner

ڪسوري

جوڳي راھ مسافر...........................	437	333
مئڏا رانجھن جوڳي بن آيا...........................	438	333
تسان ڇوڙيا تخت...........................	439	334
ڪيوين ڇوڙيا شان...........................	440	334
جڏھن عشق آيا...........................	441	335
ميڏا رانجھو ٿيا پرديسي...........................	442	335
آيل عشق لڳو...........................	443	336
اديون ساجن اوھان...........................	444	336
آھيان ان جي آئون ٻانھي...........................	445	337
پيو ڪونہ سورن منجھ...........................	446	337
سپني ۾ ڏٺم يار کي...........................	447	338
آيو خواب ۾ يار سڄڻ...........................	448	338
اڄ مون کي ڏيو ڪي...........................	449	339
آھيان ڏاران گڏجڻ...........................	450	339
مون ڪان ڪم ٿيا...........................	451	340
ميان محبوب من مٺا...........................	452	340
جيڪا تو محبوب جي مرضي...........................	453	341
آئون تنھن گھوٽ...........................	454	341
مون کي صحبت تنھنجي...........................	455	342
ناھي خيال ڪيڙي نال...........................	456	342
رانجھو روح دي دي...........................	457	343
ماھي معلوم تئڪون...........................	458	343
تنھنجي نازن منھنجي...........................	459	343
رانجھن سائين سر...........................	460	344
تون ويھ جان ڪيم وساري...........................	461	344
تنھنجي واھ واھ الله...........................	462	345
ٻيا ڇڏي آ سانگا...........................	463	345
ڇڏ وي غلفت...........................	464	346
ساجن ايندو...........................	465	346
دل منھنجيءَ ڪئون دم نہ وسري...........................	466	346

	هڻ پيا مئكون شوق........	467	347
	استاد مٺا محبوب........	468	347
	پينر شهر پنيور منجهان........	469	347
	ڪاڪيون ڪيچ مڪان........	470	347
	ڪهه قاصد ڏي ڪل پرين........	471	348
	ڪر ياد الله کي پانها وي........	472	348
	چو تو گهمين ڊپ لاهيو........	473	349
	مهر لطف ڪر زاري........	474	349
	اکڙيان عتاب تيڏيان........	475	350
	هڻ زابر يار تئڏيان........	476	350
	آئون جا درد فراق ماري........	477	351
	تئڏي چشما دي واهه چالي........	478	351
	سائين ڪو وس منهنجو ناهي........	479	352
	ڏٺم ديدار دلبر جو........	480	352
	ڪونهي منهنجي حال جو پائي........	481	353
	شايد منهنجي روح جو رايو........	482	353
	سڪهو مل سوال سڻ........	483	354
	سموري چمار ويم........	484	354
	قهري قهار تون آهين........	485	355
	عشق ڪڙا ڪيا سو لک ساز........	486	355
ڪنيات	ٿا چون خداوند آهي........	487	356
	شوق خدائي سڀ سين........	488	356
	ڪير آهي ڪافر........	489	356
	هستي هئڻ جي ڦٽو ڪر........	490	357
	شاهه برهه دا شان ويکو........	491	357
	تون سبحان ياالله........	492	358
ڪونيسو	منهنجي دل کي اچن غوطا........	493	358
	ملڻ محبوب جو مشڪل........	494	359
	حرص جو حال ويو تن ڪئون........	495	359

Scanned with CamScanner

تڪبر ڪان ڪيم توبهہ..................	496	360
ادا پنهنجي زور زبريءَ سان................	497	360
منهنجي دل کي طلب تنهنجي..................	498	361
مون وٽ محبوب اڄ آيو..................	499	361
تون تان مون کي ياد ڪج دلبر..................	500	362
جي دوستيءَ واري هلين ڏگ ۾..................	501	362
منهنجي من تي موهہ دنيا جو..................	502	363
ٿي سنڀاليندڙ سدا..................	503	363
ڏي محبوب هن مريض کي..................	504	364
توکان پنهل پرانهون ناهي..................	505	364
ميڪون پرت پنهل..................	506	365
وومياں هوت بلوچ پنهل..................	507	365
تنهنجي برهہ ڪيا پڙڪارا..................	508	366
تڏهن حورن هنڌڙا وڇايا..................	509	366
الحمد سوين شڪرانا..................	510	367
تنهنجي عشق ڪيس..................	511	367
دونهون دل ۾ درد دکايو..................	512	368
جاڳيو دل منجهہ..................	513	368
سائين دوستي يار رکڻ..................	514	369
ٻيا سگ سيئي ٿي ڇنان..................	515	369
تنهنجا روز پڇان ٿي پانڌي..................	516	370
آئون ٿي ڪارون تنهنجي لاءِ..................	517	370
ڏنيسون منجهہ خواب..................	518	371
سڄڻ سر نور سبحاني..................	519	371
درد منهجي دلڙيءَ جا..................	520	372
هيو مٺ مور نٿو سمجهان..................	521	372
اسان ساڻ ياالله موليٰ..................	522	373

	حق ڪلمو........................	523	373
	سڪي ڪر ياد اٿر ادبئون..............	524	374
	مجهکو ميري محبوب مرشد..............	525	374
	منهنجيءَ آرياڻيءَ جا....................	526	375
	اڄ هت نہ رهنديس....................	527	375
	ڏسان پنهل مون کي پهہ پيو..............	528	376
	رايو روح اندر........................	529	376
	مون کي سفر وڃڻ جو....................	530	377
	رک ڏيان پڃي ڇڏ پولو..................	531	377
پهاڙي	تجهہ بن ديدار دلبرا....................	532	378
	مجهکو فراق هئي صنم..................	533	378
	هن عشق ۾ عريان دل....................	534	379
	آدم عشق مان پيدا ٿيو..................	535	380
	پائي رنگ ۾ اسرار......................	536	380
	آئون ٿو چوان هڪ تون..................	537	381
	سڀ جنس ۾ سا حڪمت..................	538	382
	سو سردار تجلدار......................	539	382
	هي ويچاري دوست جو..................	540	383
	سائين ياخدا..........................	541	383
	وو مون کي ڳالهہ چيئون ڳجهي..........	542	384
	وو اڇي لهہ سماءُ سڄڻ..................	543	384
	مون کي معشوق ماريو..................	544	385
	سڄڻ لاءِ هاءِ هاءِ......................	545	385
	سائين تنهنجي سڪ ۾..................	546	386
	مون کي مل سگهو......................	547	386
	وو ان طرف تنهنجي لاءِ..................	548	387
	گهنڊ گهور تنهنجي....................	549	387

Scanned with CamScanner

رهيم روح منجهه پياس....................	550	388
هت ڇڏيو مون کي هيڪلي....................	551	388
منهنجيءَ دل جي....................	552	389
پار سخن پنهنجي....................	553	389
صدق ساڻ سا سڻان....................	554	390
سڌ سلوڪ جي تڏهن....................	555	390
سائين ياخدا....................	556	391
سور مقال ڪا....................	557	391
محبت ماري آئون....................	558	392
پرين لاءِ روز فراق....................	559	392
ليليٰ ۾ لڪ يار جي هئي....................	560	393
سڪي ساهه منهنجو....................	561	393
تنهنجي ملڻ ڪئون....................	562	394
مصلام ووئي سلام....................	563	395
آئون پنهنجي ڍولڻ ڏي....................	564	395
اڄ مون بيوسيءَ جو....................	565	396
مون کي يا موليٰ....................	566	396
ريهي ڪن رمزن ساڻ....................	567	397
دلڙي منهنجي يار دلبر....................	568	398
حال وارا ويم هلي....................	569	398
اڇي محبوب مون اڱڻ....................	570	399
درد دور ڪر سندم....................	571	399
منهنجي دل تان دم....................	572	400
اڄ نہ آهي جمعيت....................	573	400
دل ۾ درد ۽ ارمان....................	574	401
منهنجا دلدار توسان....................	575	401
صحبت يار تو سندي....................	576	402

Scanned with CamScanner

	بنا ڏوھ بالم يار...........	577	402
	منھنجو قلب چئي...........	578	403
	جنھن ريت سان پرچين...........	579	403
	ڪيو اکين آرو اتي...........	580	404
	منھنجي مـﭿ منٿ...........	581	404
	ٽيم وڇوڙي...........	582	405
	آھي مٺا محبوب...........	583	405
	توکي مٺا محبوب...........	584	406
	مٺي محبوب جي مجلس...........	585	406
	عشق اصل آھي...........	586	407
	فھم فائدو وڏو...........	587	407
	ڪيانتل خير سان...........	588	408
	مٺي محبوب يار...........	589	408
	راتو ڏينھن روح ۾...........	590	409
	اپٽ ابجد علموارا...........	591	409
	منھنجو مٺي محبوب سان...........	592	410
	پانڌي يار کي...........	593	410
	جنھن کي ڪيچ ملڪ جي شاھي...........	594	411
ڪوھياري	جيجل ذات جتن سان...........	595	411
	جندجان جلي...........	596	411
	وجي پنيءَ پنھل جي...........	597	412
	منھنجي ساجن ساٿڙو...........	598	412
	جيئن لوڙيم لذت پنھل...........	599	412
	اڻ جڳائيندڙ ان سين...........	600	413
	ائين تان سرتيون...........	601	413
	آن تان ڪانہ ڪئي...........	602	413
	مون کان وک نہ کڄي...........	603	414

Scanned with CamScanner

	اهڙو ڪوڙو واعدو..................	604	414
	تو قلب تہ ڪوهہ..................	605	414
	منهنجو دوست ڪٿي..................	606	415
	ڪو جو غم نصيب سين..................	607	415
	ڪيچ ڏي وڃڻ جي م ڪر وو..................	608	415
	ڪئين مئيءَ کي ڪج وو..................	609	416
	پڇيو واعدا مڙيئي وچين..................	610	416
	روئي روئي گذريم..................	611	417
	تن ڪوهيارن سان..................	612	417
	آيو عشق اجهل..................	613	418
	آئون هڪ دل تنهنجي ٻانهي..................	614	418
	مون کي لڳي آهي محبت..................	615	419
	منجهہ عشق آڙاهہ ٻران ٿي..................	616	419
	وس پنهنجي ڪان آئون ويئي..................	617	420
	ري هينئڙي ميت ٿي پئي..................	618	420
حسيني	تنهنجي جلوي حسن..................	619	421
	مون ڀانيو تہ مون وٽ..................	620	421
	يار سڄڻ تنهنجي..................	621	422
	وو مون ۾ عيب ڏنو ڪو..................	622	422
	وو منهنجي پنهل نہ ڪئي..................	623	423
	آئون لاءِ محبوبن..................	624	423
	جنهن سان دلڙي..................	625	424
	وو ٻاروچي جون..................	626	424
	لاهي ويهہ م لڏ تون..................	627	425
	وو جي ڪيئي قول..................	628	425
	وو پئي روهہ منجهہ رات..................	629	425
	وري اچ يار..................	630	426

	دل ديوان دلڙي....................	631	426
	ڪر نہ حجاب..........................	632	427
	وو پيڙم ياد پنهوار.......................	633	427
	ماروئڙا هيو ملير وو.....................	634	428
	سامي ڏئي ويا سور......................	635	428
	جوڳي جلويدار...........................	636	429
	اول الله عظيم...........................	637	429
بسنت	توکي مرشد مخفي........................	638	430
	رسڻ ڦٽو ڪر راٽا وي....................	639	430
	سوڍل پاڻ سجاڻج........................	640	431
	عجيب محويت مردن......................	641	431
	اٿم يقين اعتبار اهو......................	642	432
	بي مثليءَ جا مثل هزار..................	643	432
	بسنت جي گل بهاريءَ جا................	644	433
	تن مارن لاءِ دل ماندي...................	645	433
	موڪل ڏي تہ ملير ڏسان.................	646	434
	پنهنجي وطن آئون وينديس..............	647	434
	آئي آئي مند بهاريءَ جي................	648	435
	برهہ جو رنگ بهاري وي.................	649	435
	عشق آيو اظهار..........................	650	436
	روئج م عاشق رهج صبر ۾................	651	436
	سڪ ساجن جي بي صبري..................	652	437
	سگهو مل ساجن...........................	653	438
	آئون نہ پهچيس منزل کي.................	654	438
توڙي	برهہ بهادر آهي شڪاري..................	655	439
کيڏارو	عشق امير کهايا ڪامل..................	656	439
	سڀ قسم تي سڪا نگر....................	657	440

Scanned with CamScanner

	برهہ بهادر ڪل مذهب ۾	658	440
	خواب خيال ڏٺي هڪ صورت	659	441
	هي مشڪل مام پروڙڻ مطلب	660	441
مانجهہ	عشق بي آرام ڪيس	661	442
	منجهہ اي آيو آهيان	662	442
	ٽئم سور سيني ۾ گهٽا	663	443
	سي لکيا پيو لوڙيان	664	443
	سڻ سنديم هيءَ دانهن	665	444
	جيءَ منهنجي ۾ ڙي جيڏيون	666	444
	اڄ اسان جي دوست دلبر	667	445
	وٺ راهہ تان رحمت ملي	668	445
	مون کي اميد اها هئي	669	446
	مون کي مان نصيب ٿيئي	670	446
	وڃ ادا قاصد منهنجي محبوب	671	447
	پاڪ پرينءَ جي پيشاني	672	447
	معاف ڪر منهنجون مدايون	673	448
	تنهن دوست جي ديدار ۾	674	448
	منهنجيءَ دل تي آڙاهہ	675	449
	حق لا الٰه الا الله	676	450
	جوڪرين نصيحت ٿو	677	450
	جهڙوڪي سڄ اڀرندي	678	451
	ڏسيو چنڊ سهائي جو	679	451
	آيو عشق اڪيلو اگهور	680	452
	تو ڪو ڏٺو هو منهنجو يار	681	452
	سائي سٽائين دل جي ڳالهہ	682	453
	مون کي منهنجي تنهن	683	453
	ڪئين ڪُسي قربان	684	454

Scanned with CamScanner

پياس وارن کان پڇي ڏس............	685	455
دوست کان دنيا جو............	686	455
منهنجي روح ڏنا هٿا............	687	456
تنهنجي ڪوٺن ۾ آئون............	688	456
ڇو ٿيون منهنجي خيال ڪي............	689	457
عشق ڇپي ڇيرو آهي............	690	457
عشق وارن کي ڙي اديون............	691	458
روئان آن يادگيري ۾............	692	458
اجان تنهنجي يادگيري ۾............	693	459
ڏنئي کهڙي دانهن دل............	694	459
اسين تنهنجي نام جا............	695	460
منهنجا محبوب متوالا............	696	460
وجي پهچائي پرين کي............	697	461
ڪڏهن ڪانگل اتي ويندون............	698	461
مون کي محبوب منهنجي............	699	462
آندو قاصد هي ڪاغذ............	700	462
خبر کيانتل ادا مون کي............	701	463
ادا قاصد قريبن جي ڳجهي............	702	463
پانڌي ادا مون کي پرين............	703	464
نجومي تون ڇئو نام............	704	464
وڇوڙي جا ڏينهن هي............	705	465
جي ملي محبوب نئو............	706	465
تنهنجي ديدار ۾ دير............	707	466
سڪ واري سهڻي کي............	708	466
خواب جي خيال منجهه............	709	467
عقل اسرار عجيبن جو............	710	467
ميان سوداگر موٽي آءُ............	711	468

Scanned with CamScanner

ميان سامونڊي سفر..........	712	468
منهنجو آذار ڙي اديون..........	713	469
وچ رنگپور ميڏا رانجهو..........	714	469
هو رانجهن هزاري..........	715	470
هير رانجهن لاءِ اُجاري..........	716	470
کلنديان تسان هو خوشحاليان..........	717	471
جوڳيان دا بيکڙا..........	718	471
ڀڳوان ٻڌ کي سرد شالا..........	719	471
کيتا رانجهن فقيران دا..........	720	472
هن عشق عاشق جو احوال..........	721	472
وو هت جو کيئي قول..........	722	473
کيڏي کيئي ڏس يار..........	723	473
کاڻ کيئي منهنجي..........	724	473
ميڏڙا دين ايمان..........	725	474
مين هان اُداسڻ هير..........	726	474
مل وي پيارل يار..........	727	474
يار رانجهو تيڏي پارئون..........	728	475
کيجهي قضا کرو قاضيا..........	729	475
کڏاهن هڻ آسي..........	730	476
هٽڙو مون تان متان..........	731	476
پرين تون پرچين مون..........	732	477
کڏهن تون ايندين جڙيا..........	733	477
ڏينهڙو اهو کڏهن..........	734	478
مئيءَ جا سنيهڙا ساري..........	735	478
برهه بهادر جي بي قاعدا..........	736	479
سمجهو ناچاک توسان..........	737	479
ناز نهوڙي نيو نيو..........	738	480

	وڻ عجيبن اچي اچي	739	480
	يار جادوگر جوڙي جوڙي	740	481
	ليمڪ آهيان لٽي لٽي	741	481
	صورت يار جي ساڳي ساڳي	742	482
آسا	دل ڪيو ديدار فقيرن	743	482
	سرور صوفين وارو	744	482
	وٽ مت مرشد موچاري	745	483
	لهي ويو دليل دلگيريءَ	746	484
	ڪيئن سنگڙو پايو	747	484
	توکي رنگ هون رانجهن	748	485
	پانڌي ادا پرين جي پار	749	486
	اچي ٽيو پويون آهي	750	486
	هڻ مئين ويکيا	751	487
	ٽبي ڏونهان وچون	752	487
	هجن توکي لک حيف	753	488
	عشق عجائب آهي	754	488
	دلبر توکان ڏار	755	489
	تنهنجو سومرا سون	756	489
	سمهڻ سيج بندن تي	757	490
مارئي	مرڪ نہ ماڙيچن وي	758	490
	ڏوٿيئڙا ڏيهي ڪيئن	759	491
	پنهواريون پريات	760	491
	اوٺي ڪونہ آيو	761	492
	ڪاغذ خط پيغام	762	492
	سرتيون ڏيهہ سنگهار	763	493
	ويڙهہ وطن ڏي آئون	764	493
	عمر اڄ هي خواب	765	494

Scanned with CamScanner

	هي ڏاهاڙا هت هنئين........	766	494
	وڻڙا مينهن ملير ۾........	767	495
	ويڙهيچن جي ورونهه........	768	495
	ويڙهيچن وري ڪائي........	769	496
	عمر اڄ تہ آيو........	770	496
	اوني شل ڪي اڇن........	771	497
	ان ٽاريلن سان ٽيان........	772	497
	ساريان روز صبح........	773	498
	الله ماڙيچا آڻ........	774	498
	الله ڪو اوني آڻ مولي........	775	499
	هاءِ ڪيڙم رات رهاڻيون........	776	499
	سائين ڏوٽي مٽي جا ڏاڏاڻان........	777	500
	اسين تنهنجا اوڏ غريب........	778	500
تناسري	رسڻ جو نياپو اڄ رات........	779	501
	اڇي ٽيا حرف هزار وي ميان........	780	501
	اڄ مون ڏي آيا ڪي سلام وي ميان........	781	502
	جيءُ ۾ سندن يادگير........	782	502
	سانگي منهنجا روز سنپاريان........	783	503
	تن سانگين مٽي جي سنپار........	784	503
	ڏني لنگهي ويا اٿم ڏينهن........	785	504
	ان جي پڄان ڪيئن ڪري........	786	504
	منهنجي اڄ موڪلاڻي........	787	505
	اٺ ٿي پهراداس ميان عمر........	788	505
	تن ڪائوڙين مون ڏي خبر ميان عمر........	789	506
	پيم ڪانہ پروڙ، ميان عمر........	790	506
	حق الله حق الله چئو الله اندر ۾........	791	507
پرڀاتي	هو الله هو الله هو جو حرف حقاني........	792	507

	الله هو هادي..........	793	508
	اُتم الله جو نالو..........	794	508
	ٿي ڪتڻ جي ويل وڃي ساري..........	795	509
	مسافر تون متان مٽئين..........	796	509
	سنڌين صحبت ري نہ سرندي..........	797	510
	وڃي تان پوءِ سگھو ورجان..........	798	510
	جدائي يار جا ڪيڙئي..........	799	511
	ڪجليون ڪان ٻئي ڇٽيون..........	800	511
	سڄڻ ملندا ڪي نامِلندا..........	801	512
	نانگا ويم نهوڙي..........	802	512
	دم دم ياد ڪريان..........	803	513
	جوڳيئڙا يار جاني..........	804	513
	صدق هي سر سچو سارو..........	805	514
	پايئي جا يار ميان جهاتي..........	806	514
	سرور جن کي آهي سمجهايو..........	807	515
ڪيڏارو	ڪن سان ورهہ وٺيان..........	808	515
	آئون تنهنجي قدمن تان..........	809	516
جهنگلو	مون پائيو تہ مون وٽ پنهل..........	810	516
ڪسوري	پهرائج پينار کي..........	811	517
	دعا ڪج واسطي الله جي..........	812	517
تلنگ	منهنجا ساٿي ويهہ..........	813	518
	سڻ وي سندم فرياد فقير..........	814	518
ڪسوري	مهراڻ ميان بري برجا..........	815	519
سارنگ	آئون تہ اڳلڙي آهيان..........	816	519
	خير سين خواجا هندل ولي..........	817	520
ڪسوري	آئون جو آيس اجمير جا والي..........	818	520
	سچا شاهہ ڪر نگاهہ..........	519	520

پهاڙي	مست شهباز قلندر لال........................	820	521
	جهولي جهولي ميان لال قلندر....................	821	521
ڪسوري	اي منهنجا دائود دل جا يار.....................	822	522
	سڻ ميان سوال فقير منٺار.......................	823	522
پيروي	سٽي منهنجا سوال ڪارڻ ڪريم..................	824	523
	ميان ملتان جا مالڪ..............................	825	523
ڪرنيسو	محي الدين پير جيلاني............................	826	524
ملاري	حاجي محمد صوفيءَ ساڻ..........................	827	524
	پرچ خدا پروردگار................................	828	525
	فقير سائين جن جا بيت..............................	97-1	526
	رهنمائي رسالي مان چونڊ ڍهر........................	29-1	549

Scanned with CamScanner



عالي جناب قبلہ مخدوم محمد الزمان صاحب
"طالب المولیٰ"

Scanned with CamScanner

روشنائي

اهو زمانو مون کي چڱو ياد آهي، جڏهن اٽڪل سال 1351 هجري ۾ ناري جي مريدن جي دعوتن تي ويو هوس (تڏهن سانگهڙ ضلع جو وجود به ڪو نه هو (منٺار فقير) راڄڙ تڏهن ڦهريائين بوڇڻاه پٽ تي خليفي سيد وريل شاهه جي دعوت تي پنهنجي سنگ سميت آيو هو. اها به چڱي يادگيري آهي ته شام جو اٽڪل پنجين بجي سر ڪلياڻ ۾ (اول الله جي تعريف آهي ڪلني ڪتابن ۾) ڦهريون ڪلام ڳايو هئائين ۽ ان طرح روزانو هر دعوت تي راڳ جي ڪچهري ڪندو هو. ان زماني کان سندس ڪلام پسند ايندا اٿم.

منٺار فقير جي شاعري جي زبان سنڌي لوڪ ادب جي زبان آهي. اهوئي سبب آهي جو سندس زبان کي هر شخص آساني سان پڙهي سمجهي سگهي ٿو. اهائي سندس ڪلام جي خاص خوبي آهي.

فقير جو ڪلام "رسالو خدائي" جي نالي سان ديوان ڪشنچند بيراڻيءَ واري 1928ع ۾ ڇپرايو هو. جنهن ۾ پروف جون تمام گهڻيون غلطيون رهجي ويون هيون نئين ڇاپي جا پروف نياز همايوني صاحب درست ڪيا آهن. پاڻ به سٺو شاعر، آهي، سندس محنت قابل تحسين آهي، انهي ڪري به هن نيئن ڇاپي ۾ پروف جون غلطيون تمام گهٽ آهن.

نئين ڇاپي ۾ فقير ولي بخش مرحوم جي اجازت ۽ همت افزائي سان فقير ولي محمد راڄڙ، پياري خان شر، سيد گل شاهه، حاجي فيض محمد هنگورجي، ۽ سرفراز راڄڙ وغيره جيڪا جدوجهد ڪئي آهي، اها قابل داد آهي.

اميد آهي ته هي ڪتاب اهل سخن ۽ ڪافي گو شاعرن لاءِ سٺي سوکڙي ثابت ٿيندو.

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

هالا 20 سيپٽمبر 1984ع

Scanned with CamScanner

ٻه اکر

منٺار فقير سروري جماعت جي خاص فقيرن مان ۽ پنهنجي وقت جو روحاني شاعر ٿي گذريو آهي، پاڻ شعر جي ٻين صنفن ۾ به شاعري ڪئي اٿس جيئن بيت، مولود، مداح، مرثيه، مناجات، تيهه اکري ۽ خاص ڪري ڏهڙ جيڪي سروري جماعت ۾ ذڪر سان گڏ ڇيا ويندا آهن. پر پاڻ ڪافي جي صنف کي گهڻو لکيو اٿس هيءُ رسالو به گهڻي ڀاڱي ڪافين تي ئي مشتمل آهي جيڪي پاڻ ئي سُر وائڙ رکيون اٿس جنهن مان سندس علم موسيقي جي مڪمل ڄاڻ جو پتو پوي ٿو سندس ڪلام ۾ عام ڳوڻاٺي ۽ روايتي زبان استعمال ٿيل آهي. ان ڪري سندس ڪلام گهڻو مقبول آهي جنهن جو اندازو هن رسالي مان ئي ڪري سگهجي ٿو. سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري ۽ اراڪين منٺار فقير جو ڪلام بهتر نموني ڇپرائي قابل تعريف ڪم سرانجام ڏنو آهي.

اسين فقير محمد بخش 'ضامن' ۽ سندس خاندان لاءِ خصوصاً دعاڳو آهيون، ته الله پاڪ کين درگاهه منٺار فقير جي صحيح سنڀال جي سگهه ڏي ۽ منٺار فقير جي پيغام کي سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا ڪري دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي نصيب ڪري.



مخدوم محمد امين فهيم

سجاده نشين



مرشدنا قبله مخدوم محمد امين فهيم
سائين جن درگاهه حضرت مننار فقير عليه رحمة تي راڳ جي محفل ٻڌندي.

Scanned with CamScanner

شڪريہ ادائي

فقير سائين عليه رحمة جن جو هي رسالو خدائي اڳ ۾ ٽي دفعا ڇپجي چڪو آهي، پهريون دفعو سندن حياتيءَ ۾ 1928ع ۾ سندن معتقدن هيرانيءَ جي ديوان ڪشچند ۽ ديوان پرتاب راءِ وارن ڇپرايو. ٻيو دفعو 1987ع ۾ ٻياري خان شر ۽ غلام ڪريم شر جي ڪوشش سان ڇپيو جنهن ۾ سوانح حيات بہ ڏني وئي. ان ڇپائي جي ڪوشش ۽ خاص ڪري سوانح حيات ۽ مواد کي ترتيب ڏيڻ ۾ فقير ولي بخش سائينءَ جن جون ڪوششون ۽ هٿ رهيو. پر افسوس جو رسالو سندن حياتيءَ ۾ شايع ٿي نہ سگهيو. سندن وصال بعد ٽڪرين ڪوششون وٺي شايع ڪرايو ويو. ٽيون دفعو 1999ع ۾ منٺار فقير اڪيڊمي طرفان فقير ولي بخش سائينءَ جن جي رسالي 'پرين تنهنجي پياس ۾' سان گڏ ڇپرايو ويو. هينئر ڪجهہ ٽائيم کان رسالو وري ناياب ٿي چڪو هو هي چوٿون دفعو سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپرايو ويو آهي، سندن محنت قابلِ داد آهي.

آءٌ انتهائي ادب ۽ احترام سان قبلہ مرشدنا مخدوم محمد امين فهيم سائين جن جو شڪرگذار آهيان جو پاڻ پنهنجي تمام گهڻين مصروفيتن باوجود هن رسالي ۽ فقير سائين جي سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپجندڙ ٻن ٻين رسالن رسالو رهنمائي ۽ رسالو مرتضائي لاءِ الڳ الڳ دعا جا ٻہ اکر لکي ڏيڻ عنايت فرمايائون. اسين جيڪي ڪجهہ بہ آهيون. سندن خاص نظرِ عنايت جي طفيل آهيون، جيڪا هميشہ کان رهي آهي رهندي اچي ۽ انشاءالله رهندي ايندي.

آءٌ قبلہ مخدوم جميل الزمان سائين جن جو بہ شڪرگذار آهيان سندن دعائون ۽ رهنمائي اسان سان هر وقت رهي آهي ۽ رهندي. قبلا مخدوم نعمت الله سائين ۽ قبلا مخدوم حبيب الله سائين جن جو رسالي جي ڪم ۾ ڀرپور ساٿ رهيو. آءٌ سندن انتهائي مشڪور آهيان.

آءٌ جناب پروفيسر سيد زوار حسين شاهہ نقوي صاحب سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ جو ٿورائتو آهيان جو سندس ذاتي ڪوشش ڪارڻ ئي رسالن جو ڪم جلد مڪمل ٿي سگهيو. سنڌي ادبي بورڊ جي جن بہ اراڪين جي محنت هن ڪم ۾ شامل رهي آءٌ سندن فردن فردن شڪريو بجا آڻيان ٿو. خاص ڪري سنڌي ادبي بورڊ جي هڪ فرد ۽ اسان جي پنهنجي گل حسن درس جي اڻٿڪ

Scanned with CamScanner

محنت جو ثي هيءُ ثمر آهي. آءٌ سندس شڪرگذار آهيان ۽ صادق درس جي محنت ۾ شامل رهي، آءٌ سڀني لاءِ دعاڳو آهيان، اميد تہ هيءُ رسالو اهلِ علم حضرات لاءِ سوڪڙي ثابت ٿيندي.

آءٌ اهلِ علم حضرات کي گذارش ڪندس تہ ڪا ڪوتاهي رهي هجي يا رسالي متعلق ڪي تجويزون هجن تہ اسان کي آگاهہ ڪن جيئن آئيندي ڇاپي ۾ ان جو خيال رکي سگهجي.

دعائن جو طالب
فقير محمد بخش خامن
ٻهاريدار درگاهہ منٺار فقير راڄڙ عليہ رحمة
چيئرمين منٺار فقير اڪيڊمي
P.O و تعلقہ کپرو ضلع سانگھڙ سنڌ
0300-3084432

قبلہ مخدوم جميل الزمان سائين، فقير محمد بخش ضامن سان ميلي جي موقعي
تي درگاھ حضرت منٺار فقير عليہ رحمة تي چادر چاڙھيندي.
حميد سنڌي، پروانو ڀٽي ۽ سرفراز راڄڙ بہ نظر اچن ٿا.

Scanned with CamScanner

قبلہ مخدوم خليق الزمان سائين،قبلہ مخدوم نعمت الله سائين
قبلہ مخدوم حبيب الله سائين، فقير محمد بخش ضامن، نصير مرزا ۽ صوفي فقير
علي فقير، ميلي جي موقعي تي درگاھ شريف تي چادر چاڙهڻ بعد دعا گهرندي.

فقير محمد بخش"ضامن"
سجاده نشين درگاهه حضرت فقير منٺار سائين عليه رحمة
فقير سائين جن جي دستار مبارڪ ۾ حال وسلن سان

Scanned with CamScanner

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الحمدلله و نحمده و نصلي عليٰ رسول كريم

اما بعد:

هي رسالو جيڪو اهان جي هٿن ۾ موجود آهي، ان بابت مان ڪجهه مختصر عرض ڪندس ته منهنجو جد عليٰ مرحوم منٺار فقير رحمت الله عليه، شاعري واري شروعاتي دور ۾ سير سفر ۽ مجذوبيت جي حالت ۾ رهيا، مرحوم دائود فقير جي وصال ڪانپوءِ جڏهن پاڻ موجوده مڪان تي مستقل رهيا ته کين خيال آيو ته ڪلام کي قلمبند ڪرائجي جيئن ته پاڻ حضرت پڪن ڏٺي رحمت الله عليه جي دعا سان اکر شناس ٿي چڪا هئا، پر سندن لکڻي اهڙي پڪي ۽ پختي ڪانه هئي تنهنڪري کين ڪاتب جي مدد وٺڻي پئي جنهن هٿ رهي چارئي رسالا قلمبند ڪيا، ڪجهه ڪاتب جي باري ۾.

جيڪڏهن آئون ڪاتب جو ذڪر نه ڪندس ته شايد احسان فراموشي ٿئي ڪاتب جو نالو سرڳواسي ڏرمون مل آهي، ڪنهن جاءِ تي ڏرمداس مل ساڏو لفظ به ڪم آندو اٿس، اکر پڪا ۽ پختا آهن فهرست ۽ حاشيا ترتيب سان ڏنل آهن، قلمي رسالن جي لکڻ جي شروعاتي تاريخ رسالن جي باري ۾ عرض ڪندس ته تاريخ 21 مارچ 1908ع تي قلمي نسخو لکڻ شروع ڪيو ويو، ليڪن رسالي جي مڪمل ٿيڻ جي تاريخ نه ملي سگهي آهي، ڪاتب ۽ فقير صاحب جن جي رسالن جي باري ۾ سندن هڪ قلمي نسخي تان شعر مليو آهي جيڪو هتي پيش ڪجي ٿو.

جيڪي آيم منان اکلي، پنهنجي دل جي سچائي ۾،
سي لکايم ڪي قدر ڪافيون، ڪلام ڪتاب خدائي ۾.
مداحون ۽ بيا مرثيه، ذڪر ماتام جون زاريون،
ڪيم حسنين جي تعريف، دفتر شهنشائي ۾،
امين محمد اڪمل جي، نيڪي ڪيم نوح نرمل جي،
سدائون ڏهر ۾ ساراهه، رسالي رهنمائي ۾،

Scanned with CamScanner

ويس جيڪن وليـن وٽ، پلئـ پـائي پنيـر تـن وٽ،
سي سدائون عرض ۾ آزيون، سوال ڪتاب سدائي ۾،
لڪنـدڙ هـاڻ هـٿ آيـر، ڏرمـداس مـل سـاڌو،
جنهن لکي چارئي ڪتاب ڪيا، قلم هٿ جي ڪمائي ۾،
آزيون "منٺار" چئي منهنجيون، من پون قبول قادر وٽ،
اُميـد وار آئـون آهيـان، فضـل ربجـي پلائـي ۾.

پوءِ ڪجهہ وقت رسالا قلمي صورت ۾ موجود رهيا، ديوان ڪشنچند ديوان پرتاب راءِ ۽ جمعيت راءِ (جن جي فقير صاحب سان نياز مندي هئـي) بيراني وارن ڪوشش وٺي ٽيئي رسالا ڇپرايا. هي رسالو پهريون دفعو ديوانن سنہ 1928ع ۾ ڇپايو هو، جڏهن تہ هي رسالو فقير صاحب جن جي حياتي ۾ ڇپيو ان ڪان پوءِ بہ پاڻ اٽڪل ست سال حيات هئا. رسالن ڇپجڻ ڪان پوءِ بہ پاڻ ڪيترو ڪلام چيائون جن مان ڪجهہ هن ڇاپي ۾ آندو ويو آهي.

جيئن تہ ڇپيل رسالن جون تمام ڪاپيون ناياب ٿي چڪيون هيون ۽ رسالي ٻيو دفعو ڇپرائڻ جو خيال ڪيو ويو 1952ع ڪان وٺي منهنجي والد بزرگوار فقير صاحب جي ڪلامڪي نئين سر ترتيب ڏيڻ ۽ پکڙيل ڪلام کي گڏ ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيائيون جنهن کي 1963ع ۾ مڪمل قلمي صورت ۾ تيار ڪيائون هڪ دفعي مرحوم ڊاڪٽر سيد اسدالله شاهہ "بيخود" حُسيني جو هت اچڻ ٿيو ۽ پاڻ ڪلام فقير منٺار کي سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان شايع ڪرڻ جو خيال ڏيکاريائون (ان وقت پـاڻ سـنڌي ادبـي بـورڊ جـو اعـزازي سيڪريٽري هو) ان ڪانپوءِ جلدي ڊاڪٽر صاحب مرحوم بيخود حسيني بورڊ ڪان علحده ٿي ويا ۽ اهو ڪم اتي ئي رهجي ويو ان ڪانپوءِ منهنجـي والـد بزرگوار جي طبيعت ناچاق رهڻ لڳي ۽ رسالي جـو ڪـم اڳتي وڌي نـہ سگهيو. سال 1981ع ۾ محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا (وائيس چانسلر علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد) پاڻ اُن وقت سنڌالاجي جا ڊائريڪٽر هئا. جن هتي آيا، تنهن صاحب بہ سنڌالاجي جي طرفان رسالي کي ڇپرائڻ جو خيال ڏيکاريو ۽ فقير صاحب جن بہ انهيءَ باري ۾ رضامندي جو اظهار ڪيو. ان ڪان ترت ئي

فقير ولي محمد سائين عليه رحمة
سجاده نشين درگاهہ منٺار فقير رحہ
پنهنجي فرزندن فقير محمد بخش ضامن، فقير لطف علي
۽ فقير خادم علي سان گڏ درگاهہ شريف تي

Scanned with CamScanner

پوءِ الانا صاحب هڪ ملاقات ۾ ٻڌايو تہ اسانکي هڪ سال جي مهلت ڏيو جو اسان وٽ بجيٽ جي گهٽتائي آهي ۽ 83-1982ع واري بجيٽ ۾ اهو رسالو انشا ءالله ترجيح واري بنياد تي ڇپائبو. ان کان پوءِ الانا صاحب جلدئي اسلام آباد بدلي ٿي ويا. قضا الاهي سان تاريخ 5 نومبر 1983ع مطابق 29 محرم الحرام 1404هہ ڇنڇر جي رات تي منهنجي والد بزرگوار مرحوم فقير ولي بخش جن جو انتقال ٿي ويو ۽ اهو سڄو ڪم اتي ئي رهجي ويو.

ان کان پوءِ ڪن دوستن جو اهو خيال ٿيو تہ هاڻ رسالو اشاعت هيٺ آڻجي دنيا جا ڏاڍا هلندا رهندا پهرين اهو بار هلڪو ڪجي مون انهن سڀني دوستن کي اهو عرض ڪيو تہ توهان اهڙو عرض مرشدنا اعليٰ حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين جن کي ڪريو انکان ڪجهہ ڏينهن پوءِ انهن دوستن سان گڏ هالا شريف وڃڻ ٿيو. ۽ انهن دوستن اهڙو ذڪر سائين جن سان ڪيو پاڻ تمام گهڻو خوش ٿيا ۽ دعائن سان چيائون تہ الله پاڪ اوهان سان انهي ڪارخير ۾ مددگار ٿيندو. گهڻو ڪجهہ تہ منهنجو والد بزرگوار مرحوم فقير ولي بخش ڪري ويو هو باقي ڪجهہ رهيل ڪم ۽ نئين سر ترتيب بہ انهن دوستن ڪئي. انهيءَ ساڳ ۾ منهنجو لائق فرزند فقير محمد بخش بہ گڏ هو. ان وچ ۾ محترم نياز همايوني سان هڪ ملاقات ٿي جنهن صاحب رسالي تي سرسري نظر ڦيرائي جنهن صاحب پروف ڏسڻ جو ڪم سنڌي ادب جي خدمت سمجهي پنهنجي سر تي کنيائين. ان کان جلد پوءِ اسان رسالو سنڌس مشوري سان پريس وارن کي ڏنو. سنڌ پريس جي مهربان مالڪ احمد شيخ صاحب هڪ واپاري وانگر نہ پر ادب دوست ٿي هي ڪم وقت جي اندر مڪمل ڪيو. آئون هميشہ جيان مرشدنا اعليٰ حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين جن جو شڪر گذار ۽ سندن دعائن جو طالب آهيان جو پاڻ طبيعت ٺيڪ نہ رهڻ جي باوجود بہ هن رسالي جي باري ۾ پنهنجي نيڪ راين ۽ مشورن سان گڏ دعائن سان پڻ نوازيندا رهيا. هن کان اڳتي بہ اسان کي هر وقت سندن دعائن جي ضرورت آهي مان ٽائون ڪاميٽي ڪپرو جي معزز چيئرمين ۽

سندن ميمبرن جو بہ شڪريو ادا ڪريان ٿو جو ڪاميٽي جي طرف کان هن رسالي ڇپائڻ ۾ ڪجهہ مالي امداد ٿي. آئون تمام انهن دوستن جو شڪريو ادا ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان جيڪي هن ڏس ۾ اسان سان ٻانهن ٻيلي ٿيا ۽ ان سان گڏ آئون عزيزم محمد خان راڄڙ جو بہ شڪريو ادا ڪريان ٿو جو هن رسالي ڇپرائڻ ۾ سندن ساٿ رهيو.

آخر ۾ آئون قبلہ حضرت مرشدنا مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين جن جو وري بہ هڪ دفعو عقيدت ۽ دل جي گهراين سان شڪريو بجا آڻيان ٿو. ڇو جو سندن نظر ڪرم ۽ شفقت هميشہ اسان تي رهي آهي ۽ رهندي.

خادم الفقراء

فقير ولي محمد راڄڙ

سجاده نشين درگاهہ منٺار فقير

مئخانہ سروري ڪاٺي راڄڙ

1984ع

Scanned with CamScanner

مختصر سوانح حيات مرحوم

"منٺار فقير راڄڙ"

واديءَ مهراڻ جو مردم خيز خطو ازل کان ئي افضل رهندو آيو آهي، اهڙا هيرا ۽ جواهر پيدا ڪيا اٿس جو ڪو بہ انهن جو مُلهہ ڪٿي نہ ٿو ٿي سگهي، سائين منٺار فقير راڄڙ بہ انهن مان هڪ آهي.

راڄڙ قوم جي مختصر تاريخ

راڄڙ قوم سنڌ جي قديم سمان قوم جي هڪ شاخ آهي، شجري موجب 14 هاشم سان 20 راڄڙ سان 29 لاکي سان (مشهور سخي ڏاتار) 42 سمي سان ملي ٿي.

فقير صاحب جا وڏا

فقير صاحب جا وڏا اصل جيسلمير رياست جا رهاڪو هئا. اهو وارياسو علائقو آهي، لاڳيتن مينهن نہ پوڻ ۽ خشڪ سالي جي ڪري پنهنجي مال متاع سميت اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. (اهو وقت ميرن جي صاحبي وارو هو) ۽ موجوده ڳوٺ ڪاٺي راڄڙ ۾ اچي آباد ٿيا.

فقير صاحب جن جا وڏا اصل کان ئي، قبلہ حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جا مريد هئا. انهن مان بہ فقير وڏا درويش اڳ بہ ٿي گذريا آهن. (1) مهراڻ فقير راڄڙ ڪنگور جيسلمير انڊيا. ۽ ٻيو (2) منٺار فقير راڄڙ، ڪنگور جيسلمير انڊيا.

مهراڻ فقير راڄڙ ڳوٺ ڪنگور جو رهاڪو هو. ڪ شروعات ۾ مشهور ڌاڙيل هو. هڪ رات ڌاڙو هڻي موٽيو. ڏسي تہ هڪ لڏو پاڻي نہ ملڻ...ڪري اڄ جي شدت کان بيحال آهي ۽ انهن مان بہ ماڻهو ڪجهہ نيڪ حالت ۾ هئا. پڻ انهن کان پڇيائين تہ توهان ڪير آهيو. انهن ٻڌايو تہ اسين پيل آهيون پاڻي نہ ملڻ ڪري تنگ ٿي پيا آهيون.

پاڻ انهن کان سانداري "مشق" وٺي ڪين هڪ ويجهو تڙ سُجهندو هوئن.

Scanned with CamScanner

واديءَ سنڌ جو مشهور و معروف الهامي شاعر
منٺار فقير راڄڙ
(ولادت 1865ع - وفات 1938ع)

Scanned with CamScanner

حضرت قبلہ مخدوم غلام محمد ”گل سائين“
16 سجاده نشين درگاهہ حضرت مخدوم سرور نوح فقير عليه رحمة
جن جماعت جي خاص خليفن ۽ نالي واري شخصيتن سان گروپ فوٽو
حضرت فقير منٺار سائين عليه رحمة جن بہ بيٺل آهن.

Scanned with CamScanner

ان تان پاڻي پري اچي، سچي لڏي کي پاڻ پياريائون ۽ انهن کي چيائون مونکي دعا ڪريو. لڏي وارن چيو تہ اسان جون دعائون توساڻ آهن. پاڻ روانا ٿيا. اڳتي هلي خيال اين تہ آئون هڪ لڏي کي پاڻي پياري انهن جي جان بچايم ۽ بين ڪيترن غريبن جو بيگناهہ مال ڪاهيو پيو وڃان اهو خيال ڪري پوئتي موٽي اڌ پنڌ تي اها واهر گڏين پاڻ سڀ مال انهن کي ڏئي انهن کان معافي ورتائين ۽ پاڻ اتان سڌو جبل ڏي هليا. جت هڪ درويش رهندو هو ان وٽ پهتا.

اُن کين چيو تہ هتي ڪجهہ ڪونہ ٿيندو توهان پنهنجي مرشد وٽ وڃو. چيائين تہ منهنجو مرشد ڪٿي آهي. هن چيو اولهہ طرف ڏي. هو وڃ ڏسين ٿو اهي هالن جون نمون اٿئي ۽ پوءِ مهراڻ فقير هالا شريف ويو ۽ فيض پرايائين.

منٺار فقير، ڪنگور وارو هي مهراڻ فقير جو پوٽو هو وڏو درويش ٿي گذريو آهي. جنهن جي چوڪي اڄ تائين مشهور آهي. اجا تائين پاڳيا ماڻهو وڃايل يا جهنگ ۾ رهجي ويل مال جي لاءِ هيئن چوندا آهن. تہ ڪين پنهنجو مال سلامت ملندو آهي. ماڻهو چوڪي ڏيندا آهن تہ:

فقير منٺار تنهنجي چوڪي آهي چوڌار. لوهہ جو ڪڙو رڪ جي واڙ.

منٺار فقير ڪنگور واري جي وصال جو سال ۽ منٺار فقير ڪاٺي واري جي ولادت جو سال ساڳيو آهي. مرشد امين محمد پڪن ڌڻيءَ جن جي دعا سان فقير صاحب جن تولد ٿيا ۽ سندن نالو منٺار رکيو ويو. فقير صاحب جي ولادت جو سن متفق روايتن موجب 1865ع آهي.(1)

ٻالجتي

جڏهن تہ فقير صاحب پنهنجي والدين جا ننڍا فرزند هئا تنهنڪري کيس گهر ۾ لاڏ ۽ ڪوڏ سان نپايو ويو پاڻ ننڍي هوندي کان حليم سلڇڻا ۽ حد کان وڌيڪ خوبصورت هئا. ڏسو(2)

کين ظاهري تعليم بلڪل ڪا نہ ملي ڇو جو ان وقت تعليم عام مروج ڪانہ هئي پاڻ جڏهن ڳالهائڻ لائق ٿيا تہ آمومن هڪ ڏهر جا ڪجهہ لفظ آلا پيندا هئا.

فقير صاحب جي ولادت کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ هڪڙا چار درويش دروازي تي آيا ۽ اچي صدا هنيائون تہ جيجان اسانکي ڏاڏي جي زيارت ڪراءِ. اهڙي

طرح ٿي دفعا اها صدا هٽندا رهيا. فقير صاحب جي والده فقير صاحب کي پينگهي مان ڪڍي دروازي تي آئي، انهن مان وڏي فقير ٻارڙي کي هنج ۾ ونئي ۽ وات ۾ پڪ وجهي هيئن چئي روانيا ٿيا ته هي منٺار فقير ڪنگور وارو هتي آيو آهي هن جو ادب ڪجو هي دنيا ۾ مشهور ٿيندو.

جڏهن پاڻ سن بلوغت کي رسيا ته اڪثر گوشه نشين رهندا هئا ۽ تمام گهٽ ڳالهائيندا هئا جيڪڏهن ڪا ڳالهه چوندا هئا ته شعر ۾ چئي ويندا هئا.

سندن طاقت ۽ جواني جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته ڪيترا پيرا سرحل(1) واهه تان ٽپي ويندا هئا. خوشحالي طاقت ۽ زمينداري هوندي به سندن طبيعت ۾ غرور ۽ تڪبر نه آيو.

هڪ دفعي سندن پاءُ ميان پرچي کين چيو ته فلاڻي ڪڙيي تي وڃي ٻنٽي ڪري اچو انهي ڪڙيي جي سار سنڀال به سندن هٿ هيٺ هئي. پاڻ هارين جو حصو هارين کي ڏئي باقي سڀ غريبن ۾ ورهائي ڇڏيائون انهي واقعي مان سندن دنيا سان لاطمعي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

ذڪر بيعت

جيئن ته سندن وڏا اصل ڪاڻئي حضرت مخدوم نوح عليه رحمة جن جا مريد هئا ۽ پاڻ به حضرت پڪن ڏڻي عليه رحمة جي دعا سان تولد ٿيا هئا. جڏهن حضرت پڪن ڏڻي رحمة الله عليه راهوند(2) ۾ جوڳ پچائڻ لاءِ چلا ڪشي ڪري رهيا هئا ۽ اها خبر جماعت ۾ عام ٿي ويئي هئي.

حضرت پڪن ڏڻي رحمة الله عليه جڏهن جوڳ پچائي واپس هالا شريف پهتا ته جماعتون هالا شريف زيارت لاءِ روانيون ٿيون فقير صاحب جن به هالا شريف روانا ٿيا اتي کين اهو خيال آيو ته ذڪر بيعت وٺجي، ڪافي جماعتون هالا شريف پهچي چڪيون هيون، ان وقت حضرت پڪن ڏڻي جي حاضري ۾ هڪ سيد هو، پاڻ ان کي چيائون ذڪر وٺندس اُن سادات جواب ڏنو ته ذڪر بند آهي.

فقير صاحب کين چيو ته مون تي خاص مهرباني ٿئي شاهه صاحب چيو ته ڇوڪرا تون ڪير آهين پاڻ چيائون ته آئون راڄڻ آهيان ۽ ناري ۾ رهان ٿو. شاهه چيو ته آئون وڃي ٿو عرض ڪريان پوءِ ڪٿن تنهنجا پاڳ شاهه صاحب وڃي

Scanned with CamScanner

حضرت پکن ڏٺي کي عرض ڪيو پاڻ يڪدم پڇيائون تہ ڪير آهي، شاهہ صاحب وراڻيو تہ راڄڙ آهي فرمايائون تہ ڪٿي جو آهي شاهہ صاحب چيو تہ لڙي ڇوڪرو آهي، پاڻ چيائون تہ ڪٿي آهي شاهہ صاحب چيو تہ قبلہ سائين اڳهو هو بيٺو آهي، پاڻ چيائون تہ سڏ ڪريو، شاهہ صاحب يڪدم سڏ ڪيو فقير صاحب جن آيا ۽ حضرت پکن ڏٺي نظرون ملائي ڪين ذڪر تحليل ڏنائون. پاڻ ذڪر تحليل وٺي واپس ٿيا، تہ شاهہ صاحب ۽ سڀني جماعت ڪين مبارڪ ڏني تہ ڇوڪرا تون وڏي بخت وارو آهي، جو سڀ کان پهرين ذڪر ورتو اٿئي، ۽ پاڻ واپس ڳوٺ پهتا.

سندن شادي

انهيءَ سال فقير صاحب جي ڀائرن ميان پرچي ۽ ميان حافظ پنهنجي برادر مان فقير صاحب جن جي شادي ڪرائي.

هڪ دفعي مخدوم امين محمد سائين جن ناري جي سفر تي نڪتا ۽ پاڻ راڄ ۾ صحب(1) چانهين جي دعوت تي پهتا تہ ڪين واپس هالا شريف وڃڻ جو اشارو مليو ۽ پاڻ تياري ڪيائون اها خبر سڄي جماعت ۾ پکڙجي وئي ۽ ڪافي ماڻهو رستا وٺي زيارت لاءِ بيٺا.

فقير صاحب جن زيارت‌لاءِ نہ وڃين سگهيا ڇو جو سندن وڏي ڀاءُ ميان محمد حافظ جي طبيعت ناچاڪ هئي، پکن ڏٺي جيئن واپس هالا شريف پهتا تہ جلدئي بقا جي ملڪ ڏي روانا ٿيا، انهيءَ واقعي جو فقير صاحب جن تي وڏو اثر پيو.

عشق جي چوٽ

فقير منٺار اڃان جواني کي مس رسيو تہ حضرت عشق جي لپيٽ ۾ اهڙو سوگهو ٿيو جو مڙس عشق جي ڇنبن ۾ ڦاسي پيو.

حقيقت هينئن آهي تہ، ذات جا ڀيل ڳوٺ ڊيگهاري ذات لهڙيا تعلقو سودرو (جيڪو هينئر هندستان ۾ آهي) مزدوري سانگي ڳوٺ ڪاٺي ۾ اچي ويٺا. انهن ۾ هڪ ڇوڪري جيڪا صورت ۽ سيرت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي، جنهن جي بہ ڇوڪريءَ تي نظر ٿي پئي، تہ اهو پنهنجي پر ۾ مٽس ڇڪن ٿي ٿي پيو اُن ناز ڀري صورت تي اٽڪل ڇانوجاهہ (1) ڇٽا عاشق ٿيا. فقير صاحب بہ انهن ڇاونجاهہ ڇٽن مان هڪ هو، گويا اها هڪ عشق جي بازي هئي ڪٿڻ

Scanned with CamScanner

هارائڻ ٻين جي هٿ ۾ هو. فقير صاحب جو هڪ شعر انهي حقيقت جي عڪاسي ڪري ٿو.

(1) فقير صاحب جو هڪ شعر آهي جنهن ۾ ڇانونجاهه ڇڻ جا نالا آيل آهن. پر افسوس جو پورو شعر هٿ اچي نه سگهيو آهي صرف ٽي سٽون مليون آهن:

اچــي ســاماڻين اوچتــي نــاز پــري نينـگر،
جنهـن تـي مڙيئـي عاشـق ٿيـا ڇانونجاهـه ڇوڪـر،
مهـت مليـو منتـار ڪي جنهـن ڇيهـو ڪيـو ڇوڪـر.

عشق بادشاهه آهي، بادشاهن کي تخت ڇڏائي، عاقلن کي ناچو ڪري نچايو اٿس. فقير صاحب جي حوالي جيڪو ڪڙيو هو ان جي سموري پيدائش پيلن جي حوالي ٿي.

آخر اهو وقت آيو جو فقير صاحب کي پهريون انجام مليو. پاڻ اتي پهتا ۽ مائي به انجام مطابق آئي ۽ پاڻ به ڏسڻ پسڻ ۾ موهت ٿي ويا تان جو رات جا اٽڪل 3 اچي ٿيا. اتي ڪين نفسياتي خواهش ٿي، نه ڪين اُنن ۾ گهوڙن جي هلڻ ۽ ذڪر ڪلمي جي تنوار ٻڌڻ ۾ آئي، جي سدا پاڻ ڏانهن پي آيا. ۽ اهو آواز ٻڌائون نه مخدوم امين محمد سائين جن اچي رهيا آهن ۽ پاڻ هڪدم اٿيا ۽ مائي کي چيائون نه وري سڀاڻي ملنداسون اڄ منهنجو مرشد اچي رهيو آهي ۽ پاڻ واپس وريا ۽ سڄو ڏينهن انهي ڳالهه تي سوچيندا رهيا نه مرشد سائين نه دارالبقا ڏانهن ويا آهن. هي ماجرا ڇا آهي آخر وري ٻي رات ٿي ۽ وري انجام تي ويا ۽ مائي به آئي ۽ وري ساڳين وقت ڪين نفساتي خواهش ٿي نه وري ساڳيا اُٺ ساڳيا گهوڙا ۽ ساڳي ذڪر ۽ ڪلمي جي تنوار.

پاڻ چيائون ته انجام واري جاءِ مٽائجي ۽ سڀاڻ رات وري ٻي جاءِ تي ملنداسون. ايئن ڇئي پاڻ روانا ٿيا ۽ ٻيو ڏينهن به انهي خيالن ۾ رهيا ته هي آهي ڇا؟

آخر ٽي رات به ساڳي حالت ٿي ۽ صبوح جو پيلن لڏو ڪنيو. واپس پنهنجي ملڪ روانا ٿيا ۽ فقير صاحب جن به پيڇو ڪيو. رات ٿي لڏي ڊاپو ڪيو. فقير صاحب جن به ڪنهن ڪٻڙي هيٺان سمهي رهيا صبح جو لڏو ناري جو آباد علائقو ڇڏي، ٿر جي ورياسي علائقي ۾ روانا ٿيا ۽ پاڻ نااُميد ٿي

Scanned with CamScanner

واپس وريا. پاڻ سچي رات نفساني خيالن ۾ رهيا ۽ پوئين رات ساڳين وقت تي
کين ننڊ جي جهير آئي، خواب ۾ ڇا ڏسن تہ حضرت پکن ڏٽي گهوڙي تي چڙهي
اچي رهيا آهن ۽ پاڻ اٿي گهوڙو ورتائون سائن لهي فرمايو تہ گهوڙي کي ڇڏي
ڏيو توهان هيڏانهن اچو ۽ پاڻ اچي جتي فقير صاحب جن ويٺا هئا اتي ويٺا ۽
هڪ ڪتاب کڻي فقير صاحب کي ڏنائون تہ پڙهہ پاڻ جواب ۾ عرض ڪيائون
تہ قبلہ آئون پڙهيل ڪونہ آهيان. پاڻ فرمايائون تہ پڙهہ اسين توکي پڙهايون ٿا ۽
پاڻ ڪتاب جي هرهڪ سٽ تي آڱر رکي پڙهايائون.

لاهي ويهہ ۾ لڌ هل تہ پهچين هوت کي،
ڪم نہ ايندئي ڪيچ ري ڪا بہ اڏاوت اڏ.
پنيا هن پنيور جا نيئي رسائيندئي ڪڏ.
بانہڻ عشق بروچ جو بيٺو ڪرئي سڏ.
هل تہ ڪيچ قبول ٿئين هت رلاءِ م هڏ.
متان منجهين "منٺار" تون ڏينهن وڃن ئي ٿا ڏڏ.

اهو ڪلام پڙهائڻ کان پوءِ ڪتاب ڏيئي فرمايائون تہ هاڻ اسين اوهان
سان گڏ آهيون ماشاالله ۽ پاڻ گهوڙي تي سوار ٿيا ۽ جتي هينئر سندن مزار آهي
اتي اچي فرمايائون تہ هي اوهان جو مڪان مئخانو آهي ۽ پاڻ روانا ٿيا.

فقير صاحب جن گهوڙي جي واڳ وٺي اڳ ۾ ڊڪندا هليا ۽ انهي حالت
۾ سندن اک کُلي تہ پاڻ کي پگهر ۾ شم ڏٺائون صبح جو اکر شناس ٿي پيا ۽
ڀٽائي صاحب جو رسالو رواني سان پڙهڻ لڳا ۽ پاڻ شعر چوڻ بہ شروع ڪيائون،
جو لکندا بہ پاڻ هئا ۽ پڙهندا بہ هئا ۽ جيڪو بہ شعر هڪ دفعو زبان مان
نڪرندو هو تہ اهو دل تي چيچي ويندو هو. پاڻ آفاقي ۽ الهامي شاعر ٿي پيا ۽
مٿن مستي جو جزبو وارد ٿيو جو جڏهن بہ ننڊ جي جهير ايندي هين تہ حضرت
پکن ڏٽي جي زيارت ٿيندي هئي ۽ وري انهي جذب ۽ جلال ۾ اچي ويندا هئا.

فقير صاحب جن پوءِ سگهوئي(1) دائود فقير سان گڏ سودري روانا ٿيا
سودري پهچڻ کان پوءِ فقير صاحب انهن پيلن وٽ ويو ۽ پيل فقير صاحب جن
جا طالب ٿيا ۽ خدمت ڪرڻ لڳا ۽ پوءِ پاڻ اتان اجمير شريف روانا ٿيا جتي
خواجہ غريب نواز جي زيارت کان مستفيض ٿيا ۽ اتي پاڻ بہ ڪلام چيائون جن
مان هڪ هتي پيش ڪجي ٿو.

خير سين خواجہ هنڌالولي مون اندر جي آس پڄايو.
تو در تي پٽ پان سڏائي مون اڇي پاند پنڻ لاءِ پايو.
ڪس ڪٿيون قلب منهنجي تان هي غم وهم سڀ لاهيو.
پنڻ واسطي پنڌ گهڻي ڪئون آئون آس ڪري آهيان آيو.
مهر ڪري "منٺار" کي ميان نيئي محبن ساڻ ملايو.

اتان ڪين اهڙو اشارو ٿيو تہ توهين ڪنگور وڃو پوءِ پاڻ ڪنگور شريف ويا جتي ڪين فقيري وسلا مليا جيڪي انهن بزرگن مهراڻ فقير ۽ منٺار فقير جا هٿا پاڻ اتي بہ صدائون چيائون جيڪي هيٺ ڏجن ٿيون.

مهراڻ ميان بري بر جا. شمعدان ڏيا ٽنيا ٽر جا.
آئون تنهنجي پناري پيئي، منهنجا سڻ تون سوال سپيئي.
توتي دست مبارڪ ٻيئي آهن شاهہ سچي سرور جا.
مون سان ڪر تون پال پلاٿي، تنهنجي قبول ٿي هي ڪمائي،
ننگڙو تون سڄاڻ ننگ پائي، اسين سوالي آهيون تنهنجي درجا.
مونڪان وقت لکين ڪئين ويڙا. مون ڪم تہ ڪچا سڀ ڪيڙا،
مون تي حرف هزارين ٽيڙا. هن پاڪ ڏٺي پرور جا.
تنهنجو آيو سوالي "منٺار" ٽي، هت آسي مگت مگٽهار ٽي،
تنهنجي در تي پنڻ پينار ٽي، ڪج مقصد پورا مون اندر جا.

۽ اتي ئي پنهنجي همنام بزرگ تي هيٺئن چيائون.
سڻ ميان سوال فقير منٺار.

ڪنگور جا قامل نام دار نامل ديس پرديس منجهہ تنهنجي پچار.
هنڌ سنڌ چين ۾ روءِ زمين ۾ تنهنجي چوڪي ڏين چوڏار.
تنهنجو مون تي نالو ڪج برحالو سڀ دم لهجان تون سار سنپار.
"منٺار" تہ مدامي سنڌئي سلامي ڍڪج اسان جا عيب اپار.

پوءِ پاڻ اتان(1) هالا شريف روانا ٿيا. اتي مرشدن جي زيارت کان مستفيض ٿيا ۽ اتان پاڻ سيوهن شريف آيا جتي ڪين لال سائين جي امر سان قلندري سانگہ پهرايو ويو ۽ اتي پاڻ هي ڪلام چيائون.

جهولي جهولي ميان لال قلندر قادر ڪلنگيءَ وارا.
تو در نانگا روز نچن ٿا جنيجي مستو مست تنوارا.

نرمل توکي سڀ نکٽ نمن ٿا سج چنڊ ڪتيون ۽ تارا.
توکي شينهن بہ سلام ڪن ٿا تنهنجا نون ڪنڊن منجهہ نارا.
محر ڪري "منٺار" سان ميان اچي پهرائيج پئينارا.

بهرحال سندن همعصرن جو چوڻ آهي تہ فقير صاحب جن پورا ٻارنهن سال سير سفر ۾ گذاريا هند ۽ سنڌ جو وڏو حصو پيرن هيٺان ڪڍيو. ليڪن ڪتاب جي طوالت جي ڪري اسان هتي نتا ڏيئي سگهون اهڙي خاطري اسان کي سندن رسالي سدائي(2) مان ملي ٿي ٻارنهن سالن جي طويل سفر ڪانپوءِ پاڻ واپس ڳوٺ پهتا. عمومن هالا شريف ۾ ٻين مسافرين تي بہ پيا ويندا هئا. پوءِ فقير فقرا جو هتي تمام گهڻو اچڻ وڃڻ شروع ٿيو.

فقير صاحب جن جا طالب

1. دائود فقير مگڻهار اصل احمد آباد انڊيا) جو ويٺل هو اتان اچي ڳوٺ(1) جوهيلي ۾ سيد روشن علي شاهہ(2) جي خدمت ڪرڻ لڳو.

هڪ دفعي شاهہ صاحب وجد ۾ اچي دائود فقير کي چيائون تہ تون هاڻ وڃ، هتي تنهنجي لاءِ ڪجهہ بہ ناهي ۽ ڪاٽي راڄڙ ۾ منٺار فقير وٽ تنهنجي امانت آهي ۽ هو حڪم موجب ڪاٽي راڄڙ پهتو ۽ هميشہ لاءِ منٺار جو ٿي ويو. جيئن تہ دائود فقير مگڻهار هو ۽ راڳداري تہ سندس گهر جي شيءِ هئي پر منٺار فقير جي صحبت ڪيس رڱين رنگو ڪري ڇڏيو. ۽ منٺار فقير جي صحبت ۾ شعر چوڻ شروع ڪيائين جيڪو تمام پڪو ۽ پختو آهي، سندس ڪجهہ شعر قلمي صورت ۾ درگاهہ منٺار فقير تي لکيل آهن ۽ فقير صاحب سان اڪثر مسافرين تي گڏ هوندوهو. سندس شعر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ميان منٺار اچ اوري، ٽڪيءِ جي آءِ ملج توري،
طلب جي تار اٿم تنهنجي لولي مون کي يار اٿم تنهنجي،
محبت مهار اٿم تنهنجي چت ۾ چاهہ ويون چوري.
آئون تنهنجي آسري آهيان وڏو تي پروسو پايان،
سينو ڪهڙو توسان ساهيان مون منجهہ طاقت ناهي توري.
اچي مل يار من مهٽا ڪرم ڪرتون قلب ڪهٽا.
سنت توکي ڏيان سهٽا ڪلهن تان سر سندم ڪوري،

Scanned with CamScanner

دائود چئي تو مٿان جاني ڪران سر ساهه قرباني.
صدق سؤ وار هيءَ بانهي گولي سر پنهنجو گهوري.

آخر هڪ دفعي دائود فقير جا مائٽ دائود فقير وٽ آيا چيائون ته هل ته تنهنجي شادي ڪرايون دائود فقير کين جواب ڏنو ته نڪاح تي نڪاح ڪونه پوندو. آئون ٻه ڪن جي پڪي پڄي چڪو آهيان. تنهن تي دائود فقير جي مائٽن فقير منٺار کي چيو ته توهان سمجهايوس ته شادي ڪري، پاڻ دائود فقير کي سڏ ڪري چيائون ته ابا نبيءَ جي سنت کان انڪار ڪونه ڪبو ۽ تون وڃين شادي ڪر.

سچو طالب مطلوب جو حڪم مڃين مائٽن سان روانو ٿيو اتي شادي جا ڏينهن چٽا ڪيا ويا عين شادي واري ڏينهن کيس وهنجاري ميندي موڙ سهرا وغيره ٻڌي کيس نڪاح لاءِ وٺي آيا پاڻ چيائين ته ترسو مونکي يڪتارو آڻي ڏيو ته آئون هڪ ڪلام چوان کيس يڪتارو آڻي ڏنو ويو ۽ پاڻ هيٺيون ڪلام چيائين.

آهيان منجهه غير جي درياهه اُڪارج يا رسول الله.
گناهن کيس غرقاني تون ڪر مشڪل آساني.
مونکي تنهنجي پاڪ پيشاني ڏيکارج يا رسول الله.
هٿان منهنجي ڏوهه هزار ٿيل چيم ڪلمون توتي ڪامل.
مون کي مجلس تو مرسل وهارج يا رسول الله.
سڄ منهنجا سوال هي ڪارون لهج سڀ وقت ۾ سارون.
مون تان ملڪن جون پلڪارون تون ٽارج يا رسول الله.
آهيان سوالي اوهان جي در جو مگت "منٺار" سرور جو.
پيالو حوض ڪؤثر جو پيارج يا رسول الله.

ڪلام ڳائيندي پاڻ وجد ۾ اچي ويا ۽ ڪلام ختم ٿيڻ سانئي سندن دم پرواز ٿي ويو. اها خبر جڏهن منٺار فقير کي پيئي ته کين سخت صدمون رسيو ۽ دائود جي يادگيري ۾ پاڻ ڪجهه ڪلام چيائون جن مان هڪ ڪلام هتي ڏجي ٿو.

اي منهنجا دائود دل جا يار ويهه مر!
آءُ تون وري توري ساعت ناسري.
ساري سونهن منجهه ورونهه منهنجو ته ماهه ويو ڳري،
توريءَ حال ۽ احوال ظاهر چوان نٿو ذري.

Scanned with CamScanner

ڪو دم دور مونکان ڏور وجي ٽڪ ۾ تون ٽري،
اڄ هاڻ ڪر رهاڻ تان من دل پئي ٺري.
تو سان يار ڪا ڇمار مون تان گزر هئي ڪري،
مگٽهار ٽي م ڏار جدائي تو ڇو ڏري.
پون پور سوين سور چاڪن دل ڪئي چري،
چئي "منٺار" درد وار متان هت آئون وڃان مري.

دائود فقير کي سندس ڳوٺ احمد آباد بڙودا ۾ دفن ڪيو ويو اُتي سندس درگاهه آهي جتي هر سال ميلو لڳندو آهي.

احمد فقير(1) ذات نا معلوم جو بہ فقير صاحب جن جو طالب هو ۽ فقير صاحب جن جي صحبت ۾ رهڻ ڪري شعر بہ چوڻ لڳو هو.

جن مان هڪ ڪافي ۽ بہ بيت هيٺ ڏجن ٿا.

سچا سرتاج سرور شاهہ مونسين مدارت ٿي همراهہ،
سڻ منهنجي آزي اڄي ٿيءِ راضي عرض قبول ڪر نام الله.
اصل ڪان آسي آهيان پياسي ڪين وساريان منجهئون ساهہ پساهہ.
ناڪس نماڻو عيبن هاڻو اميد نہ لاهيان تنهنجي منجهان درگاهہ.
"احمد" اهنجو پرين ڪج پنهنجو ڪرڪا نوازڻ جي نوح نگاهہ.

ڇام چنيسر دا سڙا وارث منهنجا ور،
بخش مدايون منهنجيون ڏاڍا ڪر نہ ڏمر.
ڪنوُرو قسمت سان آئي زال ڪٽي زيور
سٽي مقال مٽيين جي هلي ويس هيڪر.
پيم ڪا نہ خبر نہ تہ هائي وجهان هار ڪي.

هاٺي وجهان هار ڪي ساڙيان سڀ زيور.
داغ نہ ڏجئين داسڙا ميان ڇام چنيسر،
جي لکيا امر ۾ احمد چوي سي ٿيئڙا سور ثمر.
پيم ڪانہ خبر نہ تہ هائي وجهان هار ڪي.

(1) ڇيڙ فقير پيل، اصل وينٺل خيرپور ميرس جو هو ۽ پوءِ ڪجهہ وقت

سدا واهہ تعلقي نوابشاهہ ۾ ان کان پوءِ پيراڻي ۾ اچي رهيو. تمام سٺو ڳائيندڙ هو هڪ دفعي هن فقير صاحب جن جو هڪ ڪلام ٻڌو ۾ دل ۾ خيال آيس تہ ان شاعر سان ملجي، سو پاڻ پڇا ڪري ڪاٺي راڄڙ پهتو. فقير صاحب جن ان وقت سرهاڙي(2) جي ڳوٺ ۾ ترسيل هئا. پاڻ ڏس پڇي اوڏانهن روانو ٿيو اتي وڃي فقير صاحب جن جي باري ۾ پڇيائين اهڙو اطلاع ڪين ڏنو ويو تہ ٻاهر هڪ ماڻهو اوهان جي پڇا ڪري رهيو آهي پاڻ هڪدم نڪري آيا. فقير صاحب جن جا پير ۾ مٿو ان وقت اُگهاڙا هئا ۾ چيڙ فقير کان رسمي خوش خير عافيت بعد پڇيائون تہ ڳائيندو آهين چيائين تہ ها سائين. چيائون تہ ٻڌاءِ تہ چيڙ فقير ان وقت خوش خير محمد فقير هيسباڻي جو هي ڪلام جهونگاريو.

واهہ واهہ سير حسن دم دم دا هي ڪاڻ عاشقان باغ ارم دا هي.

ڪلام جون ٻہ مصرائون چيائين تہ فقير صاحب جن چيو تہ. بس بس هلو تہ هلون مڪان تي ايئن چئي پاڻ اڳ ۾ روانا ٿيا ۾ چيڙ فقير بہ ساٿن گڏ روانو ٿيو. اڌ پنڌ تي پڇيائين تہ قبلہ اوهين جتي نہ پائيندا آهيو يا پٽڪو نہ ٻڌندا آهيو ڇا. پاڻ چيائون تہ پهريندا آهيون پر...پوءِ پاڻ مڪان تي اچي رسيا ۾ همراهہ کي گهوڙي تي موڪليائون جو جتي ۾ پٽڪو کڻي آيو.

پهرين ملاقات ۾ چيڙ کي پيوند پئجي ويا ۾ هميشہ لاءِ مننار جو ٿي ويو. چيڙ کي مننار فقير جي دربار جو خاص الخاص ڳائڻو چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو سرگر ۾ موسيقي جي اصولن کان پوري طرح واقف هو فقير مننار فقير مننار سندس هر طرح جو خيال رکندو هو سندس گائڪي جو منفرد انداز هو. چيڙ فقير مننار فقير، جي وفات کان هڪ سال پوءِ بہ حياتي هو ۾ 1354 هجري ۾ وفات ڪيائين ۾ ڪيس درگاهہ مننار فقير تي، فقير صاحب جي پيراندي رکيو ويو.

الهڏنو فقير ماڇي ويٺل ڳوٺ جعفر خان لغاري تعلقو سنجهورو شروعات ۾ سٺو راڳيندڙ هو فقير مننار جو هڪ ڪلام ٻڌائين، ان کان متاثر ٿي خاص پنڌ ڪري ڳوٺ ڪاٺي راڄڙ پهتو، اهو خيال ڪري تہ اهو شاعر ڏسجي، جنهن اهڙو سخن پيش ڪيو آهي.

جنهن ڪلام کان الهڏنو فقير متاثر ٿيو ان جو ٿلهہ هتي پيش ڪجي ٿو سڄو ڪلام اڳتي(1) رسالي ۾ پڙهندا.

Scanned with CamScanner

برهه بادشاهه جا ڏاڃا ڏيا،
نينهن جا نغارا نوبتون وجود ۾ واڄا وڄي ويا.

پاڻ فقير صاحب سان ملاقاتي ٿيو. ۽ عرض ڪيائين تہ دعا ڪريو تہ آئون بہ شعر چوان فقير صاحب جن کيس چيو تہ الله ڪندو تنهنجو بہ سخن سٺو ٿيندو. انهيءَ دعا جو اهو اثر ٿيو جو الهڏنو فقير سٺو شاعر ٿيو(1) ۽ سندس زبان اهڙي کلي جو پاڻ هر ڳالهہ رواني سان شعر ۾ چئي ويندو هو. سندس شعر تمام سٺو آهي نموني خاطر هڪ ڪلام پيش ڪجي ٿو.

الف جي عاشق عبادت ٿا اندر ۾ ڪن اُپار.
عشق الڪ سان انهيءَ جو انهن تي اڳي جا آر.
بي برهہ بلاهہ برابر بيرنگي بيحد بيان،
بيڪ بيسر ۾ بلاشڪ باري بانڪا بر بهار.
ترڪ ڪندا طالب طمع ڪي توڪلي تارڪ تمام.
تند توحيد طلب سان ڪن تون تون جي تنوار.
سي سدا صادق صديقي صاف صوفي سربسر،
سري ۾ سو سر سڃاڻن ساڏ ساميئڙا سچار.
جي جفا ڏيئي جان ڪي ٿيا جنگ جوڳيئڙا جوان،
جگر جوشي جن جلايا جهاتي پائي منجهہ جبار.
الهڏنا، هو حقيقي حال وارا هر هميشہ،
هٿن حلقہ هيءَ هو هو حب سان هردم هشيار.

انهي ڪلام مان سندس شاعري جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ پان ڪيترا پڪا ۽ پختا شاعر هئا ۽ پاڻ ڪافي وقت فقير منٺار سان سفر ۽ حضر ۾ گڏ رهيا الهڏني فقير اٽڪل 80 ورهين جي عمر ۾ تاريخ 2 ذوالحج 1381 هجري بروز اربع پنهنجي ڳوٺ جعفر خان لغاري ۾ جهان ڇڏيو. ۽ کيس سندس وصيعت(1) مطابق درگاهہ منٺار فقير تي دفن ڪيو ويو.

پريل فقير پٺنارو. هي منٺار فقير جي خاص ڳائڻي ڇيڙ فقير جو پٽ هو جنهن جو احوال اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

پريل فقير پنهنجي سوانحعمري ۾ پاڻ لکي ٿو تہ منهنجو جنم 1911ع ۾

Scanned with CamScanner

پارسي ڳوٺ ۾ سدا واھ تي ٿي، 1927ع ۾ آئون سنڌي ست درجا پڙهي نڪتس ۽ ڪجھ وقت پوءِ شاعريءَ ۾ پنهنجو استاد منٺار فقير کي ورتم، ۽ منٺار فقير جي معرفت ۽ دست مدد سان سجاده نشين درگاھ هالا شريف حضرت مخدوم غلام محمد گهوٽ جي دست بيعت ٿيس ۽ ان کانپوءِ ساري هندستان جو سير ڪيم ان کانپوءِ منهنجي استاد منٺار فقير جن لاڏاڻو ڪيو، ان کان هڪ سال بعد منهنجي پيءُ چيڙ فقير بہ جهان ڇڏيو ۽ 1939ع کان 1941ع تائين پنهنجو(2) رسالو قلم بند ڪيم.

پريل فقير، چوٿي جو شاعر ۽ سٺو ڳائيندڙ بہ هو پريل فقير 1950ع ۾ وفات ڪئي ۽ کيس سندس پيءُ چيڙ فقير جي پاسي ۾ دفن ڪيو ويو.

سندس ڪلام جو نمونو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

اوري ڏس اثبـــات انـــدر ۾ آدم ســـر الله اتئـــي.
آدم ســـر الله اتئـــي شـــاهد ڪـــلام الله اتئـــي.
فذڪرونـــي از ڪـــر ڪـــم قـــادر ڪـــرم الله اتئـــي.
و نحـــن اقـــرب ويـــڙ وســـنڌڙ واحـــد وجهـــ الله اتئـــي،
انـــا احمـــد بلاميمـــي راض رســـول الله اتئـــي،
لحمـــڪ لحمـــي جســـمڪ جســـمي عاشـــق اصـــد الله اتئـــي.
بشـــري بـــازي يـــار بنـــائي بيڪـــ بڪـــا بلاهـــ اتئـــي،
ان الحـــق اظهـــار الائـــڻ ســـهٽي صـــاف صـــلاح اتئـــي.
پڙهـــج پريـــل، تـــي پيـــچ پســـڻ جـــي فـــرض فنـــاف الله اتئـــي،
اڙهـــ عشـــق برهـــ جـــي پڙڪـــي جـــوش جـــلال الله اتئـــي.

پريل فقير ڪافي تعداد ۾ ڪلام چيو اٿس جنهن ۾ ڪافي بيت، سي حرفي مناجات غزل شامل آهن سنڌيءَ کان علاوه هنديءَ، سرائڪي ۽ اردو زبان ۾ بہ ڪلام چيو اٿس جن ۾ ڪافي(1) ڪلام پاڪ جون آيتون بہ ڪم آنديون اٿس، پاڻ "پٽئينار" تخلص ڪم آڻيندو هو. پريل فقير پنهنجي هڪ ڪلام ۾ فقير صاحب جن جي اولاد ۽ طالبن جو ذڪر ڪيو اٿس جو هتي پيش ڪجي ٿو.

مهـــر ڪئـــي مولـــيٰ منـــي منٺـــار تـــي مـــالڪ منـــان،
نينهـــن جـــي نيهـــي نشـــي ســـان نيـــڪ ٿيـــو نـــوري نيشـــان.
ريـــت جنهـــن رنـــد ٿـــا رهـــن هـــر هـــر هلـــڻ ان حـــال تـــي،

Scanned with CamScanner

درس دولهہ جو دليئون ديکيو جنهين دائم دوکان،
پٽ جنهين جو پير بخش سو پڻ فقر ۾ هو فنا،
وري ان سندا آهن ٻئي پٽ سرت جا سالک سڄان،
ولي بخش تن ۾ وڏو آهي اهو ڏاڍن نشين،
ٻيو ننڍو مئولود ٽئي محمد قبول جوئي جوان،
دائود ٻہ دلبر جنهين جو خاص هو خدمت ڪندو،
احمد مگڻ محبيت تنهير هوا سدا ساعل سجان،
جميل ۽ حمير هوندا هئا انهي حب حال ۾،
ٽيون لؤنگ ۽ چوٿون ڇيڙ ٻئي سي ٻہ آهن سک سمان،
اسماعيل ۽ الهڏنو خير محمد بيگ پڻ،
گلڻ ڏنو ۽ جڙيو خميسو سي ڪن گانو گيان،
حکيم پڻ حب ۾ هميشہ موڏيو ميگهواڙ پڻ،
ٻالڪا ٻيا پڻ گهڻا هي مختصر مون ڪيو بيان،
سرت علي شير و سدائين قرب جو ڪاڍو رکن،
احمد نواز ٻي ٿو اچي پرديس مان مانجهي مهمان،
"پريل" پڻ پينار پياسي آهي سدا سک سوز ۾،
ٿو گهري دائم دعا تان منجهہ رهان محبت مکان(1)

مکان جي تعمير

هڪ دفعي مخدوم محمد زمان سرڪار سائين 14 سجاده نشين درگاهہ حضرت مخدوم نوح عليہ رحمة جن ناري جي سفر تي نڪتا سفر ڪندا ڪاٽي راڄڙ پهتا ۽ انهيءَ جاءِ تي تنبو لڳايا ويا، جيڪا جاءِ فقير صاحب کي حضرت پکن ڏٽي رحمة الله عليہ جن سندن آخري آرام گاهہ لاءِ ڏسي هئي. ان کان ڪجهہ وقت پوءِ فقير صاحب جن ان جاءِ تي قبو ۽ مسجد تعمير ڪرايائون باقي سڀ تعميرات سندن پوٽي مرحوم فقير ولي بخش جن ڪرائي.

سندن شاعري

منٺار فقير جو شعر آفاقي ۽ الهامي آهي، منٺار شعر جي ڪيترن صنفن ۾ ڪلام چيو آهي. جيئن تہ ڪافي، بيت، مدح مولود مناجات، مرثيو، ڏهرسي

Scanned with CamScanner



٢ ڪن کي پڙهائي علم ظاهر ۾
ڪن کي ڪئي واقف باطن بحر ۾
ڪن کي رسائي داور جي در ۾
آهي اُنهن جو بخت پلارو

٣ ڪئي لک طالب ذاڪر ذڪر ۾
ڪئي لک طالب فهم فڪر ۾
ڪئي لک طالب صابر صبر ۾
ڪن کي وجهائي نيه جو نظارو

٤ مرشد آهي محمد اِشارو عظيم اهڙو
اسرار تار تار ۾ اُتم جهالي نهڙو
ڪو نهي منثار جو ڪو ڪهڙو
هن مذهب کان رهڻ نيارو

هٿ اکر منثار فقير رحه جي قلمي نسخي تان ورتل


لا اله الا الله و محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم

رسالو خدائي

مصنف جناب جو فقير منٺار شاه بنده

تاريخ ٢١ مارچ سنه ١٩٠٩ جو مشهور ماست

لکڻ جي برابر تاريخ ١٧ ڦڳڻ سنبت ١٩٦٣

بقلم ڏرمون مل هندو رهندڙ ڪيرو

ٻنهي جي تصنيف رسالي جي ...

قبله پروردگارم — امتي احمد نبي

دوست دار چهار يارم — طالب اولاد علي

مذهب حنفي بدارم — ملت حضرت خليل

خاڪ پائي غوث اعظم — زير سايه هر ولي

هٿ اکر سرڳواسي ڏرمون مل ساڌو ڪاتب

ڪلام منٺار فقير- جنهن چارئي رسالا قلمبند ڪيا

حرفي لولي وغيره هتي اسين هي ڳالهہ فخر سان لکون ٿا تہ سنڌ جي گذريل شاعرن مان ڪلام جي تعداد تي نظر وجهبي تہ سچل سرمست کان پوءِ ٻيو نمبر منٺار فقير کي ڏبو تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. پاڻ چار رسالا مڪمل ڇڏيا اٿن.

(1) رسالو خدائي، جيڪو اوهان جي هٿن ۾ موجود آهي.

(2) رسالو مرتضائي (سو بہ ٻيو دفعو ڇپجي چڪو آهي)

(3) رسالو رهنمائي ٻيو دفعو سروري پبليڪيشن طرفان ڇپيو)

(4) رسالو سدائي، (جيڪو قلمي صورت ۾ موجود آهي)

سندن ڪيترو ڪلام قلمبند نہ ٿي سگهيو ۽ عام محفلن ۾ ٻڌجي ٿو جنهن جي گڏ ڪرڻ لاءِ ڪوشش جاري آهي.

منٺار فقير جو شعر نهايت پختو پڪو ۽ سلوڻو آهي. منٺار فقير حسن عشق کي بہ گهٽو ڳايو آهي. پر انکي شريعت ۽ تصوف جي قيد ۾ رکي ڳايو اٿس منٺار تہ وڏائي چاٺئي ڪو نہ سچي شاعري ۾ پاڻ کي ٻيٽ پان منگت ٻي ٻهچ لاچار مگٺهار ۽ سوالي سڏيو اٿس. منٺار فقير همہ اوست کي بہ گهٽو ڳايو پر دم خدائي کان پري گهٽو پري! ان جو اندازو سندس هن ڪلام مان لڳائي سگهجي ٿو.

خاڪ جي چولي ۾ جو ٻولي اهو آواز الائي ٿو ڪير،
اواز سڻي ٿو ڏسي پسي ٿو هھڙا هنر هلائي ٿو ڪير.
الانسان سري و اناسره اهڙا لفظ لکائي ٿو ڪير،
ونحن اقرب ويساهہ ڪريو سڀ رڳہ منجهہ سمائي ٿو ڪير.
و الله بڪل شيءِ محيط سڀ ۾ سير ڪمائي ٿو ڪير،
ڪل جي ڪايا ۾ قدرت جو نوبت ناد وڄائي ٿو ڪير،
انا احمد بلاميمي ٻولي هيءَ ٻڌائي ٿو ڪير،
مير جو اولو ڪير ڍڪي ٿو محمد نام ذرائي ٿو ڪير،
عاشق ۽ معشوق بنايو اڪيون اکين سين لائي ٿو ڪير،
محبت باهہ برهہ جون باهيون دل ۾ درد دکائي ٿو ڪير،
صورت ۾ صبحان لذيت پايو رمز رکائي ٿو ڪير،
رنگ ۾ بي رنگ رلجيو رل مل پنهنجو پاڻ لکائي ٿو ڪير،
هر مظهر هر جوڙ جنس ۾ بازي هي بنائي ٿو ڪير،
سالڪ هوئي ڪو سجاڻي سمجهي تہ محبت مينهن وسائي ٿو ڪير.

Scanned with CamScanner

مور اصل "منٺار" تہ ڪونهي هي قلبئون ڪافيون ڳائي ٿو ڪير.
ڳول ڳجهارت ڳالهہ انهي جي سمجهہ سلوڪ سڻائي ٿو ڪير.
منٺار فقير توحيد بہ وحدانيت ۽ توحيد واري رنگ ۾ چٽئي آهي. سندس هن رسالي جو پهريون ڪلام.

اول الله جـــي تعريـــف آهـــي ڪلنـــي ڪتـــابن ۾،
ٿـا چـون ارڙهـن هـزار عـالم پـر آهي بـي انـت بـي معـالم،
نـاهي قـدرت جـو لکـي قلـم اهـو سچوئي بيـان بـابن ۾.
جيڪا خلقت خداونـد جـي ڪـن سپئي ساراهہ خـاوند جـي،
تـہ بـہ پـوي ڪـل ڪانـہ تـن حد جي تـوڙي صالح ثوابـن ۾،
آهـي قـدرت سـندس ڪـافي ڪنـدو تنهنجـي ڪيـر دريـافي،
ڪڏهن موڙهن ڪـي ملـي معـافي ۽ ڪـڏهن انبيـاءُ عتـابن ۾.
تـوڙي پڙهيـا پيـر پيغمبـر تـوڙي عـاقل ۽ اڪـابر،
تـوڙي سـلطان ۽ سـڪندر ٿـو اچـي هرڪـو حسـابن ۾.
ميـان منٺـار ڪـر زاري پـائي ڳـل پـاند ڳچـيءَ ڳـاري،
تنهنجو وس ناهي اختياري تون بہ وجين ٿيندين خواب خوابن ۾.

عام طرح چيو ويندو آهي تہ شاعر ٻوليءَ جو محتاج آهي پر منٺار جي تہ ٻولي محتاج آهي منٺار فقير ڇهن ٻولين ۾ شاعري ڪئي آهي. سنڌي هندي سرائڪي ۽ اردو سنڌي تہ سندس مادري زبان هئي پر ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ انهن زبانن تي پورو پورو عبور رکندو هو جو انهن ۾ رواني سان شعر چيو اٿس منٺار جي سنڌي زبان ناري ۽ ڪس واري زبان استعمال ٿيل آهي. ان کان علاوه ڪئي ڪافي قرآني آيتون سني انداز ۾ آندل آهن. ان کانسواءِ داستن جون ڪافيون تہ پوري طرح رسم ۽ سماج تي مشتمل آهن جيڪي سنڌي قوم ۽ ثقافت جي عڪاسي ڪن ٿيون جيئن تہ سورٺ ۾:

عاج ٻانهين پچڻ
راڄ جي ريت نہ منڻ
ابجد علم پڙهڻ
ڳجهيون ڳالهيون ٻار سان ڪرڻ
جان ۾ جميعت نہ اچڻ

Scanned with CamScanner

بدڪاري جو پرم رکڻ وغيره

مننار ۽ علم موسيقي

مننار فقير علم موسيقي جو ماهر هو ان جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ عمومن سنڌ جي اڪثر شاعرن جو شعر کهڙي بہ داستان جو هجي ليڪن ان کي نهڪندڙ راڳني ۾ رکيو ويو آهي، سندن تمام ڪلام سر ۽ راڳڻين تي مشتمل آهي ان مان ظاهر آهي تہ مننار علم موسيقي جو ماهر هو سورٺ ۽ راڻو، سنڌ جون مخصوص راڳڻيون آهن پر جيڪڏهن اُن داستان جي ڪافي پيروي يا لوڙائو يا جنهن بہ راڳڻي ۾ نهندڙ آهي ان ۾ چئي وئي آهي ۽ پوري ڪلام کي راڳڻين جي حساب سان رکيو ويو آهي.

عبادت ۽ رياضت

فقير صاحب جن روزي نماز ۽ ذڪر جا پابند هئا ۽ هميشہ سندن دستور هو تہ مرشد کان مليل زڪر سهروردي طريقي موجب صبح ۽ شام باقائدگي سان ادا ڪندا هئا نماز جا ايتري قدر پابند هئا جو بيماري جي حالت ۾ اشارتن نماز ادا ڪندا هئا، رات جو پويون پهر عمومن زڪر ۽ تسبيح ۾ گذاريندا هئا.

سندن پوشاڪ

پاڻ عمومن سائو گيڙو يا نيرو پهراڻ ۽ آسماني نيري رنگ جي شلوار پهريندا هئا ۽ پٽڪو سائو گيڙو يا ڪاري رنگ جو ڪٽي نما پٽڪو ٻڌندا هئا ۽ ڪاري ڪٽي هميشہ پاڻ سان گڏ رکندا هئا سفر ۾ عمومن ڪنلري، بيراڳڻ، ناد، سنک، جهولي، ۽ ڪشتي، پاڻ سان گڏ کڻندا هئا، جيڪي هينئر بہ سندن پوين وٽ موجود آهن.

سندن وفات

جيئن تہ فقير صاحب جن پنهنجي حياتي ۾ پنهنجو مقبرو ۽ ان ۾ لحد مبارڪ ٺهرايو هئائون ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ وقت اُن ۾ سمهندا بہ هئا، ان مان ثابت آهي تہ پاڻ موت کي هر وقت ياد رکندا هئا.

1 شوال سن 1353 هجري عيدالفطر نماز پڙهي عزيز اقارب ۽ سچي جماعت کي مڪان تي وٺيا آيا ۽ پنهنجي آخري آرام گاهہ تي ويهي ڪين چيائون تہ هي جاءِ اسان جي آخري جاءِ آهي ۽ پاسن ۾ بہ جايون ڏينديون جيڪي

Scanned with CamScanner

آئون پنهنجي ٻنهي پوٽن کي ڏيان ٿو.

(ڇو جو سندن فرزند سندن حياتي ۾ وفات ڪري چڪو هو جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو) تنهن تي سندن وڏي پائٽي هاجي مير حسن کين چيو تہ الله سائين اوهان کي وڏي حياتي عطا ڪري، اوهين تہ بلڪل نيڪ ٺاڪ آهيو. پوءِ اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿا ڪريو پاڻ فرمايائون تہ آئون هاڻ اوهان وٽ صرف ڏهہ ڏينهن آهيان مون گهري محرم جي ڏهين تاريخ هئي پر هاڻ ٿي شوال جي ڏهين، جيئن تہ پاڻ پنهنجي هڪ مرثئي ۾ چيو اٿن تہ:

ماهہ محرم جي ڏهين تاريخ ۾ شل دم ڏيان،
حب رکي حسينن ڏي روئندي هتان راهي ٿيان.

ناهين شوال تي کيسن معمولي بخار آيو ۽ پاڻ شام جي وقت پنهنجي سيني عزيزن ۽ ڳوٺ وارن کي گهرايائون ۽ کين چيائون تہ اسان کي پنهنجي ملڪ وڃڻ جي خوشي آهي ۽ پنيان روئجو متان ۽ نيڪ نصيحتون ۽ دعائون ڪيائون سومهٽي مهل سيني کي چيائون تہ هاڻ وڃين آرام ڪريو ۽ اسان بہ آرام ٿا ڪريون. ٻيا سڀ ويا هليا ليڪن سندن وڏو پوٽو فقير ولي بخش مرحوم سندن خدمت ۾ رهيو پوئين رات فقير ولي بخش مرحوم کان پڇيائيون تہ رات ڪيتري آهي. پاڻ جواب ڏنائون تہ پهر کن رات آهي پاڻ وضو ڪيائون ۽ فقير ولي بخش مرحوم کي چيائون تہ کير پياريو. ان وقت فقير ولي بخس جن کين کير آڻي ڏنو پاڻ کير پي سولا ٿي سُتا ۽ چيائون تہ هاڻ اسانجي متان ٽيڙ وجهي ڇڏيو ۽ پاڻ ڪلمون پڙهڻ شروع ڪيائون ۽ ڪلمي پڙهندي سندن دم پرواز ٿي ويو. (اناالله و انا عليہ راجعون).

سندن اولاد

مرحوم منٺار فقير کي صرف هڪ ئي پٽ قدرت جي طرفان عطا ٿيو. سندن نالو پير بخش رکيو ويو کين مختصر تعليم ماي فقيريءَ جو فيض کين پنهنجي والد مرحوم فقير منٺار کان مليو. پاڻ حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليہ جي 14 سجاده نشين مخدوم محمد زمان سرڪار سائين کان ذڪر بيعت ورتائون متن مرشدن جي تمام گهڻي شفقت هئي، پاڻ تسبي سماع ۽ ذڪر جي محفلن ۾ روح روان هوندا هئا. ڏهر تمام سٺو ڏيندا هئا. فقير پير بخش جهڙو ڏهر اڄ تائين ڪنهن بہ نہ ڏنو آهي، سرڪار محمد زمان

Scanned with CamScanner

مرحوم مغفور فقير ولي بخش راڄڙ
واديءِ سنڌ جو مشهور شاعر

Scanned with CamScanner



Scanned with CamScanner

سائين جن جو اهو حڪم هوندو هو تہ سفر ۾ فقير پير بخش موجود هجي تہ اتي ٻيو ڪو بہ ڏهر نہ ڏي. پاڻ بہ شاديون ڪيائون ۽ ڪين بہ پٽ تولد ٿيا هڪ فقير ولي بخش ۽ ٻيو فقير قبول محمد، پاڻ عين جوڀي ۾ وفات ڪيائون ان وقت فقير ولي بخش جي عمر 4 سال ۽ قبول فقير جي 2سال هئي. سندن وفات جو فقير منٺار تي وڏو اثر ٿيو، نوجوان ۽ اڪيلي پٽ جي وفات جي ڪري منٺار فقير تي ڇا نہ گذري هوندي! پر پاڻ سڀ صبر سان سٺائون ۽ رب جي رضا تي راضي رهيا.

فقير منٺار جن سچو سارو وڻجارو سندن فراق ۾ چيو جو هن رسالي ۾ موجود آهي، هتي هڪ ڪلام جو ٿلهہ پيش ڪجي ٿو.

پکهـــ چـــوڙي پنـــد پيـــا مـــون ويـنـــيءَ وڻجـــارا،

اي ميان آئون روئندي ويئي رهجي ڪائڻ پيئڻ ٿيا ڪارا.

فقير صاحب جن پنهنجي ٻنهي پوٽن جي پرورش ڪئي ۽ ٻنهي پوٽن جون شاديون سندن حياتي ۾ ٿيون ۽ ٻنهي پوٽن جو اولاد پاڻ ڏٺائون.

سندن سجاده نشين

جيئن تہ فقير صاحب جن جو اڪيلو فرزند سندن حياتيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويو هو، جنهن ڪري منٺار فقير ڪان بعد سندن سجاده نشين سندن وڏو پوٽو فقير ولي بخشؒ جن ٿيا. پاڻ ڪامل فقير هئا درگاهہ جي مثالي خدمت و رياضت ڪيائون با توڪل زندگي گذاريائون فقيريءَ ۾ امير ٿي رهيا.

پاڻ حضرت مخدوم نوح عليه رحمة جن جي 16سجاده نشين مان مخدوم غلام محمد گل سائين جن ڪان ذڪر بيعت ورتائون ۽ گهڻو عرصو سندن خدمت ۽ صحبت ۾ رهيا ۽ گل سائين جن ڪان بعد قبلا طالب المولي! سائينؒ جن جي تا عمر صحبت ۽ ويجهڙائي نصيب ٿين، پاڻ سٺا شاعر هئا سندن رسالو 'پرين تنهنجي پياس ۾' جي نالي سان 1999ع ۾ منٺار فقير اڪيڊمي طرفان ڇپرايو ويو آهي، جنهن ۾ سندن تفصيلي سوانح حيات ۽ ڪلام آهي، پاڻ 29 محرم 1404هہ 5 نومبر 1983ع ڇنڇر رات راهہ رباني ورتائون. ان بعد سندن فرزند فقير ولي محمدؒ جن سجاده نشين ٿيا، ڪين پنهنجي والد سان بي انتها محبت هئي ۽ ساڻن مڪان جي رياضت ميلي جي انتظامن ۽ هر ڪم ۾ هميشہ ٻانهن ٻيلي رهيا. پاڻ پنهنجي والد سان انتهائي عقيدت سان فقير سهڻين ڇئي محاطب ٿيندا هئا. سندن جهڙي فرمانبرداري شايد ڪنهن ڪان مشڪل پڄي. سجاده

Scanned with CamScanner

نشين ٿيڻ بعد پاڻ مڪان جي خدمت ميلو ڏينهن ڏهاڙا سڀ ڪم اڳئين کان اڳرا هلايائون پر پنهنجي والد جي جدائي برداشت نہ ڪري سگهيا صرف ڏيڍ سال کن جو قليل عرصو سجاده نشين رهيا تاريخ 25 رجب 1405ھ 17 اپريل 1985ع اربع جي رات اسان کان جدا ٿي وڃي پنهنجي والد ۽ مالڪ حقيقيءَ سان مليا. ڪين ٽي فرزند آهن فقير محمد بخش، فقير لطف علي ۽ فقير خادم علي سندن وصال بعد سندن وڏو فرزند فقير محمد بخش سجاده نشين ٿيو.

پاڻ قبلا مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينؒ کان ذڪر تلقين ورتائين ۽ مٿس قبلا طالب المولىٰ سائينؒ جن جي خاص نظرِ عنايت رهي ان ڪري ٿي ننڍي عمر ۾ سجاده نشينيءَ جو بار اچڻ باوجود مڪان جا سڀ طور و طريقا ميلا ڏينهن ڏهاڙا محفلون سڀ جيئن جو تيئن برقرار رهيا ۽ رهندا اچن. سندس شادي قبلا طالب المولىٰ سائينؒ جن جي مرضيءَ موجب ٿي ۽ سندس وڏي فرزند تي نالو بہ پاڻ ئي رکيائون، ”فقير ولي بخش“ ۽ فرمايائون تہ اسان جي هوندي فقير ولي بخش موٽي آيو آهي.

فقير محمد بخش 1989ع کان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي پاڻ شعر جي ڪافي صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿس، پر گهڻو ڪافيءَ سان نباهيو اٿس، قبلا طالب المولىٰ سائين سندس شعر جي ڪجهہ حصي جي اصلاح ڪرڻ فرمايائون ۽ ڪين ضامن تخلص عنايت ڪيائون. پاڻ تخلص ملڻ تي جيڪو پهريون غزل لکيائين ان جون ڪجهہ سٽون ڏجن ٿيون:

دل تان نہ دم لهي ٿو دلدار يار سو
منهنجو تہ آهي مالڪ و مختيار يار سو

.....

ضامن ٿيو تخلص دلبر کان اچ عنايت
منهنجو بہ هوندو ضامن هر وار يار سو

قبلا طالب المولىٰ سائين جن جي وصال بعد قبلا مخدوم محمد امين فهيم سائين جن بہ اهو خاص نظرِ عنايت جو سلسلو جاري رکيو اچن جيڪو انشاءالله جاري رهندو پاڻ پنهنجي تمام گهڻين مصروفيتن هوندي بہ گهڻن ئي ميلن تي خاص شرڪت ڪرڻ فرمائي اٿن جنهن سبب ميلي جون ۽ مڪان جون

Scanned with CamScanner

رونقون تمام گهٽيون وڌيون آهن.

فقير محمد بخش کي الله پاڪ پنج فرزند عطا ڪيا آهن: 1- فقير ولي بخش، 2- فقير ولي محمد، 3- فقير اعجاز علي، 4- فقير فياض علي، 5- محمد طلحہ عرف فقير رياض علي، الله سائين کين عمر خدري ۽ بخت سڪندري عطا ڪري. آمين

فقير محمد بخش ضامن قبلہ طالب المولىٰ سائينءَ جن جي وصال کان پوءِ ڪجهہ سال شاعري ڪرڻ ڇڏي ڏني جيڪا 1998ع کان منٺار فقير اڪيڊمي جي قيام ۽ مشاعرن جي سلسلي شروع ٿيڻ ڪري وري شروع ڪئي وئي جيڪا اڃا هلندي اچي سندس رسالو ڪلامِ ضامن جي نالي سان جلد شايع ٿي منظرِ عام تي ايندو.

جيئن تہ هي رسالو ڪافين تي مشتمل آهي. انڪري هتي نموني طور سندس شاعريءَ مان 5 پنج ڪافيون هيٺ ڏجن ٿيون، اسان جي دعا آهي تہ الله پاڪ کين وڏيڪ ڪاميابيون نصيب ڪري ۽ مٿس سندس مرشد ۽ مائٽ جو دستِ شفقت هميشہ برقرار رهي. آمين

احقر

غلام ڪريم شر

تگو سر

5-03-07

14 صفر 1428هہ

Scanned with CamScanner



فقير محمد بخش ضامن سجاده نشين درگاهه منٺار فقير عليه رحمة
پنهنجي ڀائرن، پٽن، ڀائٽن ۽ ڀاڻيجي سان گڏ.
ساڄي کان: فقير لطف علي سندس هنج تي فقير عمران علي، فقير ولي بخش،
فقير محمد بخش ضامن، فقير ولي محمد، فقير خادم علي
اڳيان: فقير اياز علي، فقير فياض علي، فقير محمد طلحه، فقير اعجاز علي،
فقير منظور علي

قبلہ مخدوم محمد امين فهيم سائين
فقير محمد بخش ضامن سان گڏ درگاھ منتار فقير تي دعا گھرندي.

Scanned with CamScanner

ڪلام
منٺار فقير راڄڙ

ڪافي

ٿلهہ: ليليٰ جي هئي لڪ، مجني کي ڪنهن مست بنايو

1. اول خواب ۾ ڏٺئين صورت، موهي ڇڏيس انهيءَ مورت
هئي اها عشق جي اٽڪ، جنهن ٿي پنهنجو وطن ڇڏايو

2. زهر پيئڻ جو آيس وارو، ڏپ نہ ٿيڙس ڪو ڏيچارو
ڪانہ ڪيئين ڪا هبڪ، پيو پيالو ڏٺئين ٿي موٽايو

3. پنهنجي پاڻ ڪان غافل ٿيڙو، اهڙو سچڻ ۾ فنا ٿي ويڙو
هيءَ آهي حقيقت هڪ، تہ پاڻ پريءَ تنهن کي پاڻ پسايو

4. سسئيءَ ڇا لاءِ ڏونگر ڏوريا، پاهڻ سهئي پيرن سان پوريا
ويئي لنگهي سڀ لڪ، پنهنجي پنهونءَ جو پتو پڇايو

5. سهٹي لتاڙي لانگها ويئي، ڪاهي ڪن ۾ ڪيئن ٿي پيئي
اها عجيب هئي ڇڪ، جنهن تي نيئي ميهر سان ملايو

6. هير رانجهن جي واٽ نهاري، وڏئين ڪيڙي جي منهن ۾ واري
اهڙي پريءَ پياريس پڪ، هڪ پل تنهن کي آرام نہ آيو

7. هت ضامن ڇئي ڇا ٻڌائي، پنهنجي پاڻ کي ڇا سمجهائي
نہ ڇاٹان ڇا آهي عشق، ڇڏي هزارين رڻن ۾ رلايو.

11 جمادي الاول 1410هہ 89-12-21 خميس

مڪان تي

Scanned with CamScanner

ڪافي

ٿلهه: آهي تن ۾ جني جي تار، الا تن سانگين ڪئي نه سنڀار
ڪيئن مجي هيءَ قيدياڻي، تن مارُوئڙن ڏي ميار، الا.

1. ساڻ صبوح سڀ ساهيڙيون هت ولڙا وارين
ماروئڙا هت مال کي ٿا چاهه منجهان چارين
تن ڳوناڻن جون ڳالهيون هت مئيءَ کي ٿيون مارين
آس اجان به اٿم اندر ۾ سگهڙي لهندا سار، الا.

2. ڪالهه مڪائون ڪيترا تن ڏوراپا ڏياري
عيش ۾ پيئي اباڻا ڪيئن ويٺيئن وساري
وڃن ڪيل جي ويڙهيچن سان ڪين سگهئين پاري
ڪوٺن ڪونه ڪنبايو مون کي ماريو ان ميار، الا.

3. ڪائڙ پاسي ڪيڻ ڏسي آئون رات پيس روئي
ڏنل هئي جا ڏاڏاڻن جي ليڙون ٿي لوئي
بيوس جو هت بند ۾، ڪونهي ڪو ڪوئي
ڪاٿيان پيئي قيدَ ۾ آئون انهن جي آڌار، الا.

4. آس اها ئي اٿم اندر ۾، آڻيندن الله
ساڻي ٿيندا سيگهه مان، ٿو سڪي جني لاءِ ساهه
ضامن پيئي ضعيف جا سي واهر ڪندا واهه
ائٽي پهر ته آهي اندر ۾، پنهنوارن پچار، الا.

4 محرم 1421ھ 2000-05-02 اڳارو

Scanned with CamScanner

ڪافي

ٿلھ: مون کي ڀاڻ ڪج نہ ڌار، چنيسر سائين مون کي ڀاڻان ڪج نہ ڌار
روپو تو در ٿي ٻاڏايان.

1. عيب سندم تو اکئين ڏٺئي ٿي، تڏھن چنيسر ڪجھ نہ چئي ٿي
۽ ججھو ڏنئي ٿي پيار، چنيسر سائين ۽ ججھو ڏنئي ٿي پيار
ھاڻ انھيءَ کي ڇا مان پانيان.

2. مٽيي تي منھنجي دل ٿيڙي، نہ معلوم ھئي ماحيت ھھڙي
نہ تہ ڪين ڪٽان ھا ھار، چنيسر سائين نہ تہ ڪين ڪٽان ھا ھار
پنھنجي ڪئي تي پئي پڇتايان.

3. سيس جھان ۾ سندئي نالي، ڪين ڪجان ٻي ڪنھن جي حوالي
اڇي موٽي ملين منٺار، چنيسر سائين، اڇي موٽي ملين منٺار
تہ عمر سڄي تنھنجي گولي ڇوايان.

4. رھنديس تنھنجي ٿي آئون ٻانھي، معاف ھيءَ منھنجي ڪر ناداني
پنھنجو ڀاڻ ڀلائج ڀتار، چنيسر سائين، پنھنجو ڀاڻ ڀلائج ڀتار
پاند پلئہ تي ھر ھر پايان

5. ضامن چئي ھت توکي ساري، ڪٿيان ڏينھن ٿي راھون نھاري
ھاڻ مون تي رک نہ ميار، چنيسر سائين، ھاڻ مون تي رک نہ ميار
عيبن ڀريل توڙي آھيان.

9 رجب 1410ھ 1990-02-06 اڱارو
مڪان تي

ڪافي

ٿلهه: ڪيڙي نال نہ دل دا، وي مواريان، ڪيڙي نال نہ دل دا خيال
رانجهو روح مئيڏي وچ وسدا.

1. بن ماهي دي ويکو سيان، هيٺان تي ڳياهي، وي مواريان
هيٺان تي ڳيا هي حال.

2. رنگپور دي وچ هڻ هي مئيڏا، جيئڻ تي ڳيا، وي مواريان
جيئڻ تي ڳيا جنجال.

3. ڏيهئون ڏور ڪيتي مئيڪون، چوچڪ چلاڪي، وي مواريان
چوچڪ چلاڪي چال.

4. راتيان ڏينهان دل وچ ووهي، نينهن لڳا هي، وي مواريان
نينهن لڳا جنهن دي نال.

5. آکي ضامن ڪڏهان ملسي، روز گهتان مئين، وي مواريان
روز گهتان مئين فال.

12 صفر 1411هه 02-09-1990
سومر رات مکان تي

Scanned with CamScanner

ڪافي

ٿلهہ: ديکا عجب هي مين ني ديدار دلربا کا
کيسي کهون زبان سي اظهار اس سما کا

1. ديدار جس کي خاطر هو ڪوئي هوا حيران
ليکن جسي وو چاهي اس هي پي هو مهربان
احسان بجا لاتا هون محبوب مهربان کا.

2. جس پي نظر کري تو تقدير بدل ڈالي
ساري هي کام اس کي بگڙي هوئي بنالي
هر ايک ثناخوان هي اس هي کي هر ادا کا.

3. مجهہ جيسي اس کي در پي کيئي توهين سوالي
جاتا کپي نهين هي ڪوئي سوالي خالي
انداز يي عجب هي ديکو اسي سخا کا.

4. پرواهہ نهين مجهکو دنيا کي اب هي ڪوئي
مقصد ملا وهي هي چاها تا مين ني جوئي
اب يي هون منتظر مين اک اور هي عطا کا.

5. اس کي نهين هون لائق اعمال کي بدولت
فر يي هوئي هي مجهہ پي کئي بار يي عنايت
ظاهر هوا هي ضامن اک ايسي ناتوا کا.

خميس 28 محرم 1421هہ 2000-05-04

Scanned with CamScanner

حضرت فقير منٺار سائين متعلق چند روايتون

فقير محمد بخش راڄڙ "ضامن"

حضرت منٺار فقير راڄڙ رحمة الله عليه جن کي پنهنجي مرشد مخدوم امين محمد پکن ڏٺي عليه جن کان ان وقت فيض مليو جڏهن پاڻ دنيا مان وصال ڪري چڪا هئا ۽ کين خواب جي ذريعي فيض حاصل ٿيو اها به هڪ انوکي ڳالهه چئبي شايد اهڙي طرح جي عنايت ڪنهن ٻئي سان نه ٿي هجي سندن زبان تي ڪافي وقت اهو تاثير رهيو جو جيڪي به زبان مبارڪ مان جيئن فرمائين تيئن ٿيو وڃين ان ڳالهه مان ڪافي ماڻهن کي نفعا ۽ نقصان ٿيا آخر اها خبر قبله مرشد مخدوم پرو چام سائين عليه رحمة الله جن کي پئي ته پاڻ کين گهرائي دعا ڪيائون ان بعد پاڻ زبان تي ڪافي ڪنٽرول رکندا هئا جي نه ته خوش طبعي ۾ چيل ڳالهه يا شعر مان به ڪافي ماڻهن کي نقصان ٿي پوندا هئا پاڻ فرمائيندا هئا ته اسان کي مجذوبيت مان ڪڍي سالڪائيءَ ۾ پروچام سائين جن آندو ان واقعي جو ذڪر هڪ ڪافي ۾ ڪرڻ فرمائين ٿا ته:

1. سڪ صبر نه ڏي مون کي لئون کيئن لڪائيان
   تڏهن دانهن درد جي ڪريو ٿو ٻڙهڪيو ٻڌائيان
2. باڦ ٻاهر نه ڪيج ايءَ منع ڪيئون مون کي
   اها نصيحت ته گهڻئي نيڪ پر آئون وس ۾ ناهيان.

فقير سائين وٽان جيڪي ڪرامات جا واقعا ٿيندا هئا تن مان ڪجهه واقعا هتي ڏجن ٿا: فقير ولي بخش سائين کي ته ايترا واقعا ياد هئا جو وڏو ڪتاب ٺهي پوي ها پر سندن رحلت بعد صرف چند ڳالهيون جيڪي ياد رهيون سي وڃين بچيون ان لاءِ هن سال فيصلو ڪيوسين ته انهن روايتن کي سهيڙي شايع ڪرائجي متان پوءِ اهي گڏ ڪيل روايتون به هٿ نه اچي سگهن اميد ٿي ڪجي ته فقير سائين سان محبت رکندڙ جن ماڻهن وٽ هن کان علاوه ڪي روايتون هجن ته روبرو اچي يا خط و ڪتابت ذريعي هي اسان تائين پهچائين جيئن ته سندن زبان مبارڪ اتلي ٿي شاعري جي انداز ۾ ٻالاپڻ ۾ ئي پاڻ جيڪو ڳالهائيندا هئا اهو گهڻو ڪري شعر جي انداز ۾ ٿي ويندو هو يعني

سندن ڳالهائڻ ئي بحر وزن کان خالي ڪونہ هو هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ ڳوٺ ۾ ڪو شادي جو ڪاڄ هو ان ۾ اوجهري جي ڪٽڻ تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو نيٺ فيصلي لاءِ ٻئي ڌريون سندن وڏي پاءُ وڏيري پرچي وٽ آيون جيڪو راڄ جو چڱو مڙس پڻ هو جيڪو ان وقت چني ۾ ويٺل هو. (اڳي ڪاڄ وغيره لاءِ وڏا چنا ٺهندا هئا جن جو ڪافي ڏينهن اڳ ڪم هلندو هو اڄڪلهہ وانگر شاميان وغيره ڪونہ هئا سڀ ڪونيل ماڻهو ان چنن ۾ ويهندا هئا).

جتي ٻيو راڄ ۽ دعوتي پڻ موجود هئا وڏيري پرچي حقيقت پڇي ۽ هنن جون ڳالهيون ٻڌي چيائين تہ اتي ڪو ٻيو ماڻهو بہ موجود هو انهن چيو تہ اوهان جو پاءُ منٺار موجود هو ان کان پڇي ڏسو فقير صاحب جن کي سڏي پڇيائون تہ هنن جي جهيڙي مهل توهان موجود هئا سو خبر ٻڌايو تہ ڪير ڏوهاري آهن. فقير سائين جن چني جي ٿوڻي کي ٽيڪ ڏيئي اچي ويٺا ۽ شعر ۾ سڄو قصو ٻڌائڻ شروع ڪيائون. اهو شعر ڪي ڪلاڪ پي هلايو ان جهيڙي شعر ۾ جنگ جي صورت اختيار ڪئي.

ڪاڄ جي ماني وغيره اتي رهي ماڻهو شعر ٻڌندا رهيا نيٺ سندن پاءُ مداخلت ڪئي تہ ادا هاڻ بس ڪريو پوءِ پاڻ شعر پورو ڪيائون ان شعر ۾ هڪڙي ڌر کي فتح ۽ ٻي کي شڪست بہ ڏنئون.

جنهن ڌر کي پاڻ شعر ۾ فاتح ڪيائون اهي چند ڏينهن ۾ خوشحال ٿي ويا ۽ جن کي شڪست ملي سي ڪجهہ ڏينهن ۾ ختم ٿي ويا.

سندن زبان مبارڪ تي اهو تاثير ننڍپڻ کان ئي هو جو جيئن بہ زبان مبارڪ مان فرمائيندا هئا تيئن ٿي ويندو هو.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ وچين نماز جو وقت هو پاڻ ڳوٺ ۾ ڪجهہ ماڻهن سان ويٺا هئا تہ قيصر نالي راڄڙ (جيڪو هينئر ميرپور خاص جي مشهور زميندار حاجي قيصر راڄڙ عرف حبيب الله جو سڳو ڏاڏو هو) جو تمام مسڪين هو ۽ ٻيو مالڪ نالي راڄڙ جيڪو بہ تمام مسڪين هو ٻئي هڪئي وقت ڪچهري ۾ آيا ڪنهن مالي امداد خاطر قدرتن ٻنهي جون ڏاڙهيون ٻچيون هيون اڳين ڏاڙهي ٻچي ڪنهن قليل کي هوندي هئي ان تي ماڻهو کلندا هئا ڪچهري ۾ ويٺل ماڻهن فقير سائين کي چيو تہ سائين موقعو تہ شعر چوڻ جهڙو آهي پاڻ فرمايائون تہ هائو:

مالڪ هليو موهر مان ڪرها ڪتاري
قيصر ڪي بہ قست ڪنيو جو نڪتو ڏانهن ناري
وقت هو وڇيڻ جو سڄ ڏرهو ڏاري
اڇي گڙ گڏيا گڙنار ۾ ٻئي لاسڙ ليڪاري
پوءِ مالڪ کي ماري، قيصر قصر ڪٽي ويو

شعر
تہ ٿيو پر قيصر جو هتان واپس ويو تہ ڪيس چيائون تہ هي زمين جو ڪاتو وٺ پئسہ جڏهن ٿين تڏهن ڏجانءِ سندن زمينداري اڄ بہ قائم آهي. ٻني جو ڪاتو مليو ۽ مالڪ واپس رسيو تہ ڪجھ ڏينهن ۾ سندس گهر ئي ختم ٿي ويو.

فقير ولي بخش سائين ظاهري تعليم تمام گهٽ ورتي ڪو هڪ اڌ درجو سو بہ نہ جي برابر پر پوءِ بہ ماڻهن ڪين مطالعو ڪندي ڏٺو هوندو يا اچا سندن ڪتاب جيڪي زير مطالع رهندا هون اهي ڏسبا تہ ماڻهو اها ڳالهہ بلڪل ڪونہ مڃيندا تہ ڪو پاڻ اڻپڙهيل هئا بلڪ ائين لڳندو تہ پاڻ اعليٰ تعليم يافتہ هئا.

پاڻ ٻڌائيندا هئا تہ اسان تي اها عنايت فقير سائين جن ڪان ٿي هڪ دفعي محرم شريف جي ڏهين تاريخ حسب دستور مرثيہ خواني ٿي رهي هئي پاڻ مرثيہ پڙهي رهيا هئا ماڻهن جا هشام باادب ويٺا هئا. اوچتو پڙهائي هلندي سندن آواز رڪجي پيو پاڻ هڪ بہ ڇڪيون ڏنئون تہ پڙهائي جو تسلسل نہ ٽٽي پر آواز نہ هليو تہ پاڻ مجمعي تي نظر ڦيرايائون بہ دفعا نظر ڦيرائي جڏهن ٽيون دفعو نظر وڌئون تہ مون تي اک پيئن چيائون تہ ڇوڪرا هلي آءُ آيس پاڻ چيائون تہ پڙهہ مون چيو تہ آئون تہ پڙهيل ئي ڪونہ آهيان پاڻ فرمايائون تہ اسين ٿا چئون نہ تہ پڙهہ مون وري عرض ڪيو تہ سائين آئون پڙهي ڄاڻائي ڪونہ تہ پاڻ حڪم جي انداز سان چيائون تہ تون پڙهڻ شروع ڪر اسين ٿا ڏسيون مون ڪتاب کوليو تہ ائين لڳو ڄڻ پڙهڻ ڪو مسئلو ئي ڪونهي ۽ آواز بہ بلند اهو مرثيہ پڙهي پورو ڪيو. پاڻ ان وقت سچل سائين جو مرثيہ پڙهي رهيا هئا جيڪو لکيل بہ پراڻي سنڌي ۾ آهي اهو ڪتاب اڃا موجود آهي اڄ ڪلهہ جي پڙهيلن کان بہ مشڪل پڙهجي. ان واقعي کان پوءِ فقير ولي بخش سائين لاءِ لکڻ پڙهڻ ائين هو ڄڻ پاڻ اعليٰ تعليم حاصل ڪئي اٿن.

پاڻ هڪ دفعي ڪنهن سفر تان موٽيا هڪ طالب بہ ساڻن گڏ هو. رستي

Scanned with CamScanner

۾ خاصخيلي قوم جو هڪ وڏو ڳوٺ هو اتي پهتا تہ سج لهي ويو پاڻ پنهنجي ساٿي کي چيائون تہ ان ڳوٺ مان ڪنهن کي سڏي وٺ تہ پاڻ رات هتي رهون هن جي سڏ تي ڳوٺ جو چڱو مڙس نڪري آيو جنهن جو نالو غالبن پيراڻو هو. ان کي سنڌن ساٿي ٻڌايو تہ مون سان گڏ منٺار فقير آهي هتي رات رهنداسين اسان جي ماني ٽڪي ۽ رهڻ جو انتظام ٿي سگهي تہ ڪيو. (اهو سال عام طرح لوس وارو سال سڏجي ٿو جنهن ۾ ايتريون بيماريون ڦهليون جو ماڻهو هڪڙا لاش دفنائي ايندا ئي مس هئا تہ ٻہ ٽي ٻيا فوت ٿي ويندا هئا. ائين ڪافي گهر ختم ٿي ويا) سو ان پيراڻي ورائيو تہ ادا اسان جو سڄو ڳوٺ بيماري ۾ ورتل آهي سڀ سڪرات ۾ پيا آهن ان ڪري طعام جو انتظام ڪرڻ مشڪل آهي باقي رات توهان پلي هت گذاريو. ائين چئي اهو شخص واپس ويو. ۽ پاڻ اتي آرامي ٿيا پاڻ اجا ليٽيا ئي مس تہ خواب ڇا ٿا ڏسن تہ هڪڙا چار شخص آيا آهن جيڪي اچي ڪين گڏ وٺي ويا. اڳيان هڪ لانڍي آئي ان ۾ ڪين ڇڏي اهي شخص ويا هليا. لانڍي جي اڳيان اچ وڃ جي واٽ هئي. پاڻ ڏسن تہ اتان ڪافي ماڻهو ماني کنيو پيا مٿين پاڻ وڏي انهن کان پڇيائون تہ هي ڪاڏو ڪٿان ٿا کنيو اچو انهن ٻڌايو تہ هي **امام حسين عليہ السلام** جن جو نگر آهي. هو سامهون تنبو نظر اچن پيا. پاڻ سڳورا اتي منزل انداز آهن پاڻ اهو گس وٺي اوڏانهن روانا ٿيا اتي وڃن تہ تنبو لڳا پيا آهن نگر هلي پيو (هن علائقي جو ڪو شاهہ صاحب هو فقير ولي بخش سائن کي سنڌن نالو بہ ياد هو) اهو شاهہ صاحب نگر جي وڏ پيو ڪري تنهن فقير صاحب جن کي ڏسي چيو تہ اچو فقير چڱو جو توهان اچي ويا. امام صاحب جن اوهان کي ياد پي ڪيو هاڻ ڪجهہ دير اتي ويهو تہ آئون نگر مان واندو ٿي اوهان جي حاضري ٿو ڪرايان. پاڻ اتي ويٺا ئي هئا تہ هڪ آواز آيو تہ اي فقير منٺار هڪ ڪلام ٻڌائي وڃ، پاڻ ان آواز ڏي توجهہ ڏنائون تہ شاهہ صاحب چين تہ فقير صاحب ان آواز ڏي توجهہ نہ ڏيو وري ڪجهہ دير بعد وري ساڳيو آواز آيو وري شاهہ صاحب اوڏانهن وڃڻ کان منع ڪين ٽيو دفعو آواز آيو تہ اي فقير منٺار اسم الله جو اٿي ڪلام ٻڌائي وڃ شاهہ صاحب وري منع ڪئي تہ پاڻ چيائون تہ سڏڻ وارو اسم بسم الله جو ٿو وجهي هاڻي ڪيئن رڪبو تہ شاهہ صاحب وڏ ڇڏي اليو چيائين تہ پوءِ ترسو پهرين امام صاحب جي حاضري ڪريو پوءِ اوهان جي

Scanned with CamScanner

مرضي ائين چئي شاه صاحب تنبو ۾ وڃي اطلاع ڪري ڪين اندر ڇڏئين پاڻ اندر وڃي ڏسن تہ ڪچهري لڳي پئي آهي امام پاڪ جن ڪٽ تي ويٺا آهن پاڻ قدم بوسي ڪري حاضري ۾ ويٺا ڪجهہ دير ڪچهري ڪري پاڻ اجازت ورتئون ۽ هنن آواز متعلق عرض ڪيائيون تہ اهي ڇاجا هئا امام پاڪ جن فرمايو تہ اهي شيطان آهن جن جي ڪري هي بيماريون ۽ تڪليفون ماڻهن کي ٿيون آهن اسين بہ انهن کي پڪڙڻ لاءِ هتي آيا آهيون جن مان ڪافي قيد ڪيا اٿئون باقي ڪو رهيل هوندو تہ ان کي بہ قابو ڪبو. فقير سائين عرض ڪيو تہ قبلہ هنن اسم الله جو وڏو اهو ڪيئن موٽائجي پاڻ فرمايائون تہ اها ڳالهہ آهي تہ پوءِ ترسو ائين چئي ڪاغذ ۽ قلم گهرائي ان تي ڪجهہ لفظ لکيائون اهي لکي فقير صاحب جن کي سڏي سائي ٻانهن ۾ ٻڌائون پوءِ فرمايائون تہ هاڻي پلي وڃو اهي اوهان جو ڪجهہ بہ بگاڙي نہ سگهندا. (اهي لکيل لفظ فقير سائين زباني ياد بہ ڪري ورتا) پوءِ اتان پاسي واري تنبو ۾ اچن تہ اتي واقعي ڪجهہ شيطان آهن جيڪي زنجيرن ۾ ٻڌا پيا آهن پاڻ اتي پهتا تہ سندن اک کلي پئي پنهنجي ساٿي کي ڇيائون تہ ان پيراٽي کي سڏ ڪر هو سڏي آيو ان کان پڇيائون هتي جي ڪاغذ قلم هٽ اچي سگهي تہ ڪٿي اچ اتي هڪ واٽيي جو دڪان هو. هو ان کان ڪاغذ قلم ڪٿي آيو پاڻ مريضن جو تعداد پڇي اوترا پنن جا ٽڪرا ناهي انهن تي امام پاڪ عليه السلام جن جا ڏسيل لفظ لکندا ويا اهي لکي پيراٽي کي ڏنائون تہ پنهنجي گهر جي ڀاتين کان ٻڌڻ شروع ڪر ۽ سڄي ڳوٺ جي مريضن کي ٻڌي اچ هن ائين ڪيو ڳوٺ ۾ ٻڌي واپس گهر اچي گهر جا ڀاتي ائين ڇڱا ڀلا ٿيا ويٺا آهن ڄڻ بيمار ئي ڪو نہ هئا ۽ سڄو ڳوٺ هڪدم نيڪ ٿي ويو ۽ پيراٽي کان پڇيائيون تہ هي ڪهڙو جادو هٽ ڪري آئين جو هيڏي تڪليف منٽن ۾ لهي وئي ان سڄي ڳالهہ ڪري ڇين تہ هاڻ اتي ان فقير جي خدمت ڪيو جنهن اوهان تي هي مهرباني ڪئي پوءِ سڄو ڳوٺ سندن معتقد ٿي پيو ۽ ان ڳوٺ جي ڪري ڪافي خاصخيلي قوم سندن معتقد ٿي جيڪو ناتو ڪافي وقت تائين هلندو آيو اڃا بہ خاصخيلين جي ڪن گهرن سان اهو ناتو هلندو اچي.

دونهائي جا سيد مرشد سائين جا مريد ۽ صاحب ڪرامت بزرگ ٿي گذريا آهن. فقير سائين سان بہ سندن گهرو تعلق رهيو آهي هڪ دفعي فقير

سائين جن شاهه صاحبن جن وٽ رهيل هئا شام جي ٽائيم سيئي ڪٺا ڪرسين ۾ موڙن تي ويٺا هئا ڪچهري لڳي پئي هئي تہ شاهه صاحبن جي هڪ ڪمدار جيڪو سامهون موڙي تي ويٺو هو ان چيو تہ سائين هي کهڙا فقير آٽي ويهاريا اٿو هي تہ رڳو ڪوڙا آهن. مطلب تہ گهڻو گستاخ ٿيو تہ فقير سائين چيس تہ ابا جي ڪوڙ آهي اسان ۾ تہ اسان مان جي آهي تو ۾ تہ تو مان رت ٿي نڪرندو ٻڌ جي ٿو تہ اجا سندن لفظ ادا ٿي بس مس ٿيا تہ ان ڪمدار کي الٽي اچڻ وانگر اپڙڪا ٿيس اٿڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ اونڌي منهن اچي ڪريو ۾ جسم جي وار وار مان رت سيڙون ڪري نڪتس اتي ئي تڙپي مري ويو جهولي ۾ وجهي ڪنيوس جڏهن فقير صاحب جن موڪلائي واپس روانا ٿيا تہ ماڻهن شاهه صاحبن کي چيو تہ سائين هڪ راڄڙ اوهان جو ماڻهو ماريو پيو وڃي ۾ اوهان کان ڪجهه ڪونہ ٿيو تہ شاهه صاحبن وراڻين تہ ابا اهو راڄڙ ڪونہ هو اها ڪا ٻي طاقت آهي اسان جي ماڻهون کي ڪٺي ڪنيو جو پنهنجي انجام کي پهتو.

برسات جي متعلق تہ مشهور آهي تہ پاڻ جڏهن بہ دعا گهرندا هئا تہ موسم هجي نہ هجي برسات ضرور ايندي هئي. هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ ڪافي اچي ڏڪار پيو چار سال لاڳيتو ڏڪار پيو ماڻهو تمام پريشان ٿيا ڇو جو اڳي ماڻهن چاهي مال جو گذر ئي برسات تي هوندو هو جڏهن ماڻهو گهڻو تنگ ٿيا تہ اچي کين عرض ڪيائون تہ سائين دعا گهرو تہ برسات اچي نہ تہ هاڻ ڏاڍو ڏکيو حال ٿيندو جڏهن ماڻهن گهڻو تنگ ڪين تہ هيءُ ڪافي لکيائون.

ٿل: جر پلر جالار يار. ابر وسڻ آڪاڙ ۾ ايندا
ڏکيا ڏينهن ڏڪار جا ويندا.
ٿيندا سانده چار سڪار يار.

بس پوءِ تہ هڪدم اچي برسات پئي ڏاڍا فصل ٿيا ماڻهو خوشحال ٿي ويا پوءِ تہ لاڳيتو چار سال برساتون ۾ سڪار رهيو.

ان بعد وري ڏڪار ٿي پيو برساتون نہ پيون ماڻهو وري اچي ڏکيا ٿيا ۽ وري اچي کين عرض ڪيائون گهڻو ستائڻ تي هيٺين ڪافي لکيائون.

ٿـل: مينهـن جـا مانـداڻ خـدا تـون پـاڻ

والي واري و سائج كـاٽي كپـري تـي.

ملڪ اتر كٿون روهڙي سکر كٿون، كن موج پلي مهراڻ
مکي جو ڍورو سانگهڙ سنجهورو سي وسن سپيئي وٿاڻ،
هالا نصرپور حيدرآباد ميرپور پيا ٽنڊن جا وسن ٽڪاڻ
موهـر نـارو سـند سـامارو پلٽـائج، پـراڻ
عمر ڪوٽ ننگر ۾ پارڪر ٿر ۾ نديون پـرج نيـاڻ
ملـڪ هنـد جـي سـاري سـند جـي اج واري پـج آڻ
چئـي منٺـارو تـون رب ڏاتـارو وڏ كنـان واڪـاڻ

والـي واري وسـائج كـاٽي كپـري كـي

بس پوءِ ته اچي برسات پئي ان ڪافي ۾ جن به هنڌن ماڳن جو ذڪر ٿيل آهي تن کي تار ڪري ڇڏيئين ٻڌجي ٿو ته اهو سال ٻوڏ وارو سال سڏجڻ لڳو.

فقير ولي بخش سائين جن ڳالهه كندا هئا تـه ان كان كجهه سالن كان پوءِ هڪ دفعو وري اچي ڏڪار پيو هڪ ڏينهن آئون ٻني تـان چڪر ڏيئـي موٽيس پاڻ اوطاق ۾ کٽ تي آرامي هئا مون کي ڏسي اٿي ويٺا ۽ پڇيائون ٻنين جي خبر ڏيو مال كيئن آهي (مال مينهون وغيره ٻني تي رهندو هو) مون ٻڌايـو ته سائين ٻنين جو حال ڪونهي مال به سخت تڪليف ۾ آهي هاڻ ڪا دعا گهرو ته برسات پوي نـه تـه ٻيو چارو ڪونهي پاڻ ان مهل ته انڪار ڪيائون ڇو جو ٻوڏ پوڻ كان پوءِ پاڻ برسات گهرڻ كان لهرائيندا هئا. شام جي ٽائيم پاڻ هڪ ڪافي لکي ڏنائون جنهن جو ٿل هتي ڏجي ٿو.

مڪمل ڪافي رسالي خدائي ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

هـن مولـيٰ مهينـي سـانوڻ ۾ كـي خـالق خيـر جـا مينهـن وسـائج

شام جو ڪافي ٿي رات جو ٻاهر ٿلهي تي ڪچهري پيا ڪيون تـه فقيـر سائين جن کٽ تي ليٽيا پيا هئا. كن همراهن ماني پئي كاڌي تـه اوچتو اتر طرف كجهه روشني جو چمڪو نظر آيو تـه سڀني جو توجهه اوڏانهن ٿيو. حالانڪ برسات جا كي آثار به نـه هجن. ڏكڻ پئي لڳي پر تڏهن بجلي كانه هئي. نکي لاريون موٽرون هيون سو سڀني جو توجهه ڏنو تـه وري ٻيو چمڪو ٿيو تـه سڀني

Scanned with CamScanner

ڇيو شايد ڪنوڻ آهي. اهو ٻڌي پاڻ هڪدم ڪٽ تي اٿي ويٺا ۽ چيائون تہ ٿانو ٿيا اندر ڪيو ۽ ماني بہ اندر هلي کائو. سڀني چيو سائين ڪنوڻ تمام پري آهي. برسات جا آثار بہ ڪونهن. سو ماني کائي آرام سان اندر ٿيون. پاڻ فرمايائون تہ نہ هڪدم اندر ٿيو اجان ذڪر ٿيڙ اندر ٿيائي مس تہ مينهن اچي پيو. پوءِ تہ مينهن بس ئي نہ ڪري اها رات هليو پيو ڏينهن بہ ڏينهن شام جو ڪجهہ وقفو ڪري وري زور سان تيار ٿيو. ان وقت سومار نالي راهڙ اچي نڪتو جيڪو ٻنين ۽ مال جي سنڀال ڪندو هو. پاڻ ان کي ايندو ڏسي پڇيائون تہ سومار ڪر خبر. ان عرض ڪيو تہ سائين هاڻ تہ نڪو ٻنين ۾ سهڻ آهي ۽ نڪو مال ۾. فقير ولي بخش سائين جن چوندا هئا تہ پاڻ مون ڏي اشارو ڪري فرمايائون تہ اهي هن جا ڪم اٿئي هاڻ ٻئي گڏجي وڃي امام پاڪ جي پڙ ۾ دعا گهرو پوءِ اسان گڏجي وڃي دعا گهري. سومار باس باسي. هاٿي برسات نہ وسي ۽ فصل سٺا ٿين تہ هن سال فصل نقصان کان بچي سٺا ٿين. آئون هر سال محرم شريف ۾ هڪ پاڏو ۽ ديگ سيري جي نياز ۾ ڏيندس دعا گهري بس ڪئي سين تہ چند گهڙين ۾ نهيل برسات ائين ڌهي وئي جو ڄڻ هئي ئي ڪانہ پوءِ تہ ان سال فصل بہ تمام ڀلا ٿيا پوءِ ان سومار سڄي حياتي محرم شريف ۾ باسيل شيون هر سال باقائده ڏيندو رهندو هو.

برسات متعلق اهڙا ٻيا بہ ڪافي واقعا ٿيا جيڪي هتي اهي بہ ڏجن ٿا.

ڀيل قوم سندن معتقد هئي هڪ دفعي پاڻ ڀيلن ۾ مسافري تي ويل هجن جتي سندن دعوت هئي ان ڳوٺ ۾ هڪ لاکو نالي ڀيل رهندو هو جيڪو تمام غريب هو ۽ ڪيس پٽ جو اولاد نٿي ٿيو نياٽيون ڪافي هئس پاڻ جڏهن اتان روانا ٿيا تہ اهو لاکو اچي سندن پيرن تي ڪريو تہ سائين دعا ڪريو غريب بہ آهيان اولاد نرينہ بہ نٿو ٿئي ائين چئي سندن پير پڪڙي ڪريو پيو رهيو پاڻ ڪافي دير ماٺ ڪري ويٺا هئا پوءِ هن کي اٿاري چيائون هئين تہ لاکيو پر هاڻ توکي ٿا ڪريون لاکو چار ست پٽ ٿينديئي پوءِ تہ ان لاکي جو اوج ماٺهن اکين سان ڏٺو ست پٽ بہ ٿيس پنهنجيون ڪافي مينهون ڪافي ڍڳن جا جوڙا سڄي عمر وڏي نٽ سان رهيو.

ٻيو وري سومار نالي ڀيل جيڪو اڃا زندهہ آهي ان جا والدين گذاري ويل هجن پاڻ پنهنجي چاچي سان گڏ رهندو هجي فقير سائين سندن ڳوٺ ويا تہ هن

سندن جام خدمت ڪئي آخر ٻئي ڏينهن اتان واپس مڪان تي اچڻ لاءِ اسريا ته اهو سومار به گڏ آين هتي ڏينهن به رهڻ بعد جڏهن واپس روانو ٿيو ته فقير سائين جن سڏي چيس ته ابا ٽن ڏينهن ۾ تنهنجو منگڻو ٿيندو هن کي ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه اچي ته آئون يتيم چاچو ماني مس ٿو کارائي مون کي ٿو سنگ ملي سو به ٽن ڏينهن ۾ ڳالهه عقل ۾ نه اچي خير اهي سوچون ڪندو واپس ويو.

سندس چاچي پنهنجي پٽ لاءِ سڱ جي گهر ڪئي هئي سو ڪجهه ماڻهو ان جو مڱڻو ڪرڻ لي ويا هي به انهن سان گڏجي ويو. اتي پهتا ته جنهن مائي جي ڇوڪري هنن ورتي ٿي ان مائي پڇيو ته هي ڪنهن جو ڇوڪرو آهي ٻڌايائون ته جنهن ڇوڪري لاءِ سنگ وٺون ٿا ان جو سئوٽ يتيم آهي هنن سان گڏ رهندو آهي مائي چين ته مان پنهنجي ڌيءُ ڏينديس ته هن ڇوڪري لاءِ ڏينديس نه ته بس.

پيل ڪاوڙ جي پيا ته سنگ جنهن لاءِ گهريو سون ان لاءِ ملي، نيٺ جڏهن معاملو حل نه ٿيو ته مائي چين ته ناراض نه ٿيو مون وٽ بي به ڇوڪري آهي اها به اوهان کي ٿي ڏيان ڇوڪري لاءِ پر هي ڇوڪري آئون هن کي ڏينديس پيل وري واپس موٽيا سومار جي چاچي سان صلاح ڪرڻ ان کي سچي حقيقت ٻڌايائون ان چين ته ماڻهن کي ته هڪڙو سنگ به ڏکيو ملندو آهي پاڻ کي جي ٻه سنگ ٿا ملن ته کهڙي ڪس آهي. سڱ وجي وٺو واپس اچي مڱڻا ڪيائون ائين ٽن ڏينهن جي اندر سومار جو مڱڻو ٿيو پوءِ اها شادي ٿي جنهن مان ڪافي اولاد ٿيس وڏي ڪيڙ جو ڌڻي ٿيو وينو آهي.

رحيم يار خان جي پاسي جو هڪ برڙي فقير هو مرشد سائين جو مريد هو فقير سائين سان محبت رکندو هو ۽ کين چوندو هو ته ڪڏهن اسان جي طرف هلو اسان جي دعوت ڪائو پاڻ چوندا هئا ته ابا ڪڏهن اچبو هڪڙي دفعي هن ڪافي اچي زور ڀريو ته هاڻ اوهان کي هلڻو پوندو مهرباني ڪري هلو ته پاڻ فرمايائون ته اسين ته اوهان جي ڳوٺان ٿي آيا آهيون هن چيو ته نه سائين اوهان اچو ۽ اسان کي خبر نه پئي اهو ٿي نه ٿو سگهي اوهان مهرباني ڪري هلو نيٺ پاڻ هن کي سندس ڳوٺ جا مڪمل پار پتا ڏنائون هو حيران ٿي ويو ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه اچيس تفصيل لاءِ عرض ڪيائين پوءِ پاڻ وضاحت ڪندي

Scanned with CamScanner

فرمايائون تہ اسين اوهان جي ڳوٺ مرشد نوح فقير رحمت الله عليه جن سان گڏ آيا هئاسين.

اهو هڪ روحاني سير هو جنهن جو ذڪر پاڻ پنهنجي هڪ ڪافي ۾ ڪرڻ فرمايو آهي.

ٿل: دل ڪيو ديدار فقيرن جو فقيرن جو

1. ويس جني جو ڪٽيون ڪاريون، سر مٿي دستار

2. نالو مجنُون ٿي نوح رح فقير جو سرور هو سردار

3. حال سندن مسڪين نماڻون پوڇت بيشمار

4. ڪئي مجلس ارواح انهن سين ٿيو ملاقي منٺار.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ پاڻ ويجهو ئي ڪنهن دعوت ۾ ويل هئا اتان ٿي صبح جو موٽيا تہ گهوڙي تي آيا پئي گهوڙو پاڻهي پئي آيو پاڻ ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺا هئا ڳوٺ پهتا تہ فقير سائين (فقير ولي بخش) گهوڙو جهليو پاڻ گهوڙي تان لهي ان ئي حالت ۾ جيئن هيٺ ڪنڌ هون تيئن پنهنجي ڪمري ۾ کٽ تي اچي ويٺا فقير سائين گهوڙو ٻڌي سنج لاهي رکي اچن تہ پاڻ کٽ تي بہ ان ئي استغراقي واري حالت ۾ ويٺا آهن فقير سائين بہ ڪجهہ دير تہ بيهي رهيا پوءِ پڇيائون تہ سائين جي طبيعت تہ ٺيڪ آهي سندن ڳالهائڻ تي پاڻ ڇرڪ ائين پريئون جيئن ماڻهو ننڊ مان اوچتو سجاڳ ٿئي فرمايائون تہ طبيعت تہ ٺيڪ آهي پر رات هڪ ڪافي ٻڌي سون ان ڪافي اتي وجي ڇڏيو جتان هينئر اوهان واپس آندو آهي. فقير ولي بخش سائين کي اها ڪافي بہ ياد هئي.

ان کان علاوه ڪيترا اهڙا واقعا بہ ٻڌجن ٿا تہ ڪڏهن ڪو ماڻهو زور پيو ڏيندو هو تہ ڏسندو هو تہ فقير صاحب جن کٽ تي آهن ئي ڪو نہ اچا ان حيرت ۾ ئي هوندو هو تہ وري ڏسندو هو تہ پاڻ تہ کٽ تي آرامي آهن ۽ هو حيران ٿي ويندو هو. ڪپري جا مشهور واڻيا هئا جيڪي پيرواڻي سڏبا هئا ان ۾ ڇڇلو نالي هڪ وڏو سيٺ هوندو هو ان جي ڪنهن ڳالهہ تان فقير سائين سان اڻبڻ ٿي پئي جڏهن سيٺ سندن سمجهائڻ سان نہ سمجهيا تہ پاڻ شعر چيائون تہ:

پير واڻي ٿيا پاڙي ڪٽي ڪيوي جي ڪيـاڙي
ڇڇلو آهي ڇپ شهر جي هٽي ڪتي جيئن ڇاڙي
هاڻ ڪولو ڪلڙن سان گڏجي وجين وڃائيندو تاڙي

پوءِ تہ انهن سيئين جي حالت خراب ٿي ماڻهن ڏٺو جو اهو ڇچلو ڪڌڙن سان وچين ڳڏيو ۽ تاڙيون وڄائڻ لڳو پوءِ تہ واڻين اچي ميڙون منٿون ڪيون ۽ معافيون ورتيون تڏهن وڃي انهن تان مصيبتون لٿيون.

پاسي واري ڳوٺ ۾ پريو نالي راڄڙ رهندو هو اهو هميشہ پيو ڪين تنگ ڪندو هو ۽ پاڻ بہ پيا برداشت ڪندا هئا هڪ دفعي پريو صوفي فقير ڏي مال چاريندو وڃي نڪتو صوفي صادق جو ميلو هو ماڻهو اوڏانهن پئي ويا هن اتي باقاعده بيهي صوفي فقير جي شان ۾ گستاخي ڪندو هو ۽ ايندڙ ويندڙ عقيدتمندن جي دل آزاري ڪرڻ لڳو اتفاق سان سندس مال وڃي فقيرن جي ٻني ۾ پيل ڪئي فقيرن جي ماڻهن مال ڪاهي وڃي ڦابو ڪيو هي مال ڇڏائڻ لاءِ فقيرن وٽ ويو تہ ماڻهن اتي ٻڌايو تہ سائين هي اهو شخص آهي جيڪو صوفي فقير جي شان ۾ گستاخي ڪندو آهي. فقير صاحبن هن کان خبرچار وٺي ڪيس مال سوڌو عزت سان روانو ڪيو چيائون تہ ابا پوءِ بہ هي آهي تہ منٺار فقير جي ڳوٺ جو نہ فقير سائين جا صوفي فقيرن سان ڪافي دوستاڻا ناتا هئا اها خبر ڪين پئي تہ ڏاڍو دل ۾ ٿين جڏهن پريي جون حرڪتون حد ٽپي ويون تہ پاڻ هڪ ڏينهن فرمايائون تہ:

پريي ڪي پارڪر مان پير ڪيندو پر
چڙهيو ڪاري ڳڏهہ تي ڪندو ويندو خر خر
اتي ويندو آخر جتي منهن نہ هوندو ماڻهين.

ان بيت چوڻ سان پريو اوچتو گم ٿي ويو مائٽن ڪافي ڳولا ڪئي نيٺ ننگر پارڪر مان ڏس مليو تہ ان پارن سان همراهہ ڳڏهہ تي چڙهيو هتان پئي ويو پوءِ تہ مائٽن اچي فقير سائين کي منٿون ڪيون تہ سائين ڪيئن بہ ڪري پريي کي واپس آڻيو گهڻي زور پرڻ سان وري بيت چيئون تہ:

پريي ڪي پارڪر مان والي واريندو
ڪاٺي ڪان ڪاريندو ڏيندس منهن مکي ڏي.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ خبر پئي تہ پريو موٽيو سهي پر ڳوٺ کان پري ٿي ڳڏهہ تي چڙهيو لنگهي ويو ڳوٺ ڪونہ آيو پوءِ مکي ٻيلي ڏي جيڪو سانگهڙ جي پاسي آهي اتي ڏسائيندو هو ۽ اتي ئي گذاري ويو.

پاسي واري ڳوٺ ۾ هڪ ٻيو شخص حامد خان نالي رهندو هو جو تنگ ڪان منهو هوندو هو ۽ ملان ٽائيپ هو فقير سائين جن محرم شريف تمام غم ۾ گذاريندا هئا مرثيہ خواني وغيره ڏيندي هئي ننگر هلندو هو ماڻهو بہ تمام جهجها ايندا هئا اهو ملون حاميد ماڻهن کي پيو ورغلائيندو هو ۽ امام پاڪ جي غم ڪرڻ کان پيو منع ڪندو هو اهي شڪايتون فقير سائين وٽ بہ پهتيون هڪ دفعي محرم شريف ۾ مڪان تي مرثيہ خواني ٿي رهي هئي تہ اهو حامد اتي اچي نڪتو پڙهائي مٿي مڪان تي ٿي رهي هئي هن هيٺ اچي گوڙ شروع ڪيو جيڪو ماڻهو هيٺ لهي تہ ان سان تقرير ڪٽيو شروع ڪري نيٺ تنگ ٿي ماڻهن اها خبر مرثيہ خواني هلندي فقير سائين کي ڏني تہ پاڻ ان وقت جيڪو مرثيہ پڙهي رهيا هئا ان ۾ ئي هڪ سٽ جو واڌارو ڪري شعر ۾ ئي چئي ڇڏيئون مصرع هئي غالبن ڪجهہ هن طرح:

سڀ مومنا لعنت ڪريو شمر تنهن شديد تي
سڀ مومنا لعنت ڪريو عمر ۽ ٻي عبيد تي
سڀ مومنا لعنت ڪريو ان منڊڙي ملي حامد تي.

مرثي خواني ۾ لعنت جي ذڪر تي ويٺل حاضرين بيشمار هڪ آواز ٿي چوندا آهن سو ان سٽ تي بہ سڀني بيشمار چيو اهو حاميد واپس ڳوٺ رسيو مس تہ اچي تڪليف ورتس پوءِ تہ ڪافي ماڻهن ان جي بڇڙي حالت ڏٺي ڇُڙي ڇُڙي مئو.

ڪپرو ميرپور خاص روڊ تي ڪپرو کان پنج ڇهہ ڪلو ميٽر تي موڙ جي پاسي ۾ هڪ ڦٽل مسجد اجا بيٺي آهي اتي ٻڌجي ٿو تہ زڪريي نالي هنگورجي جو ڳوٺ هو جو تمام وڏو زميندار هو ان جي پائيتي عليم نالي فقير سائين جي واسطي وارن ماڻهن کي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو ان جي شڪايت تي فقير سائين هن کي گهرائي چيو تہ وڏيرا اها روش ڇڏي ڏي پر هو نہ مڙيو وري ٻي دفعي بہ هن کي سڏائي سمجهايائون تہ ابا فقيرن کان پاسو ڪر ٻيو گهٽيئي ملڪ پيو آهي هو وري بہ نہ رهيو تہ پاڻ هي بيت چيائيون.

عليم ٿي انسان ڇو ٿيو آهين بي ايمان
پيڙهي وڃائين ٿو پٺهين پنيل جي پوءِ ٿينديئي ارمان

هو پوءِ بہ نہ سمجهيو ٻڌجي ٿو تہ بس ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ هن عليم جو تہ گهر ئي ختم پيڙهي ئي ختم ٿي وئي پر سڄو ڳوٺ نيست و نابود ٿي پڙو ٿي ويو اها مسجد شريف اجا بيٺي ان واقعي جي شاهدي ڏي.

Scanned with CamScanner

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ سندن ڪنهن واسطيدار ڪي بخار ٿي پيو ڏهن ايترا ڊاڪٽري علاج ڪونہ هئا سو ان ماڻهو فقير سائين جن ڏي ماڻهو موڪليو تہ بخار لاءِ سڳو ڪري ڏيو پاڻ سڳو وٽي ڏنائون پر بخار ڪونہ ڇڏيو وري ماڻهو آيو پاڻ وري سڳو ڪري ڏنائون تہ بہ بخار ڪونہ ڇڏيو آخر ٽيون دفعو ماڻهو آيو تہ سائين بخار ڇڏئي ڪونہ ٿو وڃن ان وقت طالبن مان جيڪو ويٺو هو ان کي فرمايائون تہ سڳو ڪٺي وٺ ۽ هر ڳنڍ تي چوندو وڃ تہ تپ ڙي تپ ڇڏين تہ ڇڏ نہ تہ آيين آڳوننٽي تان هن ائين چئي سڳو وٽي ڏنو اهو سڳو رسڻ سان بخار ڇڏي ويو.

هنگورني جي شهر ۾ هڪ ڪنڀار کين دعوت ڏئي وٺي ويو ان ڪنڀار جو پاڙ ملون هو پاڻ ان وقت ۾ مقرر تائيمن تي ناد وڄائڻ جو ورد ڪندا هئا پاڻ ناد وڄايو تہ اهو ملون اچي پنهنجي پاءَ تي ڪاوڙيو چي هي کهڙا فقير آندا اٿئي جي کهڙا پيا شيطاني آواز ڪن فقير صاحب جن اهو تڪرار ٻڌو پي سو پاڻ ان ملي کي سڏي چيائون تہ ابا جي هيءَ آهي شيطاني آواز تہ اڳتي الله سائين پناهہ ڏيندو جي آهر رحماني آواز تہ خدا توکان بہ ڪرائيندو خير پاڻ ڪچهري ڪري آرام ٿيا. سڀ ماڻهو وڃي ستا فقير سائين جن جي سراندي ڪان ڪندري ۾ ناد تنگيل هوندو هو آڌي اٿر ڌاري اهو ملون اٿيو ۽ اچي ناد لاهي وڄائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ۽ ناد وانگر وات مان آواز ڪڍڻ لڳو تہ فقير سائين جن جاڳي پيا ۽ چيائون ابا هي چالو ڪرين ڇو اچي شيطاني ڪمن ۾ هٿ وڌو اٿئي. هو ستو اچي پيرن تي ڪريو چي سائين مون کي معاف ڪريو بخش ڪريو مون کان وڏي خطا ٿي وئي ٻڌجي ٿو تہ اهو ڪنڀار پوءِ جيترو وقت جيئرو هو وات تي ناد وانگر هٿ رکيو ناد وانگر آواز ڪڍندو وتندو هو پيا دنيائي ڏنڌا سڀ ڇڏائي ويس.

سندن دنيا مان برقعو مٽائڻ جو واقعو بہ عجيب طرح جو ٿيو.

فقير سائين جن پنهنجو قبو ۽ مسجد شريف پاڻ انهيءَ جاءِ تي تعمير ڪرايائون جتي ڪنهن وقت سرڪار محمد زمان سائين جن جا تنبو لڳندا هئا.

پاڻ پنهنجي مزار مبارڪ بہ پنهنجن هٿن سان تعمير ڪرايائون جيڪا ان ئي حالت ۾ اڄ تائين موجود آهي. سن 1353هہ 1935ع جي رمضان المبارڪ واري عيد پڙهي پاڻ سڀني عزيز و اقارب ڪئي درگاهہ شريف تي وٺي آيا ۽

ٻڌايائون تہ هي اسان جي آخري آرام گاھ آهي اسين هاڻ اوهان وٽ ڏھ ڏينهن مهمان آهيون ان بعد 10 شوال تي بہ سيني کان موڪلايائون ڪچهري ۾ سڀني کي اجازت ڏنائون تہ وڃين آرامي ٿيو صرف فقير ولي بخش سائين جن کو نہ ويا ۽ اتي ئي ويٺا رهيا پاڻ کير گهرائي پيتئون ۽ ڪٽي اوڍي سٺا ٿي ستا فقير ولي بخش سائين سيراندي جي پاڳي وٽ ويٺا تہ ٽي دفعہ ڪلمي جو آواز ٻڌائون ان طرح فقير سائين جن راھ رباني ڏي راهي ٿيا.

فقير ولي بخش سائين جن اٿيا تہ ڳوٺ وارن کي اطلاع ڪجي تہ يعقوب نالي راڄڙ جيڪو ڳوٺ جو فرد هو سو تکو تکو پيو اچي ۽ هڪدم پڇيائين تہ فقير سائين جي خبر ڏيو پاڻ ٻڌايائون تہ فقير سائين جن جو لاڏاڻو ٿي چڪو آهي ان تي ان يعقوب ٻڌايو تہ مون هينئر خواب ڏٺو تہ مرشد امين محمد سائين پکن ڏٺين جن آيا آهن ۽ فقير سائين جن کي گڏ وٺي روانا ٿيا تہ مون کي سجاڳي ٿي ۽ سڌو اچان پيو ان طرح سندن چيل هنن ٽن ڏهرن حقيقت جو روپ ورتو.

سٺين سوالين سڏڙا اچي لهندو سرور سار سڀن
ڇڏائيندو ڇيهن کان توھہ ڪري سان تن
مرڻ وقت منٺار ڇئي اچي مرشد بيهندو من
لنگهائيدو لکيون اچي حضرت ساڻ هٿن
ڪلمون جي بہ ڪهن اهي ڇٽندا ايمان سان

سٺي سوالين سڏڙا اچي حضرت ٿيندو حمات
رحمت جي راڄڙ ڇئي اچي پلي ڪندو برسات
پوءِ گڏيندو هن گولي کي بہ سندس ساڻ جمات
ڪلمون قلبئون وات ڇئہ تہ چگائي ٿئي.

سٺي سوالين سڏڙا سائين امين محمد ايندو
دلاسا دل کي اچي ڏڃ وڏا ڏيندو.
مرڻ وقت "منٺار" ڇئي اچي سائين سرور ٿيندو
هيءَ نماڻي نيندو! پلئہ لاءِ پانهنجي

Scanned with CamScanner

ڪافي.1

ٿلهہ: اول الله جي تعريف، آهي ڪل ني ڪتابن ۾.

1. ٿا چون ارڙهن هزار عالم، پر آهي بي انت بي مالم[1]،
ناهي قدرت جو لکي قلم، اهو سچوئي بيان بابن ۾.

2. جيڪا خلقت خداوند جي، ڪن سڀئي ساراهہ خاوند جي،
تہ بہ پوي ڪل ڪانہ تن حد جي، توڙي صالح ثوابن ۾.

3. آهي قدرت سنديس ڪافي، ڪندو تنهن جي ڪير دريافي![2]
ڪڏهن موڙهن ڪي ملي معافي، ۽ ڪڏهن انبياء عتابن ۾.

4. توڙي پڙهيا پير پيغمبر، توڙي عاقل ۽ اڪابر،
توڙي سلطان ۽ سڪندر، ٿو اچي هرڪو حسابن ۾.

5. اڙي "منٺار!" ڪر زاري، پائي ڳل پانڌ ڳچيءَ ڳاري،
تنهنجو وس ناهي اختياري، تون بہ وجي ٿيندون خوابن ۾.

ڪافي.2

ٿل: عقل انسان جو چاهي، الله بي انت رب آهي.

1. سمورو بيان هي بندو، تنهن جي تعريف ڪيئن ڪندو،
ڪونهي ساراهہ جو سنڌو، ڪنڌي قلزم جي ناهي.

2. ڏهاڙي معراج جي محمد، ڏٺا اٿ ڪئين پريل احمد،
ڏرايا سامان جن تي صمد، ڪيائون معلوم ڪلف لاهي.

3. اها ڪانهي معلوم ملڪن کي، ۽ سڀ سڌ ناهي نبين کي،
وري پوندي ڪيئن پروڙ پوءِ ٻين کي، جتي ڏاهپ هلندي نہ ڪنهن ڏاهي!

4. ڪونهي ڪو شمار قدرت جو، آهي سو مڪان عبرت جو،
پاڻ حڪيم حڪمت جو، لک ٿاهيو، ٿو لک ڍاهي.

5. چوي "منٺار!" مالڪ جي، خبر پوي نہ خالق جي،
اونهي رمز رب رازق جي، ڪير پڇندا ڪٿي ڪاهي!

---

[1] مالم = معلوم

[2] دريافت

ڪافي.3

ٿلهه: تو منجهه رب پاڪ آهي رهندڙ، جنهن لاءِ ڳوٺ ڳولين ٿو.

1. ونحن اقرب، اها آيت، آهي رب پاڪ جي روايت،
پڇي ڏس معنيٰ ۽ ماهيت، پي ترازي ڪوهه تولين ٿو؟

2. تو ۾ تڪيو آهي تنهنجو، ڪشالو پنڌ پري ڪنهن جو؟
پروڙج پاڻ تون پنهنجو، ڇو وڃيو هنڌ ٻيا وڙولين ٿو؟

3. سري ۾ سر سڃاڻج تون، رمز رندن جي ڄاڻج تون،
ملڪ مردن جو ماڻج تون، ڇو اجايا خيال اولين ٿو؟

4. مري ڏس هاڻ "منٺارا" مرڻ ڪان اڳ مهنديارا،
ڏسڻ ڏينديءَ نه ان ڏارا، ڇو ٻين رڱن ۾ روح روليِن ٿو؟

ڪافي.4

ٿلهه: فڪر ڪر تون فقيريءَ جو، دلق ڏاڳن ۾ ڇا هي؟

1. نڳيءَ جا ناهه نه ڇڏيئين، خدا سان روح نه گڏيئين،
اجايا خيال ڇو اڏيئين، پنڻ لاڳن ۾ ڇاهي؟

2. دنيا جي لاءِ ڪيئه دستور، سڪڻ وارو نه توکي سور،
ٻڌي مٽڪا ٿيون مغرور، تڳن تاڳن ۾ ڇاهي؟

3. ماٺهن مهندان مڪر ڪرينئين، خدا جو تون نه فڪر ڪرئين،
۽ ڪوڙيءَ دل سان ذڪر ڪرينئين، ٺلهن جاڳن ۾ ڇاهي؟

4. مديءَ ڪان تونه منهن موڙيو، نڪي پنهنجو نفس نهوڙيو،
۽ دعوتن تي وڃين ڊوڙيو، ان چڪڻ ڇاڳن ۾ ڇاهي؟

5. سمجهه "منٺارا!" تون من سين، طلب رب جي ڪجان تن سين،
سڻج نصيحت هيئين جي ڪن سين، ته رڳن راڳن ۾ ڇاهي؟

ڪافي.5

ٽلهه: الله جو عاشق ڇوائين تان، رضا تي ڏينهن رات ٿي راضي.

1. رضا تي حسنين سونهارا، هليا نوبت هڻي نارا[1]،
شهيد ڪربلا وارا، مڃي فرمان ويا غازي.

2. مرد منصور ٿي آيو، سوريءَ تي جنهن سر سنياهيو،
رضا جو سچ رکي رايو، قبولي ڪيائين موت ڪار سازي.

3. رضا تي ٿيو شمس خوشحالي، بنان ڪل ٿيو اتي خالي،
ڇلائي ويو اها چالي، نه ته کهڙي قدرت هئا قاضي.

4. ”منٺار“ رب جي ونج مرضي، گنوائي ٻي سڀئي غرضي،
متان لالچ ۾ تون لرزين، متان سڪ لاءِ ڪرين آزي.

ڪافي.6

ٽلهه: اول خلقيو خدا منهنجي نبيءَ جو نور موچارو.

1. سيد جو نور سبحاني، لکين ورهن ته سيلاني،
ڪڏهن ياقوت ۾ جاني، ڪروڙين ورهن قطب تارو.

2. اتان بحرن اندر آيو، سمونڊن کي سيد ڻاهيو،
اتان رب پاڪ ڪيس رايو، الله اهڙو ته اشارو.

3. ته ڇنڊيو پڪ نور پيارا! ٿين پيدا شغل سارا،
قلم، ڪرسي، قمر، تارا، پيدا ٿئي شمس سونهارو.

4. منجهان تن نور جي قطرن، پيدا ڪيئين مڙن کي ملڪن،
زمينون، عرش، آسمانن، پيدا ٿيو جوڙ جڳٽ سارو.

5. منجهان تنهن عالم انسانا، منجهان تنهن حورن غلمانا،
منجهان تنهن دوزخ بهشتانا، پيدا ٿيو چيز چوڏارو.

6. منجهان تنهن نور نبين جو، منجهان تنهن بحر علمن جو،
توريت، زبور، پڻ تنهنجو، انجيل، فرقان سونهارو.

7. وڏي قدرت سان خاوند جي، اعليٰ ڪيئين عزت محمد جي،
ناهي ڪا ڳالهه ڳڻڻ حد جي، سارينداو ڪير شمارو؟

8. سوالي تنهن نور سرور جو، مٺي محبوب منور جو،
دامنگير يار دلبر جو، ٻانهو ”منٺار“ ويچارو.

---

[1] نارا = نعرا.

ڪافي.7

ٿلهه: صورت محبوب جيءَ موهيو، دنيا ۽ دين ويا وسري.

1. لڳو جڏهن نينهن جو نعرو، ٿيو هيو خيال سڀ ڪارو،
قرابت ۽ ڪٽنب سارو، ننگ نسب نشين ويا وسري.

2. شراڪت ڪان شرم ويڙو، برهه آيو پرم ويڙو،
نهوڙي نيهن نرم ڪيڙو، هيو طمعائون تخمين ويا وسري.

3. پوي نـ مت ياد مرشد جي، وسري شريعت محمد جي،
خبر تل پوي نـ خاوند جي، جو الله عالمين ويا وسري.

4. چوي "منٺار" دل من سين، ڪو طلسم چٽ ٿيو تن سين،
سٽڻ سمجهڻ ويو ڪن سين، عقل علم آمين ويا وسري.

ڪافي.8

ٿلهه: زليخا جو ذڪر سُڻ تون، اثر عاشق پرائين جي!

1. همت ڏس هير جا ڪيڙي، نهوڙي نينهن سا نيڙي،
پاسي پرين جي سا پيڙي، تون سچي لنءُ عشق لائين جي.

2. مجنون هو محو ٿيڙو، لڪي ليليٰ ۾ ويڙو،
فنا محبوب ۾ ٿيڙو، پرت انهي پير پائين جي!

3. شيرين فرهاد جو نعرو، سٽي سمجهج سپوئي سارو.
اهو تولاءِ اشارو، تندون توڪل وڄائين جي!

4. لڪين عاشق هٺا اهڙا، قصاتن جا ڪريان ڪهڙا،
تون پڻ ڪٽجان قدم تهڙا، سانگو سر جو وڃائين جي.

5. مرد "منٺار" جي ٿيئين، تـ پيالو پريم جو پيئين،
"موتوا قبل ال[1]" مري جيئين، قرب ايهين ڪمائين جي!

---

(1) موتو قبل ان تموتو = مرڻ کان اڳ مرڻ.

ڪافي.9

ٿلهه: حقيقيءَ حال کي هوشيار، صفاتيءَ مئون سڄاڻن ٿا.

1. صفاتيءَ ۾ رکي صحبت، حقيقيءَ جي ڏنئون حُڪمت،
ماڻيون ذاتيءَ جي محبت، وري پرئين پند کي پڇاڻن ٿا.

2. ڪري ثابت سچي شريعت، طريقت ۾ ڪيون طبيعت،
حقيقت جي گهمن حڪمت، معرفت موج ماڻن ٿا.

3. فنا في الشيخ جي اولي، رسوليءَ کي رسيا ڳولي،
فنا في الله ٿيا ڦولهي، اهي احد اثبات ڄاڻن ٿا.

4. پڇ "منٺار" مردن کان اهي خبرون عشاقن کان،
سکج رمزون کي رندن کان، جي فنافيءَ ۾ روح رسائن ٿا.

ڪافي.10

ٿلهه: محبت جي ڇڪ منهنجي من کي، صفاتي يا آهي ذاتي؟

1. صفاتيءَ ۾ ڏٺير صورت، موهيس محبوب جي مورت،
پون دل تي لکين پورت، قرب جي قلب تي ڪاتي.

2. بنان مطلب آهيان موهيو، رمز ڪنهن روح کي رهيو،
قابو ٿيس قيد بي ڏوهيو، ڇٽڻ مشڪل ٿير ڇاتي.

3. وساريان تان نه مون وسري، عشق جي پڙڪ ٿي اسري،
پرت پلپل پئي پسري، مٿي منهنجي روح ڏينهن راتي.

4. هلي تدبير نان تنهن تي، عقل جي جاءِ نا جنهن تي،
مڙي مصلحت نا ٻي ڪنهن تي، جهلينندن ڪون پائي جهاتي.

5. موهيو "منٺار" من محبت، حسن جيءَ ڪيو فنا حيرت،
نجان[1] ڪهن جي آهي قدرت، ظاهر انسان اثباتي.

---

(1) نجان = نه ڄاڻان.

راڳڻي ڪليان　　　　　　　　　　　　　　　　تار تين تار

ڪافي.11

ٿلهه: آهيان منجهه غير جي دريا اڪارج يارسول الله!

1. گناهن ڪيس غرقاني، تون ڪر مشڪل آساني،
مون ڪي پنهنجي پاڪ پيشاني ڏيکارج يارسول الله!

2. هٿان منهنجي ڏوهه هزار ٿيل، چيم ڪلمون توتي ڪامل،
مون ڪي مجليس تو مرسل وهارج يارسول الله!

3. سٽج منهنجا سوال هي ڪارون، لهج سپ وقت ۾ سارون،
مون تان ملڪن جون پل ڪارون، تون ٽارج يارسول الله!

4. آهيان سوالي اوهان جي در جو، منگت "منٺار" سرور جو،
پيالو حوض ڪوثر جو پيارج يارسول الله!

ڪافي.12

ٿلهه: دنيا ساري فنائي آ، خدا جو نام بقائي آ.

1. وساري نا خدا ڇڏجي، دنيا سان دل نا گڏجي،
اجايو خيال ڇو اڏجي، اها عادت اجائي آ.

2. هئڻ هستي ڪٽي پڄجي، خدا وارن وٽ وڃجي،
سندين نصيحت چڱي مڃجي، اها صحبت سجائي آ.

3. عبادت ريءَ عمر ساري، غفلت منجهه تو گذاري،
سرت ڪرڪا خبرداري، تو ڪيئن پنهنجي ويل وڃائي آ؟

4. تون مڃ "منٺار" هيءَ نصيحت، تو ۾ ناهي ذرو وصيحت،
صبر ڪر تون جيڪس جمعيت، ڏاڍي سرڪار خدائي آ.

Scanned with CamScanner

ڪافي.13

ٽلهه: خداريءَ ٻي دنيا واري سنگت نبهي نہ سنساري.

1. وسارج ڪيــر مــالڪ کــي، خداونــد پــاڪ خــالق کــي،
پڇي ڏس ڪنهــن تــہ ســالڪ کي تــہ پيــا سڀ خيــال آهــن خــواري.

2. دنيــــا درڙي اٿيئـــي فــــاني، بقـــائي راهــــ رحمــــاني،
متـــان ٿئيـــن پـــوءِ پشـــيماني، ڪـــرڻ گهرجئـــي خبـــرداري.

3. پنهنجو ڪيئيــن پــاڻ پــڏائين تـــو، ڏٺـــي دل ســان نـــہ لاٿيـــن تـــو،
عمـــر ايئيـــن وڃـــائين تـــو، متـــان ٿيئـــي ســـڏ ســـرڪاري.

4. سمجهہ "منثــار" تــون ســچ کـي، ڦٽــو ڪــر ڪــوڙ ۽ ڪــچ کــي،
ڪــڍي ڇــڏ غيــر جــي ڳــچ کــي، تــون پڙهــ توبهـــ ڪــري زاري.

ڪافي.14

ٽلهه: توبهہ منهنجا ياخداوندا اسين بدڪار تنهنجا بندا.

1. پنهنجـــو ننـــگ پــاڻ تـــون ڄـــاڻج، شـــان پنهنجـــي کـــي ســـڃاڻج،
عـــدل تـــي عمـــل ڪيـــم آڻـــج، منهنجـــا ڪـــم مڙيئـــي آهـــن منـــدا.

2. حـــج عزازيـــل هئـــي ڪيـــڙي، ويـــرا تنهـــن ڪنـــا ويـــڙي،
ڪيـــر ڪنـــدو ان جهـــڙي، اســـين گنهگـــار آهيـــون گنـــدا.

3. عيبـــدار آئـــون آهيـــان، پـــاند ڳچـــيءَ منجهــــ پايـــان،
آئـــون نـــہ اميـــدڙي لاهيـــان، جـــو ڪـــرم پـــدم تـــو ڪنـــدا.

4. تـــون الله "منثـــار" جـــو آهيـــن، اٿـــم اميـــد توڏاهيـــن،
مـــون تـــان هٿـــڙو متـــان لاهيـــن، لطـــف ڪـــرج تـــون ســـندا!

Scanned with CamScanner

ڪافي.15

ٿلهه: مون ڪي ذرو زور جو ناهي، الله تنهنجو آسرو آهي!

1. حرص گهٽيئي ڪي هيڙهم، وري وٺان مون ويڙهم،
ڪوڙ: هوا قدر پيڙهم، بانور بندي جو چاهي!

2. تڪبر ڪان اٿم زاري، توبهه نصوحي واري،
بخش خطا تون باري! مون تي احسان اوباهي.

3. حج توساڻ ناهي ڪنهن جي، توبهه قبول ڪر منهنجي،
مون تي ڪر ٻاجهه تون پنهنجي، جو فضل سجوڙو ڪم ناهي.

4. چوي "منٺار" ويچارو، ٿيس گنهگار آئون سارو،
آهيان منجهه قول ڪائيارو، نجان پنهنجو ننگ نيباهي.

ڪافي. 16

ٿلهه: ڏٺم محبوب منهنجي ۾، عجائب نور نوراني.

1. ڪنؤن اڳري قمر شمسن، سونهاري جوت سان جلون،
ڏني سامون، هني چشمن، پرينءَ جي پاڪ پيشاني.

2. صورت ۾ يار آهي سهڻو، سندس ديدار من مهڻو،
ڪماني يار قلب کهڻو، جو ڪري مشتاق مستاني.

3. عجائبي نور آهي عبرت، ڪماني يار واهه قدرت،
حسن سهڻو سندو حضرت، ڏسي ٿيم حال حيراني.

4. متان "منٺار" محبوبن، صدقي سو وار تان سڄڻن،
گهوري پنهنجو پاڻ تون پرين، ڪري سر ساهه قرباني.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 17

ٿلهه: فڪر ۽ غم درد. گوندر مليو ڏاجو فقيرن کي.

1. جنين سر عشق هو آيو، تنين سک سانگ سڀ لاهيو،
ڪشالو قرب تني ڪاهيو، ڇڪيائون ڇاڪ ڇيرن کي.

2. ملڻ محبوب جي ڏارا، ٿيا پيا خيال تن ڪارا!
اندر وهلور ويچارا، ڇڏي عيشن اڪسيرن کي.

3. سچڻ لئه سور قبولين ٿا، ورهه وهلور قبولين ٿا،
گوندر معمور قبولين ٿا، ۽ قبولين تقديرن کي.

4. "منٺار" وٺ راهه مرداني، طلب ديدار صبحاني،
پيا ديدار سڀ فاني، تون طلب ديدار قديرن کي.

ڪافي. 18

ٿلهه: لاڳاپن لوڪ جن جهليس، پنهل! ڪج منهنجي پوئواري.

1. پيس پنهور جي بنين ۾، قابو ڦاٿي آهيان تن ۾،
دنيا جي لوڀ ڏنڏن ۾، آئون خسارن نفس جن ڪاري.

2. ٿيس ضعيف بيزوري، گهمان تولئه پيئي گهوري،
مون ۾ طاقت ناهي توري، اچي ڏج دوست! دلداري.

3. هيڙي هن حال منهنجي جي، اندر احوال منهنجي جي،
خبر سڀ خيال منهنجي جي توکي معلوم سڀ ساري.

4. چوي "منٺار" سڻ هادي! عرض منهنجو هيءُ فريادي،
اچي ڪر يار! امدادي، مدد ڏج مون کي موچاري.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 19

ٿلهه: مون سان مولىٰ مهربان تون ٿيءُ مون سان مولىٰ مهربان،
اي رب رحمي تون هين رحمان!

1. تون آهين مولىٰ مالڪ منهنجو، خلقڻ وارو خالق منهنجو،
سٽ سيکاريندڙ سالڪ منهنجو، آئون تنهنجو شاگردان.

2. تون آهين وارث منهنجو والي، آئون آهيان صاحب! تنهنجو سوالي،
سوالي چوايم، ڇڏج م خالي، دهرو ڏيارج تون مونکي دان!

3. منهنجن عيبن ڏي م نهارج، تون ننگ پنهنجو پارس پارج،
منهنجو ترهو توهه سين تارج، شاهي سجاڻج پنهنجو شان.

4. چوي "منٺار" مداحي تنهنجو، گولو غلام گدائي تنهنجو،
۽ سوالي سائل سدائين تنهنجو، ته منهنجو مشڪل ڪر آسان!

ڪافي. 20

ٿلهه: مٺن، منهنجن مارن کي، ٻجهان[1] وسري آهيان ويڙي.

1. قضا قسمت سين ڪوٺن ۾، اچي منڊيس محلن ۾،
بيحد بيران بنگلن ۾، تن ٿاريلن ريءَ آئون ٿيڙي.

2. پنهنجي وس ۾ اصل ناهيان، جو هنر حيلو ٻيو هلايان،
لکئي مان ڪيئن زرو لاهيان، جو قسمت قيد آئون ڪيڙي.

3. اصل ان جي هيس ڇائي، پوءِ رضا رب جيءَ سين هت آئي،
جو قدرت ڪانه ٿيم، ڪائي، جو اچي پرڏيهه ۾ پيڙي.

4. چئي "منٺار" منهنجي من ۾، اچا هيءَ آس هن سن ۾،
ته ونديس پنهنجي وطن ۾، اتم اميد ڪا اهڙي.

---

[1] ٻجهان = سمجهان، پانيان.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 21

ٿلهه: ٿيو. الست بربڪم آواز، "قالو بلا" قول تو ڪيڙو.

1. چوي فرمان ثابت سنئون، الدنيا جفـﮧ و طالبها ڪلابﮧ،
هي ڪتن لاءِ قوت آهي ٿيئڙو.

2. آهي محمد نبيءَ جو ڏس، تہ طالب دنيا جو ٿيندو مخنث،
۽ طالب العقبيٰ جو آهي مونث، اهو بہ مثال آهي اهڙو.

3. آهي چڱي سوداگري سچ جي، گهر نہ بازار ڪوڙي ڪچ جي،
اها رونق رديءَ رڇجي، چو وڪوڙي حرص تو ويڙو؟

4. موتو قبلہ مري پوءِ جيءُ، پيالو پريم وارو پيءُ،
۽ طالب المولىٰ مذڪر، ٿيءُ، م گهر "منٺار" مطلب پيڙو.

ڪافي. 22

ٿلهه: لا الله الا الله محمد الرسول الله،
چئو اَيءُ ڪلمون من تن دل مون!

1. برڪت محمد مير جي بنيو آدم صفي الله،
۽ بيڙي بچائي باجهہ جنهن جيءَ سين، نرمل "نوح" نبي الله.

2. آڙهہ چڙهيو ٿي، ڪلمون پڙهيو، ابراهيم خليل الله،
طور سينا وجيو ٿي، محمد مجيو مهتر، موسىٰ ڪليم الله.

3. ٿيو محمد جو، عبد احمد جو، درس دائود خليفة الله،
چئي ڪلمون هي ذاتي، ورتي حياتي عيسىٰ ابن مريم روح الله.

4. سوا لک نبين، ڪوڙ مريدن، مڃيو محمد ڪي دل لاءِ،
تون پڙهہ ڪلمون "منٺار" من مون، سان صلواة بسم الله.

Scanned with CamScanner

راڳڻي ڪليان

تار تين تار

ڪافي. 23

ٿلهه: وڃان ملڪ ملير ماڙيچن جي، وو! ٿي راضي ڏي رخصت، وي ميان وي!

.1 اصل اباڻن سان آهي، منهنجي سلي لاڪون صحبت، وي!
نيبهه شال ٿئي سانبهي، منهنجي مارن سان محبت، وي!

.2 ڏمر ڪير ڏيڪار اسان کي، حاڪميءَ جي حشمت، وي!
في سبيل الله جي نيت، آئون مسڪين ڏي مهلت، وي!

.3 وڻا آهن مينهن ملير ملڪ تي، رب سائين جي رحمت، وي!
مون کي موڪل ڏي تہ ڏسان ڏاڏاڻا، لاهہ ڪلف ڇڏ ٿهمت، وي!

.4 چئي "منٺار" ٿئي شل منهنجي، ڏانهن قريبن قسمت، وي!
ملان مان مارن کي مرڪي، حق پنهنجي جيءَ حرمت، وي!

ڪافي. 24

ٿلهه: دل دام وجهي دلبر ني اٿئي، ووڪري زوراور زوري، وي ميان وي.

.1 هڪ ڏهاڙي اڇي مئيءَ کي ماريئہ. ساڻ اکين اگهوري، وي!
صورت تنهنجيءَ سوين سمجهايا. آئون ڪا ڪامڻ ڳوري، وي!

.2 سا ڪيئن آڳ اجهامي آتش، جا چاهہ اندر تو چوري، وي!
روز روئڻ نت ماتم مون کي، هئي هئي ٻولي هوري، وي!

.3 سڪ اوهان جي ڪين لهي ٿي. آهي جهڄڻ ۽ جهوري، وي!
صبر ساعت اچي ڪيئن مون کي، جنهن کي لائہ لوري، وي!

.4 تون ڪر لائق، سڀ لڄ توتي، ۽ آئون نالائق نسوري، وي!
پورت پکي ڪڄ ميان "منٺار" جي، نہ تہ ڪچي آهيان ڪوري، وي!

Scanned with CamScanner

ڪافي. 25

ٿلهه: دل درد فراق ڦوڙائي ماري، جا درد وندي ان ڏارا، وي!

1. مون کي منهنجي تنهن محبوب سٽايا، نوبت نينهن نغارا، وي!
مستو مست ٿيو من مستي، هئي هئي جا هلڪارا، وي!

2. حڪم ڪري اڄي يار هٽي ويو، حسن جا هٽيارا، وي!
ڪجليون ڪان، دناليون ڇٽيون، پرون بنيس ڪٽارا، وي!

3. تان هوند دور سٽايان دل جا، جي هون ورونهڻ وارا، وي!
هئي هئي ڪوڪ سٽايان ڪنهن کي، سور اندر جا سارا، وي!

4. چئي "منٺار" محبوبن ماريس، ڏيئي ڪيف خمارا، وي!
وري اوتار پڇان هوند ان کان، سي ٿيم ڏسڻ ڪوڻ نيارا، وي!

ڪافي. 26

ٿلهه: عقل سڪن ڪيئن عاشق ريچارا،
جن کي حسن جي ٽڪور يار ڏني ڏني.

1. تن من اندر لڳين تارون، ان کي ملن ٿيون محبت مارون،
نه ڪيو عشق اگهور، ترس تني تني.

2. جتي باهه برهه جي يار پڙڪائي، لنئو لنئو اندر لڇ پڇ لائي،
بيا هينئڙي ۾ هور، جاڳيا جني جني.

3. جڏهن موج بحرسين محبت آئي، بيا تن ٿيئڙا تال توائي،
شونق[1] منجهان شور ويو چاتي چني چني.

4. چئي "منٺار" محبوبن تان، ساهه صدق ڪن سڄڻ تان،
پنهنجو ڪري سر گهور، اڇليو اني اني.

---

[1] شونق = شوق.

راڳڻي ڪليان

ڪافي. 27

ٿلهہ: برهہ ڪٽڻي ويو ساري بادشاهي، عشق عقل کي آهي گم ڪيڙو.

1. عشق عقل جي جنگ لڳي هئي، عقل جي پلٽڻ بيشڪ ڀڳي هئي،
شونق شهر ۾ مقرر ٿيئڙو.

2. جڏهن موج بحر سان محبت آئي، پوءِ ڏاهپ ڏيهيءَ جي ٿيئڙي توائي،
ان جو سارو خزانو ڦري نينهن نيئڙو.

3. تخت دليءَ قيد ڪيائين، ۽ نوڪر چاڪر ساڻ نيائين،
ساڻس شريڪ نہ مطلب بيئڙو.

4. چوي "منٺار" سمجهو وي يارو! حال حقيقت ثابت سارو،
گهر گهر ۾ پڙهو ان جي فتح جو پيئڙو.

ڪافي. 28

ٿلهہ: وس تہ پنهنجي ڪان ويس ويچارو، منهنجي الغرضي سان دل اڙي اڙي.

1. تن من اندر لڳيم تارون، روز ملن ٿيون محبت ۾ مارون،
يار جي حسن جي فوج لڙي لڙي.

2. حب هينئڙي جي هاڻ نہ هٽي ٿي، تندڙي طلب جي ڪين ٽٽي ٿي،
قابو ڪمندڙي جيءَ ۾ جڙي جڙي.

3. پلپل مون تي پور پون ٿا دردن وارا دستور اچن ٿا،
غم گوندر ريءَ نہ آهي گهڙي گهڙي.

4. چوي "منٺار" دردن وارو. حال حقيقت سڄو سارو.
سڪ ۾ سندم ويو سرير سڙي سڙي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 29

ٿلهه: طلب لڳي اٿم تانگهه تنهن جي، دلڙي ٿيم ديوان ديواني وو.

1. مون کي نئي وسري صورت تنهنجي، بيوس ٿيئڙي دلڙي منهنجي،
تو ۾ فنا ٿي فانڙي فاني وو.

2. مون کي سڪ سر جني جڏهن هيم صغيري، آئون نه مليس آيم پيري،
اها جا اٿم ارمان ارماني وو.

3. آئون جا ويچاري آهيان بيقراري، پرين! تو پڙهائي توبهه زاري،
سر ٿي سنپاهيان قربان قرباني وو.

4. چوي "منٺار" سڻ يار پيارا، دانهن ڏيان ڪنهن کي تو ڏارا،
ترس ڪرج ڪو ڏيان ڏياني وو.

ڪافي. 30

ٿلهه: خدا دي هي تجلي، نبي داهي نور، مين ويڪا اثبات مواريان،
مين ويڪان اثبات ظهور.

1. شمس قمر نه شامل هوون، دونينان دي مواريان،
دونينان دي دستور.

2. آدم والا پاتس چولا، ويڪو پيا پرين ڪون مواريان،
ويڪو پيا پرين ڪون هي پور.

3. ويڪڻ سي ته سهڻي صورت، چتڙا ٿيا هي مواريان،
چتڙا ٿيا هي چڪچور.

4. نهين "منٺار" ڪون طاقت تل دي، ڪيون سارا سناوي وو مواريان،
ڪيون سارا سڻاوي مذڪور.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 31

ٿلهه: مون ڪان منهنجا خان پنهل تون ٿي نہ پري.

1. آئون آهيان تنهنجي سسئي برهمڻ ڀوري، پيچ پريت جو پاتئہ ڏوري،
ڪوئي ڪامڻ وارو وو مواريان! ڪوئي ڪامڻ وارو مون سان تسم[1] ڪري.

2. آئون تنهنجي آهيان ٻانيڻ ٻانهي، شمس قمر نا تنهنجا ثاني،
ڪو نالائق تي مواريان، ڪو نالائق تي اچ نظر ذري.

3. سڻ منهنجون دانهون، سوال صدائون، اسم خدا جي اچج اوراهون،
پنهنجا قدم مبارڪ مواريان، پنهنجا قدم مبارڪ پيرڙا ڀري.

4. چوي "منٺار" عرض ويچارو، توريءَ تحمل ناهي دم ڏارو،
ساعت مون ڪي وو مواريان، ساعت مون ڪي هت نٿي سري!

ڪافي. 32

ٿلهه: مون ڪان محبوب سندم ميان! تون نہ منهن موڙ.

1. اسين پاڻ آهيون نالائق نسورا، آهن اسان تي تنهنجا ٿورا،
ڪرم لکين وو مواريان، ڪرم لکين تنهنجا ڪوڙ.

2. نام خدا جي بخش پڄايون، پاڻ سجاڻين ڪر تون پلايون،
ريت رسڻ جي مواريان، ريت رسڻ جي تون ڇوڙ.

3. رب جي ڪارڻ رسڻ ڦٽو ڪر، ظاهر زبانا ٻول مٺو ڪر،
ڪل تون اسان سين مواريان، ڪل تون اسان سين اکيون ڪوڙ.

4. ساڻ "منٺار" عرض داري مٺج نہ محبت ساڻ ويچاري،
تندڙي نباهيج مواريان، تندڙي نباهيج نيئي توڙ.

---

[1] تسم = طلسم

ڪافي. 33

ٿلهه: آهيان مستان، سندم ڏس حال.

1. ناهي برابر جندجان ساري، چت تي چڙهيم خيال خماري،
ڪو جو پياريءَ مواريان، ڪوجو پياريءَ ڪيف ڪمال.

2. دلڙي منهنجي دلبر نيڙي، سا قابو ڪمند ۾ ڦاسي پيڙي،
آئون بيوس وو مواريان، آئون بيوس هي احوال.

3. دامون دوائون پيچ جي پيڙم، پيا سانگا سپيئي وسري جي ويڙم،
پيون وسريون مڏيون وو مواريان، پيون وسريون مڏيون سپ مال.

4. صورت تنهنجي سج ڪان سهڻي، مستانن جي هن جي مهڻي،
ڪير جهليندو مواريان، ڪير جهليندو جلوو جمال!

5. چوي "منثار" مرڻ بہ ناهي، هاڻي حياتيءَ جي اميد بہ ناهي،
جيئڻ ٿيم وو مواريان، جيئڻ ٿيم ڪو جنجال.

ڪافي. 34

ٿلهه: الائجي تون راض آهين يا بي راض!

1. اڄ تون پيارا، اڄ تون پيارا، آئون اپالي دم تو ڏارا،
اهو منهنجو وو مواريان اهو منهنجو آهي آواز.

2. ڪج نہ اسان سين بيپرواهي، حال منهنجي تي ڪج همراهي،
لطف تنهنجا وو مواريان، لطف تنهنجا بي انداز.

3. دانهن ڪريان ٿو درد دکن جي، جو ڪي نہ لڳي تي مور ٻين جي،
تڏهن آهي انهن ڪون مواريان، تڏهن آهي انهن ڪون اهو اعتراض.

4. هر دم هادي! هوئج راضي، مج "منثار" جي منت ۽ آزي،
پيا سو سو سلام مواريان، پيا سؤ سؤ سلام نياز.

Scanned with CamScanner

راڳني ڪليان تار تين تار

ڪافي. 35

تلهه: آيو مرشد اڱڻ منهنجي، شڪر الحمد تي شادي.

1. رهنما ڪئي وڏي رحمت، حضرت شاهه جيءَ حرمت،
پلائي تي سنديس برڪت، وحدت جي وڙهي وادي.

2. ساڳي صورت، سچو، سرور، جنهن سان پرتل خدا پرور،
آهي اڪمل اهو انور، گوهر ثقلين جي گادي.

3. پرين هت پير پاوڻ جي، اسان غريبن ۾ آوڻ جي،
سٽن ڪن سمجهاوڻ جي، اچي ڪيائين پاڻ امدادي.

4. هئڻ ۾ هوڏ وارا حاڪم، بيشڪ مون تي هئا بالم،
اچي ڪيائين زيرسي ظالم، تن سان پاڻ ڪيائين تعادي.

5. مرڪايائين "منثاري" کي، اچي مون عيب داري کي،
ڪيائين واصل ويچاري کي، حضرت پاڻ ٿيم هادي.

ڪافي.36

تلهه: عزازيل تي چيو آئون، شڪ ۾ شيطان ڪيئين تنهن کي.

1. ويس ويساهه نه سو وسهيو، پليل بي ايمان ڪيئين تنهن کي.

2. ڦريو فرمان کان ڦريل، لعنتي نادان ڪيئين تنهن کي.

3. محمد اولاد آدم جو، خلق زمان ڪيئين تنهن کي.

4. سنديس قدرت منجهان آدم نبيءَ نوران ڪيئين تنهن کي.

5. "منثار" قلبون پڙهج ڪلمون، اهر فرمان ڪيئين تنهن کي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 37

ٿلهه: ڇڏي ڪم خاص خدا وارو. اڃي ٿيو آهين ڪرڻ ۾ ڪارو.

1. پلاٽي تو مٽي جنهن جي، ڇڏي تو تات ڇو تنهن جي؟
ڪرڻ گهرجئي سرت پنهنجي، موڳا! ٿيئه ڪوهه مونجهارو؟

2. ڇڏيئه سانگو سچائي جو، جتي پاڳو بقائي جو،
هي فصل پوکيئه فنائي جو، اجايو خيال خسارو.

3. بقائي ٿول آهي اصلي، فنائي نقش آهي نقلي،
ادا! جي تون هجين عقلي، ته اهو تولاءِ اشارو.

4. ۾ ٿي "منٺار" تون موڳو، اجائي خيال ۾ اوڳو،
تون پڻ ٿي پئين جنت جوڳو، جي سچاٽين غير ۽ سچ سارو.

ڪافي. 38

ٿلهه: پانڌي! تون منهنجي پئجان پاران، پيارل يار کي پيرين.

1. چئي سڄڻ توجا رندن رولي، گس تي جا ڇڏيئي گولي،
لڳي تنهن کي آهي لولي، سري ان جي سڄڻ سيرين.

2. پانڌي! پئجان منهنجي پار! سنيها هي وجي سارا.
چي ماريس دردن آن ڪان ڌارا. ڇپر مئي کي ڇڏيئي ڇيرين.

3. چي ڪڏهن تنهنجي هيس راٽي، سهاڳٽو ور سهاٽي،
ههڙا منهنجا حال ٿيا هاٽي، جو فقيراٽي ڪيئي ڦيري.

4. چوي "منٺار" مستانو، جنهن کي ڪيو ديد ديوانو،
هاٽي ٿيس حال حيرانو، اڃي مل يار هڪ پيري.

ڪافي. 39

ٿلهہ: منهنجو رک تون پرم پتار سائين، منهنجو رک تون پرم پتار!
ٿي ڪريان آئون ليلان، لولاٽ ويچاري.

1. هيس سهاڳڻ تڏهن ڪين سهاڳاير، ابتو عقل اهاڳ جو آيم،
پيم پروڙي مور نہ پايم، مون ڪي هجن حيف هزار، سائين!
مون ڪي هجن حيف هزار، آئون آهيان ڪا نالائق ناساري.

2. هاڻي ڪيم توبهہ ٻڌيم ٻانهون، اي داسڙا! منهنجون سڻ تون دانهون،
مون کي پاڻئون لوڏج ڪيم پراهون، هاڻ هٿ نہ لائيندس هار، سائين!
هاڻي هٿ نہ لائيندس هار، هيءَ حياتي منهنجي سڄي جماري.

3. جي پنهنجو چنيسر پاڻ سجاڻين، هٿ رکين جي مٿيءَ تي هاڻين،
مون کي هوند ساڻ سمهارين هڪ پٽراڻين، تہ لاڏي ٿيان لکوار، سائين!
هوند پوءِ لاڏي ٿيان لکوار، ملي سهاڳ وري سرڪاري.

4. هاڻي نالي نام خدا پرور جي، ۽ ساڻ محابي پيغمبر جي،
حرمت حضرت شاهہ سرور جي، ڏي معافي کي "منٺار" سائين!
ڏي معافي کي "منٺار" پنهنجو تون ڪرم ڪري سلطان ستاري.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 40

ٿلهه: هن مند منهنجي هير[1] ، عمر سائين! هن مند منهنجي هير.
ڪانئڙ ۾ ڪنهين ڪيئڻ حي.

1. وٺيون وطن ڏي ڪاريون ڪڪريون، سونهن نوٽيون[2] پٽون ۽ ٽڪريون،
هت ڏهن رڍن ڳويون ۽ ٻڪريون، اُهي سانگيئڙا سندم سوير، عمر سائين!
اهي سانگيئڙا سندم سوير هيءَ پس[3] پنهوارين مهل پيڻ جي.

2. پون ياد وطن ۽ ويڙيون سانٿهه، سانگيئڙا، ساهيڙيون،
هت ٻان ڪري مون کي وڏيئي بيڙيون، نه ته ڪوٽن ۾ ويهي ڪير، عمر سائين!
نه ته ڪوٽن ۾ ويهي ڪير، اٿم اميد وڃي ٿر ۾ تيڻ جي.

3. سوءَ سنلن مون تي حرف صغير! ڪئين لک ڪيڙم ڏوهه ڪبيرا،
هو ڪاوڙ رهندڙ هن ڪانديرا، مون تي ڪندا ٻلائي جا پير، عمر سائين!
مون تي ڪندا ٻلائي جا پير، اٿن منزل معرفت معافي ڏيڻ جي.

4. جئي "منٺار" آئون عيبن هاٺي، آهي اوڪي ايل[1] اباٺي،
من مجلس جوءِ ڏسان ڏاڏاٺي، جتي پنهوارن جا پير، عمر سائين!
جتي پهنوارن جا پير، اتي ٿيان پاڙيسڻ مرڻ جيئڻ جي.

---

[1] هير = عادت.
[2] لوٺيون = (نوڻ) ٻن پٽن جي وچ ۾.
[3] پس = تازي ويايل مال جو کير
[1] ايل = عادت

Scanned with CamScanner

ڪافي. 41

ٿلهه: عمر اباڻن ساڻ ميان! تن عمر اباڻن ساڻ،
گڏ گهمان شل ملڪ مليرَ ۾.

1. ماڙيچن وٺ هيس موچاري، اڄي ٿيس هت عيبن واري،
هن ڪوٽ ۾ آيس ٿيس ڪاٺياري، آيو الست وارو اهڃاڻ ميان!
آيو الست وارو اهڃاڻ جيئن طرفون لکيو هو منهنجي تقدير ۾.

2. لاءِ ڪچاڙي آنديئي ڪوٽن ۾، آئي منجهايئي هن محلن ۾؟
قيد ڪري ڪيئي بند بنگلن ۾، منهنجي روح جوکڻ ۾ رنجاڻ، ميان!
منهنجي روح جوکڻ ۾ رنجاڻ، سڪ ساٿيهه جي اٿم سرير ۾.

3. مون سان پرچن شال پنهوار اهي ئي، هو سرها سندم سنگهار اهي ئي،
شل وسن سندن ولهار اهي ئي، آهي پاڳين جو جت پاڻ، ميان!
اهي پاڳين جو جت پاڻ، تنهن عجب جزء زمين اڪسير ۾.

4. جتي بهشت جنت ۾ پاڳين پاٺان، اتي سدا سوائون ڏهن ڏاڏاٺا،
بيو قوت سندن مکٽيون مانڌاٺان، ان جو سرهو پيهڻ پچائڻ، ميان!
ان جو سرهو پيهڻ پچاڻ، پوءِ ڪائن ڪاڻڙيا گڏيو کير ۾.

5. هڪ شريعت ۾ پرمان انجي جو، بيو طريقت ۾ ايمان اُني جو،
ٽيون حال حقيقت شان اني جو، چوٿون پيهن معرفت جو مهراڻ، ميان!
پيهن معرفت جو مهراڻ، تنهن پرن سرڪ سانئر جي سير ۾.

6. چئي "منٺار"منهنجو مارو چام ايندو، سو مونکي وٺي وطن ۾ ويندو،
هت قيد ۾ ڪڏهن ڪين ڇڏيندو، سوئي پنهنجو پلاٽيندو پاڻ، ميان!
اڄي پنهنجو پلاٽيندو پاڻ، تنهن اٿم اميد محمد مير ۾.

راڳڻي تلنگ		تار ڪلواڙو

ڪافي. 42

ٿلهه: پنهنجو ستي نباهج سيل سيل، پنهنجو ستي نباهج سيل،
تن ماروئڙن جو تہ منهن مرڪائي.

1. اي مارئي! مقصد تنهنجو مڙوئي، ڏيندو سر هو سانگ سهوئي،
تون ڪير لجائج پنهنجي لوئي، جو اٿئي اباڻن جو عيل عيل،
جيڪو اٿئي اباڻن جو عيل، سوشل الله تنهنجو ايمان بچائي.

2. اي مارئي! تنهنجي ماڙيچن جو، آهي چڱو رواج اتي راهن جو،
تن ساٿيهہ وارن سانگيڙن جو، آهي سرهو سنگت سبيل سبيل،
آهي سرهو سنگت سبيل، سي نيندا ويڙيچا توکي وطن ورائي.

3. جو حاڪم ظالم ظلمن وارو، سو هتي ڪٿيندو ڪين هچارو،
ڪندو وري رحم رحيم ستارو، جيڪو قادر رب جليل جليل،
جيڪو قادر رب جليل، سو تو عاصيئڙن جي اميد پڄائي.

4. هت جي پيڙ پهر پلڪ قيدن جا، ويندا ننگهي سي ڏينهڙا ڏکن جا،
تولاءِ ايندا وري ڪئين سال سڪڻ جا، تون دل ۾ نہ آڻج دليل دليل،
پنهنجو دل ۾ نہ آڻج دليل، نيندءِ سو پاٿهين پنهوار مليرمونائي.

4. چئي "منٺار" ڏيندءِ سڀ معافي، آهي ڪامل عقل انهن جو ڪافي،
تا دل ۾ جاڻن سڀ دريافي، آهي ان جو لقب اصيل اصيل،
اهي ان جو لقب اصيل، سي توکي نيندا قيدن منجهان ڪڍائي.

Scanned with CamScanner

راڳڻي تلنگ
تار ڪلواڙو

ڪافي. 43

ٿلهه: منهنجي محبت ساڻ محبوب، ميان! منهنجي محبت ساڻ محبوب،
ڏينهن الستئون پرت پراڻين.

1. ڪُنَ فيڪون، آواز اتائين، پيدا جملي روح ڪيائين،
لڳي طلب جي تار تڏائين، مون کي موهيو هو مطلوب، ميان!
مون کي موهيو هو مطلوب، مون سڪوندي کي صحيح سڃاڻين.

2. اها آهه اداس پرين جي، پسڻ لاءِ پياس پرين جي،
تانگهه طلب ۽ تاس پرين جي، ماريس قرب قلوب، ميان!
هاڻي ماريس قرب قلوب، ڏک فراق جا ڏسان ڏينهاڻين.

3. سور الستي سر تي آيا، سي منهنجي سيني منجهه سمايا،
قسمت قيد ۾ ڏينهن مون ڪمايا، جهڙا اثر تاثير ايوب، ميان!
جهڙا اثر تاثير ايوب، جنهن منجهه ياد نه آئي جوائين.

4. چئي "منٺار" نه وس ويچاري، آهيان الستي عشق آزاري،
جاڳي برهه سندي بيماري، هاڻ آهيان مثل مجذوب، ميان!
هاڻ آهيان مثل مجزوب، وصل ويل وصال جي تائين.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 44

ٿلهه: دل دام وجهي دلبر! نيئي، دل دام وجهي دلبر.
سا ڦاسي ڪمند ۾ ويئي ويچاري.

1. ريهي روح نيئي رمزن سين، گهائي گهور هڻي غمزن سين.
نوبت نينهن لائي نبضن سين، ڪري هنگام حشر نيئي، سائين!
ڪري هنگام حشر، ڪربلا جيئن قيامت ڪاري.

2. يار جادوگر جادو جوڙي، ويٺون وجود ۾ ڪيمان ڪوڙي،
بيا ڪيئي ڪل اسباب الوڙي ڪنهن حرفت ساڻ هنر نيئي، سائين!
ڪنهن حرفت ساڻ هنر، ٻنهي ويون ٻجهڙي پائي ٻاري.

3. مون ۾ وڙهڻ جي وسيعت ناهي، ۽ ڪيڏو قصد ڪيو تو ڪاهي،
آنديءِ حسن جا هٿيار سنباهي، ڪٽي ڪات ڪٽار خنجر نيئي، سائين!
ڪٽي ڪات ڪٽار خنجر، ڪري ويون جو شڪار شڪاري.

4. چئي "منٺار" محبوب پيارا! دانهن ڏيان ڪنهن کي توکؤن ڌارا؟
آنديءِ ساڻ سپهه سالارا، بيا لکين ڪٽي لشڪر نيئي سائين!
بيا لکين ڪٽي لشڪر، تن گهيري ڪئي دل گرفتاري.

ڪافي. 45

ٿلهه: مون کي درسن جي درڪار، قبلا! مون کي درسن جي درڪار.
تنهنجو حسن منهنجي لاءِ حج اڪبر.

1. صورت تنهنجي آهي صبحاني، جنهن جو شمس قمر ناثاني،
تو منجهه تجلو نور نوراني، سو نام خدا جي ڏيکار قبلا!
سو نام خدا جي ڏيکار، جلوو جلوا اعليٰ پرور.

2. تنهنجيءِ صورت ۾ سبحان سرسوئي، مون کي غير دليل نه ڪوئي.
آهي افضل نور اهوئي، جنهن تجليءِ تنهن وار، قبلا!
جنهن تجلي تنهن وار، هو جبل طور جلايو ڏونگر.

3. هيءِ دل تنهنجي حسن جي پوڄاري، جيئن سپ آب ابر جي اُڃاري،
بلبل ساري جيئن باغ بهاري، تيئن تنهنجي طلب مون کي تار، قبلا!
تيئن تنهنجي طلب مون کي تار، تن من روح اُداسي اندر.

4. آهي "منٺار" مسڪين موالي، تنهنجي ڏسڻ لاءِ روز سوالي،
ڪار ديدار ڪر دست پيالي، پاٽي وصال جو پيار، قبلا!
پاٽي وصال جو پيار، ساقي شراب قدح ڪوثر.

Scanned with CamScanner

تار ڪلواڙو

راڳڻي تلنگ

ڪافي. 46

ٿلهه: منهنجي در جو توڪان ڏار، سائين! منهنجي در جو توڪان ڏار،
هئي هئي ڪو نہ ليپي پيو حڪيم.

1. سڪ اوهان جي آهي ستائي، پاڻ جسم ڪري هوند پاڻي،
هستي هڻ ويو سڀ هاڻي، ٿيس مثل پيزار، سائين! هاڻ،
ٿيس مثل پيزار، ههڙو حال ٿيوم حليم.

2. مرض منهنجي ڪي پيا مور نہ ڄاڻن جي هوند سوجهي سور سڃاڻن
آئون آهيان ماري تنهنجي ماڻن، بيحد ٿيس بيمار، سائين هاڻ
بيحد ٿيس بيمار، جاڳيم ڪهنون سور قديم.

3. دلڙي منهنجي دردن واري، آهي اوهان جي عشق آزاري،
جي تون مليں تہ وڃي بيماري، قسم سچي سردار، سائين!
آهي قسم سچي سردار، چاڻي سو رب جو رسول ڪريم.

4. چئي "منثار" مذڪور منهنجو، ڄاڻي تو عقل شهور تنهنجو،
ڪڍي پرچ قصور پنهنجو، مون مٿيءَ تي مختيار، سائين! هاڻ
مون مٿي تي مختيار تون ڪر رحم ڪري جئين رحيم.

ڪافي. 47

ٿلهه: اڪبر عشق اگهون حق حق، اڪبر عشق اگهون،
هن برهہ جي بحر جو ڪونهي ڪنارو.

1. اڪبر عشق الاهي عبرت، بي مثلي بيچون، حق حق،
بي مثلي بيچون، بعضي مثل هزار چوي سر سارو.

2. عشق عجائب وسلي آهي، بي رنگ بي نمون، حق حق،
بي رنگ بي نمون، بعضي ڪريو نمون لئي نروارو.

3. عشق جي ماهيت عاشق ڄاڻن، اهو بحر ڳجهو باطون حق حق،
اهو بحر ڳجهو باطون، اهي پروڙن اهو پسارو.

4. چئي "منثار" تہ من حيرت ۾، آهي سدا جوان نہ جهون حق حق،
آهي سدا جوان نہ جهون، نہ تہ ڪل خلقت ڪوڻ آهي ڪرارو.

Scanned with CamScanner

ڪافي- 48

ٿلهه: ڏاڍي سا خدا جي سرڪار آهي.
ڪنهن جو قادر رب سان ڏرو زور ناهي.

1- ڏس آدم حوا ڪان ڌار ڪيائين
جدا يوسف، يعقوب پيءُ يار ڪيائين
ڪربلا ۾ شهيد سردار ڪيائين
هتان ڪافر جي حسين کي وڌائين ڪهائي....

2- ذڪريا نبيءَ کي ڪيئن ڪرت ڏاريو.
يونس نبيءَ کي مڇ تي اوڳاريو.
ايوب صبر ۾ ڪيئن تي گذاريو.
ڏس ڪيئن وارو ڏک سور ناهي.

3- ڪل نفس ذائقة الموت، جنهن پاڻ چيائين
پنهنجو نالو قهار اظهار ڪيائين
جيتون سيتي جون پانيو تي پڳائين
ڇڏيئي ڪل مٽي پاڻ موت ناهي.

4- ڪٿي سمجهه "منشار" پنهنجو ڌيان ڌر تون
ڪجهه خدا جو ڀي خوف منجهه قلب ڪر تون
توبهه زاري هر واري هر روز ڀر تون
ڇڏ هستي ڏس تنهنجو مقدار ڇاهي؟

Scanned with CamScanner

ڪافي- 49

ٽلهه: جن جي اندر ۾ هيان نيڻهن تارا[1].
اهي تيو نماڻا روئندا ويچارا.

1. جنهن عشق ڪٽري آهي وٽهي وستي. آيو درد انتي ڪري موج مستي.
برهي ٻڪين ٻي ساري هوڏ هستي. وتن ويڳاڻا محبوب ڪارا.

2. ڪل خوشي ان کي اڄهي نه ڪائي. ويو حرص ان جي کي درد ڪائي.
هئي هئي هميش ڪن وات وائي. مل نه ته مرون ٿا اڄ ٻار پيارا.

3. سر جي جني کي سڪ سور واري. آيو برهه ان تي ڏاڍو بار ٻاري.
وسري تني کي ٻي جا سرت ساري. ڪيا عشق ان جا ٻيا بند چارا.

4. جن جي جگر ۾ هلي عشق آيو. ان پاڻ پنهنجو اصلئون وڃايو.
مجي مرد ٻيٺا سڌو رب رايو. سڪ اٿر ان ڪان موتي "منٺارا".

ڪافي- 50

ٽلهه: جني عشق آيو. رکي راض رايو.
اني سانگو سر جو. اصلئون وڃايو.

1. جنهن هير جي رانجهن سين رمز لڳي هئي جني محل ماڙيون پيشڪ ڀڳي هئي
تنگ ڏي نهاري دم نه ڦڳي هئي. هلي تي هزاري جو شاهه پڇايو.

2. سسئي ويچاري محبت ماري. جنهن کي جني ويو ته اڌ رات آري
ڏورئي ڏيهه ڏونگر جبل روهه واري. اتي هئي اڪيلي تکو پيڻ پايو.

3. سهڻي ساهڙ کي مور نه مڻيائين. ڪارونڀار ڪن ۾ پيلي کي پڳائين
لڙهي لهرين وچ ۾ موت مڃيائين. طلب تهين کي تر نه ترسايو.

4. مطلب جني وٽ محبت آئي. ڪيائين نه عقل جي تدبير ڪائي
رهن رضا تي رکن سچائي. جيئن صوفي سرهو ڪنڌ ڪوئن ڪپايو.

5. چوي "منٺارو" سمجهو وي يارو! پنهنجي وجود کي وسهي ويچارو.
ڪري پاڻ پاڻهي آهي وس وارو. ان ۾ الله پاڻ جوش جاڳايو.

---

[1] تارا = نعرا.

ڪافي- 53

ٿلهه: خدا کي وڻي ٿو تمت، نياز فقيرن جو،
سي ذڪر ذاتي ڪن مٿو، اهو آواز فقيرن جو.

1- سي فڪر منجهه فنا ٿيو، ڪن ٿا روپ رهائيون،
پنهنجي پاڻ جو وجود، سچئي ساز فقيرن جو.

2- سي ووڙي منجهه وجود، ڏسن سير سڀوئي،
ڪن ولايت ويجهي، سو پرواز فقيرن جو.

3- عاجزي ۽ غريبي، اها رمز رندن جي،
ڏس شان مٿي آهي، بي انداز فقيرن جو.

4- سي "منٺار" عيدار جو من تنگ نباهين!
جو گهري هت هميشه، ته هجي راز فقيرن جو.

ڪافي- 54

جي حب هجي توکي ميان! برحال خدا جي،
ته پوءِ فقيرن ڪوئن پڇي ڏس ڳالهه خدا جي.

1- سائن صحبت سي ڪندا، هجي سڪ سوز جني کي،
ته اُني کي اظهار چون چال خدا جي.

2- آهي نالو نمائو سندن فقير ۽ مسڪين،
پر هتي سين حاڪمين آهن آل خدا جي.

3- تون پوڙ پيائيءِ ڪي، هڪڙائي هت ڪري،
"والله بکل شيءِ محيط" ست سنيال خدا جي.

4- اي "منٺار" ڪهين ملنگ ڪوئن استادي وٺي آ،
ته توکي تنهن ڪان پوءِ ٿيئي سڪ سال خدا جي.

ڪافي- 51

ٿلهه: هيڏيون حسن واريون، ٽڪيون ترار يون،
محبوب مون تي، اچي ٿو الاريون.

1. ٿيا زلف ٿهنجا ڦري نانگ ڪارا، ابرو اجهل پئي صف جا سالارا،
اکڙيون لوهان جون تيرا ناز وارا، سي سڃيئي مٿهنجي سر تي ڪيڻيون ڪٽاريون.

2. پيني پئين ٿهنجي پتلوق ڏنالي، لب لال مرجان ڏيون ڏيکالي،
ڏند هيرا موتي آهن مثالي، پيو ڪن قيد مون کي ٿهنجون گفتاريون.

3. رمزون لوهان جون اصل ڪان اڙيون، ڪريان ڳالهيون تن جي قهر جون ڪيڙيون،
سوين ڪيئي شڪار ۾ هزار مون جهڙيون، ٿو چئي ترس پٿهنجو محبوب ماريون.

4. چئي "منثار" ڪر قياس پٿهنجو، وس نه هلي ٿو ترو زور مٿهنجو،
قلم ڪرم ۾، ناهي ڏوهه ڪٿهنجو، سڪني سورن ۾ وير چماريون.

ڪافي- 52

ٿلهه: رستو رباني پتڌ لاثاني، سير صوفين جو آهي سبحاني.

1. اوڏس هميشه حق هڪڙائي، ڪوته رڪن ٿا غير پيائي،
مذهب مردن رکيو خدائي، مشڪل ان هتد ٿيڻ مڪاني.

2. ذڪر جن جو آهي حق ذاتي، قلب مٿي جا قرب جي ڪاتي،
الله اندر ۾ ڪيئون اثباتي، ٿڻيءِ منجهون ٿيا تيڪ نوراني.

3. سور سڪڻ ۾ آهن سڪايل، درد دکن ۾ مجروح گهايل،
هستي هميشه سڌلين وڃايل، هجن نماڻا ايءَ الٽن نشاني.

4. محبت آهي مال جني جو، حق ۾ فنا ٿيو حال تني جو،
لقب عاشق اقبال اُني جو، طالب المولي مذڪر ٿيا ني.

5. وٺ "منثار" اٿر تون ان ڪان، فيض رسي من تل توڪي تن ڪان،
وٺ استادي ان عاشقن ڪان، اوءِ رمز رنلن جي سڪج روحاني.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 55

ٿلهه: دم قدم دوستيءَ جو شان سڃاڻجي،
نينهن وارو نيازسين ميدان سڃاڻجي.

1. مذهب محمدي ۾ ته قرآن سڃاڻجي،
جو پورو پيرويءَ تي، سو مسلمان سڃاڻجي.

2. جو اندر ۾ ابليس، سو شيطان سڃاڻجي،
نفس نادان طمعدار، سو بي ايمان سڃاڻجي.

3. خالق خدا خلق جو، جلشان سڃاڻجي،
جو رب رسائي روز، سو رحمان سڃاڻجي.

4. ٿي فنا فقيريءَ ۾ هي جهان سڃاڻجي،
پنهنجي پاڻ منجهه پساهه، سو مهمان سڃاڻجي.

5. هن جهان منجهه هميشه، دل جو ڌيان سڃاڻجي
پنهنجي زبان جو زرو، نفعو نقصان سڃاڻجي.

6. اي "منٺار" محبت عشق جو مڪان سڃاڻجي،
پوءِ سر، سري صدقو ڪري، قربان سڃاڻجي.

ڪافي. 56

ٿلهه: جي چتر تون چائيين ته ڳالهاءِ فضيلت سين،
پنهنجي پاڻ جي زبان کي، سمجهاءِ فضيلت سين.

1. ويهه اٺي ادب سين، ڏسي راءِ فضيلت سين،
ته ريت تنهنجي راڄ کي، سيباءِ فضيلت سين.

2. پنهنجي ڪم ڪارڻ، ٻين کي پڇاءِ فضيلت سين،
پوءِ سٽي سمجهي ڳالهه، سا هنباءِ فضيلت سين.

3. رکي ماڻهن سين محبت، پير پاءِ فضيلت سين،
ته تون وٽي تن کي، پوءِ جهڙءِ جاءِ فضيلت سين.

4. اي "منٺار" ڪافيون ڪلام، تون ويهي ڳاءِ فضيلت سين،
ان توحيد واري تند کي، وڄاءِ فضيلت سين.

Scanned with CamScanner

تار داڏارو

راڳڻي تلنگ

ڪافي. 57

ٿلهه: توڪي نـ مناسب آهي هـت ڪـوڙ ڪـرڻ جـو،
ڪنـدءِ معـاف سـو گناهـ لفـظ توبهـ پـڙهڻ جـو.

1. ڪــوڙ منجهــان ڪيتــرا نقصــان هزاريــن،
ســب گناهــ صــادر ٿئـي خيــال ڪــرڻ جــو.

2. ٿـو ڪيئـن چـوي قــرآن "لعنــت الله.... الڪــاذبين"،
ڪـر ويســاهـ منجهـ وجـود اڳيــان ڏيهـ ڏرڻ جـو.

3. سـچ وٽـي سـرڪار ڪـي، نـ تـ بـ مـاٺ موچـاري،
يـا ذڪـر چـوڻ ذات جـو دم دم ۾ ڏرڻ جـو.

4. اي "منٺــار" ٿــيءِ هشـيار، چـو ٿـو وقـت وڃـائين،
ڪـر خيــال خبــردار موتــوءِ منجهــ مــرڻ جــو.

ڪافي. 58

ٿلهه: آهي ڪلمي جي دلداري، جا هردم لاءِ هوشياري.

1. هــر دم پڙهــ تــون بســم الله، ورد وظيفــو الا الله،
يــڪ يقينئــون دليــون لاءِ، ويهــ آٿــي اعتبــاري.

2. ڪيا مـون ڪـي ڏوهـ هـزار، نـاهي ڳـاڻيٽو ڇيهـ شمـار،
ڪـارڻ ڪلمـي سـي نـ نهـار، بخشـيو بخشـين بـاري.

3. دهشـت وارا ڏيـن دڙڪـا، باهـ دوزخ جـي ڪـري پڙڪـا،
ڪيـر ڪـن ڪـرن ٿـا ڪڙڪـا، توبهـ توبهــ زاري.

4. چئـي "منٺـار" پنان ٿـو پـازي، راحـم مـون تـي تـون ٿـيءِ راضـي،
الهئـي عـرض ڪريـان ٿـو آزي، ننـگ سـڃاڻج تـون نـرواري.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 59

ٿلهه: عجب يار تنهنجي جمالي، جا هردم حيرت حالي.

1. ڪٿي ٿو تون پلٽون پائين، ڪٿي وريو ديد ديکائين،
ڪٿي پنهنجو پاڻ ڇپائين، عبرت اعليٰ عالي.

2. ڪن جا ڪرين ٿو قلب ڪالا، ڪي تہ ڪرين ٿو الله والا،
بخت اني جا بلند بالا، جي برهہ ڪيا برحالي.

3. پاڻ پروڙين ٿيو ٿيندو، ٻئي نہ ڪنهن کي عقل ايندو،
صفت سندءِ ڪير ڪريندو، ناهي ڳالهہ ڪا ڳڻڻ والي.

4. "منٺار" ويچارو عاصي آهي، ديد اوهان جي ديکڻ لائي،
الله اوهان کي عرض الائي، صاحب تو در سوالي.

ڪافي. 60

ٿلهہ: شل ٿئي نصيب سنگ تنهنجو، هادي موچارو ننگ تنهنجو.

1. سنگ تنهنجي صحبت سائين! من منهنجي ۾ محبت پائين،
وسواسن جي واٽ وڃائين، پائي وجود کي ونگ تنهنجو.

2. ڏينهن الستئون اول آتائين، ڪرم نصيب ۾ ائين لکيائين،
دل منهنجيءَ دلبر سائين! پاڻ لڳل هو ٻنگ تنهنجو.

3. هر هر مون کي حيرت آئي، عبرت آهي قدرت ڪائي،
دم دم دلبر عجب الاهي، رل مل رانجهن! رنگ تنهنجو.

4. ٻانهون "منٺار" تنهنجي در داتا! عرض ڪري مون پلو پاتا،
چاڻ سهيئي تو هن چاتا، لڪچ سياڳو آنگ منهنجو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 61

ٿلهه: تنهن کي آرام نه ايندو، جيڪو توکي الله! طلبيندو.

1. عاشق تنهنجو جيڪو ٿئي، تنگيون تسيا تن کي ڏيئي،
نام اوهان جو جيڪو ليئي، سو سانگو ساهه ڇڏيندو.

2. عاشق سانگ نه رکي ساهه جو، وٺي راضپو تنهنجي راهه جو،
صدقو صدقو پاڪ الله جو، جان جسو سر ڏيندو.

3. عاشق سولي جو مٺي ماري، سور قبولي سهنج وساري،
غم گوندر ۾ پاڻ پگهاري، اونهي فڪر ۾ پيندو.

4. عرض ٻانهون "منٺار" الائي، ٻَل ٻچيءَ ۾ پاند ٿو پائي،
فضل تنهنجي ۾ عاصي آهي، ته يار ملڻ ڪڏهن ٿيندو.

ڪافي. 62

ٿلهه: منهنجو خان ٻاروچل ساڻ اديون ڙي!
منهنجو خان ٻاروچل ساڻ، لڳم عشق، آهيان آزاري.

1. آيو ڪيچ منجهان ڪوهيارو، اچي ڪيائين شهر ڀنڀور ۾ ڀارو،
آئون ٻه ڏسڻ وينٺي هيس ساٿ سوڀارو، لڳو ٻانهڙ ڪي اُتي ٻاڻ اديون ڙي!
لڳو ٻانهڙ ڪي اتي ٻاڻ، پوءِ وس ڪنا ته ويس ويچاري.

2. آئون ستي پنهنجو ساٿ لڏيائون، ننڊ ۾ چوري ڪوهه ڇڏيائون
گولي گوندر منجهه گڏيائون، ڪيو چام پنهون ناچاڻ اديون ڙي
ڪيو چام پنهونءَ ناچاڻ، گڏ ويس جي هيم هوشياري.

3. ھاڻ ڏونگر لاڪن آئون ڏوريندي، پاھڻ پيرن سان پوريندي،
سر مٿان صدق گهوريندي، پنهنجو پرزا ڪنديس پاڻ اديون ڙي!
پنهنجو پرزا ڪنديس پاڻ، ھيءَ سنديم جان جيل ۾ ساري.

4. چئي "منشار" مناسب آھي، وينديس ڪيچ ملڪ ڏي ڪاھي،
جي ھٿ رکيئين تہ چير پوءِ چاھي، منهنجو اربائي اڳواڻ اديون ڙي!
تيندو آربائي اڳواڻ، سو ڪندو سائم پاڻ ستاري.

ڪافي 63

ٿلهہ: منهنجي جيجل ڙي جند جان اماں، منهنجي جيجل ڙي جند جان
ھن خان بلوچ آھي پرڪائي.

1. ڪيچئون يار ڪوھيارل آيو، پيچ پيارل ساڻ موھن پايو،
موھن تہ برھمڻ ايئن تني پائيو، تہ تہ ھوتند وٽن ڪوھہ وڃان،
اماڙي! تہ تہ ھوتند وٽن ڪوھہ وڃان، پنهنجي عقل آھيان اڙڪائي.

2. دليبر دل ڌاڙي ۾ تيرو، وس وقوف ڪنا آئون ويڙي،
ڪرم نصيب آھيان ھيئن ڪيڙي، دل ياروچل ڪٿي پيان،
اماڙي! دل ياروچل ڪٿي پيان، جا لکئي لوھہ قلم اڙڪائي.

3. ھيس ھتلوائي، پاڻيئڻ پيتي، منجهہ ڪتيئن لاءِ وڙھن وپتي،
پوءِ ليم ڏيرن سان ڏکن لاءِ ڏيتي، ھاڻ ڪهڙو ڏوھہ ڏيان،
اماڙي! ھاڻ ڪهڙو ڏوھہ ڏيان، جو قسمت قيد آھيان ڪرڪائي.

4. چئي "منشار" وھڻ وھہ ليڙو، ڪرڻ ڪشالو پنڌ موھن پيشڙو،
ڪرم خدا مٿيءَ سان جي ڪيشڙو تہ پوءِ لوچي لهندي سان،
اماڙي! تہ پوءِ لوچي لهندي سان، ۽ سندين تار آھيان تڪائي.

Scanned with CamScanner

ڪافي- 64

ٿلهه: هن پنيور ۾ هاڻ پيتر ڙي! هن پنيور ۾ هاڻ پيتر!
پنهنجي ور ريءَ ڪين آئون وهنديس.

1- جاڳيس ستيڙي جي ته سڏي تي. هاڻ ويهان ڪيئن پنر تڏي تي.
چڙهنديس ڏونگر جبل وڏي تي. بنان ڳاٺيتي ڳاڻ پيتر ڙي.
پيتر! بنا ڳاٺيتي ڳاڻ. ڪوڪون ۽ واڪا ڪٺيئي ڪهنديس.

2- لاءِ بلوچي رچن رڻ ٻير جا. سهنديس سر تي سور سفر جا.
ڪنديس ڪشالا ڪاف ڏونگر جا. تنهن ڪوهيارل جي ڪاڻ پيتر ڙي!
پيتر! تنهن ڪوهيارل جي ڪاڻ. سختيون ۽ سور سڄڻ ۾ سهنديس.

3- وڪن وجهڻ سين ڪنڌي ويهون. روئينديس رڙينديس ڪنديس ريهون.
ڇڇي پير ڪيس مرچيهون. توڙي اوجهڙ جي اوکاڻ پيتر ڙي!
پيتر! توڙي اوجهڙ جي اوکاڻ. ته به پاهه لڳيم. هاڻ ڪين بيهنديس.

4- چئي "مقتاڙ" منهنجي مڪمل ڪي. آئون وساريان ڪيئن اڪمل ڪي.
پنڌ ڪري وڃي پيارل پنهل ڪي. اديون ڙي! اچ ڪي سنياڻ پيتر ڙي!
پيتر اديون ڙي! اچ ڪي سنياڻ لوچي لڪن ۾ وڃي ويهنديس.

ڪافي- 65

ٿلهه: منهنجيون سرتيون ساهيڙيون. منهنجيون سرتيون ساهيڙيون!
ڙي اديون هڪجيڏيون! مون ڪي ٿيو وهه ور ريءَ هي پنيور شهر.

1- تنهن ٿهوڙيس آئون تيهاڳي. سات نه وئڙو جي هيم سجاڳي.
پوءِ هوت هليو ويو ساڄڻ ساڳي. منهنجيون خطائون ڏسي ڪهڙيون
ڙي اديون هڪجيڏيون! منهنجيون خطائون ڏسي ڪهڙيون
سو جاڳيو هيئڙي منجهه هور قهر.

Scanned with CamScanner

راڳڻي تلنگ　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　تار ڪلواڙو

2. جا ڪرم نصيب آهيان هيئن ڪيئي، پوءِ وس عقل ڪوئن تڪري ويئي،
ٿون اچي دردن جي درياهه ۾ پيئي، جنهن جون ڇوليون ۽ لهريون ٻچن ڇهڙيون،
ڙي اديون هڪجيڏيون! جنهن جون ڇوليون ٻچن ڇهڙيون
سو تو ٽڪا ڪري، مون تي موڄ ٻحر.

3. جي منهنجيون ڏين ڏرم جون اديون آهيو، ته مون وينديءَ کي ڪيم وراڻيو،
جي سنگت سچائي پنهنجو پاڻ پلايو، ته هلو پيترون! مون سان پيڙيون،
ڙي اديون هڪجيڏيون! هلو پيتر مون سان پيڙيون،
ته هلي ڳولي ڏسون منهنجو مور انور.

4. چئي "مختيار" منهنجو مرشد سائين، تينڏو سوتهون سائين سدائين،
سو ڪڏهن همراهي توڙ ڇيهه تائين، آهن اميدون مون کي اهڙيون،
اڙي اديون هڪجيڏيون، آهن اميدون مون کي اهڙيون،
ته هوندو سائين سو شهزور سرور.

ڪافي- 66

ٽلهه: ڪوهيارل جو ڪيچ مڪان، هڪجيڏيون! منهنجي ڪوهيارل جو ڪيچ مڪان،
ڏوري ڏونگر آئون وڃي ڏسنديس.

1. همت مناسب پاتيٺي جي، تينڏي مدارت مولا ڏٺي جي،
سو ڪڏهن پوري اميد مون ڪالھٺيءَ جي، جو رب رحيم رحمان هڪجيڏيون!
جيڪو رب رحيم رحمان، آئون رستي توڪل جي سين وڃي رسنديس.

2. هاڻي آئون هوت پنهونءَ ڏي هلندي، پوءِ وڃان وڙجي مور ته والندي،
آئون وڃي محبوب سندم سين ملندي، ايئن ڪندو رب جلشان، هڪجيڏيون،
ايئن ڪندو رب جلشان، ته پيشاني پاڪ پنهونءَ جي پسنديس.

راڳڻي تلنگ — تال دادرو

3- پرت پنهل جي پيڙي جيڏيون جن کي، تن ڪو تتو نه لڳي ڪوٽن کي
پير پيا بازار پيرهه وارن کي، پوءِ ڪهڙو خوف گمان هڪجيڏيون!
پوءِ ڪهڙو خوف گمان، اهي سختيون پلئي آئون ڪين سستيس.

4- چئي "مستان" وڏي منزل کي، جهاڳي ٿو ٿنگر روهه جبل کي
وڃي پسنديس چام پنهل کي، جو سات ساري جو سلطان هڪجيڏيون!
جيڪو سات ساري جو سلطان، تنهن جا قدم چمي سلام وڃي چئنديس.

ڪافي 67

ٿلهه: منهنجي هوت پنهل دل هٺين، اديون ڙي منهنجي هوت پنهل دل هٺين
پيترا! ڪين وڻيم پيئور.

1- حڪ شيون هت آيو آريانڻي، ڪيئن ٿي ڪشند ۾ پئي ڪتيانڻي
سهڻل ڪئي پنهنجي سوب سڃاڻي، پالڻ هٿي ويم پئي اديون ڙي!
موت کي پالڻ هٿي ويم پئي، ڪري ويم شڪار شهزور.

2- دل ڪسي ويم ڪيچ ڪوهيارو، ڪري موت مسڪين سين مارو
سانگو سنسار جو وسريم سارو، وس پنهنجي ڪان وئي اديون ڙي!
آئون وس پنهنجي ڪان وئي، لڳم عشق آريءَ جو اڱهور.

3- ٿينهن الست جي لوح ۾ لکايم، سي هت سور اديون اچ آيم
پارڙ پيڙم پلئه جي پايم، آهيان ڪرم نصيب ايئن ڪئي، اديون ڙي!
آهيان ڪرم نصيب ايئن ڪئي، هلڻ جاڳيم هول هيئين منجهه هور.

4- چئي "مستان" مرون مرڪينم، مالڪ پيئيور جا چري مرچينم
پيورا پيتد ۾ پيساهه جي ٿيئم، ٿيان راهه انهيءَ منجهه رٿي، اديون ڙي!
ٿيان راهه انهيءَ منجهه رٿي، ته به صدق ساهه ڪندليس پنهنجو ڳهور.

راڳڻي تلنگ — تار ڪلواڙو

ڪافي. 68

ٿلهه: جيڪا ساهڙ سينڪاري، مون ڪي جيڪا ساهڙ سيڪاري،
سا ڳالهه ڏمر ڪي تہ آئون ڪين ڏسينديس.

1. ٽيون مينهون چرن ميهار جون ٻيلو، منهنجو اتي وڃڻ جو ويلو،
آئون ڪٽنديس پنهنجو پاڻ اڪيلو، نيندو نينهن نسنگ نياري مون ڪي،
نيندو نينهن نسنگ نياري، پاڙي وارين جو خزانو ڪو نہ ڪسينديس.

2. ڪنڍين جو ميهار ڪنڌي ۾، آئون گهوريس گهڙنديس نير ندي ۾،
تنهن سمن ساهڙ چام سنديم، شل گهڙي ساعت ۾ پئي گهاري،
مون ڪي شل گهڙي ساعت ۾ پئي گهاري، تنهن ۾ تل پلڪ نہ ترسينديس.

3. آئون گهڙينديس ڪيم پتوڙي شل پاٽي، جي مانگر مڇ هيئبت ڪن هاٽي،
۽ ٽيندو سمونڊ ۾ ساهڙ ساٽي، ڪندو پاٽهي پوئواري،
منهنجي ڪندو پاٽهي پوئواري، پوءِ دشمن واٽ جا مڙيئي ڏسينديس.

4. چئي "منٺار" توڪل سين ترنديس، آهر ساڻ الله اڪرنديس،
اُت ڏسي صورت سردار جي ٺرنديس، جت مجلس موچاري،
محبوب جي مجلس موچاري، ات پيشاني پاڪ رسول جي پسينديس.

ڪافي. 69

ٿلهه: جن جي محبت ساڻ ميهار اصل، جن جي محبت ساڻ ميهار،
ويندیون سي دوست ڏسڻ درياهہ تري.

1. پاڙي واريون روز پلينديون، مهڻا طعنا منهن تي ڏينديون،
تہ بہ جنيون تن جون ڪين جهلينديون، ڪري جي ڏمر ڏمر ڏهڪار توڙي،
ڪري ڏمر ڏمر ڏهڪار، تہ بہ ويندیون ساڻ سچائيءَ جي ساهہ تري.

Scanned with CamScanner

راڳڻي تلنگ
تار ڪلواڙ

.2 سيسر واڳون ڪُنن ڦهر ۾، لڪين بلائون گهمن بحر ۾،
لڏڙا مچ درياهه لهر ۾، جهوڙ نانگ ڪپر خوف دار توڙي،
جهوڙ نانگ ڪپر خوفدار، تہ بہ ويندئون سي سانئر سمنڊ سانباهه تري.

.3 جن جي ساهڙ ڏانهن سچائي، تن کي لوڏو لهر نہ ڪائي،
سي ويندئون سمن تي ساعت سائي، اهي جهاڳي ڪن ڪارونبار اصل،
اهي جهاڳي ڪن ڪارونبار، وڃي اُڪرنديون اوڙاهہ تري.

.4 ساهڙ سائي آهي اُني جو، هوندو سچو برهہ بحال جني جو،
توڪل ترهو تار ۾ تني جو، ملنديون سي "منٺار" اصل،
وڃي ملنديون سي "منٺار"، آهر ساڻ الله تري.

ڪافي. 70

ٿلهہ: ڪيو مجني کي مستان، سمجهي ڏس، ڪيو مجني کي مستان،
ليليٰ ۾ پرينءَ پنهنجو پاڻ لڪائي.

.1 مومل، سهڻي، سسئي ويچاريون، هير زليخا ورهن واريون،
ٻيون بہ اهڙيون هزارين عشق آزاريون، ڪيون حسن سندس حيران،
سمجهي ڏس ڪيون حسن سندس حيران. جنهن جو جدا جدا جسمن ۾ ٿو سير سمائي.

.2 آل انسان سري هيءَ آيت، آهي الله ڪريم جي اشارت،
سو هادي جنهن سين ڪري هدايت، پوءِ ڪيو بشرت جو بيک، بهان،
سمجهي ڏس ڪيو بشرت جو بيک بهان. پوءِ وهو جسمن ۾ ٿو جهاتڙي پائي.

.3 سو اهڙا ڪم الله ڪري ٿو، هو بي رنگ بي پرواهہ ڪري ٿو،
پنهنجي شوقئون شهنشاهہ ڪري ٿو، وهو صورتن ۾ سلطان،
سمجهي ڏس وهو صورتن ۾ سلطان، اهڙا هزارين ٿو هنر هلائي.

Scanned with CamScanner

راڳڻي تلنگ تار ڪلواڙو

.4 هن مام ڳجهيءَ جا اي "منٺارا" ڪي عاشق سمجهن الٽ اشارا.
جن جا منجهان محبوبن ڏهون نور نظارا، ان لاءِ اُتم نقش انسان،
سمجهي ڏس اُن لاءِ اُتم نقش انسان، سي رند پروڙن رمز رلائي.

ڪافي. 71

ٿلهه: لڳو ليليٰ جي لاري، لڳو هو ليليٰ جي لاري،
تنهن مجني کي محبوب بيهاريو.

.1 مجني لاءِ هٿا ڪئين مارا، آنڌئون پري وٿان وهه وارا،
ڪيئون ڪوڙ بهانا پرين پارا، جي مڪا اٿئي دل جي دلداري،
مڪا اٿئي دل جي دلداري، ٿي وٺيو پيٽئين، ڏنئين مور نه ورايو.

.2 جنهن کي چاڙهي نظاري نينهن نيو ٿي، رڪيئين سانگو ڪونه پيو ٿي،
پٽي لاڏان ليليٰ جي ويو ٿي، جي مخلوق وجهن ماري،
توڙي مخلوق وجهن ماري، ته به عاشق سر قربان ٿي ڪاريو.

.3 مجنون محو ٿيو محبت ۾، ظاهر ليليٰ جي صورت ۾،
وري فنا في الله ٿيو ذات قدرت ۾، چڙهيو نور نبيءَ جي نظاري،
چڙهيو وجي نور نبيءَ جي نظاري، تنهن عاشق کي پنهنجي عشق اجاريو.

.4 جڏهن مالڪ موليٰ مينهن وسايو، تنهن کي ولن ويڙهي ڇانيو لڪايو،
پوءِ پولي بنديءَ جيڪو آدمي آيو، هنيس کهاڙو ڪاٺياري،
تنهن هنيس کهاڙو ڪاٺياري، بيٺو فقير جيڪو ايرام اپاريو.

.5 چئي "منٺار" ته طالب تنهن کي، هو جهليو اچڻ ڪؤن جانب جنهن کي،
سو، هي ڪوڪ سٺائي قرب جي ڪنهن کي، تنهن کي من ڏاتر ڏيکاري،
تنهن کي من ڏاتر ڏيکاري، جنهن پرينءَ هوس پريم پياريو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 72

ٿلهه: موٽ مينڌرا! يار پلاٽي ڪر، تون موٽ مينڌرا يار!
مٽ ۾ راض، رَس ۾ تون راٽا!

1. حج منهنجيءَ جا پايان پچين ٿو، ڏانهن سهاڳڻ سور سڄين ٿو،
مون وٽان ولها ڪوهه وڃين ٿو، سائين! موڙ ۾ پوئتي مهار، پلاٽي ڪر،
موڙ ۾ پوئتي مهار، هي مارين ٿا مومل ڪي ماٽا.

2. منهنجي عيبن ڏي ۾ نهارج، ڪرهو ڪاڪ ويچاريءَ تي وارج،
اچي منهنجا اڳڻ اجارج، سائين! سائو سندم سردار پلاٽي ڪر،
سائو سندم سردار، تو آئي ٿهڪن منهنجا ٽڪاٽا.

3. توڪان ريءَ هيءَ ڪاڪ ڪوماٽي، مون نہ وٽي ان پيئڻ جو پاٽي،
تون اچج پنهنجو شان سجاٽي، سائين ننگ پرور، ننگدار پلاٽي ڪر،
ننگ پرور ننگدار! تو آئي سونهن منهنجا طول وهاٽا.

4. چئي "مننار" پرچ پيارا، ساعت دم نہ سري تو ڌارا،
پايان ٿي پاند ڳچيءَ منجهہ ڳارا، ڪر معاف حرف هزار پلاٽي ڪر،
ڪر معافي حرف هزار، ڏڪج عيب پلئہ ڏج پاٽان.

ڪافي. 73

ٿلهه: منهنجا راٽا! ڪيم رسيج، منٿ مڃ راٽا! ڪيم رُسيج،
مهري ڪاڪ تي اچ موٽائي.

1. ساري جهان ۾ سيس سهاڳڻ، دائم تنهنجي آهيان دعاڳڻ،
ڏمر جي مون ڪي ڪرم ڏهاڳڻ، مون ڪان موڙي منهن ۾ مسيج، منٿ مڃ،
موڙي منهن ۾ مسيج، ڪيم توبهہ پاند ڳچيءَ ۾ پائي.

Scanned with CamScanner

راڳڻي تلنگ　　　　تار ڪلواڙو

2. ميڻيج منهنجا ڏوهه مدايون ڍڪي عيب مڙيئي اگلايون،
تہ مون بي وڙيءَ تي تنهنجون ٻلايون. ڪري پنهنجو توهہ تسيج منت مڄ،
ڪر پنهنجو توهہ تسيج، سو شاهي پنهنجو تون شان ملهائي.

3. پنهنجي ڪرم نصيب عقل سين، ستيس سيج متي سومل سين،
ڏي معافي تون ڳالهاءِ مومل سين. هيڪر هاڻ هيسج منت مڄ،
هيڪر هاڻ هسيج، بي لائق سين تون پاڻ ٻلائي.

4. آهيان ابوجهي عيبن واري، سائو پنهنجي ڪر سرداري
ڏي مومل کي مت موچاري، اها ڏاهپ عقل ڏسيج منت مڄ،
ڪا ڏاهپ عقل ڏسيج، سوڍا توکي جيڪا ريت سيباڻي.

5. چئي "منثار" هن محلاتن ۾ ڪاڪ وارن ڪوٺن قصرن ۾،
راتو ڏينهان تون رهہ راڻين ۾، ويهي ولها وارث وسيج منت مڄ،
ويهي ولها وارث وسيج، مومل جي منهن کي مرڪائي.

ڪافي. 74

ٿلهہ: گهٽيان گهٽيان وڃائيندا هي بين، ويکو سيان گهٽيان گهٽيان وڃائيندا بين.
انهيءَ جوڳي جادوگر کون، مئين سمجهہ سجاتا.

1. بين برهہ دي سن کي توتاري، موهہ ڳَئي ميڏي دل ساري،
ميکون لڳڙي ڪيف ڪٿاري، سيني دي وچ سگين ويکو سيان!
سيني دي وچ سگين، ميکون پيچ پرت والا پرمل پاتا.

2. ميکون لڳڙا عشق اڙانگا، وسرگيا سنسار دا سانگا،
لنگهہ پيان لڄ لوڪ دا لانگها، ڇوڙ دئي والا دين ويکو سيان!
ڇوڙ دئي والا دين، عشق والا اسلام مئين چاتا.

Scanned with CamScanner

تار کلواڑو

راڳڻي تلنگ

3. رنگپور دي وچ رانجھن آيا، فقيران دا بيکڙا بنايا،
کتيان کفنيان گودڙ پايا، هڻ عليٰ تخت نشين ويکو سيان!
هن اعليٰ تخت نشين، تسان صاحبزادي کون سمجھ نہ چاتا.

4. صحبت چوڑ کيڙي والي ننگ دي، سٹسان مئين بين بهوت بي رنگ دي
آکي "منٺار" مئين ايهين ملنگ دي، ٿيسان طالب گهنسان تلقين، ويکو سيان!
ٿيسان طالب، گهنسان تلقين، ميڏا لڳا هُڻ ناتا جوڳي دي نال ناتا.

کافي. 75

تلهہ: آيا رنگپور رانجهن يار ويکو سيان! آيا رنگپور رانجهن يار،
انحد مرلي دا ناد وڄايس.

1. بادشاهي دا چوڑ پسارا، بن آيا مسکين ويچارا،
آسڻ جنهن دا تخت هزارا، اوئي آپ هويا سردار ويکو سيان!
اوئي آپ هويا سردار، هن پوش فقيري والا پرتئون پايس.

2. مک وچ مرلي، ڳل وچ مالها، دستا قلابا، کنان وچ والا،
سر اتون ٻڌندا پڳوا دُشالا، هو يا تنبيان نال تيار ويکو سيان!
هويا تنبيان نال تيار، بن آيا بت بهوت لڳايس.

3. تسان هڻ کيڙييان اهندي خيال دي، مام پروجهو مخفي مقال دي،
ڳولو ڳجهارت ڳجهڑي ڳالهہ دي، اپڻا هوش کرو هشيار، ويکو سيان!
آپڻا هوش کرو هوشيار، ايهين رمز وچ آپ ريجهايس.

4. تخت شاهي کون ترک ڏوايس، بن چاکر ماهي منجهيان چرايس،
هڻ پوش فقيران والا پرتئون پايس، تسان کون آک سٹاوي منٺار،
ويکو سيان! تسان کو آک سٹاوي "منٺار" اينهن لباس وچ آپ لکايس.

Scanned with CamScanner

راڳڻي تلنگ　　　　تار ڪلواڙو

ڪافي. 76

تلھ: ڏاڍا ڏکيا گذاريم ڏينھن ڏينھن، ڏاڍا ڏکيا گذاريم ڏينھن،
جانب! ھاڻ مون سان ڪر نہ جدائي.

.1 آھيان محو تنھنجي محبت ۾، ٿيس غرق سندئي صورت ۾،
اچن اوقاتون انھي عادت ۾، منجھہ لنءُ لنءُ تنھنجي ليھہ ليھہ،
منجھہ لنءُ لنءُ تنھنجي ليھہ، آئون فنا ٿيس تو ۾ فدائي.

.2 توکي ساريندي سڄو سيارو، لنگھيو آرھڙ ۽ اونھارو،
سک ۾ گذاريم ساونڻ سارو، موسم تي وٺڙا مينھن مينھن،
موسم تي وٺڙا مينھن، آئون نہ مليس ھاڻي تي الوداعي.

.3 منھنجيون اکيون ٿيون روز رئن ويچاريون، وھن نيٽن مان نت نت نياريون،
۽ سڀ ڪنھن ماھہ مھيني واريون، پيو راتيون رُئان ڏينھن ٿيھہ ٿيھہ،
پيو راتيون رُئان ڏينھن ٿيھہ، ھاڻي مل محبوب! ھيءُ اٿئي اسم خدائي.

.4 چئي "منٺار" مسڪين ويچارو، ھي سندم حال حقيقت سارو،
ناھي ڪو پيو چلڻ جو چارو، آئون تنھنجي نھوڙيس نينھن نينھن،
آئون تنھنجي نھوڙيس نينھن، گوڏڙي پائي تولاءِ ڪيم گدائي.

ڪافي. 77

تلھ: اچ سگھو سوداگر يار ساموندي، اچ سگھو سوداگر يار!
ھيءُ تولا واجھائي ٿي وڻجاري.

.1 ڏاڍا وڃي تو ڏينھڙا لايا، ڪئين آرھڙ ساونڻ سيارا آيا،
رئندي رئندي ڪو ماٺيم ڪايا، ھڻم ڪارا اچا ٿيم وار، ساموندي!
ھڻم ڪارا، اچا ٿيم وار، ويم جواني ھاڻي ٿيس ڪُراري.

Scanned with CamScanner

راڳڻي تلنگ

تار ڪلواڙو

2. وڃي رهيون تون ولايت ۾ ويهي، ڪري مُئي سين جدائي جيهي، ٽيم ڏکن ۾ ڏيري ڏيهي، پيا جاڳير هول هزار. ساموندي، پيا جاڳير هول هزار. جسم جان منهنجي ڳتيءِ ڳاري.

3. ڪيئن پسند آيئي پنڌ اهوئي، راهه سمنڊ جو رند اهوئي، منهنجين اکين آسا بند اهوئي، ته هتي هجين هروار. ساموندي! شل هتي هجين هروار. ته منهنجي لاءِ هوند باغ بهاري.

4. سٽي منهنجون درد فراق جون دانهون. اچين هوند عجيب! اوراهون ته منهنجي وڃن شاديءِ جا طبل تڏاهون. جي ملين ڪي "منثار" ساموندي! جي ملين ڪي "منثار" ته هوند اهو ڏيهاڙو منهنجي ٿئي عيد سونهاري.

ڪافي. 78

ٿلهه: منهنجا ويا وڻجارا ماءِ آيل! ويا وڻجارا ماءِ!
جيئن ٿا ورهه لنگهن، تيئن ٿا ڪين ورن.

1. واو جهڪون ڪن جهڙڪا جيڏا،
ڪارونيار ۾ ڪئين ڪن ڪيڏا،
مچ مانگر هيبت ڪن هيڏا،
ته ب ڪو ڊپ نه ٿيڙن ڊاءِ، آيل!
ڪو ڊپ نه ٿيڙن ڊاءِ، ڏاڏاڪي سورهيه هيئيان ايمان سندن.

2. سئ تني جا سورا اندر ۾،
ٿا پون پلپل پور اندر ۾،
۽ ورهه گهٽا وهلور اندر ۾،
آهي گهايل ڪي هيءُ گهاءِ، آيل!
آهي گهايل ڪي هيءُ گهاءِ، ٿا چاڪ فراق جا روز چڪن.

Scanned with CamScanner

3. سڙهه سڀي ڪري سنبت سموري،
هليا ويا هن ڏيهه حضوري،
هتان ڪٽي ويا جا ساڻ ڪٽوري،
جنهن جو هت پدم ڪروڙين پاءُ، آيل!
جنهن جو هت پدم ڪروڙين پاءُ، سا انهين ولايت ۾ وڃيو وڪٽن.

4. طرف لڪئي جون لاٿون تن سين،
سڳ سنگت هوم ساموندين سين،
سانگو آ سانگو هوم انهن سين،
پيو هت پيڻ نہ منهنجو پاءُ، آيل!
پيو پيڻ نہ منهنجو پاءُ، پوءِ مون کي ڇڏيو ڇالاءِ آهي تن؟

5. ڪن وٽج جنهين ولايت وسن سي،
اُت راحت رحمت ساڻ رسن سي،
وري ڏکيو ڏيهاڙو شل ڪو م ڏسن سي!
ڪوئي تڪ تڙڪي جو تاءُ، آيل!
ڪوئي تڪ تڙڪي جو تاءُ، شل خدا ڪري هت خوش راس رهن!

6. ٽيندو رهنما رسول اُني جو،
۽ پوندو ڪشالو قبول اُني جو،
من معافي ٿئي محصول اُني جو!
تن ڪي شال ۾ روڪي راءُ، آيل!
تن ڪي شال ۾ روڪي راءُ، پوءِ من ڪٿي ڇٽي آباد اچن!

7. سوين هزارين ڪير سڪائون،
خواجا پير سنديون مڃتائون،
رڪان ٿي اميد اڃا هيءَ آئون،
من وري ڪو سٽائو واءُ، آيل!
من وري ڪو سٽائو واءُ، اُها مند ساڳاهي پوءِ من موٽن!

8. وينـــي بنــدر تـــي آئـــون وڻجـــاري،
واڻ سمنـــڊ جـــي ڏســـان ويچـــاري،
اچـــا بــــ وريـــا ڪيـــن واپـــاري،
هـــوم چــت جنـــي ســـاڻ چـــاءُ، آيـــل!
هـوم چـت جنـي سـاڻ چـاءُ، سـي بيڙيـا تـا ڻـا ٻئـي هنـڌ ٻڄـن.

9. آئـون وينـــي رنيـــس جنهـــن رات ويـــا،
ســـي پڳهـــ چـــوڙي پرپـــات ويـــا،
ڪنهـــن اهـــڙي اڪسيـر ولايـــت ويـــا،
آهـــي جنـــت جنهيـــن جـــو نـــاءُ آيـــل!
آهـي جنـــت جنهيـــن جــو نـــاءُ، شـــل اتـــي هميشـــ حيـــات هجـــن!

10. چئـــي "مننـــار" اچـــا مـــن اســـري،
دل پيـــاس ســـندين ۾ پســـري،
ويـــل وجـــود منجهـــان نـــا وســـري،
تـــن ســـامونڊين جـــو ســـاءُ، آيـــل!
تـــن ســـامونڊين جـــو ســـاءُ! ســـي ذري ذري اچيـــو يـــاد پـــون.

ڪافي. 79

ٿلهہ: منهنجا ڍولي ڍڪيا ٿي ڏوهہ ڏوهہ، منهنجا ڍولي ڍڪيا ٿي ڏوهہ،
مون تي تنهن ڪاند ڪاوڙ ڪڏهن نہ ڪئي.

1. جڏهن ڪا جوڀن هيم جواڻي، ٿي تڏهن ڏنگايون ڪيم ڏينهاڻي،
۽ انهين ساميءَ ڏي آئون ساڳياڻي، اهي ڪريو ويندي هيس ڪوهہ ڪوهہ،
اهي ڪريو ويندي هيس ڪوهہ، هئا گهوڙو ۽ بادشاهہ همراهہ ٻئي.

راڳڻي تلنگ

تار ڪلواڙو

2. سو جڏهن سولو هوم ستارو، تڏهن بادشاهه به هوم بردارو،
۽ هاڻ ٿيم دشمن جڳ سارو، مون سان ڪئنرو، ڪري ٿي ڊوهه ڊوهه،
مون سان ڪئنرو ڪري ٿي ڊوهه، سا بنائي مڪر فريب ويئي.

3. هئي منهنجي اُتر متاهين ماڙي، ۽ اهڙي افضل هير اڳياڙي،
۽ پيئوٽي ٿي منهنجي هاڻ پڇاڙي، جيئن لکيو متي هو لوح لوح،
جيئن لکيو متي هو لوح، اڄي اها قضا اثبات ٿئي.

4. تڏهن پوءِ مت عقل جي آيم اجائي، پيم ڪانه پروڙ ڪل ڪائي،
ڪٿي ڇڏيس آئون پاڳ نياڳ پلائي، تڏهن موهيس مٽئي جي موهه موهه،
تڏهن موهيس مٽئي جي موهه، پوءِ هار ڪنيم وڃي حرص پئي.

5. جڏهن ويئي جواني آئي منهنجي پيري، اُهي ڇڏيم اوج اتم آخيري،
هيءَ حال حليم مون تي ضعيف ظهيري، اهي ڇڏي ويس سڀ ڇوهه ڇوهه،
اهي ڇڏي ويس سڀ ڇوهه، مون ڪي ٿو تڏهن تڙائي ڪريو تاب تئي.

6. هاڻ به چئي "منثار" منت منهنجي زاري، پايان ٿي پاند ڳچي منجهه ڳاري،
شل ٿيان مر ليور ۾ آئون لحياري! ڪريو توبهه پنان ٿي توهه توهه،
ڪريو توبهه پنان ٿي توهه، من ڪو رکي پناهه پنهنجو پاندڙو ڏيئي.

ڪافي. 80

تلهه: آئي تڪبر ڪوُن تقدير مون تي، آئي تڪبر ڪوُن تقدير
نه ته پي جام چنيسر وٺ چاڳ ڪير.

1. هيس مالڪ هن محلن ۾ تي، بادشاهي ڪير بنگلن ۾،
آئون ڪا اتم راتي رتولن ۾، هيس ڪنڌ مصري جيئن ڪير سائس،
هئي ڪنڌ مصري جيئن ڪير، تڏهن ٿي اهڙا سهنج سهاڳ ڪير.

Scanned with CamScanner

تار ڪلواڙو

راڳڻي تلنگ

2. سا اعليٰ درجي هيم اڳياڙي، ۽ ڪنئرو نجان هئي ڪير ڪڇاڙي،
تيم پهانئڻ ڪيم بگهاڙي، پوءِ ڪيو منهن مٺئي جو ميم واري،
ڪيو منهن مٺئي جو ميم، پوءِ هي ڏکيا حال ڏهاڳ ڪيم.

3. ۽ ڏانهن ساميءَ سڀ ڪئي سهماڻي، آئون پنڌ ڪندي هيس پاڻئون ڄاڻي،
تہ بہ داسڙي وٽ هيس ڏڄاڻي، آندي ڪاند نہ مون تي ڪريم،
تہ بہ آندي ڪاند نہ مون تي ڪريو، توڙي ٿي هٽ رس رهاڻيون وڃيو راڳ ڪيم.

4. تڪبر آهيان هاڻ ترائي، هستي هئڻ آئون اُڇلائي،
تڏهن داسڙي بہ درتئون لوڏائي، پوءِ ترڇي تيس تغير،
آئون پوءِ ترڇي تيس تغير، پوءِ نڪتل لقب نياڳ ڪيم.

5. آهيان جڏهن ڪاند ڪواري، تڏهن آئون لوڪ ۾ ٿي لڇياري،
پوءِ ٿي ڪنهن کي ڪين وڻان ويچاري، مون کي ڏنو هيءَ عتاب امير هاڻي،
مون کي ڏيندو داسڙو دلڏير، هاڻي توبهہ لاءِ سهاڳ ڪيم.

6. چئي "منٺار" مون کي ڏيندو معافي، ۽ ڪيم ڏوهہ ڪبيرا ڪافي،
آهي سندس شان شاهاڻو شافي، ڏيندو داسڙو لڏير،
مون کي ڏيندو داسڙو دلڏير، هاڻ توبهہ لاءِ سهاڳ ڪيم.

راڳڻي تلنگ　　　　　　　　　　　　　　　　تار ڪلواڙو

ڪافي. 81

ٿلهه: هي خواب لهي خوش روح ٿيو، وجي دوست پنهنجو دلدار ڏنم؟

1. ان خواب ۾ صورت خوب ڏسي، آئون ماٺهو ٿيس محبوب ڏسي،
هيو مونجهه لٿو مطلوب ڏسي، سڀ گوندر ويو غمٽار ڏنم.

2. تنهن خواب مونکي بيتاب ڪيو، سارو هوڏ هٺ جو حساب ويو،
ان جي صحبت ساڻ ثواب ٿيو سو سيقل دل سردار ڏنم.

3. هي خواب ڏنم دل وارين اکين، مونکي صورت ياد آهي سندين،
جنهن سان شمس قمر مٽ ڪين پون، سو نور سندس نروار ڏنم.

4. چئي "منٺار" آمين چئي، پوءِ زيارت مون مسڪين ڪئي،
ٿيس طالب تنهن تلقين ڪئي، وجي مرشد سو مهندار ڏنم.

راڳڻي بروو　　　　　　　　　　　　　　　　تار اولنگهه

ڪافي. 82

ٿلهه: محبوب جي منهن محراب ۾ ظاهر ٿي، گر ذات ظهور ڏنم.

1. هت هت هادي سو هيڪ آهي، ڪو تنهن ساوت ٻير ناهي،
سو آيو انسان جو پوش پائي، اهو درس سندس دستور ڏنم.

2. آل انسان سري جو بيان آهي، اتي شاهد پاڻ قران آهي،
پوءِ صورت ساڳي سبحان آهي، اهو نرمل مبهه خود نور.

3. جڏهن پيتم جام صراحي جو، تڏهن ويڙو دليل بيائيءَ جو،
وجي حال ڏنم هيڪڙائي جو، پوءِ هت هت حق جو حضور ڏنم.

4. چئي "منٺار" مسڪين انهين، آهي دل جو ويساهه يقين جهين،
ٿوحال ڪريان اظهار تنهين، منجهه مرشد سارو مذڪور ڏنم.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 83

ٿلهہ: عمر ساري افراد ادا! ويهي غفلت ۾ گذران ڪيئي.

1. مرد موليٰ تي ويا تن ڪوڙ ڪسب هت ڪين ڪيا،
وجي ڪيا، ڏس تو جند نہ پنهنجي قربان ڪيئي.

2. هئي همت هت ڪانہ ڪيئي، تان جان عمر ساري افراد ويئي،
هت جي دنيا ۾ ڏينهن هيئي، سي تان ضايع اجايا زيان ڪيئي.

3. اڄ ڪي سڀاڻي تون ويندين مري، توکي بندگي جي ويل ايندي نہ وري،
جنهن سودي جي لاءِ آيو هون، سنبري، اها نيمي پنهنجي نقصان ڪيئي.

4. اي "منٺار" وڃائيءِ چمار، هاڻي حيف هونئي توکي تي نہ سنڀار،
جي دم تنهنجا چوويهہ هزار، چو نيت پنهنجي نادان ڪيئي.

ڪافي. 84

ٿلهہ: ڪنهن سان ورهہ ونديان. ويهي سور سارا، منهنجا هئي هئي هلي ويا حال وارا.

1. اهي صحبت وارا ويا مور مري، ان جي ڳڻتي ٿيم ورونهن ڳري،
لنگهيا ورهہ وڃان آيا ڪين وري، هڪدم نہ گناريم جن ڪوئن ڏارا.

2. آهي واقف هئم مضمون پاڻي، منهنجي مخفي ڳجهہ جي باطون پاڻي،
اهي هوا سچيار ستون پاڻي، جيئن پتنگ هجن تيئن هوا پرت پارا.

3. ان جي صحبت لاءِ سڪان ساريان، هئي هئي روز هنجون رت هاريان،
ڏکيا ڏينهن حياتي جا گهاريان، نديون نير وهن ڪيو نيڻ نارا.

4. چئي "منٺار" تہ سوال منهنجو، من الله سٽي احوال منهنجو،
ڪندو ڪرم ڏسي هيءَ حال منهنجو، من محب ملن مون کي يار يارا.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 85

ٿلهہ: ڪجليون ڪيفن واريون ڦٽي ويم جسم سارو.

1. زلفن واريون ني وي وڏيئي اسان کي، وومياں، ڳچي ڳل ڪنمندون مواريان،
ڳچي ڳل ڪمنـدون ۽ ڳـاريون، نڪـرڻ نـاهي ڪنـارو.

2. اکيون تنهنجيون ني وي هٽڻ اسان کي، وومياں! قلب هيئڙي منجهہ مواريان،
قلب هيئڙي منجهہ ڪٽاريون، سگهو رهندس ڪيئن ويچارو.

3. ڪٽي آيون حسن جاني وي سپ هٽيارا وومياں! پرون ٻي تيغون موراياں،
پـرون ٻئـي تيغـون تراريـون، ٿهـون سـالار سـوپارو.

4. چئي "منٺار" ني وي محبوب اوهان کي وومياں، ڪريان لک لک وو مواريان،
ڪريـــان لک لک نيزاريـــون، دارون ڏي دردن وارو.

ڪافي. 86

ٿلهہ: حقيقت حال منهنجي جي سڄڻ ريءَ ڪونہ سڃاڻي.

1. مرض منهنجي کي ني وي ٻيـو لـوڪ نہ سمجهي وومياں سور جنجـال مواريـان،
خبـر جنجـال منهنجـي جـي، تـل نـہ طبيـب ٻيـو ڄـاڻي.

2. جيءَ منهنجي سـان نـي وي، جـادو جنهـن ڪيـو وومـيـان انـدر احـوال مواريـان،
انـدر احـوال منهنجـي جـي، سـو پيـر پـروڙي ٿـو پـاڻهي.

3. آئـون نـت آهيـان نـي وي پنـنـدڙ پـاڪ ڏٽـي ڪـان، دعـاڳڻ لال مواريـان،
دعـاڳڻ لال منهنجـي جـي، تـہ جوانـي خيـر سـان مـاڻي.

4. چئي "منٺار" ني وي اتـم اميـدون وومـيـان، تـہ صـدا هـن سـوال مواريـان،
صدا هـن سـوال منهنجي جي، سـٽي مـن رحـم ڪـو آڻـي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 87

ٿلهہ: اچي مل يار پيارا، آئون جا اميد نہ لاهيان.

1. اگڻ اسان جي ني وي آءُ تون عجيب وميان، ڀري پنهنجا قدم وو مواريان،
ڀري پنهنجا قدم ڀلارا، تہ سرهي سيج وڇايان.

2. سور سناٽو ني وي جاڳير جيءَ ۾، وميان، درد دل تي وو مواريان،
درد دل تي توئي ڏارا، اڄ تہ اهي سور سٽايان.

3. اصل الستي ني وي ٻول ٻاروچا وميان، پارج پنهنجو سخن وو مواريان،
پارج پنهنجو سخن سچيارا، آئون اها ڀانهڙي آهيان.

4. چئي "منٺار" ني وي سٽج صدائون وميان، ڪريو آزيون وو مواريان،
ڪريو آزيون ڳچيءَ ڳارا، اوهان کي عرض الايان.

ڪافي. 88

ٿلهہ: نہ ڪر مٺيءَ ساڻ تون ماٺا، اچي ڏي ڪا دلداري.

1. اکيون تنهنجيون ني وي ٽيون مارن مٺي کي وميان تن گهورن ڪوڙيا مواريان،
تن گهورن ڪوڙيا جي گهاٽا، پٽي جندجان تي ساري.

2. جادو منهنجي جيءَ ۾ ني وي مخفي ماريئي وميان سو ٿي آئون ڪين مواريا،
سو ٿي آئون ڪين سڃاڻان، جو واقف ناهيان ويچاري.

3. دلبر ڏيئي وچ دارون دردوندي کي وميان، ٻڌج پٽيون وومواريان،
ٻڌج پٽيون اچي پاڻان، هيءَ سمجهين ٿو تون بيماري.

4. چئي "منٺار" ني وي آهيان اُداسي وميان، ڪڏهن ملندو وو مواريان،
ڪڏهن ملندو تون نجاڻان، توسان منهنجي توبہ زاري.

تار اولنگهہ

ڪافي. 89

ٿلهہ: پنهل توکان اٿم پڇڻيون، ہاتي ہاروٿڻ جون ڳالهيون.

1. جن مهميزن سان مٺي ڪي موهيئي وومیان، سنديڻ هيڙيون وو مواريان،
سنديڻ هيڙيون سي سلڇڻيون، اهي ريتيون رمزن واليون.

2. اکڙيون تنهنجيون ني وي تيغون تراريون وومیان مٺي مشتاقن مواريان،
مٺي مشتاقن جي مڇڻيون، ڪهن ڪجليون سي ڪاليون.

3. جڏهن پيتڙم ني وي توجهہ تنهنجو وومیان ويم وسري وو مواريان،
پوءِ ويم وسري بريون بڇڙيون، سي مون وري ڪين سنڀاليون.

4. چئي "منٺار" ني وي مرڻ نہ جيئڻ منهنجو، لڇي ڪاڏم وومواريان،
اڃي ڪاڏم لکين لڇڻيون، هميشہ هي هيم حاليون.

ڪافي. 90

مدد جي هوا من واري ٿي پيا ويري نہ وڻن ٿا.

1. هئم هميشہ ني وي حال جا پائي وومیان، ڏنئون ٿي سک ڪي مواريان،
ڏنئون ٿي سک ڪي سڏاري، هاڻي مون تي ڪين ڪڻن ٿا.

2. اصل اسان جا ني وي هوا ساٿاري سڃيءِ ۾، وومیان سيئي ساڳيا وومواريان،
سيئي ساڳيا صلحداري، مون سک واري تي سڙن ٿا.

3. مهند منهنجي ني وي ڪيئون ٿي پناهي وومیان، وري جاسوس مواريان،
وري جاسوس ٿيا چاري، هزارين چغليون هڻن ٿا.

4. چئي "منٺار" ني وي سڄ محبوب موچارا، ڏجان دل ڪي وومواريان،
ڏجان دل ڪي دلداري، پوءِ ڇا جي لغورلڙن ٿا.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 91

ٿلهه: سنگت نباهيج سامي، چني ڇڏجان ڪيم ڇوري.

1. تنهنجي خادم ٿيندس وي، خدمت ڪنديس وومياں مهندا تنهنجي مواريان، مهندا تنهنجي مدامي، بندگي سان بيزوري.

2. وڏي ويساهون ني وي تهدل تنهنجي وومياں، مڃيم گهوٽ وومواريان، مڃيم گهوٽ غلامي، صدق سوءَ وار آئون گهوري.

3. آزيون نيازيون ني وي سڄ صدائون وومياں، خدا صاحب جي مواريان، خدا صاحب جي نامي، تل نه پاسي ڪجان توري.

4. چئي "منٺار" ني وي پاڪ فقير پيارا، ٿيجان هر ويل مواريان، ٿيجان هر ويل تون حامي، آهيان نالائق نسوري.

ڪافي. 92

ٿلهه: ڪر مون عاشق تي احسان، مل مون کي محبوب منهنجا.

.1 قالو بلا، واري وقت ۾، آئون ڇريو توتي انسان،
نيڻ تنهنجي سي نوان، مون کي قلب دل جيري ۾ ڪان.

.2 مون اڳيئي عرض ڪيا، سائين تون معلومات جو جوان،
هاڻي سٽي هادي! منهنجي درد وارو داستان.

.3 تون نجان ڪنهن جو ٿيندون، تولاءِ سڪي سارو جهان،
آئون أني مان هيڪڙو، ديدار لاءِ اميدوان.

.4 ري ملڻ "منٺار" چئي، اهي اندر منجهه انسان،
جي اچين گهر يار منهنجي تان چوان ڪو شڪران.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 93

ٽلهه: آهي خدا تنهنجي ديدار ۾، منهن مون کي مرشد ڏيکار.

1. تون نبيءَ جو نور آهين، دادلو سائين دربار،
تون پيشاني پنجتن جي، ۽ تو ۾ آهن يار چار.

2. تنهنجيون تعريفون گهڻيون، بيحد چوڻ کؤن بيشمار،
سڀ جنس ۾ سير تنهنجو، اپر قدرت تي اپار.

3. مون کي آس اها آهي، درسن ڪرڻ جي درڪار،
۽ منهنجو مقصد ايترو، تنهنجو حسن ڏسان هروار.

4. منهنجو عرض اهو اٿئي، آئون آهيان تنهنجي اختيار،
۽ "منٺار" هن مسڪين ڏي، ڪٽي پنهنجي نيڻن سان نهار.

ڪافي. 94

ٽلهه: ري خدا جي بندگي ميان! ڪرڻ نا اٿئي ڪار ٻي،
ڇا ٿيندءِ ڪوڙن قصن مئون سمجهه سرت سنڀار ٻي.

1. ناحق ندوري نفس جي، چاڪر چئي ۾ ٿو رهين،
اها آهي آزمائش تولاءِ، سالڪ مت سڌار ٻي.

2. ٻي سڀ لذت الله جي، نالي بنا نقصان اٿئي،
جو ڏٺي ڪان ذار ٿيو، دل ۾ رکين درڪار ٻي.

3. هئڻ هيڏو جو ڪرين، تو ۾ طاقت ناهي ڪا،
۽ توکي هلائي جا هر وقت، سان سچ اٿئي سرڪار ٻي.

4. خوف خطرو رک خدا جو، جو ڪنبين ٻي قوم کؤن،
ڇڏ طمع تہ تڪليف توتان، معاف ٿئي "منٺار" ٻي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 95

ٿلهه: دوستي واري دين ۾ ڪوڙ ڪرڻ جو ڪونهي مناسب.

1. سڻي سمجهي ڳول ڳجهارت آهي قرآن ڪريم جي اشارت،
لعنت الله[1] الڪاذبين ۾.

2. ڪڍي غير ڪوڙي ڪچ جي، ڳالهه صحبت ۾ ڇنجي سچ جي،
جا اصل عقل امين ۾.

3. ڪوڙ اٿئي دشمن ايمان جو، سچ سڏارو ڇوڻ زبان جو،
۽ پيچ هند، سندچين ۾.

4. چئي "منثار" تہ مرشد مالڪ، ٿيو سمجهائي انهين سالڪ،
سو طالب ڪي تلقين ۾.

ڪافي. 96

ٿلهه: سڀ اسان ڪي ٿيا سهڻا، ويڻ اوهان جي ڪارڻ اڏنگا.

1. جي لاءِ تنهنجي ديدار ديوانا، تن تان بديون ۽ بهتانا،
سي لوڪ جا مور نہ لهڻا.

2. طعنا تنڪا ڪارڻ تنهنجي، موتي، ماڻڪ واسطي منهنجي،
ماڻهو ڏين مرمهڻا.

3. نماڻي ڪي تنهنجا نڪتا، پيچ اندر ۾ ڏين پختا،
سي روح منهنجي منجهہ رهڻا.

4. چئي "منثار" محبوب اوهان جا، سخن سمجهايل توڙئون توهان جا،
سي ہي نہ ڪهين ڪي ڪهڻا.

---

[1] لعنت الله علي الڪاذبين = ڪوڙن جي ڦٽڪار.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 97

ٿلهه: آيو ڪنياتل خاطي، خط ڪٺي محبوب جو مان ڏي.

1. اکر پڙهي سي عجيبن وارا، منهنجا مطلب سريم سارا،
نيڻ نريا ۽ ٻي ڇاتي.

2. يار جي ڳالهيون ڇئي زباني، لاءِ منهنجي سي آهن لاثاني،
جي ورد ٻڌائين واتي.

3. خط انهيءَ ۾ آهن خبرون، پيش، جزم، مد، زيرون زبرون،
آهي نفي اثباتي.

4. ڇئي "منثار" مقال موچاري، پرين جي پرزي منجهه پياري،
ذڪر نسورو آهي ذاتي.

ڪافي. 98

ٿلهه: جي سانگ پاتئه شينهن جو، تان پوءِ م گدڙن سان گذار،
نيڪ نالو تو سڏائين، نظر پنهنجي سان نهار.

1. لقب پنهنجو نان لجائج، شان شاهي ڪي سنيار،
اهي قوت تنهنجو ڪو ٻيو، پوءِ مڪر مڇيون ڪيم مار.

2. ڏس اني جي اقبال ڏي، جن جي چڙهيون نالي نظار،
پوءِ لاڏ لٽڪا لوڪڙن سين، ڪرڻ توکي ڪين ڪار.

3. تو جنهين جو پوش پاتو، وقت تنهن کي نا وسار،
تنهن مدارت مرد جي سان، تون لنگهي وجي پونديں پار.

4. اي ڪيم منجهه "منثار" تون، ڪٽي ڏيان دل پنهنجي جو ڏار،
هڪ سچي سڪ کان سواءِ، اٿئي ٻي مڙئي فاني ڦلهيار.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 99

ٿلهہ: جي هنجڙو پکي هولي تنهنجي ذات،
تان پوءِ تون ڦٽي ڪر چال ڇپن جي.

1. قوت هنجن جو جواهر لعلون، آهن مشهور ان جون مقالون،
جي موتي چٹن پنهنجي وات، ٻيو ڪاچ مڇي آهي قوت ڪنگن جي.

2. سنگت پنهنجي ڪي سارج سنڀارج، وايون اُلٽي جون ڪيم وسارج،
لنءِ ڪا سٻاجهڙيءِ لات، هت ڪان ڪان ڪرين ٿو سا ٻولي نجبان ڪن جي.

3. توکي ٿو جڳائي شان موچارو، تہ ٿيئي پکين ۾ مان موچارو،
طلب چڱي ڪر تات، ڏس تون چوائين ٿو ذات چڱن جي.

4. اي "منٺار" سرتون سجاڻج، پٿون جو پاتار جو سو پارس آڻج،
پوءِ پرهہ ڦٽي پريات، قيمت ملنديئي ڪوڙ لکن جي.

ڪافي. 100

ٿلهہ: گڏجڻ تنهنجو اڳ نہ گهران ٿو، ڪج تون اسان جي سا يار يادگيري وو!

1. تيتر هجين تون ڏور ڏسڻ ڪان، آئون ڏينهڙا گذاريان پراهون پسڻ ڪان،
اهو تہ اوهان کي عرض ڪريان ٿو، تہ هجي حب توڏانهن فراق فقيري وو!

2. آهيان آئون ويچارو اُميدن وارو، جنهن منجهہ منهنجو مقصد سارو،
سا دل ۾ اميدڙي روز ڌريان ٿو تہ ٿئيم نصيب تنهنجي سڪ سر سيري وو!

3. جيڪا رکي اٿم روح ۾ رتائڙي، سا پوري ڪنلون تون سنديم سڪائڙي،
آئون ويساهہ انهي جي پاس پر ان ٿو، تہ پڇندي مراد منهنجي اها اڪسيري وو!

4. چئي "منٺار" ملج تڏاهون، ويل سڪرات جي ايندم جڏاهون،
آئون تڏهن طلبينديس تہ موت مران ٿو، هاڻي اچي رس رهبر هي آهي اخيري وو!

Scanned with CamScanner

ڪافي. 101

ٿلهہ: سفر ڪنديس آئون سويري، ملي ڪيچي من ڪوهيارو.

1. منجهہ پنہور جي بازار، آيو سوداگر آرياڻي،
ونڻ واپار جي ڪارڻ، آئون خوش ٿي ويس ڪٺياڻي،
آئون وڏي گهر جي ٻڙي! جيڏيون.
آئون وڏي گهر جي هيس وڏيري، لڳي وير نينهن جو نظارو.

2. هيس هنلواڻي اصل ڪان، پانڻ جي پيٽ ڄائي،
شهر پنہور ڪٺين ۾، آئون سورن لاءِ ساماڻي،
گهڻي گوندر ٻڙي جيڏيون!
گهڻي گوندر آهيان گهيري، جو آيو مون ورهن جو وارو.

3. چنوءِ اڄي ڪري چرٽيون، پٽيل پائي جدائي،
مارينلو تنهن منافق ڪي، نانگ ڪپر شل ڪائي،
وڃان ويندو ٻڙي جيڏيون!
وڃان ويندو اهو ويري، هاوي منجهہ هڇارو.

4. وس واڪا ڪرڻ واجب، لاءِ ڪوهيارل ڪيڏا،
ڏک ڏونگر جا قبوليم، هوت پنهل لاءِ هيڏا،
حب سنديس ٻڙي جيڏيون!!
حب سنديس آهيان هيري، جو سڪ سمهڻ ويوم سارو.

5. چئي "منٺار" منهنجي لاءِ هوت ڏي، هلڻ هدايت،
جي پهتيس ڄام پنهل ڪي، ته ڄڻ ٿيم نصيب نيامت،
نہ تہ بہ آئون اڳيري ٿيان ٻڙي جيڏيون!
نہ تہ بہ آئون اڳيري ٿيان لڳيري، پوءِ هوندو جيڪو سندم ستارو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 102

ٿلهه: مون عاشق جو اڄڻ اوهان ڏي، ڪهڙي بابت بند ڪيوئي.

1. مون کي محبوب پيارا! تو پيند پيرن منجهه پايا،
پورا پاڻ ڪرين تو، روح پنهنجي جا تون رايا،
وڃان ڪاهي منهنجا سائين! وڃان ڪاهي پيڻ ڪاڏي،
وجهي منجهه قيد، ڪمند ڪيوئي.

2. مون کي محبوب تو ڏارا ساعت ڪاڻ سري ٿي،
منهنجي دلڙي فراق ۾ ڦاٿيو، ڏاڍي ڏک ۾ ڏري ٿي،
جنهن جي طلب منهنجا سائين! جهين جي طلب توهان ڏي،
تنهن کي نه ڪنهن رستي رند ڪيو ئي.

3. تنهنجي جدائي ۾ جانب، ڏکيا ڏينهن گذاريان،
روئندي روئندي ڏينهن راتيون، گهڻن ڏکن منجهه گهاريان،
اڄن سوَ سور منهنجا سائين! اڄن سوَ سور اسان ڏي،
اهو وري پاپ پسند ڪيوئي.

4. چئي "منٺار" مليس تون مون کي، جانب جيڪر جڏاهين،
هوند ورهه وٺان مون وڃن، سي آئون تازو تيان تڏاهين،
لقب جهڙو منهنجا سائين! لقب جهڙو هجي لاڏي،
تيئن چڻ منهنجو حج، هن هنڌ ڪيوئي.

ڪافي. 103

ٿلهه: عمر! اڄ خواب ۾ آيو، مارو مير اسان جو.

1. اڄ مون کي آئي هئي، ني وي ننڊ نيرن ۾ وي ميان!
ته اڃي خواب ۾ ڪيت مواريان، ته اڃي خواب ۾ ڪيت ڇڏايو.
پڇي زنجير اسان جو.

2. سهڻو لڏم عمر سائين! پنوهار ڪيس پنهنجي وي ميان!
مون کي جنهن ماڳ مواريان، مون کي جنهن ماڳ رسايو،
جو ملڪ مليرَ اسان جو.

3. هيس جنين جي، نِي وي ڏيس تنين جي، وي ميان!
قادر قيد مواريان، قادر ڦيد ڪٽايو،
چٽو سرير اسان جو.

4. چئي "منٺار" نِي وي اٿر، اميدون وي ميان!
تہ ڏيندم سانگ مواريان، تہ ڏيندم سانگ سجايو،
سبتو سير اسان جو.

ڪافي. 104

ٽلهہ: هٽيار حسن جا يار ڪٽي اچي عاشق کي سنگسار ڪيئي.

1. جلوي دار تون يار اظهار آهين! تنهنجي دهشت داپ جهلي نہ کهين،
هن طالب تي اچي وقت تهين ڪوجو توجهہ نظر قهار ڪيئي.

2. منهن محراب ۾ ڪو اسباب آندء، ابرو تيغون تراريون تاب آندء،
خوني نيڻ ڪٽي بڻچيون ٻاڻ هٽي، اچي سڪنڊڙ ماري شڪار ڪيئي.

3. نڪ جو نشان نروار ڪري! ٻولڻ ڏند زبان اظهار ڪري،
ڪنهن تقدير ڪنون ڪو زنجير وجهي منجهہ زلف جي گرفتار ڪيئي.

4. جڏهن يار تنهنجو ديدار ڏيو، پوء بدن منهنجو بي قرار ٿيو،
جنهن کي عشق آزار سو ناهي حيات، ممات وانگي "منٺار" ڪيئي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 105

ٿلهه: اڄ نہ ڪريون ڪاڪ تي راڻا رهاڻيون،
مون کي ڏک ۾ ڏينهن ويا لنگهي، هيون راتيون وهاڻيون.

1. ڪوٽ قصر ڪاڪ جا، محل هيون ماڙيون،
اڇي نواز نہ ٿين، نيون جايون پراڻيون.

2. تولئہ سوڍا! سيج پلنگ تي، رکيم سرهاڻيون،
سي گادن مٿي گلن جون، ڪليون ڪوماڻيون.

3. تولاء روشن ڪريان، رات جو ڏيا ڏهاڻيون،
سي بتيون تيل قليل جون، اچي اجهاڻيون.

4. منهنجي ميڙ اٿئي "منٺار" چئي لڇون نياڻيون،
مون کي معاف ڪجان مينڌرا! ڪروڙ ڪاڻيون.

ڪافي. 106

ٿلهه: اچي تون مير مينڌرا! وڃين متان وري،
نہ تہ سوڍا، انهي سور ۾ مومل وينديئي مري.

1. آئون نہ اصل کان آهيان ميان! چال جي چري،
تہ بہ سوڍا سيس تو سندي توڙي عيبن ڀري.

2. ايڏيون ميارون مسڪين تي سائين! ڪامل چوڪرين،
مون کي راڻا راڻي تون ڪجان نہ تہ بہ گولي گوجري.

3. تنهنجو ڏمر ڏاڍائي ڏسي منهنجي حجت ٿي ڀري،
هاڻ ڪامل ڪر قبول تون منهنجي نياز جي ذري.

4. تنهنجو ماٺو ڏسي "منٺار" چئي منهنجو ڏيل پيو ڏري،
مون کي ڏي ورائي ولها! دلاسو دلبري.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 107

ٿلهه: مون کي مينڌرا! مارين ٿيون رسڻ جون باتيون،
تون وڃيو ٻي ولايت ۾ رهين ٿو راتيون.

1. ڪوٽ اندر ڪاڪ جي پاٽئي جي جهاتيون،
سي سوڍا! سڪندين کي ٿيون ڪيين ڪاتيون.

2. جي مون ڪروڙيون ڪاڪ جي ماڙين تي لاتيون،
سي تو بناتر جيترو ٿيون ڪين ڪمائتيون.

3. راڻا تنهنجون ريتون مون چتيءَ نه چاتيون،
تون ڦٽي ويئن فراق سين ڇوريءَ جون ڇاتيون.

4. هي وٺون ڏينهن الست جي پلئه مون پاتيون،
سي اچين مليون "منٺار" چئي ڏکن جون ڏاتيون.

ڪافي. 108

ٿلهه: لڏاڻي ۾ لاءِ تنهنجي راتيون روئن،
تن کي محل ماڙيون ٻيون وسريو وڃن.

1. راڻا رسي تو ڏنو جو گوندر گجرين،
اهي سوڍا انهي سور ۾ ٿيون ويڳاڻيون وتن.

2. ڍِٽ ڏٺي ڍڪي اچڄ تون عيب اگلين،
راڻا رحم پنهنجو ڪو موٽي ڪر مٽن.

3. تن کي پلنگ ۾ پتراٽيون نه وهاڻا وٽن،
سي ڪتن مٽي ڪير توڪان پوءِ نٽيون پين.

4. سي حج شريعت[1] هاڻ توسان ڪاٺياريون نه ڪن،
جي موٽي ملين "منٺار" چئي ته موملون مرڪن.

[1] شراکت = ڀيلهه.

ڪافي. 109

ٿلهه: سوڍي بنا ڙي سرتيون! اڄ ڪاڪ ٿي ڪڙي،
مون ڪان راڻو رات رُسي ويو، منهنجي جنهن سان جيءَ جڙي.

1. آيــم آب اڪيــن مــان ڳلــن تــان ڳــڙي،
ســرتيون! ســج اپــاريم راڻــي جــي لاءِ رڙي.

2. اديــون! آئــون اڳ هيــس جــا خوشــي ۾ ڪــڙي،
هــاڻي ٿــي ســنپاليان ســرير ۾ هــن ڏکــن جــي ڏڙي.

3. آهي موت ڪان مشــڪل گهڻــو هــن گونــدر جي گهــڙي،
ســا اچــي لڳيــم انــدر ۾ تنهــن درد جــي ڏڙي.

4. هــاڻي جي نــه مليــو مينــدرو مــون ڪــي پيهــارئون ٻــڙي!
تــه مــري وينديــس "منتــار" چئــي ان ســور ۾ ســڙي.

ڪافي. 110

ٿلهه: ليلــيٰ! ۾ لڪــي، مجنــون عشــق مــاريو،
تنهــن ڪــي برهــه باهــه مــان ڪــڍي، مــاري جيــاريو.

1. عاشــق ڪــي اچــي، تــن ڏکــن منهــن ڏيکــاريو،
جنهــن تــي بنيــڙا بــاهيون، تــي عشــقي اجــاريو.

2. جنهــن ڪــي عشــق امــر يــار جــو، ســڏي ســيڪاريو،
وليــون ويــس ويڙهجــي، هــو بــر هــي بهــاريو.

3. جنهــن انــدر ۾ اســباب، ذوســت ري نــه ڏاريــو،
تنهــن ســاجن ڪــي ســرير ۾، واري وهــاريو.

4. تنهــن مقــال محبتــي، جــي دم نــا وســاريو،
اي "منتــار" مشــتاقن ڪــي، ســڪ ٿــي ســڏاريو.

Scanned with CamScanner

تار داڏارو

راڳڻي راڻ

ڪافي. 111

ٿلهه: لاءِ پسڻ ليليٰ جي، هو مجنون مستوار،
وتا وهي پيو ڇڏي، ڏسو خيال جو خمار.

1. صورت منجهه فنا ٿيو، جنهن کي ياد نا سنسار،
رڳن رت سڪي ويو، ڪيو نينهن نگهوسار[1].

2. جنهن کي منهن منجهان محبوب، پنهنجي حرف چيو هڪوار،
وليون ويس ويڙهجي، تہ بہ بيٺو هو بردار.

3. وس نہ سندس وار جو، هو عشق جو اختيار،
وڃيو ڏي وجود تان، پنهنجي لحم کي لک وار.

4. تنهن عاشق جو آهي گهڻو، بيان بيشمار،
تنهنجي ڪندو ڪيتري، مقال سا "منثار".

تار داڏارو

راڳڻي بلاول

ڪافي. 112

ٿلهه: چوُقبلي چوڌاري ڏسڻ ۾ ٿو اچي نظر ۾ طبل تنهنجو،
هر هنڌ نينهن جو نغارو سو وڄي گهر گهر ۾ طبل تنهنجو.

1. عرش فرش، آسمان، فلڪ ۾، هن هر هر ۾ طبل تنهنجو،
تارن نکٽن قطب ڪتين ۾، شمس قمر ۾ طبل تنهنجو.

2. خاڪ مٽيءَ واءُ هير هوا ۾، باهہ بحر ۾ طبل تنهنجو،
جيت جياجڻ پکي پکڻ سب ڪنهن شجر ۾ طبل تنهنجو.

---

[1] نگونسار = نبل.

Scanned with CamScanner

راڳڻي بروو تار اولنگهہ

3. ديو، ملائڪ، حورون پريون جن لشڪر ۾ طبل تنهنجو،
هندو مسلم حڪم جا بندا هر مظهر ۾ طبل تنهنجو.

4. بيد[1] ڪتاب پڙهن ڪاشيءَ ۾ اُن شاستر ۾ طبل تنهنجو،
توريت، زبور، انجيل، قرآن جي اکر اکر ۾ طبل تنهنجو.

5. آدم، ابراهيم ۽ موسيٰ پيغمبر ۾ طبل تنهنجو،
بخت نصر، نمرود، سليمان ۽ سڪندر ۾ طبل تنهنجو.

6. ڳوٺ وسيون سڀ واهڻ ڳوليم تہ سڀ ڪنهن شهر ۾ طبل تنهنجو،
جهنگل، جبل، بيابان پٽيون رُج رڻ ٿر بر ۾ طبل تنهنجو.

7. بادل ميگهہ ملار گڙن ٿا، اُن اُهي ابر ۾ طبل تنهنجو،
مينهن وسڻ وڻ گاهہ چمن، پاڻي ۽ پٽر ۾ طبل تنهنجو.

8. مور اصل "منثار" تہ ڪونهي آهي اندر ۾ طبل تنهنجو،
هن ساز سرور سلوڪ حقاني چوڻ اثر ۾ طبل تنهنجو.

راڳڻي بلاول تار داڏارو

ڪافي. 113

ٿلهہ: سميع بصير ستار تون آهين، رب رحمان لقب تنهنجو،
ڇا تعريفون چوندو تنهنجون، هي انسان لقب تنهنجو.

1. تون قادر زابر ڪل تي آهين، حق جلشانہ لقب تنهنجو،
والي واحد نام قهاري، ڏاٽي ديان لقب تنهنجو.

---

(1)

Scanned with CamScanner

2. احـــد الله عظيـــم تـــون آهيـــن، عاليشـــان لقـــب تنهنجـــو،
خـالق خـاوند پـاڪ خـدا تـون جوڙيـن جهـان لقـب تنهنجـو.

3. تـون رزاق ڪـل ڪـي روز رسـائين حـي حنـان لقـب تنهنجـو،
رحيـم ڪريـم غفـور تـون آهيـن، سـوئي برهـان لقـب تنهنجـو.

4. بيمثلـي، بيچـون تـون آهيـن، ۽ لامڪـان لقـب تنهنجـو،
تـوريءَ سـڀ شـيءِ فـاني ٿينـدي، ۽ بقـا بيـان لقـب تنهنجـو.

5. توڪـي هنـدو ٿـا هـر نـام چـون، بـي انـت ڀڳـوان لقـب تنهنجـو،
ڪـل هنـدَ تنهنجـا شـان ڪـروڙيـن، صحيـح سبحان لقـب تنهنجـو.

6. چئـي "منٺـار" بنـايل بنـدو تـہ سـچ سـلطان لقـب تنهنجـو،
بخـش هدايـت هـادي هـن ڪـي، جـو ڏينـدڙ دان لقـب تنهنجـو.

ڪافي. 114

ٿلهہ: لامڪاني ٿو لقب چوائين، هر ملڪ مڪان ۾ تون آهين.

1. الانسـان سـري و انـاسـرہُ اتـي انسـان ۾ تـون آهيـن،
ونحـن اقـرب وجـود ۾ نبضـن جـي نيشـان ۾ تـون آهيـن.

2. انـا احمـد بلاميمـي، بنـان گمـان ۾ تـون آهيـن،
احـد احمـد هـڪ هيڪڙائـي نبـي زبـان ۾ تـون آهيـن.

3. الله نـور السـموات اُت آسمـان ۾ تـون آهيـن،
والله بڪـل شـيءِ محيـط سـڀ جـوڙ جهـان ۾ تـون آهيـن.

Scanned with CamScanner

4. هر هنڌ پنهنجو حڪم هلائيـن، سڀ سلطان ۾ تـون آهيـن،
هر مظهر ۾ ٿـو ٻوليـون ٻوليـن ان بـات بيـان ۾ تـون آهيـن.

5. آدم ڪعبـه گهـر تنهنجـو دل جـي دڪـان ۾ تـون آهيـن،
مـاڳ ڪيئـه مخلـوق ۾ سـو پسـاهه پـران ۾ تـون آهيـن.

6. مـور اصـل "منـنـار" تـه ڪونهـي هـن بتخـان ۾ تـون آهيـن،
پـاڻ سـڻي تـو پـاڻ ڏسـين تـو جـپ الهـان ۾ تـون آهيـن.

ڪافي. 115

ٿلهه: خاڪ جي چولي ۾ جو ٻولي اهو آواز الائي ٿـو ڪير؟
آواز سڻي ٿـو ڏسي پسي ٿـو هـڙا هنر هلائي ٿـو ڪير؟

1. الانسـان سـري واناسـره. اهـڙا لفـظ لکـائي ٿـو ڪيـر؟
ونحن اقرب، ويسـاهه ڪريـو، سڀ رڳ منجهه سمائي ٿـو ڪير؟

2. والله بڪـل شـيءِ محيـط، سـڀ ۾ سـير ڪمـائي ٿـو ڪيـر؟
ڪـل جـي ڪايـا ۾ قـدرت جـو نوبـت نـاد وڄـائي ٿـو ڪيـر؟

3. انـا احمـد بلاميمـي، ٻولـي هـيءَ ٻڌائـي ٿـو ڪيـر؟
ميـم جـو اولـو ڪيـر ڍڪـي ٿـو محمـد نـام ڏرائـي ٿـو ڪيـر؟

4. عاشـق ۽ معشـوق بنـايو، اڪيـون اڪـن سـين لائـي ٿـو ڪيـر؟
محبـت بـاهه برهـه جـون بـاهيون دل ۾ دود دکـائي ٿـو ڪيـر؟

5. صـورت ۾ سـبحان لذيـت پـايو رمـز رکـائي ٿـو ڪيـر؟
رنـگ ۾ بيرنـگ رلجيـورل مـل پنهنجـو پـاڻ لکـائي ٿـو ڪيـر؟

Scanned with CamScanner

تار داڏارو

راڳڻي بلاول

6. هر مظهر هر جوڙ جنس ۾ بازي هيءَ بنائي تو کير؟
سالڪ هوئي کو سڃاڻي سمجهي ته محبت مينهن وسائي تو کير؟

7. مور اصل "منٺار" ته کونهي هي قلبون ڪافيون ڳائي تو کير؟
ڳول ڳجهارت ڳالهه انهي جي ته سمجهه، سلوڪ سٽائي تو کير؟

ڪافي. 116

ٿلهه: نوڪر چاڪر تابع تنهنجا تخت دليون تاڻي تو کير؟
بنا ڪشالي ڪنهن قدرت سين هي عمارتون آڏي تو کير؟

1. الست بربڪم، قالوا بلي، سڀڪا جوڙ ساماڻي تو کير؟
ڪل نفس ذائقة الموت، ان جا روح اماڻي تو کير؟

2. صورتون سنسار سڄي جون ڏيو وراڪا واڻي تو کير؟
ويهي ڪلني وجودن اندر سي محلاتون ماڻي تو کير؟

3. هٿ پير اکيون ڪن عضوا انگرا هيئن هلائي هاڻي تو کير؟
ارڙهن هزار عالم جا تن ڪي صحيح سڃاڻي تو کير؟

4. عدل عدالت ڪيو انصاف سين ڳالهيون ڇنڊي ڇاڻي تو کير؟
جيئن وڻي تيئن پاڻ ڪري تو پنهنجو خيال پلاڻي تو کير؟

5. مام سمجهه "منٺار" اها، ڏس هنر هزارين ڇاڻي تو کير؟
ڪل ڪم پنهنجي قدرت سين ڪريو راس رساڻي تو کير؟

ڪافي. 117

ٿلهه: ڳوليو ڳوليان مسجد مڙهيون تہ سڀ هنڌ سائين تون آهين،
هردي اندر هو هو الله، آپ الائين تون آهين.

1. زير زميني، اُپ آسماني طبل وڄائين تون آهين،
هر مظهر هر جوڙ جنس ۾ حڪم هلائين تون آهين.

2. ڪٿي تہ مير مرسل محمد نام ذرائين تون آهين،
انا احمد بلاميمي ٻول ٻڌائين تون آهين.

3. الانسان سري و اناسره لقب لڪائين تون آهين،
پاڻ سڻين تو، پاڻ ڏسين تو پاڻ ڳالهائين تون آهين.

4. رنگ ۾ بيرنگ رلجيو رل مل پاڻ لڪائين تون آهين،
بازيگر جيئن بازي پٽريو، ناچ نچائين تون آهين.

5. حال حقيقت ۾ تون هادي! اک اپٽائين[1] تون آهين.
هر مظهر ۾ هرجا پنهنجو پاڻ پسائين تون آهين.

6. ڪٿي تہ ڪيهين ڪٿي تہ ڪيهين بيک بنائين تون آهين،
ڪن منجهہ ڪهڙي ڪن منجهہ ڪهڙي رمز رلائين تون آهين.

7. آئون ڪي ڪين آهيان، ڪي ڪين اصل ڪان ڳائين وڄائين تون آهين.
هت نام اسم "منتار" ملڪ ۾ شعر سڻائين تون آهين.

---

[1] اپٽڻ = کولڻ، اپٽيان تہ انڌيون، پوريون پرين پسن، نوح سرور رحہ

Scanned with CamScanner

ڪافي. 118

ٿلهه: پاڻي پاڪ ڪندو نا توکي، پاڪ ڪندين پنهنجو ويساهه،
پاڪ ڏڻيءَ ڪان ٿي نہ پنيرو پرت سچي سين ڪٽج پساهه.

1. ريءَ ويساهه وجين جي وهنجي تہ بہ ڏوئندءِ ڪين ذرو درياهہ،
ڪلمي محمد جي محابي ٿين ميرايون مڙئي مباح.

2. ذڪر ذري ايمان سين ڪلمو چيئي اعتبار سين اسم الله،
تہ ڪنا پليتي پاڪ ڪندءِ سو لا اِلہ الا الله.

3. آهہ قدر ايمان سين ڪلمو لاهي ڏونگر ڏوهہ گناهہ،
چئي حديث حضرت محمد اُن جو شاهد شهنشاهہ.

4. ڪٽڪ ڪٽي ايمان سين ڪلمو عشق منجهان جو چئي ارواح،
بيخوفو سو بهشت ۾ ويندو اُن کي ڪوهہ ڪندو آڙاهہ.

5. ڪلمو ڪوٺ محمد جو آهي، پاڻ ڏڻيءَ جو ڪيل پناهہ،
تهدل طالب جو تحليل کي چئي سچائي سين سڀ ڪنهن ساهہ.

6. پنڊت پڙهيا ملان قاضي ري ايمان گهڻا گمراهہ،
اي "مننار" نيت موچاري ڏيکاريندءِ رب جو راهہ.

ڪافي. 119

ٿلهه: عجب نور الله ڏڻي پرور جو آيو.

1. مان محمد کي هو مليل، عرش مٿي پڻ ڪلمو لکيل.
عز رسول الله پيغمبر جو آيو.

2. طـور سـينا تـي تجلـو آيـو، نـور نهـوڙي جبـل جلايـو،
اوهــس ســاڻ اهـــاءِ امـــل اڪبـــر جـــو آيـــو.

3. سو اڇي نور ڏٺو مون نر ۾، مرشد محبوب مٺي منور ۾،
جنهــن تــي لقــب شاهنشــاهـ ســچي ســرور جــو آيــو.

4. هي عرض جنهن کي "منٺار" ڪري ٿو، فضل، لطف احسان گهري ٿو،
تہ نـوري ڪـج تـون نگاهـ ائـون سـوالي تنهنجي در جـو آيـو.

ڪافي. 120

ٿلهہ: ساڳين نور نوران سچي سرور منجهہ آهي.

1. جيڪا خلقت زميـن زمـن ۾، سـي ارڙهيـن هـزار عـالم روشـن ۾،
عــرش زمينــون آسمــان، بــر بحــر منجهـــ آهـــي.

2. جنهن کي نوازي ڪري ٿو واصل، تہ علم انجيل عقل سڀ حاصل،
توريــت زبــور فرقــان ســندس اڪــر منجهــ آهـــي.

3. جنهن تہ ڪنهن جو تخت پڙائي، تہ پارس پالوٽ تنهين منجهہ پائي،
جنهــن ســان ٿيئــي مهربــان نــواز نظــر منجهــ آهــي.

4. جنهن جو سوالي ٻانهون "منٺار" مدامي، ٻڌيو ٻانهون مجهي غلامي،
تہ مون سان بـ ڪندو احسان، اُميد اندر منجهہ آهي.

ڪافي. 121

ٿلهہ: عجب جوڙ جبار! تنهنجي مالڪ مختيارا.
عجــب جــوڙ تنهنجـــي جلشـــانا، عـــرش زمينـــون ۽ آسمانـــا،
شـــغل منجهـــ سنســـار، شمـــس چنـــڊ تـــارا.

Scanned with CamScanner

2. خاوند ساري خلق بہ جوڙيئي، جن پريون ديو ملڪ بہ جوڙيئي،
عالم ارڙهن هزار جڳ جنسارا.

3. وڏي تنهنجي وڏا وڏائي، قادر قدرت عجب الاهي!
ڪندو ڪير شمار تنهنجا آهن پري پسارا.

4. تون منهنجو صاحب سڀڪي تو ڄاڻين، بيو ڪير عقل منجهہ آڻي،
۾ حيرت منجهہ "منٺار" آهي هر وارا.

ڪافي. 122

ٿلهہ: دم دم ۾ ديدار، هادي تنهنجو عجب الاهي.

1. عجب الاهي عبرت آهي، ڪجهہ چوڻ جي قدرت ناهي،
اعليٰ تنهنجو اسرار، واهہ جا تنهنجي وصف وڏائي.

2. ڪريان ويچار وجود ۾ ويهي، تہ ڳالهہ ڳڻڻ کان پري وڃي پيئي،
ناهي ڇيهہ شمار، چوڻ منجهہ وري نہ وائي.

3. حب تنهنجي ۾ سو حيرانا، درد انهي ڪيا ڪئين ديوانا،
ٿيڙا مست هزار، واهہ جا تنهنجي محبت متائي.

4. سوالي "راڄڙ منٺار" تنهنجو، پينو سگت مڱڻهار تنهنجو،
هادي تنهن سان هروار، پلا! ڪج ڪا پار پلائي.

ڪافي. 123

ٿلهه: ڪوليو پريـنءِ نقاب، ڏنم ديدار گلابي،
منهن منور مهتاب رنگي رخسار گلابي.

1. تـل مـل شـامل نـور نسـورو اُڀري جيئـن آفتـاب نسـنگ نـروار گلابـي.

2. صورت سهڻي، يوسف ثاني جهڙو سو نبي جناب حسـن هالار گلابي.

3. سهڻو سينگار سردار سبحاني ان جي صورت ڏسڻ ثواب جنهن تي جنسار گلابي.

4. ان نور ڏسڻ سين نشي ۾ ويڙس، ڇن پيتم جام شراب صورت چوڌار گلابي.

5. توريت، زبور، انجيل، فرقان ليڙم قلب ڪتاب اڪر اظهـار گلابـي.

6. چئي "منٺار" اسرار الاهي خوب ڏنم هيءِ خواب تي دلڙي بهار گلابـي.

ڪافي. 124

ٿلهه: برهو آهي باز عقاب، شهباز شڪار ڪري ٿو.

1. وڙهنــدو وڏن ڪــن پهلوانــن ســان ڪريــو شــير شــتاب،
مٿيــرن جــو مــار ڪــري ٿــو.

2. ماري بادشاهه يا وزير يـا اميـرن يـا مـاريندو نينهـن ڪـو نـواب،
بـي سـان نـه تڪـرار ڪـري ٿـو.

3. ســـيني ۾ ســـاز آواز اُتـــاري روءِ روءِ منجهـــه ربـــاب،
حــق انــل[1] اظهــار ڪــري ٿــو.

4. چئي "منٺار" ويچار مـون ڪيـڙو ان ڪي ڏينـدو نـه عشـق عـذاب،
جنهـن ڪي هـو سنگسـار ڪـري ٿـو.

---

[1] اناالحق.

ڪافي. 125

تلهه: عيش حياتي سپوئي خواب مثل هڪ ملڻ جو آهي.

1. اچڻ اڪيلو، وڃڻ اڪيلو، ڏيندا جملي ئي جيس جواب،
ههڙو سنگت هلت جو آهي.

2. دنيا دولت مڏيون ملڪيت، ڪوڙو ڪسب ڪساب،
گهڙيل گهاٽ گلڻ جو آهي.

3. موهه نفساني آخر فاني، جيئن رڻ پٽ وارو آب،
طلسم ڪوڙ تلڻ جو آهي.

4. سون هزارن لکن ڪروڙين تہ بہ هڪڙي سين پڌل حساب،
پيا نختنا نابود نڻ نلڻ جو آهي.

5. تَيءِ "منٺار" موتو قبل ال انت موتو عجاب،
پسارو اهو پلڻ جو آهي.

ڪافي. 126

تلهه: ڪر تون ورد وظيفو نالو نام خدا جو.

1. اسم انهين ڪي نيِ وي ميان! پيغمبر هو پڙهندو،
خاص خليل خليفو، سو محمد چام خدا جو.

2. اسم اندر ڪي نيِ وي ميان! ڪري تو انور الوالو،
سيڪو روشن نور لطيفو، سو جنسي جام خدا جو.

Scanned with CamScanner

3. فاذڪروني اذڪر ڪم، اها آيت قرآن جي آهي،
چئي ٿو مصحف صحيفو، خاص ڪلام خدا جو.

4. اي "مننار" مولي کي، پساهه پساهه ۾ پڪارج،
تہ ٿيئي شرف شريفو، آهي اهو انجام خدا جو.

ڪافي. 127

تلهہ: تون تون تند تنوارج، ڪوئي اور الله رءِ ناهي.

1. اٿڻ ويهڻ سمهڻ سين، نالو نام خدا جو،
سپ ڪنهن دم سين سنڀارج، ڀيو گهر غلفت جو ڇڏ ڊاهي.

2. واقف واٽ انهين جو، سرور ڪٺج سڄاڻو،
پوءِ بہ ڏيان سرت ساڻ ڏارج، وڃج ٻيڻ ڪيم ڪاهي.

3. رڪجا روح پنهنجي ۾، حق هيڪڙائي خدا جي،
اُپٽي نيڻ نهارج، اهو ڏسڙو ڏنو اٿئي ڏاهي.

4. هرڪي حرص هوس ۾، لذتن لاءِ دنيا جي،
واحد ڪيم وسارج، ڦاس مَ فرعوني ڦاهي.

5. نفس ندورو نياڳو، ساڻ تلوار تحليل جي،
اي "منناراُ" مروڙي مارج، توکي چوڻ استاد جو آهي.

ڪافي. 128

تلهہ: جيئرو ٿي هن جهانوَن مري ڏس تہ ملئي پوءِ حياتي.

1. ڪلمو لا الٰہ الا الله محمد پاڪ رسول الله،
چئو ويساهہ ايمانون، سو اسم نفي اثباتي.

Scanned with CamScanner

2. توکي مرشد هو فرمايو احد امين محمد سو،
پنهنجي پاڪ زبانئون تہ وجهہ حق ڏانهن جهاتي.

3. موتو قبل ال انت موتو" مرد جي ٽيڙا،
آهن پردي بصر بهانئون، سي مور نہ ٿين مماتي.

4. اي "منٺار" مرد ٿي مارج، پنهنجو نفس نياڳو،
پوءِ آزاد ٿئين شيطانئن، تون هجين پوءِ ذات ۾ ذاتي.

ڪافي. 129

تلهہ: وجي پيءُ تون آب حياتي، هتئون ساقي سرور جي.

1. ان آب حيات ڪيا اولياءَ، ڪامل قطب قلندر،
پيا صاحب ولي ولاتي، جو پيتئون دستئون دنگ دلبر جي.

2. ان آب حياتي جو پيوڻ، تہ هيءُ جڳ هو جڳ جيوڻ،
مور نہ ٿيون مماتي، آهي سو ڪثر ڪنئون ڪوثر جي.

3. هتئون حضرت جي پيوين، جام صراح جيئڻ جو،
جو اسم نفي اثباتي، سو وٺ ساڻ ايمان اندر جي.

4. وٺ "منٺار" مرشد ڪئون، تهدل طالب پيالو،
تہ ٿئين پوءِ ذات ۾ ذاتي، منجهہ داخل درگاهہ پرور[1] جي.

---

[1] پروردگار = پالڻهار.

راڳڻي بلاول

ڪافي. 130

بحر علم باطوني ڪي سالڪ تا سمجهن سارو.

تلهہ:

1. لدني علم انهن کي پاڻ حڪيم پڙهايو،
گهڻيرو سو گونا گوني، جنهن جو نڪتو نڪتو نيارو.

2. علم انهي جو نبي وي ميان! انت الله تو چاٽي،
جيڪو بيمثلي بيچوني، تنهن ڪين استاد اشارو.

3. اهو سمجهڻ سوکو تنهن کي، هوئي اثر ادب جو جنهن کي،
هوئي صابر صبر نموني، وٺي سو تحفو طالب سچارو.

4. ويچاري "منٺار" کي مرشد، سرور سبق بڌايو،
سا سٽ سمجهڻ اونهين، اهو سمجهان مان سيپارو.

ڪافي. 131

تلهہ: بحر برهہ جو شوق شاهي چت تي روز چڙهي ٿو.

1. دل جي تخت تي ويٺو پنهنجا حڪم هلائي،
برهہ ڪريو بادشاهي لاڳيتن سين لڙي ٿو.

2. دنگئي دشمن سمجهيو، جوڻي جنگ انهن سين،
ڪريو ساڻ سپاهي، تن کي دور تڙي ٿو.

3. من منهنجي تي نبي وي ميان! موج ڪري ٿو الوالو،
زابر عشق الاهي، پنهنجا گهاٽ گهڙي ٿو.

4. چئي "منٺار" ويچارو، بڌان ٿو نينهن جو نغارو،
فتح ڪرڻ جي سرهائي هاڻ پنهنجا مڪان مڙهي ٿو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 132

ٿلهہ: سڻندي ٿي نينهن جو نغارو، ٿي پيا هزارين مستانا.

1. حسن حسين شهزادا، فرزند علي حيدر جا،
وٺي درجو شهادت وارو، ڪيائون ٿي سر قربانا.

2. ڪي تہ مري پيا ماڳهين، سڻي آواز جو عشق جو،
ڪن جو حال ويچارو، جي وتن دنيا ۾ ديوانا.

3. هوا جن جا درونا جهڙا، تن ڪيا ڪشالا تهڙا،
هو جن ڪي جهڙو اشارو، تن ڪيا تهڙا بهانا.

4. جيئڻ نہ جڳ ۾ هين جو، مرڻ مداءُ نہ تنهن جو،
سو مجروح مثل "مننارو" تو چئي دردن جا داستانا.

ڪافي. 133

ٿلهہ: ڏان ڏان دهشت وارو، برهہ بهادر آيو.

1. سؤ لک سيهاڙ پيچي ويا، ڪٽڪ ٻڌي ڪيهر جي،
شير ڪيو ڏڏڪارو، جهنگل ٻيلو خوف ڏڪايو.

2. حاڪم حشمت وارو، عشق اسان سر آيو،
جنهن جو هيڪ اشارو، وجهي ٿو ناٺ نمايو.

3. دل منهنجي تخت تي، حضرت عشق هٿن سان،
نوبت شاهي نغارو ويهي اچي پاڻ وڄايو.

4. چئي "مننار" فنائي، برهہ ڪئي بادشاهي،
فتح ڪيئين ملڪ سارو، پنهنجو حاڪم حڪم هلايو.

Scanned with CamScanner

تار داڌارو

ڪافي. 134

تلهه: پرواني جيئن پچن تا، سمجهه مثال سچن جو.

1. جيڏهين سمجهن وي ميان! جوکو جان سندي جو،
اها وٽيو واٽ وچن تا، اهو قرب ڪمال هي تن جو.

2. محبت مچ سان جني جي آهي الستؤن الو الو،
اهي سمهان[1] آڳ اچن تا، عجب خيال انهن جو.

3. اهي سر ڏيڻ تي پي سرها، سيج مثالو الو الو،
هٽيو نعرو نچن تا، اهو ڪم نه مجال ڪچن جو.

4. مرڻ "منٺار" تني کي، مرڻ کان مهٽو الو الو،
جيکي انهين روپ رچن تا، ٿين وصال اکين جو.

ڪافي. 135

تلهه: دل تي درد ديوانو تڏهن اکين آب وهايو.

1. طالب حق جا ٻڌاسون، سور جني تي گهٽا هئا،
بيحد تني جو بيانو، تہ بہ اُن وٽ صبر سمايو.

2. مرڪ مرد کي ني وي ميان! آهي مناسب الو الو،
هوئي جيئن سو پتنگ پروانو، وجي تيئن پاڻ پڇايو.

3. روئڻ نہ واجب وي ميان! مطلب مان کي الو الو،
آهي من تي مچ مستانو، تڏهن منهن لاچار لڪايو.

4. چئي "منٺار" وي يارو! وس کان ويس ويچارو،
لڳڙم کان ڪمانؤن، تنهن عضون کي آهي ايذايو.

---

[1] سامهان

Scanned with CamScanner

ڪافي. 136

ٿلهه: مٺي محبوب جو آهي، منهن مهتاب گلابي.

1. الانســـان ســـري و اناســـره، الـــو الـــو،
ڪوڙ قرآن ۾ ناهي، لهي ويو حساب حسابي.

2. هت هت هيڪ ني وي ميان! نور نظارو الو الو،
اسم گاهي، جسم گاهي، فقط نقاب نقابي.

3. ڏٺو توحيد ۾ طالب، حق هڪڙائي الو الو،
ٿاهيو ٿو حبابڙا ڏاهي، نه ته آهي خود آب عجابي.

4. چئي "منٺار" ني وي ميان! صحيح سڃاتم الو الو،
غير دليل پيو لاهي، هيءَ ڏسڻ ثواب ثوابي.

ڪافي. 137

ٿلهه: ڳجهڙيون ڳجهڙيون ڳالهيون سالڪ تا سمجهن ساريون.

1. بحر باطوني لدني علم تين امدادي،
نيون نيون سٺون نراليون، سرور ڪين سيڪاريون.

2. حال حقيقت جني جو، هيءَ آهي ميدان اني جو،
واٺون سي وحدت واليون ڏس مرشد جي ڏيڪاريون.

3. ڏيل انهن جا ڏہرا. لحم لڱن تان لهي ويو،
اکيون سندين آليون، روز روئن سي ويچاريون.

4. اي "منٺار" مرشد جي، اُن ساڻ پيال پلائي،
جن کي پرم پياليون، پير مغان پياريون.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 138

تلهه: ڪير ويري آهي، ڪير واهرو، ڳولي ڳجهارت ڏس تون.

1. ڪير وڙهندڙ ڪن سان، ڪير ڀڄندڙ ڪن ڪوئن،
ڪير سورهيه ڪير ڪانهرو[1]، اها اشارت ڏس تون.

2. ڪير ماريندڙ ڪنڪي، ڪير رکندڙ ڪن جو،
ڪيي باطن ڪير ظاهرو، ڏي تو مدارت ڏس تون.

3. ڪير سڏيو ڏي ڪن ڪي، ڪير نپائيندڙ ڪن جو،
ڪير اندر ڪير ٻاهرو، سمجهي ستار تہ ڏس تون.

4. ڪير پينار پنڻ جو، ڪير ڏاتار ڏيڻ جو،
چوءِ قبلي چوڏار، تنهن جي تجارت ڏس تون.

5. اي "منٺار" ڪير مخفي، حال پائي هر ڪنهن جو،
ڪير محرم ڪير ماهرو، ٻوڙي ڏتارت ڏس تون.

ڪافي. 139

تلهه: روح منهنجي منجهه رايو، تہ ڪريان ڪيچ ڏي ڪشالو.

1. روز ميثاقوئن منهنجو، پيچ پنهل سان الو الو،
رل مل روحڙو رلايو، محبت جو پائي مثالو.

2. ڏوري ڏونگر ڏسيون، درد دکن جو الو الو،
اکين مان آب وهايو، چونديس روئي رسالو.

---

[1] ڪانئر

Scanned with CamScanner

3. پينرا پنهور ڪان نڪري، جهنگل جبل ۾ الو الو،
ڪنديس پنڌ پڇايو، جو نٿي لهي تانگهہ نہ تسالو.

4. چئـي "منٺـار" ملنديـس، اتـم اميـد اهـائي،
مون ڪي سفر انهن جو سعيو، من ورسان ٿئين وصالو.

ڪافي. 140

تلهہ: پنهل پڇڻ آئون وينديس، ڪيچ مڪران ۾ ڪاهي.

1. سڏيم ساهيڙيون جني ڪي، صبح سوارو تني ڪي،
پنهنجي زبانوئن چونديـس، سفر جي لاءِ صلاحـي.

2. نہ تہ بہ عشق آريءَ جوڙي اديون مون سين رفيق رجن ۾ الو الو،
سـونهون سـاٿم نينديـس، ڇپـر جبـل پـوءِ ڇـاهي.

3. هلـن هدايـت پانئيـان، رسـتي راهـ انهيـن ۾،
مـارڳ مسـافر ٿينديـس، ايـرادو انـدر دل آهـي.

4. چئـي "منٺـار" ملنديـس، اتـم اميـد اهـائي،
نہ تہ بہ صدق سر ڏينديس، پيو لوڀ حياتيءَ جو لاهي.

ڪافي. 141

تلهہ: منهنجيون سرتيون ساهيڙيون ساريون، ڪا هلندي هوت پنهل ڏي؟

1. رت پايـاٽيون منهنجيـون، اوهيـن نـہ اصـل ڪـان ڙي اديـون!
آهيو پينرون ڏرم جون ڏاريون، مون سان پري هلو پير پرمل ڏي.

Scanned with CamScanner

راڳڻي بلاول
تار داڏارو

2. پيـــنر پنيـــور شـــهر ۾ پنهـــل پڇاڻـــان اديـــون اديـــون،
هــت م وهــو هــاڻ هــاريون، هلــي جهــاڳيون جــوءِ جبــل ڏي.

3. كريــو همراهــي هلــڻ جــي تــہ وركــي ولايــت ۾ وڙيــون،
هلـي نـوان نـوان ملـڪ نهـاريون، كريـون ڪشـالا ڪنـڊل ڏي.

4. چئـــي "منـــار" مجيندبـــس، لک احســـاس اوهـــان جـــا،
هي گهڙيون گڏ پلڪ گذاريون، آئون آهيان مسافر موت اجل ڏي.

راڳڻي ڪانرو
تار داڏارو

ڪافي. 142

تلهہ: چيـو مـون ڪي مرشـد اميـن محمـد زبـان سـين،
تـہ دم جـدا متـان تيـن، رب جلشانــہ ســين.

1. چـي تـون م وسـارج خـدا، توكـي رب نـہ وسـاري،
فـاذكروني اذكـركـم، هـيءَ آيـت قـرآن سـين.

2. چـي نفـس ۽ شـيطان كـان، بيـزار تـي پڇـي،
۽ روح رسـائج پنهنجـو، مــالڪ منــان ســين.

3. جـي هسـتي هـوڏ هئـڻ، سـڀ وجـود مـان وڃـاءِ،
موتـو قبـل آل! وڃ مـري، جيئـرو ئـي جهـان سـين.

4. "منـار" کـي مرشـد اهـو ڏس، هـو سـچو ڏنـو،
تـہ چئـو لا الـہ الا الله سـو ويسـهہ ايمـان سـين.

Scanned with CamScanner

راڳڻي ڪانرو

تار داڏارو

ڪافي. 143

ٿلهه: اسم جو آواز اِلٰه الا هو الله،
اهو ناد نغارو وجود ۾ وڄي ٿو واهه.

1. تندن منجهه توحيد، پڙهي ساهه ۽ پساهه،
روءِ بروءِ رهاڻ ۾ آهي بيٺو بادشاهه.

2. منجهه لطيفن، لا اِلٰه الا الله آهه،
ڪن مڪانن منجهه، محمد رسول الله.

3. آب حيات جو وهي ٿو، دل متي درياهه،
پيتو جن پريم، مرڻ ان متان مباح.

4. "مننار" کي مرشد ڏسيو، هيءَ رند خدا جو راهه،
ڪيو امين محمد اهو، نواز جو نگاهه.

ڪافي. 144

ٿلهه: برهه بادشاهه جا ڏاڃا ڏڃي ويا،
نيهن جا نغارا نوبتون، وجود ۾ واڃا وڃي ويا.

1. زابر عشق آئيو، دل واري تخت تي،
نفس تنهن نادان جا، خيما کڃي ويا.

2. جڏهن شير بيلي ۾ ڳجيو، تڏهن گدڙ گم ٿيا،
تنهن جوءِ مان ٻيا جانور، بيشڪ ڀڃي ويا.

3. هاڻي حق حقيقي هو الله، هر هنڌ هيڪڙو،
ٻي هستي هوڏ هئڻ، هارجي هڃي ويا.

4. جيڪي من متي "مننار" جي، هئا نفسي رايا،
هاڻ سي سپيئي شرمائجي، وري ٿي لڃي ويا.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 145

تلھ: صورت منجھ سواد عاشقن کي آيو،
اتان نظارو نينھن لاھوتين تي لائيو.

1. حسن کي ھادي جنين ڪري ڪمائيو،
تہ منزل معرفتيءَ ۾ تن پير پائيو.

2. تن سالڪن سلوڪ، صورت ۾ سجھائيو،
تہ حضرت حسن انھن کي، رھنما رسائيو.

3. ھستي ھوڏ ھٿن، تن وريامن وڃائيو،
نيٽن واري نور کي، ان سر نمائيو.

4. اي "منٺارا" مڙن ڪين، ڏسي رب جو رائو،
قرب ۾ قربان ٿي، تن سر سنباھيو.

ڪافي. 146

تلھ: عشق عاشقن جا ھٿا سرير ساڙيا،
سي وري سنرا نہ ٿيا، جي قرب ڪاڙھيا.

1. ڪي فرھاد جيئن ھٿا، جن ٽڪر ٽاڪيا،
ڪي عطار ۽ منصور سوريءَ تي سلھاڙيا.

2. ھير زليخان عشق ۾ تي آئيون عورتون،
ڪي مجنان محبتي جن ڳوڙھا ڳاڙيا.

3. نينھن نمايا، گھڻا امير عقلدار،
سي رضا ۾ رند، ھٿا لڪين لتاڙيا.

4. اي "منٺار" ڪيا مجروح ڪئين ھن برھ بي قياس،
۽ حسن جي ھتيار، ان جا ڦڦڙ ڦاڙيا.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 147

تلهه: سڪ صبر نہ ڏي مون کي، لنؤن ڪيئن لڪائيان،
تڏهن دانهن درد جي، تہ پڙهہ ڪيو پڌائيان.

1. تا عشق جا آڙاهہ، دل منهنجي متي ڏڳن،
بنا آب وصال جي، آئون ڪيئن اجهائيان.

2. تا ڦٽ فراق جا مون کي، آزار ڪن اجا،
طبيب جا تڏهن، تيو پيچرا پچائيان.

3. ٻاڦ ٻاهر نہ ڪڍج، سا منع ڪيائين مون کي،
سا نصيحت گهٽيئي نيڪ، آئون پنهنجي وس ۾ ناهيان.

4. "منٺار" تي ميار، رکڻ نا ذرو روا،
هن حال جي هيءَ ڳالهہ، تہ سموري سڻائيان.

ڪافي. 148

تلهه: دوستيءَ جي دين جو اهڙو اسلام آهہ،
صدق سر ڪرڻ ڪنان، هٽجڻ حرام آهہ.

1. تيا سبب اُن صدق جي، چارئي يار پلارا،
اڄ بہ انهن جي اولاد کي، عالم انعام آهہ.

2. جي ڪندا سر ڏيئي سوُدو، هوندا هت هت حيات سي،
اي ميان! قرب وارن ڪاملن جو، هيءَ ڪلام آهہ.

3. ڪج يارانيءَ ۾ يار تئون، سؤ وار صدق ساهہ،
رو اهو سچائيءَ جي سيل ۾، اصلؤن احرام آهہ.

4. اي "منٺار" متو پنهنجو، ڏج سنت سائيئين کي،
اهو متي محبوب جي مهندئون، چڱو تحفو تمام آهہ.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 149

تلھہ: مومل مٽ ۾ پيائج، مينڌري جو عام خاص ۾،
ڏس تہ سير سپون ٿيون رکن آبر اداس ۾.

1. ايل جن ايمان سين، تون پڻ ڪجان تيهين،
جيئن چڪوئي جي پرت چندسين، پوري پياس ۾.

2. ھيءَ لذت دنيا جي چٽڪو، چار ڏينهڙا،
پوءِ رھي نفعي نقصان پوي، ھن ھراس ۾.

3. واقف نہ ڪجي ٻي وري، ھر ڪنهن ڪي حال جو،
پنهنجو شان مان ڪر صحي، ڪامڻ قياس ۾.

4. چئي "مننار" پيو سينگار، ڪو جنسار نا جتي،
ھڪ ڳالھہ بقا تي ڪري، جا محبت ميراث ۾.

ڪافي. 150

تلھہ: ياد ڪري ڏج يار ڪي، ساتي! سلامڙا،
اهي ڏج نياپا نيازسين، پانڌي! پيغامڙا.

1. ھن بندي تي بندگيون چيون، عجيب! اوھان ڪي،
چي اسين اوھان جا آھيون، گولا غلامڙا.

2. چي اسر اوھان جو اتر، جو ثمر سفر ۾،
آئون ويل وساريان ڪينڪي، تنھنجا نالا نامڙا.

3. قسمت سان ڪنڻ پيم، ڏکن جا ڏينهڙا،
پوءِ ورندو واءُ وصال جو، ۽ ايندا انجامڙا.

4. ھي سلوڪ سھڻي يار ڏي، "مننار" تو منجي،
سي من ڪرم سان قبول ڪن، ھي ڪلامڙا.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 151

تلهه: مل مون کي محبوب، هن مهيني ماهه ۾،
سا پوري ڪر اميد، جا اٿم آرواهه ۾.

1. منهنجي روح کي راتو ڏينهان، تنهنجي پياس پيارا!
طلب تانگهه توڏهئون، آهي سچي سڪ ساهه ۾.

2. سڪ صبر نٿو اچي، تنهنجي ملڻ ري مون کي،
هڪ اُداس بي ياداش، هيءَ پلپل پساهه ۾.

3. هاڻ پهر ايترا، تون وجهه نه وڃوڙو،
اچ ته گڏ گذاريون ڏينهن، آسري الله ۾.

4. "مننار" جو هن وار، ساجن! سڻ سوال تون!
مون کي مٺا! منهن ڏيکار، تون پنهنجي پناهه ۾.

ڪافي. 152

تلهه: باب برهه جون باتيون، پيا نه سڻن پيا نه سمجهن، يارو! يارو!

1. خبر عشق جي ان عاشقن کي، جن جون ڇيرن ڇنيون ڇاتيون.

2. ڪل ڪسڻ جي آهي انهن کي، ڪنڌ تي جنين جي ڪاتيون.

3. هٿان محبوبن مرڻ جي تٿي، تان چڻ ملين ڏاتيون.

4. چئي "مننار" انهن مردن لاءِ، آئون روئان ۽ رڙان ڏينهن راتيون.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 153

تلھ: ڪيسي پياس تيري روپ ۾ رهي ذرا،
مجھڪو وونئي معلوم، تم هي ڪھو ري ڪانڙا.

1. آتش تيري آواز سون، ميري جان نون لڳي،
جيسا سحر سامري، بي مثل سامرا.

2. تان تيري هئي ڪيا، مجروح من ميرا،
تان ميرا مرنا نهين، جيني ڪا آسرا.

3. انحدناد بجيڳا، ميري تن ڪي تار ۾،
ڪيسا خماراس، سرود ۾، سبحان را.

4. ڪهي ”مننار“ دل ميري، تجھ موھ ليا ري،
جايڳا درد دوسرا، ميري جسم جا نرا.

ڪافي. 154

تلھ: هم برھ تيري ۾ سجن بيمار هو رها،
يي فراق يي فرياد، انتظار هو رها.

1. ايڪ دن تمهين مجهڪو ديا، پيالا پريم ڪا،
اُس ڪيسا قده ڪيف، ۾ خمار هو رها.

2. هم صورت تيري مين سجن، يون غرق گم هويا،
اس عشق ڪي اوڙاھ مين، نگهو سار هو رها.

3. قسمت ڪرم نصيب ڪي، دڪان ڪا دن پڙا،
عيب عاشقان عدول، هم هموار هو رها.

4. نهين مرنا، نهين جينا، ايسا حال همارا،
مجروح ڪي مثل ديڪو، ”مننار“ هو رها.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 155

تلھ: خدا ڪي نور ڪا جلواگر سجن ۾ ديکا تا،
حق موليٰ ميري مرشد ڪي، ھو درشن ۾ ديکا تا.

1. جس نور ڪي خلقت، ساري بنياد ھوتي ھئي،
ووئي نور ميري محبوب ڪي، نينن ۾ ديکا تا.

2. کھا تا قران سا، ھو چڪي يہي گواھي،
ووئي اشارا عاشقان، ونحن ۾ ديکا تا.

3. ارض السموات زمينون اور آسمان،
ميرا روح سيلاني ھوا سپنن ۾ ديکا تا.

4. "منٺار" نون پير مغان، يہي ذڪر بتايا،
سارا سير ميري الله ڪي، اسمن ۾ ديکا تا.

ڪافي. 156

تلھ: پيا ٿھ ٿھ مينھن ٺمن، آھي پيچ بھاري مٿئون ملاري.

1. آئي مند بھار بدل جي، ٿي سرھائي ميگھہ مندل جي،
پيا عالم عيدون ڪن، ھڪ آئون ويچاري بيقراري.

2. مينھن وسي ڪيا ماندا ٿا، سڀ ڪنھن ڪي ٿيا سک پاٿا،
اُھي تہ سڀ ٿا پلر پين، ھڪ آئون اُجاري آھيان سڪواري.

3. اندر اوقاتون بادل بجليون، ڪنڊرن وانگي منھنجيون ڪجليون،
اُھي تہ پاٽيءَ سين پلٽن، جر جالاري وھي ٿو جاري.

4. چٽي "منٺار" مل يار پيارا! آئون اپالي دم ٿو ڏارا،
منھنجا جھڙ جيئن نيڻ جھمن، اچي ڏي دلداري ڪر پوئواري.

ڪافي. 157

تلهہ: بادل ڪئي برسات، من دوست ملي آئون سنپاليان دم دم.

1. سوَ تيسن جي چيز چوڏارا، دل نہ قبولي دلبر ڏارا،
پيا ميوا پاتويات، منهنجو مطلب ناهي ڪنهين سان ڪم ڪم.

2. بنا دلبر آهيان اپالي، مان ملي مون ڪي وارث والي،
جيڪو اچي ڪندم آجات، منهنجا جنهن لاءِ نيڻ جهمن تا جهم جهم.

3. آس الله ڏٺيءَ منجهہ ڏريان، جيئري مان زيارت ڪريان،
تان منهنجو حج اڪبر عرفات، وجي نائي سر نياز ڪريان هوند نم نم.

4. چئي "مننار" ڪڏهن سي ملندا، تي خوشحال اسان سين ڪلندا،
جي ڪن موٽي ملاقات، هوند گوندر پوءِ وڃي سارو غم غم.

ڪافي. 158

تلہ: آيو حسن جا يار هٿيار ڪٺي، آيس شوق شڪار ڪرڻ جو.

1. سر سڄڻ جي زلف زهري، ڪارا ڪيس وسيهر قهري،
جيئن نانگ ڪاوڙ جي ڪين ڦٽي، رکي ڏمر ڏنگڻ ڏهڪار ڪرڻ جو.

2. پونر پرون بئي بڇيون پالا، نيڻ نراڙ ۾ نيزا نرالا،
ٻي جا تکي ترار ڪان اک جي اُٺي، اهو سائس سامان سنگسار ڪرڻ جو.

3. نڪ نسنگ بندوق دنالي، چپ ڏند ڪان ڪمان مثالي،
جتي جام ڪي زور زبان ٻٽي، جنهن ڪي مطلب مارو مار ڪرڻ جو.

4. حاڪم شاهہ امير ويچارا، انهي ڪمند ۾ گرفتيارا،
حسن هٽي ڪيا هزار پٽي، توڪي ڪهڙو دليل "مننار" مرڻ جو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 159

ٿلهه: زابر عشق عجيبن جو، مون تي جهڙ بادل جيئن جهم جهم آيو.

1. شــاهي شــوق شــتاب وڏي ســان، قــادر نينهــن قريبــن جــو،
مــون تــي دهشــت ڏوم ســين ڏم ڏم آيــو.

2. نينهــن جــا نعــرا ٿيــا اظهــارا، ســيڪو ســاز شــريفن جــو،
مــون تــي چوهــون چٽڪــي چــم چــم آيــو.

3. صــورت ناهــ نهــوڙي ڪيــڙس، حــاڪم حســن حبيبــن جــو.
مــون تــي قيــد ڪــرڻ جــي ڪــم ڪــم آيــو.

4. جٿــي "منٺــار" تــ مــرڻ نــ جيئــڻ هئــي هئــي حــال ضعيفــن جــو،
مــون تــي ڪســڻ جــو دڙڪــو دم دم آيــو.

ڪافي. 160

ٿلهه: ٿيا سانوڻ ڏينهن سڪار يار، چيز عجب چوڏار بندن لئه.

1. ڪــل جــا مشــڪل مولــي لاهيــا، صــاحب رب ســتار، يــار!
پيدائــش ڪيئــن، پوڪــار ڪنــدن لئــه.

2. ســب طامــاعو ورســي ويــڙا، ڏيئــي ڊيــا ڏاتــار، يــار!
جــي شــائق، دنيــادار ڏنــڏن لئــه.

3. پوُنــرن ڪــارڻ بــاغ بهاريــا، واس عجــب اســرار، يــار!
خوشــبوءِ گلــن، هيڪــاروندن لئــه.

4. منهنجو مطلب ڪوئي نــ ڪنهيــن ســين، ڏارا تنهيــن دلــدار يــار!
جيئــن لــذت بنــا، ٿلهــار ڏنــدن لئــه.

5. ڪــل هيــون آســون الله پڄــايون، اجــان آســون رهيــون "منٺــار" يــار!
جــو ســڪي ســائل، ديــدار ســندن لئــه.

ڪافي. 161

تلھ: آئي اڳ ۾ اُتر جي هير هير، پٽيان مينهن قرب جون ڪڪريون.

1. آئـي آهـ موسـم مينهـن وسـڻ جـي، رت سـانوڻ جـي سير سير،
تـر بـر ٽڪـر، سـونهن سـڀ ٽڪريـون.

2. مينهون ڳائيون سرهيون سانديون، آئـي ڏڻ سڀ ڪنهـن ڪي ڏير ڏير،
راضـي رڍون روجهـون، هرڻيـون ٻڪريـون.

3. رحمـت آب وسـي ڪيـا ريـلا، ڀيـون نديـون پلٽيـون نيـر نيـر،
سـي اڇـن تيـز، تکـي سـي نڪرٻـون.

4. محبـوب جـو سـاڻ "منٺـار" سـائين ڪـر پرچـائو پيـر پيـر،
تـہ لهـن فـراق، ڦوڙائـي جيـون فڪريـون.

ڪافي. 162

تلھ: منهنجو رحمي تون آهين رحمان، جلشان سبحان لکين لقبن ساڻ.

1. تـون منهنجـو مالڪ خاوند خـالق، صمـد غفـور تنهنجـو شـان،
۽ حنـان منـان سـوين اسمـن سـاڻ.

2. مـن منهنجـي منجهان ڇڏڄ تڙائـي، شـومي شـڪ شـيطان،
بـي ايمـان نـادان، ڪـيـ حڪمـن سـياڻ.

3. آئـون تنهنجـو آهيـان سـوالي سـڏايان، عـاصي اميـدن وان،
پـٽ پـان ڏي دان، پنهنجـي ڪرمـن سـاڻ.

4. چئـي "منٺـار" عـرض ويچـارو مـون سـان الله ڪـري احسـان،
ڏج ڏان ايمـان پنهنجـي فضلـن سـاڻ.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 163

تلهه: مون کي درشن جي درڪار، انوار ديدار ڏيکار تجل.

1. تنهنجـــي ملـــڻ لاءِ آئـــون مـــران ٿـــي وي ميـــان،
ڪونهـــي مـــن قـــرار بيمـــار لاچـــار ٿـــي اوتـــار درمـــل.

2. ٻڙڳـــي برهـــ جـــي مـــن منهنجـــي ۾ وي ميـــان،
تـــو جـــا هنئيـــن تنهـــن وار اظهـــار نـــروار، لڳـــي تـــار طبـــل.

3. روز الســـتؤن آهيـــن اســـان جـــو وي ميـــان،
دلپســـند دلـــدار ۽ جيـــار پيـــار، نـــ ڪـــر يـــار انڪـــل.

4. راهـــ ڏيڪـــاريندڙ منهنجـــو، رهنمـــا وي ميـــان،
تـــون جـــو آهيـــن تڪـــرار ۽ مختـــار، مهنـــدار ســـردار اڪمـــل.

5. ســـوالي اوهـــان جـــي، ســـونهن ڏســـڻ لاءِ وي ميـــان،
آهـــي ويچـــارو "**منٺـــار**" اميـــدوار مڱٹهـــار پينـــار پلپـــل.

ڪافي. 164

تلهه: مون کي طلب سڄڻ تنهنجي تات، وائي وات ڏينهن رات اثبات مل يار.

1. تنهنجـــي ڦوڙائـــي، آئـــون جـــا ڦٽـــي آهيـــان وي ميـــان،
ڪئي آهيان اڏ ڪٽي تنهن ڪات، نـ ممات نـ حيات برباد آزار.

2. قـــدم ڪـــرم ســـان، پـــر مـــون بنـــدي ڏي وي ميـــان،
ٿي شافي ڪر شفات، ٿي حمات ڪر آزاد، تئي برات تنهن وار.

3. تنهنجـــي آڪنـــب ۾، آهـــون ڪريـــان ٿـــي وي ميـــان،
ٿيـــو لـــوان نمـــاٿي لات لطفـــات، ملاقـــات رهـــ رات دلـــدار.

4. چٹـــي "**منٺـــار**" مســـڪين ويچـــارو وي ميـــان،
پنهنجي ويساهه جي باب اصلات، حق ذات تسون قطرات تڪرار.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 165

تلهه: آهي الله انسان ۾ وي، ڳول خدا لاءِ خاڪ جو چولو.

1. الانسان سري و اناسره هو، حرف اهو فرقان ۾ وي،
ڇڏ وجائي ٻيو سڀ پولو.

2. ونحن اقرب اوڏڙو، اٿئي مالڪ تنهنجي مڪان ۾ وي،
ناهي پري سو، منجهنون منجهه ڳولو.

3. فاذڪروني اذڪر ڪر وي، اها آيت سڪ جي شان ۾ وي،
نام ڌڻيءَ جو، سچيءَ دل سان ٻولو.

4. انا احمد بلاميمي، ڪوڙ نه نبيءَ زبان ۾ وي،
ڀوڙ ٻيائيءَ جو سڀ رولو.

5. اي "منٺار" قران ڪي وسهج، تون آڻ يقين ايمان ۾ وي،
غم گمان وارو، پيچ اولو.

ڪافي. 166

تلهه: تنهنجي جوين ڪي جنساري وي، خوبصورت هي خاوند خلقي.

1. واهه ديدار بهار تنهن جو، عطر عنبير هيڪاري وي،
ءِ بوءِ ڪٿوري رل مل رل ڪي.

2. پنيور پرون تنهنجا بادل مچرا، اکيون ڪيٽن چمڪاري وي،
ءِ الله صمد ٻولي منهنجي دل ڪي.

3. شمع چراغ تنهنجي حسن هٿايا، تو منجهه نور قراري وي،
ءِ جو ناهي برابر، جوت واري جهلڪي.

4. چئي "منٺار" اسرار الاهي، مون ڪي يقين اعتباري وي،
ته قادر پاڻ پيدا، پنهنجي ڪل ڪي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 167

ٿلهه: ڪري گوڙيون بادل گهمسان، اسان تي عشق عجيب جو آيو.

1. لاءِ اسان جي جوڙي لڙائي، نينهن نغارو هڻيو شاهن شاهي، جيئن صوبا سورهيه سلطان، تيئن حاڪم شوق حبيب جو آيو.

2. زابر عشق زوراور آهي، سيڪنهن تول تي سڪان گر آهي، هيئن جوڙيو اصل جلشانه، جنهن تي نه تاب ٻئي طبيب جو آيو.

3. عشق زوراور جابر جرعيت[1]، مون ۾ ڪيڙي جي قدر نه وصيت[2]، آئون سينو ساهيان، سانه تنهن ڪيڏو قصد قريب جو آهي.

4. چئي "منٺار" مسڪين نماڻو، عشق آيو شان شاهاڻو، ۽ نينهن ڪٺي ڪيس نيشان، گهائيندڙ مون غريب جو آيو.

ڪافي. 168

ٿلهه: اهو حسن محمد حضرت جو، جتي شمس قمر قربان صدق ۾.

1. اهو ٿيندو شافي، وٺندو معافي، اهي ضامن امت خلقت جو، مليس شفاعت شان صدق ۾.

2. ملڪ مدامي سندس سلامي، اهو ته لشڪر سندس خدمت جو، ٻيو مذهب مسلمان صدق ۾.

3. لا اِلٰه الا الله محمد رسول الله، اهو اقبال اُهي عظمت جو، چوڻ نسنگ نشان صدق ۾.

4. "منٺار" مدامي، سندس سلامي، هتڙو گهري تو حرمت جو، جو چائي پڙو پٽ پيان صدق ۾.

---

(1) جرئت.

(2) وسعت.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 169

تلهه: ڪج رحمت ميگهه ملهار يار، ڪڪريون ڪرم ساڻ وارڪي وسڻ جون.

1. موليٰ ملڪ تي مينهڙا وسائج، مشڪل ماڻهن تان سڀ لاهج،
لاهج ڏول ڏڪار يار، اميدون عالم ڪي سڪن رسڻ جون.

2. بخش بندي جون خون خطائون، ڏيار مون کي ايمان عطائون،
تون آهين رحيم ڏاتار يار، مهرون موتي ڪر توهه جي تسڻ جون.

3. توريءَ ناهي ڪو پيو پرواسو، ڏي، دلگيرن کي تون دلاسو،
لاهج غم غبار يار، صراحيون موڪل واري، حرص هسڻ جون.

4. مون کي منهنجو محبوب ملائج، درشن يار جو ديدار ڏيکائج،
اهو عرض ڪري (تو) "منٺار" يار، اتم پياسون، پريتءَ پسڻ جون.

ڪافي. 170

تلهه: ديکو بنيا ميگهه ملاري وي، موسم مينهن وسڻ دي آئي.

1. آيان اتر ديان ڪڪريان ڪاليان، بجلين دي چمڪاري وي،
ساري ملڪ وچ تي هي سهائي.

2. عالم ديان اميدان پنيان، سانوڻ ڏتي سڌاري وي،
ڏڻ پوکن وچ تي هي سرهائي.

3. هر کنهن دي گهرن هڻ تيان عيدان، مئيکون قيامت ڪاري وي،
جيتر نہ لهندي يار دي جدائي.

4. آکي "منٺار" هڻ معاملم ميڏي، آهين صاحب ڪون سڀ ساري وي.
ميئي نال ڪرندا شل ڪرم پلائي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 171

تلھ: رت سانون دي آئي، موسم مينھن وسندا.

1. گاھن ديان گلزاريان ڪليان، تي ھي زمين ھڻ سائي،
لڳا ھي رنگ رس دا.

2. تيان ھن خوشيان وچ خلق دي، غم ڳيا گمراھي،
ھرڪوئي پيا ھسندا.

3. ھڪ ميڏا محبوب دي ٻاجھون، ڪوئي نہ سوران وچ پائي،
جنھن ڪو مئي حال ڏسندا.

4. آکي "مننار" ھڪ مئن ھان اُداسي، جنھن ڪون پيئم جدائي،
آھ ول مئي ڪٿ پسندا.

ڪافي. 172

تلھ: پنھنجو عمل ۾ ڪر اختياري جو، مچ نام نرم دل تي سڻ نيازي.

نام خدا جي بخش بچايون، ڪو وارو رڪ دلداري جو،
سڄ عرض منھنجو ھي آزي.

جيئن وڏيئي، تيئن پاند نہ لاھج، بخش گناھ بدڪاريءَ جو،
ڪجان رحم دل ۾ تي راضي.

پرچ پيارا پنھنجو پاڻ سجاڻي، تہ تئي اھو وقت بھاريءَ جو،
ھوند رھي نماڻي ھي نئين نوازي.

چئي "مننار" منھنجي معلوم توکي، ڏس ڇا ھي مون وس ويچاريءَ جو،
آڻ ڪرم پنھنجي، ڪر دل قاضي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 173

تلهہ: تنهنجي رمز عجب رنگ يار يار، حيرت منجهہ آئون آهيان حيراني.

1. مرڪيو مشڪيو تو من موهين، سهسين ڪريو سينگار يار،
جادو تو جهٽ پٽ ۾ هٽين تون جاني.

2. کهڙا ڳائي کهڙا ڳايان، پرئينم تنهنجا پار يار،
سهس رنگي تون آهين سبحاني.

3. ڪڏهن تون ڪينهين، ڪڏهن تون ڪينهين، ڪيڙئي حڪم هزار يار،
عقل منهنجو هاڻي آهي پريشاني.

4. اصل اڪين جي چال چلائي، ماريئي ڪي "**منٺار**" يار،
دلڙي ڦريئي، پوءِ ٽيڙس فاني.

ڪافي. 174

تلهہ: حسن ڪٽي هٿيار، آيو عشق جوان جو جنگي.

1. ابرو تيغون تراريون جنهن جون، ڪن متا ڏڙن ڪوئن ڏار،
بيٺو ڪري شڪار، برهہ بي رنگي.

2. ڪجليون ڪاريون آهن ڪٽاريون، وڃن ٽيون آرو پار،
عاشقن جي لئون لئون مان لنگهي.

3. نڪ جون ناليون چٽن دوناليون، ڪن فير سپهہ سالار،
هٽيو ٻاڻ، پيچن نشان، تا ٻنگي.

4. چپ ڏند ذوق زبان جو جابر، چڙ روپ ڪروڙ هزار،
آهن ساٽس ساز سرود پيا سنگي.

5. سر سچوئي سامان هٿيارن، ڪڏهن ماريندو ڪي "**منٺار**"،
آهيان ڪمند زلف وارن آئون ونگي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 175

تلھ: پورو ٿيو شوق شڪاري جو، ماريو عشق وڃي مشتاقن.

1. حسن جا هٿيار هٽي ٿو، جنهن کي ڀيو ڪو نہ ضرور ڪٽاري جو،
ٻ ٻچي اکين جا ٻاڻ عشاقن.

2. قيد ڪري ٿو لاءِ ڪهڻ جي، وجهيو ڦاهو زلف جي ڳاري جو،
اها قابو ڪمند وجهي ٿو ڪن ڪن.

3. سو نہ سگهو ٿي گهايل گهمندو، جنهن کي لڳڙو ڪان ڦهاري جو،
سو عمر گذاريندو منجهہ عذابن.

4. چئي "منٺار" منهنجو تنهن وٽ، وس نہ هلي اختياري جو،
جيئن پاڻ وڻي، تيئن ڪري پياسن.

ڪافي. 176

تلھ: ٿيو بادل رنگ بهاريءَ جو، مينهن وسڻ مند آئي ملاري.

1. ماڻڪ موتي مال جنهن ۾، سو کليو بار پساريءَ جو،
ڏي خيرات، ڪريو ڏاتاري.

2. ڪل عالم تان اوک لهي ويا، ويو احتياج اُجياريءَ جو،
پاڻي پٽن منجهہ جر جالاري.

3. سڀ کي رازق روز رسايو، جنهن جو نام سبحان ستاريءَ جو،
سو پاڻ ڪري ڪل جي پوئواري.

4. تيئن "منٺار" جو مقصد ٿيندو، جيئن ٿيو دنيا ساريءَ جو،
من دوست اچي ڪا! ملي دلداري.

ڪافي. 177

تلهه: گوڙين ڪيا گجگاهه، آيو اڻ ڪٿ آب ابر جو.

1. ابر منجهان آواز اچي ٿو، سارنگ روپي ساز وڄي ٿو،
ڏڏڪن ٿا درياءَ، ٻي انت آهي بيان بحر جو.

2. وٺڙا مينهن وحدت وارا، عالم سڀيئي سڪاريا سارا،
ڪيو آباد الله، ويو ڏڪار سڄي ٿر بر جو.

3. ڏڻ پڪڻ، آدم انسانا، ٿيا خوشحال مرون حيوانا،
گهڻا ساماڻا گاهه، سڀ ڪي ٿيو سامان سمر جو.

4. مينهن وسايا واحد والي، ٿيون اميدون ڏرتي آلي،
۽ سيني ڪري صلاح، هارين ڪيو سانباهو هر جو.

5. چئي "منٺار" وٺو نور نظارو، جت ڪٿ مير مرسل وارو،
۽ سندو محمد شاهه جوئي محمد زمان آهي محشر جو.

ڪافي. 178

تلهه: سهڻا ساجن يار! اچ هي آس پياس پيارا.

1. ويرا وير ورونهن وڏي ٿي، دلبر توڪان ڌار،
پيا سڀ حال خيال ٿيا ڪارا.

2. موسم هن ۾ ماٺوءَ ڪل سان، ٿيئڙا سهنج سڪار،
لٿا ساٿيهه ٻئي ڏيهه تان ڏڪارا.

3. منجهه ملاري مقصد ڪل جو، ٿا سرها تين سنگهار،
راضي ريدار ڳنوار ميهارا.

4. ساجن يار سوال سڄ تون ملج ڪي "منٺار"،
تہ ڇڻن چاڪ فراقن وارا.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 179

تلھ: ڪري محبت ميگھہ ملار يار، برھو بادل بنجي آيو.

1. جن جا سينا صاف سچا ھئا، توڙي تن جا ڪم ڪچا ھئا،
تہ بہ رکي عشقو اُن تي آر يار.

2. عشقي اگر ڪيا، اپارين ھر ھنڌ پريا حوض ھزارين،
چئو قبلي چوڏار يار.

3. ڪڏھن گوڙيون وڄن نغارا، ڪڏھن ڪنوڻين جا چمڪارا،
اھي عشقي جا اسرار يار.

4. برھي بادل ڪئي بھاري، من تي موڄ محبت واري،
متي مينھن وٺا "**مننار**" يار.

ڪافي. 180

تلھ: ھن رت ساونڻ جيءَ سير ۾، مان ملي محبوب مون کي.

1. پيچ پني بادليو برسي، يار اچي، آھيان جنھن عرصي،
دلڙي تئي ھوند ڏير ۾.

2. جڏھن موسم ميگھہ ملار اچي، جي تڏھن اسان جو يار اچي،
تہ ڪنڌ مصري جيئن کير ۾.

3. بادل بوندن ڪيون برساتون، دوست ملي شڪر ۾ شاديون،
پيا سھسين سھنج سرير ۾.

4. پير پچائيندم سنديم سائي، چئي "**مننار**" آس اھائي،
مون کي نرمل نوح فقير ۾.

ڪافي. 181

تلھ: ھي خلق خدا تنھنجا اوزار اي ڪاريگر يار،
ڪل ڪم پنھنجي ھٿ پاڻ ڪرين ٿو.

1. نفعو نقصان وس ڀئي نہ ڪنھن جي، وسھيس سان ويچار،
اي ڪاريگر يار.

2. ھرڪا حڪمت ڇاٽي تو پاٽھين، بيحد ھنر بيشمار،
اي ڪاريگر يار.

3. مت مڙني کي ڏنئي جداجدا، جھڙي سموري کي سنسار،
اي ڪاريگر يار.

4. ڪي وڙھن ڪن سين، ڪي وڙھن ڪن سين، ڪريو ھوڏ خلل تڪرار
اي ڪاريگر يار.

5. ڪي سڄڻ ڪن جا ٿيو طالب تن جا محبتون ڏين پيار،
اي ڪاريگر يار.

6. ڪي پائين ڪن ڪان، ھن ڪان يا بين ڪان، اھي مٿن وڏئي مونجھار،
اي ڪاريگر يار.

7. رستو "راڄڙ" کي سڌو سمجھائج، منجھائين متان "**مننار**"،
اي ڪاريگر يار.

ڪافي. 182

تلھ: جر پلر جا لار يار، ابر وسڻ آڪاڙ ۾ ايندا،

1. ڏکيا ڏينھن ڏڪار جا ويندا، ٿيندا ساندھ چار سڪار يار.

2. ڪارن ڪڪرن منجھان رب قادر، نديون وھائيندو نار يار.

3. رڏون ۾ ڳئون ڪيئن رڃ ڪنديون ۾ مرڪندا ميھار يار.

4. آيو ذوق زبان تي جابر، چئي ملاري "**مننار**" يار.

ڪافي. 183

تلهه: خـالق خلـق ڏٺـي ڏٺـي، مولـيٰ موڪـل مينهـن ملـڪ تـي.

1. هن اوسر ۾ تون ڪر آبادي، پاءِ برڪت گاهه ۾ گهٽي گهٽي.

2. پـاٽي پـلر جو جـام جهجهـو ڪـر، هيڪـر هـاڻ هٽـي هٽـي.

3. لاهـه ڏمـر پرچـي رب پـرور، ڪـر خـاوند خيـر کٽـي کٽـي.

4. چئـي "مننـار" تـه ملڪ مڙيئي تـان، لاهج تنگي تـون ٽٽي ٽٽـي.

ڪافي. 184

تلهه: سارنگ ڪيا سينگار يار، گهڙي هن گهرجين دل گهريا.

1. نسـري گاهـه پٽـن تـي نڪتـا، سـبز عجـب اسـرار يـار.

2. هن رت ۾ هر ڪنهن بشرت ڪي، ڏنو حسن سونهن ستار يار.

3. واءُ وٺـي جـو هيـر وٽـي تـي، ٿيـا مٿـان ميگهـه مـلار يـار.

4. مثـل بهشـتن پيـچ پنـوري، تـي بـادل بونـد بهـار يـار.

5. ساعت هن ۾ سنپاليان توکي، ڏسيو چيز عجب چوڏار يار.

6. جي اڄ سپاٽي عجيب اچين تون، تـه مـون لاءِ عيش اپـار يـار.

7. ڪنوٽيون ڏسي هوند پوءِ خوش ٿيان، جي ملين ڪي "مننار" يـار.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 185

ٿلهہ: گاهہ وسن جا ويءِ ويءِ، سارنگ سانوڻ سڀ رنگ لايا.

1. ڇگـيءِ ريـت چـرن چوپـايون، تـاڏي موسـم ٻـيءِ ٻيءِ.

2. سـاوا سـبز کيـن کوماڻـا، نـہ سـاڙيا سيـاري سـيءِ سيءِ.

3. ڳنـوار ميهـار سـنگهار سـاريندا، هيلوکـي منـد هـيءِ هيءِ.

4. کـو پرڏـائيندو پنهنجي پٽـن کـي، کـو پرڏـائيندو ڏيءِ ڏيءِ.

5. مـان ملـي **"منٺار"** ويچـاري کـي، جـانب گهرئـو جـيءِ جيءِ.

ڪافي. 186

ٿلهہ: يارانـي ۾ يار يار، کرڻ سر قربان مناسب.

1. کجـانءِ ملکيـت مـال پنهنجـو، عجيـب جـي اختيـار يـار.

2. رکـڻ سـانگو سـر پنهنجـي جـو، محبـت وٺ ميـار يـار.

3. سـاهہ سـري سـاجن جـي مهنـدا، حـاضر کـر هـر وار يـار.

4. دعـويٰ دوسـتي جـي رکـڻ جـا، پـڇ پتنـگن کـان پـار يـار.

5. کجـانءِ سـاهہ صـدق سـاجن تـان، متـان مڙيـن **"منٺار"** يـار.

ڪافي. 187

ٿلهه: مينهن جا مانڊاڻ، خدا تون پاڻ،
واري وساءِ ڪپري ۽ ڪاٺي ڪي.

1. ملڪ اتر ڪون، روهڙي سکر ڪوئن،
ڪن موئج پلي مهراڻ، خدا تون پاڻ.

2. مڪيءَ جو ڊورو، سانگهڙ سنجهورو،
سي وسن سيپئي وٽاڻ، خدا تون پاڻ.

3. هالا نصرپور، حيدرآباد ميرپور،
پيا ٽنڊن جا وسن ٽڪاڻ، خدا تون پاڻ.

4. موهر نارو، سنڌ سامارو،
پلٽائج پراڻ، خدا تون پاڻ.

5. عمر ڪوٽ ننگر ۾، پارڪر ٿر ۾،
نديون پرج نياڻ، خدا تون پاڻ.

6. ملڪ هند جي، ساريءَ سنڌ جي،
اُج واري پيج آڻ، خدا تون پاڻ.

7. چئي "منٺارو" تون ڏاتارو،
وڏ ڪنئون واڪاڻ، خدا تون پاڻ.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 188

تلهه: پريـــن مـــل هـــاڻ مـــون پياســـي ڪـــي،
وٺـــي برســـات آهـــي، پيـــچ پنـــوري.

1. وصـــل وصـــال جـــو، پيـــار پيـــالو،
تـــرس ڪـــري مـــون تاســـي ڪـــي.

2. جيئن سپ ڪي سمونڊ ۾، ملي مينهن قطرو،
ابـــر جـــو آب اُداســـي ڪـــي.

3. رتـــي رحـــم جـــي آڻـــج اســـان تـــي،
ڪنهـــن خوشـــي جـــي خصـــالت خـــاصي ڪـــي.

4. مـــون ڪـــي نـــام خـــدا جـــي منهـــن ڏيڪـــارج،
جيئـــن هـــو ڏنـــو ســـر ڏيـــاچ، ميراثـــيءَ ڪـــي.

5. چئـــي "منـنـار" مـــون ڪـــي محبـــوب تـــون ملنديـــن،
اهـــا مـــون اميـــد اڄ آســـي ڪـــي.

ڪافي. 189

تلهه: هـــي خلـــق خـــدا تنهنجـــا اوزار اي ڪاريـــگر يـــار،
ڪـــل ڪـــم پنهنجـــي هـــٿ پـــاڻ ڪريـــن تـــو.

1. نفعـــو نقصـــان وس ڀـــي نـــه ڪنهـــن جـــي،
وسهيـــس ســـاڻ ويچـــار اي ڪاريـــگر يـــار.

2. هرڪـــا حڪمـــت ڄـــاڻي تـــو پـــاڻهين،
بيحـــد هـــنر بيشـــمار اي ڪاريـــگر يـــار.

Scanned with CamScanner

3. مت مڙني کي ڏنيئه جدا جدا جهڙي،
سموري کي سنسار اي ڪاريگر يار.

4. کي وڙهن ڪن سين کي وڙهن ڪن سين،
ڪريو هوڏ خلل تڪرار اي ڪاريگر يار.

5. کي سچڻ ڪن جا تيو طالب تن جا،
محبتون ڏين پيار، اي ڪاريگر يار.

6. کي پائن ڪن ڪؤن هن يان پين ڪؤن،
اهي مٿن وڏ مونجهارو اي ڪاريگر يار.

7. رستو راڄڙ کي سڏو سمجهائج،
منجهائين متان کي "منٺار" اي ڪاريگر يار.

ڪافي. 190

تلهه: هي رت ساوڻ جي سير، مل محبوب! آسائتي آهيان.

1. تنهنجي ملڻ لئه ڪئين مجتائون، سؤ سنياريم پير.

2. جي اچين عجيب تون اڱڻ اسان جي، ته ڪندون وراهيان ڪير.

3. تنهنجي اچڻ سان حج اڪبر جي، هينئڙي لڳنديم هير.

4. وجهه نه هيڏو هاڻ وڇوڙو، ساڻ "منٺار" فقير.

ڪافي. 191

تلهه: وٺا سپ ولهار مينهڙا ڇيٺي، ڇن پٽ پوڙيٺي.

1. لٿا لطف سان ڏڻ ماڻهن تان، ڏڪيا ڏينهن ڏڪار.

2. مينهن پاڻي مان جوڙي جنسون، خلقيون خلقڻهار.

3. هن عوشاق جي الله سائين کي، پرين جي لاءِ پڪار.

4. سهڻو ساجن هن موسم ۾، ملندو کي "منٺار".

ڪافي. 192

تلهه: مند موسم هي ساونڻ جي، پيچ پني بادليو برسي.

1. بادل بوندن ڪئي بهاري، يار اچي مل تون هڪواري،
مون کي سنبت سيج وڇاونڻ جي.

2. سڪ اوهان جي آهي اندر ۾، ڪين گذاريو سگهان صبر ۾،
مون کي ناهي سا محبت ماونڻ جي.

3. نام الله جي سڻ تون آزي، ڇڏ رسامان ٿيءُ تون راضي،
منج پاند منٺ پرڇاونڻ جي.

4. چئي "منٺار" تي يار پيارا، آئون ابالي دم تو ڏاران،
ڪج ڪا عجيب تون آونڻ جي.

ڪافي. 193

تلهه: گوڙين لايا گهمسان، وٺا مينهن محبت.

1. بجليون بادل برسڻ لڳيون، سوءُ شرط سامان،
قادر جي قدرت.

2. ڏڻ پکــڻ ۾ جــن ملائــڪ، عبــرت ۾ انســان،
هـــاديءَ جـــي حڪمـــت.

3. پٽــن تــي پــالوٽ پــلر جــي، رنــگ لايــا رحمــان،
خوشــــي ۾ خلقــــت.

4. ڏسـي مانداٺـا "مننـار" چئـي، مـون کـي لڳـي حيـران،
آئـــون حيـــران منجهـــ حيـــرت.

ڪافي. 194

تلهہ: يارب تعاليٰ رحمت سان، موليٰ موڪل مينهن ملڪ تي.

1. ڪرم وڏي سان ڪر آگر اُپ ۾، هادي پنهنجي حڪمت سان.

2. سـڪل پـٽ ڪـر سـاوا سبزا، قـادر پنهنجي قـدرت سـان.

3. آسـوندن کـي ڪـر آسـودو، بسـم الله جـي برڪـت سـان.

4. عرض "مننار" جا ڪر منظوري، حضرت شاهہ جي حرمت سان.

ڪافي. 195

تلهہ: گل ڦل باغ بهار، سڀ هنڌ ساوڻ.

1. ڏينهـن ڏولائـي جـا سـڀ وئـڙا، سـيڪوئي منجهـ سـڪار.

2. برسن بونـدون بعـد مينهـن جـي، چـڻ چـڻ جيئـن چندڪـار.

3. عـالم منجهــ آبـاد چڱـو تيـو، چئـو قبلـي چـوڌار.

4. مـان ملـي هـن موسـم منـد ۾، محـب اچـي "مننـار".

Scanned with CamScanner

ڪافي. 196

تلهہ: تون ڪر ميگهہ ملهار، خلق خوش ٿئي.

1. پٽــن تــي پــالوٽ ســان، الــو الــو!
واحــد ڪــر وســڪار.

2. ڪــر برســاتون ٿــر بــر ســنڌ ۾، الــو الــو!
ڏيهــہ تــان لاهــہ ڏڪــار.

3. ســپ هنڌ سانوڻ ڪــر رب ســائين، الــو الــو!
جــوڙ جنــس جنســـار.

4. تــو در "راڃــڙ" اي رب ســائين، الــو الــو!
عــرض ڪــري "منٺــار".

ڪافي. 197

تلهہ: موڪل ڪر کي مينهن موسم مند آئي.

1. هــن منــد هرڪــو ســارنگ ســاري، الــو الــو!
ســـپ ســـاموندڻ جيئـــن.

2. بلبــل بــاغن ڪــارڻ جيئـــن، الــو الــو!
طلــب عــالم کــي تيئـــن.

3. وس تــہ ســانگي تيــن ســڪيا، الــو الــو!
لاهــہ ڏولاٽــي جــا ڏينهـــن.

4. ميلــو فقيــر "منٺـــار" جــو، الــو الــو!
پــرور ڪــر ســاڻ پــيءُ.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 198

تلهه: آيا ملڻ جا سال، مند بهاريون بادل.

1. سارنگ ٻڌيو، سر سڪاريا الو الو! قادر لاٿا سڀ ڪال.

2. مولي سائين مينهن وسايا الو الو! لک پلايون پال.

3. وڄن وسڻ جا ور ڪيا الو الو! ساز ڪڙا لک تال.

4. محب منو "منٺار" سان الو الو! گڏ گذاري ڏينهن شال.

ڪافي. 199

تلهه: واهه واهه حسن سينگار، ديدار دلبر جو.

1. سر سونهاري يار سڄڻ جي، پيو وهسي سيڪوئي وار.

2. منهن محراب پر پنور پرون ڏس، جيئن اڪيون ڪيڻ چمڪار.

3. نڪ چپ ڏند، ڪر موتي مرجان، جو موهي هسڻ سان هزار.

4. ناهي تمام تعريف تنهنجي، حيرت منجهه "منٺار".

ڪافي. 200

تلهه: وسندو مينهن وصاليءَ جو اڄ، مون کي آس اُميد وڏي ٿي.

1. ايندو يار عجيب اسان جو، ڪندو قرب ڪماليءَ جو.

2. پاڻ پسائيندم پاڪ پيشاني، جهلڪو نور جماليءَ جو.

3. پرين پيارنيدم پرم پيالي، ٿيندو مقصود مواليءَ جو.

4. چئي "منٺار" ته پچنديون مرادون، پوندو صاب سوال مون سواليءَ جو.

ڪافي. 201

تلهه: وس تون مينهن ولهارن تي، بادل برسي ڪر برساتيون.

1. ٿرن برن ۾ تون ڪر ساوڻ، پلٽ رکي ان پارن تي.

2. مهراڻي تي ڪر مانداڻا، ۽ مينگهه وڏو ميهارن تي.

3. نديون ناري ۾ پلٽاءِ پلر جون، تہ ٿئي من سهنج سنگهارن تي.

4. گاهن جون ڪڻي ڪر گلزاريون، سنڌ جي پوڻن سارن تي.

5. چئي "منٺار" تہ رحمت جا مينهن، وسن اسان ويچارن تي.

ڪافي. 202

تلهه: وري آئي مند ورساري جي، آئون پياسڻ يار پياري جي.

1. ڏاران سپرين سيءَ ۾ گذاريم، سڄي موسم سياري جي.

2. ان سور سڪڻ جي ماريس سرتيون، هئم اُداس اونهاري جي.

3. يار پرينءَ جا پانڌي پڇايان، خبر نہ آئي دلداري جي.

4. مان ملي هن موسم مند ۾، اها مراد "منٺاري" جي.

ڪافي. 203

تلهه: چير تيئن چڻجان، پانڌي ادا پرين کي.

1. پانڌي پرين کي منهنجي پارون، پيرين وجي پئجان.

2. منهنجون ميڙيون مهندان پرين جي، سور سيئي سلجان.

3. چئج سنيهو ثابت ساري، لات اها لئجان.

4. چي موڻي فقير "منٺار" جي، سار سکهو ڪا لهجان.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 204

تلھہ: ڇو ٿو ٿئين دلگير، محبوب توکي ملندو.

1. سڄڻ تنھنجو ٻاجھہ سڀاجھو، نيڻين وھائين ڇو نير.

2. سوري سينگار يار سڄڻ لاءِ، تون ڪر صاف سرير.

3. وڇاءِ وجود ۾ سيج سڄڻ لاءِ، پٽولا پٽ چير.

4. تنھنجون مرادون اي "**منٺار**"، پوريون ڪندو سڀ پير.

ڪافي. 205

تلھہ: منھنجو من ڪيو مستان، سڄڻ جي صورت.

1. زلف سڄڻ جا خوني زوراور، ڪجل پرين جا ڪان.

2. پرين ڪارڻ برپٽ ڳوليم، برھہ ڪيس بٺران.

3. مت عقل جي نينھن نھوڙي، ھيءَ دل ڪئي ديوان.

4. لاءِ محبوبن ھيءَ "**منٺار**" ھاڻ وتي حيران.

ڪافي. 206

تلھہ: تون وري آءُ منھنجا جاني، فالون ٿي پايان.

1. صدق صدق، تو تان سر صدقي، وي ميان!
جويـن جنـد جوانـي.

2. عقل تہ منهنجو عشق اُڏايو، وي ميان!
آءُ ڪارڻ ديد ديواني.

3. حال احوال منهنجو ٿيو حيرانو، وي ميان!
مون ڏٺو حسن حقاني.

4. آءُ "منٺار" سان ڪر ميلو، وي ميان!
ڪج ڪو ڪرم احساني.

ڪافي. 207

تلهہ: ساڳيو سڄاتم يار سهڻي منجهہ ساجن.

1. سج چنڊ ڪان سهڻو گهڻو، وي ميان!
جانب جو جهلڪار.

2. سڄڻ آيو، ساهہ ڪي سيبايو، وي ميان!
گهوٽ آيو غمٽار.

3. موٽي اسان ڪي محبوب موچارو، وي ميان!
ڏيئي ويو دلاسا دلدار.

4. سڄڻ ايندو، ملڻ ٿيندو، وي ميان!
مرڪندو "منٺار".

ڪافي. 208

صورت سندي يار، مون کي نٿي وسري.

هجن هميشہ اڳيان اکين جي، وي ميان!
دم نہ ٿين هڪ ڏار.

2. ميخــون جــي محبــت ســنديون وي ميــان!
هڻــي ويــا لکيــن هــزار.

3. وائــي وســاريان ڪينڪــي، وي ميــان!
پريــن جــي تــہ پچــار.

4. مــان ملــي محبــوب موچــارو، وي ميــان!
موتــي اچــي ڪــي "مننــار".

ڪافي. 209

تلھہ: عشق اُلٽ آيا، بادل جيئن برسي.

1. برھہ جون بوندون برسڻ لڳيون، وي ميان! جڳمگ جهڙ لايا.

2. تــال تماشــا، طبــل وڄائين، وي ميــان! ڇــم ڇــم جــي ڇايــا.

3. دل منهنجــيءَ تــي دلبــر والا، وي ميــان! حســن هلــي آيــا.

4. چئي "مننــار" تہ اڳڻ اسان جي، وي ميــان! پيــر پريــنءَ پايــا.

ڪافي. 210

تلھہ: هي موسم مند ملهاريءَ جي، دم دم دلبر ياد پوين ٿو.

1. آئي مند سندي ورساري، ســـڀ شــيءِ ســڄڻ ســاٿيھہ سنياري،
ســي ڪــن دانهــن پوڪــاريءَ جــي.

2. ٿيا بربيبان، سڪل پٽ ساوا، پلر پــاٽيءَ مــان پــي پــي ڏاوا،
۽ لاهــج اُج مــون اُجــاريءَ جــي.

3. جيئن ملي سمونڊ ۾ ساجن سپن ڪي، تيئن مل محبوب پنهنجي مشتاقن کي
هي وائي ٻڌي مون ويچاريءَ جي.

4. چئي "منٺار" محبوب موچارا، ملج مون کي يار پيارا،
ڪر ڪا مهر ستاريءَ جي.

راڳڻي ملاري تار داڏارو

ڪافي. 211

ٿلهه: واءَ جي وٺيم هير، جا ڪيٽن رات ڪاٽڙ مان آندي.

1. مون کي ميان سومرا قيد ڪيو اٿئي، زور وجهي زنجير.

2. ڪرڻ مارن سان ڪين مناسب، هيڏيون هلائون حمير.

3. لوئي اباڻي لاهي لڱن تان، آئون نه پهريان پٽ چير.

4. موڪل ڏيج ملير وڃڻ جي، ڪي "منٺار" فقير.

ڪافي. 212

ٿلهه: تنهنجي صحبت ريءَ مون کي نٿي وسري.
مون سين پرچ پرين! اڄ پيرڙا پري.

1. ور وسيلا ڪارڻي واري قدم، مون تي ڪرم ڪري.

2. هٿ ڇڏي هيڪلي، پلڪ گهڙي مون ڪان ٿي نه پري.

3. پيرو ڪج پنيور ۾، مون ڏوهياڻيءَ تي نظر ڌري.

4. تو سوا مون سور ٿيا، تن مرضن ۾ پيو "منٺار" مري.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 213

تلهه: چام چنيسر داسڙا، ليلان تي لطف ڪر،
وي ميان! لوڏج ڪيم ٻهر.

1. پيئي ڪنديس پورهيو وو، گهوٽ تنهنجي آئون گهر.

2. ڪين ساڳا هيم سپرين وو، آءٌ اڄ چاڻ ٻي اثر.

3. جيڪا هئي ملڪ ڏجاڻي توڪئي وو، تنهن کي ڇڏج ۾ ريءَ سمر.

4. آئون چئي بخشايان ڪيترو وو، مون منجهه عيب اپر.

5. آئون تہ ڇڏينديس ڪينڪي وو، تنهنجو پاند ڪمر.

6. ڪئين منٿون "منٺار" ڪيون وو، دوست اوهان جي در.

ڪافي. 214

تلهه: تن مارن ريءَ ماتام ٿيو، جاڳيا غم ۾ گوندر،
سائين سڻ احوال، ميان عمر.

1. جيڪي وهي ٿو وجود ۾ وو، سا منهنجي خاوند رب کي خبر.

2. وڻن ڪين وجود کي وو، سائين تنهنجا ڪوٽ قصر.

3. ڪاڄ اسان جو ڪنهيون وو، سائين سائون ۾ ساڳ سگر.

4. مون ورايا هئا ويڙهه ۾ وو، سائين تن ٻاپاڻن جا ٻڪر.

5. حاڪم هلائون ڇوڪرين وو، سائين ڏوتيئڙن سان ڏمر.

6. رويو لڙڪ "راڄڙ" چوي وو سائين هاريان تَي هر هر.

ڪافي. 215

تلهہ: توکي نہ مناسب مٺي سين موچارا، واجب واٽ وسارڻ جي.

1. سڪي ساجن توسان مون سڱ ڪيڙو، جيڏري جلد وڇوڙو پيئڙو،
ڳنڍي وجود جي، ڳارڻ جي.

2. ذات برهمڻ آئون اڇاٽي، ڏيج دلاسو پنهنجو دڳ سڃاڻي،
پرت پنهل ڪج، پارڻ جي.

3. آئون تنهنجي لائق جوڙ نہ آهيان، جنهن پر سائين تو وٽ سيبايان،
سا چوءِ ڳالهہ، سيکارڻ جي.

4. درد واريءَ تان تو جا دل لاهي، پنهل تنهنجي هيءَ بي پرواهي،
سا آهي "منٺار" جي، مارڻ جي.

ڪافي. 216

تلهہ: ڪرين تو ڪوهيارا، وائي جا وڃڻ جي،
سا مٺي ڪي ٿي ماري، تنهنجي سٺا سنبرڻ جي.

1. آئون جا ويچاري دردن واري، ڦوڙائي جي لاچاري،
آهي منهنجي لئہ مرڻ جي.

2. سڄ صدائون دلبر دانهون، اُتان تون اوراهون،
ڪج ڪا ورڻ جي.

3. ڏسي حال منهنجو ڪج خيال پنهنجو، من ڪري روح تنهنجو،
مون ڏي ڏيان ڌرڻ جي.

4. جي وڃي وڻڪار ڏي، پرين تون ٻئي پار ڏي،
تہ موٽي "منٺار" ڏي، ڪج پير پرڻ جي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 217

تلھ: جيڪا تو عقل ۾ هئي صلاح پوري،
تہ مون کي سمجھاءِ سائين، اُها ڳالهڙي سموري.

1. آئون نا سمجھہ نسوري، مون کي مت توري،
آهيان بلڪل پوري، آئون اصل اڌوري.

2. آئون تنهنجي ٻانهي آهيان، سينو ڪيئن ساهيان،
چاڪر چايان، تنهنجي ڪنديس مزوري.

3. مون کي آس آسو، تنهنجو ڀروسو،
ڏج ڪو دلاسو، تہ وڃي وهلوري.

4. جيڪا تو منهنجي يار ڪي، تنهنجي وڏي ويچار ڪي،
سا مڙيئي "منٺار" ڪي، هاڻ آهي منظوري.

ڪافي. 218

تلھ: سينگار ڪنديون ڪيئن عيب ونديون،
اي ميان عمر اڪين مان، وهي نير نديون.

1. آئون آهيان عيب داري، منجھہ ڪڙم ڪاٺياري،
۽ هيءَ ڳالھہ ساري، مون ڪان پنوهاريون ڇڳنديون.

2. حڪم هلايو، رعيت رنجايو،
ٻيون اولون اٿايو، تو رکين مير مديون.

3. زورئون ضعيفن ڪي، جھلين ڪوھہ تنين ڪي،
ڪر آزاد اُن ڪي، جي تو هاڻ بنديون.

4. چئي "منٺارو"، آئون آهيان عيب دارو،
۽ روئان تو ويچارو، هي ساريو ڳالهيون سنديون.

ڪافي. 219

تلهه: ڪيڻ ڪيس خوشحال، گوندر گوڙ سڻڻ سان وئڙو.

1. ڪيو مينهن ملير موچارو، جتي ماروئڙن جو مال،
مچي شال متارو ٿيئڙو.

2. وسڻ ساڻ وڏيڪ ٿئي تو، آباڻو اقبال،
قادر ڪرم مٺن جو ڪيئڙو.

3. هجن شال سنگهار سلامت، ڪو نه ڏسن بيو ڪال،
هجي احسان مٺن شال اهڙو.

4. چئي "منٺار" مرادون منهنجيون، پانيان ٿينديون برحال،
مائٽ خوش، ته ناهي غم بئڙو.

ڪافي. 220

تلهه: ويڙهيچا ته ويڙا لڏي چڏي ويا ملڪ ملير وو.
الله آڻيندن پير.

1. ڏکڙا منهنجي دل جا، ڇاٽي اُتي جو امير،
ساريو ساهيڙن کي، وو نيڻن وهايان ٿي نير.

2. رات ورهيه ڪيو وهايان، مٺي سان قهر ڪبير،
مون کي تنين ميڙئين، وو ساهه جنين ساڻ سير.

3. آئون ته جهجان ٿي جهل ۾، منهنجيءَ جان تي زنجير،
لکيو ويٺي لوڙيان، وو قربان قضا جو ڪير.

4. "منٺار" چئي ماروئڙن کي، ساري ساهه سرير،
وري ڏسنديس وطن ۾، وو ڪندو فضل فقير.

ڪافي. 221

تلھ: منڙا مارو جي ملير جا، وئڙا سانگ سنگھار.
وو ويڙھيون ڇڏي ولھار.

1. موٽيا ڪين ملير ڏي، وري تيا وسڪار،
وجي اُت ويھي رھيا، وو وطن ڪري سي وينجھار.

2. آئون ٻـ انھي جي آھيان، پاڙيچڻ ڪا پيزار،
ھي تـ لکيو مون لوڙيو، وو تيس ڏٽارن ڪان ڏار.

3. مون ڪي تن ماروئڙن جي، تن من منجھ تنوار،
وائي اتر وات، وو پنھوارن جي پچار.

4. منھنجي سي "منٺار" چئي، سانگي لھندا سنيار،
ڪڏي عمرڪوٽ مان، وو نيندا پنھنجي پار.

ڪافي. 222

تلھ: مون نماڻيءَ کي تـ نصيب ٿئي ميان، پاڙو جو وھين پنوھارن جو.

1. جن جي پاڙي جي ننگ ۾، پرن ھزارين،
ايڏو احسان اُيلدارن جو.

2. ھيٺن تي جي ھٿڙا ڏرين تا،
واھـ واھـ ترس تجارن جو.

3. اجھي جن جي اڙک نـ ڪوئي،
ڪونھي ڊاءُ ڦھارن جو.

4. چئي "منٺار" مالڪ منھنجا،
مون ڪي ڏج پھت پينارن جو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 223

ٿلهه: هيڪر شال ٿيان هيڪاندي، آئون ايل وارن اشرافن سان.

1. پاڙو نصيب ڪج پنهوارن جو، جيءَ وڻت آهي منهنجي جن سان.
2. ننڍي لاڪون جن نپايس، محبت تن ماڙيچن سان.
3. ڏک سک سانگين ساڻ گذاريان، وطن وڃي ويڙهيچن سان.
4. ميلو فقير "منثار" جو، ڪج ماڳ نيئي محبوبن سان.

ڪافي. 224

ٿلهه: عمر ميان پرچاءِ مٺن مارن کي.

1. مٺڙا مارو جي مليرجا، وي ميان!
راهٺ ومر رنجاءِ.

2. زبردستي ضعيفن سين، وي ميان!
حڪم ڪومر هلاءِ.

3. رعيت پنهنجي قيد ڪراوڻ، وي ميان!
توکي ڪين جڳاءِ.

4. سرهي بابت سومرا، وي ميان!
هي ماڙيچي موٽاءِ.

5. چئي "منثار" تہ مهر منجهرا وي ميان!
ڪلف قيدن جا لاهہ.

ڪافي. 225

تلهہ:　وطن ويڙهيچا ياد ڪريو، پوءِ آئون تہ روئان ڏينهن راتو رات.

1. سرتيون ساهيڙيون آئون نت ساريان، مٺا ماروئڙا مور نہ وساريان.
وو وائي اُن جي آهي منهنجي وات.

2. ڪاڄ جنين جو سگر ۽ سانئون، عمر اُداسڻ اُن لاءِ آئون،
وو طلب تنين جي آهي مون کي تات.

3. ماڳ ملير جي لوئي نہ لاهيندس، اتر اميد وطن آئون ويندس،
وو مان مارن سين ٿئي ملاقات.

4. عرض "منٺار" جا الله اگهائيندو، مون کي مارن سان مولا ملائيندو،
پسان پنوهارن کي پريات.

ڪافي. 226

تلهہ:　ماڳ مٺياٽيون مور نہ وسرن، هو جي ڇڏيم جر هاريندیون.

1. راز جنين سان منهنجي روح جو، ياد ڪنديم سي سنجهہ صبح جو،
وو مون کي ساهيڙيون ساريندیون.

2. اُتڻ اوطاقون منهنجيون نهاريو، سنگت سنيها سرتيون ساريو،
وو اُتي ويٺي تہ اوساريندیون.

3. رئندي رئندي ويڙيس جن سان، تن جي وٽت ڪا آهي منهنجي تن سان،
وو سي تہ گوندر ڏينهن گهاريندیون.

4. چئي "منٺار" دل اتر اُداسي، پسڻ پنوهارن لاءِ پياسي،
مان ملن من ٺاريندیون.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 227

تلهہ: عمر اباڻن جا نوان نياپا آيا.

1. ڏيئي ڏوراپا موڪيا وي ميان! مهڻا مونڏي منهنجي ماءُ.

2. ڇو وطن وساريو ٿي پنهنجو الوالو، تون اڳ نہ مئين ان ڪاءُ.

3. مهڻو مارن جي ڇائيءَ ڪي وي ميان! سڪ وهي ڪيئن ساءُ.

4. مارن سان "منٺار" ڇئي وي ميان! ملڻ ڪندم مولي!.

ڪافي. 228

تلهہ: مون ڪي تن ماروئڙن ري، گذري ورهيہ ويا،
اڇي عمرڪوٽ ۾، وو مئي ڪي پيند پيا.

1. عمر تن اباڻن سين، وو هٺڙم قول ڪيا.

2. ڪٽيون ڪاٺڙ پار جون، وو ليڙون ٿيم ليا.

3. مارو ڏيندم مهڻا، وو هينئڙي هول ٿيا.

4. مان تئي "منٺار" جي وو قسمت هن پار هيا.

ڪافي. 229

تلهہ: ڪاجا مون ڪي رانجهن رمز رلائي وو!
او تہ شوق شرع تي رهڻ نہ ڏيم.

1. لنگهي ندي آئون پار جا پئڙي، وس تہ پنهنجي ڪان آهيان وئڙي،
وو دم پلڪ صبر سک سهڻ نہ ڏيم.

2. اي عشق واريون ائين تان مور نہ آهيو، ڳالهيون عقل جون ٿيون سمجهايو،
وو مون بين ٻڌيم سا ٻهڻ نہ ڏيم.

Scanned with CamScanner

3. قضا نبيرين منهنجي، ڪيئن تو قاضي، آئون رانجهن جي رب ايهين راضي،
وو جيڪو لقب انهيءَ تان لهڻ نہ ڏيم.

4. چئي "مننار" مجيم هڪ ماهي، جو سر سبحاني شان الاهي،
وو جيڪو واٽ انهيءَ ريءَ وهڻ نہ ڏيم.

ڪافي. 230

تلهہ: سرها تيڙا سنگهار، وتا مينهن موڪون.

1. لٿو ڏولائو ڏوتين، اي ميان! آئي ويڙهيچن وار.

2. سانگي مٿيءَ جا سڪي تيئڙا، اي ميان! پنهنجي ڏيهہ ۾ پنوهار.

3. ڪائوڙيا خوش حال ۾، اي ميان! چارين ڏڻ تہ ڏٺار.

4. منهنجي سي "مننار" چئي، اي ميان! سانگي لهندا سنپار.

راڳڻي سورٺ تار ڪلواڙو

ڪافي. 231

تلهہ: تو وڄائي تار ٻيجل، ڏيل منهنجو ڏاريو.

1. تنهنجو ساز سڻي مون پنهنجو، ڪڙم ڪل وساريو،
شائق شهادت جو آهيان، مون ڪي سو پيالو پياريو.

2. سر توتان صدقي ڪريان، سائين ويهہ پيرا واريو،
ٻي بہ ني ملڪيت مون سندي، جيڪو ڏن ڏڻ مون ڏاريو.

3. تون ڪنهن جو چايو آهين، توڪي ڪنهن نپايو پاريو،
۽ ڪير تنهنجو استاد آهي، هي ساز جنهن سيڪاريو.

4. مونکي تو "مننار" چئي، سائين موت کان اڳ ماريو،
هاڻ ڪات سان ڪاٽين پلي، سر تن کان تند اُتاريو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 232

تلهه: ٻول ٻيجل ڪين ٻيو، جانسين سري سرير تي.

1. ڪل نفس ذائقة الموت، هر ڪوئي ڪپي خمير تي،
ڪانه ڪا تدبير ٿيندي، رب جي تقدير تي.

2. سر ڏيڻ سرهو ٿو پائيان، ڪنڌ جهڙي ڪير تي،
من پيو ٻه ڪجهه قبول پئي، رستي خدا اڪثير تي.

3. تند تنهنجي ڪئي آهي ميان، دل منهنجي ڏير تي،
پوءِ متان وس نا هلي، ۽ هينئر سخا جي سير تي.

4. هي ڳالهيون "منٺار" ميئين، تي چيو چارڻ فقير کي،
پوءِ سر ڏنو ڏاتار جئي، ڪلمو محمد مير تي.

ڪافي. 233

تلھ: راجا منجھہ رتول گھرايو مگڻون.

1. ڪوٽ ڪٺو ۾ ڪوٺيئين تنھن کي، چڙھائي منجھہ چوڏول.

2. سر ڏيڻ جا سھڄڻون صاحب، تنھن پيچل سان ڪيا پول.

3. ڪياءِ متو ۾ ملڪيت منگتي جي، پيا بہ ڏناءِ سو ٽول.

4. چارڻ سان چت من جون ڳالھيون، تنھن ڪامل ڪيڙا قول.

5. ميراثيـن جا مشڪل وئـڙا، ھينئڙي متان سڀ ھول.

6. چئي "منٺار" ميراثي ڪل جا، عيب ڍڪيا تنھن ڍول.

ڪافي. 234

تلھ: راجا جو ميان ڏسو راض، متي تنھن مگڻي.

1. بخش ڏنا بادشاھہ تنھن کي، ۾ بيحد بي انداز.

2. ايترو ڪنھن تي ڪين ڪيو اڳ تنھن نرمل نور نواز.

3. راجا منجھہ رتول گھرايس، اچي سالڪ چوريو ساز.

4. انـا احمـد بلاميمـي، وري اھـڙو ٽيـو آواز.

5. سائل تي سلطان جو ٿي پيو چئي "منٺار" مجاز.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 235

تلھ: أن سائل سان سلطان، راضي ٿي پرتو.

1. واھ ڏاتار تعريفن جهرو، ۽ واھ واھ پلو آھي پان.

2. مٿو ڏنو منگتي کي مالڪ، پيو ٻه سارو جڳ جهان.

3. چارڻ جو جنهن چوڻ مجيو ٿي، تنهن ٻه لڌو ٿي دان.

4. الانسان سري و انا سره سوالي جو، ٿيو شان.

5. انا احمد بلاميمي، لهي ويو غير گمان.

6. سوئي سائل سلطان ٻه سوئي، هو هڪڙو ماڳ مڪان.

7. مٿو ڏنو "منثار" تنهن کي، پيو ٻه سندس ڪلام قرآن.

ڪافي. 236

تلھ: اُن جي تندن ڇيو ٿي، تحليل ذڪر هو ذاتي.

1. ڏسي ميراثي منگتي کي، خوش ٿيو پاڻ خليل،
جنهن ڳراٺي پاتي.

2. ساز سڻي سمجهي ويو صاحب، سو نفي اثبات اصيل،
لنؤن جنهن لاتي.

3. اهي ريتيون راو ڏياچ رکيون ٿي، سائل سان سڀ سيل،
هئي سنديس ڇا تي.

Scanned with CamScanner

4. سٹنديئي سر ڪي سنپاهيو صاحب، ڏريائين ڪونہ دليل،
چي ڪيي آءُ ڪاتي.

5. روبرو راجا وٹ راڳي، ڪڏهن ويو ڪونہ قليل،
پائي ڪو جهاتي.

6. چئي "منٺار" ميراثي ڪي، اُت ڪوٺي ويو جبرئيل،
خاوند جو خاطي.

ڪافي. 237

تلهہ: دان ڏنا دربار، موٺي ڪي منگتي.

1. ڪامل ڪيو ڪونين سپوئي، اصل سنديس اختيار.

2. سهنج سپيئي قرب ڪروڙين، ساٹس ڪيا سرڪار.

3. سر ڏنو سرهو ٿي صاحب، دل جي پني درڪار.

4. منع ڪيس ٿي متي ڏيڻ ڪوُن، هن سورٺ جهڙي نار.

5. چئي "منٺار" ميراثي مرڪيو، هي مر مرڪي مڱٹهار.

ڪافي. 238

سو سوال سورٺ ڪيا، مڱٹهار هڪڙوئي نا مجي.

1. ماٹڪ ۽ مرجان موتي، هيرا ۽ لعلون هزار.
جهوليون ڀريو ڀيرين پوي، ڪريو منٺون منگتي ڏي سجي.

2. لک سوين ميڙيون مڪائين، چارڻ چيو ڪنهن جو نہ ڪيو.
هن اُتي آزيون ڪيون، هو ڳالهہ ڪنهن جي نہ ڳجهي.

3. رت رويو رڙيون ڪري، ۽ پاڻ پٽ سان جي هٽي.
سر مٿي واري وسائي، توڙي علاج ڀانهين ڪي پڇي.

4. ڪو ترس تنهن کي نہ پيو، هئي هئي ڏسي هن حال کي.
ونيو مٿو "منٺار" چئي، پوءِ موٽيو ميراثي وڃي.

ڪافي. 239

ٿلهہ: سورٺ چوي سڻ سوال مون، منگتا خدا جي واسطي.

1. ڪرم تند تيار تون، وقت هن وڃائڻ جي.
چارڻ ۾ چولي لاهجان، چنگتا خدا جي واسطي.

2. وٽ خزانا خير سين، ۽ راجا گهران سڀ روڪڙا.
ٻيا پوشاڪ جا سامان وٽ، رنگتا خدا جي واسطي.

3. هار هيرن جا ڏيانءِ، سي ڳهہ وٺي وڃ ڳوٺ تون.
آئون ڏيانءِ زيور لاهي پنهنجي انگتا. خدا جي واسطي.

4. تہ بہ نا مڙيو"منٺار" سو، وڃي ٿيو راجا جي روءِ روءِ.
ڪاپار ڪاٽيو تنهن کلهن، دنگتا خدا جي واسطي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 240

تلهه: مچ آزي منگتا، هاڻ ڏي ۾ سورٺ ڪي ڏهاڳ.

1. ياقوت زمرد، امل ماڻڪ، موتي ۽ مرجان پيا،
سورٺ چئي وٺ سوال ۾، لعلون جواهر تنهنجو لاڳ.

2. وٺ ملڪ ميراث ۾، جاگير توکي جاجڪا،
سرم گهر سردار جو، جنهن ۾ سهاڳڻ جو سهاڳ.

3. هت هار هيرن جا گهڻا، زيور ۽ زر مال پيو،
جو گهرين آئون سو ڏيئين، تون راجا جي مهندان ڪرم راڳ.

4. وڃ موتي "منٺار" چئي، بي مايا ميراثي وٺي،
مٿو ۾ گهر محبوب ڪان، تان هوئي سندم سبتو سهاڳ.

ڪافي. 241

تلهه: سرم وڏ سردار جو، مگٽهار مون ڪي ڏي مرڻ.

1. منگتا هن محلات ۾، هاڻ قيام ڪاري ڪيم ڪر،
ڪو ترس توکي ڪپي، ميان ڏيانڙو دل ۾ ڏرڻ.

2. سورٺ جا سينگار سونا، زيور ۽ زرمال وٺ،
خون مان ڪهڙو ڪٽيو، توکي خزانو ڪپي ڪٽڻ.

3. هت سوين سوالي اچن، داتا جي در تي دان لئه،
اچ ڏسي توکي منهين جي، ڏيل ۾ تي پيو ڏرڻ.

4. مچ منت "منٺار" چئي، هيءَ عرض نام الله جي،
هيءَ مٿو محبوب جو، تنهن ڪان ڪپي توکي ٽرڻ.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 242

تلهه: ان ڪي سورٺ ڪيا ٿي سوال، تہ موتي وڄ مڱڻا.

1. سر جي بدران سون وٺي وڄ، مايا اڻ ڪٿ مال.

2. ماڻڪ موتي مرجان موچارا، وٺ تون جواهر لال.

3. جاڄڪ جهليو ڪين رهيو ٿي، جنهن جي ڪئي سردار سنڀال.

4. مٿو وٺي "مننار" سو ويڙو، جنهن سان ڪرم ڪيائين ڪالهہ.

ڪافي. 243

تلهه: تنهنجي نينهن جي اندر نگهوسار ٿيس، لاچار ٿيس،
ڏک ورهہ وڪوڙي مونکي ويڙو.

1. قسمت ڪرم نصيب ڪنئون، پوءِ نينهڙو لڳم وو مواريان،
نينهڙو لڳم نروار ٿيس، اظهار ٿيس، پيوند پريت جو قابو پيئڙو.

2. لاءِ تنهنجي ني وي ميان لوڪ ساري، جوني الاڳولو غرضن مواريان،
گولو غرضن دار ٿيس، بردار ٿيس، ٻانهون ٻڌي ٻانهن جهڙو.

3. روح منهنجي ڪي وي ميان ريءَ تنهنجي ني الا، جو ٻين ڀنين ڪوئن مواريان،
جو ٻين ڀنين ڪوئن بيزار ٿيس، هيئن هنموار ٿيس، ڪامڻ ڪيئي مون ساڻ کهڙو.

4. چئي "مننار" وي ميان، تنهنجي محبت اندر، وو برهہ ڪٺي وو مواريان،
برهہ ڪٺي بيمار ڪيس، نہ هوشيار ٿيس، هوش عقل تنهنجي نينهن نٺهڙو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 244

تلهه: ڀلي آئين مڱڻهار مون وٽ، جو گهرين سو آئون ڏيان.

1. مال ملڪيت مون سندو، تنهنجي قدم تان قربان ٿئي،
توڪان منهنجو مطلب ناهي، پوءِ سر ڇاجي لاءِ ساندييان.

2. سر توتان صدقي ڪريان، جي ويهه پيرا تون وڍين،
آئون تنهنجي واسطي، سو پيالو شهادت پيان.

3. گهر تڙ مٿاهين گهوريان، ٻي ساهه سوڙي هيءَ سري،
جي ڪپار قبول پئي، ته پوءِ سمورو ئي سون ٿيان.

4. اڄي تيو متس "منٺار" چئي، راجا راضي هن طرح،
جو مڱيائين سو مليس، مڱڻهار مرڪيو وٽ ميان.

ڪافي. 245

تلهه: هي هلڻ هن مون غريب جو، آهي آسري الله جي.

1. آئون نه عابد تيس اصل، پرهيز مون ڪان نا پني،
نا مون ٻي عبادت ڪئي، بنا ڪلمي رسول الله جي.

2. نياز رڃ ناهي ذرو ڪو، ٻيو عمل صالح سندم،
آئون تو لطف رب ڪان گهران، پنهنجي واسطي ارواح جي.

3. ڪم ڪاريگر تو ڪري بندو آهي مثل اوزار جي،
جيئن وڻي تينئن سو ڪري، پنهنجي نظر ساڻ نگاهه جي.

4. "منٺار" کي مرشد امين محمد. اهو ارشاد ڪيو،
ته رب رکندو تو بندي کي، پنهنجي پلوءَ هيٺ پناهه جي.

ڪافي. 246

تلھ: قلم قسمت ۾ لکيو، ڏس حال منھنجو ھيئن ٿيو.

1. دل جي ذري دلدار سان، روح جي رتي رلجي ويو،
گم ٿيون ٻيون سڀ گھڻيون، اھو قيد مون لاءِ ڪيئن ٿيو.

2. حسن حضرت ھوت جو، جابر زوراور مون مٿي،
جيئن باز جھرڪيءَ کي جھلي، ھيءَ تاب مون تي تيئن ٿيو.

3. اڄ ڪٿي اڄ مٿي آھيان، سڪرات جي صورت ڏٺيم،
ناممات، ناحياتي، ڏسو جيئڻ منھنجو جيئن ٿيو.

4. "منٺار" جو مطلب عجيبن ڪان بنا، آھي نہ ٻيو،
سوئي سٽي، سوئي من ٻڌي، فرياد ساجن سيئن ٿيو.

ڪافي. 247

تلھ: ديدار دلبر جي خاطر، دل تانگھ مان تٽڪي پيئي.

1. ھن عشق جي آڙاھ جي، آتش اجھامڻ ڪان گھٽي،
ھن دود ۾ دلڙي منھنجي، ھن باھ ۾ پڙڪي پيئي.

2. ھاٺي ڪريو ھئي ويچاري، ڏينھن رات سڀ رڙندي وتي،
ڪيھون ڪريو ڪارڻ پريںءَ، ٻاڪاريو ٻڙڪي پيئي.

3. جڏھن برھ جو باشو آيو، عقل ھوش پوءِ اڏري ويا،
ھو شڪار شڪرو ويو ڪري، ھي ڦاتي دست ۾ ڦڙڪي پيئي.

4. ھاڻ مشڪل ڏسڻ "منٺار" چئي، صورت ساڃي سھڻي يار جي،
ڳوٺ شھر ڳوليو گھڻيون، ھي ووڙڻ جي لاءِ وڙڪي پيئي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 248

تلھ: پيارا نہ پوئواري ڪيئي، ڏک ۾ لنگھي ڏينھڙا ويا.

1. سڪ ۾ سيارو ويو لنگھي، آئون جليس جدائي ۾ پٺي،
منھنجي آس ھي اوڏين رھي، ثابت لنگھي سيڙا ويا.

2. تون آئين نہ اونھاري ڏينھن، لڪ لوءِ جھولا سڀ سٺم،
رئندي اھا بہ رت ويئي لنگھي، سي چڪتو تي چاليھڙا ويا.

3. پوءِ مون تي پانيو محبوب تون، ملندين ملھاري ۾ مون کي،
لنگھي ويو سال گذري، ساوڻي موسم وسي مينھڙا ويا.

4. ھاڻ ذاران ملڻ "مننار" چئي، ساعت صبر اوکو گھٽو،
اھي ماڻ موھيل ڪيئن ڪندا، جن جا ھجي ھينئڙا ويا.

ڪافي. 249

تلھ: سڪ سوز سوداءَ جو مرض، سوئي جوان جاڳائي ويو.

1. عجيب ھو آيو اڳڻ، محبوب مون مسڪين جي،
سو عشق ذاتيءَ جو زڪر، لنءَ لنءَ ۾ لاڳائي ويو.

2. من تن ھنيو مقدر منھنجو، طالب ڪيئي تلقين سين،
پئسن بنا پنھنجو ڪري، دلدار داڳائي ويو.

3. دارون دوا دلبر بنا، لقمان جي لڳندي ڪٿان،
نند خواب ۾ نقطو اھو، احوال آڳاھي ويو.

4. ھاڻ ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان، قسمت ڪيو قابو آھيان،
دل درد دلبر ويو ڏيئي، ورھين سين واڳائي ويو.

4. ھاڻ مرڻ نہ جيئڻ "مننار" چئي، ساٿم وقت سڪرات جو،
حال ھيءَ ھھڙو تيو، ڏيئي سور ساڳائي ويو.

ڪافي. 250

تلھ: خواب سھڻي ۾ صحي، ساڃيو ڏٺو سردار مون،
ڪئي حمايت پاڻ حضرت اچ آيو آذار مون.

1. خوف خطرا ويا لھي، ڀيا ھول مون ھيڻي سندا،
ھو سروري سردار عالم، تيو مدد مھندار مون.

2. لاچار مشڪل مون مٿان لائق لطف ساڻ لاھيا،
ھاڻ تيون خوشيون ۽ شاديون، ھلي گھر آيو غمٽار مون.

3. نور نرمل جو ڏٺم، شمسي قمر جو چڻ شعاع،
منھنجي دل اڪين ديدار ڪيو، انور ڏٺو اظھار مون.

4. "مننار" تي مرشد مٺي، محمد امين[1] امداد ڪيو،
سوغات سھڻي بي بھا، ڏيئي بخش ويو ڏاتار مون.

ڪافي. 251

تلھ: من موھيو مون مسڪين جو، نرمل مٺا نالي تنھنجي.

1. ڪنھن رمز سان روحڙو منھنجو، پيارل وٺي پنھنجو ڪيئي،
گھنڊ گھور گھايل ڪيو آھيان، ان چشمن واري چالي تنھنجي.

2. دل دام ۾ ڦاسي پيئي، ھينئڙو ويچارو ويو ھڄي،
من تن محو مجذوب ڪيو، ان نينھن نرالي تنھنجي.

3. تنھنجي مھتاب منھن منور مٿي، نقطو ذرو نيشان جيئن،
تنھن ساھ سوگھو ڪيو سندم، ان خال تر ڪالي تنھنجي.

4. ھاڻ "مننار" تيو مجروح، ڏس ڦنجي فنائي ۾ ويو،
جنھن ڪي ڪلندي خنجر خوني ھنيئي، سور ڀور ڀور ڪيو پالي تنھنجي.

---

[1] امي

ڪافي. 252

تلهه: مون ڪي ڪانڌ ڪجلن جا هٽيو، محبوب پوءِ مارين ٿو تو.

1. دک درد جا دفتر مون کي، پيارل پڙهايا تو گهڻا،
سي مون سبق پختا پڙهيا، سڙ سڙ پوءِ سيڪارين ٿو تو.

2. هينئڙا جنين جا ويا هجي، ڏينهن رات سي کيهون ڪون،
اُهي مات موهيل ڪيئن ڪندا، روئندن کي روئاڙين ٿو تو.

3. سر جا زلف ڪمندون ڪري، قابو ڪيئي قيدين وانگي،
بيا چارا چلڻ جا ويا چکي، سي ڏاڍيون ڏيکارين ٿو تو.

4. ان مهتاب منهن محراب ۾ آبرو تراريون تو سنديون،
هٽيار حشمت جا اهي مون عاشق تي الارين ٿو تو.

5. مون عاشق جي لاءِ اکيون تنهنجيون، پرليون بندوقون تي پيون،
نک ۾ بيون ديدون دوناليون، ڏاڙي جي لاءِ ڏارين ٿو تو.

6. اهي لال لب هيري جا ڏند، زهري زبان ظاهر ڪري،
شائق سٽندڙ ويا سڙي، اُن کي ٻولڻ سين پوءِ ٻارين ٿو تو.

7. تنهنجي حسن جا هيڏا مون سان لشڪر، لڙائيون تا ڪرن،
ڪن فير فوجون سي اچيو، اهي اُرڙ[1] اُتارين ٿو تو.

8. سؤ خون ڪلندي تو ڪرين، جيئن خانن خوشي مرگهن مرڻ،
تيئن سڪندڙ سوين قاتل، ڪهين حاڪم تون هيڪارين ٿو تو.

9. "منثار" هن مجروح کي، اهي هٽيار هر هر تو هٽين،
ڪباب جيئن ڪٽيو ڪٽين، ڪريو پٽي پوءِ پلٽارين ٿو تو.

---

[1] لشڪر.

ڪافي. 253

تلھہ: آرام اکڙين ڪونہ ڪيو، دل تي درد دلدار جو.

1. جيرا ڦڦڙ منهنجيون ٻڪيون، سڪ سوز ۾ سيپيئي سڙن،
هڏ چم هنيئون نبضون رڳون، ڪوجل جاڳين آزار جو.

2. جيئن جيئن جدائي تي تئي، تيئن تيئن ورهہ وڌندو وڃي،
عذاب انهيءَ ۾ آهيان، هيءَ حال مون بيمار جو.

3. دارون دوا هن درد تي، هنر نہ حڪيمن جو هلي،
سي ٻيون گهٽيئي ٻڪيون ڏين، جي فرق نہ وجهن هڪ وار جو.

4. علاج آهي ايترو جي ساجن ملي، تہ صحتيو تيان،
هوند ديدار سان دکڙا لهن، وڃي مرض سڀ "**مننار**" جو.

ڪافي. 254

تلھہ: ڏکيو ڏسڻ تو يار جو، مون وصيت ويچاريءَ جي ويئي.

1. سڪيس سياري ۾ پٽي، آئون دلبر تنهنجي ديدار لاءِ،
رٽ جا رتيم تي روح ۾، اوءِ مون اُجياريءَ جي ويئي.

2. تنهنجي عشق ۾ آرهڙ سڄوئي، ڏينهن رات آئون رنيس پٽي،
ڪوئي ترس توکي ڪونہ پيو، مون هج دل فيغاريءَ[1] جي ويئي.

3. تيو سال پورو هيءُ سڄوئي، سانوڻ لنگهي سارو ويو،
جو مليس نہ انهيءَ معياد تي، هي موسم ملاري جي ويئي.

4. هاڻ هن ڪان مهند"**مننار**" چئي، نجاڻان موٽي ملڻ تيندو ڪڏهن،
حج جا هيم تو هوت ۾، اها مون آس واريءَ جي ويئي.

---

[1] ڦٽيل.

ڪافي. 255

تلهہ: اڳيون اڌ عمر هيس حرص ۾، آيا سور آخيريءَ ۾.

1. ننڍپڻ ڪنؤن جواني تائين، سڀ ڏينهن مون سکيا ڪٽيا،
هاڻي وڪوڙي ورهہ ويا، هي وهلور آخيريءَ ۾.

2. جنهن ڏينهن تيو جانب جدا پوءِ، سڪ ساهہ ۾ سر جي سنديس،
۽ حب جا بحر هينئڙي مٿي، اڇي پيا پور آخيريءَ ۾.

3. وڌ چير مون وڇڙيل سندا، ۽ فراق ۾ ڦٽ پيا ڇڪي،
نت نت لڳن لنؤن لنؤن اندر، هي انبور آخيريءَ ۾.

4. ۽ ڏاران ملڻ "منثار" چئي، ڏينهن رات آئون رڙيون ڪريان،
سو درد ڪن دلڙيءَ مٿي، دستور آخيريءَ ۾.

ڪافي. 256

تلهہ: پيو مٽ ثاني سمجهي نہ دل، دنيا ۾ دلبر يار جو.

1. منجهہ خواب سپني مون سير ڪيو، ان الاهي اسرار جو،
اتي روح ويساهہ ڪيو وڌو، ٻڌي عهد هڪ اعتبار جو.

2. پوءِ توري دل تپاس ڪيو، پنهنجي ويساهہ جي ويچار جو،
تائين مشرق مغرب ناهي مل، حضرت جي هڪ وار جو.

3. ڪريان ڪيترو آئون بيان، سنديس سونهن ۽ سينگار جو،
جنهن رب بنائي ڪٿي راس ڪيو، تنهن انصاف خلقڻ هار جو.

4. هت ڪوڙ واجب ڪين مطلب مناسب "منثار" جو،
مون ڪي دل يقين قسم خدا پرور پاڪ دگار جو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 257

تلھ: منھنجي دل ڪسي دلبر ڪٺي ويو، ڪمند ۾ قابو ڪري.

1. جيئن ڪسيو سر ھو ڪنگھار ڪان، ٻيجل تان تندن ۾ ذري،
تيئن مون ڪي موھيو محبوب، سندي گفتي زبان جي ذري.

2. ھن وجود جو وارث ھيئون، منجھ عشق جي اچي ويو آري،
ٻيا بدن جا عضوا اتي، سڀ بيٺا برداري ڀري.

3. ھڪ جدائيءَ جو جنجال، ٻيو ريءَ ديدار ساعت ناسري،
ھوند جي ملڻ موتي ٿئي، تہ پوءِ ڀڙڪ بيماري ٽري.

4. پڃرو خاڪ جو بنا دل خالي، ٻيو تو لحم لڳ لڳ تان ڳري،
سو فراق ۾ ڦٿيو گھٽو، تو مجروح **"مننارو"** مري.

ڪافي. 258

تلھ: مختيار محمد مصطفيٰ ارباب عربستان جو،
مولىٰ جنھن لاءِ ھو مڪو، قادر علم قرآن جو.

1. مڪي مديني جو ڌڻي، مالڪ مصر ڪنعان جو،
بغداد بصري ۽ بلخ، استنبول ۽ ايران جو.

2. ڪشمير ڪابل ۽ يمن، خاوند ساري خراسان جو،
سرتاج سنڌ سيوھڻ واري، ۽ مالڪ ملڪ ملتان جو.

3. چين جاوي ۽ لندن، انگريز ملڪ جھان جو،
اجمير دلي ۽ دڪن، حاڪم ھي ھندستان جو.

4. سو مشرق مغرب جو ڏٺي، سڀ ارض ۽ آسمان جو،
چوڏهن طبق تائب سندس، آهي سرتاج سڀ سلطان جو.

5. هو بيرنگي بادشاهه رب، هيءَ محمد مثل انسان جو،
ڏس انا احمد بلاميمي، قول نبي زبان جو.

6. ڪندا شاعر هيءَ شمارو ڇا، پنهنجو آٽي ذوق زبان جو،
تنهن ساراهه جو ناهي سنڌو، ان ڪونهي ڇيهه بيان جو.

7. سو هادي هدايت جو ڏٺي، ساري جڳت جوڙ جهان جو،
سو "منٺار" مگٺهار هن، آهي ڏاتار مون پٺ پان جو.

ڪافي. 259

تلهه: من ميرا مجذوب هو، هم دلبرا ديوان هون.

1. مجهڪو نهين معلوم، اپنا حال ڪيسا هو رها،
هوش ميرا گم هوگيا، هم اس قدر عريان هون.

2. اپني نفعي نقصان ڪي، همنون خبر تل نا رهي،
ننگ شرم سي هم گيا، اسي لوڪ سي بيگان هون.

3. جيوين شمع اوپر عاشق پتنگ، پيڇي نهين هٽائيگا قدم،
اس مثل صورت تيري، اوپر پتنگ پروان هون.

4. اپني خون ڪي رخصت، تجهڪو محبوب "منٺار" هي ديءَ،
هٿيار اپني هات سي، تم چلائو، هم نيشان هون.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 260

تلهہ: اس حال اپني ڪي خبر، تجهڪو سنائون ري پيا.

1. جيويــن بلبلــي حيــران هوئــي، گــلزار ديڪــن ڪــي لئـہ،
ايويــن تيــري صــورت اوپــر، مجنــون هــم مقــرر ٿيــا.

2. جيويــن سپ سمونــدي ڪــي تلــي، نيچــي رهــي اپ ۾ ابــر،
ووئــي نڪــل اوپــر نيرڪــي، برســات قطــرا اس ليــا.

3. جيويـن پـاني بنا پـل ايـڪ ۾، مڇيـان ڪـا مرنـا هـو رهـا،
اُس مثــل تيــرا هجــر، مشــڪل همــارا يــي جيــا.

4. جيويـن خـواب سـپني ۾ ديڪـي، صـورت زليخـا يوسـفي،
هــم اُس مثــل بيمــار هــون، ميــرا رنــگ زردا هوگيــا.

5. يي بـات مـري سـن ري صنـم، هـم نـون عشـق ايسـا لگـا،
مجـروح "منـثـار" هويـا، تيـري بـر هـي ڪـام ڪيسـا ڪيـا.

ڪافي. 261

تلهہ: هم نون ديکو دک درد يي، پياري ڪاملن مشڪل هوا.

1. سـک حـرص هـم سـي گيـا، روتـا رهـون دن ريـن ميـن،
سـاجن صنـم ملتـا نهيـن، نينهـن ڪـا درد نـازل هـوا.

2. حرفـت هـنر لقمـان ڪـا، طـاقت طبيبـان ڪـي نهيـن،
يــي مــرض ميــري پــر لوڪــو، افلاطـون لاعقــل هــوا.

3. تقديــر پــر تدبيــر نهيــن، عــاقل عقــل عــاجز هــوا،
ســاجن صحــي ميــري صحــت، نهيــن دوســرا درمــل هــوا.

Scanned with CamScanner

4. عقبيٰ کي رکون نهين آرزا، دنيا ۾ دعوي ناڏرون،
درکار دلبر کي هئي، يون پکارتا پلپل هوا.

5. "مننار" کي من يي هي، درکار دلبر کي هوتي،
محبوب کي ملني سي وو هي، مقصد ميرا حاصل هوا.

ڪافي. 262

تلهه: اس خواب کي خطري زليخا، رين دن روتي هوئي.

1. سپنا صغيري کي عمر، اس ني عشق دک لائيا،
دک پڙا اس کي گلي، يي تو پلنگين اوپر سوتي هوئي.

2. چاليس برسون کي مدت، اُس نون مقصد نا ملا،
رو رو اُمي نابين هوئي، اس هجر ۾ هوتي هوئي.

3. باتون دل کي ديد سون، يوسف پئڇانتي هوئي،
پر ان سين اپنا پيا، محبوب ني جوتي هوئي.

4. جوئي "مننار" مرني سين جيا، اس پر مرن ڦرنا هويا،
اس کا هوس زنده نهين، يي تو موتو مثل فوتي هوئي.

راڳڻي پيروي تار اولنگهه

ڪافي. 263

تلهه: جا منهنجي دل يار ڦري نيڙي،
سا وس وقوف کنان ويڙي.

1. دل منهنجي کي دام وڌائين، حسن جا هاگام کيائين،
کامڻ وارا کام کائين، ڏاهپ کاڻ هلي هيئڙي.

Scanned with CamScanner

2. يار حسن جي هيم هوائي، گھور سنديس آهيان گھائي،
طاقت ڪانہ رهي ٻي ڪائي، لڇان لاءِ پرينءَ پيڙي.

3. ڪجل بندوقون ڪان ڪيائين، پرون جنگ جا جوان ڪيائين،
جا مکي ڏندر زبان ڪيائين، آئون تہ شڪار سندس تيڙي.

4. "مننار" کي مستان ڪيائين، دل کسي ديوان ڪيائين،
حال انهينءَ حيران ڪيائين، چال چلائي ويو اهڙي.

ڪافي. 264

تلھ: مين ڏوجها درد پرايا هي، تيڏي ديدار وچ دلبر ميڏا.
ميکون کسڻ ياد ول آيا هي.

1. نوان سولان ديان نوکان لڳيان،
دوهيان درد ديان ڏوکان لڳيان،
چاکان دي وچ چوکان لڳيان،
تسان مشتاق مرايا هي.

2. مين ول آيا دوا ڪيتي،
کول تسان ڏي پوا ڪيتي،
صحت سنگهائي دي هوا ڪيتي،
تسان کاپ خنجر نکلايا هي.

3. ديدان تيڏيان دو ناليان،
ڪجليان ڪيفيان ڪاليان،
اُلٽ اُهي ديان چاليان،
تسان ول ول فير چڙايا هي.

4. "مننار" کون مجروح ڪيتا،
تسان اپڻا راضي روح ڪيتا،
ول سايا سنجھ صبوح ڪيتا،
تيئن شڪار دا شوق ڪمايا هي.

Scanned with CamScanner

تار اولنگھ

راڳڻي پيروي

ڪافي. 265

تلھ: منھنجو سڻ فرياد فقير ميان!
رھيم يار جي اڪير ميان!

1. مون کي ملاٿ عجيب اھوئي،
جيءُ گھريو منھنجو جانب جوئي،
حال وڃايم روئي روئي،
سڪان منجھ سرير ميان!

2. آھيان محبوب جي ڪارڻ ماندو،
تيءُ حمايت ڪر ھيڪاندو،
سڪ سورن ڪان وار نہ واندو،
مون کي چاڪ فراق جا چير ميان!

3. خاص خدا جو فقير تون آھين،
مھندا رسول وزير تون آھين،
برڪتدار مشير تون آھين،
ھي توڪان تيندي تدبير ميان!

4. من محبوب ملي "منٺار" کي،
سواليءَ سڪٿھار کي،
تہ ڏسان سروري سردار کي،
تون ٽوڙ جدائيءَ جا زنجير ميان!

ڪافي. 266

تلهه: ڏٺــو مونجوڳــيءَ تــي جنســار،
سرســو ســاميءَ جــو ســينگار.

1. جــڏهن دونهــون عشــق دکــايو،
پوءِ تي جوڳــيءَ جوڳ ڪمــايو،
تنهــن راهونــد ۾ پــاڻ رچــايو،
تيــو اُڪســير پچــي اســرار.

2. نــاٿ گــروءَ نــر پيــر جــو،
تنهــن ڪــاپڙيءَ ڪــن چيــر جــو،
تنهــن فيضــدار فقيــر جــو،
مون کي پنت نصيب تئي شل پار.

3. جوڳيءَ جوڙيا جهوليــون جهنــدا،
ڪنگڻ قلابــا ڪشــتيون ڪنــا،
دور گذاريــــ هســتيءَ هنــا،
عشــق برهــ جــو تئــي بــردار.

4. جوڳــيءَ جڙيــون جــان جنبيليــون،
قلنـــدر! پـــائي قنديليـــون،
ويـــر وڄايـــا نـــاد نفيليـــون،
تنبيـــون ســاڻ تيــرت تيــار.

5. گبريون گودڙيــون بيــڪ اهوئــي،
سگيون سيلهيون سانگ سيوئي،
ڪتيــون ڪفنيــون لڳــن لوئــي،
ايءَ پهــري دلــق ڏنءِ ديــدار.

6. آيــو جنهــن تــي عشــق اڪيلــو،
ورهــ بنــا نــ گذاريــ ويلــو،
تنهن ست گروءَ جــو چــايم چيلــو،
سو سنگ ســاري جــو تيــو ســالار.

7. تنهن من مهيسي ڪارڻ ماندو،
هنگلاجيءَ سين هجان هيڪاندو،
پوربيءَ جو مون ورتو پاندو،
ننگ سچاڻي نيندو نروار.

8. سنگ ۾ سرهو آهي سامي،
هت هت دائم قائم مدامي،
هر هنڌ مون سان هوندو حامي،
آهيان ان ۾ اميدن وار.

9. آهي ويراڳي وسعت وارو،
ناد جنهن جي ۾ نينهن نغارو،
سامي سنگ جو آهه سچيارو،
بر سر ڪٽندو منهنجو بار.

10 آيو مڙهيءَ مڪان ۾،
پنهنجي آديسي آستان ۾،
سو شهنشاهيءَ شان ۾،
جنهن تي دين محمديءَ جو دستار.

11. سو مرشد مڪمل پير آهي،
عاليشان امير آهي،
سو فنا في الله فقير آهي،
جنهن جو نام "امين محمد" اظهار.

12 سو ناٿ ننگي اڄي مون کي نيندو،
آس اها تان ڪين ڇڏيندو،
سوگر مرشد نيٺي ساڻ گڏيندو،
اها اُن ۾ اميد رکي "منثار".

Scanned with CamScanner

ڪافي. 267

تلهه: ڪندي دنيا دوست ڪان دور ميان!
اها ساڻ نہ هلندي مور ميان!

1. دنيا قارون سين ڪئي هئي ڪيهي،
ڪر ويچار وجود ۾ ويهي،
پوءِ بہ پڇاڙي جنهن جي ايهي،
تنهن ڪان پڇي تي ڏور ميان!

2. ڀيو نمرود نادان هو،
بخت نصر بي ايمان هو،
فرعون ڪٿو ڪفران هو،
ڪيا گمراهہ غرور ميان!

3. شداد بهشت بنايو،
لاءِ ويکڻ در تي آيو،
ان جو دنيا مغز منجهايو،
تنهن موڳي ڪيو مغرور ميان!

4. مولئ محمد ڪي سمجهايو،
دانهہ دنيا ڪي اُڇلايو،
پاڻ ڏٺيءَ جنهن ڪي پاڻ پسايو،
ويو حق پاڪ جي حضور ميان!

5. اي "منٺار" ضروري مرڻون،
خيال خدا ڏي چڱو دم ڌرڻون،
ٻي ڪم مان ورڻو نہ سرڻون،
سڀ اجائي تند تور ميان!

Scanned with CamScanner

ڪافي. 268

تلھہ: محبوب ملي ٿو نياز ڪون، واقف ٿيج وي! اياز ڪوئن.

1. سمجھہ ان مثال ڪي، ڪولي ڏسج خيال ڪي،
ڪر اڳاھون اقبال ڪي، تہ رسئي فيض فياض ڪوئن.

2. عاشق سمجھہ اشارو ٿون، ان واٽ ۾ ٿيج ويچارو تون،
تہ پائين نور جو نظارو تون، تنهن رحم ڏٺي جي راض ڪوئن.

3. هن سمين ٿي سينگار ڪيا، جن ڳل هئڻ جا هار ڪيا،
گندري پئي نياز اپار ڪيا، ٿي سهاڳڻ جام جي نواز ڪوئن.

4. هئڻ سين جيڪي هليا، سي اوچتي جھلڪي جھليا،
هت مولئٰ سين مور نہ مليا، توڙي حافظ ورد نماز ڪوئن.

5. من خدايم جنهن چيو، ۽ نفس رائي سي رهيو،
وجي پوئتي پاهون پيو، ان ابليس آواز ڪوئن.

6. اي "منٺار" حجت ڪر ڍري، موتو قبل آل وج مري،
وصال پوءِ ٿيندءِ وري، پڙھہ بي خوديءَ جي بياض ڪوئن.

ڪافي. 269

تلھہ: محبوب جي مشتاق ڪي گھرجي ائين ٿي تو عشاق ڪي.

1. جي ڪنهن رنگ ۾ پاٽي پيو، تہ رنگ پاٽيءَ جو ويو،
پوءِ رنگ او ثابت ٿيو، تون پي رک انهين اخلاق ڪي.

Scanned with CamScanner

2. قرب ۾ ائين ڪجي، جيئن پيسي سنهون سرمون ٿيجي،
پوءِ محبوب جي مهندا ڏجي، من ماڻي سو منهن پاڪ ڪي.

3. پرين سان نرم ڳالهائجي، سينو نہ تن سان ساهجي،
ڪٽي پنهنجو پاڻ وڃائجي، ڏئي ترڪ هيءَ املاڪ ڪي.

4. جيئن حب ۾ حضرت رسول هو، ڏنو جنهن دنيا کي ادول هو،
پوءِ تنهنجو قدم قبول هو، ڪر تنهن پيروي جي پوشاڪ ڪي.

5. اي "منٺار" تنهن محبوب جي، جي توکي طلب مطلوب جي،
تہ عادت ڪجان تون ايوب جي، پوءِ من ماڻين ذوق ذراڪ ڪي.

ڪافي. 270

ٿلهہ: ڇڏ جانب خيال جدائيءَ جو،
هيءَ واجب وقت وفائيءَ جو.

1. نوڪر آهيان نياز جو،
طالب تنهنجي راض جو،
عاشق خوش آواز جو،
نڪي سوالي آئون پيسي پائيءَ جو.

2. آئي عاصي جي آذر ڪجي،
ڏک نہ تنهن کي بيئو ڏجي،
هن سين حالت ۾ حامي ٿجي،
پنهنجو پري قدم پلائي جو.

3. جو ڏنيئي سهاڳ صغيريءَ ۾،
تي دل رهي ڏيري ۾،
هاڻ ائين نہ ڪر تون اخيري ۾،
ڏڪ عيب سنديم اگلائي جو.

4. ”مننار“ جي من ۾ گهٽي،
تانگهہ طلب تو ڏي تٽي،
ڇاٽي خداوند سو ڏٽي،
مون ڪي قسم جنهن جي خدائيءَ جو.

ڪافي. 271

تلهہ: اڄ تيو اچڻ منهنجي يار جو، امداد سائينءَ ستار جو.

1. جنهن جي حب هينئين ۾ هئي گهٽي، تانگهہ طلب جي تٽي،
سو الله آندو ڪٽي سٽي سوال سڪٽهار جو.

2. عجيب اڳڻ مون آئيو، تنهن پنهنجو پاڻ پلائيو،
مون سان پيچ پيارل پائيو، هن حياتيءَ جي ڇمار جو.

3. سو عجيب اڱڻ آئيو هلي، جنهن لئہ پير پوڇيم تي ولي،
تنهن محبوب لاتي مشڪلي، اهو وڙ وڏو وينجهار جو.

4. اڄ پوريون وقت پيري اٿم، احوال اخيري اٿم،
ڏني دوست دل ڏيري اٿم، ويو درد مون بيمار جو.

5. سو هميشہ مون وٽ هوئي، منهنجي داغ دردن جا ڌوئي،
جدا ۾ تئي جيئري مئي، مقصد اهو ”مننار“ جو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 272

تلھ: ڏسي مچ مرڻ جو مھنڊئون، پتنگ عاشق اچن اُسري.

1. سي ٿيا لال لنگھي لانگھا، ڪامي ڪچي خاڪ جيئن پانگا،
هستيءَ جي حرص جا سانگا، ويچارن ڪي ويا وسري.

2. لکيو راضي تي لوڙيائون سپر سينن کي جوڙيائون،
مرڻ کان منهن نہ موڙيائون هٽيو نعرا اچن نسري.

3. عشاقن لاءِ اصل اھڙو، حڪم جيڪس جڙيل جھڙو،
تني تي حال آيو تھڙو، سي راضي ٿيو رندڪن شڪري.

4. ڪنا ميثاق حڪم رباني، ايندو اھو حال نيشاني،
مڪر "منثار" ارماني، ڏکيا سکيا ڏينھن ويندا گذري.

ڪافي. 273

تلھ: جي ھن دنيا ۾ حق سمجھين، تہ الاھي اسرار ڪر اعتبار،
و الله بڪل شيءِ محيط قرآني اقرار ڪر اعتبار.

1. جي سڃاڻين ھر جاءِ تون حق کي،
تہ وڃائي ڇڏ غير جي سڪ کي،
۽ منجھئون منجھہ ڳول مالڪ کي،
سو تو ۾ يي تڪرار ڪر اعتبار.

2. ڪونھي ٻيو اور ڪٿ ڪوئي،
آھي سو الله ھڪڙوئي،
صورت سڀ ۾ ٻہ ساڳيو سوئي،
چوڏس چوڌار، ڪر اعتبار.

راڳڻي پيروي

3. تـو وٽـي جلشانـه ڪـي جيهيـن،
تـہ تئـي تحقيـق حـق تيهيـن،
هـي سـچو سنسـار آهـي ايهيـن،
ٻي وس نہ ڪنهن وار ڪر اعتبار.

4. جنهـن ڪيئـہ اسـتاد اشـارو،
جـو "اميـن" حضـرت "هـالن" وارو،
سو حقيقـت حـال سمجهـي سـارو،
تون ۾ منجهہ "منٺار" ڪر اعتبار.

ڪافي. 274

تلهہ: هن مومل جي محلي موٽاءِ ڪر هو، راضي تي رجبوت اچ راڻا!
سندم ولها سڳهو تون ورجان، ۾ ڪر مٺي ساڻ هي ماڻا.

1. منهنجو الله جو نام ۽ ٻي آزي، رس ۾ ميءَ ساڻ تي راضي،
ڪريـان تعظيـم آئـون تـازي، پلنـگ پڇـير پيـا ويهاڻـا.

2. سوڍا توڪي سڀ رات سارين تي، نڪڻ آسمان جا نهارين تي،
سرها آئون شمعدان ٻارين تي، تنهنجي نڪڻ جا سب وقت ٽاڻا.

3. توڪـان ريءَ ڪـاڪ ڪومـاڻي، زهـر پانيـان تـي ان پـاڻي،
هـڙو تيـم حـال هـيءَ هـاڻي، گجـر تـي گونـدر وهـن گهاڻـا.

4. اصل ڏاهپ نہ هيـم اهڙي، جـو ڪريـان تدبيـر آئـون تهڙي،
اُها رسم رجبوتـن جهڙي، تنهيـن مان آئـون ڇا ڄتـي ڄاڻـان.

5. هاڻ ڇٽيان گلڪار ڳادن تي، جي شاهن جا سرانجام شادن تي،
سر رڪان سامان سيراندن تي، من پلنگ تي پير ڏرين پاڻا.

6. ڇوي "منٺار" مون کي ڏي معافي، جو سندم شهنشاهہ تون شافي،
آئـون ڪريـان دل من ۾ درٻافي، تہ اسين اڳ آهيون عيبن هاڻا!

ڪافي. 275

تلھه: لڏاڻي جيون لاڏ ڪيون توکي، سوڍل! سڀ وقت سارين ٿيون،
تن ولهين جا ولها ڪڏهن تون ورندون، جي توڏنهن نت نت نهارين ٿيون.

1. جي راڻا تولاءِ پيون روون،
هڪوئي هي هي جو حرف چوون،
اندر واري آب سين اکيون ڌوون،
هنجهون هر روز هارين ٿيون.

2. چڏيئون لذتون لباسن جيون،
ڪتوريءَ خوشبوءِ جي واسن جيون،
پيون وين خوشيون حواسن جيون،
سي ڏکن جا ڏينهن گهارين ٿيون.

3. ڪڏهن تون ايندون اگڻ اُن جي،
ڪل گهر رات روئنديون جي،
مارڻ سهاڳ سڪندين جي،
سچو ڏينهن تنهنجو نام سنڀارين ٿيون.

4. هندورا! هنڌ، ڪوٽ، محل، ماڙيون،
توڪان ريءَ ڪاڪ جيون ڪوماڻيون،
جن ۾ تنهنجيون رهن راڻيون،
سي محلاتون"منٺار"کي مارين ٿيون.

ڪافي. 276

تلھه: پکهه چوڙي پنڌ پيا، مون وينئي وڻجارا،
وي ميان! آئون روئندي وئي رهجي، ڪيئن پيڻ ٿيم ڪارا.

1. ويا جي ولات سمهان، شال اچن سي وري،
آئون اوسيئڙي اُن جي ڳڻتيءَ منجهه وئي ڳري،
اي ميان! الله آڻيندو اُن کي، صحيح سلامت سارا.

Scanned with CamScanner

2. مون مجتائون ڪيون خواجي پير سنديون،
سوئي صدائون سڻندو مون دلگير سنديون،
اي ميان! ويندا لطف سان لهي وسا منهنجا ورهن وارا.
3. آئون ايري تي آهيان سامونڊين ڪي ساري،
مون خاطر يا مولي! وڻجارن ڪي واري،
اي ميان! اُن آئي سڀ سونهن اڳڻ وهڻ اوتارا.
4. چئي "منٺار" ملندم، مون وينيءَ ڪي وري،
ڏکيا ڏينهڙا ويندا، پوندم نيڻ ٺري،
اي ميان! شال نصيب تيندم، من مقصد موچارا.

ڪافي. 277

تلهه: آئون پوچاري آهيان، روز بندر جي تڙن،
اي ميان! واءُ سڻائو وريو، وڻجارا مان ورن!

1. مون ساريا سي ڏينهڙا مند موٽڻ جي آئي،
سوداگر سي سالم ڪن ڪا ورڻ جي وائي،
اي ميان! اچن سلامت ثابت، لهريون ڪيم لڱن.
2. دل تان دم نه لهي سامونڊين جي صورت،
اچن اوقاتون گهڻيون پهه پالوٺيون پورت،
اي ميان! ڳالهيون ڳجهڙيون سندن، چت تي روز چڙهن.
3. وڻجارن جون واٽون روز نهاريان نت نت،
ڪين ڏسان ڪوهه تيون روئن اکڙيون رت رت،
اي ميان! منهن ڪان مينهن ڪريو ڳوڙها روز ڳڙن.
4. چئي "منٺار" منديان آئون هت فالڙيون،
مان اچن تان ڪريان دل جون ڳالهڙيون،
اي ميان! چونديس سور سڀئي ساري سامونڊين.

ڪافي. 278

تلھ: وڃي پرڏيهہ ۾ پري ايڏا ڏينهن م گذار،
اي ميان! ور وڻجارا سگهو، وطن پنهنجو نہ وسار.

1. مئيءَ کي وساري وڃي ڪيئہ سفر جو سعيو،
ڪيئن سودو سو وڻيئہ جيئن منهن توکي آيو؟
اي ميان! وڃيو ورهہ ويهين پيڙيا تان تون ٻي پار.

2. آئون ٻہ تنهنجي ڪارڻ تڙ پوڇاري آهيان،
اڪا سمنڊ ۾ آئيو پرهہ ڦٽيءَ جو پايان،
اي ميان! الله توکي من آئي، واڳ وطن ڏي پنهنجي وار.

3. اڪيون آب سين پريو روز بندر ڏي ڪٽان،
سڙهہ نہ ڏسان سي ساڳيا لنگهيا ڏينهڙا گهٽا،
اي ميان! مان سياڻي اچن، آهي دلڙيءَ کي درڪار.

4. چئي "منٺار" موتي مان اچين تون مون وٽ،
ڏينهڙا حياتيءَ جا گڏ ڪارڻ موليٰ جي ڪٽ،
اي ميان! مئيءَ جو لوڙهہ لٿي پوءِ ٻيا ڪمڙا سڪار.

ڪافي. 279

تلھ: سوداگر سفر مٿي وڻجارا وڃ نہ وري،
اي ميان! رهہ تہ گناريون گڏجي نہ تہ پوءِ ويندي سس آءُ مري.

1. ڪر نہ ولات وڃڻ جون موٽي تون وايون،
اجان سڪائون اڳيون مون ثابت نا لاهيون،
اي ميان! سئيم سنباهي تنهنجي ويڙم ماهہ ڳري.

2. آهي اسان جي توکي معلومات مڙيائي،
تہ سهڻ جدائي مون ۾ ناهي قدرت ڪائي،
اي ميان! اڳي ٻہ اوهان جي لاءِ آئون هئي مستان چري.

Scanned with CamScanner

3. پاند ڳچيءَ ۾ پايو پئي هٿڙا ٻڌان ٻانهون،
ساموندي سنبرڻ جو پهه نه ڪجان تون پاهون،
اي ميان! آئون پيي آسائتي آهيان، من ڪو ڏيان
ذري.

4. چئي "مننار" منهنجي مجهج منت هيءَ آزي،
رهه رب جي واسطي تيج اسان تي راضي،
اي ميان! آئون پيي دعاڳڻ تنهنجي ساعت هونديئي سهري.

ڪافي. 280

تلهه: وڪوڙي واڳون ويا سڳهان ڪيئن تار تري سائين،
اي ميان! ساهڙ چام سڳهو منهنجي واهر تيءَ وري سائين.

1. آڳ ته اوهان ڏانهن آئون، آڏيءَ ايندي هيس،
هن درياهه منجهان تريو ويندي هيس،
اي ميان! حالت هيءَ سنديم آهي قلم قضا جي ڪري سائين.

2. هيءَ معلم[1] هوئي جي مون کي ته هوند پاڻيءَ ۾ نه پوان،
مدد ميهار سنديم، اڄ جي ڪئي نه اوهان،
اي ميان! ته پوءِ مڇيون کينديون مون کي ڪري گوشت ذري ۾ ذري سائين.

3. اڄ اوڙاهه اندر تيو مرڻ جو خوف مون کي،
ڪئين مڇ سينسار مڙيا جيءَ منهنجو تو جکي،
اي ميان! ٿي تڏهن توکي سڏيان، آهي جڏهن ڳالهه ڳري سائين!

4. چئي "مننار" مون کي، مدارت ڏيج ميان!
ته نڪري نديءَ منجهان، وڃي پرئين پار تيان،
اي ميان! ته پوءِ بيشڪ، ويندس ٻچي جي منهنجي پٽ تو پاڻ پري سائين!

---

[1] معلوم.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 281

تلھہ: ٻـر ۾ ٻرامـڻ جنھـن لئہ ھئـي مسـتان ڇـري،
منھنجو پنھـل پيـارل ڪيچئـون اديـون آيـون وري.

2. ڇپـر ڇـڏي ويـو ھـو ڇـوري ڏاڍو ڪيـس ڪـري،
ھـوت ٻنـان ھـت ھڪـدم سسـئي ڪـي نـہ سـري،
وو! ھيبـت حـب ۾ گهڻـي پيـڙس ڏيــل ڏري.

3. ڏاڍن ڏيـرن سـان ڪـائي ھـج ڪـا نــہ ھليـس،
سـاري سـاجن ڪــي جيــڏيون جــان جليــس،
وررونھـہ انھـيءَ منجھـہ ووءِ ووءِ ويـڙس ماھـہ ڳـري.

4. ســو دوسـت دلاور دلبــر اديــون آيــو ٻلــي،
پيــر پلنــگ ســر پنھــل پيــارل پــايو ٻلــي،
وو آســون اُميــدون پنيــون، پيــڙس نيــڻ ٺــري.

5. چئــي "مننــار" اڄــي ســو محبــوب ڏنئيــن،
ھــوت ھدايــت وارو پنھنجــو مطلــوب ڏنئيــن،
وو صدقــي ســاھہ ســري ھــن قربــان ڪــري.

ڪافي. 282

تلھہ: ڳــڻ ڳــالھيون ھــي سـنڌ دم دم يــاد پــون،
اي ميانا! تـو جي ڪـرم ڪيا ويل نٽا سي وسرن.

1. ميخون تنھنجي محبت جون لنءُ لنءُ منجھہ لڳيم،
ٻيون سنسار جون سڌون ٻنا تنھنجي شوق ٻڳيم،
اي ميانا! ھڪ حب تنھنجي رھي، جيءَ اندر مون جڳرن.

Scanned with CamScanner

2. حسن جمال مڙوئي مليو محبوب توکي،
منهنجو معلوم حال مڙوئي آهي مطلوب توکي،
اي ميان! مون مستان ڪيو، ناز پرين تنهنجي نيڻن.

3. ڏنئي تلقين هدايت ارشاد ڪيئه،
نالائق تي نهايت اڄي امداد ڪيئه،
اي ميان! ايترا احسان سنديءِ ٻي ڪنهن ڪان ڪين پڄن.

4. ڇئي "منٺار" مون کي مطيع مريد ڪيئه،
وٺي ڳڻن سان گنهي پنهنجو خريد ڪيئه،
اي ميان! جيڪو تنهنجو حڪم هجي ته آئون مڃان ان امرن.

ڪافي. 283

تلهه: حال منهنجي جي معلوم ناهي هن لوڪ خبر،
اي ميان! سمجهڻ وارا سالڪ سڻ دانهه دلبر!

1. سوين حڪيم اڄيو درد جا دارون ڏين،
ڪيو علاج سندم نبضون ناڙو ڏسن،
اي ميان! ڪونه سجاڻي ڪوئي، منجهه آزار اندر.

2. عاجز اپري آهيان ڏج ڪا دوست دوا،
حيلو ڪونه هلي ساجن توکان سوا،
اي ميان! ڪامل ڪوڪ سڻج هي فريادي هيڪر.

3. اتم اُميد آن ڏانهن من جي مراد اها،
تئي صحت، ڪر علاج امداد، اها،
اي ميان! ڪرج ڪرم، پرج قدم سوال سڻج لڳ سرور.

4. ڇئي "منٺار" توري من مستان ٿيم،
درد منجهان سائين دلبر هيءَ داستان چيم،
اي ميان! معلم دار مڪمل ڪر ڪا نواز نظر.

ڪافي. 284

تلهہ: راڻا! رنجڙو رکي، وڃ تون ڪيم وري سائين!
اي ميان! نہ تہ سوڏا سور انهين ۾ مومل ويندئي مري سائين.

1. معافي ڪر مينڌرا، منهنجيون مدايون ميان!
پاڻان پانڌڙو ڏئي، ڏڪ اگلايون ميان!
اي ميان! نہ تہ بہ سوڏا سيس سنڌءِ آئون توڙي عيبن ڀري سائين!

2. سوڏا تولئہ سڪن سوين مون جهڙيون هزار،
ڪونہ ملندو ڪڏهن مون کي تو جهڙو ڀيو يار،
اي ميان! توکي مون ري ويئي سري ۽ مون کي توريءَ ناسري سائين!

3. تنهنجي اچڻ جو آسرو آئون اجان نا لاهيان،
کهڙي ڀر ڀرچندون آئون اٿڻان آهيان،
اي ميان! سا معلم ناهي مون کي، آئون مومل مت جي ڇري سائين!

4. ڇئي "منظر" مون مٽي هي تنهنجيون ميارون ميان!
آزيون عرض گهڻا ڪريان تي ڪارون ميان!
اي ميان! ڀرچ ڀريىن ڏي مون کي دلاسو ۽ دلبري سائين!

ڪافي. 285

تلهہ: اُن اکڙين جون اهڙيون عجب چوان ڇا چاليون،
اي ميان! جادوگر جيئن جادو هڻن ڪٽاريون ڪاليون.

1. زلف زوراور سر ۾ ڪارا ڪامل جا،
منهن محراب ۾ ابرو جيئن مچرا بادل جا،
اي ميان! نرگس نيڻ ٻئي ديدون ڇهن دوناليون.

2. نيڻ ڪٽي ناز منجهان جڏهن هوت هسي،
درد وارن جون دلڙيون اُن کيزن ساڻ کسي،
اي ميان! رمزون رانجهن جون من جي موهڻ واليون.

3. نڪ چپ ڏند موتي مرجان سڀ هٿيار سندن،
جيڪي چون زبانئون ظاهر گفتار سندن،
اي ميان! سڻن جيڪي ٻيهي سامهون وتن اُهي ٻيحاليون.

4. چئي "منٺار" محبن نيم پساهه پرين،
حال حقيقت منهنجو معلوم ڪي محبوبن،
اي ميان! انهي قصي جون گهڻيون ڳاٽاٽي ڪان ڳالهيون.

ڪافي. 286

تلهه: جن ڪئن يار جدا اُن سان روز ماتم،
اي ميان! پور پرين جو پوندو درد وارن کي دم دم.

1. هڪ ديدار ڏسڻ سين ديوان ٿيا،
من مهٽي جيءِ محبت سي مستان ڪيا،
اي ميان! سور انهيءَ ۾ سڙين لڳن جو ٻه لحم.

2. سڪ وارن کي ساعت ساڄن ريءَ نه سري،
مرڻ عاشقن جو ٿيڻ پرينءَ ڪان پري،
اي ميان! ورهه انهن تي ورندو، گوندر ۽ ٻيو غم غم.

3. ٻکيون ٻيون نه لڳن سو سڪ وارن تي،
حيلو ڪو نه هلي برهه بيمارن تي،
اي ميان! اُن جي دوست دوا، قادر رب جو قسم.

4. چئي "منٺار" جي ملن مٿي سان ڪرم ڪري،
اگڻ اسان جي اڄن پنهنجا پير پري،
اي ميان! ته ساه سسي ڏيان صدقو، جان جسو هيءُ هڏچم.

تار کلواڙو

ڪافي. 287

تلھ: اُپٽ اکيون ڏس دلبر سڀ ھنڌ يار صنم،
اي ميان! ھر رنگ ۾ سوئي ھادي توڙي انسان آدم.

1. ڪٿي مومن، ڪٿي ڪافر، ڪٿي ٻانڀڻ ڪٿي قاضي،
سڀڪا رمز رکي عجب بڻايو بازي،
اي ميان! ڪل مذھب ۾ پنھنجو ھلائي تو حڪم.

2. قلب ڪتاب ڪجان سمجھ سيپارو اٿئي،
انا احمد بلاميمي، اھو پي اشارو اٿئي،
اي ميان! الانسان سري و اناسره، قلم.

3. ڪيئن تو سٽين، ڪيئن تو بولين ونج اھا تون عبرت،
ڪيئن تو ڏسين ۽ ساھ ڪڍين اي ڪنھن جي آھي قدرت،
اي ميان پڇري خاڪيءَ ۾ آھي قطرو سو قلزم.

4. اي "منٺار" منجھئي ڏس تون ڏيان ڌري،
تو ۾ تڪيو سندس ناھي اھو پاڻ پري،
اي ميان ونحن اقرب، ويجھو لاھ گمان ۽ غم.

ڪافي. 288

تلھ: پنڌ چو ڏور پڇين ناھي تنھنجو دور دلبر،
اي ميان! منجھ محبوب سنڌءِ ڳولح پنھنجو تون گھر.

1. پريءَ لاءِ پري وڃيو ڳوٺ ڳولين،
تيو ھلڪان بيحد پنھنجو پاڻ رولين،
اي ميان! تو ۾ تفاوت آھي تڏھن آھين بيخبر.

2. تو ۾ دشمن سنڌءِ نفس نادان آھي،
تو ۾ ويري وڏو سو شيطان آھي،
اي ميان! تو ۾ تڪبر ھئڻ آھي ڪفر ڪافر.

Scanned with CamScanner

3. مارج دشمن اهي ڏسجان دوست جي دري،
موتو اقبال ال مري ۽ وڃج حياتي وري،
اي ميان! هوند پوءِ سچائي صاحب تو ۾ الله اڪبر.

4. سڄ سمجهه ڳالهه اها اي "منٺار" من سين،
اٿئي نصيحت وڏي طلب اڪين جي تن سين،
اي ميان والي توکي واري آڻي من کو اثر.

ڪافي. 289

تلهه: قسمت ڏور ڪيس جهانگيڙن کان جدا،
اي ميان! لوئيءَ جي لڄ رک تون پرور پاڪ خدا.

1. ماروئڙن جيون جايون سرتيون ساهيڙيون،
ويڙهه وطن ۾ گهمن پاس پڻن پيڙيون،
اي ميان! ڪير خوشيءَ سان پين ڏوٽيڙن جي ڏڏا.

2. سانگيڙن کي ساري ساري سونهن ويم،
ڏاڏاڻن جا ڏني سا لوئي ليڙ تيم،
اي ميان! ميندڙا ڪير ڳڻن، مٺيءَ جا وار منڌا.

3. آئون تاريلي تر جي ويڙهيچن جو وياءُ،
تيس بنديائي بند ۾ کهڙا مون ڏوهه ڪيا،
اي ميان! ڪوٽ ڪڙولا ڏنم، جي مون اڳ نه ٻڌا.

4. چئي "منٺار" موٽي ملڪ ملير وڃان،
ڏوٽيئڙن کي ڏسان اتم اُڪير اجان،
اي ميان! پنهوارا شال پرچن صاحب سڄ صدا!

Scanned with CamScanner

ڪافي. 290

ٿلهہ: دل نہ قبول ڪري تنهنجا ڪوٽ قصر،
اي ميان! ويڙهہ وطن آئون وينديس، موڪل ڏي ميان عمر!

1. آئون مارن لاءِ ماندي سڻ فرياد اها،
ڏي معافي تہ ماڙ وڃان من جي مراد اها،
اي ميان! ٿيان پٽن منجهہ پيڙي، ٿاريلن سين منجهہ ٿر.

2. پلنگ، ڪٽون ۽ پٽراٽيون مرڪ نہ ماڙيچن،
ٻوڙ پلاءُ ۽ مربا ڪاچ نہ ڪاهوڙين،
اي ميان! ڪاچ اُتي جو ڪنپيون، سائون ساڳ سگر.

3. شريعت شرم حيا ڪوئي پر مان سندن،
ترهو طريقت توڪل اهو ايمان سندن،
اي ميان! حال حقيقت پورا، آهن سنگهار سڌر.

4. چئي "مننار" موتي ملڪ ملير ڏسان،
منجهہ فردوس جنت محمد مير ڏسان،
اي ميان! شال نصيب ٿينديم صورت سنڌڙي سرور.

ڪافي. 291

ٿلهہ: رت روئندا مون ڏٺا سرها سانيڱڙا،
اي ميان! مارو ڪنهن مامري ڏاڍي ڏک ساڻ ڏوٿيئڙا.

1. پنهوارن جي پيٽوئن آئون ڇو ڇائي آهيان،
هت حاڪم هٽ هيئن ٿي عمر وٽ آئي آهيان،
اي ميان! هو ڪنڌ ڪين ڪٽن مٽانهون ماروئڙا.

تار ڪلواڙو

2. رهيون دل روح تي سنديـن ڳجهيون ڳالهڙيون،
ڇت تي روز چڙهن سنديـن ڇالڙيون،
اي ميان! ڪڏهن ڪين وسريا ساهه ۾ سانبيڙا.

3. ڳالهه ڳري ڪا لڳين ڳٽتيءَ تنهن ڳاريا،
اُن مهٽي جي ماري ماروئڙا ماريا،
اي ميان! ٿيا فڪر ۾ فنا جيئن ڇن فوتيئڙا.

4. ڇئي "منٺار" مرٺو، هي ڇڏٺو جهان اتر،
عيب اُنن ڪي لاتر اهو ارمان اتر،
اي ميان! بي عيبا هوا بلڪل جيڪس جهانگيئڙا.

ڪافي. 292

ٿلهه: قسمت نئي تي مون ڪي لکيو قلم قهار،
اي ميان! مارو مير سندم ڪچ، پوئواري پنهوار.

1. آئون بنديائي بيوس هٿ حاڪم جي آهيان،
ڪونه ڪنديس ڪانڌ بيو دل پنهنجي ۾ يانيان،
اي ميان! آئون نه وساريان توکي سگهڙو لهج سنهار.

2. مون ڪي تنهنجي مڱڻي جي آهي مٿي تي لوئي،
بيو عمر ڪان اوڍڻ ڪونه وٺنديس ڪوئي،
اي ميان! آئون نه مٽينديس منهنجا سرهاسيڻ سنگهار.

3. سائين ڪيت خدا جي نالي وري ڪجان ڪا واهر،
هي به هميشه هوندي اُت به اوهان جي آهر،
اي ميان! سگهو ورائي ويجان پنهنجي ڏڻ ۾ ڏنار.

4. جي آئون عيبن سان پريل ته به تهدل آهيان تنهنجي،
آزي نيازي بندگي مجج منت هي منهنجي،
اي ميان! ننگڙو سجاڻج نيهي، متان ڇڏين ڪي "منٺار".

Scanned with CamScanner

ڪافي. 293

تلھ: پيـــر وڇــوڙو وڏو ٽيڙيــم ڳالھــ ڳــري ســائين،
اي ميـان! تـن عمـر اباڻن ڏي آئـون ڪڏھن وينـدي وري؟

.1 اصـل الســت ڪنـؤن جڙيـل حڪــم جھــڙو،
قلـم قضـا جـو وڙھـو طـرف منھنجـي تھـڙو،
اي ميان! لکئي منجھار نا لٿي ھڪ ظاھر باطن ذري.

2. ٻــالجتيءَ ڪــان ٻجھـــان ٽــر ۾ ڇــائي ھيــس،
ڪــائڙ ۾ ڪيــر تــي انھـــن نپــائي ھيـــس،
اي ميان! ڏوٿين ڏونرا ڏنم، تن آئون پڪن پيرن تي پري.

.3 لاءِ گـذران غــم ڪريـو ويـل اسـر جـو اُٿيـن،
ڏٽ لاءِ ڏوٿيئـــڙا وقــت انھــي تــا وچيـــن،
اي ميان! وچاڻان واري سندن آھن ٽر جا ساکن ٽري.

4. چئــي "منٺــار" مــون تــي تــن مــاڙيچن جـي ميـار،
ســاريان تـي پـاڻ ڏي آئـون ھـن جـا حـرف ھـزار،
اي ميــان! معــافي مــان ڏيــن آھيــان عيبــن ڀري.

ڪافي. 294

تلھ: اب تـو سجن ديکھـو تمھيـن ايسـا حـال ھمـارا،
يـہ مـرض ميـري ڪـا عـلاج ديکھن جمال تمھـارا.

.1 ھـم عاشـق تيـري مکھــ پـر ھوتـا روتـا روتـا رھـا،
ھـم پھر ديدار ديکھـا نھين ووئـي سرخ لال تمھـارا.

.2 تجھــ بـن طبيـب دوسـري ڪـي لگتـي دوا نھيـن،
مجھـ پر مجرب يـہ ھي دوا ووھي حسن ڪمال تمھـارا.

Scanned with CamScanner

3. هـم يتيـم مسـڪين پـر تمهيـن ڪـرم ڪـرو،
مقصـد ميـرا ظـاهر بـاطن جـاني! خيـال تمهـارا.

4. ڪهي "منٺهار" حق تيري مين، دعا دن رين ڪرتاهون،
شل خدا بخشـي دائـم قـائم اعليٰ اقبـال تمهـارا.

ڪافي. 295

تلهه: اب تـو اڪيلي هـم رهي، ميرا يـار گيـا ڪهـان،
دن ريـن هـم روتـي رهـي دلـدار گيـا ڪهـان.

1. جـس دن جدائـي هـم نـون پـڙي، اس دن ڪيـا زلـزلا،
جـس نـے ديکـي ڇـاتي ٺهـري ووئـي ٺـار گيـا ڪهـان.

2. اس حجـر ميـن هـم ديکـا، قيـامت ڪـا ذائقـا،
نينـد ميـري نينـا ڪـي ووئـي قـرار گيـا ڪهـان.

3. جسـڪي سـهاگ ميـن سـر اوپـر تـا، سـينگار هـم ڪيـا،
ووئـي سـهاگن ڪـا سـينگار جنسـار گيـا ڪهـان.

4. "منٺهـار" ڪـا مرنـا نهيـن جينـا جنجـال يـے،
غمـن سـيتي گـذر ميـرا غمخـوار گيـا ڪهـان.

ڪافي. 296

تلهه: تـم هو ڪس ڪا شاگرداناري، مينون ڪهه ميان عشق ديوانا ري،

1. ڪيسـا مـادر بـاپ تيـرا، ڪيسـا پيـر جنـاب تيـرا،
ڪهو سوال ڪا جواب تيرا، پيڇي تجهه ڪو هم پڇاڻا ري.

2. ڪهـان سـرج تـم جـايوئي، ڪيسـي بـاپ نپـايو ئـي،
تـم ڪهـان هـنر سـک آيوئـي، ڪب جـوڌ جـوان جلاڻـا ري.

Scanned with CamScanner

3. يوسف مصر وڪايو ئي، زڪريا نون چيرايو ئي،
حسن زهر سين مرايو ئي، حسين شهيد ڪرانا ري.

4. ووئي عاشق شاهه شبير هويا، ڪب شمسي پر تعذير هويا،
ڪب سولي حلاج فقير هويا، اُس نون انالحق بولانا ري.

5. تم جس نون پرم پلايا تا، ڦر اُس ڪا جگر جلايا تا،
ووئي قيد ڪمند ۾ پلايا تا، زندان سوين سلطانان ري.

6. مجروح ڦٽيل "منٺهار" هويا، جس نون يي ويچار هويا،
تم قادر تڪرار هويا، پهر اپنا حڪم چلانا ري.

ڪافي. 297

تلهه: عشق ڪرنا ڪام تا، اپني خود خيال ڪا.

1. جس ديڪا دل ڪي نئن سين، حسن جوت جمال ڪا،
اُس ڪي اوپر آئيگا، جزب جوش جلال ڪا.

2. جس سنيا نوبت نغارا، ڏو ڏو عشش ڏمال ڪا،
اُس ڪي زبان سي نڪل گيا، هوڪا حلا جي حال ڪا.

3. ترڪ ڪرنا هر طريقا، ترڪ حرام حلال ڪا،
عشق ڪا مذهب هويا، بي رنگي بي مثال ڪا.

4. نهين مطلب عشق ڏريگا، دنيا عقبيٰ مال ڪا،
عشق اڪ مطلب ڏريگا، واصل هونا وصال ڪا.

4. جس ڪي اوپر پڙ گيا، نظر نينهن نهال ڪا،
ووئي مرد "منٺهار" تا، ڪيمانگر ڪمال ڪا.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 298

تلهہ: ڪولي نور نقاب ڪا، ديا دلبر دنگ شراب ڪا.

1. ووئي پيالي پيني سي، هم هو مثل ڪباب ڪا،
مجهڪو نهين معلوم تا، ذائقا ذرا عذاب ڪا.

2. وئي پيالا آب حياتي، آب حيات ڪي آب ڪا،
جس ني پينا، دو جگ جينا، هونا گل گلاب ڪا.

3. دل ڪي نينا سي هم ديڪا، تجلا حسن ڪي تاب ڪا،
مک منور ماهتابي، اُس مين اثر آفتاب ڪا.

4. ٽوٽي دئي جب دم ديڪا، جلوه صنم جناب ڪا،
دل ميري سي اُتر گيا، وهم ڏوهہ ثواب ڪا.

5. هم سنا جنگي بغل، نغارا نينهن نواب ڪا،
سر ميري اوپر آوپڪا، حملا عشق عقاب ڪا.

6. ورد وظيفا وسر گيا، ليڪا جوڙ حساب ڪا،
گيان عقلي گم رها، سلوڪ سوال جواب ڪا.

7. "مننار" نون پير مغان، بتايا باب عجائب ڪا،
اس گت ميرا ديدار تا، ووئي خوب رستا خواب ڪا.

ڪافي. 299

تلهہ: ديڪا هم تجلا نور ڪا، محمد امين مشهور ڪا.

1. ووئي مجهڪو پرم پلاگيا، دلاسا ديڪي ٻلها گيا،
ووئي تنها اپ چلا گيا، پڙ گيا وڇوڙا وهلور ڪا.

Scanned with CamScanner

2. الانسان سري، سر سارا تا، اس آيت ڪا اشارا تا،
هر ديکا نور ڪا نظارا تا، جس جبل جلايا طور ڪا.

3. طالب دنيا مخنث، وطالب عقبيٰ مونث،
و طالب موليٰ مذڪر، هم نهين طالب حور قصور ڪا.

4. ووئي مرشد "مننار" ڪا، هم طالب سڪدار ڪا،
يه عقيدا اعتبار ڪا، ووئي جلوه حق حضور ڪا.

ڪافي. 300

تلهه: ڪام ووئي ڪرنا اڇا، موتو قبل مرنا اڇا.

1. هستي تکبر هٽڻ ڪا، تجهه پر بڙا نقصان تا،
رايا نفس ڪا ڇوڙ دي، خاڪي اثر ڏرنا اڇا.

2. طالب الدنيا مخنثون، يون ڪها سردار تا،
يي نصيحت تم سنو، توبهه لفظ پرنا اڇا.

3. دم تيري هردي اندر، هزارون چوبيس تا،
ووئي خدا ڪي اسم سي، اوڇا نيڇا ڦرنا اڇا.

4. "مننار" جس پير مغان، تجهه ڪون بتايا راهه تا،
اس ڪا بڙا احسان يي، ووئي گرڪا چمن چرنا اڇا.

ڪافي. 301

تلهه: اي "مننار" تون مرشد وٽان پيءُ پيالو آب حيات جو.

1. ڇڏي غير دليل ڪي ڳولح رب جليل ڪي،
پڙهه تون ذڪر تحليل ڪي، ڪلمو نفي اثبات جو.

Scanned with CamScanner

2. هٿ هستي ڪر ڍري، خاڪي اٿر وڃڻ وري،
موتو قبل آل وڃ مري، ڀاڳو جيئڻ هات جو.

3. قالوا بليٰ جي قول جي ٻڌ ڪمر تنهن ٻول جي،
هي دنيا هوائي هول جي ڇاڏج احد اصلات جو.

4. "منٺار" موتو قبل ال جي ٿيئن تہ انت موتو ٻوءِ جيئن،
لاڻج حرف هيڪڙو هنئين "محمد امين" استاد جو.

ڪافي. 302

تلهہ: ويکو رمزان رانجهن واليان، سمجهو تساڙي سياليان!

1. رانجهن ملک ساري دا مالک،
تخت هزار جنهن دا تالق،
شاهہ هوسي خاوند خالق،
ڏوايس نينهن نيڪا ليان.

2. عشق کيتي ڇا آپ لکايس،
ڇوڙ هزارا چناهہ پڇايس،
چوچک ديان منجهيان چرايس،
چاڪان واليان ڪر چاليان.

3. رانجهن سر سبحان الاهي
بالا بلند جنهن دي بادشاهي،
محبت دي وچ هوسي ماهي،
ڏيوي قيد امهڻا گاليان.

4. جهوک رانجهن دي جٿون هوسي،
مين ترنديان اُتان ويسي،
پاڻ ماهي دا چل ويکي سي،
جٿون منجهان کنديا کاليان.

5. مـــن موهيـــا هـــڻ "منٺـــار" دا،
طـــالب ٿيـــا مـــاهي يـــار دا،
هـــــي عقيـــدا اعتبـــــار دا،
ميڪـــون ڳجهيـــان آ کيـــس ڳالهيـــان.

ڪافي. 303

تلهہ: ميـن سڄاتا رانجهـن رهبـر ڪـون،
هوسي خبر نہ قيدي ڪافر ڪون.

1. رانجهـــن ســـر ســـبحان هوســـي،
ســـلطان ســـليمان شـــان هوســـي،
اهنـدا سـاڳيا نـور نشـان هوسـي،
ڏوجهي پرجهہ خداوند پـرور ڪـون.

2. هــڻ قيــدا وچ ڪفــران هوســي،
جوٺـــا وچ جهـــان هوســـي،
اُهہ دشمـن دوزخ مڪـان هوسـي،
ويڪـو دک رسائيس دلبـر ڪـون.

3. جيها رانجهـن دا گلا خور هوسي،
اُهہ هيـل حرامـي اٺـور هوسـي،
اُهہ وچ سوئران دي سـور هوسـي،
رب مار گهتي ايجهي منڪر ڪون.

4. رانجهـــن مـــالڪ هـــزاري دا،
هـــي والـــي عـــالم ســـاري دا،
اُهـ مرشـــد هـــي "منٺـــاري" دا،
ويڪان سنجهہ صبح شل سرور ڪون.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 304

تلھ: رنگپور شهر بازار وچ، ونجهلي ڪون وڄان وندا.

1. ڇل ويڪو تسان ڪيڙيان، جوڳي ڪيجهي ديسون آوندا،
ڪيجها نانءُ نسب اُنهين دا، ڪيجاه پنٿ سڏاوندا.

2. اُهہ جوڳي دا سازڙا، مين گهايل ڪون گهاوندا،
هي عشق والا آوازڙا، ميڪون جهٽ جهٽ جادو لاوندا.

3. ميڪون نانگ عشق دا ڪا ڳيا، ميڏا زهر جسم جلاوندا،
ڪول ميڏي جوڳي گهن آوو، ميڪون اُهہ دا منڊڙا بڇاوندا.

4. مرشد ماهي "منٺار" دا، پوش فقيري پاوندا،
ڇوڙ هزارا جوڳي هويا هڻ ايوين پيا عشق ڪماوندا.

ڪافي. 305

تلھ: رنگپور واليان ڪيڙيان ويڪو مرليان وڄديان کهڙيان.

1. رانجها جوڳي بن آيا هي، جنهن دي مرلي جوش جڳايا هي،
اُنهندي برهي مچڙا مچايا هي، ڏيوي عشق ارابان اويڙيان.

2. رانجها سر سبحان هوسي، وچ ظاهر دي انسان هوسي،
اُنهندا جلوا نور نيشان هوسي، هڻ ڇل ويڪو تسان نيڙيان.

3. رانجهي پوش جوڳي دا پاتاهي، مين ساز اُهين دا سڃاتا هي،
ميڏا ناٿ اهين نال ناتاهي، تسان ڪون آکان سچ سويڙيان.

4. تسان اپڻا هنر هلاٿوڙي! ميڏي رانجهي ڪون گهن آئوڙي!
"منٺار" ڪون ماهي ملاٿوڙي! ميڏيان منو منتان ميڙيان.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 306

تلهہ: مين رانجهو رانجهو ڪردي وي،
ميڪون ماهي پاجهڙنا سردي وي.

1. مين سر آيا عشق اڪيلا،
ميڪون پڇڻا وقت نہ ويلا،
مين چل اوئي ڊوڙان پيلا،
جتي چانگ ماهي دي چردي وي.

2. چوڙيسان آستان اتانهون،
نہ پاوان پير پڇي ول پاهون،
جهوڪ رانجهن دي پار درياهون،
مين هيرنديان وچ تردي وي.

3. مين سر آيا ورهہ وڇوڙا،
ڏکيا والا ڏينهن اُجوڙا،
گهڙيان دک ديان گهوڙا گهوڙا،
رو رو رات گذر دي وي.

4. آکي "منثار" ماهي سلطان ماهي،
اعليٰ تخت هزارا مڪان ماهي،
هڻ ويکان سر سبحان ماهي،
چل کول اُهيندي مين مردي وي.

ڪافي. 307

تلهہ: سڀ ساعت نان هڪساري وي،
ڪنب ڪندو اڃ زاري وي.

1. حضرت آدم بهشت منجهائين،
حڪم امر سان بهر ڪيائين،
آدم مشرق منجهہ چڏيائين،
مغرب حوا ويچاري وي.

2. حضرت يوسف نبي هڻڙو،
ڏنئين ڏکن جو جنهن کي چوڙو،

پــٽ ۽ پــيءُ جــو وڏئيــن وڇــوڙو،
جــن ڏار گهـــڙي نتـــي گهـــاري وي.

3. امـــر ايـــوب ســـان جڙيـــو جيهيـــن،
كيئـن مـاس كـاڙس تـي كيهيـن،
ســـور انهـــي ۾ ايهيـــن جيهيـــن،
كيـــن كجهـــ هـــو ڇمـــاري وي.

4. ســـليمان بادشـــاهه ملـــك جـــو،
ديـــون پريـــن انســـان خلـــق جـــو،
خـــدا كســـايس پهـــر پلـــك جـــو،
تخـــت حكـــم تكـــراري وي.

5. ســـكندر جـــي ســـلطاني هئـــي،
خلقـــت جنهـــن جـــي ڏانـــي هئـــي،
اُن تـــي رضـــا ربـــاني هئـــي،
تيـــو خـــاك مٿـــي ۽ واري وي.

6. نمـــرود ڏيـــان نـــ ڏاريـــو تـــي،
جنهـــن آڙهـــ ابراهيـــم چـــاڙهيو تـــي،
ســـو مهـــن لشـــكر مـــاريو تـــي،
جـــا فـــوج الله اُتيـــاري وي.

7. بخـــت نـــصر بـــي ڏيـــان هـــو،
فرعـــون بـــي فرمـــان هـــو،
شـــداد ســـاڻ شـــيطان هـــو،
تيـــو قـــادر مٿـــن قهـــاري وي.

8. كربـــلا ۾ شـــاهه مارايئـــ تـــي،
ســـيد شـــير شـــهيد كرايئـــ تـــي،
نيـــزن تـــي ســـرڙا چاڙهايئـــ تـــي،
هئـــي هـــئي ي هلكـــاري وي.

9. مولـــيٰ در "منثـــار" ميـــان!
كـــر آزيـــون لك اُپـــار ميـــان!
توبهـــ چئـــ هـــر وار ميـــان!
پـــايو ڳچـــيءَ ڳـــل ڳـــاري وي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 308

ٿلهہ: ڪن جا تو من ٺاريا وي، ڇو "**منٺار**" سڏائي ٻنهيون.

1. تو تہ گهٽي ٺي تڪبر بہ ڇيائي،
فند ٻڌي ڪئين ڪوڙ ڪيائي،
شيخيءَ جا شوغان هيائي،
نہ تو نسل نهاريا وي.

2. تو جي ڪيڙيون ڪم ڪڇايون،
ٻيون جي ڪيون اٿيئي بد ٻڇايون،
عقل راءِ جي ڪيئہ اجايون،
سي صاحب ڪي ڪم ساريا وي.

3. السمٿئو الله سمجاتئہ،
لحظي ۾ بہ جتي ليئڙو پاتئہ،
ڇاڻ هتي ٻيو ڇاڪئون ڇاتئہ،
ڪوهہ دليل تو ڏاريا وي.

4. قالو بليٰ جا قول ڪيا تو،
"**منٺار**" وسري ڪوهہ ويا تو،
ڪتَ قلب تي ڪيئن پيا تو،
سمجهيون ڪين سنواريا وي.

ڪافي. 309

تلهه: ڪر صاحب رب جي سنڀار ميان!
جنهن خلقيو خلقڻهار ميان!

1. اکيون نڪ چپ ڏند تنهنجا،
ڪن ٻنايل آهن ڪنهن جا،
۽ ٻولڻ قول زبان جنهن جا،
سڀ ڪلون جوڙيون ڪلتار ميان!

2. پيٽ پٺا تنهنجيون پاسريون،
ٻانهون ٽنگون تنهنجيون آڱريون،
۽ سڀ سرانجام تنهنجيون اندريون،
جتي ڪري پساهه پسار ميان!

3. تو ۾ ڪاريگر ٺاهيو ڪم،
نهن، نبصون سڀ لڳ لحم،
هڏيون سنڌيون چمڙيءَ جو چم،
پيا جنهن تي جوڙيئي وار ميان!

4. تو ۾ لطف لک جنهن ڪيئڙا،
ڳڻڻ شمار ڪنان ويڙا،
توکي ويسارا چو پيڙا،
ڪر ياد خدا "منٺار" ميان!

ڪافي. 310

تلهه: ميان حسن ۾ حق پاڪ سڃاڻج تون ٻيو غير م دل ۾ آڻج تون.

1. صورت ۾ رک سچ سڃائي، ٻوڙ غير دليل ٻيائي،
هردم ڄاڻج هڪ هڪڙائي، ان منزل محبت ماڻج تون.

تار تين ڪلواڙو

راڳڻي تلنگ

2. سمجھہ حال انهيءَ جي هدايت، ڏيندو ڏاڍي قـرت ڪفـايت،
رهنما جي بہ اهـا روايـت، فنـا فـي الله روح رسـائـج تـون.

3. حال انهيءَ ۾ رک هوشياري، سـڪ عبـادت مفت موچاري،
رب اٿئي بلاشڪ ٻاري، پيـو طـرف خدا جـي تـائـج تـون.

4. اي "منٺـار" محبـوب سـندوئي، آهـي افضـل نـور اهوئـي،
تـہ تفاوت ڪونهي ڪوئي، سو پڪ يقيـن سـان ڄـائـج تـون.

تار اولنگهہ

راڳڻي ڀيروي

ڪافي. 311

تلهہ: ميان قادر عشق قراراوي، بادشاهہ سندءِ بردارا وي.

1. ڏاڍا جـوان جلايـا تـو، سـي لاغـرض ليٽايـا تـو،
هـوا نـامور سي نمايـا تـو، سـي وڃيـا گهـمـن ويچـارا وي.

2. حـلاج تـي حڪـم هلايـو تـو، انـاالحق چوايـو تـو،
فرهـاد فقيـر ڦٽڪـايو تـو، لائـي نينهـن نظـارا وي.

3. ڪئين مجني جهڙا مستان ڪيئہ، تيا ديوانـا ديـوان ڪيئہ،
ڪئيـن سيفل سفر ڪيئہ، اُن جـا سـڪ ڦٽايئہ سـارا وي.

4. ٻي جي مرضي تون نہ ڌرين ٿو، ڪنهن جو ورايو ڪين ورين ٿو،
پاڻان وٽندا ڪم ڪرين ٿو، پنهنجي خود خيـال خمـارا وي.

5. سلطانن جو شڪار ڪرين، ٿو سـڪ سيني سنگسار ڪرين،
مجـروح ڦٽيـو "منٺـار" ڪريـن اي فتحـدار سـوڀارا وي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 312

تلهه: مچ عشق سندا تون آرا وي،
دک سور سيئڻ سهه سارا وي.

1. عشق چوي تو ايهين ميان!
تحقيق ڪري ڏس تيهين ميان!
تيءِ عشاقن جيهين ميان!
وڄائي نينهن جا نغارا وي.

2. مچ عشق سندي اُستادي ميان!
ايمان رکي اعتقادي ميان!
تو ۾ عشق ڪندو آبادي ميان!
بنائي باغ بهارا وي.

3. جي طالب عشق جو تيئين تون،
ته پريم پيالو پيئين تون،
پوءِ هيءُ جڳ هو جڳ جيئين تون،
ڪنديءِ اول موت جا اشارا وي.

4. "منٺار" رهج تون راضي ميان!
جيڪا برهه بنائي بازي ميان!
تنهن گهيڙ گهڙ ته تئين غازي ميان!
پچ پتنگ پرينءَ جي پارا وي.

ڪافي. 313

تلهه: تيکون مليا حسن ڪنعاني دا، نبي يوسف يعقوباني دا.

1. زلف تيڏا واسينگ وسيهر، ڪالا ڪيس تمام تليهر،
بدن تيڏا هي لال سراسر، واهه رنگ بنيا انساني دا.

Scanned with CamScanner

2. ڪجليان تيڏيان ڏونهين ڪٽاريان، ابرو تيڏيان تيغان تراريان،
لال لبان وچ موتي سينگاريا، من موهہ ڳڏءِ مين ٻانهي دا.

3. جن، ملائڪ، حوران پريان، تيڏي درشن ڪيتي چريان،
جملي عالم آزيان ڪريان، تيڏي سائل هن پيشاني دا.

4. آکي "منٺار" مين ٿئي مستاني، وانگي زليخا دل ديواني،
ميڪون پساءِ اپني پيشاني، ويکان نور جهلڪ سبحاني دا.

ڪافي. 314

تلهہ: تنهنجي مورت نقلي ڏٺي جا مون،
مون کي ياد يقين تہ تون هي تون.

1. مون جا ڏٺڙي تنهنجي مورت،
جنهن ۾ ثابت ساڳي صورت،
پرت پالوٽ سين ڪيڙي پورت،
توکي قرب کهايو ڪن فيڪون.

2. مورت صورت هيڪ هيڪائي،
ڪونهي غير دليل ٻيائي،
تو آرسي شيشي گر بنائي،
جتي پاڻ پسين تو پاڻ مهون.

3. حسن آهي تو هاديءَ حق جو،
تيم يقين يڪي دل يڪ جو،
پر تو آيم انهين پڪ جو،
پوءِ سرَ کي سجود ڪرايو سون.

4. چئي "منٺار" آهي هيءَ معنيٰ،
مورت صورت ٻئي سبحانا،
منزل معرفتي لاثانا،
تون هيڪ هڪو پر ڏسڻ ۾ ڏون.

ڪافي. 315

تلھ: عشق جي سودا لڳيم اڇي،
هڏ تي نہ چاڙهيندس ماس مڇي.

1. عشق مرض اُڻ تڻ جو آهي،
سو هڪ ماسو ڪين مڇائي،
گوندر گوشت روز گهٽائي،
جنهن کي جگري سڪ سچي.

2. آڳ عشق جيون چريون چاهيون،
پڙ پڙ باهہ برهہ جيون باهيون،
جيرا بڪيون جوش جلايون،
بازي برهہ ڪوڻ ڪانہ بچي.

3. درد دڪاير دل ۾ دونهان،
الا عشق جا لائين لونهان،
سوال ڪريان تي سنجهہ صبحان،
تہ قرب وارن وٽ تيان ۾ ڪچي.

4. چئي "مننار" پساهہ پرينءَ سان،
مون سڪ واريءَ جو ساهہ پرينءَ سان،
روح اڪيون ارواح پرينءَ سان،
پوري ٿئي من پرت پچي.

ڪافي. 316

تلھ: عشق لڳيو لڇ ڪري دور،
ماٺ نہ ڪن مشتاقان مور.

1. عشق ڪري دانهہ ديوانا،
لاءِ ملڻ جي وتن مستانا،
سر تي سهٽا مهٽا طعنا،
سي نہ مرن، تيندا مشهور.

2. سک رکين تان سر سنباهج،
محبوبن جو شان ملهائج،
پوءِ لقب عاشقن جو ۾ لهائج،
جي ڏڇين تہ پڇي ٿيءُ ڏور.

3. ساهہ پساهہ ۾ ساجن سارج،
نفس جا رايا کيرہ نهارج،
دنيا عقبيٰ وهم وسارج،
فنا محبوب ۾ ٿيءُ ضرور.

4. اي "منٺار" پڇج مردن کان،
بات عشق جي برهہ وارن کان،
وٺ اُستادي عاشقن کان،
تہ درد وارن جي ٿئين دستور.

ڪافي. 317

تلهہ: مارئي ماروئڙن ريءَ هتي تي مفت مري سائين!
اي ميان! عمر چو آندي اتئي ٻوساٽي ٻان ڪري سائين.

1. اهڙي ايري ڪي ڪو داد دلاسو ڏجي سائين!
ظلم ضعيف مٿي حاڪم هيئن نہ ڪجي سائين!
اي ميان! جا آندءِ ڪوهيءَ تان ڪٺي تي پهنوارن کان پري سائين.

2. ميان! ماڙيچيءَ سان جاڙ ڪيئي جهڙي
تن ۾ تپاس ڪجان ڪو توسان ٻہ ڪري تهڙي
اي ميان! اٿين شل ڪنهن سان ڪيہ تئي ڏس دل ۾ ڏيان ڏري سائين.

Scanned with CamScanner

3. معلوم ناهي مونکي تہ آئون ويندين وطن وري سائين!
يا ڪوٽ قيد ۾ ڪڙهي تينديس فوت مري سائين!
اي ميان! هول انهي ۾ سندم تو لحم لڳن تان ڳري سائين.

4. چئي "منٺار" مونکي موڪل ڏيج ميان!
تہ پيڙي وطن وجي ٺاريلن سين تيان،
اي ميان! جي مران ملير وجي تہ سندم سياڳ سري سائين.

ڪافي. 318

تلهہ: ڏاڏاڻن جا ڏني، مون کي ان جي لوئي عمر سائين،
ڏاڏاڻن جا ڏني، اي ميان! امن انهي جو گهران ڪنان پناهہ پرور سائين.

1. پٽ پوشاڪون سنڌ، آئون ڪيئن اوڍيان اهي،
منهنجي ڪتيءَ جو ڪائڻ ۾ من پر مان بيهي،
منهنجي ڪتيءَ جو ڪائڻ ۾، اي ميان!
اُتي شل آب تيئي منجهہ ويڙهيچن جي وڳر سائين.

2. من الله عدالت ڪري مون ڏڪن ڏڪوئيءَ جي،
رکي من پاڻ خدا، لڄ پت لوئيءَ جي،
رکي من پاڻ خدا اي ميان تہ مرڪان مان وجي،
تن ٺاريلن سان منجهہ ٺر سائين.

3. تي روح ۾ روز رکان هي آسون اُميدون اجان،
تہ نکري نيئرن مان، آئون ويڙهہ وطن ڏي وجان،
تہ نکري نيئرن مان اي ميان!
شل ڪائڻ ۾ آئون کيان وجي ڪنيون ساڳ سگر سائين.

4. چئي "منٺار" مون سنلو شل سرهو سانگھ تيئي،
محابي مرشد جي من تار بہ تانگهہ تيئي،
محابي مرشد جي اي ميان وجي من حضرت محمد جو ڏسان حضور هيڪر سائين.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 319

ٿلهه: ڪوئي پاڻ وٽي ڪنهن کي پرني[1] ته اهواوکيءَ ۾ اُن کي نه ڇڏي.

1. هوند هر حال ۾ سو همراهه ٿيئي،
اُهو جيتر جوان حيات جيئي،
ته به سار سندي ڪنهن کي نه ڏئي،
توڙي سوريءَ تي بادشاهه سڏي.

2. جڏهن ترڪ اچي طوفان ڪيو،
تڏهن دودل سين دوفان ٿيو،
اُن ڀي ابڙو اڳواڻ ڪيو،
جنهن پاڻ پيارو ڪيو ته ڪڏي.

3. ڪوئي ٻڏندل ٻوڙي ڪي جهلي،
جي هن بار سنو ته پوءِ ڪندو ٻلي،
جي هيٺو هوئي ته به ساڻ هلي،
اهو به لڙهندو ويندو ساڻ لڏي.

4. چئي "منٺار" تي پت منهنجي،
مون تلقين اصل وٽي تنهنجي،
ڪر ٻاجهه مهرباني پنهنجي،
منهنجي ٻانهن ٿهارن کي ڪيم ڏي.

ڪافي. 320

ٿلهه: بيپرواهه تو سلطانيءَ تي، حج ڪير ڪندو يارانيءَ تي.

1. منصور سوريءَ تي چڙهايو تو، سليمان کي تخت ڇوڙايو تو،
ابراهيم آڙاهه ۾ آڻايو تو، اسماعيل کهايئه قربانيءَ تي.

---

[1] شادي ڪري.

2. شمس جو چمر لهرايو تو، يونس مڇيءَ منجهہ پايو تو،
يوسف کي کوهہ ۾ وجهايو تو، ڪيئي ڪيڏو قصور ڪنعاني تي.

3. ذڪر يا نبي چيرايو تو، حسن زهر سين مارايو تو،
۽ حسين شهيد ڪرايو تو، اهو ڪيڙ‍ءِ ناز نورانيءَ تي.

4. چئي "منٺار" منهنجي زاري، مون ڪئي توبهہ ڳل پائي ڳاري،
گهران لطف توڪان هر بار باري! من ٻاجهہ پوئي هن ٻانهيءَ تي.

ڪافي. 321

ٿلهہ: تنهنجي ڪائي ڪائي ريت قهاري آ.
منهنجي توبهہ توبهہ زاري آ.

1. آدم حوا ڪان دور ڪيئہ،
ڪڍي بهشتئو ڏينهون ڏور ڪيئہ،
منجهہ ورهہ انهي وهلور ڪيئہ،
رهي مغرب حوا ويچاري آ.

2. ابراهيم چڙهايئہ آڙاهہ مٿي،
ڪيئہ خفت خليل الله مٿي،
آيو ڪات ذبيح الله مٿي،
اسماعيل امر برداري آ.

3. زڪريا نبي وڍجي ويو،
يوسف مصر منجهہ قيد ٿيو،
يونس مڇيءَ جي پيٽ پيو،
ايوب ڪئي بيماري آ.

4. حسين جو شان ڪئي ڪيڏو،
جنهن جو جوڙ نہ جيس پيو جيڏو،
وري حڪم ڪرائي متس هيڏو،
ڪربلا ۾ قيامت ڪاري آ.

5. جڏهن اُن سين بہ تو اينهين ڪيڙو،
تڏهن بانور ڪير ڪندو بيڙو،
ويساهہ حجت وارو ويڙو،
سب ساعت بي اعتباري آ.

6. چئي "منٺار" تو مالڪ جي،
مون کي خبر نٿي پئي خالق جي،
آهي رمز ڳجهي تو رازق جي،
هاڻ اگ پوءِ تنهنجي اختياري آ.

ڪافي. 322

تلهہ: سڪ وارن کي سو سور اچن، لاءِ واڍ وڙين وهلور اچن.

1. منصور مرد انالحق چيو،
جت شرع وارن اچي شور بڌو،
وس قاضين جو نہ هليو تي ڪو،
پر عاشقن لاءِ انبور اچن.

2. فرهاد جبل کي قوڙيو تي،
ان شير شيرين کي ووڙيو تي،
اهو مرد ڪنهن نہ بي موڙيو تي،
پر پتنگ پچن جڏهن پور اچن.

Scanned with CamScanner

3. تڏهن عشق سنيان[1] تي آيو هو،
تڏهن لاڳاپو اُن لاهيو هو،
وري جوان جٺيون تنهن پايو هو،
توڙي مهڻن جا مزڪور اچن.

4. اُهي پرت رهيا تي پوريءَ تي،
هٿا محبت جي منظوريءَ تي،
سر صوفيءَ جو هو سوريءَ تي،
اِهي ڪتلن لاءِ قصور اچن.

5. چئي "منٺار" مشتاقن تي،
بهتانا بار اچن اُن تي،
سو سور عتاب عشاقن تي،
ڪريو درد لکين دستور اچن.

ڪافي. 323

تلهه: بيپرواهه تون بادشاهه سندم،
ڪج لطف ٿيجان همراهه سندم.

1. تون رحيم ڪريم غفور آهين،
تون صمد سبحان شڪور آهين،
تون نافع خالق نور آهين،
تون رب رحمان الله سندم.

2. تون جل جلا جبار آهين،
تون قادر قيوم قهار آهين،
تون ساتر سميع ستار آهين،
تون بخشج ڏوهه گناهه سندم.

---

[1] شيخ سعان.

3. تنهنجـو نـالو رب جليـل آهـي،
تنهنجـي امـر ۾ عزرائيـل آهـي،
مـون کي ڏڙکو انجـو دليـل آهـي،
اهـو سـولو نـي مـن سـاهـ سـندم.

4. چئـي "منٺـار" مدايـون هـي،
منهنجيـون خـاوند! بخش خطـائون هـي،
ڍڪ عيـب سـندم اگلايـون هـي،
رک پـردو پـوش پناهـ سـندم.

ڪافي. 324

تلهه: رک ڀرم اڇي مون بدڪاريءَ جو،
پنهنجو شان سچائي سرداريءَ جو.

1. تنهنجـو شـافي مـالڪ شـان ڪيـو،
معـراج گهرائـي ايءَ مـان ڪيـو،
سـڀ اُمـت جـو اڳـواڻ ڪيـو،
توکـي پـانور ڪـل اختيـاريءَ جـو.

2. توکـي خـاوند خليفـو خـاص ڪيـو،
توکـي پـاڪ ڏاڍي ڪٽـي پـاس ڪيـو،
ڪلمـو توتـي رب راس ڪيـو،
تـون آهيـن ضـامن اُمـت سـاريءَ جـو.

3. تـو ڪـرم جنـي سـان هئـا ڪيـڙا،
ڪـدي ڪفـر منجهـان سي تـو نيـڙا،
وجـي وحـدت ۾ واصـل ٿيئـڙا،
جڏهن ڪيئي نظر مهر موچاريءَ جو.

4. چئـي "منٺـار" مـون ڏوهـ ڪيـڙا،
مـون ڪـان ڪـر زبـون گهڻـا ٿيئـڙا،
ڪيئـن پـاپ پلانـد منهنجـي پيئـڙا،
تـوريءَ نـه بلـو چوڻڪـاريءَ جـو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 325

تلھ: پنھنجي وعدي کي نہ وسارج تون،
اُھو قول ڪيل ننگ پارج تون.

1. منھنجي مارڻ لاءِ ھزار مڙيا،
رکي وير دشمن ڏاڍي چوھہ چڙيا،
اڃي ويجھا پيام تہ ڇاڻ وڙھيا،
اھي مڙيئي ملول مون ڪان ٽارج تون.

2. پيو نہ وسيلو واھہ منھنجي،
وئي ساري مون ڪان رند راھہ منھنجي،
ھاڻي تو ريءَ ناھي ڀي آگاھہ منھنجي،
ھاڻي تار منجھان مون کي تارج تون.

3. سڻ سوال سگھو ھيءَ دانھن منھنجي،
آھي ڪوڪ پڪار تو ڏانھن منھنجي،
اچي ٻاجھہ ڪري وٺ ٻانھن منھنجي،
ھن سام پيل کي سڌارج تون.

4. چئي "منٺار" تي ماڙ منھنجي،
آھي تو ڏي مراد مھاڙ منھنجي،
ھيءَ ٻيڙيءَ چڪڻ مان چاڙھہ منھنجي،
اھي اوڪا گھيڙ اڪارج تون.

ڪافي. 326

تلھ: ڪر يار! منھنجي تل يادگيري، اڃان آئون نہ مليس آئي اخيري.

1. توکي سارندي ۽ سنڀاريندي،
وئي عمر لنگھي اوساريندي،
اڃي نماڻي تيس نيھاريندي،
ڪائي ڪانہ ڏنيئي دم دلڌيري.

2. مون کي پرت ناھي اڪلھہ واري،
آھي تانگھہ پياس اصل واري،
ناھي جاءِ عقل اٽڪل واري،
مون سڪ سر جي جڏھن ھئي صغيري.

3. منهنجو ملڻ نجهان ٿيندو نہ ٿيندو،
توکي ترس الاجي ايندو نہ ايندو،
ناهي ساهہ تي ويساهہ جو ويندو بہ ويندو،
دل هول اٿم اِها دلگيري.

4. چئي "منٺار" ڏس حال منهنجو،
سڻ سوال سندم احوال منهنجو،
ٿيو جيئڻ تمام جنجال منهنجو،
رهيا پويان پساهہ بلڪل پيري.

ڪافي. 327

تلهہ: تون تان پرين پرڏيهہ ڏي وڃ نہ وري،
مون کي جي نہ مليون تہ پوءِ آئون ويندسئين مري!

1. مون کي لڳي سڪ هئي صغيريءَ ۾،
آئي وڏيس فراق فقيريءَ ۾،
اڃان اٿم پياس هن پيريءَ ۾،
اڃان نظر رحم جي تون نہ ذري!

2. توکي قدر ڪڏهن پوندو منهنجو،
وڃي حال هيٺو ٿيندو منهنجو،
کهڙو ساهہ تي ويساهہ ايندو منهنجو،
رهي دل جي پياس هڪ ذوق ذري.

3. منهنجو فرياد ٻڌڻ اٿئي فرضي،
منهنجو عرض نٿو تون مڃين عرضي،
ڪوئي غرض نہ ڪيئہ منهنجي غرضي،
ڏک هول انهي ۾ هينئڙو پيو ڏري.

4. چئــي "منٺــار" منهنجــي مـــج آزي،
رهـــ نـــام الله جـــي تـــي راضـــي،
مـــن جـــي تانگهــ اجـــان نــت روز تـــازي،
ســڪ منجهــ سڙي ويــو اٿــم ماهــ ڳــري.

ڪافي. 328

تلهہ: پنهنجي خدا کي ڪيم وسار.

1. اصل اُهوئي ٻول ٻڌوئي، سو قول قالوابليٰ جي ڏينهن جو پـار.

2. ڦٽو ڪر ڀانيو خيال اجـايو، هستي هئڻ جي مئي سڀ مـار.

3. پاڻ چو پڏائين، شيخ سڏائين ۽ نسل پنهنجي جو ڪو نيم نهار.

4. نيٺ مري ويندون وجي خاڪ ٿيندون، ڏينهن دنيا جا ڇاڻ پنج چار.

5. دنيــا ســڀ فــاني حــرص حيرانــي غفلـت ۾ دم تـون ۾ گــذار.

6. اي "منٺــارا" تنهنجـا ڪـم سـارا، آهـن الله سـائين جي اختيـار.

ڪافي. 329

تلهہ: يا هادي! تون هڪدم وج نہ پري.

1. آئون تنهنجو عاشق، تـون منهنجو معشوق، توريءَ ساعت نٿي سري.

2. اچ ميان! اوري مئيءَ جي تـوري، ڪرم ڀلائـي سان قـدم ڀـري.

3. پنهنجو ننگ پارج مون سان گڏ گهارج، ڪو نالائق تي نظر ذري.

4. سهڻل سائين! لاهہ تـون جدائـي نـہ تـہ تـوريءَ "منٺـار" تـو مـري.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 330

ٿلهه: مون ڪان محبوب سائين ٿيءُ نہ جدا.

1. صورت تنهنجي موهي دل منهنجي، چاٽي ٿو خاوند هڪڙو خدا.

2. ڪيئن گهنڊ پايئہ رسڻ لڪايئہ. فڪر انهي ڪيو آهيان فنا فدا.

3. سڄڻ منهنجون دانهون وڃ نہ اڳاهون، نہ تہ مرنديس پوءِ ٿيندو مدا.

4. چئي "منٺارو" عرض ويچارو، تون سڄڻ سوال منهنجي اها سدا.

ڪافي. 331

ٿلهه: جانب! جدائي توکي نہ جڳائي، منهنجي دل کي دلبر ڏي واري دلداري.

1. هن درد دکن ۾ ڏاڍن ڏکن ۾،
هي وڃ ورهن ۾ تا چکن چاڪ چير.

2. آئون دردن ماري تون مل هڪ واري،
تہ وڃي سان بيماري ٿئي منجهہ صحت سرير.

3. هيءَ سڄوئي سيارو آرهڙ اونهارو،
۽ ساونڻ سارو هيم اوهان جي اُڪير.

4. مل "منٺار" ماندو جو پائي ٿو پلاندو،
هاڻ ٿيءُ هيڪاندو تہ لڳي سڄ اڪبر جي هير.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 332

تلهه: تون سمون ڄام سلطان منهنجي ذات مهاڻي،
تنهنجي توهه تماچي هيءَ عيبدار اگهاڻي.

1. آهي قوم اسان جي ڪر ذات ڪر هاڻي،
هڻ لائق تنهنجي لطف جو نه پرو پار پڇاڻي.

2. اڳ ڪائيندي هيس ڪکيون جي ڏنيريون ڏهاڻي،
هاڻي ڪاڻ خوشبوءِ جي سڳهان ڪين سڃاڻي.

3. جن گندگي گهرن ۾ سوهو منهنجو ڳوٺ مياڻي،
هتي هند هندورا عطر گل سرهاڻي.

4. هاڻي تو سمي جي سهاڳڻي تا سڏينم سياڻي،
رڳو محابي تو ڄام جي مون ڪي ڇون راڄ راڻي.

5. جتي وڏ گهراڻيون ويهڻ لاءِ تيون سڪن سنجهه سياڻي،
تن محلاتن ۾ مهاڻي ڪٺي ڪيئه ڏوج ڏجاڻي.

6. چئي "مننار" تون مهندا تي ڪري نياز نماڻي،
مون تي ڪر نواز تون نئين جا تيٽي ڪين پراڻي.

ڪافي. 333

تلهه: تنهنجو تخت تماچي! سليماني يا سڪندري،
آئون مڇي ڪائڪ مهاڻي آهيان گهٽ ذات گندري.

1. ڪينجهر ڪل تو ڏنو ڪٺي جاگير جنين ڪي،
سي منهنجا مائٽ مهاڻا. نه ته هئا ڪنگال قلندري.

Scanned with CamScanner

2. ننـــگر نٿـــي ۾ نٿـــول اهـــڙي هيـــس آئـــون اڳلـــي،
هـاڻي تـا چـون راڄ راڻـي مـون کـي سـهاڳڻ ۽ سندري.

3. جي هيـون سـوڳ ڪنديـون منهنجي بـاس ۽ بـؤ ڪـان،
سـا پـارئون پـرچ تـو سـندي مـون نجـس کـي نمنـدڙي.

4. چئـي "مننـار" تـو مهنـدا تـي آزيـون عـرض الايـان،
تـہ عيبـدار شـل اچـان تـو پـارس کـي پسـندڙي.

ڪافي. 334

تلهہ: ڪـارڻ ڪوهيـاري چـام جـي ڏونـگر ڏورڻ پيـو،
ڏونـگر ڏورڻ پيـوڙي اديـون! ويهـڻ وهـہ ٿيـو.

1. ڏيرن ڏاڍائي ڪري مون سان ڪيچين ڪيس ڪيو،
هو جـو پنهـون يـار پسـاهہ جـو هـن نـڏر ڪـان نيـو.

2. جهليـو پليـو ڪيـم ڪـي ائيـن جيـڏيون شـل جيـو،
ڏسيو پيـر پنهـونءَ جـو منهنجـو جتـان ور ويـو.

3. آيـل مـت مٺـيءَ ڪـي ڪـا ڏکـيءَ ڪـي ڏيـو،
تـہ وجـن واجـب ور پٺـيءَ ٻـڙي رکـو ڪـوم ريـو.

4. هـت ڪونـہ سـنياليان ڪـارڻي ريءَ ٻـاروچل پيـو،
آئون ويهان ڪنهن جي واسطي وري تلي خيـال ٿيو.

5. هـاڻ ملـڻ هدايـت مـون کـي آهـي آيـل پنـڌ اهـو،
وجي مان ملان "مننار" چئي نـہ تـہ بـہ صدق ساهہ ٿيو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 335

تلھ: سسئي جيون ڙي سرتيون! سچيون ساهيڙيون!
آئون ڪاهيندي ڪيچ ڏي، هلو مون سان پيڙيون.

1. هاڻ سانگا سکن جا ڇڏيو سرتيون! سويڙيون،
هلو تہ ڳوليون هوت کي وٺڪار ويڙهيون.

2. وڙولون تنهن واسطي هلي پڪيڙيون،
سي ويندا مان ورن تہ ڪجن ميڙيون.

3. ور ڇڏي ويهي رهڻ ڳالهيون ڳريڙيون،
ڪاهيندين کي ڪيچ جيون وسيون ٿيون نيڙيون.

4. آسون اميدون مون کي هي جيءَ ۾ جهڙيون،
مان ڏسان "منٺار" چئي آئون مرادون تهڙيون.

ڪافي. 336

تلھ: رکج حب رسول نبيءَ ڏانهن نسوري،
چئو محمد مير تي صلواة سڳوري.

1. هئڻ واري همت تي تون پر ۾ ڏي پوري،
راتو ڏينهن روئج روح ۾ ڪريو جهجهڻ ۽ جهوري.

2. تون تڪبر ايترو تي ڇوڪرين ڇوري!
هاڻ توبه جي تسبيح پڙهي ٿيءُ گهوٽ جي گهوري.

3. حجت هوت پنهون سانُ تنهنجو زور نڪا زوري،
پنهنجي پوتيءَ جو پلاند پائج ڳچيءَ ۾ ڳوري.

Scanned with CamScanner

راڳڻي پيروي

4. هاڻ نياز نماڻو ڪري تيءَ ڏونگر ۾ ڏوري،
من ترس تنهين کي پوي نہ تہ تون ڪچي ڪوري.

5. هلج هيڏانئيءَ سين پڙي نحس نڌوري،
وڃي من ملين "منٺار" چئي تئين ساٿس سڌوري.

ڪافي. 337

تلهہ: جن منجهان جهڙي مون کي آندو اتئي عمر!
تن مارن منهنجي ڪانہ ڪئي وري ڪائڙين خبر.

1. هيڪاري ان هول ۾ گهڻا تيا گونڌر،
هوم انهن جو آسرو منهنجي ڪانہ لڌائون ڪر.

2. قسمت قيد الماءَ تيو الست جا اکر،
آئون قابو تيس ڪوٽ ۾ هو تاريلا منجهہ ٿر.

3. مون نہ وٺن ماڙيون، تنهنجا ڪوٽ پيا قصر،
ساريان تي سرير ۾ تن گاموين جا گهر.

4. تنهنجا سون رپا سومرا مون کي زيور تيا زهر،
هوءِ ڪتيون ڪاٿڙ ملڪ جيون پيا سيبائيم سگر.

5. هڪ تہ ڪلف ڪڙا ڪوٽ کي پيا نوڪر متي در،
آئون جي هجان وس پانهنجي تہ وڃان منجهہ وڳر.

6. هن مشڪل ۾ "منٺار" چئي تي سنڀاليان سرور،
من مون کي ني مليرم سو هاشمي هيڪر!

Scanned with CamScanner

ڪافي. 338

تلهه: عمر! عيش عشرتون ڪري نه مارئي،
پير تنهنجي پلنگ تي ڏري نه مارئي.

1. واٽ بنا وطن جي وري نه مارئي،
پلاءَ ڏسي پسيءَ ڪان ٺري نه مارئي.

2. تنهنجا ڪائڻ ڪائي ڪٺڻ تي ڪري نه مارئي،
تنهنجي سون مٺي سومرا! مري نه مارئي.

3. هاڪارو هن ڳالهه جو پري نه مارئي،
پلڪ تئي پنوهار ڪان پري نه مارئي.

4. ماڙن ۾ "منٺار" چئي ٺري نه مارئي،
بنا ماڳ مليرجي جهر جري نه مارئي.

ڪافي. 339

تلهه: ڪٺيا مون ڪوٽن ۾ راتيون ڏينهن روئي،
ڏني جا ڏاڏاڻن سان لڄي تيئي ۾ لوئي.

1. هي تقدير توڙئون منهنجي حق ۾ هوئي،
وس ڪونه هليو مون ڪاٽياريءَ جو ڪوئي.

2. جي ڏسان ماڳ ڏاڏاڻون مليرمڙوئي،
ته تي هيڪاندي هجر ۾ هوند لاهيان داغ ڌوئي.

3. ڏوراپا ڏوٽين ڏي منجهان هوند چوئي،
جو مڪائون ڪانه مان ڏي وري ڏورن جي ڏوئي.

4. چئي "منٺار" مگيندو اٺم ڪيت اهوئي،
پرٽي نيندو پنواهر ڪي ساٽيهه منجهه سوئي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 340

تلهه: مون کي نه سيبائي هيءَ عمرڪوٽ تنهنجو،
هوجي جهوپڙا جهنگن ۾ آهي اهو ڳوٺ منهنجو.

1. تنهنجا طعام حلوا آئون ڪڏهن ڪين کائيندس،
هو جا ماني مکڻيءَ جي سو چڱو روٽ منهنجو.

2. تنهنجون محل ماڙيون مونکي نه سيباڻيون،
هو جو پکو اڏيل پن جو سو اجهو اوٽ منهنجو.

3. تون ظالم ظلم جو آئون توکي ڪين قبوليان،
جو نالي ڪيت ڪاٽڙيو سو آهي گهوٽ منهنجو.

4. چئي "منٺار" ظالم شمر ۽ يزيد تي،
لفظ لعنت جو آهي چوڻ ڦوٽ منهنجو.

ڪافي. 341

تلهه: عمر! منهنجا اباڻا ڏوٿي ڏور ويڙا،
ڪائر مان ڪٿي لڏا تنهنجي سور ويڙا.

1. حاڪم تنهنجي هول ڪان تي وهلور ويڙا،
ظالم تنهنجي ظلم ڪان دهڪي دور ويڙا.

2. تنهنجو ڏسي ڏمر ڏاڍائي پوءِ ضرور ويڙا،
جي رعيت تو نه رنجائي ته نه مارو مور ويڙا.

3. جتي قحط ڪونهي اتي اسور ويڙا،
ڏٺوڏي تنهن دهه ڏي اُن دستور ويڙا.

4. چوي "منٺار" محمد جي حضور ويڙا،
معافي جي ملڪ ڏي تي منظور ويڙا.

راڳڻي پيروي

ڪافي. 342

تلھ: مارو چار منهنجو عمر! هاڻ ايندو،
ڪڏي هن ڪوٺن مان مون کي وٺي وطن ويندو.

1. مون بنديائي جو برحال سڌ صاب پيندو،
واهر پاڻ وسيلو مون تاريليءَ جو ٿيندو.

2. آئون جنهن جي آهيان سو ڇني نا ڇڏيندو،
پلئه لائي پنهنجي مون کي ننگ پال ٿيندو.

3. مون دلاسا دلگير کي اچي ڏي پاڻ ڏيندو،
لاتقنطو من رحمة الله اهو چڱو فال چيندو.

4. سو "منٺار" کي معافي ڪل ڏوهه ڪيندو،
اها آس مون کي ته پنوهار پرڙيندو.

ڪافي. 343

تلھ: منجهه قرآن هيءُ بيان سو فرمان مالڪن،
فاذڪروني اذڪرڪم، هي عزت ذاڪرن.

1. سا هه پساهه سين ارواح چيئه الله آدامن،
جيءُ جواب پاڻ جبار چوي ٻاجهايو ٻانهن.

2. سان دمن هزارن چوريهن جي چون،
ته وڏا ڀاڳ تن سياڳ سو سهاڳ تا ٿين.

3. شريعت طريقت حقيقت کي رسن،
معرفت مڪان جو ميدان سي ڏسن.

4. اي "منٺار" سان اعتبار چئه الله جي اسمن،
ته هجئي خير ٿيئي سير منجهه وجود ولايتن.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 344

تلهہ: شاھہ رانجهن تخت هزاري دا، تسان سمجهو سر سرداري دا.

1. نـاهي مـزور محبـوب ميـڏا، خـاوند مـالڪ خـوب ميـڏا،
آيا ويس متا مطلوب ميڏا، اتون والي هي عـالم سـاري دا.

2. نهين چاڪ چوچڪ دا چاڪر، ڏيوي امداد عالم ڪون آڌر،
آيا وڏائي دا نـانءِ متـا ڪـر، اتـون لاتـس نينهـڙا نظـاري دا.

3. تسـان سمجهـو سيان! سـاليان، رمـزان نـا رانجهـن واليـان،
اُلـٽ انهينديـان چاليـان، ايجهـا پـوش دلـق دلـداري دا.

4. "منشـار" دا مرشـد مـاهي، اعلـيٰ افضـل نـور الاهـي،
شـان انهينـدا شهنشـاهي، قسـم پروردگـاري دا.

ڪافي. 345

تلهہ: وڏي ولايـت ويـا، سـي وڻجـارا نـہ ورن، اي ميـان!
وجـي اُت ويهـي رهيـا، تـي سـاريان سـاموندين.

1. پسـند پرڏيهـہ ڪيـائون وٽيـن مڪـان اُهـو،
مـون ڪـي هـت ڪوهـہ ڇڏيئون اتـر ارمـان اُهـو،
اي ميان! رئيو ويٺي روئان، تا اڪين مان لڙڪ اچن.

2. نيشـانيون مـون وٽ اجـا جـي رڳيـون پوئتـي رهيـون،
سـي وچاٽـان سـيجون سـندين پراڻيـون تيـن پيـون،
اي ميان! سئي سر انجاميون ڏسي آئون ڏہري ڪيس ڏکن.

3. تن ساموندين کان سواءِ مون ڪي ڏکيا ڏينهن لنگهيا،
اونهـارا سـانوڻ سيارا لکـون سـيءَ مينهـن لنگهيـا،
اي ميان! گذري ورهہ ويا، مون ڪي نئيـن سج سور سندن.

4. ڇئي "منٺار" مون کي تن ڳالهڙين ڳاريو،
جي وقت وڃڻ جي کيون ساڻ سلوڪ ساريو،
اي ميان! اي حرف حجي کريان تہ ٿا پلپل پور پون.

ڪافي. 346

ٿلهہ: سڻ عرض واسطي الله جي، نيازِ رسول الله جي.

1. واٽ سنئين تي واحد واري، ڪلمي جي ايمان سين ماري،
هلان محمد ڏانهن موچاري، پنڌ رمان تنهن راهہ جي.

2. شيطان جي لهي گمراهي، حضرت شاهہ جي ٿئي همراهي،
اوجر ڏي تان لهي اونداهي، نظر ساڻ نگاهہ جي.

3. الله آس پچائيندو، محمد ساڻ ملائيندو،
تنهن مجلس منجهہ مرڪائيندو، مهندا منور ماهہ جي.

4. ملي فقيري "منٺار" کي، آسيءَ عرضدار کي،
سوالي سڪٺار کي، حرمت حضرت شاهہ جي.

راڳڻي نوري

ڪافي. 347

ٿلهہ: آئون بنديائي وڃان قسمت کان تي کاڏي،
اي ميان لکين ميارون ٽيڙيون ماڙيچن جون مانڊي.

1. قسمت قيد سندا مئي کي پيند پيا،
حرف هزارين مئي تي تاريلن جا ٿيا،
اي ميان کيئن کريان قلم لکيو امر سندم کنهن آڏي.

2. هار هسيون ۾ حلوا آئون نه قبول كنديس،
ڏاڏاڻن جي ڏهي پاڪ ڏٿي كان پننديس،
اي ميان مولا پيار مهي چاچاڻن جي چاڏي.

3. آزيون عرض لكين قادر رب كي كريان،
آسون اميدون اجان دل ۾ روز ڌريان،
اي ميان شال وجي آئون گڏبيس، پاڙي پنهنجي ڏاڏي.

4. چئي "منٺار" مون كي مارو مير ملي،
پرچي پاڻ پنهوهار مٺيءَ سان كيت كلي،
اي ميان لهنديس شال تنهين لائون ساڻ لاڏي.

كافي. 348

تلهه: كيم ككيون كاريون، مهاٽي آهيان،
محبت چام جي مان ڏي، پلاٽي تي پانئيان.

1. هن رنگ محل رتول ۾، پنهنجي دل وينجهائيان،
نه هي پوشاكون هٽ كنهن جي سان، تي هنڊائيان.

2. منهنجي توبهه تماچيءَ اڳيان، حج نا هلايان،
شراكتي شاهه سين، سينو نه ساهيان.

3. آئون كل كنان كمذات، پاڻ كيئن پڏائيان،
كٿي سمي سياڳي كيس، سا ڳالهه ڳائيان.

4. هيءَ توهه تماچيءَ كيو، نه ته چلر چاهيان،
مكان متاهون مليو، جنهن جي لائق ناهيان.

5. آئون مي آهيان "منٺار" سمي چو سڏائيان،
هاڻ نياز نماٽو، كيو ڳل پاند پائيان.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 349

تلهه: تنهن مهاڻي کي ميان! گندري چوڻ گناهه،
جنهن تي ڇام تماچي، ٽيئي ڇڪن بادشاهه.

1. ڪم ڪسب تنهن سندا، تون نظر ۾ نه آڻ،
جنهن جي محابي، ٽين مياڻيون مباح.

2. ڪوجها ڪم ڪوهه ڪندا، عيب اُنهين کي،
جنهن مٿي جاگير ڏٺيءَ، پاڻ ڪيو پناهه.

3. تخت نمي، بخت نمي، سمون ڪن سلام،
ملڪ ڏٺي ڪيو مٿس، نواز جو نگاهه.

4. اي "منٺار"! هن مثال کي، صحيح ڪري سڃاڻ،
هوندا تهين جا تابعدار بيا، عاشق جنهن تي الله.

ڪافي. 250

تلهه: جيئن نوازي نوري ڪيئي، مٿي مهاڻي،
مون کي تيئن تماچي ڄام، رنگ محل ۾ رساڻي.

1. پنهنجي پليتيءَ ۾، آئون لائق لڄاڻي،
هاڻ ڏي پلئه ته پاڪ ٿيان، وجي نوري نماڻي.

2. آئون اصل ڪان آهيان، ميان! عيبن هاڻي،
اڇي نواز ته ٿيان نئين، نه ته پاند پراڻي.

3. ڳالهه ڳايان ڪيتري تنهنجو قرب ڪهاڻي،
لائق تنهنجي لطف جو، پرو نه پڇاڻي.

4. جيڪا توکي تماچي وڻي، آهي اها اڳهاڻي،
مون کي من ڪرين "منٺار" ڇئي، تن راڻين مان راڻي.

راڳڻي نوري

ڪافي. 351

ٿلهه: يار پيارا! جي جيارا! نجهان ڪڏهن ملندون مون ڪي منٺارا وو!

1 سڄڻ اوهان کي سڪان پيئي ساريان، ڪريو يادگيريون هنجون هٽ هاريان،
نت پيئي وهايان، منجهان نيڻ نارا وو.

2. ساريان سنڀاريان صورت تنهنجي، سا ڪيئن وسري جنهن تي دل منهنجي،
ڏک ۾ گذاريم، تو دلبر ڏاران وو.

3. آيم الستؤن عمر ڏکن ۾، وجي آئون پيئڙيس سڪ جي سورن ۾،
اچي مون تي ڪيڙا، ورهين وارا وو.

4. چئي "منٺار" ته رب ڪندو ميلو، سڄڻ اوهان سان صاحب سويلو،
ويندا وڇوڙي جا، گوندر سارا وو.

تار ڪلواڙو

راڳڻي لوڙائو

ڪافي. 352

ٿلهه: ڪڏهن يار ملنديس، لاهي سڀ جدائي،
مون سڪ ته ونڊي جا سٽي، سوال سائين وو.

1. اچن يادگيريون دم دم دوست تنهنجون،
سڪندي سڪندي مون عمر وهائي وو.

2. سڪندي ني سڪندي، ڪئين سال لنگهي ويا،
نامي ڏٺي جي ديدار ديکائي وو.

3. سڪان روز ساريان، ڪڏهن ڪانڌ ايندين،
شل پيرَ پياسين جي، اڱڻ تي پائي وو.

4. اتم ڏاڍو آسرو، ته اجهو يار ايندون،
مون کي "منٺار" چئي، اجا اميد اهائي وو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 353

تلهه: پلي ڪري پيار، آيون ادا پانڌي پيارا،
تو کو ڏٺو هو منهنجي منٺار ڪي وو.

1. اڇي ڪر ڳالهيون مون سان پرين واليون،
وو ڪڏ ڪتابت ڪٺي، اُپڻ اظهار ڪي وو.

2. آئون جا ويچاري، دردن ماري،
ۀ ورهہ لڳو اڻم، ساري وار وار ڪي وو.

3. هن منهنجي حال جي، ۀ خبر خيال جي،
ۀ پر ۾ پڇيئي ڪا، پيارل يار ڪي وو.

4. چئو ڪڏهن يار ايندو، ڪي منهنجو ملڻ ٿيندو،
منگي "منٺار" تو، جنهن جي ديدار ڪي وو.

ڪافي. 354

تلهه: ياد پون ٿيون من تن دل ۾، ڳڻ تہ سڄڻ جون ڳالهڙيون وو.

1. صحبت سندين ساريان سنياريان، محبت من تان مور نہ وساريان.
چت تي چڙهن سندين چالڙيون وو.

2. پانڌي پرين جو نجهان ڪڏهن ايندو، دل کي دلاسو اچي ڏڍ ڏيندو،
روز منديان تي هت ڦالڙيون وو.

3. الله آئيندو سندن ساٿاري، اُن ڪي اکين ۾ ڏيندس پاٿاري،
مون کي من سٺائي ڪي مقالڙيون وو.

4. چئي "منٺار" آئون آهيان اُداسي، پسڻ پرينءَ جي لاءِ پياسي،
نجهان ڪڏهن لهندا سنڀالڙيون وو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 355

ٿلهه: پرين سانگ پنهنجي وٺان، مون وجين ٿو،
پر ايڏيون اڻ واجب مون تي، رک نه ميارون وو.

1. اصل اوهان سان جا محبت منهنجي، سا رهي دل روح تي طالب تان تنهنجي،
ميخون منهنجي من ۾، پيون تن منجهه تارون وو.

2. ڏونگر اوهان لئه ڏسيون ڏوريم، گهيڙ گهڻيون سڀ گهميو گهوريم،
قرب ڪرايم هي ڪشالا ڪارون وو.

3. جابر زوراور بي غرضو آهين، ترس نه توکي جو پاڻ پسائين،
پيو ناهي ديدار ريءَ منهنجي درد جو دارون وو.

4. چئي "منٺار" جيڪا تنهنجي مرضي، ڪرڻ نه واجب حج جي عرضي،
پر سگهڙو لهج ڪي سنديم سنيارون وو.

ڪافي. 356

ٿلهه: سڄڻ سهاڳي مون ڪي ڪرم ڏهاڳي،
آئون تنهنجي اڳيان آهيان انتظار.

1. دوست پيارا! منهنجا دلدار! اچي مل يار هادي هڪوار.

2. سڪ سورن ۾ ڏاڍن ڏکن ۾ درد دکن ۾ ويم چمار.

3. آئون جا ويچاري دردن ماري، توبهه زاري سڻ پڪار.

4. دلبر سهڻا، قلبن کهڻا، مل من مهڻا ڪي "منٺار".

ڪافي. 357

تلھ: وس تہ پنھنجي ڪان ويس ويچاري،
ٿيس غلام، تنھنجي آھي اختياري وو.

1. اھي تنھن جون چاليون، عبرت واليون،
ڪيئي جي ڳالھيون، تن ماٺن ماري وو.

2. عاجز آھيان سينو ڪيئن ساھيان،
حج نہ ھلايان، توبھ منھنجي زاري وو.

3. سٺو منھنجي آزي، بندگي نيازي،
ٿئين من راضي، ڏج ڪا دلداري وو.

4. "منٺار" مدامي سنڌ سلامي،
مجي تو غلامي، ڳچيءَ ۾ ڳاري وو.

ڪافي. 358

تلھ: لڳا وڃي يار سان، دوست دلدار سان،
نيڻ نماڻا، تنھن سھڻي سردار سان وو.

1. دوست دل نيڙي، قابو وڃي ڪيڙي،
آئون بيوس ٿيئڙي، ڪنھن عجب اسرار سان وو.

2. آئون جا ويچاري، محبت ماري،
توبھ منھنجي زاري، صورت جي سينگار سان وو.

3. حڪم بڻي ويو، دلڙي ڪٺي ويو،
ھينئڙو ھٺي ويو، جھٽي جھلڪار سان وو.

4. اتر ارادون، من جون مرادون،
ٿينديون دل شادون، جي مليس "منٺار" سان وو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 359

ٿلهہ: دلبر جاني! ڪر احساني، نام خدا جي مانڏي هيڪر نهار.

1. رسڻ لڳايئي، اهو رخ آيئي، گهونگهٽ پايئي، سو منهن ڏيکار.

2. سڻ منهنجيون آريون، بندگيون نيازيون، چڪيم بازيون، تنهنجي چمان پيزار.

3. جيهي جي آئون تيهي، پناري پيئي، مون کي ڏي ڏيئي، منهنجي سڪ کي سڏار.

4. چئي "منٺارو" عرض ويچارو، تيءَ دلدارو، مون کي درشن ڪار.

ڪافي. 360

ٿلهہ: اتم سنائو سور، هاءِ هاءِ جيجل! تن جوڳيئڙن جو.

1. ڏيئي ويا مون ڏکيءَ کي وو، ويراڳي وهلور هاءِ هاءِ!

2. مون تي راول رنج رکي ويا وو، ڪاپڙيا ڪو قصور هاءِ هاءِ.

3. اُتي هليا هنگلاج ڏي وو، اچي پيو پوربين کي پور هاءِ هاءِ.

4. مون کي تہ ڪيو "منٺار" چوي، چالين سندين چڪچور هاءِ هاءِ.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 361

تلهہ: سوڍل سهڻا! ميان من مهڻا! رس ۾ رسڻ تنهنجو،
مئي ءَ ڪي تو ماري.

1. اڄ تہ توڪي آئون ڪنديس آزيون، لک لک پيرا نميو نيازيون،
پائي پاند ڳچيءَ ۾، آئون پوندي پناري.

2. ڇاڪان رسي وئين منهنجا راڻا! باغ باغيچا ڪاڪ جا ڪو ماڻا،
قتل محل اڄي وسائج واري.

3. سڻ منهنجيون دانهون، وڄ نہ اڱاهون، اسم الله جي اڄ تون اوراهون،
پرچ پيارا، پنهنجي ننگ ڏي نهاري.

4. چئي "منٺار" تنهنجي آئون ماڻن ماري، رئندي رئندي مون راتڙي گذاري،
غم ڳتي مئيءَ کي، هيءَ گوندر ڳاري.

ڪافي. 362

تلهہ: ماروئڙن لاءِ تي دل ماندي، وو پنهوارن جا موتج پانڌي.

1. محبت مارن جي ڪيئن متيان، بيوس ڪوٽن ۾ تي ڪتيان،
وو آهيان بندياڻي جيئن ڪر باندي.

2. مون ور مارو ساڳيو سوئي، ٻيو ڪونہ متائي ڪنديس ڪوئي،
وو امر الست جي آئون هت آندي.

3. پٽ پٽيهر ڪين پهرينديس، ۽ لوئي لڱن تان آئون نہ لاهينديس،
وو سون نہ پايان، چوڙا ۽ چاندي.

4. ڪا "منٺار" جي سک سانگين ڏي، متن مارن ۽ ماڙيچن ڏي،
وو ماڳ مليرِ ۾ تيان هيڪاندي.

Scanned with CamScanner

تار تين تار

ڪافي. 363

تلهه: سانگيئڙن ڪي تي دل سري، وو بندخاني ۾ ڳڻتي ڀاري.

1. بيوس ڦاتي آهيان بند ۾، پير ڪڙولو ڦابو ڪنڌ ۾،
وو حال وجايم هنجون هاري.

2. ماريس دشمن جي آئون دڙڪن، ڦڦڙ جيرا تا منهنجا ڦڙڪن،
وو تابش تنهنجي تي ڏيل ڏاري.

3. اتم آسرو پنهنجي پير جو، مُرشد منهنجي مڪمل مير جو،
تان ڏاڏاڻو ڏيهه من ڏيڪاري.

4. صاحب سانگيئڙن ساڻ سويلو، ڪو "منٺار"جو تون ڪج ميلو،
وو ويڙهه وطن ۾ هيڪر واري.

ڪافي. 364

تلهه: ڪاهوڙين جو آيم خابرو، تان وڻو ويڙهيچن جو ملڪ مليرِ.

1. اوڻي اباڻن جو اڄ آيو، صحي سنيهو ان سڻائيو،
وو هنجون هاريم ۽ نيٽين نير.

2. هت منهنجيون سرتيون ساهيڙيون، ويڙهه وطن ۾ پڻن پيڙيون،
وو پين پنهواريون خوشيان ڪير.

3. اڪنڊ اباڻن جي مونکي آهي، ڪلف قيدن جا تون ڇڏ لاهي،
وو نيئر نماڻيءَ جو توڙ زنجير.

4. سڪ سانگين جي آهي"منٺار" کي، مان ملائي مون سڪڻ هار کي،
وو ساڻ پنهوارن منهنجو پير.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 365

ٿلهه: آهن اسان جا سيڻ سنگهار، عيب لقب مون کي لاءِ م عمر!

1. وڙ نہ وڃايان، سون نہ پايان، آئون ڪيئن لاهيان، تن مارن جي ميار.

2. ڪٿيون هنڊائين، پٽ ڪين پائين، ڪنپيون جي ڪائين، ڇڏ ان جي پچار.

3. سانگيئڙا ساريم، هنجون هتي هاريم، دم نہ ڳذاريم ان ڪوءُ ڏار.

4. اسين اڏيون اوٺن، ساڻ سئوٽن، ڪڍ منجهان ڪوٺن ڪي منٺار.

ڪافي. 366

ٿلهه: سيج بندن کي آئون نہ سڃاڻان، واري اسان جا آهن وڃاڻان.

1. عرض اوهان کي، تہ آڇ نہ مونکي، عيب اسان کي تنهنجا هنڌ ۾ وهاڻا.

2. نيٺ مري ويندي‌س، قبر ۾ پونديس، وڃي خاڪ ٿينديس مرڻ پڇاڻا.

3. رضا مڃينديس، ٻيو ڪانڌ نہ ڪنديس، وڃي ڏسنديس اڪين اباڻا.

4. چئي "منٺارو" آهيان آئون ويچارو، ٿيندم ڇوٽڪارو ڪڏهن نہ ڄاڻان؟

ڪافي. 367

ٿلهه: ڪام ڪج وائي وسارڻ جي وو مون سان ڪج پريت جي پارڻ جي.

1. آئون آهيان تنهنجي ڳولي، منهنجي اها ٻولي، اسم الله جو جهليان ٿي جهولي.
ع گهران سڪ سنگت سڌارڻ جي.

2. ٻرج ٻيارا، مون سان دلدار! آئون ٿي ڪريان آزيون، پايان ڳچيءَ ڳارا،
ع رک نہ ميار منهنجي مارڻ جي.

راڳڻي جهنگلو

3. آئون آهيان تنهنجو سوالي سائل صدائي، اتم اندر ۾ اميد اهائي تار تين تار
ٿو توسان گڏ عمر گذارڻ جي.

4. تون ڪا "منٺار" ڏي مون عرض دار ڏي، سدا مند ساجن مون سڪڻهار ڏي
ڪج ڪا نواز نهارڻ جي.

ڪافي. 368

تلهه: جڏهن نوبت پنهنجي نينهن جي لڳيم، سک سمهي پوءِ ننڊ ڪانه ڪيم.

1. توکي ساريندي ۽ سنڀاريندي، ويئي عمر لنگهي اوساريندي،
ٻي تات سرت سمجهه، سڀ وسري ويم.

2. آهيان دک ماري آئون جا ويچاري، منهنجي ڪانه ڪيانءِ هت پوئواري،
انهيءَ ڏس تہ ڏکن منجهہ ڏينهڙا ٽيم.

3. هن سورن جي نڪورن جي، مونکي خبر نہ هئي وهلورن جي،
جڏهن پرت لڳيم، تڏهن پرک پيم.

4. "منٺار" دردن واري کي، هٿي ٻاڻ حسن جو ويچاري کي،
مچ محبت جا تا کن جوش جيئم.

ڪافي. 369

تلهه: ڳجهيون يار! تو ساڻ منهنجيون آهن ڳالهيون،
توريءَ ڪين ڪنديس، دل من واليون.

1. آئون جا ويچاري ڪنهن مهميز ماري، تنهنجي رمز عجب ويچار واري،
چڪچور ٿي آهيان، ڏسي تنهنجيون چاليون.

2 آئون ٿي ڪريان زاريون، سڻ منهنجي ساريون، پايئي زلفن جون ڳل ڳاريون،
قابو ڪمند وڌئي، ڪي دامون دواليون.

3 تنهنجون ڪان ڪجليون ڪن تيز تجليون جيئن ڪر بادل جون اون تجليون
ٿهري ڪيفن واريون، ڪيفي ڪماليون.

4. تو منجهه اهڙيون اکيون منهنجي رب رکيون، سي تلوارين کان تحقيق تکيون
تيون مارين "منٺار" ڪي اهي ديدون دناليون.

ڪافي. 370

تلهه: اٿم يادگيري سهڻا يار تنهنجي، دل درد واريءَ ڪي درڪار
تنهنجي.

1 تو جي پاتيون جهاتيون ڪجليون جيون ڪاتيون هلان حڪم ڪري ڇني ويون ڇاتيون
جر جان ۾ لڳي طلب تار تنهنجي.

2 تنهنجي صورت سهڻي، منهنجي من موهڻي، ڪاتي ڪجلين جي قلبن ڪهڻي،
ٻڇي ٻاڻ لڳي منجهان ديدار تنهنجي.

3. منهنجو حال ۽ احوال اٿئي احوال اهو، مل ڪرم ڪري سڻ احوال اهو،
پسان پاڪ پيشاني آئون هر وار تنهنجي.

4. سنجهه صبح ورنهه منجهه روح تنهنجي، من مست ٿيو، سنڀالي سونهن تنهنجي،
وائي مور نه وساري ڪا "منٺار" تنهنجي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 371

ٿلهه: منهنجا يار محبوب ڪي ڏيج سلام، ڇي ملهه جاخريد تنهنجا آهيون غلام.

1. آئون تي ڪريان آزيون انتظاري، مجيا مدامي سر برداري،
چي رانجهو! رسڻ جي تون مون سان ڪج ڪام.

2. تنهنجا آهن اسان ڏي حرف حسابي، منهنجون مدايون مڙيئي ڪر معافي،
چي رنج ڪو م رکج مون تي الله جي نام.

3. تنهنجي طلب ۾ آئون ٿي ڏينهن ڪٽيان، محبت اوهان جي مور نه مٽيان،
مئي پڇاڻان پي اندر مقام.

4. سڪان سدا مند تنهنجي ديدار ڪي رهي ملڻ جي مراد "منٺار" ڪي،
حب هينئڙي منجهه مونکي هادي اها هام.

ڪافي. 372

ٿلهه: ملي مبارڪ اڄ مون ڪي يار جي، تيم اميد وڏي ديدار جي.

1. جڳ ۾ جنهن جي لاءِ تيس جوڳياڻي، دم نه وساريم روز ڏهاڻي،
ڇڏيم سڄڻ ري سڌ سنسار جي.

2. آهيان اصل ڪان سنديس ٻانهي، سر تہ سڄڻ تان ڪريان قرباني،
تيان پيزار سندم سردار جي.

3. آئن ٿي اڄ ڪريان سو شڪرانا، الله سائين ڪيا مون سان احسانا،
پايان پلائي پروردگار جي.

4. آهيان عجيبن لاءِ اُداسي، سڪان سدا مند، ٿيو سنياسي،
مان پڇي سا مراد "منٺار" جي.

ڪافي. 373

تلھ: جن جي طلب تات وائي اٺم وات، آئون سا انين لاءِ روئان ٿي ڏينهن رات.

1. لڳي لولي هيئين هولي اندر جندجان، هيءَ گولي سٹولي موٺي ڪندا مان، ۽ نماڻي سجاڻي نيندا پنهنجي ساٿ.

2. لڳي لوري پيئي ڏوري بيوس آهيان، مون ڪي جهوري ٻي زوري ڪيڏانهن ڪاهيان لنءِ لنءِ اندر لنوان ٿي ايءَ لات.

3. دک ماري ويچاري، روئان ٿي زارو زار، ڳل ڳاري ٻي زاري ڪريان ٿي هر وار، حج نـاهي ان سين، ڏاڍي سندين ذات.

4. "منثار" جي سار سنڀال لهندا، مهندار سردار محبوب ملندا، ننگ تو سجاڻي، رهندا مون وٽ رات.

ڪافي. 374

تلھ: اوٺي اتان ايندو ڪينئن جي خبر ڏيندو مون ڪي ملير واري وٺي ويندو.

1. بنداڻي نماڻي آهيان آئون جهل ۾، هو ساٿي سجاڻي تيندا اڇي پل ۾، آئون آهيان انهن جي، ننگ پاڻهي تن پيندو.

2. آهيان آسي اُداسي، ملان ڪي مارن، تن تاسي پياسي پسان ڪي پرين، منهنجو ميلو انهن سي، قادر ڪٽي ڪيندو.

3. مدايون خطايون مارو ڪندا معافي، چڱايون ڀلايون ڪندا جي هوءِ شافي، منهنجو مان ۽ شان، اڳيان انهن ٿيندو.

4. "منثار" چئي من ملان ڪي مارن، ڪرهن سانگين وجي ۾ وطن، منهنجا اهي عرض مولي مڃيندو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 375

ٿلهه: واهه واهه عجب سبحانا وي، آئون حيرت ۾ حيرانا وي ميان.

1. چوڏس تي تو باغ بنايا، چلتا چلتا رنگ چلايا،
حڪمت وارا هنر هلايا، عقل منهنجو پريشانا وي ميان!

2. ڪني ڪني جي مت منجهائين، ڪني ڪني کي تون سمجهائين،
تون ڪل ڪي پاڻ پڙهائين، پيا سڀ شاگردانا، وي ميان!

3. ڪل هنڌ قادر قدرت تنهنجي، حڪم هلي ٿو حشمت تنهنجي،
عجب الاهي عبرت تنهنجي، آئون حيرت ۾ حيرانا وي ميان!

4. چئي "منٺار" مالڪ منهنجا! فضل گهران ٿو لطف تنهنجا،
پيرا پلايون تون ڪج پنهنجا، مون کي ڏج ديهن ايمانا وي ميان!

ڪافي. 376

ٿلهه: هر دم سڄ سوالاوي، اي رب الله تعاليٰ، وي ميان!

1. تو سبحاني جوڙ بنائي، عبرت مانکي عجب الاهي،
صدق صدق تو تان رب سائين! اي رب اعظم اعليٰ وي ميان!

2. گتل گناهن ۾ ڏوهي آهيان، تون ڪو ستر ڪج صاحب سائنيان،
فضل تنهنجي ۾ آسي آهيان، ته عيب ڍڪج مون والا وي ميان!

3. سڀ ڪم رب! تنهنجي اختياري، توکي اتڪل صاحب ساري،
تون بخشيندڙ بديون باري، تو هٿ هاج حوالا، وي ميان!

4. جو ابليس تو اوتڙ واري، ڪوٺو خريبن سان کيو ڪاري،
من منهنجي مان ڪڍ ماري، ڏي نادان کي نيڪالا وي ميان!

5. آهي "منٺار" پڻ ٻانهو تنهنجو، سوالي پننڊڙ پينو تنهنجو،
فضل گهري احسانون تنهنجو، آس پڄاءِ انشاءَ الله، وي ميان!

Scanned with CamScanner

ڪافي. 377

ٿلهه: رک هردم پرت پياري ساڻ، تنهن دوست مٺي دلداري سان ميان!

1. ساٿ پڄائيندءِ سک ويچاري، مدد محبت جي موچاري،
اڪئين ڏيکاريندءِ پنهنجو آري، ملائيندءِ يار موچاري سان ميان!

2. هر دم يار لئه هنجهون هارج، دوست دل مان ڪيم وسارج،
ساهه پساهه ۾ ساجن سارج، اڪنديو ڏي ڪنهن آري سان ميان!

3. پرت رکين جي ساڻ پياري، ته ڏنڌا دنيا جا ڇڏ وساري،
حب وڏيءَ سان هل هاڪاري، تان گڏجي محب غمٺاري سان ميان!

4. اي "منٺار"محبوبن ڪي، طلب وڏيءَ سان ڳولج تن ڪي،
ساڻ سچائي پس پرين ڪي، ڪنهن نوبت نينهن نظاري سان ميان!

ڪافي. 378

ٿلهه: جن تي عشق آيو هلن سي ڪاهي، ٻيا سڀ سانگا سکن جا ته لاهي لاهي.

1. هڪ ته عاشقن ڪي نه آرام اڇي، پرنئين ريءَ وهڻ نظر تن حرام اڇي.
چون ٻلي ڪري مرڻ ڪسڻ قتلام اڇي، مطلب بهشت دوزخ ۾ ناهي ناهي.

2. پنهنجي عاشق جان جلائي آ، پنهنجي شمسي[1] ٻه کلڙي ڪلائي آ.
اناالحق جي ته ٻولي ڪنهن الائي آ، اهو مرد منصور چڙهيو وجي ڦاهي.

3. هڪ ته عشقي منجهه ايمان آهي، يارو! مور نه مڙي سو نيشان آهي.
ڇٽي سر سڄڻ تان قربان آهي، چي اجهو ٿو پرين ڪي پسان ٻوءِ ڇپرڇاهي ڇاهي!

4. ڳوليان اجان ڳوليان منهن مان پون، ڏسان شل يار پنهنجو، هنن سي اکين.
من "منٺار" ڪي محبوب ملن، اها جا اُميد اندر منجهه آهي آهي.

---

[1] شمس تبريزي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 379

تلھ: من محبوب ملي، گهٽيون سڀ گهوريندي-س،
ان لاءِ ڏيهـــ ڏونــــگر ڏســـون ڏوريندي-ـــس.

1. اون جون روز پچـان رنـد راهـون آلـو، منهنجو وجـي ڪيـم يـار اڳـاهون آلـو،
هلنديس دوست پٺيءَ ڪري دانهون آلو، موٺي پوءِ تي پاڇل ڪين ڦوريندي-س.

2. مونکي هٿي ويا ڦوب جون ڪاتيون آلو، سي وري ڪنهن سٺايان ڪري باتيون آلو،
هٿي هٿي روئان تان رڙان تي ڏينهن راتيون آلو، ان لاءِ تہ آئون اجا ڪي ڏيهہ ڏوريندي-س.

3. لوري لٺئون لنئون اندر مونکي لاٿي ويا، ٻي جا برهي جي جوت جاڳائي ويا،
ڏس جا آرا بني تہ عشق جي آڙائي ويا، ماري تي محبت اها جا چاهہ چوريندي-س.

4. اجا ڳولينديس سان ڳليءَ ۾ ڳلي، ڏسان من يار اڪيـن سـان مون سان خان ڪلي،
من سو "منٺار" کي محبوب ملي، سر لاءِ سنت سندين ڪلهن تـان ڪوريندي-س.

ڪافي. 380

تلھ: آئون تـہ پچان توکان پانڌي ادا! هٿي جي محبوب جون باتيون.

1. تو ڪو ڏٺڙو ني وي يار اسان جو وي ميان! ڪجليون جنهن جون وو مورياريان،
ڪجليون جنهن جون آهـن ڪـاتيون.

2. سڪ تہ جنهنجي تي وي سوز مچايو، وي ميان! روئندي وهايـان موارياـان،
سائين! روئندي وهايـان تـي راتيـون.

3. دل منهنجيءَ کي ني وي دامون درد جون وي ميان! پرين سهڻي جي مواريان،
پريـنءَ سـهڻي جـي آهـن پـاتيون.

4. پريلون بندوقون ني وي هنيئي حسن جون وي ميان! اهي چيرا چني ويا مواريان،
اهي چيرا چنـي ويـا اٿـر چـاتيون.

5. چئي "منٺار" ني وي سڪ جي سورن جون وي ميان! ڏنيون جنهين وو مواريان،
ڏنيـــون جنهـــن مونکـــي ڏاتيـــون.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 381

تلهہ: منهنجو نياپو نيئي ميان پانڌي! وڃي ڏي پرين کي.

1. چئج تہ اکيون اسان جون ني وي آهن اوهان لاءِ وو ميان! روز اداسڙيون مواريان.
روز اداسڙيون ٻيئي سائين، سڪندي ورهيہ لنگهيا تن کي.

2. چئج تہ باهہ برهہ جي ني وي لڳي هي بدن کي وو ميان! جيرا ڦڦڙن وو مواريان،
جيرا ڦڦڙ ٻڪيون ٽيئي سائين، جوش جلايو جن کي.

3. چئج تہ چڪيس واهون ني وي ڪري پيئي آهون وو ميان! طاقت وسعت وو مواريان
طاقت وسعت ويئي سائين، ڏوهہ ڏينديس وري ڪنکي.

4. چئج تہ آزيون نيازيون، ني وي چيون"مننار"ويچاري، تہ پير پوڄيان وو مواريان،
پير پوڄيان آئون تولاءِ پيئي، اڄ تہ چمان تنهنجي قدمن کي.

ڪافي. 382

تلهہ: اڄ مون ڏٺيون عمر سائين! ميان سهڻي اندر ساهيڙيون.

1. ڏنم مارن جو ني وي، ملڪ ملير وي ميان!
تن ويڙهيچن جو مٺيءَ واريان، تن ويڙهيچن جو وطن ويڙهيون.

2. ان خواب ويچاري ني وي، نيس ڪائڙ ۾ وي ميان!
جاڳيس جان وو مواريان ۽ جاڳيس جان تان اٿم ٻيڙيون.

3. ڏنم ڏوتين سان ني وي، ڏٺ تي ڪريان وي ميان،
مڪٽيون مانڌاٿا مواريان، مڪٽيون مانڌاٿا اُت ميڙيون.

4. چئي "مننار" ني وي، من منهنجي جون وي ميان،
آسون عمر وو مواريان، آسون عمر آهن اهڙيون.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 383

تلھ: آئون سور انھيءَ ماريس سومرا! ميان مارو نجاڻ ڪيئن چيندا.

1. وهڻ مارڙين ۾ ني وي، مونکي نہ جڳائي وي ميان!
مهڻا مونکي وو مواريان سائين! مهڻا مون کي هو طعنا ڏيندا!

2. مرڪ اسان جو ني وي، وهڻ ويڙهين ۾ وي ميان!
ڪنهيون ڏونرا وو مواريان، ڪنهيون ڏونرا اُتي اسين ڪيندا.

3. ڏينهڙا عمر جا، ني وي، آير آجوڙا وي ميان!
ڪر ڪرت مون ڪان وو مواريان، ڪر ڪر مون ڪان نجان ڪهڙا تيندا.

4. ناهي معلومي ني وي، ڪرم منهنجي جي وي ميان!
تہ پهر مون کي وو مواريان، تہ پهر مون کي ٻيا ڪهڙا پيندا.

5. چئي "مننار" ني وي، تڏهن شڪر چوان وو ميان!
جڏهن بخش بديون وو مواريان، جڏهن بخش بديون هو مونکي ڪيندا.

ڪافي. 384

تلھ: ڪوٽ وطن ناهي منهنجو ميان! وطن ملير آهي منهنجو.

1. قسمت آنديس ني وي قيد تنهنجي ۾ وي ميان، اوک گهٽو ئي وو مواريان
اوک گهٽو ئي تي ٻانيان اهنجو، سائين! ظالم زنجير هي تنهنجو.

2. سرتيون ساهيڙيون ني وي آئون نہ وساريان، وو ميان! پيارو ملڪ وو مواريان
پيارو ملڪ اٿم پنهنجو سائين، ان ساڻ سير آهي منهنجو.

3. سڏڙا منهنجا ني وي سرور سٽندو وو ميان! سفر ڪندو وو مواريان
سفر ڪندو اچي سنهنجو، سو ڪامل پير آهي منهنجو.

4. چئي "مننار" ني وي، مونکي تون موڪل ڏي وو ميان! تہ وڃان آئون اوڏانهن وو مواريان،
تہ وڃان آئون اوڏانهن آهيان جنهن جو سئين اوهو مارو مير آهي منهنجو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 385

تلهه: ذاران ماڙيچن ماڙين ۾ ميان! روئندي وهايان ڏينهن راتيون.

1. جن جي آئون چائي نه وي، هيس نپائي وو ميان!
اُن کي ڇيون وو مواريان، سائين اُن کي ڇيون هيم باتيون.

2. رات سهٽي ۾ نه وي، ڏنيم ساهيڙيون وو ميان!
کي ڏنئون ڏوراپن جون مواريان، کي ڏنئون ڏوراپن جون ڏاتيون.

3. هيس اُنهن مان نه وي، عيب نه جنين ۾ وو ميان!
سائين جي ست ۾ سمائيون مواريان، جي ست سمانيون سماتيون.

4. چئي "**منٺار**" نه وي، ان ماريس اوسيئڙي وي ميان!
مونکي عيب الون وومواريان، مونکي عيب الون ڪنهن لکئہ لاتيون.

ڪافي. 386

تلهه: وي يارو! برهه اڙانگو بار، جو رهڻ نه ڏي ٿو هوشيار.

1. ٻولي ٻي ٻولڻ نه ڏي ٿو، ڪرڻ يڪو يار يار وي،
سمهڻ سک آرام نه ڏي ٿو، لڇڻ پڇڻ لاچار.

2. سک ماري ٿي محبوبن جي، بدن ڪري بيمار وي،
درسن ڪريان نه ٻه درد پيٺو، اهڙو سندن ديدار.

3. ڪم ٻيو وري ڪرڻ نه ڏي ٿو آهي اڻ تڻ اپار وي،
غم انهيءَ ۾ غوطا ڪاڏم، لهريون لکين هزار.

4. برهه منجهارون ياگو تورڙو آيو هڪڙو وار وي،
عاجز ٿيو ته ٻه آهون ڪري ٿو، ماندو ٿيو هي "**منٺار**".

ڪافي. 387

تلھ: ٻئي ڪنهن کي حال سڻايان، ٻئي ڪنهن کي حال سڻايان.

1. پرين ڪارڻ آئون تہ پياسي، ور ور ڏيو واجهايان،
حجت منهنجي ڪان هلي تي روئندي رات وهايان.

2. بي دردن کي قدر نہ ڪوئي، اُن ڪيئن عرض الايان،
قدر وارو ڪونہ ملي تو، آئون جنهن در وڃي دانهيان.

3. محبوب جي ملڻ واسطي، حيلا هنر هلايان،
عقل مون کي شل اچي اهو، جنهن سان يار ريجهايان.

4. چئي "منٺار" تہ ملڻ واسطي، پنهنجي جان جلايان،
سڪ نہ لهندي سپرين جي، جيتر جيئري آهيان.

ڪافي. 388

تلھ: ڏيئي ڏک يار سڄڻ ويو ڏور، ماڳهين ڇڏي معزور.

1. آئون جا ويچاري ورھ وڪوڙي، ڏاران دلبر آهيان اجوڙي،
درد دل تي هزار ڪروڙين، چاڪن ڪئي هان چڪچور.

2. لئون لئون اندر لايئي لوري، جهڄڻ جان جگر ۾ جهوري،
وڏيئي ڏکن جي مٺيءَ کي ڏوري، وڃان تي وهلور.

3. دم دم ويٺي منديان ڦارون، ڪريان يار ملڻ لاءِ ڪارون،
درد منهنجي جو دلبر دارون، دک ڪندو اچي دور.

4. يار "منٺار" کي الله ملائج، درشن يار جو ديدار ڏيکائج،
آس وندي جي آس پڄائج، عرض ڪري منظور.

ڪافي. 389

ٿلهہ: دم دم ياد ڪريو دل جا درد دکن.
ورنهہ ويڇوڙي آهيان ماري، ڏٻري ڪئي آهيان ڏکن،

1. جنهن دم سارين ني وي، هنجهون اُت هاريان ميان.
ساري سرير سندم جا، چٽڪيو چاڪ چڪن،

2. وسارن واليون ني وي، ڳٽيم ڳالهيون ميان!
وس مون ويچاريءَ جو ناهي، جو دل تان دم نہ لهن،

3. شايد سورن جي ني وي، وهلورن جي ميان!
آئون جا الست ڏينهن ڪئون، وڃي پيس ڏانهن پڪن،

4. چئي "مننار" ني وي، من محبوب ملي،
تہ آسون اميدون اندر جون، هي رٿون روح پڄن.

ڪافي. 390

ٿلهہ: تون سگهڙو مان ساڻ ڪج گڏجاڻي ميان! پنهل پيارل پاڻ سجاڻي ميان!

1. آئون پيئي ساريان ني وي، ڪين وساريان ميان،
عرض الايان تي اوهان کي، نذر نماڻي ميان.

2. آئون جا ويچاري ني وي، دردن ماري ميان،
ڪريان ياد هميشہ تنهنجي رهاڻي ميان.

3. آئون تہ اُداسڻ ني وي، آهيان پياسڻ ميان!
سڪندي تنهنجي لاءِ، عمر وهاڻي ميان!

4. چئي "مننار" ني وي، اميدون وار ميان!
مون سان محبوب پيار! ڪجهہ ملاڻي ميان!

Scanned with CamScanner

ڪافي. 391

ٿلهه: صورت جوت جمال واهه واهه، منهنجي يار جي پيشاني.

1. ننهن چوٽيءَ سنيتيءَ نور نسورو، سچوئي سراسر لال،
آئون ڪريان ڇا وصف زباني.

2. جنهن شمس قمر شرمايا، وو اهڙو حسن ڪمال،
جنهن جو مٽ ناهي ثاني.

3. هت هت هادي نور هڪڙو، وو مونکي رکڻو هيڪ خيال،
سمجهان تو سر سبحاني.

4. سر ساهه صدق سهڻي يار تان صدقي، مڏيون سڀ مال،
آهي "منٺار" قرباني.

ڪافي. 392

ٿلهه: کهڙو عقل نياڳ جو آيئي، ڪيئن مومل مان وڃايئي.

1. سوڍل توکي جيئن سمجهايو، تيئن تان پير نه پايئي،
راڻو توسان تڏهن رسي ويو، جڏهن لقب تنهن کي لايئي.

2. هئين سهاڳڻ ساري جهان ۾، ۽ چاڳلي تي چايئي،
آيئي ڏنڀ ڏهاڳ جو، وو نجهان کهڙو ڪرت ڪمايئي.

3. راڻي جي ڪارڻ رنگ محل ۾، اي لوري ڪين ليلايئي،
ور وساري پنهنجو، وو بيڙو سانگ بنايئي.

4. ڇو نه مئين "منٺار" چئي، جڏهن شاهي پنهنجو شان لڄايئي،
اڄان جهان ۾ گهمي تي جيئري، اناسڻ شرم نه آيئي.

2.1

ڪافي. 393

تلھ: چنيسر ڇام جي ڇوريءَ وجي، حرص ڪيا تو زوريءَ.

1. پـــوري! پنهنجـــي پتـــار ڪـــي، ڏس لقـــب لايـــو تـــو لـــوريءَ،
موٽي مدايون آيون اٿئي منهن ۾، جيڪي بديـون ڪيـون تو ٻدخوريءَ.

2. ڏولـي تنهنجـا عيـب ڏڪيـا گهڻـا، تـو ننـگ نـہ سڃاتو نـدوريءَ،
سـو پـي توڪـي سـرت نـہ آئـي، اڇـي ڪنيئـي ڪنهـن اونـريءَ.

3. تـو جهڙيـون هـت لکيـن ليلائـون، پڙيـون، سـڪن رهـاڻ سـڳوريءَ،
ڦٽـو آهـي تنهنجـو ڪـرم ڪميڻـي ۾ هـن ڪـي سـرندي تـوريءَ.

4. ڇـو نـہ مئيـن "منٺـار" ڇـوي، وجـي سـاڻ زهـر جـي گـوريءَ،
شهنشـــاهي شـــان ڪـــي، وو ڇيـــپ لايـــو تـــو ڇـــوريءَ.

ڪافي. 394

تلھ: وو ڏسي منهنجون ڪانڌ ڪڇايون، وي ميان! ڏج ڪيم ڏوھ ڏمر جي.

1. ڏڪـج ڏڪڻهـار تـون! مـون منجهـہ ڪئيـن ميرايـون وي ميـان!

2. بخشيس بخشڻهار تـون! مـون خـاطيءَ جـون بـہ خطـائون، وي ميـان!

3. لالـڻ ليڪـج ڪيـم ڪيـن، عـاقل سـنديم اگلايـون، وي ميـان!

4. يـا مـالڪ! "منٺـار" سـين، تـون ڪـر پـال پلايـون، وي ميـان!

Scanned with CamScanner

ڪافي. 395

تلهه: دردن ماري آئون جا ويچاري، خان پنهل! مون ڪان ٿيءُ م پري.

1. ٻانهڻ جي ٻيٽي، هيس هندواڻي، پرتن پالي ڪيس ڪٿياڻي،
پوءِ ڪنيزڪ ڪيچن جي، تو قلم ڪري.

2. لڪئي آڻي توسان لنئون لائي، عشق اڪيلي آهيان لڇائي،
۽ ساعت ساجن توريءَ نه سري.

3. ساريان سنڀاريان تنهنجا ڳڻ ڳالهيون، ويل نٿيون وسرن چوڪيون تنهنجيون چاليون،
اڻ ڳڻتيءَ ۾ تو منهنجو ماهه ڳري.

4. سون سورن ۾ جيئڙو جلي ٿو، وئيڙي وسعت، وس نه هلي ٿو،
تنهنجيءَ محبت ۾ پيو "مننار" مري.

ڪافي. 396

تلهه: آئون نچڻ واري تنهنجي پولڙي جيئن نچائيندي تيئن نچندي وي ميان.

1. منهنجيون رسيون تون تو ڏورين تيئن چرنديون جيئن تون چورين،
مونکي گهڻين گهڻين ۾تون گهورين، آئون امر تنهنجي ۾ اڇندي وي ميان.

2. جي نه پائيندي تان ٻکي ٿيندي، ڏاڍي ڏٻري ڏکي ٿيندي،
جي سنڀاليندين تان سکي ٿيندي، مان ڏيندي تان مچندي وي ميان.

3. تي آهيان شاڪل سڪڻ ڪارڻ، ديد سما شاهه پکڻ ڪارڻ،
واهه واهه تنهنجي ويکڻ ڪارڻ، رنگ ڏيو تان رچندي وي ميان.

4. عرض "مننار" جا سڻ تون سارا، او يار ڏورينڊڻ ڏوريءَ وارا،
هي جي بازار ۾ ڪتيا ڪارا، انڪان بچائين ته پئي بچندي وي ميان.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 397

تلھ: سانگ فقيري ڇائي آيو آهيان،

سانگ سڄاڻي سوتڙ ڪج تون، تو ۾ اميد اي پائي آيو آهيان.

1. گدڙيون گودڙيون ڪشتا ڪننا، ڪنگڻ ڪولابا تنبيان ڏندا،
ڪتيان ڪفنيا ڪپڙا هئيدا، ويس اهو ول پائي آيو آهيان.

2. تو در آيس سرور سهڻا، دعا پنڻ تي دلبر سهڻا،
ان اميد پئي انور سهڻا، ڳيتن جيئن آئون ڳائي آيو آهيان.

3. سرور تو در آئون تہ سلامي، مجهيان مدامي روز غلامي،
حاصل ڪر هاڻي تي حامي، نمي ڪنڌ نمائي آيو آهيان.

4. ڏي"مننار" ڪي يار فقيري، حضرت نرمل نوح نصيري،
تو وٽ ڪنجيون آهن قديري، تنهنجو نام پچائي آيو آهيان.

ڪافي. 398

تلھ: لڙ لهرين ۾ لڙهيو وڃان تي، مٺيءَ جي مدار توتي ميهار.

1. واڳو اچي وريا مئي جي مارڻ لاءِ، آيا مڇ مانگر قوت ڪرڻ لاءِ،
ٻيا سو لک سنبري آيا سيسار.

2. امر نصيب جي آنديس اوڙاهہ ۾، دلو ڀڃي پيو وچ درياءَ ۾،
ڪرم سندم، ڪونهي ڏوهہ ڪنيار.

3. مون تي ائين ڀانيو تہ ڪنديس ميلو، ايندي اوڙاهہ ۾ ڀڃي پيم ڀيلو،
هاڻي ڪانهي ڪنڌي تو دلبر ڏار.

4. سٽج درياءَ ۾ منهنجو دانهون، تج حمايت اچج اوراهون،
ماڙ متي ڪر ڪا "مننار".

Scanned with CamScanner

ڪافي. 399

تلهہ: تي وي مدد ميهار مرنئي تي، سڻ منهنجون دانهون منجهہ درياءَ.

1. اڇي سمنڊ جي سنير ۾ پيس، ڇوليون مون تي ڇنيڪون وير ۾ پيس،
ٻڏيو وڃيئي تي، اڇي جهل ٻانهن.

2. ان سانئر سمنڊ هزارين ٻوڙيون، ڪارونيار ۾ لڙهن ڪروڙيون،
پار اڪارج ساڻ پناهہ.

3. ان ڪارونيار ۾ طاقت ويئي، هٿ پير ڇڏي ست رهيا سيئي،
هاڻي وقت اتيئي ڪر واهر واهہ.

4. ڇئي "منٺار" تي واهر وسيلو، پهر پڇاڙي ٻيو حال نہ حيلو،
اڇي اڪاري وج نام الله.

ڪافي. 400

تلهہ: ڪاريون جي راتيون، ڪن درياءَ جا، سهڻي ملائين رب ساهڙ ساڻ.

1. محبت ميهار جي سڪ نہ صبر ڏي، وقت وڃڻ جو ڪين ترسڻ ڏي،
وڌم پاڻيءَ منجهہ پنهنجو پاڻ.

2. سوين سمنڊ ۾ سئينسر سڄن تا، لکين مڇ لنڌڙا واڳون ٻہ وڙهن تا،
مٺي ڪي سو پار اُڪارين مهراڻ.

3. "ڪن فيڪون" ڪان قرب ميهارسين، روح جي السٽئون لڳي لنئون يارسين،
پاڻ پروڙين تو سارو پرياڻ.

4. موليٰ "منٺار" جا عيب ڍڪج تون، لڄ رب پاڪ رحمان رکج تون،
لائق لطف ڪر ننگڙو سڄاڻ.

تار تين تار

ڪافي. 401

تلهه: آهيان اڻچاڻي عيب ڍڪج تون، ڏج م ڏاهڳ چنيسر ڇام.

1. ملڪ تنهنجي جي هيس ڏجاڻي، پورهيت ڪوئڙو هيم ڪمياڻي،
آيم اڏا جيڪي ڪيم ڪلام.

2. ڪج م ليلان ڪي تون لڄياڻي، پنهنجو ننگ پارج شان سڄاڻي،
سيس سنسار ۾ تنهنجي نام.

3. ڪئي اٿم توبهه ٻڌيم ٻانهون، سڄ وي سنديم داسڙا دانهون،
پيس پناري آئون تنهنجي سام.

4. چئي "منٺار" مدايون ڪر معافي، شان شاهاڻو آهي تنهنجو شافي،
تہ بخش ٻڇايون تنهنجي هن غلام.

ڪافي. 402

تلهه: بخش ٻڇايون پتار چنيسر، ڪيم توبهه تيس تابعدار.

1. عدل پنهنجي تي عمل نہ آڻج، تون ڪو ننگ پنهنجو ثابت سڄاڻج،
منهنجي عيبن ڏي نہ نهار.

2. بيحد آهيان آئون بدڪاري، توبهه توبهه ڪريان تي زاري،
جو لاٻالي آهي تنهنجي سرڪار.

3. تنهنجا آهن اسان ڏي حرف حسابي، منهنجيون مدايون تون ڪر معافي،
ڪيم ڪيج مونکي، ور! تون وهار.

4. چئي "منٺار" توڪان مڱان موچاري، آهيان ابوجهو ڏاڍو ڏهاري،
دامن جو ننگ پارس پار.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 403

تلهه: ليلان! توکي لڄ ڪين آئي، جو ڪانڌ پنهنجي کي ڪٺڙ وڌوءِ.

1. ليلان توجي ڪيون لچايون، اکين ڏسي تو سڀ آرڏايون،
تہ بہ نہ چنيسر توکي چوءِ.

2. چا پيتار تنهنجو، چا تنهنجون ٻچڙيون ايلون اُن شاهہ جون توکي هيون پچڙيون
کونہ ڪندو ٻيو تو جيئن کوءِ.

3. ڪانڌ ڏٺي سڀ تنهنجي ڪچائي، توکي نہ چيائين واتون وائي،
ڪين پروڙيئي تنهن کي پوءِ.

4. چئي "**منٺار**" پنهنجو مان وڃايئي، هيئن سهاڳڻ شان وڃايئي،
هيءَ نہ مناسب توکي حيف هوءِ.

ڪافي. 404

تلهہ: تنهنجي دل داسڙا ڪچاڙي تا ڪسري،
حرف نہ رک مون تي، هونهين هن هار جو.

1. زيور تنهنجي زور تي پد پر پايم، مٽئي جي من تي اصل نہ آيم،
مونکي آهي تو سنهن سردار جو.

2. ڪيم سينگار تہ بہ هيس سهاڳڻ، هاڻ هن هار هڪ ڪيس ڏهاڳڻ،
مونکي آهي انهيءَ وهم ويچار جو.

3. حرص هئم جڏهن هئم جواني، هاڻي چا ڪنديس آيم پچاڻي،
پهر پيون اهي، منهنجيءَ چام چمار جو.

4. آهي اوهان جو شان شاهاڻو، آئون اگ آهيان عيبن هاڻو،
ڪر معاف گناهہ مڙوئي "**منٺار**" جو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 405

ٿلهه: رک نہ ميارون مٺ نہ مومل کي، ميان، مينڌرا! موٽي اچ مير.

1. گلم غاليچا ڪيم وڇاڻا، سيجون جي ڪٿن تي رکيم وهاڻا،
تولاءِ پکيڙيم ڪئين پٽ چير.

2. ٻڌيم ٻانهون، ڪيم نيازي، اسم الله جي راڻا! ٿي راضي،
معاف مون مسڪين کي، ڪر هي تقصير.

3. ڪاڪ تي ڪرم سين ڪرهل وارج، گڏ مون گجر سان ڏينهڙا گذارج،
ڏيج ڪو دلاسو مون دل ڏير.

4. چئي "منٺار" آهن مان ڏي مڙيئي، پيس پناري جيهي جي تيهي،
تون پنهنجو ننگ پارج پاڪ فقير.

ڪافي. 406

ٿلهه: راڻل! رسڻ جي ريت ڦٽي ڪر، ڪاڪ ويچاريءَ تي رک نہ قصور.

1. بخش مومل کي مڙيئي مدايون، ڪرڻ مناسب توکي چڱايون،
ڏج م سهاڳڻ کي ٻيو سور.

2. راڻل! توکان ريءَ ڪاڪ ڪوماڻي، مومل ماتام ۾ محلن ڏجاڻي،
شهر سڄي ۾ واءِ وهلور.

3. مون سان مينڌرا! پرچ پيارا، سڄڻ صدائون، سوڍل سچارا!
عرض الله لڳ ڪر منظور.

4. چئي "منٺار" سڻ سوڍل سائين! هجين هميشہ شامل سدائين،
ٿيئم نصيب، تنهنجو نرمل نور.

Scanned with CamScanner

راڳڻي جهنگلو

ڪافي. 407

ٿلهہ: راڻا! رب ڪارڻ رس ۾ اسان سين، ڪاڪ ويچاريءَ تي ڪرهل وار.

1. هيس اصل ڪان آئون اڻجاڻي، سوڍل سائين ننگڙو سجاڻي،
ماڻن سان مومل ڪي ۾ مار.

2. جهڙي جي تهڙي آهيان تنهنجي ٻانهي، اسم خدا جي ڪر احساني،
لاهہ گوندر گڏ ڏينهڙا گذار.

3. آئون تي ڪريان آهون درد جون دانهون، شان سجاڻي اچج اوراهون،
چڙهيس تنهنجي نالي نظار.

4. چئي "**منٺار**" مون ڪئي توبهہ زاري، پاند ڳچيءَ منجهہ پاتيم ڳاري،
پرچ پرين تون منهنجا اڳڻ اجار.

ڪافي. 408

ٿلهہ: سوڍل سائين واڳ ورائين، نجان ڪنهن سيڪاريون توکي رسڻ جون ريتيون.

1. واڳ تون ورائج پاڻ تون پلائج، اڱڻ اسان جي اچي پير پائج،
پرچ پيارا! توسان منهنجون پهت پريتيون.

2. صحبت تنهنجي ساريان سنڀاريان، محبت من تان مور نہ وساريان،
گڏ مون پياليون توسان پريم جون پيتيون.

3. آئون ويچاري، تنهنجي محبت ماري، راڻل! تو جا رمز ڏيکاري،
سپيئي سرهايون تنهنجي نازن نيتيون.

4. اسم خدا جي اچج اوراهون، سڻ "**منٺار**" جون آهون ۽ دانهون،
توبهہ انتظاريون مون ڪيتيون.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 409

ٿلهہ: ميان ميندرا! مونسان ڇڏ ماڻا، اڄي مل سوڍل! سرت سڄان.

1. گلم غاليچا، پلنگ پٽراڻيون، هنڌ ٻيون حويليون توريءَ ڪوماڻيون،
محل ٻيون ماڙيون ۽ ماگ مڪان.

2. هيس اصل کان آئون اڻ ڄاڻي، پيم خبر پوءِ تيس سياڻي،
ڪيم توبهہ ڪچي ڪنديس ڪانہ.

3. ساڻ ڪرم جي اگڻ اچج تون، ڏيٺ جا ڏٽي! منهنجا عيب ڍڪج تون،
بخش بچايون ۽ ڪر احسان.

4. ڪج قبول "منٺار" جون آزيون، جو لک لک پيرا ڪري نيازيون،
تہ مونکي مل، ڪارڻ رحمان.

ڪافي. 410

ٿلهہ: لڏاڻي جون لڏتون، وسري جي ويڙهون،
اکيون راڻي جي لئہ، اڄي رئڻ ۾ پيڙيون.

1. ڍٺ منجهان ڍولڻ نجان ڪيئن ٿي آيو، راڻو سو رسي ويو مون جنهن سان نينهن لايو،
جيڪس مدايون ڪي مٿيءَ ڪان ٿيڙيون.

2. منهنجي مينڌري کي ڪانهي پرواهي، ڪا مونکي سمجهائي جيڪا هجي ڏاهي،
نہ تہ سکن سوڍل لاءِ پيون سوين مون جهڙيون.

3. اصل عقل ۾ ائين ڪين پانيم، وقت وڇوڙي جو اوچتو آيم،
لکئي لوڙايم هي مرادون جي پيڙيون.

4. چئي "منٺار" تہ سنديم صدائون، اگهنديون الله جي در آهون ۽ دانهون،
محب جي ملڻ لاءِ مون ڪارون لک ڪيڙيون.

ڪافي. 411

تلهه: ور پنهنجي ريءَ وهان نہ پنيور ۾، ڪاهي ڏسنديس ڪيچ مڪان.

1. هوت ڏي هلڻ ڪان ڇو تيون جهليو، ڪريو دعا، پاڙي واريون نہ پليو،
گهر تہ ڱ گهوريم ساري جندجان.

2. پنهل پيارو ڇوريءَ ڇڏي ويو، ڏيئي ڏولاڻو گوندر گڏي ويو،
موت هٿي ويم ڦهري ڪان.

3. آهي مناسب همت بندي جي، تيندي مدارد خداوندي جي،
آيل! آئون نہ ڇڏيان ايمان.

4. چئي "منثار" هوت پٺيءَ هلنديس، وسان تہ پنهنجي مور نہ ورندس،
مارگ ميس تہ بہ سر قربان.

ڪافي. 412

تلهه: تيوم ساهيليون! ڀانهن ٻيلياڻيون،
مون کي پڇايو پنهنجي پنهل جي پاس.

1. درد فراق ڦوڙائي آهيان ماري، ورهہ وڇوڙي ۾ آهيان ويچاري،
وس تہ پنهنجي ڪان پيئر! وياس.

2. سورن ڪارڻ آئون هئي ڇائي، درد دکن ۾ اڇي ساماڻي،
گري گوندر جيءَ ول جي هياس.

3. ڇاڪان ڇڏي ويم اديون اراڻي، مون پورهيت پنهل جو پريو تي پاڻي،
ڪنيزڪ جي ڪمائي ڇاڪان ٿيڙي نراس.

4. چئي "منثار" مونسان تيو مدارت هادي، سائين بخشي آن کي هدايت،
آئون پڻ دم دم ڪان دعا ڪندياس.

ڪافي. 413

تلهه: ڏسو سرتيون سورن جو سامان، مونکي ماءُ جيجل ڏنو ڏکن جو ڏانءُ.

1. مون کي ماءُ ڏنا سورن جا سيلهه، ٻڌي موڙيون تنهن وڇوڙي جي ويل،
ڦوڙائو ۽ ڪرم نصيب جو ڪان.

2. سورن لاءِ سر جي آئون ويچاري، ڏني ماءُ متي جي لاءِ واري،
۽ سر ڏوڙ وسايان افسوس ارمان.

3. منهنجو حق لاتو جڏهن جيجل ماءُ، تن دردن ساڻ پڙهائي نڪاح،
مونکي ٿولي برڪيائين بيران.

4. مون حج هيٺيءَ جي ڪائي آهي ڪانه، "مننار"کي يار محبوب ملي مان،
مون تي راضي ٿئي شل رب رحمان.

ڪافي. 414

تلهه: کهڙين ريتين ساڻ محبوب ملندين، مونکي چئو ته ڪريان تيئن سهڻا يار!

1. جي چئين ته پڙهي تيان قرآن قاضي، منجهه مسجد تيان مطقي نمازي،
۽ رکان روزا جيئن تا رکن دينـدار.

2. جي چئين تـه ڪريان ريت هندواڻي پائي، جٽيان وجي پوچيان پاٺي،
۽ پيٺيان ڪاشي ۽ بهي گنگا سووار.

3. جي چئين ته ڳايان طائفا، وڄايان ڇيريون، گهنگهرا پيرن منجهه پايان،
۽ نت روز نچان، ڪري هار سينگار.

4. منهنجو مقصد منجهه ديدار تنهنجي، اهو عرض آهي پينار تنهنجي،
ڪر ڪرم فضل مل ڪي "مننار".

Scanned with CamScanner

ڪافي. 415

تلهه: پريم پيالو پيتم پريت جو، هٿان منهنجي هاديءَ دلبر يار جي.

1. جيئن ٿو هلائي تيئن آئون هلان ٿي، واڳ سندن هٿ واري تيئن ولان ٿي،
وجي وس ٿي آهيان تنهن جابر سوار جي.

2. حرص هوس سڀ وسري جي ويڙا، پيوند پرينءَ جي پريت جا پيڙا،
وجود وڪوڙيو ڪنهن نشڙي خمار جي.

3. منهنجيون اختياريون ويون سڀ وسري، يار جي حڪومت آئي مون تي نسري،
وجي دل ٿيڙم وس مختيار جي.

4. غير دليل جي گم ٿي بيائي، هر هنڌ موليٰ هڪ هڪڙائي،
ايئن سمجهه ۾ ائي من "منٺار" جي.

ڪافي. 416

تلهه: ڏٺم عجائبي منهن مهتابي، جلوي پرين جي لايا جهلڪار.

1. جنهن جون ڪجليون ڪٺاريون، ٻڙڇيون ڀالا، ڀونر ڀرون آهن ڪنيڙا ڪالا،
ڪاڪل واسينگ وسيهر وار.

2. رمز لائي جنهن منهنجي دل ريهي، صورت سرير ۾ ويڙم ويهي،
چٽيون هوايون حسن جون هزار.

3. صورت سندين آهي سبحاني، دل تـ ديدار ڪيم ديواني،
من حيرت منجهـ آيو تنهن وار.

4. ڪٽي دامون دواليون ديدار ديکائي، اکڙيون اکڙين سان اڙائي،
۽ مرڪي موهيئي ڪي "منٺار".

ڪافي. 417

ٿلهه: مون تي رب راضي نہ ٿيندو، چالاڪيون ڪيئن
مونکي خبر خاوند جي ڪير ڏيندو.

1. جيڪو بي رنگي ۽ بي چون آهي، بي مثلي بي نمون آهي،
تنهنجو پاند پرو ٻئي ڪنهن کي پيندو.

2. هئا ملڪ حيران جنهن جي قدرت ۾، سارا انبياءَ هليا ويا عبرت ۾،
تنهن کي ڪنبيو قهار، هرڪوئي ويو چيندو.

3. جنهن جو رحمي غفور اسم اظهار، ٻيو نام سندس آهي واحد قهار،
بي انت مالڪ نجان ڪيئن ڪيندو.

4. چئي "منٺار" جڏهن پاڻ پرچي پنهنجي لطفن ساڻ صاحب سرچي،
تڏهن ورونهه ويچار سارو غم ويندو.

ڪافي. 418

ٿلهه: تنهنجي ملڻ لاءِ منهنجي دل ماندي، موٽ سگهو مل سهڻا يار.

1. موٽي ملڻ جو مون ڏي ڪج ڦيرو، اچ تہ اکين ۾ ڏيان ديرو،
۽ بسم الله وچايان وار.

2. مونکي پسائج پاڪ پيشاني، آهي اوهان جو سر سبحاني،
لهن ڏسڻ ساڻ درد هزار.

3. سڪ ساعت نہ مٺيءَ کي سهڻ ڏي، رتي صبر جي ڪين رهڻ ڏي،
تن من منجهہ تنهنجي تات تنوار.

4. تنهنجي ڏسڻ لاءِ ڏڪڙا ڏٺا ڪي، سو لک سر تي سور سٺا ڪي،
واسطي ملڻ جي ويچاري "منٺار".

ڪافي. 419

ٿلهه: ڏاڍي سرڪار مٿئون مالڪ جي، تون رکج خدا جو خوف ڏيان.

1. هرگز ٿينديئي هتان هالاڻو، ملڪ مٿيرا پڇنديئي پڇاڻو،
ڀڙهي سڻائيندي سارو پروان.

2. تہ ميزان جتي توريندا، رتي رياءَ جي ڪيڏهي نہ ڪندا،
تنهنجا سڀ ڪم نڪري ٿيندا نشان.

3. تابش تپي سج ڪست ڪريندو، واٽ دوزخ تا مالڪ منديندو،
اُتي ڪي پختا پاس ٿين امتحان.

4. ڏج مولي ڪان اي "مننارا"! هردم هوئج تون هوشيارا،
پوءِ ٻہ فضل گهر، لطف احسان.

ڪافي. 420

ٿلهه: جي تون سامين سان صحبت پائين، تہ دنيا درڙي اٿئي هرج حرام.

1. رک جوڳين جي يادگيري، ننگڙو نماڻو نام فقيري،
حال غريبت، ضعيف تمام.

2. سامين سون رپي کي ڇڏيو، من مولي جي محبت ۾ گڏيو،
سي ڪوهہ ڪرن دنيا جو ڪمام.

3. سامين پنهنجو صاحب سڃاتو، نينهڙو نسنگ خدا سي لاتو،
آديسين جو اُتي آهي ايرام.

4. رک سامين جيئن ثابت سچائي، پوڙ غير دليل ٻيائي،
رک سچي محبت "مننار" مدام.

ڪافي. 421

ٿلهه: من مارن ڪان ڪئين ننڍي ٿو، ۽ قسمت نيم ٿي قيد ڪريو.

1. اصل منهنجي هو انگ منجهه اينهين، ڏڪڙا ڏسان ٿي تهمت جا تهين،
قلـم قضـا جـو ڪيـن ٽريـو.

2. هڪ حاڪم جي جهل ۾ جهڄان ٿي، پيو مهڻن مارن جي ڪان ٻه ڏڄان ٿي،
ان هـول ۾ هينئيـن جـا ڳـچ پـون ڳريـو.

3. مون ڪي مارن رئي پهرپون ٿا، رئندي ڏينهن راتيون وقت وڃن ٿا،
پـوي ڏڪـن منجهـه ڏيـل ڏريـو.

4. چئي "منٺار" سندم ساهيڙيون، ويل نٽيون وسرن وطن ۽ ويڙهيـون،
يـاد پـون وڪ وڪ ۾ وريـو.

ڪافي. 422

ٿلهه: قسمت آنديس ڪوٽ تنهنجي ۾، ۽ ساه پساهه سنگهارن ساڻ.

1. جن ڏسيو ملڪ مليـر جيـان ٿـي، اهـو خواب لـڏم تـاڪير پيـان ٿـي،
ان مـاڙيچن موچـارن سـان.

2. اتـم اميـد اُتـي ويندپـس، ڏٿ ڏوٿيـن سـاڻ ڪـائڙ ۾ ڪينديـس،
ويهـي پڪـن ۾ پنهـوارن سـاڻ.

3. ڪنديس ڳالهيون حال احوال جون، سان اباڻن منهنجي احوال جون،
دل جـي پيـاس ڏنـارن سـاڻ.

4. چئي "منٺار" مـن ملـن ماڙيچا، پرچـن مئـي سـان پنهـوار پاڙيچـا،
شـل منڻـن آريـن ڳچـيءَ ڳـارن سـاڻ.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 423

تلھ: منهنجي من مارن سان مجلس ڪيئڙي، وو منجھ خواب ڏنم ڏوٿيئڙن ڪي.

1. منجھ سهڻي ويڙھ وطن آئون ويئڙي، پيش پنھوارن جي وڃي پيئڙي،
وو اتـــي ڪيڪـــاريم ڪـــائوڙين ڪـــي.

2. هيس جنيـن جي مليس تنڪي، عـرض انـدر جـا ڪيـم انهـن ڪـي،
وو پنهنجـا سـور چيـم سـانگيئڙن ڪـي.

3. آئون تـ سنگهارن ڪي نت ساريان، وسئون ويڙهيچـا ڪيـن وساريان،
وو مـــن يـــاد پـــوان جهـــانگيئڙن ڪـــي.

4. چئي"منٺار"مون ڪي ويـل نـ وسرن، ڳالهيون انهن جون اندر ٿيون اُسرن،
وو مـــن ظـــاهر مـــلان مـــاڙيچن ڪـــي.

ڪافي. 424

تلھ: ڪرم قضا سين آيس عمر وٽ، منهنجو من توسان مارو مير.

1. زور زنجيـرن قـابو ڪئـي آهيـان، بندخـاني ۾ بيـوس پيئـي آهيـان،
رهيـــم ابـــاڻي پـــار جـــي اُڪيـــر.

2. آيـــس عمـــر وٽ مهڻـــن مـــاري، ڪـــوٽ قيـــد ۾ آهيـــان لاچـــاري،
حـــق ۾ لڪـــي هويـــم هـــيءَ تقديـــر.

3. ٿر ڇاين جا مون تـي لڪ ٿـورا، ڪيـن وڻـن هنـڌ هـار پيـا هنـدورا،
آئـــون تـــ پهرينديـــس پيـــا پـــٽ چيـــر.

4. چئي"منٺار" ڪڏهن آئون ملندي، خوش ٿي ڪـائوڙين سـين ڪلنـدي،
وڃي پيئنديـس پريـن پنهـوار ڳـڌ ڪيـر.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 425

تلهه: عمر! چڱا اخلاق مارن جا، ماڻ صبر ۽ شرم حياءُ.

1. بي ڏوهي ڪي ڪيئي چو بـاندي، اُن مـارن لاءِ منهنجي دل مـاندي،
جــن ويڙهيچــن جــو ائــون ويــاءُ.

2. دل پنهنجي ۾ قـاضي ڪـري ڏس، خـوف خـدا جـو ڏيـان ڏري ڏس،
نرمـــيءَ ســـاڻ نبيـــر نيـــاءُ.

3. گذر جنيـن جـو ويڙهـه جهنگـل ۾، مـرڪ نـه منهنجـو وهـڻ محـل ۾،
رب جـــي ڪـــارڻ رک ۾ ريـــاءُ.

4. چئـي "مننـار" ڪـي حياءَ ڪـر حاڪـر! ظلـر ڦتـو ڪـر مئـيءَ سـان ظـالـر!
نڪـي اسـان جـو تـون سـيڻ سـياءُ.

ڪافي. 426

تلهه: لـڏي سـانگين مئـيءَ جـي ڪانـ سـنيال،
ڪـوٽ قيـدن ۾ ڪـي لنگهـي ويـر سـال.

1. مون تان پل نه وساريان، پنهوار پنهنجا، ويا آهن مر ۾ منجهي ڏس وار منهنجا،
لوئـي ليـڙ ٽيـام، ههـڙا آيـر حـال.

2. هـاڻ وس نـه هلي مـون ويچـاريءَ جـو، مـون تـي جـابر قيـد ڦهـاريءَ جـو،
آهيـان ظلـر زنجيـرن منجهـه جنجـال.

3. اوتـي ابـاڻن جـو نـه آيـوم، آسـرو اجـا تـاڻي نـه لاهيـوم،
وو شايد وسري ويئن مئي جي ڪـا مقـال.

4. من ڪن"مننـار" جـي يـادگيري، جنهـن جوحـال غريبـي، هـي فقيـري،
مـن سـاب پـون مئـي جـا هـي سـوال.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 427

تن ڪاهوڙين جي آئي نہ خبر، مون کي مارين تا اهي غم گوندر.

ساريان ساهيڙيون، وطن جون ويڙهيون، ملان مارن کي مون تان لاهي پيڙيون،
هنجون هاريان تي آئون لاڪن هر هر.

مون کي مارو ئڙا اچي ياد پيئڙا، ڏني ڏوٿين کي لنگهي ڏينهن ويئڙا،
گڏ ڪاڏم جن ساڻ ساڳ سگر.

مونکي موڪل ڏي تہ وڃان آئون وطن، ملان مارن کي اصل آهيان سندي جن،
ڏسان سرتيون سندم هت هيڪر.

ميلو مارن ساڻ "منٺار" جو ڪر، مون تي نظر اهو هادي داتا ڌر،
مون سان ساٿي تيءَ ميان سچا سرور!

ڪافي. 428

تلهہ: منهنجا ڏوٿيئڙا ڏني ڪي ڏينهن ٿيئڙا،
مون کي ماروئڙا، سي وسري نہ ويئڙا.

1. گڏ ڪاڏم جن سان پڪا ۽ پيرون، سر هن سانگين جو هير هيرون،
ڪوٽ قيدن ۾ اچي سي ياد پيئڙا.

2. جن سان جنم لهي آئون ڄمر ڄاياس، اصل اباڻن، نندي لاڪون نپاياس،
پڪي منجهہ پنهوار، مون سان ڪوڏ ڪيڙا.

3. ماڳ، ماڙيچيون، سرتيون ساريان ٿي، وطن ويڙهيچا نہ وساريان ٿي،
آهن تان اصل ڪنئون منهنجا حال هينئڙا.

4. هت آئي نہ خبر پاڻر جي پار جي، ڪر ڪا نہ لڌي مارن "منٺار" جي،
نيندو ڪير نياپا، هي سندم سنيهڙا.

Scanned with CamScanner

تار تين تار

ڪافي. 429

ٿلهه: تن ماروئڙن ريءَ آئون تان ڪنديس ڪيئن،
مون ڪي حاڪم ڏس تـ هٽيو وجين هيئن.

1. ڏسي عمر اکينئين، ٻيم هينئڙي ۾ هور، مون سين ظالم! ظلم ڪريو وجي زور،
بحري باز جهٽيو وجي جهرڪي جيئن.

2. ونهيا ويڙهيچا نـ وساريندس، ڪريو ياد هنجون نت هاريندس،
منان مور نـ لاهيان مرندي سيئن.

3. مونکي جابر وڌا زور زنجير، منجهان ماڳ مارن جي ملڪ ملير،
تڙ آئي نـ ڏايس تسياريس تيئن.

4. اڄ وسان پنهنجي "منٺار" ويڙو، وجي قيد اندر ڪوٺن پيڙو،
موٺي مان ملي مند وٺڙي مينهن.

ڪافي. 430

ٿلهه: سبي سرتين جا هٿي سنديم لوئي، ڏسي ڏوئيرو آئون پياس روئي.

1. هت آهيان عمر! آئون زور آندي، تن ماروئڙن لاءِ منهنجي دل ماندي،
اهو قادر قلم لکيوم ڪوئي.

2. ڏٺي سانگيڙن ڪي تـ لنگهي ويم سال، تن ماروئڙن ريءَ ڪهڙا ٿيم حال،
مر مور نـ لاهيان مٿو ڌوئي.

3. جن سين ڪاٺڙ ۾ گڏ پيتم ڪير، سرهي سرتين ساڻ ٻولايم سير،
جتي هيڪاندي آئون ساڻن هوئي.

4. ڪر ماڻ مٺي "منٺار" فقير، مون سان اچي ٿي ساٿي سرور پير!
مون ڪي مارو ڇام ملائي سوئي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 431

ٿلهه: پانڌي! جي وڃين پنهوارن وٽ،
تہ منهنجو سوال ڪجان وڃي سنگهارن وٽ ادا!

1. منهنجو ڪج ڪارڻ واسطي الله جي، نيازي نبيءَ رسول الله جي،
دل لائي چئج ڏنارن وٽ ادا!

2. آئون ٿي ڪريان زاريون، سڻ منهنجون ساريون،
پانڌي! منهنجي پاران ڪج نيزاريون، ادب منجهان ايل دارن وٽ ادا!

3. جي سڌايان ٿي گولي اصل ڪئون آهن جي، ننگڙو سجاڻي مون کي ڪريو پنهنجي،
۽ ڪيم ڇڏيو هٿ ڦهارن وٽ ادا!

4. گهري ٿو "مننار" مقام ملير جو، نظر ٿئي محمد مير جو،
تہ سنمک ٿيان سردارن وٽ ادا!

ڪافي. 432

ٿلهه: تن سرتين کي آئون ساريان ٿي، جي منهنجون اتئي ماڙيچيون،
منجهہ ملير رهيون.

1. ساريان روز بروز محبت سندين، دم پلڪ اندر اچيو ياد پون،
گهڙي ساعت دل تئون وسري نہ ويئيون.

2. اچيو چت تي چڙهن سندن چاليون، مون تان مور نہ وساريون انهن جون ڳالهيون،
رهيون روح اندر، مون ڪنهن سان ڪين ڪيون.

3. وطن ماڳ ملير جن جو ويڙهيون، سڀ ريت سرهيون منهنجو ساهيڙيون،
ميخون محبت جون جن هينئڙي ۾ هنيو.

4. چئي "مننار" لکيو قلم ڦهار، ٿيس سنگت سرتين جي ڪان ڏار،
ساريو سڪڙا سندن، وهن نيڻين نيون.

Scanned with CamScanner

تار تين تار

ڪافي. 433

ٿلهه: جن ڪان ڏار گهڙي نہ گذاريم ٿي، لنگهيا ورهيہ ڏٺم ويڙهيچا نہ وري.

1. جن مارن ساڻ آئون ڇم ڇائي، گڏ سرتين ساڻ آئون ننڍڙي نپائي،
آڻي قسمت آئون جا هت قيد ڪري.

2. مونکي هاءِ! فراق وطن جي ورونهہ، هن سورن ۾ وڃايم سونهن،
ڏهري ڪيس ڏکن، ويم ماهہ ڳري.

3. ڪٿي ڪائڙ جي لوئي ڪيئن لاهيان، سون سومري جو آئون تان نہ پايان،
ساڙيان سرتين ريءَ، زربفت زري.

4. چئي "منٺار" تن ماڙيچن ري، منهنجين سرتئين ۽ ساهيڙين ري،
رئندي راتو ڏينهن ويندي مري.

ڪافي. 434

عمر! اڄ تہ هڪ خواب ڏٺم، ڇڻ آيم ڏوراپو تن ڏوٽين جو.

ڪعبو ۽ قبلو اتم اُهي ئي، ويم ڏوراپو ڏوٽيڙا سي ڏيئي،
حرف حقي مون تي آهي هن جو.

سرتيون ساهيڙيون، آئون نت ساريان، ملڪ مليرمور نہ وساريان،
سنگت سنپاليان تن سانگين جو.

سونهن سانگيئڙا بر جي پٽن ۾، مرڪ نہ منهنجو ڪنڻ ڪوٽن ۾،
ايءَ نہ مناسب اسان مارن جو.

چئي "منٺار" آئون عيبن هاڻي، نيت اچي نيندم ننگڙو سڄاڻي،
آسرو اتم اباڻن جو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 435

تلهه: مارئي! مارن جو مان م وڃاءِ، ڏاڏاڻو ڪر ڪيم لڄاءِ.

1. تنهنجا اباڻا آهن اُهيئي، جن جون ڇايون سيتون سپيئي،
عيب انهن ڪي لنبو م لاءِ.

2. اهي ڪنگڻ ڇڱا اتيئي ڪچ جا کهڙا، عاج عمر جو چوڙم چوڙا،
تنهن سومري جو سون، پنهوار! م پاءِ.

3. اڇي عمر وٽ، چڙهه م ڪٿن تي، وڃي واريءَ ۾ ويهج پٽن تي،
ايل اباڻو سو پار پڄاءِ.

4. چئي "مننار" توکي مارو نه ڇڏيندا، وٺي ويڙهيچا وطن ۾ ويندا،
جتي تنهنجو تو جوڙ جڳاءِ.

ڪافي. 436

تلهه: منهنجا جوڳي ويا جا مير اديون، آئون جا ويندي پرين جي پير، اديون!

1. آئون ويراڳي نه وساريندي، لاءِ آديسين جي اوساريندي،
ڪٿي نرمل ناٿ نهاريندي، هت دم نه ڪنديس دير اديون!

2. منهنجو ساهه نيو تن ساميڙن، ڪيئن ترسان تل هتي رهيءَ تن،
ڪل درد دکن، سندي سورن، لهندا ڪاپڙين رهيءَ ڪير اديون!

3. منهنجا پرين پورب پار ويا، ڪٿي ڪاشيءَ گنگا گرنار ويا،
ڪنهن نانيءَ تيرٿ نظار ويا، هوءَ جي اُتي هليا هنگلار اديون!

4. چئي "مننار" مهيسين جي، ڪا جا اتم اُداس آديسين جي،
ڏسان صورت مان سنياين جي، آئون جا ويندي سامين جي سير، اديون.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 437

تلھ: جوڳي راھ مسافر ڪڏهن ملندا، مونکي ڏي تون خبر ڪي ويراڳي ولندا.

1. مون کي سنياسين سور ڏنا، هي جي پوربين مون کي پور ڏنا،
گهندِ گودڙين منکي گهور ڏنا، ڪوئي ترس ڪون ڪيائون تل دا.

2. آئون سامين کي ساريان ٿي، نت نانگا روز نهاريان ٿي،
پنهنجا ويراڳي نہ وساريان ٿي، منهنجا جيرا اُن لاءِ پيا جلندا.

3. ڪڏهن ايندم ڪن چير جوڳي، هوءِ جي ڦيريدار فقير جوڳي،
منهنجا سامي سنگت سڌير جوڳي، ڪڏهن ايندا اگڻ تي اسان ٽلندا.

4. چئي "**مننار**" مراد اها، منهنجي ويساھ واري اعتقاد اها،
ڪندا ڪرم آديسي امداد اها، اڇي بخشي بڇايون خوش حال ڪلندا.

ڪافي. 438

تلھ: مئڏا رانجهن جوڳي بن آيا، مين پيي ويسا دلڙي دلق پايا.

1. روز الستئون رمز رلائي، دل مئيڏي ڪون مرشد ماهي،
ڪيڙي دي مين اصل بہ ناهي، ڪيوين روڪيندا حقڙا هي پرايا.

2. چوچڪ دامين مال نہ چايا، ڪيڙي دامين ڪيا وچايا،
حق رانجهن دامين سر هويا، جنهن روز الستئون نينهن لايا.

3. مور نہ چاڻن ملاقاضي، عشق نڪاح پڙهڻ دي ايرازي،
ناحق ڪرندا زور درازي، ميڏا ماهي نڪاح اڳي پڙهايا.

4. آکي "**مننار**" ميڏي من چاتا، رانجهن ڪون مين سمجهہ سڃاتا،
پيچ ماهي نال مين تڏهن ڪر پاتا، جڏهن "قالوا بليٰ" روح فرمايا.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 439

تلهہ: تسان ڇوڙيا تخت هزارا، اٿان ٻٽيا مزور ويچارا.

1. تئڏي بلند هوئي بادشاهي، تئڪون ڪنهن دي نا پرواهي،
ڏوجها سئو لک هو ون سپاهي، تئڏا نو لک وڄندا نغارا.

2. تئڏا هوون هزارين ٻانها، اوئي تيون صدق قربانا،
تئڏا لکين پريا گنج خانا، جتان عالم نيون اڌارا.

3. تسان ڪون ڪيها غرض غريبي دلق دا، توسان ڇاتا ٻهتانا خلق دا،
توسان مالڪ ساري ملڪ دا، تئڏا هي جڳ سلامي سارا.

4. آکي "منٺار" نماڻا، مين هون تئڏي قول وڪاڻا،
تئڪون ثابت سمجهہ سڃاڻا، ڏوجها شاهد رب موڇارا.

ڪافي. 440

تلهہ: ڪيوين ڇوڙيا شان اميري دا، توسان ڪيتا حال فقيري دا.

1. ڪيوين ڇوڙ آيا سلطاني، تئڏا تخت سڪندر ثاني،
هڻ ڦرندا هو سيلاني، سٽ لذت شاهي دي شيري دا.

2. ڪيوين من وچ مرضي آئي، توسان ڳل وچ ڪفني پائي،
ول ڪردا هو گدائي، ڪيها غرض پيا دلگيري دا.

3. تئڏي صورت سر سبحانا، اوئي لکيا قول قرانا،
هي الانسان دي معني، اوئي آکر ويڪو اظهيري دا.

4. آکي "منٺار" سوالي، تئڏي عزت اصل ڪنون عالي،
توسان ملڪ ساري دا والي، مئڪون قسم خدادي قديري دا.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 441

تلهہ: جڏهن عشق آيا بار باري دا تڏهن شوق ڳيا شاهي ساري دا .

1. تڏهن ڇوڙيم تخت هزارا، ڏوجها ڪيتم حال ويچارا،
ميں ڍوڍيا عالم سارا، ميں ويکيا هير پياري دا .

2. مئڏا رهہ ڳيا ملڪ پراها، مئڪون سٽيا عشق اتاهان،
هڻ پاتيان جهاتيان، جتاهان، ٿيا هي عقيدا اعتباري دا .

3. هڻ ٿيوان مزور ڪماوان، ڏوجها پاند ڳچيءَ ڳل پاوان،
لک آزيان عرض آلاوان، شل ڏيوي دلاسا دلداري دا .

4. هڻ آکي "مننار" اُداسي، مئڪون ڪيتا پريت پياسي،
هڻ سامين ٿيوان سناسي، منان لهسي فراق ڇماري دا .

ڪافي. 442

تلهہ: مئڏا رانجهو ٿيا پرديسي مين پيي نال جوڳي دي ويسي.

1. ڪيتي مئڏي يار فقيري، ول ور اپڻي ڇوڙ اميري،
مين ڪيوين قبولان ميري، هڻ انگ ڀبوت ملي سي.

2. توسان سڻو سياليان مائيان! مئڪون متيان ڏيو نہ اجايان،
توسان ڪون سچ دي بات سڻايان، مين ڪفني آپ ڍڪينسي.

3. جڏان ٿيا الست روز سبحاني، تڏان ماهي مئڏا مرد حقاني،
جوئي لکيا هي قلم رباني، اوئي آکي پيچي نا ٿيسي.

4. هڻ آکي "مننار" سدائين، مئڪون ماءُ پيءَ ياد نہ پائي،
گهتان ڪيڙي دي منهن ڇائي، من ماهي مئڪون يار مليسي.

راڳڻي ڪسوري

ڪافي. 443

تلھ: آيـل عشـق لڳـو اوھـان نـہ آهـي ڙي!
تـڏهن قدر ذروئـي اوهـان کـي نـاهي ڙي.

1. اوهان جي ڏٺي هٺي پرينءَ جي پيشاني، تہ دلڙي هوند تي هان ديواني،
تـہ سر ساھہ ڪري قربـاني، وجي ڪيچ ڏنـان هونـد ڪـاهي ڙي.

2. اڄـي برهـي بيـن وڄـائي، تـڏهن وسـري ويئـي سـڀ وائـي،
انـاالحق بـات الائـي، منصـور چڙهيـو جيئـن ڦـاهي ڙي.

3. آئـون جـا هـوت پنهـل ڏي هلنـدي، سـا وسـان تـہ ور چـي نـہ ولنـدي،
وجي محبوب پنهنجي سان ملندي، پوءِ ڇپر اهو مـون کـي ڇا هي ڙي.

4. چئـي "منٺـار" سـڪ مـاري، آئـون جـا آهيـان آزاري،
نـت ووڙيندي‌س ويچـاريءَ، مونکـي برهـہ بريـن اڄـائي ڙي.

ڪافي. 444

تلھ: اديون! ساجن اوهان نـہ سڃاتو ڙي، نـہ تـہ روز رنان ڏينهن راتوڙي.

1. جـڏهن ڪـن فيڪـون بنـائي، تـڏهن هـيءَ ليـڪ لڪـائي،
منهنجو پيوند پرينءَ سي پائي، تڏهن پيچ پنهل سان مون پاتوڙي.

2. اوهين تان عقل شعور ۾ آهيو ڙي، مون کي جيجل جهل ڪيـر پـايو ڙي،
مون لئونواريءَ کي م لڄايو ڙي، منهنجو نيبهہ تئـي شـل نـاتو ڙي.

3. تهڙيون لکين جهڙي آن هڪ ٻانهي، منجهان پرن پنهون جي گنج خـاني،
آهـي شـان سـندس سـبحاني، مـون تـہ لقـب پريـنءَ کـي لاتـو ڙي.

4. چئـي "منٺـار" وجـان ڪـاهي، منهنجو پينرا! پنيـور ۾ پـوءِ ڇـاهي.
مـون کـي وهـڻ تـہ واجـب هـت نـاهي، مـون هلـڻ هدايـت پـاتوڙي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 445

تلهہ: آهيان اُن جي آئون ٻانهي وي، جن دلڙي ڪيم ديواني وي.

1. مون کي ڀايئون ڳچيءَ منجهہ ڳاري، مون مجهيار اهر ٻرداري، نت ووڙيندي س ويچاري، مونکي سڄڻ ڪيو سيلاني وي.

2. مون کي لائي ويا جا لولي، هڪ هو هو جي ڏيئي هولي، مونکي سڄڻ سڪائي آهي ٻولي، سوئي سبق پڙهان سبحاني وي.

3. مونکي پرين پاڻ پسايو، ڪو جو دلبر ديد ديکايو، جنهن دل جو دور مٽايو، سوئي نور ڏٺيءَ جو نوراني وي.

4. "منٺار" اداس ۾ آهي، جوئي ڪاف ڪشالا ڪاهي، مونکي مولي، محب ملائي، تہ سر ساهہ قرباني وي.

ڪافي. 446

تلهہ: ٻيو ڪونہ سورن منجهہ پيائي، ٻڌ ڪشي ڪمر تي راهي، وي.

1. هڪڙو آيو آهين، ٻيو پولو چو تو پائنين، وري هڪڙو ويندي هتانهين، جتي ڪاري قبر اونداهي وي.

2. ٻيو ڪو ۾ هلائج حيلو، توسان مولي ڪرائيندو ميلو، جتي ناهي واهہ وسيلو، اُتي واحد تيندئي واهي وي.

3. دل سرور ڏانهن سچائي، ايمان يقين جي آٿي، تان توسان سو تئي ساٿي، ڪري هر هنڌ منجهہ همراهي وي.

4. ابراهيم آڙاهہ منجہ آيو، يوسف تي قيد ڪمايو، رضا تي شمس چم لاهيو، منصور قبولي ڦاهي وي.

5. "منٺار" گهٽيون سڀ گهورج، اهي ڏيهہ ڏسيون سڀ ڏورج، ولهار وسيون سڀ ووڙج، توکي مان ملي تنهنجو ماهي وي.

ڪافي. 447

تلهه: سپني ۾ ڏٺم يار ڪي وو، دوست مٺي دلدار ڪي وو.

1. سپني ۾ گڏيم يار سهڻو، معشوق دلين جو موهڻو.
قاتل قلبن جو ڪهڻو، جنهن سوپ سپهه سالار ڪي وو.

2. سڪ ساهه ۾ ويم رهجي، تجلي تہ ڏٺي مون تنهنجي،
جڙ خوب لڳي اتم جنهن جي، منهنجي ورهہ لڳو وار وار ڪي وو.

3. آئون جا ڪاهي تڪيس ڪاهي، جپ جان جسي ڪي ناهي،
مونکي اڪند انهي جي آهي، سڪ ماريندي مون سڪدار ڪي وو.

4. واهہ پرين جي پيشاني، شمس نہ جنهن جو ثاني،
صورت ۾ ير سبحاني، من موٺي ملي "منٺار" ڪي وو.

ڪافي. 448

تلهہ: آيو خواب ۾ يار سڄڻ مونکي جيئن، مونکي ظاهر محبوب ملي من تيئن.

1. اتم اميد تہ وڇوڙو ويندو، تيندي سرهي آئون روز قيامت سيئن.
سارو ورهہ وڇوڙو ويندو، تيندي سرهي آئون روز قيامت سيئن.

2. جڏهن اڳڻ ايندم يار جاني، پري قدم ڪري احساني،
تڏهن مرڪندي هيءَ ٻانهي، تيندا حرص لهي دک ويندم هيئن.

3. ڪيم خواب ۾ ديدار دلبر جو، آهي نور عجب انور جو،
جو مون حسن ڏٺو سرور جو، ڪريان ياد پاڪ، مون ڪي وسري ڪيئن.

4. چئي "منٺار" ويچارو، سائين ايندم اڳڻ پيارو،
اچي ملندم محبوب موچارو، ڪريان عرض الله صاحب ڪي ائين.

Scanned with CamScanner

ڪافي.449

تلهه: اڄ مونکي ڏيو ڪي مبارڪون، جو مونکي دلبر ديد ڏيکايو آه.

1. اڄ سهسين شڪر ۾ شاديون ڪٿي الله ڪيون آباديون،
وڻ واهڻ وٽن ٿيون واڌيون، هت پير پرين اچي پايو آهه.

2. اڄ سهسين چوان شڪرانا، ڪٿي الله ڪيا احسانا،
آئون قدمن تان قربانا، جو عجيب اڱڻ منهنجي آيو آهه.

3. اڄ محبوب مون کي اچي مليو، عجيب اڱڻ منهنجي تليو،
خوشحال سڄڻ تي ڪليو، منهنجو والي ڏينهن ورايو آهه.

4. ڏيو مونکي مبارڪون يار جون، پنيون آسون اميدون وار جون،
هيون جي مرادون "منٺار" جون، اهو خاوند خيال پڄايو آهه.

ڪافي.450

تلهه: آهيان ڏاران ڳڌڄڻ گوندر ۾، رهي دل جي اميد اندر ۾.

1. جڏهن يار جو ديدار مون پاتو، تڏهن مون ساجن ڪين سڃاتو،
هاڻي روز روئان تي ڏينهن راتو، اوهين وسهو خدا پرور ۾.

2. الستئون عشق آزاريءَ ڪي، مليا درد مون دل فگاري ڪي،
۾ وراهڻ وقت ويچاريءَ ڪي، اچي مليا سور سمر ۾.

3. حج هوت سان کهڙي هلايان، سينو ساجن سان ڪيئن ساهيان،
ان ۾ ناميد بي ناهيان، ڪجهه دعوائي رکانتي دلبر ۾.

4. چئي "منٺار" منهنجو يار هادي، بديون بخشيندو بخشڻهار هادي،
غم لاهيندو اچي غمٺار هادي، ناپهچ کي نوازيندو نظر ۾.

Scanned with CamScanner

راڳڻي ڪسوري تار تين تار

ڪافي-451

ٿلهه: مون ڪان ڪر ٿيا نسوار نقصان، اٿم اميد تون ڪر احسان.

1. آهيان بلڪل آئون بدڪار، گناهن ڪيوس گرفتار،
تون آهين رب پاڪ بخشڻهار، رحمي غفور رحيم رحمان.

2. مونکي ڪنهن سنئين واٽ وارين تون، هدايت ڏات ڏيارين تون،
لٿيو منڙو اجارين تون، ڪري پنهنجو پال بخش ايمان.

3. مون منجهه لک عيب آهن اهڙا، جو ڏسان ڪنهن ۾ نه ان جهڙا،
مون ڪان سو ڏوهه ٿي پيڙا، سنڀاليان پنهنجا پاپ، آهيان پشيمان.

4. مديون ڪر معاف "منٺاري" ڪي، اڀوجهي هن عيبداري ڪي،
پينوءِ منگت پناري ڪي، بخش عطا جو ڏٺي تون ڏج دان.

راڳڻي ڪسوري تار ڪلواڙو

ڪافي-452

ٿلهه: ميان محبوب مڻ مهٺا! ڪجليون تنهنجون ڪان مارين ٿيون.

1. تو منجهه اهڙيون آهن اکيون، جي منهنجي رب پاڪ صاحب رکيون،
ڪليو ڪن خون سو لکيون، حسن جا فير اتارين ٿيون.

2. تنهنجي ڪجلين ۾ ڪامڻ ڪان، جي زورئون زور ڪرين زيان،
وڙهن هر وقت ڪريو جولان، نرم سي ڪين نهارين ٿيون.

3. ڪجليون ڪاريون ڪيفن واريون، هٿن پال پٽيچيون ڪٽاريون،
سوين مشتاق لک ماريون، ترس تل ڪو نه ڌارين ٿيون.

4. حڪم ڪريو ڪٽيو هٿيار، اڇن ڪاهيو ڪارڻ سنگسار،
زورئون زور مٿي "منٺار"، اڇيو ڏڪڙا الارين ٿيون.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 453

تلھ: جيڪا تو محبوب جي مرضي، مڃڻ مونکي ضرور فرضي.

1. آئون آهيان تنهنجي اصل ٻانهي، تون آهين منهنجو يار سائين جاني!
توتان سر ساهه قرباني، تيس گولي ڪيان غرضي

2 جڏهن ڏسان ٿي رنگ روپ هزار تنهنجا، ٿين گم هوش تنهن وار منهنجا،
ايندا آهن اسرار آهنجا، عبرت مونکي عجب اچرزي.

3. مونکي لائي اٿئي ڏاڍي ڪا لوري، جهڄڻ جيءَ جان کي جهوري،
ڏيئي ويو ڏکن جي مٺيءَ کي ڏوري، لڇڻ منجهه جان اٿي لرزي.

4. تون آهين منهنجيءَ دل سندو دلدار، دنيا ۽ دين ۾ حقيقي هڪ يار،
ملڻ جي واسطي "منٺار"، حجت ڪهڙي ڪندو ارضي.

ڪافي. 454

تلھ: آئون تنهن گهوٽ پنهل جي غلام آهيان،
سائين! جنهن جي چڙهي، نظاري نام آهيان.

1. پنهل آرياڻي، آئون پرٿياڻي، جا ذات اصل بي ڪام آهيان.

2. منهنجو ناهي ڪو برابرو ساڻ، ٻلوچن جو ٻانهي ٻڌل منجهه دام آهيان.

3 جي پاڻ ڪن ٻانهي تان سو لک ٿورا، پوءِ ملڪ ساري جي چڻ چام آهيان.

4. چوي "منٺارو" سنديس پلايون، آئون مجينڊڙ روز مدام آهيان.

Scanned with CamScanner

ڪافي.455

تلھہ: مون کي صحبت تنهن سرداري جي،
پيئي ڪاڻ ڪڏان ٻئي لوڪ ساري جي.

1. پنهل آرياڻي، پچان تيون نماڻي،
من ڪٿان ڏسان واٽ ڪوهياري جي.

2. تڏهن پيرين پوان ٿي، اين سڀ کي چوان ٿي،
تہ ڪاڏي مهاڙ موچاري جي.

3. هاڻ صحي سمجهائي، منکو ٻڌائي،
مئي کي پچار، پياري جي.

4. جيڪو الله پاڪ آهي،
من سو پڇائي جيڪا مراد "مننٺاري" جي.

ڪافي.456

تلھہ: ناهي خيال ڪيڙي نال من دا، مئڏا روحڙا ٿيا رانجهن دا.

1. رانجهن ماهي ڏي بادشاهي، اتون چاڪر بن دا.

2. حق خدائي مئيڏا ماهي، قسم هئي پاڪ پنجتن دا.

3. مليسي ماهي، تيسي پناهي، هوسين امان امن دا.

4. آکي "مننٺارا" مين هان ويچارا، سائل هان درشن دا.

ڪافي. 457

تلهه: رانجهـــو! روح دي پياســـڙي رهـــ ڳئـــي هـــي.
ڏوجهـــي طـــاقت وســـارت[1] ويئـــي هـــي.

1. دعـا ڪيڙي دي، زور جهيڙي دي، مئين نـ قبوليت ڪئي هي.
2. تئڏي نينهن دي ڦاهي، مئڪون ماهي، قابو ڪمنڏڙي پيئي هي.
3. حـال حڪـايت، مئـڏي مـاهيت، روءِ تئـڏي مئي چئي هـي.
4. ڪـا "مننـار" دي، دردن وار دي، حـالت هـي هڻ تئي هـي.

ڪافي. 458

تلهه: مـــاهي معلـــوم تئڪـــون هيـــر دي،
جنهـــن ڪـــون پيئـــي هـــي جدائـــي تقديـــر دي.

1. مئي نـال ڪيڙا ڪريندا جهيڙا، ڏوجهي آڏي نـدي هـي نيـر دي.
2. ڏاڍي جدائـي مئـي نـال آئـي، قسـمت قيـد زنجيـر دي.
3. تئـڏي اهيـان، ڪيـڙي دي ناهيـان، قسـم حضـرت پيـر دي.
4. رانجهـن سـائين، شـال پڄـائين، مـراد "مننـار" فقيـر دي.

ڪافي. 459

تلهه: تنهنجي نازن منهنجي دل نيئڙي جا وس وقوف ڪان ويئڙي.

1. ڪجلـن واري هنيئـي ڪٽـاري، ڪانـ ڪهـل توڪيئـڙي.
2. تنهنجي رمـزن والـي دل ڪي، دوالـي قـابو ڪمنـد ڪـاپيئڙي.
3. تنهنجي سرداري، منهنجي بـرداري، آهيـان عبـد آئـون ٿيئـڙي.
4. آءُ مـل يـار، "مننـار" ڪـي تـون، ٻولـي نـا اتـم ٻيئـڙي.

---

[1] وسعت. سگهه

Scanned with CamScanner

ڪافي. 460

تلھ: رانجھن سائين، سر خدائي، ويس مٺا ڪر آيا. ڙي سيان!

1. تخت ھزاري دا مالڪ ماھي، چاڪر نام ڌرايا. ڙي سيان!
2. الانسان سري واناسره آپ، الله فرمايا. ڙي سيان!
3. انا احمد بلاميمي غير گمان مٺي لاھيا. ڙي سيان!
4. آکي "مننار" تہ مرشد مٺڪون، حضرت حسن ويڪا ياڙي سيان!

ڪافي. 461

تلھ: تون ويھجان ڪير وساري، پنھنجو رب ياد رکجان من ۾،
ان غلفت سوين ڪيا غرقي، تون ڏيان عقل ڏس ڌاري.

1. ڇڏ ھستي حرص وڏائي، ايءَ وجيئي تي عمر اجائي،
ھڪ حق جي گھر ھمراھي، تان توکي سو تاريو تاري.

2. سو لشڪر جن ساڻ ساتي، ھوا تخت ھنباريون ھاتي،
اڄ حڪم انھن جا ڪاتي، ويئڙا مثل خواب گذاري.

3. دل سان ذڪر پڑھ زاتي، پنھنجو پاڻ ڪري مماتي،
تہ ھت ھُت مليئي حياتي، توکي جڳ جڳ يار جياري.

4. "مننار" ھر دم ھادي ھڪدل سان، ڪر ياد الله يڪدل سان،
ھو ھو تہ پڑھج پڪ دل سان، تان توکي سو پار اُڪاري.

Scanned with CamScanner

ڪافي-462

ٿلهه: تهنجـــي واهـــ واهـــ الله وڏائـــي وڏائـــي!
بـــي انـــت خلقـــت توبنـــائي بنـــائي.

1. نور آدم منجهه پرور پايئي، شرف ڏيئي ڪئي شان وڏايئي،
تڪبر ڏيئي عزازيـل تڙايئـي، لڳي سندن لڙائي لڙائـي.

2. تنهنجون قدرتون قادر ڪوڙين ڪک پن مها مڪڙ ماڪوڙين.
ساهه سيني ۾ جوڙيو جوڙين. ڪا حڪمت تو هلائي هلائي.

3. صدق صدق تو تان رب سائين! جو لک قدرتون ٺاهيو ٺاهين.
دم دم ٺاهيو دم دم ڍاهين. ڪاچل پل تو چلائي چلائـي.

4. چئي "منٺار" تعريف تنهنجي سڀ چوڻ نه مجال منهنجـي،
ٻي به قدرت ناهي ڪنهن جي، جو ڪري صفت سپائي سپائي.

ڪافي-463

ٿلهه: ٻيا ڇڏي آسانگا نڪر نظاري، چڙهه نانگا نانگا.

1. باهه برهه جي جيڪو ويو چوري. ڏس تنهين ڪي ڏوري ڏوري،
گهيڙ گهٽيون سڀ گهمي گهوري، ڳول سڄڻ جا سانگا سانگا.

2. نائي نفس ڪي تون مئي ماري، سور ٿمر ڪڻ سهنج وساري،
غم گوندر ۾ پاڻ پڱهاري، پار لنگهي تي لانگها لانگها.

3. ترڪ ڏيئي تون ڪر تياري، سهه دنيا جي سر تي خواري،
يار پنهنجي سانتيءَ هوشياري، پوءِ ڪندا ڪوهه دنيا جا دانگا دانگا.

4. اي "منٺار" يار سچي ڪان، دل وٺئي دلدار سچي ڪان،
غم ڪاٽيندڙ غمٽار سچي ڪان، هڪ مراد ملڻ جي پن مانگا مانگا.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 464

تلهه: چڏ وي غفلت ڏيان ڏري ڏس، هڪ ڏينهن هرگز هلبو.

1. هڪ ڏينهن هرڪو هليو ويندو، ملڪ الموت ايندو وي ايندو،
نيڻئون نيڻ نهوڙي نيندو، چال انهيءَ منجهه چلبو.

2. هڪ ڏينهن هرگز هلڻ به آهي. سندس جوڙ جيان جڻ لائي،
آمر تنهن کي پيو ڪير ڦيرائي، جو نڪي جهليو نڪي پلبو.

3. ڪڏهن ويندو ساهه نجاڻان، آئون اڻ واقف سو ڪيئن ڄاڻان،
ظاهر صورت بدن سجاڻان، جو خاڪ مٽيءَ منجهه رلبو.

4. پنج "منٺار" تون به ايوين، تہ حب الله ڏي تنهنجي ٿيوين،
جيءَ جياپي انهيءَ جيوين، جيئن يا موليٰ کي ملبو.

ڪافي. 465

تلهه: ساجن ايندو، ڪين ڇڏيندو، هوت حمايت ڏيندو ڙي جيڏيون!

1. ڏکڙا ڏور ساڻ ڏسڻ جي، ورهه وڇوڙو سڀ ويندو، ڙي جيڏيون

2. ۽ پنهل پنهنجو پاڻ سجاڻي، نيٺ نماڻيءَ کي نيندو، ڙي جيڏيون!

3. آئون اڻ سونهي واقف ناهيان، قدم ڪرم سين پريندو، ڙي جيڏيون!

4. پڄنديون مرادون، چئي "منٺار" ڏيهه مبارڪ ڏيندو، ڙي جيڏيون!

ڪافي. 466

تلهه: دل منهنجيءَ ڪنون دم نہ وسري،
صورت يار جي ساري وو ساري.

1. روز ميثاقون محبوب سڄڻ جي محبت، آئون آهيان ماري، وو ماري.

2. سا ڪيئن اڳ اجهامي آتش، جا يار پار وچل پاري، وو پاري.

3. حجت ناهي هوت پنهل سين، توبهه مٺيءَ جي زاري، وو زاري.

4. چئي "منٺار" تہ پاڻ پڄائيندو موليٰ، مراد من واري، وو واري.

Scanned with CamScanner

ڪافي.467

تلھ: هڻ پيا مٽڪون شوق ديدار ويکڻ محبوب حقاني دا.

1. ويکان جهلڪ ميڏا دک لهندا، ووئي نوشاه نوراني دا.

2. عجب اکيان محبوبان واليان، هي سر نور سبحاني دا.

3. مٽ نہ هوسين ساري ملڪ وچ، دلبر جانب جاني دا.

4. آکي ”منٺار“ مٺي ري ملھ ٻانهي، اوئي يوسف ثاني دا.

ڪافي.468

تلھ: استاد منا محبوب! جيئين، مونکي مدارت ڏي وو.

1. حق حقيقي هو هو الله، مونکي عشقي جي امانت ڏي.

2. سک سچائي صحي سوائي، سا برهي جي بشارت ڏي.

3. ڏيج پيالو يار پريم جو، مونکي قرب ڪماليت ڏي.

4. راضي ٿيءَ هر رمز اتي، ۽ هر وقت هدايت ڏي.

5. چئي ”منٺار“، سندم موليٰ کي پير مغان تون پارت ڏي.

ڪافي.469

تلھ: پينر! شهر پنپور منجهان، ڪا هوت پنهل ڏي هلندي.

1. ڳالهيون منهنجون ڳجھ اندر جون، آئون وڃي ساجن سان سلندي.

2. جيتر ساھ سرير ۾ وو تان آئون ياد ڪريو پيئي جلندي.

3. اتر اميد اتي آئون وينديس، ۽ ورچي مور نہ ولندي.

4. چئي ”منٺار“ مدد موليٰ جيءَ وڃي محبوب ڍولڻ کي ملندي.

ڪافي.470

تلھ: ڪاڪيون! ڪيچ مڪان ملڪ منجهہ، پنهل پڇڻ آئون ويندي.

1. ڏونگر ڏورڻ ڏک ڏاکڙا، وو اهي ڪست ڪشالا ڪيندي.

2. پينر! شهر پنپور منجهان، ڪا مون سان بر ۾ پائياٽي ٿيندي.

3. جي هلو مون سان، شل ٿينديان هدايت، يا تہ متان منع ڪا چيندي.

4. چئي ”منٺار“ مدد موليٰ جيءَ، پنهنجو آري ڪٺي آئون ايندي.

Scanned with CamScanner

ڪافي.471

تلهہ: ڪهہ قاصد! ڏي ڪل پرين جي، منهنجو يار ڏٺو ڪو تو.

1. سر سڄڻ جي نور سبحاني، سوئي جهلڪار ڏٺو ڪو تو.

2. مون کي موهي ٿي رمز جنهين سين، سو اکين اسرار ڏٺو ڪو تو.

3. ڪجليون جنهن جون ڪامڻ ڳوريون، تجلي دار ڏٺو ڪو تو.

4. چئي "مننار" تہ من منهنجي جو، سوئي غمتار ڏٺو ڪو تو.

ڪافي.472

تلهہ: ڪر ياد الله کي ٻانها وي! من اندر مهمانا وي.

1. ياد الله کي ڪر دل لائي، حرص هوا جا هوش وڃائي،
ڪالهہ ڏٺئي سا ڪاتي آهي، ايءُ سمجهہ صحي ڪر معنيٰ وي.

2. شاهہ سوين سڪندر بہ چلي ويا، ڪيئن عقل جا اڪابر بہ چلي ويا،
۽ دنيا جا پرورر بہ چلي ويا، ٿيا سڀ راهہ روانا وي.

3. هڪ هلڻجو هاوان بہ تولئہ، ٻيو پڇڻ جو پروان بہ تولئہ،
ٽيو محشر ۾ ميزان بہ تولئہ، جت ڏيندئي تنڪا طعنا وي.

4. سوالي ٿيءُ "مننار"! الله جو، پينو مڱڻهار الله جو،
تي آسي اُميد وار الله جو، تہ رب ڪندو احسانا وي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 473

ٿلهه: ڇو تو گهمين ڊپ لاهيو، ڏس تان موت مٿي تي آهي.

1. ازل جو ايندئي، نيٺ تہ نيندئي، مڙهہ مڪان مٽيءَ منجهہ تيندئي،
جتي ڪو پيڻ نہ هلندي پايو.

2. موت واريو وٺين تو لذتون آب دنيا جا ۽ پيون عزتون،
ويتين ڇو شيخ سڏايو.

3. مال ني مليڪت اٿئي پرايو، تو ۾ وڏائيءَ جو ڪورو وايو،
پير سمجهي ڪڻ پايو.

4. اي "منٺار"! رکجان مرڻ من تون، يا موليٰ ڪي پاڻ پرن تو،
تہ تيئيءَ من سانگ سجايو.

ڪافي. 474

ٿلهه: مهر لطف، ڪر زاري، ڏس تان فضل بنا، ٻي واٽ نہ ڪائي.

1. اصلئون پيدا ٿيا مان تيئڙون، پوءِ ڪهڙي خيال خودي ۾ پيئڙون،
وو! جي تون نسل نهارين، تہ هوند توکي ٿئي ڦڪائي.

2. يا رب تعاليٰ ڏاڍو آهي، حجت ان سان ڪنهنجي ناهي،
پاءِ ڳچيءَ منجهہ ڳاري، تون ڪر توبهہ، ڇوڙ وڏائي،

3. نوڙت سيئي نماز ڇون تا، هستي مڙيئي حرام لکن تا،
ڪا محبت رک موچاري، ڇو تو وڃائين عمر اجائي.

4. اي "منٺار"! تون مٿي مارج، نوڙت سان پنهنجو يار نهارج
تہ دوست ڏيندئي دلداري، او پلو توسان ڪري پلاٽي.

راڳڻي ڪسوري　　　　　　　　　　　　　　　　　　تار تين تار

ڪافي.475

تلھ: اکڙيان عقاب تيڏيان، دل ميڏي ڪون لٽ ڳيان.

1. ڪجليان تئڏيان ڦھري، بن باز ڪٽيون بحري،
پٽ لوھان مارينديان پھري، جي مئڏي ڪون جھٽ ڳيان.

2. تيڏي زلفي والي ڳاري، مئڏي سوگھي ڪيتي جند ساري،
مين وس ڪون گئي ويچاري، تکي تناب تاباڻي سٽ ڳيان.

3. تئڏيان ديديان ھن جادوگريان، ڪجليان ھنڪيفن پريان،
جي ترسيان مور نہ ٽريان، ھڻ مئڪون لڳائي وير مٽ ڳيان.

4. تئڏي حسن بندوق چڙاتي، "منشار" تيا مماتي،
جنھن دي ڇيرا ڇني ڳيا ڇاتي، تئڏي دستين دوناليان ڇٽ ڳيان.

ڪافي.476

تلھ: ھڻ زابر يار تئڏيان، ھي گھورن مئيڏي دل گھائي،
ڪجلين ديان بناڪر ڪاتيان، مئڪون تئين تڪبير وھائي.

1. تئڏي تاب حسن دي تجلي، نيتي مئڏي سموري دل سلي،
دلڙي مئڏي تر تلي، لڄ پڄ مئڪون تيئن لائي.

2. خوني ھي زلف مارينديِ، مارا تيا نانگ وسيھر ڪارا،
ھڻ مئڏي ڪيتي مارا، ھڻ ڪپر ول ڳيا ڪائي.

3. اکڙيان تسان ديان ايھي، ڊپ ڏاڍا جنان ڪون تيئي،
جيوين باز چڙي ڪون نيئي، انھان مئڏي دلڙي ھي اينوين چائي.

4. جنگي لشڪر آيا جوئي، ھن تيا سويارا سوئي،
"منشار" ويچاري روئي، تيڪون ساري ھي بات سڻائي.

Scanned with CamScanner

ڪافي-477

ٿلهه: آئون جا درد فراق ماري هان، مونکي موٽي ڪڏهن نجان ملندو.

1. آئون جا گهميو تنهنجي لاءِ گهوريان، سڀ ڏيهه ڏسيون ٿي ڏوريان،
تن ۾ تنوار چوريان، اڃي اڱڻ اسان جي ٽلندو.

2. ڪڏهن ته عجيب ايندو، دل کي دلاسا سو ڏيندو،
مونکي ڇئي مبارڪ چيندو، وري مرڪي ڪڏهن نجان ڪلندو.

3. آئون جا ماندي ملڻ لاءِ ماندي، تنهنجا روز پڇان ٿي پانڌي،
ڪڏهن ٿينديس ورهه ڪان واندي، جو مونکي دوا درد جي سلندو.

4. جيئري آءِ جدائي لاهي، پرين! پنهنجو تون پاڻ پلاٽي،
ڪا اُميد "**منٺار**" کي آهي، مون سان ٿي ته حمايت هلندو.

ڪافي-478

ٿلهه: تئڏي چشما دي واهه چالي،
دل لوٽ ڳڏئون مئين والي.

.1 تئڏا زلف زوراور تيڙا ٿهري، ڪمندا ٿي پيڙا،
مئڏا جيڙا وڪوڙي ويڙا، گهت دل مئڏي ڪون دوالي.

.2 مين نال ڪامڻ ڪيتئون ڪوئي، جيئڙو ڪس ڳيا جوئي،
مئڏيان اکيان روئي روئي، تيان آب وهائي هڻ خالي.

.3 تيڏيان ڪجليان ڏوهين ڪٺاريان، ٿهري هويان ڪيفن داريان،
اهي ابرو تيغون تراريان، ميڪون ٻر وقت ڪيتئون بي حالي.

.4 هڻ "**منٺار**" اداس وچ آهي، جنهن دا امر بنا وس ناهي،
هڻ مل تون جدايان لاهي، "فقير" ديدار دا سوالي.

Scanned with CamScanner

ڪافي.479

تلهه: سائين! ڪو وس منهنجو ناهي، جيئن توکي وڻي تيئن آهي.

1. تنهنجو رت رايو دائم قائم ۾ رت بندي جي چاهي.

2. حجت توسان ڪانه هلي تي، ڪير سينو ٻيو ساهي.

3. جنهن کي هلائين ته هاڙهي هلندي، ٻي ڪير ڪشالا ڪاهي.

4. چئي "منٺار" ته مون ڪئي توبهه، پاند ڳچيءَ منجهه پائي.

ڪافي.480

تلهه: ڏٺم ديدار دلبر جو، وساريان ڪيئن نٿو وسري،
جنهن جو مٽ ناهي مغرب ڏي، نڪو هند سنڌ، نڪو بصري.

1. پون مونکي پور پلپل ۾، سڙي جند جان جل جل ۾،
درد ڪن دور من دل ۾ عشق جي آڳ پيئي اُسري.

2. منجهان سهٽي يار جيءَ صورت، منهنجان سڪ سور جي سورت،
منجهان محبوب جي مورت، نظارو تو نينهن جو نسري.

3. جيئن لاڳاپا پنيور جا لاهي، سسئي هلي ڪيچ ڏي ڪاهي،
جتي ڏٺو محبوب مون آهي، هيءَ گولي تنهن گام ڏي گسري.

4. چوي "منٺار" دردن وار، جنهن کي آهي عشق جو آزار،
جسم جند جان تنهن جو وار وار، پيارل يار لاءِ پسري.

Scanned with CamScanner

ڪافي 481

تلھ: ڪونھي منھنجي حال جو پائي، اندر جا سور ڪنھن سان اوريان،
ڪرڻ ھيءَ ماڻ آھي مشڪل وينئي ڏک ڏيل ۾ ڏوريان.

1. برھ جي باھ بدن ۾، ڪري تي تاب ڏاڍو تن ۾،
آئون مخفي طور پنھنجي من ۾، چلھا ھن چاھ جا چوريان.

2. ھنر حرفت نہ ھلي منھنجي، نڪا تدبير چلي منھنجي،
نہ عقل جي بات اڪلي منھنجي پوءِ گھٽيون تنھن لاءِ کھڙيون گھوريان.

3. آئون جنھن جي نينھن لاوڻ لاءِ، ڪريان وس ويچ پاوڻ لاءِ،
سا تندڙي نباھڻ لاءِ، سا ٽري شل پيھ تاٽي ٽوريان.

4. ھيءَ عاشق "مننار" آھي جنھن جو، سو ملي من سوال مجھي منھنجو،
تہ آئون سنت جي لاءِ سر پنھنجو ڪلھن ۾ ڪنڌ وٺان ڪوريان.

ڪافي 482

تلھ: شايد منھنجي روح جو رايو ھو ساجن ساڻ صغيريءَ ۾،
مون تي آيو سڪڻ سھڻل! جو ھن پڇاڙيءَ جي وقت پيريءَ ۾.

1. سٽي گوھر جون گفتاريون، مون ڪان ويون ڳالھيون حرص واريون،
ٻيون سڏون سنسار جيون ساريون، ڦٽيون ڪيون مون فقيريءَ ۾.

2. اڄي مون تي نينھن ھنيو نعرو، سوگھو ڪيائين ساھ سڀ سارو،
ٻئي وجھ ڪوئن ٽيوم ويچارو، سو ڇڏيم اسباب اخيريءَ ۾.

3. جي اڳ نہ ملي تہ بہ سنديس مرضي، تيس غلام ڪنديس غرضي،
منھنجو الله ڪي عرض ھيءَ عرضي، تہ اعليٰ ھجي شال اميريءَ ۾.

4. پوءِ من ڪري "مننار" سين ملاقات، مرڻ جي ويل منجھ سڪرات،
پوءِ ٿيئي حاصل منھنجي حاجات، وري ايندو منھنجو ساھ سڏيريءَ ۾.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 483

تلهه: سگهو مل، سوال سڻ سڄڻ! تي آهي منهنجي هاڻ آخيري،
توکان ريءَ درس دم ناهي، مونکي پيو فيض يا فقيري.

1. هيءَ وصل جي آب جي اُجياري، سا پياسڻ تون نہ پياري،
سگندي ڇمار ويئي ساري، پڇاڙيءَ جو پهر آئي پيري.

2. ازل جو ڏينهن سگهو ايندو. ملڪ الموت ماريندو،
جي منهنجو پورو مقصد اڳ ٿيندو، تہ ڇڻ آب حيات جي دل ڏيري.

3. مونکي اهڙو نہ پيو مشڪل، جو هنر ڪارگر ٿئي نہ عقل،
تون مل محبوب! ڪر ڪو فضل، تہ جوانيءَ جي ٿئي صغيري.

4. تون جڏهن "منٺار" کي ملندون، مون اڳڻ آسائتي جي ٽلندون،
مون ساڻ خوش حال ٿي ڪلندون، منهنجي تڏهن ويندي دوست دلگيري.

ڪافي. 484

تلهه: سموري ڇمار ويم سڪ ۾، رهجي ويئي پياس پياري جي.
الاجي! اها آس ڪڏهن پڄندي، مون عاشق ورهہ واري جي.

1. جهجڻ منهنجيءَ جان کي، جهوري لڳل لنئون لنئون منجهہ لوري،
ٿڏي رٿ ۾ نہ ٿئي ٿوري، جو سڙان سڀ رات سياري جي.

2. السـتي عشق اهڙو آهي، هٿن جو هاڻ ذروئي ناهي،
جي پوان پاڻيءَ ۾ لٿا لاهي، تہ بہ اوجهامي نہ آڳ اونهاري جي.

3. جڏهن وسي مينهن ٿئي ٿو ملار، سو سيڪنهن خلق لاءِ سڪار،
تہ بہ مون سان ماتام اهوئي آزار، سا وڃي نہ ورونهہ ورساري جي.

4. جڏهن عجيب مون وٽ ايندو، ورونهہ وڇوڙو پوءِ ويندو،
اهو ڏينهن عيد جهڙو ٿيندو، جڏهن پڄندي مراد "منٺاري" جي.

Scanned with CamScanner

راڳڻي ڪسوري

ڪافي.485

ٿلهه: قهري قهار تون آهين، رب ڏاڍو الله جلشانا،
ڪربلا ۾ شاهه کهايئي، افسوس اٿم ارمانا.

1. بيبي سچيءَ جا پيارا، دل دادلا دلدارا،
معصوم هوا موچارا، سي پٽون ڪرايئي پروانا.

2. حضرت عليءَ عليه السلام جا فرزند، ڪوڏئون نپايا محمد ﷺ،
سي ڪوٺي ڪهائي خاوند، آٿي ڪٽڪ ڪافرانا.

3. دل جاني نبيءَ جا جيارا، سپ فوج جا سالارا،
اسلام جا تہ اوجارا، اُهي صوبا مارايئيءَ سلطانا.

4. زڪريا نبي چيرايئي، يوسف مصر وڪٽايئي،
يونس مڇيءَ منجهہ پايئي بحرن اندر غرقانا.

5. جيڪو ئي تہ عالم اپايئي، تنهن کي زائقہ موت چکايئي،
پيو باقي تہ ڪو نہ بچايئي، هڪ تونهين بقائي سبحانا.

6. تو جو نالو قهار سڏايو، اتي پڳيئي سين جو پانيو،
"مننار" پاند ڳچيءَ پايو، پري توبهہ زاريون ۾ جانا

ڪافي.486

ٿلهه: عشق ڪڙا ڪيا سو لک ساز، من ويو موهجي، وئي وسري نماز.

1. شريعت لاڳو آهي عقل سين، پر هوش منهنجو نيو برهي باز.
2. دلبر دل ڪير ديواني، جڏهن ڏيکاريئي هڪ نقطو ناز.
3. سوز سکڻ ڪان وجود نہ واندو، عقل نيو ان جي گهور غماز.
4. چوي "مننار" منهنجي من سٽيا، الست بربڪم اهي آواز.

Scanned with CamScanner

ڪافي.487

تلهہ: تا چون خداوند آهي لامڪان، ۽ خدا جو رهڻ هنڌ آهي انسان.

1. الانسان سري و انساره اها تہ گواهي ڪهي تو قرآن.
2. ونحن اقرب، واحد ويجهو، پوءِ ڇو رکين تو غير گمان.
3. صورت ۾ ڪعبو، صورت ۾ قبلو، صورت ۾ صاحب خود سبحان.
4. تئي "منٺار" فنا مرشد ۾، تاصحي سڃاڻي رب رحمان.

ڪافي.488

تلهہ: شوق خدائي سڀ سين رفيق، پاڻ نہ ڪنهنجو زات شريڪ.

1. ايءَ مام محبت جي مشڪل آهي، سون منجهان ڪو سمجهي صديق.
2. بي رنگ بيشڪ، سڀ صورت ۾ تل نہ تفاوت، ڇاڻ تحقيق.
3. لاشڪ مالڪ آهي لامڪاني، ۽ ونحن اقرب، نيڙو نزديڪ.
4. ڏس "منٺار"! ايءَ رمز رباني، سمجهہ صحيح ڪر عقل عميق.

ڪافي.489

تلهہ: ڪير آهي ڪافر، ڪير مسلمين، عقل پنهنجي کي ڪر تون آمين.

1. تو ۾ ڇا بدايت، تو ۾ ڇا هدايت، ڇئو تہ درس تو ۾ ڇاهي دين.
2. دل ۾ دوزخ، وجود ۾ ووزج، ورونهن انهيءَ ۾ تي غمگين.
3. پاڻ ۾ پاڻهي، جڏهن تون سڃاڻي، پوءِ تئين فقيرن سين نام نيشين.
4. اي "منٺار" سالڪ تي سمجهج، تان پوءِ تئين هوند سرت سمين.

Scanned with CamScanner

تار تين تار

ڪافي.490

تلهه: هستي هڻڻ جي ڦنو ڪر پانيو، تڪبر هو عزازيل ٽڙايو.

.1 او ب جڏهن ٿيو حجتي، تڏهن ٿيو لعنتي،
نه ته ايڏو عمل ٻئي ڪنهن نه ڪمايو.

.2 جيتر تون سائين! پنهنجو پاڻ نه وڃائين،
تيتر آهي تنهنجو عقل اجايو.

.3 لطف گهرج تون، توبهه ڪرج تون،
نه ته پڙهي پڙهي رب ڪنهن نه ريجهايو.

.4 پائي "منٺارا" ڳچيءَ ۾ ڳارا،
ته پوءِ ٿيئيءَ من سانگ سجايو.

ڪافي.491

تلهه: شاهه برهي دا شان ويکو، شاهه برهي داشان،
ميں حيرت وچ حيران.

.1 تي منصور سوليءَ تي چڙهندا، ملهائيندا ميدان.

.2 شمس الحق تي ڪريندا ڪرامت، وچ ظاهر انسان.

.3 برهه بهادر شاهان، سورهيه عشقي وچ ايمان.

.4 آکي "منٺار" من حيرت وچ، سر سارا سبحان.

Scanned with CamScanner

ڪافي .492

ٿلهه: تون سبحان يا الله ، آئون حيران آهيان.

1. تون آهين پاڪ پرور، تون آهين قديم قادر،
تون جلشان يا الله! آئون انسان آهيان.

2. تون آهين خلق خالق، تون آهين ملڪ مالڪ،
تون لامڪان يا الله! آئون قربان آهيان.

3. تنهنجي يا الاهي آهي بادشاهي،
تون سلطان يا الله! آئونيٹ پان آهيان،

4. چوي فقير "منٺار" آهيان امدنوار،
تون رحمان يا الله! آئون اميدن وان آهيان.

ڪافي. 493

ٿلهه: منهنجي دل کي اچن غوطا، درد درياهه ۾ دم دم.

1. وسان پنهنجي آهيان ويڙي، ڪرم لڪئي ايئن ڪيڙي،
پلينڊن ڪان اچي پيڙي، عشق اوڙاهه ۾ ٺم ٺم.

2. لڳم هڪ يار سان ليڙو، منهنجو من مجروح آهي ٽيڙو،
ٽنڻ جو ناهي سو پيئڙو، منهنجو بي پرواهه ۾ ڪم ڪم.

3. جهڇڻ منهنجي جا نڪي جهوري، لڳيم سهڻي يار جي لوري،
عمر باقي رهيم ٿوري، جو رنم هن راهه ۾ رم رم.

4. چوي "منٺار" مرڻ جهڙو، اچي ٿيم حال هيءُ ههڙو،
قصو تنهن جو ڪريان ڪهڙو، جو سندم سڀ ساهه ۾ غم غم.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 494

تلهه: ملڻ محبوب جو مشڪل، اتم ارمان ڪيئن ڪريان.

1. ڪئين انسان کٽي لئه، ملڪ محتاج مهٽي لئه،
سڪن منهنجي يار سهٽي لئه، حورون حيران ۾ پريان.

2. جن جون اٽڪيون اتي اکيون، ته جادو جهٽ پٽ نهوڙي نيون.
حسن جي لاءِ هزارين ٿيون، بيوس مستان ۾ چريان.

3. آهي دل عشق آزاري، ماٽين محبوب جن ماري،
زوراور سان منهنجي زاري، توبهه جلشان تي پريان.

4. جي اڇي فضلئون ڪري ڦيرا، پري "منٺار" ڏي پيرا،
ته سنت سڀ ساهه تنهن ويرا، ڪري قربان سر ڏريان.

ڪافي. 495

تلهه: حرص جو حال ويو تن ڪئون، سڪڻ واري سور جي ساڙيا.

1. برهه جن کي لڳو لولي، مثل درياءَ جي ڇولي،
هڪ هئي يڪي ٻولي، ورهه وهلور جي واٽيا.

2. مطلب جن تي محبت ائي، صفاتي يا حيقائي،
ته رکڻ سو کي ان سچائي، قرب کلور جي ڪاڙهيا.

3. لڳين سڪ ڪا بي صبريءَ جي، زوراور يار زبريءَ جي،
ڦکي ملين فڪريءَ جي، محبت مذڪور جي ماريا.

4. ٺجان "منٺار" تون تن تان، صدق سو وار عاشقن تان،
جي سوريءَ تي پتنگ پرين تان، مثل منصور جي چاڙهيا.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 496

تلھہ: تڪبر ڪان ڪيم توبھہ، منھنجي انتظاري آھہ.

1. لاابالي سرڪار آھي جنھن جي، حجت ناھي تنھن سان ڪنھن جي،
پوءِ ڪھڙي مجال ات منھنجي، جو خدا جو نام قھاري آھہ.

2. گناھن جي آھيان ڪن ۾، رکي رب پاڪ آمن ۾،
وڏيون آسون اتم اُن ۾، جو خطا بخشيندڙ باري آھہ.

3. خبر ھن حال منھنجي جي، اندر احوال منھنجي جي،
گذر ۽ خيال منھنجي جي، خدا کي معلوم ساري آھہ.

4. منجھہ درگاھہ ڪريان دانھون، عرض ۽ سوال پيون آھون،
پڏي "منٺار" ٻئي ٻانھون، ڳچيءَ منجھہ پاند ڳاري آھہ.

ڪافي. 497

تلھہ: ادا! پنھنجي زور زبريءَ سان، توبھہ مونکي يار پڙھائي آھہ.

1. بنائي مون جنگ پوريءَ سان، لائي نوبت ندوريءَ سان،
بالا ٿيو يار ٻي زوريءَ سان، جنھن حسن جي فوج لڙائي آھہ.

2. ڪپي منھنجا قھر جيرا، ڪيا آھن يار پيرا پيرا،
ڏنئي آتش پري پيرا، جنھن سيني منجھہ ديگ چڙھائي آھہ.

3. جھاتي مون يار ڏي پاتي، ناھي سڪ روز ڏينھن راتي،
قرب جي ٿي کھي ڪاتي، جنھن الٽ رمز اڙائي آھہ.

4. ٿيو "منٺار" جو حال کھڙو، نہ مئو آھي نہ جيئڻ جھڙو،
پيالو يار ڏنم اھڙو، اجا ڪلين منجھہ ساڪرائي آھہ.

Scanned with CamScanner

ڪافي.498

ٿلهه: منهنجيءَ دل کي طلب تنهنجي، قسم رب پاڪ پرور جو.

1. هيءَ قول حديث ڪريمي، تنهنجي تعريف تعظيمي،
انا احمد بلاميمي، چوڻ تو پاڪ پيغمبر جو.

2. مونکي تنهنجو آسرو آهي، ڇڏڄ هت ڪير ڪين راهي،
توريءَ منهنجو ٻلو ناهي، تو منجهه مقصود محشر جو.

3. سڏايان تو سندو سوالي، سدا منهنجي مڪر خالي،
پيار وحدت سندي پيالي، آهيان پيٽ پان تنهنجي در جو.

4. ڪري "منٺار" محتاجيون، ڪدي ڪاٽيون ۽ احتاجيون،
ڪريو اُن جون ڪي علاجيون، جو سوالي تو شاهه سرور جو.

ڪافي.499

ٿلهه: مون وٽ محبوب اچ آيو، شڪر الحمدالله چان.

1. اصل آسون هيم اهڙيون، پنيون جيءَ تي گهريون جهڙيون،
ڏنيون طالب اڪين تهڙيون، جو آيو خود نور الله چان.

2. پرين مون ڏي پير اچ پايو، رکي رحمت سندلو رايو.
اهو سرتاج اچ ايو، محمد رسول الله چان.

3. موچاري تي آ دل منهنجي، ڏٺي صورت گهريئي جنهن جي،
پنيس مراد سڀ پنهنجي، تي آهي واصل باالله چان.

4. چوي "منٺار" منهنجو مرشد، آيم اچ خواب ۾ خورشد،
الله چاٿي يا آهي محمد. يا علي شاهه ڪرم الله چان.

Scanned with CamScanner

ڪافي.500

تلهہ : تـون تـان مونکـي يـاد ڪـج دلبـر! آئـون دم نـا وسـاريندي.

1. تو جي مون سان قول هئا ڪيئڙا، سي مون کي وسري دم نہ ويئڙا،
عمـــر ســاري ٿمـــر تيئـــڙا، ســـاعت ســـاعت ســـنڀاريندي.

2. تنهنجـي صـورت رکيـم مـن ۾، لڳيـون تـارون منهنجـي تـن ۾،
برهـــي بيمـــار ڪئـــي بـــدن ۾، گونـــدر ڏينهـــڙا گذارينـــدي.

3. جهـاتيون تـو مونکـي يـار پـاتڙيون، ڪهـن دم روز ڪـاتڙيون،
ڪريـو تنهنجيـون يـاد بـاتڙيون، اکيـن مـون آب هـاريندي.

4. تـون ڪـر "منٺـار" سـان ميلـو، وجهـہ نـہ هـڪ وقـت جـو ويلـو.
سـاجن سـهڻا! اچ سـويلو، آئـون تـو منجهہ حـق نـور نهـاريندي.

ڪافي.501

جي دوستيءَ واري هلين دڳ ۾، پوءِ طمع کي ڇو نٿو ڇڏئين.

طمـع توکـي جـڏهن ڏينـدي، مئيـا منهـن جـي تـڏهن وينـدي،
اصـل ايمـان سـا نينـدي، پـوءِ هنيـو ڇـو غيـر ۾ گـڏئين.

طمـع وارو اڳيـان تنکـي، دليـان وٺنـدو نـہ دوسـتن کـي،
پونـدو ڪـڙو قريبـن کـي، جـدا ڏينـدو جـڏهن تـڏهين.

طمـع سـان تنـد ٽوڙينـدي، پـرت جـا پيـچ اکوڙينـدي.
لقـب لعنـت جـا لوڙينـدي، ڪرئـايندي ڪـوڙ سـا ڪـڏهين.

گهريـن "منٺـار" تـو مايـا، رکيـو پنهنجـي روح ۾ رايـا،
وجـائين سـي نٿـو وايـا، سـچو پـوءِ سـيل ڇـو سـڏئين.

Scanned with CamScanner

ڪافي.502

تلهه: منهنجي من تي موهه دنيا جو، م موڪل يا منهنجا مالڪ!

1. زڪر مونکي ياد ڏي پنهنجو، مڪر جنهن ۾ نه ٻئي ڪنهن جو،
اهو مقصود آهي منهنجو، هڪ توڏنهون خيال هئي خالق!

2. تهنجي ذڪر سين نج منهنجا دمڙا، لاهي ٻيا غير جا غمڙا،
ڪرائين سي متان ڪمڙا، جي هجن شيطان سين تعلق.

3. سي اڇن امداد سين اڪمل، جي مرد موليٰ تنهنجا مڪمل،
جن جي هٿ سچا صيقل[1]، صفا ڪن قلب ڪي سالڪ.

4. چئي "مننار" يا موليٰ!، سبق تون ڏي مونکي سولا،
آهن ڪم ابليس جا اولا، تو بچائيءَ ۾ ٻوڙي ٻالڪ.

ڪافي.503

تلهه: تي سنڀاليندڙ سدا، پنهنجي تون حال جو،
پو م تار م، تون سعيو ڪر سنڀال جو.

1. نام وسارين متان، ساري جڳپال جو،
اسم چئو الله دم دم، جلال جو.

2. اسباب تنهنجو پوءِ ٻه، ڪهن آهي ايال جو،
ڪم نه ايندو ڪو زرو، مايا ٻئي مال جو،

3. جنهن ڪم منهنجان قلب ڪي، تئي ضرر جنجال جو،
چو چڏين وريو سو نتو، خطرو خيال جو.

4. اي "مننار"! سمجهه نقطو هيءَ، منهنجيءَ مقال جو،
سچائچ سچائيءَ سين، تون حق حلال جو.

---

[1] سونهن

راڳڻي ڪونسيو

ڪافي.504

تلهہ: ڏي محبوب هن مريض کي، دوا ديدار جي،
ٻي ٻڪي اصلئون ناهي، ٻر هي بيمار جي.

1. وسري ويئي وجود مان، سڌ ٻي سنسار جي،
روح ۾ اٿ تنهنجيءَ، پيارل پچار جي.

2. آزي ۽ نيازي، اها مون عرضدار جي،
تون وجهہ نہ جدائي، خدا ڪارڻ ڪا وار جي.

3. منهنجي دانهن ۽ فرياد، ڙي اها پوڪار جي،
جو حياتي سنديم آهي، اوهان جي اختيار جي.

4. سڪ واري سوداءَ، اڄي لڳيم ڇمار جي،
تنهن جي ڏسڻ بنا، صحت ناهي "منٺار" جي.

ڪافي.505

تلهہ: توڪان پنهل پرانهون ناهي، تون ڪيچ ڏي ڪشالا ڪوتي ڪرين؟

1. وو الله بہ ڪل شيءِ محيطون[1] الو الو،
اها آيت شاهد آهي.

2. وو پاڻ جو پڙدو تون ڪر پاسي الو الو،
پيو لباس هئڻ جو لاهي.

3. وو پنهنجي گهر ۾ پنهل کي ڳولج الو الو،
دل اندر سرت سين ٿاهي.

4. وو اي "منٺار"! مرشد تنهنجي الو الو،
اهو ڏس فرمايو ڏاهي.

---

[1] محيط

ڪافي.506

تله: ميڪون پرت پنهل پر مل دي، جيجل ماءِ! نہ رهيسان جهلدي.

1. وو شرم شوق ميڏا نيتا، الو الو،
ناهڻ جاءِ عقل اٽڪل دي.

2. وو روز ميثاقون محبت ميڏي، الو الو،
ناهي نسبت ميڏي، اڄ ڪلهہ دي.

3. وو پينر!! شهر پنيور چوڙيسان، الو الو،
مين هوت پنهل پڇون هلدي.

3. وو درشن باجهون، دوست پنهل دي، الو الو،
ڏوجهي دل ڪون، نہ دوا درمل دي.

4. آکي "منٺار" ميڪون نہ وسر ڳئي، الو الو
مٺي محبت ميڏي مڪمل دي.

ڪافي.507

تله: وو ميان هوت بلوچ پنهل! آئون تڪيس ڏونگر ڏوري.

1. وو اڄ ميان ارياڻي! پنهنجو شان سجاڻي، الو الو،
اڄ اسر خدا جي اوري.

2. وو ڏس تو جي لايون مونکي برهہ جون باهيون، الو الو،
ويون چاهہ اندر منجهہ چوري.

3. وو سر ساهہ صدق، ارواح صدق، الو الو،
آئون ڪريان تو گهوٽ مٿاهون گهوري.

4. رو چئي "منٺار" صدق سو وار آئون ڏيان.
سر تہ ڪلهہ ڪئون ڪوري.

Scanned with CamScanner

ڪافي.508

تلهہ: تنهنجي برهہ ڪيا پڙڪارا، ٻيا عشق نيم اسباب مڙيئي.

1. وو مارڻ لاءِ مشتاق ويچاري، الو الو،
آنديئي حسن سندا هٿيارا، اچي تيز ڪڙا ڪيئي تاب مڙيئي.

2. وو انحد مرلي عشق سڻائي، الو الو،
اچي چٿو قبلي چوڌارا، ٻيا ساز سرود رباب مڙيئي.

3. وو بنا شوق وجود ۾، جيڪي الو الو،
اُهي ڪيڙا عشق انگارا، ٻيا خيال سڙي تيم خواب مڙيئي.

4. وو چئي "مننار" محبوب اوهان جي، الو الو،
اسين حسن سندا پوڄارا، تنهنجي صورت ڏسڻ ثواب مڙيئي.

ڪافي.509

تلهہ: تڏهن حورن هنڌڙا وڇايا، جڏهن دوست آيو ديدار ڪرڻ.

1. وو ملڪن موڙ ٻڌا محمد ڪي، الو الو، ٻيا گيت پرين تي ڳايا،
اُهي سوين لڳيون سينگار ڪرڻ.

2. وو سوين سرهاڻيون سيج پلنگ تي، الو الو، آٿي عطر عنبير پلٽايا،
آيا غلمان ڇٽڪار ڪرڻ.

3. وو صورت سرور جي سبحاني، الو الو، جنهن شمس قمر شرمايا،
جو نور آيو هو نروار ڪرڻ

4. وو محمد ملڪ وٺي سڀ آيو، الو الو، جنهن پينارا پهرايا،
جو آيو سخا ڏاتار ڪرڻ.

5. وو تنهن وقت ۾ طالب تنهن وٽ الو الو، بيٺي پاند پنڻ لاءِ پايا،
هو آيو زيارت "مننار" ڪرڻ.

Scanned with CamScanner

ڪافي.510

ٿلهه: الحمد سوين شڪرانا! اڄ دوست اڱڻ آيو دلبر.

1. وو محبت ميگهه ملاريون ڪيڙيون، لک باغ ڪليا بستانا،
وٺو مينهن قرب جو ڪڪر.

2. وو آسون اُميدون پنيون دل جون، ڪٿي الله ڪيا احسانا،
جو خاوند پاڪ خدا پرور.

3. وو سيڪنهن چال سڌريل سوڌو، ٻي جا صورت سنديس سبحانا،
مٿ نه جنهن جو مهتاب قمر.

4. وو چئي "منٺار" مٺي محمد تان، پنهنجو سر تہ ڪنديس قربانا،
من سنت قبول ڪري سرور.

ڪافي.511

ٿلهه: تنهنجي عشق ڪيس گهر غم ۾،
منهنجي دانهن اها دم دم ۾.

1. وو هي ڏک ڏينهن الستئون مانڪي، الو الو،
هئا لکيا لوح قلم ۾.

2. وو صبر سڪ ۾ ساعت اوڪو، الو الو،
ڪيئن بيهنديس پر ۾ شرم ۾.

3. وو ريءَ ديدار اوهان جي دلبر! الو الو،
ناهي مطلب ڏين ڌرم ۾.

4. وو چئي "منٺار" اچن لک غوطا، الو الو،
هن وچ درياءَ قلزم ۾.

ڪافي.512

ٿلهہ: ڏونهون ڏل ۾ درد ڏڪايو، عقل شرم عشق اڏايو.

1. سي نہ پڇن پيو سانگو سڪن جو، الو الو،
جن پيرُ پريت ڏي پايو.

2. صبر سگھ ۾ ساعت ناهي، الو الو،
لڳو برهہ نہ ڪهين لڪايو.

3. خاڪ ٿيا پيا اسباب اندر جا، الو الو،
جڏهن محبت مچ مچايو.

4. چئي "منٺار" مرڻ ناهي جيئڻ الو الو.
اهو وقت ويچاريءَ تي آيو.

ڪافي. 513

ٿلهہ: جاڳيو دل منجهہ درد پرين جو، ويو هي گوشت ڳري عضون جو.

1. وو پڙ پڙ باهہ برهہ جي تي پڙڪي، الو الو،
پيو جو آذمون عشق الن جو.

2. وو ڪاجا ورونهہ وجود ۾ آهي، الو الو،
جيئڻ وسريم ساءُ سڪن جو.

3. وو اڻ تڻ عشق اندر ۾ آهي، الو الو،
ناهي ننڊ آرام اکين جو.

4. وو چئي "منٺار" مرض منهنجي جو، الو الو،
آهي دارون ديدار دوستن جو.

ڪافي. 514

ٽلهه: سائين! دوستي يار رکڻ توسان دلبر سور آهي سرچاوڻ.

1. وو وچ درياهه، دکن جي ڪن ۾ الو الو،
اهي دم دم غوطا کاوڻ.

2. وو هستي حال وارن منجهه نا هي، الو الو،
پوءِ نيچ سدا سر ناوڻ.

3. وو راتو ڏينهن روئڻ منجهه اکيون، الو الو،
جيئن مينهن وسي منڊ ساوڻ.

4. وو چئي "منٺار" محبت جي مچ ۾، الو الو،
آهي پاڻ اُمالڪ پاوڻ.

ڪافي.515

ٽلهه: ٻيا سڳ سڀئي تي ڇنان، هڪ تنهنجو نالو پيئي پنان پنا.

1. وو بي پرواهه رب بالا تون آهين، الو الو،
آئون ساجح توکان ٻي ڪهڙي ڳنان ڳنان.

2. وو ٻيا سک سيجون، طول وهاڻا، الو الو،
ان کي ڪوهه ڪريندس تو بنان بنان.

3. وو لوڏج ڪير ليلان جيئن مونکي الو الو،
آهين ڏاڍو تون، اسين جي ڊنا ڊنا.

4. وو چئي "منٺار" اڃي مل مونکي، الو الو،
ڪٽي ڏي اسان ڪر تو ڏنا ڏنا.

Scanned with CamScanner

ڪافي.520

ٿلهه: درد منهنجي دلڙيءَ جا، پروردگار خدا ڄاڻي.

1. وو جيڪي آهي منهنجي جيءَ سان ٽيئڙو، الو الو،
سو سيوئي ستار، خدا ڄاڻي.
2. وو اندر آئنٽيو، تا جلن جيرا، الو الو،
هو مالڪ مختيار، خدا ڄاڻي.
3. وو لڳيم لئون لئون جي اندر لوري، الو الو،
سو ڏسي ڏاتار، خدا ڄاڻي.
4. وو آهي "مننار" کي محبت ماريو، الو الو،
منهنجو خلقٽهار، خدا ڄاڻي.

ڪافي. 521

ٿلهه: پيو مٺ مور نٿو سمجهان، دنيا منجهه يار دلبر جو.
اهو آهي قسم مونکي، خداوند پاڪ پرور جو.

1. خدا جو نور، نبيءَ جو نور، الو الو، ساڳيو سو پاڪ سرور جو.

2. سڄڻ منهنجو اهو ساڳيو، الو الو، ساقي جيڪو حوض ڪوثر جو.

3. ڏنم سو تجل جهلڪار، الو الو، سو عجب اسرار انور جو.

4. گهري ٿو "مننار" يار جو ديدار، الو الو، نه گهري بيو سک سهنج محشر جو، الو.

Scanned with CamScanner

ڪافي.522

تلهه: اسان ساڻ يا الله موليٰ، ڪجان هر وقت همراهي،
بنا توريءَ ڪنڌي ناهي، پنان تي پوش تو پناهي.

1. وو مدايون ڪر معاف، مڙيئي تون منهنجيون، الـو الـو،
سڄاڻج شان پنهنجو شاهي.
2. وو تون آهين وارث منهنجو والي، الـو الـو،
آئون آهيان صاحب تنهنجو سپاهي.
3. وو درد دوکا مڙيئي منهنجي دل جا، الـو الـو،
ڪجان غم ڏور گمراهي.
4. وو چوي "منٺار" هي مشڪل منهنجو، الـو الـو،
ڪجان آسان يا الاهي.

ڪافي. 523

تلهه: حق ڪلمو لااله الاالله، محمد رسول

1. وو نور جنهن جي مان حضرت آدم الـو الـو،
آهي پيدا ٿيو صفي الله.
2. توهه جنهن جي سين طوفان ڪان اڪريو، الـو الـو،
نرمل نوح نبي الله.
3. وو برڪت جنهن جي آڙاهه ڪي بهار ڪيو، الـو الـو،
پوءِ خوش ٿيو نبي خليل الله.
4. وو جنهن جي محابي موسيٰ پڙهيو، الـو الـو،
توريت ڪتاب ڪليم الله.
5. وو مج "منٺار"! من سين محمد، الـو الـو،
آڻ يقين بسم الله.

ڪافي-516

تلھ: تنھنجا روز پچان تي پانڌي، وري آءُ يار ملڻ لاءِ ماندي.

1. وو دردن واسطي ھن دنيا ۾، الو الو،
آئون جا آھيان امر ھت آندي.
2. وو دردن جي درياءَ ۾ سر جي، الو الو،
سان نہ آھيان ورھہ ڪان واندي.
3. توري زور ضعيف آئون تي آھيان، الو الو،
ھاڻي اچي مل، ڪر امدادي.
4. توري ڏکيا ڪٽيم ڏينھڙا، الو انو،
جيئن بند ۾ گذارين باندي.
5. چئي "منٺار" اچي ل مونکي، الو الو،
توسان ھيڪر تہ ن ھيڪاندي.

ڪافي-517

تلھ: آئون تي ڪارون تنھنجي لاءِ ڪريان، تون منھنجي ملڻ لاءِ وري آءُ.

1. وو پايو پاند ڪچيءَ منجھہ ڪاري، الو الو،
آئون زاريون توبھون تي پريان.
2. تون آھين وارث منھنجو والي، الو الو،
مونکي توريءَ ساعت نا سريان.
3. ھينئڙو ھڏيون، چم پاسريون، الو الو،
ھن باھہ برھہ منجھہ پريان.
4. چئي "منٺار" اچي مل مونکي، الو الو،
آئون سر تہ سنت منجھہ ڏريان.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 518

ٿلهہ: ڏٺيسون منجهہ خواب سهڻي صورت، الاهي اسرار ڇا چوندس.

1. ور صبح جي سج کي، ناهي اهڙي صورت، الو الو،
شمس جهلڪار ڇا چوندس.

2. ور قمر چنڊ کي بہ ناهي قدرت، الو الو،
چوڏس چمڪار ڇا چوندس.

3. ور بيان هن بات جو بيحد، الو الو،
سو سندن سينگار آئون ڇا چوندس.

4. ور وصف واکاڻ ڪندو ڪيتري، الو الو،
هيءُ ويچارو "منٺار" ڇا چوندس.

ڪافي. 519

ٿلهہ: سڄڻ سر نور سبحاني، قمر ڇا هي چنڊ چوڏس جو.

1. ور جنهن جي ڪجلين ۾ ڪامڻ آهي، الو الو،
خماري دام دلين کسجو.

2. ور جتي طاقت منهنجي ڪان ٻولڻ جي، الو الو،
اتي ڇا هي اختيار، مون بيوس جو.

3. جي پسائي مونکي پاڪ پنهنجي پيشاني، الو الو،
تہ وري مون بخت بيڪس جو.

4. ور تنهن جي ڪندو "منٺار" مقال ڪيتري، الو الو،
جو سنڌو ساراهہ ناهي بس جو.

Scanned with CamScanner

ڪافي.524

تلهہ: سڪي ڪر ياد اٿر ادبئون، حقيقت رمز رندن جي.

1. وڻن وچ، تان تئين واقف، چڱي مجليس مردن جي.

2. خدا ڏي خيال رک بندا! ٻي دعوي ڪر دور ڏندن جي.

3. متان پلندو هجين پورا! صحي ڪر واٽ سمڏن جي.

4. اي "منٺار" مک چشمن کي، پٽي پيزار سندن جي.

ڪافي.525

تلهہ: مجهڪو ميري محبوب مرشد، الو الو
پريم پيالا ديا

1. وو ئي پيالا آب حيات، الو الو، پرين ديا هم پيا.

2. وو ئي پيالا جس ني پيا، الو الو، وو ئي جوڳي جڳ جڳ جيا.

3. غم وهم دل ميري ڪا، الو الو، گرنات نظر سي نيا.

4. کهي "منٺار" مرشد ميري، الو الو، يهي ڪرم قريشي ڪيا.

Scanned with CamScanner

ڪافي.526

ٿلهه: منهنجيءَ آرياڻيءَ جا آيل، هاڻي ڦٽي آهي پرهه ڪٽنديس پيرا.

1. رو هيءَ ٻانهڻ ٻاروچل ڪان ڏاران، الو الو، آهي غم گونڌر منجهه گهايل،
هيءَ آيو فراق، جلن تا جيرا.
2. رو ڪنديس ڪشالا ڪيچ ڏسڻ لاءِ، الو الو، آئون انهيءَ اميد اجايل،
من ڏسان دوست پنهل جا ديرا.
3. رو ويندس ووڙيندس پنهل کي، الو الو، آهيان تانگهه سنديس جي تپايل،
باهه برهه منجهه ڇاتيءَ ڇيرا.
4. رو لاءِ محبوب جي موت قبوليم، الو الو، آهيان مٿانس گهور گهمايل،
مرڪين مرون، ڪري ٻوٽيون ٻيرا.
5. رو مان ملان "منٺار" فقير چئي، الو الو، وڃي ساڄن ساڻ سڪايل،
جي اوري ميس، ته صدق سو پيرا.

ڪافي.527

ٿلهه: اڄ هت نه رهنديس، هاڻي وينديس ڪيچ ۾ لاءِ ڪوهياري.

1. ستيس ڪوهه نجهان تيم ڪڇاڙو، الو الو آهيان ڳٽتي منجهه ڳاراٽي،
سو ويو هي وقت معياد گذاري.
2. رو پينر پنپور ۾ ڪيئن ڪٽيان، الو الو، منجهه ڪوجهي شهر ڪرهاٽي،
من ڏاتر ڏيرن جو ڏيهه ڏيکاري.
3. رو ڪٽنديس پير پنهل پيارل جو، الو الو، سج ايرڻ وقت صبحاٽي،
مرشد سرور شاهه کي سنياري.
4. رو چئي "منٺار" مراد ملڻ جي الو الو، اتي ساڄن شال! سڄاٽي،
مونکي ور پنهنجي، من ڪري وهاري.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 528

تلهہ: ڏسان پنهل مونکي پهہ پيو،
ڪاڏي ڪچ اديون! ڙي ڏس ڏيو ڏيو.

1. وو پينر! ڪيئن پنيور ۾ ڪٿيان الو الو، سک سانت صبر سڀ ويو ويو.

2. وو عقل شرم حياءُ سڀ منهنجو لاو الو، هاڻي نينهن نهوڙي نيو نيو.

3. وو هوت ڏي هلڻ هدايت پايان الو الو، آهي وهڻ مونکي وهہ ٿيو ٿيو.

4. وو مان ملان ”منٺار“ فقير چئي الو الو، علاج ڪريو پيڻ اهو اهو.

ڪافي.529

تلهہ: رايو روح اندر منجهہ آهي، پنهنجي هوت پنهل ڏي آئون ويندس.

1. وو پينر! شهر پنيور ڪان، بس ڪيم الو الو،
بيا لاڳاپا سڀ لاهي، جبل جوڳياڻي آئون ٿيندس.

2. وو پنهل پڇاڻا هت جيڏيون! وو الو الو،
مون کي جان جيارڻ ۾ چاهي، سر قربان وجي ڪيندس.

3. وو آئون اڻ سونهي، واقف ناهيان الو الو،
منهنجو ڏيهہ ڏنل سو ناهي، پر سونهون نينهن سندس نيندس.

4. وو مان ملان ”منٺار“ فقير چوي الو الو،
وڃي ڪيچ ملڪ منجهہ ڪاهي، نہ تہ بہ صدق ساهہ ڏونگر ڏيندس.

Scanned with CamScanner

ڪافي-530

ٿلهه: مون کي سفر وڃڻ جو سعيو، پنهنجو مان بلوچ ڏسان بر بر ۾.

1. وو ڪاهي ڪيچ ملڪ کي، ڏسنديس الو الو،
اهو روح اندر منجهه رايو، اتر اميد خدا پرور ۾.

2. وو آئون اڻ سونهي، پند اُٺانگو الو الو،
جتي پير لڳي ناپايو، ڏاگهن ڏيرن جو ڏونگر ۾.

3. سج پٽي ۾ مون سان، ڙي سرتيون الو الو،
نڪا پيڻ هلي نا پايو، مرشد مدد ڏيندو تر تر ۾.

4. وو چئي "مننار"، منهنجو مرشد سائين الو الو،
اچي ڪندڙم سانگ سجايو، ڏيندو حمايت حشر محشر ۾.

ڪافي-531

ٿلهه: رک ڏيان پيچي چڏ پولو، تنهنجو هر هنڌ هوت اهوئي اڪمل.

1. وو "و الله بہ ڪل شيءٍ محيط" الو الو، فرمان انهي ڪي قولو،
تہ ڪل هنڌ ڪيچ ڏٺي سو ڪنڊيل.

2. وو انا احمد بلا ميمي الو الو، اتي مير سندو هڪ اولو،
پيو تر نہ تفاوت سوئي تجمل.

3. وو الانسان سري و اناسره الو الو، اهو تور اندر منجهہ تولو،
تہ سئي! شان سندئي مڪمل.

4. وو ونحن اقرب ويجهڙو اتئي الو الو، اهو منجهہ وجود وڙولو،
پوءِ چو تي رلين، اتئي اتي رل مل.

5. وو متان منجهني "مننار"! سمجهہ ڪر الو الو،
پنهنجو چست نهارج چولو، تو منجهہ پاڻ پنهل پرمل.

Scanned with CamScanner

راڳڻي پهاڙي

532. ڪافي

تلهه: تجهه بن ديدار دلبرا، مجهه پر دوا نهين.

1. ميري درد کي فرياد، کس سي کهون پيا،
تجهه بن دوسرا طبيب، يي مجهکو روا نهين.

2. تيري دروازي اوپر دلبرا پکار هماري،
ديگرن جائون، دوسري مجهکو پوا نهين،

3. تيري درد ۾ مجهکو پيا، يي خوف مرن کا،
مينون جيني کا آسرا، تيري ملني سوا نهين.

4. کهي "منٺار" يي دن ورين، ايسا حال همارا،
تيري وصال کي مجهکو، کيي لگدي هوا نهين.

533. ڪافي

تلهه: مجهکو فراق هئي صنم تيري ديدار کا،
تيري ديدار کا پيا، تيري ديدار کا.

1. تيري تاس کي پياس هئي مجهکو ميرا پيا،
کهتا هون قسم، يا خدا پروردگار کا.

2. تيرا هجر، جدائي ميري، مرني کي نشاني،
ايسا حال هم سي هويا، جب عشقي آزار کا.

3. ميري درد کي دوا هئي، ملن يار تمهارا،
نهين کوئي دوسرا علاج يي برهه کي بيمار کا.

4. کهي "منٺار" سن پيا، يي عرض همارا،
تجلا تم هي دکائو، اپني رخسار کا.

Scanned with CamScanner

ڪافي-534

ٿلهه: هن عشق ۾ عريان لک هزار پڏاسون،
هن درد ۾ ديوان بي شمار پڏاسون.

1. ڪي وڃين ڪنا ڪربلا ۾، شوق دار پڏاسون،
ڪي افسوس ۾ عشاق، جيئن عطار پڏاسون.

2. ڪي شريعت جا شمس جيئن، سزا وار پڏاسون،
ڪي سوريءَ تي منصور جيئن، هسوار پڏاسون.

3. ڪي صنعان جهڙا شيخ، جڙئي دار پڏاسون،
ڪي عزازيل جيئن الله لاءِ، ڪفار پڏاسون.

4. ڪي فرهاد جيئن فقير، سي هموار پڏاسون،
ڪي صوفيءَ جهڙا سر جدا، ڏڙ ڏار پڏاسون.

5. جيئن هو مجنون ليليٰ، تيئن بردار پڏاسون،
ڪي صيفل جهڙا سفر ۾ سردار پڏاسون.

6. ڪي هن تند جيءَ تنوار ۾، گرفتار پڏاسون،
ڪي سر سندا ڏياچ جيئن، ڏاتار پڏاسون.

7. ڪي صورت منجهه فنا، تيل اپار پڏاسون،
ڪي نينهن جيءَ نديءَ ۾، نگهو سار پڏاسون.

8. ڪي سڪ ۾ سڙي خاڪ ٿيا، ڦلهار، پڏاسون،
ڪي هن محبت ۾ مجروح، اي "منٺار" پڏاسون.

Scanned with CamScanner

راڳڻي پهاڙي

ڪافي.535

تلھ: آدم عشق مان پيدا ٿيو حضرت صفي الله برھو اول ڪيو الله.

1. اول عشق سان الله خلقيو نور تجليٰ،
منجھان نور ٿيا ظھور، سارا رنگ شغليٰ.

2. شيث ۽ ادريس، صالح نوح نبي الله،
ابراھيم عشق سان خلقيائين خليل الله،

3. اسماعيل ۽ اسحاق ۽ موسيٰ ڪليم الله،
يعقوب يوسف ذڪريا، ۽ عيسيٰ روح الله.

4. اي "منٺار" چئو اظھار لا الہ الا الله.
منجھان روح جي ويساھ، محمد رسول الله

ڪافي.536

تلھ: پائي رنگ ۾ اسرار، ڪنھن جھان بنايو.

1. ڪنھن تہ شمس، ڪنھن تہ قمر، ڪنھن آسمان بنايو،
ڪنھن زمين، جبل، بحر، بر بيابان بنايو.

2. ڪنھن تہ دين ۽ اسلام جو بيان بنايو،
ڪنھن مغرور بي پروڙ، پيو ڪفران بنايو.

3. ڪنھن بيد شاستر، پو تي وان بنايو،
ڪنھن توريت زنبور انجيل، آھي فرقان بنايو.

4. ڪنھن محمد شاھ نبي، راھ سبحان بنايو،
ڪنھن ملعون ۽ ابليس، پيو شيطان بنايو.

Scanned with CamScanner

راڳڻي پهاڙي

5. ڪنهن ويساهه ۾ يقين، آهي ايمان بنايو،
ڪنهن بي راهه اڻ ويساهه، آهي نادان بنايو.

6. ڪنهن مسجد ڪعبة الله جو مڪان بنايو،
ڪنهن گنگا تيرٿ ڪا شيا، بتخان بنايو.

7. ڪنهن پير ۾ استاد، شاهي شان بنايو،
ڪنهن مريد طلبدار، شاگردان بنايو.

8. ڪنهن امر ۾ اقرار جو امڪان بنايو،
ڪنهن لوح ۾ محفوظ، قلمدان بنايو.

9. اي "منٺار"! رک سيار، ڪنهن انسان بنايو،
تنهنجو ٻولڻ ٻڌڻ ڏسڻ، ڪنهن پران بنايو.

ڪافي.537

ٿلهه: آئون تو چوان هڪ تون آهين دل جي يقين سين.

1. ڪي تہ ڪافر تو ڪيا، ابليس جي هٿان،
۾ ٻيو محمد موڪليئي وري، دائم دين سين.

2. سج چند تارا تو ڪيا، آسمان جو سينگار،
وڻ گاهہ تو پيدا ڪيا، ظاهر زمين سين.

3. ڪل قدرت تو سندي، جملي جهان ۾،
۾ هيءَ سنيالي ڪيترو عقل، تخمين سين.

4. چئي "منٺار" آئون هر وار انتظار آهيان،
ڳچيءَ ۾ ڳاري، ڪير زاري، تو رب عالمين سين.

Scanned with CamScanner

ڪافي.538

سڀ جنس ۾ ساحڪمت ذات هيڪڙي. ٿلهه:

1. "الست بربڪم قالوابليٰ" جي رات هيڪڙي،
پيدا روح ڪيئي پلڪ ۾، سا طلسمات هيڪڙي.

2. وو الله بڪل شيءٍ محيط سا آيات هيڪڙي،
سڀ ۾ سوئي الله، نورالسماوات هيڪڙي.

3. اولاد آدم ۽ حوا جو، سا نيات هيڪڙي،
هئڻ هوڏ سڀ حرام، بني بات هيڪڙي.

4. اهي "منٺار"! ڪر ويچار، سار جماعت هيڪڙي،
هيءَ سندس نور تيو ظهور، سا قطرات هيڪڙي.

ڪافي.539

ٿلهه: سو سردار تجلدار آفتاب مون ڏٺو.

1. وو جيئن چنڊ تارن ۾، وي چوڏهينءَ رات جو چٺو،
وو تيئن قمر قوت دار، سو مهتاب مون ڏٺو.

2. جنهن جا ملڪ آدمي، ٻي ساري خلق سلامي،
سو ساري عرب عجم روم جو، نواب مون ڏٺو.

3. جنهن جي جوت جي جهلڪار، سارا عالم اُجاريا،
تيئم حضور ظاهر نور، ريءَ نقاب مون ڏٺو.

4. چئي "منٺار" ڪو اسرار، ٻي تعريف ڇا ڪبي،
قلب ڪنن، دل جي اکين سين، اهو خواب مون ڏٺو.

Scanned with CamScanner

ڪافي-540

ٿلهہ: هي ويچاري دوست جو ديدار گهري ٿي.

1. سنجهہ صبح ڏسڻ سونهن لاءِ، وروندہ پيو وٺي،
ٻي منجهہ حضور سندن نور جو جهلڪار گهري ٿي.

2. بنا ديد جي ٻي عيد، ڪري ڪانہ ٿي قبول،
ٻي سڀ ڇمار، ملڻ يار جو هروار گهري ٿي.

3. طالب موليٰ جو مذڪر، ڇيو رسول الله،
ان اُداس ٻي پياس پر، پنهنجو يار گهري ٿي.

4. چئي "مننار" بيقرار، زار زار ٿي روئي،
هڪ سوال يار! وصال جو، اظهار گهري ٿي.

ڪافي-541

ٿلهہ: سائين يا خدا! توکي خبر، جيڪيءَ منهنجي دل سان ٿيو.

1. منهنجو حال ٻي حوال، پيو احوال آهي اهو،
وو ان سور پر وهلور، آئون نهوڙجي نيو.

2. جڏهن يار جي ديدار جو، مون پاتو ليو،
پوءِ دل ويچاري بيقراري، من خمار پر ڪيو.

3. منهنجي سار ٻي سنيار، لهندو ڪير ڪل پيو،
سڻي سوال تون، ڪر يال ڪا، ٻڪي ٻاجهہ سين ڏيو.

4. هي "مننار" بيقرار، قرب يار جي ڪيو،
نہ جنهن جو مرڻ نہ جيئڻ، آهي سڪرات پر پيو.

ڪافي. 542

تلھ: وو مونکي ڳالھ چيئون ڳجهي،
سا ٻئي ڪنهن سان نہ ڪرڻ جي.

1. ريءَ پڇار ڏولڻ يار جي، ناهي ساعت سرڻ جي،
برھ بات مشڪلات، آهي دل ۾ ڏرڻ جي.

2. منجهان ميدان تنهن مڪان، ناهي واٽ ورڻ جي،
ڪئين مشتاق ٿيا عشاق، مجي مام مرڻ جي.

3. ڏنئون مهميز منجهان تيز، منهنجي ڏيل ڏرڻ جي،
دل ويچاري بيقراري، ناهي ٿاھ ٺرڻ جي.

4. مهندا محبوب جي مطلوب، توبھ ڪئي مون پرڻ جي،
سدا "منٺار" جي وٽ يار!، هجي پت ڳالھ پرڻ جي.

ڪافي. 543

تلھ: وو اڄي لھ سماءُ سڄڻ پرين! مون درد وار جي.

1. خاطر داد جي فرياد ڪرڻ، آهي لاچار جي،
جو توريءَ تان، لڳي ٿي ڪان، ٻڪي ٻي وينجهار جي.

2. سوين سور ۾ وهلور، خبر نہ شمار جي،
تو سوا ناهي دوا، ڪا هن بيمار جي.

3. بيقراري، توبھ زاري، عشق جي آزار جي،
ريءَ ديدار، ناهي يار، ڪنڌي قرب دار جي.

4. ڪو دم جدائي، سڄڻ سائين! مون سين وجھ نہ وار جي،
سٽج آزي، هيءَ نيازي، موٽي "منٺار" جي.

Scanned with CamScanner

ڪافي 544

تلهه: مونکي معشوق، ماريو ملوڪ حسن بندوق هڻڻ سين،
جو هٿي تو هوڪ دناليون، ڏوڪ ويتر، ڪوڪ ڪرڻ سين.

1. جنهن جا زلف نانگ، ڪرن سانگ، وجهن وات ورڻ سين،
پرن واريون، تکيون تراريون، ڏاهيون تيون رکن ڀرڻ سين.

2. اکڙيون ڪئين، نسنگ نيئن، ڪري خون ڪٽڻ سين،
سي ڪيف ڪٽاريون، زهر داريون، مارن ٿپ ٿرڻ سين.

3. نڪ جون ناليون، آهن دوناليون، ڏيي تي باهه پرڻ سين،
تنهن نظر گهاءُ ڪيس، مداءُ تيس، قريب مرڻ سين.

4. ڏندن داڻ، جيئن ڪماڻ، تيا چپ چاڙهه، چڙهڻ سين،
ٻي منجهه زبان، قئبر ڪان، چٽي دست ڏرڻ سين.

5. چئي "منٺار" درد وار، تيس شڪار، چرڻ سين،
جيئن امير، هٽيو تير، تا ڪن هاج هرڻ سين.

ڪافي 545

تلهه: سڄڻ لاءِ هاءِ هاءِ! دل فراق ۾ رهي.

1. سڪ جو سور، تيو معمور، سکهي ڪين آئونسهي،
عقل شرم ۽ حياءُ صبر سوڏو، ويو ٿهي.

2. عشق اگهور، لائي شور، ماري منکيو مهي،
مڏيون مال، پيا خيال، دل تان دور تيا لهي.

3. الست ڏينهن، جڙي جيئن، سورن لاءِ آئون ٿهي،
جيئن لکيئي پاڻ پوڳيان، هاڻ نابڪار آئون نهي.

4. چئي "منٺار" درد وار، ڪنهن پر ملنديس آئون ڪهي،
اٿم آس، اها خاص، وجان يار وٽ وهي.

ڪافي 546

تلهه: سائين! تنهنجي سڪ ۾، صبر ويو ڇڏي،
آهيان مشهور تي پيئي.

1. تنهنجي فراق ۾ مشتاق، سچي سور تي پيئي،
نينهن نهوڙي، آئون وڪوڙي، جا چڪچور تي پيئي.

2. رمز يار تو دلدار جي مغرور تي پيئي،
تنهنجي پرچاڻ، مونکي هاڻ، وڌو معمور تي پيئي.

3. اي تنهنجي تات، ڪرڻ وات، مونکي ضرور تي پيئي،
درد دڪن جي منجهه پڪن، آئون منظور تي پيئي.

4. ڪا "منٺار" جي چمار، آهي وهلور تي پيئي،
دل ويچاري بيقراري، انهيءَ دستور تي پيئي.

ڪافي 547

تلهه: مونکي مل سگهو منهنجا پرين! نه ته وينديس آئون مري.

1. بادشاهي بي پرواهي، ڪٿي ساڻ ڇوڪرين،
سڀ منهنجي آزي ۽ نيازي، هيڪر آءُ تون وري.

2. عشق اداس، لڳي تاس، اندر آگ جا ٻري،
وو ان سور ۾ وهلور، آهيان چڪچور تي چري.

3. حجت ڪان توسان تان، ڪندي آئون نڪا زري،
ور هڪي توبهه، ٻي جا توبهه، ٽي جا توبهه مون پري.

4. ڪي "منٺار" توکئون ڏار، ساعت ڪانه ڪا سري،
سڪ ۾ ساهه، منهنجو ماهه، ڳارا ڏيئي ويو ڳري.

ڪافي. 548

تلھ: وو ان طرف تنهنجي لاءِ تا منهنجا نيڻ نهارين.

1. روز مدام، منجھ ماتام، پيا تنهنجا عاشق اوسارين،
هاءِ! فراق ۾ بي چاڪ گوندر، ڏينهن گذارين.

2. برھ باهيون جي تولايون صبر سي نتيون ڪارين،
هي دلگيريون، ورن ويريون، منهنجو ماھ تيون ڳارين.

3. وو تنهنجي تات، سي ڏينهن رات، ويچارا نہ وسارين،
ڏي دلداريون، ڪي موچاريون، جي سڪ وندن ڪي سڏارين.

4. وو منهنجا ساھ ۽ پساھ، سڄڻ! توڪي سنيارين،
جدائي جا ڏينهن هاڻي، هيئن تا "**منٺار**" ڪي مارين.

ڪافي.549

تلھ: گھندِ گھور، تنهنجيءَ گھوٽ، آهيان ناز نمائي،
آهيان ناز نمائي، نيڻن جي ناز نمائي.

1. تنهنجي نيڻ ۾ نينهن، محبت مينهن، دل اکين سان.مون ڏٺو،
تنهن برھ عشق شوق، آئون شهباز نمائي.

2. چئي بات، پنهنجي وات، آئون مات ٿي پيئي،
تنهن زبان جي ذري، آهيان آواز نمائي.

3. مٺي گفتار، سهڻا يار! چپن ساڻ تو چئي،
منهنجي دل موهجي ويئي، سڻي تنهن ساز نمائي.

4. هٿ پير تنهنجا هوت ٿيا هٿيار حشمتي،
انهن عضون جي آئون آهيان، پرواز نمائي.

5. چئي "**منٺار**" درد وار، تيس شڪار اوهان جو،
ڏنئي پيار پيارا! آئون ربهي تنهن راز نمائي.

ڪافي.550

تلهہ: رهيم روح منجھہ پياس، ملڻ مشڪلات جو.

1. انهيءَ ارمان جو بيان، دل ديوان ويچاري،
گوندر ۾ تيو گذران، مونکي ڏينهن ۽ رات جو.

2. آهي ادس ۽ پياس، طلب تاس ڏسڻ جي،
اکين مان اچي تو آب، مثل تيو برسات جو.

3. صورت ساهہ منجھہ پساهہ بي ارواهہ منجھہ اکير،
هن فراق منجھہ فقير، ورق ڏڻ وصلات جو.

4. چئي "منٺار" درد وار يار ياد هميشہ،
ويسر وار ناپوي، آهي قسم پاڪ ذات جو.

ڪافي.551

تلهہ: هت چڏيو مونکي هيڪلي، ولايت تو وجين.
ولايت تو وجين، ميان ولايت تو وجين.

1. آس ۽ اُميد جا رهيم تي روح ۾،
تنهن حج منهنجيءَ جا هاڻ، پايا مڙيئي تو پچين.

2. ڪيئن ڪري ڪٽينديس، ڏکن جا ڏينهڙا،
سا مون هيٺيءَ جي حال جي، نہ ڳالهہ تو ڳجهين.

3. سهي سگهنديس ڪين آئون، ورهن جو وڇوڙو،
تنهن فراق جا فقيرياڻي ڏي، سور تو سچين.

4. هي پيرن جا پلاند، ۽ آريون نيازيون،
سي "منٺار" جون ميڙيون، منتون نتو مجين.

Scanned with CamScanner

ڪافي 552

ٿلهه: منهنجيءَ دل جي ٽڪ تو ڏهون، هڪدم لهي نٿي.

1. ڪو دم جدائي، قدر ڪائي، صبر تل سهي نٿي،
منهنجي دل اُداس ۾ ياداس ريءَ رتي رهي نٿي.

2. جيئن توکي وساريان، آئون گذاريان، سا ٻاتڙي ٿهي نٿي،
آهي ورونهه، رضا روح جي، ٻئي ڏهون وهي نٿي.

3. دل ويچاري بيقراري، پرت ٻي پهي نٿي،
لاءِ جمال، هيءُ سوال، ٻئي ڪنهن کي ڪهي نٿي.

4. آهيان هيئن، ڪريان ڪيئن، جو قتيل دل ٿهي نٿي.
ڪي "مننار" لذت وار جي ٻئي ڪئون ڊهي نٿي.

ڪافي 553

ٿلهه: يار سخن پنهنجي ڪي، تون واعدو نا وسار.

1. الست بربڪم قالوابلي، جي ساعت ڪي سنيار،
سچو هجين تہ شرط پار، ۽ ٻي ڪجي نہ ڪار.

2. هاڻ ياد ڪريو يار ڪي، پيو تنڊڙي تنوار،
هڻ دنيا ۾ هاڻ توکي، ڏينهن رهيا ٻہ چار.

3. فنا مرشد منجهان وٺي، نبيءَ جي نور ڪي نهار،
تي فنا في الله تون، الله جي اختيار.

4. اي "مننار" پنهنجي نفس جي، تون مٺي ڪي مار،
موتو قبل انتموتو ماري، جيءَ جيار.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 558

تلهہ: محبت ماري، آئون ويچاري، ڏسو بي وس تي پيئي،
ڏسو بيوس تي پيئي، ڏسو بيوس تي پيئي.

1. لڳي تار ۾ وار وار، اڳ تہ عشق جي تئي[1]،
نشي خمار، ڪئي بيمار، عقل هوش ڪان ڳئي[2]

2. شاهہ منصور ٿيو مشهور، انالحق تہ حق چئي،
عشق جي سور ۾ وهلور، ڦاهي قبول تنهن ڪئي!

3. چشم جي گهور، ڪئي چڪچور، هاديءَ يار جا هئي،
ڪجلين واري هئي ڪٽاري، لنگهي وجود مان ويئي.

4. منجهہ ديدار، سندا يار، ٻڇيون نين تيا ٻئي،
چئي "منٺار" آرو پار لنگهي، اُهي سيلهہ[3] ويا سيئي.

ڪافي. 559

تلهہ: پرين لاءِ روز فراق، من مشتاق آهي،
من مشتاق آهي، تہ من مشتاق آهي.

1. سڪڻ جي سور ۾ وهلور، دلڙي غرق آهي،
انهيءَ اداس منجهہ پياس، چت نا چاق آهي.

2. پرين لاءِ هاءِ هاءِ مرڻ مرڪ آهي،
ٻين سڪن ڪي هاڻ، ڀولڻ ڪاڻ، ڏيڻ طلاق آهي.

---

[1] تپش
[2] ويئي
[3] ڪنڊا

3. تنهن ساڻ رات ڏينهن، هيءَ اڪاڏ، تيو نہ تاڪ آهي،
برهہ بادشاهہ جو هيءُ ماهہ، ڪاڏو خوراڪ آهي.

4. جنهن لاءِ "منٺار" اُميدوار، اصل عشاق آهي،
سو زوراور يار، ڏي نہ ديدار، ڏسڻ ڪان سو پاڪ آهي.

ڪافي.560

تلهہ: ليليٰ ۾ لڪ يار جي هئي، ڪا مجنون مستان ڪيو، تنهن قدرت.

1. ڏسڻ سان نور تيو مشهور، لڳي من جان ۾ محبت،
تيو حيران، برين بئران، ڏسو عشقي سندي عبرت،

2. بديعل بيڪ، ڪارڻ ڏيڪ، ايو محبوب منجهہ مورت،
ڏسي صئفل سور ڪٺيا وهلور، اچي نہ جند جان ڪي فرحت،

3. وهايا هير، نيٽين نير، لڳي ماهي يار سين محبت،
ڏنئي سرتاج وارو تاج، رانجهن منجهہ يار ڪئي دهشت.

4. دلڙي ديوان، تنهن مستان، بنا سردار جيءَ صورت،
"منٺار" بہ محبوب ڏٺو، سو مطلوب حسن، سهٽي سندو حضرت.

ڪافي.561

تلهہ: سڪي ساهہ منهنجو، پساهہ ڪارڻ يار پياري،
ڪارڻ يار پياري، ڪارڻ يار پياري.

1. ڪيم سوال، ڏسان شال، ڪي سردار پياري،
ڪٺيان ڏينهن محشر، سيئن وٽ مهندار پياري.

2. آئون تہ فراقي، تيان ملاقي، سان دلدار پياري،
تہ وڃن سور ۽ وهلور، پٺي غمنٺار پياري.

3. اتـــر آس، ڏســڻ خـــاص، جـــيءَ جيـــار پيـــاري،
ڏســان مـــان، ســاڻ احســـان، اکيـــن ٺـــار پيـــاري.

4. چئـي "مننـار" مـن ملـي يـار، سـڪـٺهار ويچـاري،
ملائـــج پيـــر دســـتگير، دل اُجـــار پيـــاري.

ڪافي.562

تلهہ: تنهنجي ملڻ ڪئون ڏاران، منهنجي قلب ناهي، قـرار،
منهنجي قلب ناهي قـرار، منهنجـو بـدن آهـي بيمـار.

1. عشــق ڪٺـــن ســر اوڪــو اهــي، برهــي وارو بـــار،
هـڪ سورن جـي سـوداءُ گهٽـي، رهـڻ نـاهي هوشـيار.

2. تنهنجي طلب رهـي تـات، آئـون ڪيـو منجهہ خمـار
مـت عقـل منهنجـي ويـا، آئـون نشـي ۾ نگهـو سـار.

3. تنهنجـــي زيـــارت ڪـــاڻ ڏولـــڻ، آئـــون اُميـــدوار،
اســـر لـــڳ الله جـــي، مونڪـــي دوســـت ڏي ديـــدار.

4. تنهنجـي ديـدار جـي لاءِ دلبـر! مـاندو گهٽـو "مننـار"،
مـــل اچـي مســـڪين ڪـــي، هـــادي ميـــان هڪـــوار.

Scanned with CamScanner

ڪافي.563

تلھ: مصلام وو ئي سلام پڙهيگا، هندو أن ۾ رام رام.

1. حضـــرت محمــــد مصطفـــيؐ، اوپـــر ميـــرا ســـلام،
هـــم امتـــي رســـول الله ڪـــا، هوتـــا غـــلام غـــلام،

2. هم پڙهيگا پيغمبر شاھ پر، ڪلمي ڪا ڪلام ڪلام،
هم پڙهيگا هندواسون پانيڻا، هر نام هرنام هرنام.

3. عشـــقا ميـــري پـــر آگيـــا، چـــل گيـــا آرام آرام،
برهي ڪي ڪمند ميري بدن ڪون، پڙگئي بي دام دام.

4. محـــرم مـــارا وو ئـــي هوتـــا، عشـــقا امـــام امـــام،
ووئي جيوين ڪهينگا "مننار"، نون ڪرينگا ڪام ڪام.

ڪافي.564

تلھ: آئـــون پنهنجـــي ڍولـــڻ ڏي، پنـــڊ ڪـــري وينديـــس وي،
پنـــڊ ڪـــري وينديـــس وي، در نـــه مڻينديـــس وي.

1. ڳـــالهيون منهنجيـــون ڳجهڙيـــون دل مـــن واريـــون، نـــي الـــو،
ان ڪـــي چينديـــس وي.

2. آئـــون جـــا گولـــي ســـندين اصـــل الســـتئون، نـــي الـــو،
امـــر مڃينديـــس وي.

3. چئـــي "مننـــار" نـــي وي، ســـر تـــه ســـچڻ ڪـــي، نـــي الـــو،
ســـنت ڏرينديـــس وي.

Scanned with CamScanner

ڪافي.565

تلهہ: اڄ مون بيوسيءَ جو ڪوئي وس ڪونہ هلي،
ڪوئي وس ڪونہ هلي، يار مونکي نہ ملي.

1. ڏوريم ڏسيون ني وي! آئون نہ ملي يار کي، ني الو!
جنهن لاءِ جيئڙو جلي.

2. اصل السٽئون ني وي! هئي من موهيو، ني الو!
حسن هاديءَ جي تجلي.

3. سڪ تہ سٽائي ني وي! يار سڄڻ جي، ني الو!
اندر تي آڳ ٻلي.

4. اندر تو آئٽي ني وي! جيئڙو جنين لاءِ ني الو!
دلڙي تر تلي.

5. اصل اول ڪٿون ني وي! نکٽ نصيبئون، ني الو!
پئڙم سور پلي

6. چئي "مننار" ني وي! ملائيندم مولي، ني الو!
جن ساڻ روح رلي.

ڪافي.566

تلهہ: مونکي يا مولي! محبوب ملائج تون،
محبوب ملائج تون، محبوب ملائج تون!

آئون اڻ سونهين ني وي، ڪيئن ڏس ڏوريان، ني الو!
پرور! پنهنجي پاڻ هٿ سين، هلائج تون.

2. آئـــون ويچـــاري نـــــي وي، آســـن واري، نـــــي الــــو!
دل جـــي دلبـــر جـــو، ديـــد ديكـــائج تـــون.

3. مونكـي محبوبـن ســان نــي وي، كــر هيكـــاندي، نــي الــو!
مئـي ســان مركـائي خوشحال كلائـج تـون.

4. چئـــي "مننــــار" نـــي وي، وصـــال جـــون وٺيــــون، نـــي الـــو!
دســتئون دلبـــر جـــي پريـــم، پلائــج تـــون.

كافي.567

تلهه: ريهـــي كـــن رمـــزن ســـاڻ، منهنجـــي دل موهـــي اتئـــي،
منهنجـــي دل موهـــي اتئـــي، منهنجـــي دل موهـــي اتئـــي.

1. هئـي آئـون وينـدڙ واٽ جـي، پنهنجـي كـرت كـار ڏي،
ٻ ســـپ كـــر ســيڙائي روكـــي، روهـــي اتيئـــي.

2. دنـــالي ديـــدن جـــي، ســجئي منهنجـــي ســيني ڏي،
بـــڏي نظـــر منجهـــ نيشـــان، چـــوڙي جـــو هـــي اتئـــي.

3. باهـــ برهـــ جـــي انـــدر ســاري، جنـــد جـــان ســنديم،
قـــرب واريءَ كـــر ۾ كـــري، پريـــن پوهـــي اتئـــي.

4. دام وجهـــي دل منهنجـــي، كمنـــد ۾ قـــابو كيئـــي،
هـــاڻ آهـــي تنهنجـــي اختيـــاري، جهلـــي بـــي ڏوهـــي تئـــي.

5. چئـــي "مننـــار" مونكـــان يـــار! جـــانب تـــيءَ نـــ جـــدا،
ذٽـــيءَ الله پـــرور پـــاك، رب جـــ ي ڊوهـــي اتئـــي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 568

تلهه: دلڙي منهنجي يار دلبر! پنهل توڪي آهي پرتي،
پنهل! توڪي آهي پرتي، پنهل! توڪي آهي پرتي.

1. جا آهي اوهان جي اڳيان، مثل مئل ميت جي،
سا پيئي تنهنجي پيرن هيٺ، خاڪ مٿي جيئن ڏرتي.

2. آهي اختياري اوهان جي، وس منهنجي ڪانوئڙي،
وٺي وجودئون ويون، ڏيئي برهه جي پرتي.

3. ٻچي برهه جا باشاهه، قيد ڪرائي جنهن ڪي،
ڪهڙي طاقت تنهن ڪي، جا عشق واسينگ آهي ورتي.

4. چئي "منٺار" محبوب، هي دل توڪان ڌاران،
لذتن، توڙي لک لذتن ۾ ڪئين قسمن، ته به ساٿم نه سرتي.

ڪافي. 569

تلهه: حال وارا ويم هلي، ڪنهن سان محبت ڪريان،
ڪنهن سان محبت ڪريان، ڪنهن سان محبت ڪريان.

1. ساٿي هيم سچا، ڏينهڙا گذاريم جن ساڻ،
قلب چوي نه ڪوڙن ساڻ، آئون ڪا وڪڙي پريان.

2. سانديم سور گهڻا، اورڻ لاءِ اُن جي،
آيا ڪين وري، آئون ڪنهن سان ڳالهيون ڳرهيان.

3. جيرا ڦقڙ ۾ ٻکيون، حال انهيءَ ۾ هئي،
سورن ۾ وييون سڙي، ڇاتيءَ جيون پاسريان.

4. مات جڳائي تي مونکي، ڪجهڻ مناسب نه آهي،
ياد ڪريو يارائي، اڃن روئڻ جيون رڙيان.

5. چئي "منٺار" مونکي، مرڻ مناسب آهي،
ڪريو قلب ۾ قاضي، دل ۾ ڏيان جو ڏريان.

Scanned with CamScanner

ڪافي.570

ٿلهه: اچي محبوب مون اڱڻ، منهنجي دل شاد ڪر خدا!

1. غمن ۾ ويئي آهي گذري، سنديم عمر سڄيئي ايهين،
لاهي سور بخش صحت، دل جو داد ڪر خدا!

2. منهنجي من جي مراد ڙي، پنهنجي مطلوب کي ملان،
اها آس اُميد ڙي اتم، اها آباد ڪر خدا!

3. جيڪي محبوب ملائين، مون مسڪين کي اچي،
تہ صالح ۽ سپوٽ، انهيءَ جو اولاد ڪر خدا!

4. سو "منٺار" سان دلدار، هجي گڏ يار هميشہ،
سڻ سوال، بخش پال، اهو امداد ڪر خدا!

ڪافي.571

ٿلهه: درد دور ڪر سندم، تون سڻ دانهن يا رسول!

1. سنبري سور سو هزار، بيشمار مون مٿي،
اچن ڪئين گهٽا اُپار، ڪريو ڪاهہ يا رسول!

2. سڀ چمار، منجهہ ازار، منهنجي هر وار هميشہ،
موڪل شادي، سا امدادي، ڪا مان ڏانهن يا رسول!

3. غمن گوندرن اندر، منهنجو سڀ ماهہ ڳري ويو،
ڏي سرير کي صحت، ساڻ نگاهہ يا رسول!

4. تون "منٺار" جي سردار! لهہ سنڀار سيدا!
پيس دردر جي درياهہ، تون وٺ ٻانهن يا رسول!

Scanned with CamScanner

ڪافي.572

تلهه: منهنجي دل تان دم، ديدار جي پياس نه لٿي،
پياس نه لٿي ڙي اديون! اُداس نه لٿي.

1. آئون صغيريءَ ۾ سڪڻ لڳي، آخيريءَ ۾ آهيان،
اجايل اجهان آئون رهي، ذرو تل تاس نه لٿي،

2. نجهان ملنديس، ڪي نه ملنديس اها وار وار ۾ ورونهن،
هيئين ۾ هول تيا هزار، سا وسواس نه لٿي.

3. ٿل اچ سياٽي ۾ آئون وڃي، محبوب ڪي ملان،
رٿائون روح ۾ اچن، اجا هي آس نه لٿي.

4. چئي "مننار" درد وار ملڻ يار جي اميد،
ويسر وار نه پوي مونکي ياداس نه لٿي.

ڪافي.573

تلهه: اڄ نه آهي جمعيت جان ۾، مونکي يار کان جدا.

1. بلبل بيقراري، جيئن ويچاري، تيو وتي،
هئي حيران پريشان آهي، گلزار، کان جدا.

2. سڀ سمونڊن جي اندر، جيئن پاڻيءَ ۾ پياس سين،
مقصد مور نه ٿئيس، مينهن ملهار کان جدا.

3. جيئن مڇي مريو وڃي، پاڻيءَ سڪڻ کان پوءِ،
تيئن مشڪل تيو مونکي دلدار کان جدا.

4. ءِ هلي ستايو سرتيون! محبوب منهنجي ڪي،
تہ دلدار ٿئي ۾ ڏار، تون "مننار" کان جدا.

Scanned with CamScanner

ڪافي-574

تلهه: دل ۾ درد ۽ ارمـــان، مونســـان يـــار ڇـــا ڪيـــو.

1. دلبـر ڏيئـي دلاسـڙا، مونکـي وهــاري هــت ويــو،
پوءِ پوئواري نـا ڪيائين، جو بي اختيار ڇا ڪيو.

2. هئـي مـن ۾ مـرادڙي پڇايـائين ڪـا نـہ ڪـا سـنديم،
حجـت هـاڻ پيئـي پڇـي، منهنجـي دلـدار ڇـا ڪيـو.

3. آهي بادشاهہ بي پرواهہ، منهنجي نئي ساهہ کي سري،
بـي تپـاس بـالم يـار! منجهـہ ويچـار ڇـا ڪيـو.

4. چئـــي "منٺـــار" دردوار، آهـــي آزار ۽ انڌوهـــــ،
ڏيئي چوڪون، چڪائي چاڪ، ڪـم قهار ڇا ڪيـو.

ڪافي-575

تلهه: منهنجا دلدار! تـو ساڻ يـار! اٽڪيـم روح جـي رتـي.

1. برهـہ پير ۾، نيـو سـندم، پـرت ڪئـي آهيـان پـڌري،
شـوق شـرم، نيـو سـندم آئـون شـاندار هئـي سـتي.

2. تنهنجي ڪاڻ محبـت هـاڻ، هسـتي هـوڏ مـون ڇـڏي،
هيڻي هـاڻ تـي پيئـي، غرضـن منجهـہ آئـون گتـي.

3. تنهنجـــي يـــاداس ۽ اداس، اٺـــم ورد وظيفـــو،
عبادت تي اها فرضي، آئون ڄاڻان ڪين ٻيو ڪتي.

4. چئي "منٺار" مـون منجهـہ يـار، ٻيـو پيائيوار نـا ٻڇيـو،
آهيان سموري تو سندي، ٻئي ڪنهن جي ڪانڪا پتي.

Scanned with CamScanner

ڪافي-572

تلهه: منهنجي دل تان دم، ديدار جي پياس نه لٿي،
پياس نه لٿي ڙي اديون! اُداس نه لٿي.

1. آئون صغيريءَ ۾ سڪڻ لڳي، آخيريءَ ۾ آهيان،
اجايل اجان آئون رهي، ذرو تل تاس نه لٿي،

2. نجان ملنديس، ڪي نا ملنديس اها وار وار ۾ وروڻهن،
هيئين ۾ هول تيا هزار، سا وسواس نه لٿي.

3. شل اڄ سڀاڻي ۾ آئون وڃي، محبوب کي ملان،
رتائون روح ۾ اڃن، اڃا هي آس نه لٿي.

4. چئي "**منٺار**" درد وار ملڻ يار جي اميد،
ويسر وار نه پوي مونکي ياداس نه لٿي.

ڪافي-573

تلهه: اڄ نه آهي جمعيت جان ۾، مونکي يار کان جدا.

1. بلبل بيقراري، جيئن ويچاري، تيو وتي،
هئي حيران پريشان آهي، گلزار، کان جدا.

2. سپ سمونڊن جي اندر، جيئن پاڻيءَ ۾ پياس سين،
مقصد مور نه تئيس، مينهن ملهار کان جدا.

3. جئين مڇي مريو وڃي، پاڻيءَ سڪڻ کان پوءِ،
تيئن مشڪل تيو مونکي دلدار کان جدا.

4. ۽ هلي ستايو سرتيون! محبوب منهنجي کي،
ته دلدار تئي ۾ ڏار، تون "**منٺار**" کان جدا.

Scanned with CamScanner

ڪافي-574

تلهه: دل ۾ درد ۽ ارمان، مونسان يار ڇا ڪيو.

1. دلبر ڏيئي دلاسڙا، مونکي وهاري هت ويو،
پوءِ پوئواري نا ڪيائين، جو بي اختيار ڇا ڪيو.

2. هئي من ۾ مرادڙي پڇاڻيائين ڪا نہ ڪا سنديم،
حجت هاڻ پيئي پڇي، منهنجي دلدار ڇا ڪيو.

3. آهي بادشاهہ بي پرواهہ، منهنجي نٿي ساهہ ڪي سري،
بي تپاس بالم يار! منجهہ ويچار ڇا ڪيو.

4. چئي "منٺار" دردوار، آهي آزار ۽ اندوهہ،
ڏيئي چوڪون، چڪائي چاڪ، ڪم قهار ڇا ڪيو.

ڪافي-575

تلهه: منهنجا دلدار! تو ساڻ يار! اٽڪيم روح جي رتي.

1. برهہ پير ۾، نيو سندم، پرت ڪئي آهيان پڌري،
شوق شرم، نيو سندم آئون شاندار هئي ستي.

2. تنهنجي ڪاڻ محبت هاڻ، هستي هوڏ مون ڇڏي،
هيٺي هاڻ تي پيئي، غرضن منجهہ آئون گتي.

3. تنهنجي ياداس ۽ اداس، اٺم ورد وظيفو،
عبادت تي اها فرضي، آئون ڇاڻان ڪين بيو ڪٿي.

4. چئي "منٺار" مون منجهہ يار، بيو پيائيوار نا بچيو،
آهيان سموري تو سندي، بئي ڪنهن جي ڪانڪا پتي.

Scanned with CamScanner

ڪافي.576

تلهه: صحبت يار تو سندي، ويئي اتم روح ۾ رلجي.

1. بنا شوق تو سندي، ٻيا خيال ختم ٿيا،
ٻيون سنسار جون سڏون، پاڻان ويون مون کان پلجي.

2. توريءَ تاڪجي ويون دريون، ٻيون دلڙيءَ جون،
ڪليل خير ڪا رهي، گهڻي ٻي ذات گهايل جي.

3. علم عقل ۽ حياءَ، شرم شوق وڃايو،
سڀ گيان ۽ ڌيان، برهه سبب ويا پلجي.

4. چئي "منٺار" مون ويچار، پنهنجي قلب جو ڪيو،
تہ ريءَ ديدار تنهنجي يار! دوا ڪانهي ٻي دل جي.

ڪافي.577

تلهه: بنا ڏوهہ بالم يار! منهنجي دل قيد ڇو ڪيئي.

1. آهي دائم دولت تو سندي، ملڪيت ڪانہ ڪا ويئي،
پوءِ زلفن واري وجهي ڦاري، لاءِ ڪجاڙي جي ليئي.

2. جسم جان مون سندي، حسن جي تاب سان تيئي،
پوءِ دل ويچاري بيقراري، ڪنهن خمار سين ڪيئي.

3. ڪشي ڪٺاري، توبهہ زاري، حسن واري جا هنيئي،
يا ڪنهن مت ڏنئي مخلوق، يا پنهنجي روح ڪان پيئي.

4. مونکي انهيءَ چال، سندي ڳالهہ ڇڻي ڇو نڻي چيئي،
مڻي "منٺار". رتي يار ڪانہ قياس جي ٿيئي.

Scanned with CamScanner

ڪافي.578

ٿلهه: منهنجو قلب چئي، ڪنهن ريت سان، محبوب کي ملان.

1. پيرن سان پنڌڙو ڪري، انهيءَ راهه ۾ رمان،
اچي ساهه کي سڏير، جڏهن پنهنجي هوت ڏي هلان.

2. ڳالهيون ڳجهه اندر سنديون، ٻئي ڪنهن سان ڪين مون ڪيون.
سي روح چوي ته روبرو، سهڻي يار سين سلان.

3. پنهنجي حضور ۾ هميشه، جي ڪنهن ريت سان رکن،
ته مونکي منظور، تهين دستور، انهيءَ چال سين چلان.

4. چئي "منٺار" جي ديدار، پنهنجي يار جو ڪريان،
ته آئون بهار، سو انوار، پوءِ خوشحال ٿي ڪلان.

ڪافي.579

ٿلهه: جنهن ريت سان پرچين پيارا! چو ته ريت سان ڪريان هميشه،
تنهن پير تي پنهنجو قدم، دل جان سان ڏريان هميشه.

1. جي هندو مزهب وڻيئي، ته جڻيا جسم تي جڙيان هميشه،
جي مذهب مسلماني وڻيئي، ته ڪلمو سدائين پڙيان هميشه.

2. جي نچڻ وڻيئي، ته پايان پيرن ۾ گهنگهريان هميشه،
ڳايان وڄايان، تالڙا تاڙيون، هٿن ترِيان هميشه،

3. جي اچين گهر يار منهنجي، ته ڳالهيون ڳجهيون ڳرهيان هميشه،
منهن جو مقصد ايترو، مقصد نه ٻيو گهريان هميشه.

4. جي ملين "منٺار" چئي، ته رهنم اڪيان ترِيان هميشه،
چڻ آسون اُميدون دل جون پنيون، سک ساعتون سريان هميشه.

ڪافي.580

تلهه: ڪيون اڪين آرو اتي، ساجن ملڻ مشڪل آهي،
ناهي پيچرو چارو اُتي، ساجن ملڻ مشڪل آهي.

.1 زور جرئت، هي نا ذرو تدبير ۽ تجويز ڪانهي،
هلي هنر نہ عقل وارو اتي ساجن ملڻ مشڪل آهي.

.2 ريءَ مصلحت منصفن جيءَ، ۽ سالڪن جي صلاح ڏاران،
لايو نيڻن نظارو اتي، ساجن ملڻ مشڪل آهي.

.3 تند طلب توڪل اها، آهي آسري الله جي ميان،
ڪندو سوتڙ رب ستارو اُتي، ساجن ملڻ مشڪل آهي.

.4 حرمت حضرت مصطفيٰ ساڻ، مدارت مولىٰ عليءَ جي،
من ملي "**منٺارو**" اُتي، ساجن ملڻ مشڪل آهي.

ڪافي.581

تلهه: منهنجي مع منت آزي ڳچيءَ ڳارا! خدا جي واسطي ميان!
پرچ مون سان يار پيارا، خدا جي واسطي ميان!

.1 حرمت حضرت پيغمبر پارا، خدا جي واسطي ميان،
عيب منهنجا ڍڪ ڍڪٺهارا، خدا جي واسطي ميان.

.2 مهابي مصحف جي موچارا، خدا جي واسطي ميان،
ڏوهہ منهنجا بخش ٻلارا، خدا جي واسطي ميان.

.3 منهجيءَ دل کي دلاسو ڏي دلدارا، خدا جي واسطي ميان!
مون تان لاهہ هي غمڙا غمخوارا، خدا جي واسطي ميان!

.4 مع "**منٺار**" جون ميڙيون، عرض آرا، خدا جي واسطي ميان،
مون سان ڪر لطف لائق سڀيئي سارا، خدا جي واسطي ميان!

ڪافي.582

تله: تيم وڇوڙي منجهہ ورهيہ، ڏينهڙا لنگهيو سارا وڃن تا،
هاءِ ملڻ منهنجو نا ٿيو، دم هن حياتيءَ وارا وڃن تا.

1. گڏجڻ گهڙي ساعت نہ ٿيو، هي جي سيءَ سيارا وڃن تا،
ويئڙا واهوندا ڪئين لنگهي، رتيون بسنت بهارا وڃن تا.

2. اُجڙي عجيبن جي رهيم، آرهڙ ۽ اونهارا وڃن تا،
نہ ٿيو ملڻ مند ملهار ۾ واءِ واءِ وسڪارا وڃن تا.

3. انسان پيا پيا عيدون ڪن، اهي ڏينهن موچارا وڃن تا،
منهنجي عيد الاجي ٿيندي ڪڏهن، گذريو ڪئين حج سونهارا وڃن تا.

4. ريءَ ملڻ "**منثار**" چئي، قحط ڏڪار ڪارا وڃن تا،
مون ڪي سي ڏينهن ماتم جي مثل، جي دوست ڪئون ڌارا وڃن تا.

ڪافي.583

تله: آهي مٺا محبوب توکي، معالمي هيءَ حال منهنجو،
پوءِ آئون عرض کهڙو ڪريان، اڳيان تنهنجي احوال منهنجو.

1. ناهي ڪجهو تحقيق توکان، تر ذرو هڪ خال منهنجو،
سڀ پروڙين پاڻ تو، ابتو سبتو سڀ فال منهنجو،

2. هاڻي جدائيءَ ۾ جيئڻ تي پيو گهڻو جنجال منهنجو،
جي تيس فوت فراق ۾، تہ پوندئي پاپ بنبال منهنجو.

3. هڏ چم، لحم سارو جسم، ان پياس ۾ پئمال منهنجو،
تنهنجي وسيلي سان وڏي، وٽ عاشقن اقبال منهنجو.

4. من موهن "**منثار**" چئي سهڻا پرين! سڻ سوال منهنجو،
ڪر تون پيارل يار پورو، نام خدا هيءَ خيال منهنجو.

Scanned with CamScanner

ڪافي.584

تلھ: توکي مٿا محبوب منصف! ڏيانڙو درياف گهرجي،
عاشق ويچاري، عاجز نماڻي، جو ڪرڻ عدل انصاف گهرجي.

1. بي پرواهي، هيڏي قهاري، ڪاوڙ قصد، نہ قاف گهرجي،
لاتقنطو من الرحمة الله ايئن ڪرڻ، سچ صاف گهرجي.

2. توکي تاثير، عجيب اصيلپ، اثر موچارو اشراف گهرجي،
نوڪر پنهنجي نياز واري، جو گهٽائڻ نہ اصناف گهرجي.

3. اڳلايون اوڏڻ ويچاريءَ جون، لاکي کي ڪرڻ لفاف گهرجي،
رئيس پنهنجي کي رکڻ، ٻانهيءَ تي پردو پوش غلاف گهرجي.

4. مل ڪارڻ قرآن ڪلام الله، جي ڪرڻ مانائتو سو مصحاف گهرجي،
عيب هجن توڙي اکين ڏٺل، تہ بہ ڪرڻ "منٺار" کي معاف گهرجي.

ڪافي.585

تلھ: مٿي محبوب جي مجلس، رمز روح کي وٺي.

1. جڏهن ڪري مشتاق ڏي عشاق، نظر نيڻ ٻئي ڪٺي،
تڏهن لڳن تير، منجهہ سرير، عجب اکين جي اٿي.

2. ٻولڻ يار، سندي سردار، هنيئون نيو منهنجو هٽي،
سٽڻ ساڻ وجي پاڻ، پئي فنائي جي ڦٽي.

3. مون تي زابر، نيشانبر، تنهن محبوب جي مٺي،
آئون بردار سندي سرڪار، چنديان پيزار تان پٽي.

4. کي "منٺار" سب چمار، تٽڪ طلب جي تٽي،
سڪ سرير، منجهہ اُکير، گهٽ پوي نہ تئي گهٽي.

Scanned with CamScanner

ڪافي.586

تلهه: عشق اصل آهي عريان، سمجهه برهه جو بيان.

1. ان عشق آدم کي ڪڍايو، سورن جو سامان،
ڇڏي بهشت جون نعمتون، ڏوريائين تي بربئينبان.

2. ان عشق عزازيل کي، مڃايو نافرمان،
لقب لعنت جو سهي، ٿيو شوق سين شيطان.

3. ان عشق جي اري ۾، آيو شيخ هو صنعان،
ڇڏي دين ۽ اسلام، ڪنيائين خلق جو بهتان.

4. هڪ منصور جيئن حلاج انا الحق چوي انسان،
ڏنئي سر سوريءَ تي، ڪنهن ڪرايو قربان.

5. هاءِ امام شاهه حسين! ڪربلا ۾ ڪيو مڪان،
صوفيءَ شاهه عنايت جو، هو سر نيزي تي ٿيو نيشان.

6. جي "منٺار"، هيءَ پچار، ڪرين تان، پوءِ ٿئين جوان،
سهج سور، تي منظور، متان پوءِ ٿئين بي ايمان.

ڪافي.587

تلهه: فهم فائدو وڏو، پر سڪ صبر نه ڪرڻ ڏي.

1. محمد شاهه جيءَ صلاح، چڱي راهه رسولي،
پر شريعت، وات متي شوق، نٿو پير ڌرڻ ڏي.

2. علم عالمن چيو، ته آهي سمجهه سڌارو،
پر عقل رند، متي عشق، ائين وسهو نه ورڻ ڏي.

3. تي هسوار، ڪري آر، ته هلي تنهن وار تيڏاهون،
پوءِ مصلحت مولوين سندي، انهيءَ ٿل تان نه ٿرڻ ڏي.

4. چئي "منٺار"، تي اظهار، هيو نيهن نغارو،
نصيحت نيڪ ڪن اچيو، ته ساجيءَ ۾ نه جرڻ ڏي.

Scanned with CamScanner

ڪافي.588

تلھ: ڪيانئنل! خير سان خبر ڏجا، محبوب جي مونکي.

1. منڪر سو مري وڃي، رکي جو دوست سان دغا،
تئي نادان نگھوسار، ڪريل جو متس ککي.

2. لنگھيا ڏينهن، وٺا مينهن، آيو ڪو نہ اتاهون،
ان ورونهہ، ڪيا دونهن، درد دل ۾ تو دکي.

3. ان فراق، وڏا چاڪ، جاڳيا هول ڪئين هزار،
سوين سور ۽ وهلور، پيم پلاند ۾ پڪي.

4. چئي "**منثار**" منهنجو يار، هوئي قرار هميشہ،
تہ سندم ياڳ ۽ سهاڳ، هجان سرڳ ۾ سکي.

ڪافي.589

تلھ: مٺي محبوب منهنجي يار کي، آئون ياد هيس يا نہ.
قاصد ڪل ٻڌائي ڪا نہ، آئون ياد هيس يا نہ.

1. منهنجي درد جو ڏيان، ڪڏهن ڪونہ ڪيائون،
ڏاڍا سور ڏنائون، جو اڄا ترس پين تا نہ.

2. ماهيت مرض مون سندي، جي پرين ڪا پڇا ڪئي،
ڪ پاڻون پنهنجي وات، چيئي عرض ساڻ زبان.

3. پيا بہ مون جهڙا مريض، هن حڪيم وٹ هزار،
سپيئي پيا ڪن پوڪار، انهين درد ۾ ديوان.

4. اهي "**منثار**" سندي سار، من سنيار لهن سي،
اڄن پيرڙا پري، ڪا موٺي مهر ڪندا مان.

Scanned with CamScanner

ڪافي.590

ٿلهه: راتو ڏينهن روح ۾، ورونهه سڄڻ توکي ساريان.

1. ڪرڻ ڪوڙ جو ضرورو، مناسب ناهي مونکي،
چڪي پير دستگير وقت جي آئون وساريان.

2. صبح ساڻ ڪو پرياڻ، تو اوقات اتاري،
تنهنجي طرف، وڏي شرف، ڪٽيو نيڻ نهاريان.

3. تنهنجي ديد، بنا عيد، قلب ڪانه ڪا ڪئي،
توکئون ڌار، منجهه آزار، گوندر ڏينهن گذاريان.

4. چئي "مننار"، در دوار، سڄڻ يار پيارا!
ملج مير! هن حقير، پنهنجو سرير سڌاريان.

ڪافي.591

ٿلهه: اُپٽ ابجد علموارا، ته ڪهڙا عدد آيا منهنجا،
چئو ته ڪڏهن پورا ٿيندا، دل روح جا رايا منهنجا.

1. هڪڙي خيال پيا خطرا، وجودي ڪوري مثل، ڪانيا منهنجا،
سو خيال پورو نا ٿيو، تڏهن پيا پڇي پانيان منهنجا.

2. هن عشق جي آڙاهه ساڙي، جگر جلايا منهنجا،
هن باهه برهه جيءَ بکيون، پيا ڦقڙ ڦڙڪايا منهنجا.

3. هي عضوا سمورا، عشق واريءَ تئونس، تپايا منهنجا،
جي ڦٽ فراق جا هئا ڇتل، هن جوش جاڳايا منهنجا.

4. جي يار ملي، "مننار" چئي، ته تين بخت سوايا منهنجا،
اهي ڏهاڙا هوند عيد جهڙا، تين سجايا منهنجا.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 592

تلهه: منهنجو مٺي محبوب سان، ڪو ملڻ وارو معياد ٽيندو،
چئو تون نجومي نام خدا، ته اهڙو ڪڏهن ڪو امداد ٿيندو.

1. مون اڏ مئل مجروح جو، ڪو فائدي وارو ڀي فرياد ٿيندو،
جڏهن دارون دوا دلبر ڪندو، دردن واري جو پوءِ داد ٿيندو.

2. مون ڏي محرم يار منهنجي، جو ڪو اچڻ وارو اوڪاد ٿيندو،
مون وٽ رهندو اچي هڪ راتڙي، پوءِ اڳڻ سندم آباد ٿيندو.

3. جڏهن ايندو، عجيب ويندو وچوڙو، من تن منهنجو پوءِ روح شاد ٿيندو،
هينئڙو دکن دردن، ورهين ڪان وري آزاد ٿيندو.

4. منهجو يقين "مننار" چئي، تنهن عامل ڏانهن اعتقاد ٿيندو،
جو مونکي پرين پرچائي ڏيندو، شايد اهو سندم استاد ٿيندو.

ڪافي. 593

تلهه: پانڌي يار کي پيار منجهان ڏيج سلاما.

1. عشق آڙاهه اندر چاهه ڪوري مثل تي ڪاما،
جيئن اڳار وٽ لهار تيئن ٻران اجهاما.

2. ڏجان يار کي دلدار منهنجا نياز جا ناما،
ڪري آزي ۽ نيازي تون پهچاءِ پئغاما.

3. چي پرچ پاڻ ننگ سجان چڏج مون ساڻ روساما،
اچي ملج هاڻ ڪر رهاڻ آهيون گولا غلاما.

4. تون "مننار" ڏي ڪج يار موٽي اچڻ انجاما،
ته تين شاديون منهنجيون مراديون وڄن دهل دماما.

ڪافي-594

تلهه: جنهن ڪي ڪيچ ملڪ جي شاهي،
تنهنکي ڪهڙي منهن جي پرواهي.

1. وو مونکان موچارا محبوب منهنجي وٺ، پيا ٻه سو لک آهن سپاهي.

2. وو شامت پيم شراڪت واري، تڏهن بيحد تيس بي واهي.

3. وو پرت پنهل سان پنهنجي، آهي، نياز وارين نباهي.

4. وو مت ملڻ جي "مننار" چئي، مونکي ڏسي جيڪا هجي ڏاهي.

ڪافي-595

تلهه: جيجل ذات جتن سان، هج ڪانه هلي هوتن سان.

1. وو ڪنهن جو ڪارگر ڪين ٿئي، ڪو ڏمر ڏک ڏاڍن سان.

2. وو آئون برهمڻ بي پهچ، ڪهڙو شيڪو ڪريان شاهن سان.

3. وو ڪيئن ڪرينديس ڪامٽي، آئون مقابلو مردن سان.

4. وو موتي پنهل "مننار" چئي، هاٿي ليندم لولائين سان.

ڪافي-596

تلهه: جند جان جلي جيجل ڙي! ويم آرياڻي آيل ڙي!

1. وو ڪارڻ ڪوهيارل ڄام جي، مونکي پور پون پلپل ڙي.

2. وو پانيان تي شهر پنپور ۾، قيام ساڳي ڪربل ڙي.

3. وو جيجان ڙي! جت ٻه ڪري ويا جيئن، سي گهوڙا هٽي وجن گهل ڙي.

4. وو آئون پڻ ويندس اوڏهين، ۽ ماءُ مونکي ڪيم جهل ڙي!

5. وو مون مئي کي "مننار" چئي، ڏس ڳوڙها وهن تا ڳل ڙي.

Scanned with CamScanner

ڪافي.597

تلھ: وجـــي پنـــيءَ پنهـــل جـــي آئـــون مرنـــدي،
مونکـــي ســـرتيون! هتـــي ڪيئـــن ســـرندي.

1. وو ڪي ڪجھ هلنديس ڪيچ ڏي، آئون جا وسان تہ مور نہ ورندي.

2. پيـنر! شـهر پنيـور ۾، آئـون پاسـو پـڌر ڪيـن ڏرنـدي.

3. وو مان سٽن سسئيءَ جون، آئـون ڪوڪونوينديس پئي ڪرندي.

4. وو جي آئون مليس "منٺار" چئي، تہ پوءِ آس اکين جي پرندي.

ڪافي.598

تلھ: منهنجـي ساجن سـاٿڙو سـنپاهيو، مـون ايئـن نـہ برهمڻ پـانيو.

1. وو پهـ وجـڻ جـو منهنجـي پريـنءَ، مونکـي پـاروچل نـہ پڌايـو.

2. وو حـرص هـوس ۾ ڙي جيـڏيون! مـون آهـي ڪـو وقـت وڃـايو.

3. وو ڪيچين جي ڪـر جي نہ هيس، تڏهن جانب ڪيـن جاڳـايو.

4. وو جي هيم معلوم "منٺار" چئي، تہ هوند مونکي آرام نہ آيو.

ڪافي.599

تلھ: جيئـن لوڙيـم لذت پنهـل سين، تيئـن هـيءَ آيـم سـور ازل سـين.

1. وو ڪڏهن هيس بهار پنيور ۾، ڪڏهن جر هاريو روئان جبـل سين.

2. وو سـڪن سـورن پـاڻ ۾ ڪيـو، عيـوض ادل بـدل سـين.

3. وو ڪنهـن پـر ملنديـس ڪيـچ ۾، وجـي پيهـر پـاروچل سـين.

4. مـان مـلان "منـٺار" چئـي، آئـون اديـون ڪنهـن اٽڪـل سـين.

Scanned with CamScanner

ڪافي.600

تلهه: اڻ ڄڳائيندڙ ان سين، مون ڪيو سڱ ڪيچ ڏٽين سين.

1. وو پاڻُون چاڻين پنهنجي اڇي، ٻڌيس ٻاروچن سين،

2. وو هاٺي هلايان ڪيئن ڪري، آئون حجت ان هوتن سين.

3. وو ننڊ نهوڙيس جيڏيون! تڏهين جانب ويو جتن سين.

4. وو موٺي ملڻ "مننار" چئي، منهنجو پينر! ٿيندو بختن سين.

ڪافي.601

تلهه: ائين تان سرتيون سنديم ساهيڙيون!
مون سان چڏي پنيور، هليو پيڙيون.

1. وو هلو ته ڳوليون هوت ڪي، وڏڪار، وندر، رڻ ويڙهيون.

2. وو هلي هوت بلوچ ڪي اتي، ڪريو منهنجي لاءِ ميڙيون.

3. وو متيون موٺڻ جون ڏيوم مونکي، ڪرم ڦٽيءَ جون کهڙيون.

4. وو مان ملان "مننار" چئي، مون کي آسون اجان اتم اهڙيون.

ڪافي.602

تلهه: آن تان ڪانه ڪئي همراهي، سرتيون! منهنجي هن سور ۾.

1. وو پينر شهر پنيور جي، مون اديون! اُميد سب لاهي.

2. وو ويندس رهنديس ڪينڪي، آئون جا ويندس سنجهه صباحي.

3. وو پيم ڪشالا ڪيچ جا، منهنجو لکيو امر الاهي.

4. آهي منهنجو "مننار" چئي، اڳيان الاه هڪ واهي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 603

ٿلهه: مون ڪان وک نہ کڄي، چڪيم واهون،
مون ڏي موٽي پنهل اچ پاهون.

1. وو ٽڪيءَ جون تر سنج ۾، تون دلبر! سڻ هي دانهون.

2. وو ڪيئن پڇنديس ڪيچ ڪي، آهنجو آهي ڏيهہ آڳاهون.

3. وو پاڻ سجاڻي پنهنجو، ڪا مهر ڪريو مانڍاهون.

4. وو تنهنجي ملهہ خريد "منٺار" چئي، آهيان ٻانهي ٻٽل جيئن ٻانهون.

ڪافي. 604

ٿلهه: اهڙو ڪوڙو واعدو ڪوهہ ڏجي، يا تہ عهد آريچن سان نہ ڪجي.

1. وو "الست بربڪم قالو بلیٰ" اهو حرف، هينئن سي پڙهجي.

2. پاتل پير پنهل سان، اهو نيهڙو، نباهي ڪٿي توڙ نجي.

3. پچت سارو پنهنجي، ڪٿي هوتن ۾ هتڙو وجهجي.

4. ڪوڙن مڪرن ڪئون "منٺار" چئي، خود آپ الله، ڪنبي ۽ ڏڄي.

ڪافي. 605

ٿلهه: تو خلب تہ ڪوهہ لڄايو ڙي، ٻانيڻ! ٻاروچن جو.

1. وو اڳيان آريچن جي، تو ڪامڻ! ڪين ڪمايو ڙي.

2. وو جاريت انهين جي راڄ جي، سو عقل نہ توکي آيو ڙي.

3. پوري! بيڪارن سين، تو هاري، ڪيئن پاڻ هيرايو ڙي.

4. ورچو نہ مئي "منٺار" چئي، جڏهن هوتن حرف چڪايو ڙي.

Scanned with CamScanner

ڪافي.606

ٿلهه: منهنجو دوست ڪٿي دلبر، وو جبلڙا! ڏس ڏي مونکي.

.1 وو سسئيءَ کي هن سنج ۾، هاڻي آهن سور ثمر وو.

.2 وو ڪارڻ ڪوهيارل ڇام جي، ڏوري ٽڪيس ڏونگر وو.

.3 وو هلي جا هوت پنهل ڏي، هيءَ باسي برهمڻ بر وو.

.4 وو مان ملان "مننار" چئي، مون سان ساڻي ٿيندم سرور وو.

ڪافي.607

ٿلهه: ڪوجو غم نصيب سين ٿيئڙو، جيجان ڙي! منهنجيءَ جان ۾.

.1 وو سرتيون! منهنجي هن سور جو، آن ڪي قصو سڻائينديس کهڙو.

.2 وو من تہ منهنجي ڪي اديون! ڏسو ورهہ وڪوڙي ويئڙو.

.3 وو جيڪي آهي لکيو لوح ۾، سوئي پارڻ مونکي پيئڙو.

.4 وو آهي معلوم "مننار" چئي، منهنجو حال خدا کي ههڙو.

ڪافي.608

ٿلهه: ڪيچ ڏي وڃڻ جي م ڪر وو،
ساڻ پلاڻي جي ويهہ تون پنپور ۾.

.1 وو تيئن تون محبوب متان ڪرين، جيئن ڪيس مادر پدر وو.

.2 وو آئون تہ اصل ڪئون آهيان، ڪمبخت ڪمتر وو.

.3 وو مونکي تون سيڪارج منهنجا پرين! جيڪا هجي ڇام پنهل! تنهنجي پر وو.

.4 وو متان تون ڇڏين "مننار" کي. ۔ تہ پيي نجان گڏ ساڻ سفر وو.

Scanned with CamScanner

ڪافي.609

ٿلهه: ڪنيزڪ مٺيءَ ڪي ڪج ور، هوت پنهل! تنهنجي حاضريءَ ۾.

1. ور ڪيئي جا سهاڳڻ سسئي، تنهن سان وري ۾ وڇوڙو وجهه ور.

2. ور مٺي جيئري منهنجا پرين! اها محبت ڪيم منج ور.

3. ور آئون تنهنجي لائق ناهيان، تون ڇوريءَ ڪي م ڇڏج ور.

4. ور مون ڪي ڪن ڳڻتين ڳاريو، تون دوست دلاسڙو ڏج ور.

5. ور متان ڇڏيئين "مننار" ڪي، سو ننگڙو نڀائي نج ور.

ڪافي.610

ٿلهه: ڀڄيو واعدا مڙيئي وڃين ٿو پيارا، ڀڄيو واعدا مڙيئي وڃين ٿو،
ڀول ڀاروچل ڪيچ ڏي ڪوهيارا ڪوهيارا.

1. پلو ميان! گولي گڏيو منجهه گوندرين، ٻيا وريو سور سڄين ٿو پيارا،
ڏس ٻيا وريو سور سڄين ٿو، ترس پويئي من محبوب موچارا موچارا.

2. پلو ميان! سگ وارا ڪي، ننگ جون ڳالهيون، ڪين ڳڄين ٿو پيار،
ڏس ڳالهيون ڪين ڳڄين ٿو، پال ڪري اڄ يار پلارا پلارا.

3. حج شراڪت هئڻ جا پانيان، پانيان مڙيئي پڄين ٿو پيارا،
ڏس پانيان مڙئي پڄين ٿو، توبهه زاري، ڳچيءَ ۾ ڳارا ڳارا.

4. پلو ميان! ميڙيون ويچاري "مننار" جون، هي جي منٿون ڪين مڃين ٿو پيارا،
هي جي منٿون ڪين مڃين ٿو، ٻيا پاند پيرن جا پنهل پيارا پيارا.

Scanned with CamScanner

ڪافي.611

تلهہ: روئي روئي گذاريم راتيون اديون! ڙي روئي روئي گذاريم راتيون،
ذاران ٻـــاروچل ٻريـــو وجـــان ٿـــي.

1. او مـون نـہ وسـرنديون مـوت سـيئن، جـي بلـوچ ٻڌايـم بـاتيون،
اديون ڙي! جي بلوچ ٻڌايم باتيون، ڪريو ڳالهيون ياد آئون ٻريو وجان ٿي.

2. او منهنجـي جـگر ۾ ڙي جيـڏيون، آهـن ڪـو هيـارل جـون ڪـاتيون،
اديون ڙي آهن ڪو هيارل جون ڪاتيون، سي وڍين ڏارين، آئون ڏريو وجانتي.

3. او جيئـري جـانب نـا ڏٺـم، منهنجيـون هونديـون ڪيـن حيـاتيون.
اديون ڙي منهنجيون هونديون ڪين حياتيون. آئون نہ مليس هاڻ مريو وجان ٿي.

4. او مونڪـي مليـون "مننـار" چئـي، دک درد ڏکـن جـون ڏاتيـون،
اديون ڙي! دک درد ڏکن جون ڏاتيون، پنهنجي سر تي قبول، آئون ڪريو وجان ٿي.

ڪافي.612

تلهہ: تـن ڪوهيـارن سان ڪري ويئـي، ڏاڍي اڙانگـي سـڱاوت سـاڻن.

1. الـو ميـان! قـدم ڪيـچ ڏٺيـن سـان، پـرم پيچـي پـوءِ پـري ويئـي،
انـــگ الســـتي، لـــوح ۾ لڪـــاڻن.

2. الو ميان! داعوا دوستيءَ جي زوراورن، ان ڏاڙيچـن سـاڻ ڏري ويئـي،
ســـگ ســـئي جـــو ڪيـــن ســـيباڻن.

3. الـو ميـان! هـيءَ ويچـاري مـن هـول ۾، ڪيـچ ڳـاراٽي ۾ ڳـري ويئـي،
مـرض انهـيءَ جـي، معلـوم نـہ مـاڻهن.

4. الـو ميـان! محبـت ۾ "مننـار" چئـي، ٻـارڻ وانـگر ٻـري ويئـي،
جـو عشـق ڏنـون مـچ، اهـو نـہ اجهـاڻن.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 613

تلھ: آيو عشق اجھل، سر ڀاري، آئون ٻيوس ويئي اختياري.

1. عشق اسان تي عمل ڪري ٿو، ۽ مون مٿي مهميز ماري ٿو،
پنھنجي وڻندي قدم پري ٿو، ٿي آهي زابر جي هسواري.

2. هنيو عشق نغارو نغارو، ٿيو اهي گم عقل جو چارو،
اهو چڏي ويو استان ويچارو، پيئي ڪلندي آهي خلقت ساري.

3. عشق مونکي چڪچور ڪيو ڏس، منجهه ڏکن منظور ڪيو ڏس،
ساري بدن کي سور ڪيو ڏس، مونکي لڳي آهي پريم ڪٽاري.

4. چئي "منٺار" آئون ٿي مستاني، دل ڪئي ديدار ديواني،
حال احوال ٿيو پريشاني، آئون پروس آهيان ويچاري.

ڪافي.614

تلھ: آئون هڪ دل تنهنجي ٻانهي، مونکي اچي مل دلبر جاني!

1. زلف تنهنجا واسينگ وسيھر، ڪارا ڪيس تحقيق تليھر،
سارو بدن تنهنجو لعل سراسر، تون حق نور خدانوراني.

2. شان تنهنجو آهي بي حد بالا، عز تنهنجو آهي اڪرب اعليٰ،
ڪهڙي ڪريان تعريف مقالا، مٺ مور نہ تنهنجو ڪو ثاني.

3. آئون سڪايل تنهنجي آهيان، پلپل پاند ڳچيءَ منجهہ پايان،
دل منهنجيءَ منجهہ ايھين پانيان، تہ تون آهين محبوب سبحاني.

4. چئي "منٺار محبوب! مونکي مل تون، اڱڻ اسان جي سهٽا سائين! ٿل تون
لاهہ حجاب، خوشحال ٿي کل تون! تہ سر ساھ ڪريان قرباني.

ڪافي. 615

تلهه: مون کي لڳي آهي محبت ذاتي، منهنجو ناهي عشق صفاتي.

1. ساهه پساهه وڪامي ويئڙو، وڃي پاسي پرين جي پيئڙو،
هڏ چم روح، سندن سڀ ٿيئڙو، جڏهن پرين پاتي هڪ جهاتي.

2. ساجن منهنجو سر سبحاني، جنهن تان جان جسو قرباني،
صورت ۾ آئون ٿيئڙس فاني، وڏي بسمل هڪڙي ئي ڪاتي.

3. روز الستئون يار اهوئي، صحي سڃاتم ساجن سوئي،
ناهي دليل ڪجهه قطرو ڪوئي، مون تان لنئون نه ڇنڻ لاءِ لاتي.

4. چئي "منٺار" آسائتي آهيان، سينو ساجن سان کهڙو ساهيان،
پلپل پاند ڳچيءَ منجهه پايان، آهي جيتر دم حياتي.

ڪافي. 616

تلهه: منجهه عشق آڙاهه ٻران ٿي، وو جيجل ماءُ مران ٿي.

1. سورن ڪارڻ آئون آهيان ڇائي، درد ويڇارا منهنجي ٿيا دائي،
گوندر پالي آهيان نپائي، هاڻي ڇٽنگون سور چران ٿي.

2. سٺو سٺو سرتيون اڇو سيئي، وس وقوف ڪنا آئون ويئي،
ڏسيو ڪا واٽ ملڻ جي مڙيئي، ان کي زاريون جانا پران ٿي.

3. درد فراق ڦوڙائي، آهيان ماري، يار ڏيکاريم قيامت ڪاري،
توبهه توبهه آهي منهنجي زاري، ڳل واهيو لڙڪ ڳران ٿي

4. چئي "منٺار" تيم دل ماندي، پچان ٿي يار پنهل جا پانڌي
موت ملي به آئون ٿيان هيڪاندي، جنهن لاءِ ڪوڪون روز ڪران ٿي

Scanned with CamScanner

ڪافي 617

تلهه: وس پنهنجي ڪان آئون ويئي آهيان،
هاڻي ڪرم نصيب ايئن ڪئي آهيان.

1. سس نيان عرض جڙيا منهنجا جاني!، درد فراق ڦٽي ڪيس فاني،
ساڻهو ڇون ته آهي ڪا مستاني، بيحد بيوس تي آهيان.

2. ڏوريو ڏيهه ڏسون، تي آئون ڏوريان، گهوريو گهيڙ گهٽيون تي سڀ گهوريان،
سوريو سير سڄڻ! تنهنجا سوريان، هادي حسن تنهنجي هئي آهيان.

3. محبت تنهنجي آهيان ماري، بدن منهنجو آهي بيقراري،
پائي زور زلف جي ڳاري، ناز نيڻن جي آئون نيئي آهيان.

4. چئي **"منثار"** اتم دل ماندي، سڪ سورن ڪان وار نه آهيان واندي،
آءُ ملڻ جي ڪر امدادي، پيش پيارل تنهنجي پيئي آهيان.

ڪافي 618

تلهه: ري هينئڙي، ميت تي پئي آهيان،
تنهنجي قرب پنهل! هيئن ڪئي آهيان.

1. تو جا پرت پرين مون سان پاتي، اصل عشق اکين جي جهاتي،
تنهنجي قبوليم قرب جي ڪاتي، جنهن ساڻ وڍجي وئي آهيان.

2. تو جي ڏنم سيلهه، پيون سويون، سي منهنجي جان جگر منجهه پويون،
جيرا لنگهي ويم ڏيئي چو هيون، هاڻي فنا ڦٽجي تئي آهيان.

3. ڪجليون تنهنجيون ڪامڻ هوريون، اکيون عقاب آهن اگهوريون،
نرجي جشمون مون ڏي چوريون، اُن نهوڙي نئي آهيان.

4. چئي **"منثار"** وس نه ويچاري، تون سڻ عرض آسائتيءَ جو آري،
جا روءِ بروءِ محبوب! تو ماري، سو لوڙهه لئيو، رڻ رهي آهيان.

Scanned with CamScanner

ڪافي.619

ٿلهه: تنهنجي جلوي حسن جهلڪار يار!، منهنجي آهي دل ڪئي مستاني.

1. وو لڳو تنهنجي نعرو نينهن جو، ۽ نيڻن وهايان نت نار،
هئي هئي حال ٿيم حيراني وو يار!

2. وو سڪ سمهنديس ڪين ڪي، آئرن تان پاروچل! پيهار،
ننڊ نياڳ سندي نشاني، وو يار!

3. وو ڏکيا ڪٽيم ڏينهڙا، سائين دلبر! توڪان ڏار،
ڪر ملڻ جي مئيءَ سان مهرباني، وو يار!

4. وو چوڪون چشمن جون ڏيئي، اڇي مارئي ڪي "مننار"،
ڦٽي فراق ڪيس ڏس فاني، وو يار!

ڪافي.620

ٿلهه: مون پيانيو تہ مون وٽ پنهل منهنجو هوت هميشہ هوندو.

1. وو! سڌ نہ پيم سور جي تہ ڪو منهنجو روهڙو رندن ۾ روندو.

2. وو! ڪائي ڪل پيم ڪانہ ڪا تہ ڪو ورهہ وڇوڙو پوندو.

3. وو! مون نہ سمجهيو "مننار" چئي تہ ڪو مونکي لوڪ ڇري سڀ چوندو.

Scanned with CamScanner

ڪافي 621

تلهه: يار سڄڻ تنهنجي سانگ ستيم سانگا سڀ سنساري.

1. ريءَ ديدار اوهان جي دلبر ميان! اوڏا ڏينهن اڙانگ،
ڪٽيم ڏم گهڙيون لاچاري وو.

2. ورهن واٽون جوڙيون ميان وو! چلڪي چلڪي چانگ،
آڇنم هول گهٽا هيڪاري وو.

3. پانڌي اچڻ جو ناهي پيچرو ميان وو! نه ته ڏيان قاصد هٿ ڪانگ،
سنديم سٽ سورنجي ساري وو.

4. مون ڏينهن گهاريا ”منٺار“ چئي ميان وو! واڍ وڙين جي وانگ،
پيارل! ڪانه ڪيئي پوئواري وو.

ڪافي 622

تلهه: وو! مون ۾ عيب ڏٺو ڪو آريچن،
مونکي ڇڏي ويا ڪري ڇورڙي ڇورڙي.

1. وو! مون پانيو ته هميشه هتي، ڪنديس مجلس ساڻ محبوبن،
آئون ڪا براهمڻ آهيان پورڙي پورڙي.

2. وو! ووڙينديس وڻڪار ۾، بڌي آئون سندرو ثابت سورن،
هول هينئين ۾ تيم هورڙي هورڙي.

3. وو! مان ملان محبوب ڪي، ڪاهي ڪيچ ۾ وڃين ڪيچيڙن،
واٽ ميس تان تيس گهورڙي گهورڙي.

4. وو! ڪن منٺن سان ”منٺار“ چئي مون سان پاڻ پرين مان پرچن،
زاري واٽ نه منهنجي زورڙي زورڙي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 623

تلھ: وو! منهنجي پنهل نہ ڪئي پوئواري،
ڪوئي تپاس پنهنجي تن ۾ تن ۾.

1. وو! ڪيچن جي ڪم جي نہ هيس، تڏهن آهيان ور آئون وساري،
جو ڇڏيائين هن پنيور واري ٻن ۾ ٻن ۾.

2. وو! آل منهنجي عيب جي، شايد تہ ڏيرن هيس ڏيڪاري،
ڇيائون ڪوهيارل کي ڪن ۾ ڪن ۾.

3. وو! مون سان تنهن محبوب ري، هت آهي قيامت ڪاري،
ٿيو ماتم مٿيءَ سان هن سن ۾ سن ۾.

4. وو! موتي مون ڏي "منٺار" چئي هاڻ: مان اڇي سواري،
آهي مراد منهنجي من ۾ من ۾.

ڪافي. 624

تلھ: آئون لاءِ محبوبن جي مسافر وو،
ڏک ۾ ڏونگر پٽين ڏوريان ڏوريان.

1. وو! پرت وڃايو پرهيز کي، آئون جا سورن ڪيس نہ صابر،
وو! گهيڙ گهٽيون سڀ گهوريان گهوريان.

2. وو! ماءُ پيءُ مون وسري ويا ڀيا سڀ وسريا ڀائر برادر،
وو! هڪ سڱ ساجن جو پٺي ٿوريان ٿوريان.

3. وو! جيڪي لکئين لوح ۾، آئون ناهيان تنهن کان نابر،
وو! چاڪ السّتي پٺي چوريان چوريان.

4. وو! ڏسي سامت "منٺار" کي جيڪا عقل جي هٺي اڪابر،
وو! حال انهين سان پنهنجو اوريان اوريان.

Scanned with CamScanner

ڪافي.625

تلهه: جنهن سان دلڙي وجود جي وندري،
وو پيئنر! ناهي سوئي پنهل پنيور ۾.

1. وو! پنهل نيو جنهن پاڻ سان کهڙو قدر تنهين بيقدري،
جو آيو نه عشق اگهور ۾.

2. وو! تازو ڦٽ فراق جو هي سور تنهين جو تو سنجري،
آئون روز رڙندي زورا زور ۾.

3. وو! جيرا ڦڦڙ ۽ منهنجيون بڪيون سي تيون آئڻن اندران اندري،
هينئڙو هولن جي هاءِ هور ۾.

4. وو! تي راهي هن راڄ مان، منهنجو روح تو چوي تہ، وٺ رند، ري!
هن لذت نه شهر لغور ۾.

5. وو! مان ملان "منظار" چئي وجي ساڻ ثابوتي جي سندري،
اوڻ آرياڻي جي آئون اجهور ۾.

ڪافي.626

تلهه: وو! ٻاروچي جون ٻڙي جيڏيون!
روز ڪيپنم ڪاتيون.

1. وو! هوت پنهل جي ڍول ڪئون، منهنجون چيهون چيهون تيون ڇاتيون.

2. وو! ڏک ۾ ڏينهڙا گذاريان، ٻيون آئون روئندي وهايان تي راتيون.

3. وو! پنهل سي ڪين پاريون جي مون سان ڪيائين پنيور ۾ ٻاتيون.

4. وو! مونکي ڏنائين "منظار" چئي، ڏک سور ڏونگر جيون ڏاتيون.

ڪافي.627

تلھ: لاهي ويهہ م لڏ تون، لاهہ پر لڏ. وو! هل تہ پهچين هوت ڪي.

1. پنيا جي هن پنيور جا نيئي رسائيندءِ ڪنڌ.
2. وو! وڃ تہ ڪيچ قبول تئين هٿ م رلائج هنڌ.
3. وو! ڪم نہ ايندءِ ڪيچ ري ٻي ڪا اڏاوت اڏ.
4. وو! ٻانيڻ عشق ٻروچ جو ڪرئي سفر جا سڌ.
5. وو! متان منجهين "منٺار" تون ڏينهن وڃن تا ڏڏ.

ڪافي.628

تلھ: وو! جي ڪيئي قول ٻانيڻ ٻول ٻاريئي ڪين پنهل سين.

1. وو! جي نہ ستي هئين سسئي! نہ هوند نہ ٿيڙءِ هول.
2. وو! جي ڪوڙيون ٿينديون ڪانڌ سين دکڙا تن کي ڏول.
3. وو! هوت هٿان تو ڇڏيو هاٿي ورسدءِ ڪين وڙول.
4. وو! ڇو مئي "منٺار" چئي آريهاڻي جي اول.

ڪافي.629

تلھ: وو! پيئي روهہ منجهہ رات، تي نہ ملاقات سسئي جي سڄ واٽ ۾.

1. وو! آ مل آري ڄام تون، تنهنجي تن منجهہ تات.
2. وو! ور وسيلا ڪارڻي! اها وائي منهنجي وات.
3. وو! پنهل پيادي ڪي ڏنا ڏک ڏونگر ڏات.
4. وو! ان مارگ تي "منٺار" چئي، ٿيندي مري ممات.

Scanned with CamScanner

ڪافي 630.

تلهہ: وري اچ يار! وري اچ، اچ مون نماڻيءَ جي توري توري.

1. الو ميان! تو لاءِ وڏير تڪڙي، منجهہ وڙول وڏڪار يار، ڏونگر تڪيس ڏوري ڏوري.

2. الو ميان! لڳي تنهنجي آگ عشق جي تنهن باهہ ڪيا پڙڪار يار، جا چاهہ مچائي چوري چوري.

3. الو ميان! صدق توتان سپرين هيءَ ساهہ سندم سؤ وار يار، گولي پنهنجو سر گهوري گهوري.

4. الو ميان! مل محبوب "منٺار" ڪي سڻ سوال سندم سردار يار، سر ڏيان ڪلهنئون آئون ڪوري ڪوري.

ڪافي 631.

تلهہ: دل ديوان دلڙي ديوان برهہ جنين جي سر باري باري.

1. الو ميان! سانگو سڪن جو ويا ڇڏي، سور ڪنيائون سامان شان، انسان قيامت ڪاري ڪاري.

2. الو ميان! صبر سهي سگهن ڪينڪي نينهن ڪيا نيشان شان، دانهن درد ڪن واري واري.

3. الو ميان! ڪري آئون سڏائينديس ڪيترو بات انهي جو بيان شان، توبهہ توبهہ زاري زاري.

4. الو ميان! ڇڏي "منٺار" محبوب تان سر تہ ڪنديس قربان شان، جان صدق پنهنجي ساري ساري.

Scanned with CamScanner

ڪافي.632

ٿلهه: ڪر نہ حجاب، ڪر نہ حجاب ٻول پيارا پنهنجي ٻولڙي ٻولي وو!

1. پلو سائين! محبت تنهنجي مون کي ڪيو ڪٽي ڪمائي جيئن ڪباب،
لونءُ لونءُ منجهہ تنهنجي لولڙي لولي وو.

2. پلو سائين! طعنا مٺا تو سندا مون ڳل موتي گل گلاب،
آئون تہ جهليان تي جهولڙي جهولي وو.

3. پلو سائين! پرچ پيارا تون پرين نام خدا جي ڏي نہ جواب.
چاڙهہ اسان تي اها چولڙي چولي وو.

4. پلو سائين! تيندو محبوب "منٺار"، کي صحبت تنهنجي سان ثواب،
لهندا گناهہ تنهنجي آئون گولڙي گولي وو.

ڪافي. 633

ٿلهه: وو! پيڙم ياد پنهوار، وو ڏوتي مئيءَ جا ڏاڏاٽا.

1. وو! قسمت قيد الماءُ تيو ڏڻ وندي تيم ڏار، وو! اکيان ڏور اباٽا.

2. وو! ماڙيچا من تان نہ لهن سلڪٽا سي سنگهار وو! پکڙا جن جا پراٽا.

3. وو! جهوري جهانگيڙن جي وجود ۾ ويرو تار وو! گوندر غمن جا گهاٽا.

4. وو! چئي "منٺار" منهنجي طرف لکيو منجهہ نرار وو! کهڙي ڪرم نجاٽا.

Scanned with CamScanner

ڪافي.634

تلهه: مـــاروئڙا پيـــو مليـــر وو! دل تـــان دم نـــہ وســـاريان.

1. وو! شـريعت، طريقـت حقيقـت معرفـت اهـو ســانگيڙن جـو ســير.
وو! ســـندين ريـــت ســـنپاريان.

2. وو! ويڙهيچـــن جـــي ورونهـــہ ۾ نيڻيـــن واهيـــان پئـــي نيـــر،
وو! آب اکيـــن مـــان تـــي هاريـــان.

3. وو! قســـمت آنديـــس ڪـــوٽ ۾ ظلمـــت وارو زنجيـــر،
وو! گونـــدر غمـــن منجهـــہ گهاريـــان.

4. وو! پيئنديـــس پـــائر ۾ وجـــي ڪـــائڙين، ســـان گـــڏ ڪيـــر،
وو! اي اميـــدون تـــي ڏاريـــان.

5. وو! مولـــيٰ لـــڳ "منٺـــار" چئـــي، ملنـــدو مـــارو ميـــر،
وو! گـــڏ مـــن ڏينهـــن گذاريـــان.

ڪافي.635

تلهه: سامي ڏئي ويا سور، سور سيني منجهہ سٺم.

1. وو! راول رت روئنـــدا مـــون ڏٺـــا آڏيءَ رات اســـور.

2. وو! مـــاريو مهيســـين جـــي مـــون ڪـــي تـــن گودڙيـــن جـــي گهـــور.

3. وو! اچـــن اوقـــاتون آديســـين جـــون پوربيـــن جـــا پـــور.

4. وو! نانگـــا هليـــا ويـــا نـــاٿ ڏي ويتـــر ڏئـــي وهلـــور.

5. وو! چئـــي "منٺـــار" آئـــون مـــان تيـــان هنگلاچيـــن جـــي حضـــور.

Scanned with CamScanner

ڪافي.636

ٿلھ: جوڳـــي جلويـــدار وو! مـــون ڪـــي مـــان ملـــن!

1. وو! ڪنگـــڻ، ڪلابـــا، ڪيوٽيـــون جوڳيـــن جـــا جنســـار.

2. وو! نـــاد نفليـــون، ســـنک، ســـرليون هـــو ويـــر وڇـــائڻ هـــار.

3. وو! لاهوتـــي لائـــي ويـــا مونکـــي تـــن منجهـــ تنـــوار.

4. وو! ڪـــڏهن لهنـــدم ڪـــاپڙي ســـنديم ســـار ســـنڀار.

5. وو! چئـــي "مننـــار" مهيســـين ســـين تيـــان هيڪـــاندو هـــر وار.

ڪافي.637

ٿلھ: اول الله عظيـم ڏٺـي بـي انـت، خداونـد بـاري آ.

1. محمد پئدا پاڻ ڪيـائين، جيڪـو نـور سندس نـرواري آ،
تنهن نور منجهان تيا چيز نوان، سڀ جوڙ جڙي جنساري آ.

2. چـارئي يـار رسـول ڪيـا، سـا ڇڳـي سـنديس چوپـاري آ،
تحقيق سيم تعريف سنديم جا مصحف منجھ موچاري آ.

3. پنجتن جسم پيغمبر جو ميان، اعليٰ ان جي ڳالھ نيـاري آ،
لحمڪ لحمـي لاءِ سـندن، جـا احمـد چئـي اظهـاري آ.

4. "مننار" ويچاري ڪي مرشد صاحب، سرور سمجھ سيڪاري آ،
تـ ڀوڙ ڀيائي، رڳ هيڪڙائـي، اهـا واٽ وحـدت واري آ.

Scanned with CamScanner

راڳڻي حسيني   تار اولنگهه

ڪافي.638

تلهه: توکي مرشد مخفي ڳالهه چئي، سا مام سمجهه "منٺار" تون.

1. هستيءَ هوڏ هٽڻ جا حلقا، سيئي ڦٽا ڪر سارا تون،
خاڪ سڄاڻي خاڪ قبولج، منٽي ڏجان موچارا تون!

2. نفس جا رايا ڪيم قبولج، خام خيال خسارا تون،
روح جا رايا صحي[1] سڃاڻج، ورق وحدت وارا تون.

3. ڪچ ڪوڙ آهين، ڪچ ڪوڙ نسورو، عشق الله جي ڏاران تون،
مرد ٿئين تان محبت رکجان، نينهن جا ڪول نظارا تون!

4. اي "منٺار"! موتو قبل ال مرجان منجهه وجود ويچارا تون،
پنهنجي استاد امين محمد کان، اثر وٺي اظهارا تون.

راڳڻي بسنت   تار تين تار

ڪافي.639

تلهه: رسڻ ڦٽو ڪر راڻا وي!، توٽي ميار هجي مومل تي.

1. هار گلن جا هنڌ تنهنجي تي، پوئي ڏريم پاڻان وي،
موٽي اچين تون، مان مهل تي.

2. عطر عنبير، سوين سرهاڻيون، تولاءِ طول وهاڻا وي،
ڪيم تيار انهيءَ توڪل تي.

3. توريءَ رنگ رتول محل ۾، گاڏين گل ڪوماڻا وي،
روئي روئي ڳوڙها ڳاڙيم ڳل تي.

4. طبع تاڄ تنهنجي مان تر، هڪ آئون چئي نا چاڻا وي،
ويسر مونجهه اصل، مون منڌل تي.

5. چئي "منٺار" مونکي ڏي معافي، سوڍل يار سياڻا وي،
نظر نه ڪر منهنجي ناقص عقل تي.

---

[1] صحيح

ڪافي.640

ٿلهه: سوڍل پاڻ سجاڻج وي، ڪجاڻ معاف گناهه گجر ڪي.

1. اڄي ڪوٽ ڪٿر ۾ ڪامل، هي محلاتون ماڻج وي،
ڏيئي آب گهٽو بي اثر ڪي.

2. ڪاهي ڪاڪ ڪنڌيءَ تي ڪرهل، موڙي مهارون آڻج وي،
تہ تئي ايمان وري ابتر ڪي.

3. ڪارڻ مومل اُٺ مهريءَ ڪي، پهرئين پهر پلاڻج وي،
اڄ ڪاڪ ۾ ڪشي ڪمر ڪي.

4. چئي "منٺار" ملي مومل ڪي، طرف تنهن جي تاڻج وي،
تہ تئي سياڳ سهاڳ سوندر ڪي.

ڪافي.641

ٿلهه: عجب محويت مردن جي، جي هردم حق سين حاضر ناظر.

1. پنهنجو نفس نابود ڪيائون، پوءِ توحيد منزل تي تن جي،
مليو پانور لقب بهادر.

2. هڪ هڪ ڏينهن ۾ چويهہ هزار ڦيرا، تئي زيارت انهن عشاقن جي،
جيڪو سندن گذر حيات چماندر.

3. شد رحمت هوئي شوق سندن کي، ڏسو کهڙي ڪماليت ڪا ملن جي،
تين نينهن نشانبر، سونهون صادر.

4. چئي "منٺار" مڪيان چشمن کي، پٽي خاڪ انهن جي پيرن جي،
تہ تئي اڪين اوجر رنگ ڪمانگر.

ڪافي.642

تلھ: اٿم يقين اعتبار اھو، تہ بي رنگ بيشڪ رھي ٿو رنگ ۾.

1. سڀ رنگ ۾ سبحان سمايو بي مثال، مثال ۾ آيو آھي الله اظھار اھو،
شھر بحر جبل توڙي جھنگ ۾.

2. رب ڪاريگر اھي ڪل وارو، سندس اوزار جڳت سنسارو،
ڪم ڪري ڪلتار اھو، دين حقيقت واري ڏس دنگ ۾.

3. توڙي زمينون، توڙي آسمانا، توڙي ملائڪ، توڙي انسانا،
تہ بہ نور سندس نروار اھو "الانسان سري" ڏس انگ ۾.

4. چئي "منٺار" موليٰ ۽ مرشد مون لاءِ ھدايت ھيڪ ھڪي حد،
سر سندس سردار اھو، مون لاءِ مالڪ انھيءَ ملنگ ۾.

ڪافي. 643

تلھ: بي مثليءَ جا مثل ھزار، صاحب سمجھيم سڀ صورت ۾.

1. و الله بڪل شي محيطُ، نور خدا جو نيڻن منجھ نت نئون،
دلبر ناھي ڪنھن کان ڏار، بي رنگ بيٺو آھي بشرت ۾.

2. ھر ھنڌ ھادي ھيڪ ھڪوئي، ڪونھي رب ريءَ ڪنھن ھنڌ ڪوئي،
ساري جھان اندر سنسار، بعضي مرد، بعضي عورت ۾.

3. ونحن اقرب، واحد ويجھو، اوڏو اڪين نبضن کان ايجھو،
سمجھہ اھا سالڪ! گفتار، موليٰ مخلوقي مورت ۾.

4. چئي "منٺار" منھنجو مرشد، رب رسول مثل خود محمد،
دل اندر ويساھ ويچار، ساڳيو حسن ڏٺم حضرت ۾.

Scanned with CamScanner

ڪافي.644

تلهه: بسنت جي گل بهاريءَ جا، سي گهرجن رنگ رتول محل ۾.

1. تيتر ڪم جا ڪين ٿين سي، ڪنهن شهزادي جي سڌاريءَ جا.
سي جيتر آهن جوءِ جهنگل ۾.

2. جهنگل ۾ آهن حيوان پيا، جي شائق نه آهن هيڪاريءَ جا،
جنڪي اچي نه عطر، عقل اٽڪل ۾.

3. سمجهي سجاڻن گوهر گلن کي، جي لائق آهن سرداريءَ جا.
جن جي اک اپٽل آهي، روز اول ۾.

4. چئي "مننار" انهن مردن کي، مليا هوش هينئان هوشياريءَ جا.
جن اها تانگ سجاتي، پنهنجيءَ تل ۾.

ڪافي.645

تلهه: تن مارن لاءِ دل ماندي وي، وڃان وطن منهنجي روح جا رايا.

1. ڪرم لکئه هن ڪوٽ ۾ ميان!، آئون آهيان هت آندي وي،
نه ته اسين تا ريلا، ٿر ۾ ڇايا.

2. سون رپو تنهنجو سومرا ميان! ڪين ڇوڙيندس چاندي وي،
مون نه وڻي تنهنجي ملڪيت مايا.

3. گهران مرڻ مليرِ ۾ منهنجو، ٿين ٿاريلا ڪانڌي وي،
پاندم ڏينم شال پرايا.

4. مان قبر، "مننار" جي ٿئي ، پنهوار جي پيرانديءَ وي،
پوءِ من ٿينم سانگ سجايا.

ڪافي.646

تلهہ: موڪل ڏي تہ ملير ڏسان، لاءِ ڪچاڙي مونکي قيد ڪيو اٿئي.

1. ڪيئي ظلم ضعيف سين ڏاڍو، نہ تہ ڇا لاءِ هوند زنجير ڏسان،
جو مونکي ڪاهڙ جي ڪوهيءَ تان ڪنيو اٿئي.

2. مند بهار ۾ ڦوڳ ڦلاريا، سو ملڪ اباڻو اڪثير ڏسان،
جتان مونکي ڪري حڪم هنيو اٿيئي.

3. آئون ڪيئن ڇڏيان ايل اباڻو، پئي سانگيئڙن جو سير ڏسان،
۽ ڪهڙو روح منجهہ خيال رهيو اٿيئي.

4. چئي "**منٺار**" وجي ملڪ انهيءَ ۾، حضرت محمد مير ڏسان،
۽ لوئياريءَ ڪي ڪوهہ ليو اٿيئي.

ڪافي.647

تلهہ: پنهنجي وطن آئون ويندس وي، اها اُميد الله ۾ آهي.

1. پڪا ۽ پيرون ساڻ پنهوارن، ڪاٿڙ ملڪ ۾ ڪينديس وي،
وجهي نٿ نڪر جيءَ ۾ ناهي.

2. هيءَ حقيقت حال منهنجي جي، چاچاڻن ڪي چينديس وي،
ڳالهہ ڳجهي منهنجي، اُن ڪان ناهي.

3. ثابت سيل رکي سانگين جو، نيڪي اباڻي نينديس وي،
ڪين ڇڏينديس لوئي ڪي لاهي.

4. چئي "**منٺار**" ملير وجي، پوءِ پيرين پنهوار ڪي پينديس وي،
سنت سر قدمن تي سنباهي.

ڪافي. 648

ٿلهه: آئي مند بهاريءَ جي، پون ياد ولهار، پيون ويڙهيون.

1. مند بهار، سرهاڻ وڻن ۾ گلن جي گلڪاريءَ جي،
سي خوش بويون، ڪٿوريءَ جهڙيون.

2. آهيان پياسڻ، لاءِ پنهوارن، آس اُميد اڄياريءَ جي،
ڏسان شال سنديم ساهيڙيون.

3. سزا ملندئي سومرا! هت پنهنجي ظلم ڪهاريءَ جي،
جو باند ڪري مونکي، وڌئي بيڙيون.

4. چئي "منٺار" منگان مولي کان، سنديس ٻاجهه ستاريءَ جي،
مان مڄي منهنجون منٺون ميڙيون.

ڪافي. 649

ٿلهه: ٻرهه جو رنگ بهاري وي، جيئن چانڊوڻ گلن جي ڇم ڇم.

1. عجب يار عجيب جي آئي، ڪري محبت ميگهه ملاري وي،
جيئن ٽڙ ڦڙ مينهن وسن ٽا ٽم ٽم.

2. جيئن ساز سردو مٽي کي سهڻيون، پريون نچن نرواري وي.
تيئن ڇيريون وڄن ڇاتيءَ ۾ ڇم ڇم.

3. تن منهنجي ۾ تار طلب جي، جند جان وڄي سڀ ساري وي،
جهاتيءَ جهٽڪ جهونگار جي جهم جهم.

4. نوان نوان رايا روح منهنجي تي، ڪريو جدا جدا جنساري وي،
ڪئين سو قسم ڪرائي، تو ڪم ڪم.

5. چئي "منٺار" تہ عشق جي آئي، منهنجي سيني منجهه سواري وي،
ڪنهن ڏام حڪم دهشت سان ڏم ڏم.

Scanned with CamScanner

ڪافي.650

تلهه: عشق آيو اظهار ميان، هلي عشق آيو اظهار ميان!
جو پنهنجا حڪم هلائي ٿو هر هر.

1. قبضي دل جو تخت ڪيائين، تيو سوپارو سالار ميان!
سڀ وٺي وجود ويو، ڏيئي ور ور.

2. جڏهن شينهن شهر ۾ ساڪن ٿيئرو، ههڙو حشمتدار ميان!
سڀ جان جسم ٿڙڪي ٿو ٿر ٿر.

3. مڙيئي مڪان مطيع ڪيائين، تو تاب ڪري تڪرار ميان!
آهي برهو باهه جيري جيئن ٻر ٻر.

4. ڇئي "مننار" ملڪ مڙيئي، جو سوئي مالڪ ٿيو مختيار ميان!
جنهن جي فتح جو پڙهو، گهمي ٿو گهر گهر.

ڪافي.651

تلهه: روئيج م عاشق رهج صبر ۾، سڪ جو سور لڪائيج تون.

1. تورون پڌ تن ۾، مخفي من ۾، ڳالهه پرين جي ڳائيج تون،
ته سڻنڌئي سيئي هو ڪن ڏيئي، ٻين کي ڪيم ٻڌائيج تون.

2. برهه جون باهيون، چوري چاهيون، من ۾ مچ مچائيج تون،
ڳجهڙو ڳجهه ۾، مخفي منجهه ۾، پرت سين پاڻ پچائيج تون،

3. مخفي محبت، سچي آهي صحبت، واءِ منجهه ڪيم وجائيج تون.
ته ساجن سڪ سين، ليندي لڪ سين، پڌرو ڪيم پچائيج تون.

4. تنهنجو ميلو، ٺئي سويلو، ۽ نقطا هي دل لائيج تون.
اي "مننار" ٿيءُ هوشيار، قرب تر ائين ڪمائيج تون.

Scanned with CamScanner

ڪافي.652

ٿلهه: سڪ ساجن جي بي صبري، منجهه عشق صبر تل ناهي وو.

1. وچن ٻيون واهون، ڪرٽيون دانهون، عشق اچي جڏهن ڪاهي وو،
پوءِ نت نت روئڻ، عقل نه هوئڻ، ڏاهپ وسري ڏاهي وو.

2. قرب سين ڪامڻ، ٻيٺي ٻانيڻ، پنهل جو نام پڇائي وو،
روئيندي رند ۾، پيادل پنڌ ۾، هلي لاڳاپا لاهي وو.

3. سڪ ۾ سهٽي، رات نه رهٽي، پيئي ڪنن ۾ ڪاهي وو،
جهلي نه جهل سين، ڪنهن اٽڪل سين، طلب نٿي ترسائي وو.

4. هير ويچاري، محبت ماري، جا ساميڙا سڏائي وو،
هلي هاڪاري، چڙهي نظاري، رانجهن سان لنءُ لائي وو.

5. فرهاد ڦوڙا، ڪٽيا هيٺڙا جو موهيو شيرينءَ سهائي وو،
سڪ نه سمهڻ ڏي، ڪين رهڻ ڏي، برهو ٽڪر ٽڪائي وو.

6. يوسف ڪارڻ تي، هئي زليخان وڙولي ويس مٽائي وو،
عشق اشاري، چڙهي نظاري، ۽ املاڪون اڇلائي وو.

7. شاهه حضور، ٿيو مشهور، ته اناالحق الائي وو،
صبر نه ڪرٽو، اڳ پوءِ مرٽو، سر ته ڏنئين منجهه ڦاهي وو.

8. مات نه ڪرني، آئو رب ارني، موسيٰ ايئن الائي وو،
او ماندو ملڻ لاءِ رب جي ڏسڻ لاءِ، من پرور پاڻ پسائي وو.

9. برهه نتيڙو، منجهي پئڙو، عشق اهوئي آهي وو،
جو قادر ڪل ڪان، اصل اول ڪان، پوءِ ڪير ڳنس سمجهائي وو.

10. آهي "**منٺار**" ته ري اختيار، عشق اختيار وارو آهي وو،
آئون ته وايچارو، هو وس وارو، جو پنهنجا حڪم هلائي وو.

ڪافي. 653

ٿلهه: سگهو مل ساجن! سڪ ۾ مران ٿي، پرچ پرين! اچ پيارا يار.

1. آئون جا ويچاري، دردن ماري، هئي هئي دلبر توڪان ڌار،
سڪان پيئي ساريان، هنجون پيئي هاريان، نيڻن وهايان نت نت نار.

2. فراق جو پيندو، هي ڏک ايندو، سامون نه خبر پيئم ڪا چار،
آئون جا آڳاتي هئي اڻجاڻي، سور پرايم سڀيئي چمار.

3. آءُ مل يارا! جيءُ جيارا! مون ڪي تنهنجي تات، آهي تن ۾ تنوار،
آئون جا اداسڻ آهيان پياسڻ، پل پل ڪريان پيئي پڪار.

4. ڪڏهن تون ملندين، مرڪي ڪلندين، ڪي موتي ملندين ڪي "منٺار"،
آءُ سر گهوريان، ڪلهن تان ڪوريان، ساهه صدق ڪريان سؤوار.

ڪافي.654

ٿلهه: آئون نه پڳيس منزل ڪي، تڪيس اچي، مل تون جڙيا جاني!

1. ساڻ اشاري، مئي ڪي ماري، جا دل ڪئي منهنجي ديواني،
ڪريان ٿي دانهون، پڇايان راهون، لاءِ ملڻ جي آهيان مستاني.

2. تنهنجي ڏسڻ لاءِ، يار پسڻ لاءِ، جو حال منهنجو ٿيو حيراني،
سهڻل سائين! ديدار ديکائين، سر مبارڪ سبحاني.

3. هيڪر يارا، دوست پيارا! مون سان ڪج مهرباني،
منهنجي لاءِ، ڪو پاڻ پلائي، ڪر اچڻ جي احساني.

4. تون "منٺار" ڪي، اُميدون وار ڪي، پلڪ پساءِ پنهنجي پيشاني،
آئون تنهن ويرا، لک لک ڦيرا، سر تہ ڪنديس قرباني.

Scanned with CamScanner

راڳڻي بسنت — تار تين تار

ڪافي. 655

تلهه: برهه بهادر آهي شڪاري، اڇيو ماري ٿو عشق اميرن کي.

1. نينهن نهوڙي ڪن نام ڪٺن کي، ۽ پڇي ٿو ڪين صغيرن کي.

2. ڪريو هزار حسن جا حملا ۽ ڇوڙي ٿو ترڪش تيرن کي.

3. ۽ شاهه سوين سلطان ڪيو سوگها، ٻيا وڪڙ وجهي ٿو وزيرن کي.

4. چوي "منٺار" مجروح آهي تيو، پوءِ پرنن پاڻ فقيرن کي.

راڳڻي ٽوڙي ڪيڏارو — تار تين تار

ڪافي. 656

تلهه: عشق امير کهايا ڪامل ڏس، شاهه سوين سنگسار ڪيئين.

1. ڪل نبين تي ٿي قادر، سختين منجهه سردار ڪيئين.

2. حسن حسين شهيدن جا، ڏس قاتل آٿي ڪفار ڪيئين.

3. ڪيئن منصور جهڙن مردن کي، سوريءَ تي هسوار ڪيئين.

4. شمس تبريز جهڙن سورهن تي، قاضي ۽ ملان قهار ڪيئين.

5. شيخ صنعان جهڙا ڪئين سالڪ، دين مذهب کان ڏار ڪيئين.

6. لک فقير فرهاد جا شامل، سر فدا سچيار ڪيئين.

7. صوفي شاهه عنايت، جن جا پالن تي ڪاپار ڪيئين.

8. اي "منٺار"! محبت وارن جا، اهڙا عدل آچار ڪيئين.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 657

تلھ: سڀ قسم تي سڪانگر زابر، قادر نينهن قهار ٻڌم.

1. اول عشق الله تي آيو، تڏهن جوڙ جوڙيائين جنسار ٻڌم.

2. عزازيل تي عشق جو آيو، سو قرب جو کيل ڪفار ٻڌم.

3. آيو هو عشق آدم ۽ حوا تي، سي ڏارون ڏار ٻڌم.

4. هڪ هاروت ماروت، ملڪ ٻئي، سي ڪوهي اندر گرفتار ٻڌم.

5. محبت موهيو ڪل قسم ڪي، جي عالم ارڙهيئن هزار ٻڌم.

6. جو وٺنديءَ جو واپار ڪري ٿو، سو عشق عجيب اسرار ٻڌم.

7. چئي "مننار" مرادن اندر، سڪ ۾ سڀ سنسار ٻڌ.

ڪافي. 658

تلھ: برھ بهادر ڪل مذهب ۾، عشق سپهه سالار آهي.

1. ڪٿان ڪفر سان ڪري لڙائي، ڪٿان در عالم دينندار آهي.

2. ڪٿان پيرويءَ ڪان پنيرو، ڪٿان ڪٿان ڪفار آهي.

3. مشتاقن جي مارڻ واسطي، حسن سندس هٿيار آهي.

4. ڪٿان ڪسڻ لاءِ ڪنڌڙو سنپائي، ڪٿان ڪات قهار آهي.

5. سيني فرقن تي سڪانگر، عشق اصل اظهار آهي.

6. ڪوھ ڇاٿان، نہ ڪنهن جو ساٿي، منجھ عجب "مننار" آهي.

Scanned with CamScanner

تار تين تار

ڪافي. 659

ٿلهه: خواب خيال ڏٺي هڪ صورت، جتي شمس قمر شرمايا ٿي.

1. طور سينا جهڙا ڪي جبل، سو تنهن تجل تاب جلايا ٿي.

2. حورن حسن پسڻ جي خاطر، لک لک ليئڙا پايا ٿي.

3. جن ملائڪ ۽ انسانا، تنهن شڪل سونهن سجهايا ٿي.

4. چئي "منٺار" مون جهڙن منگتن، اتي ڳاڇ هزارن ڳايا ٿي.

ڪافي. 660

ٿلهه: هي مشڪل مام پروڙڻ مطلب، مون ڏي يار جي ڳجهارت ڪائي آئي.

1. سالڪ هوئي ڪو سڄاڻي سمجهي، هيءَ اوکي اشارت آئي آئي.

2. جتي علم عقل جي جاءِ نہ ڪائي، ڪا اهڙي عبارت آئي آئي.

3. پارون پرين جي ٿي پرکڻ واسطي، نجهان کهڙي ڪشارت آئي آئي.

4. چئي "منٺار" منهنجي من جيءَ ۾، رهي ڪانہ وسارت ڪائي ڪائي.

راڳڻي مانجهہ — تار تاولنگهہ

ڪافي. 661

ٿلهہ: عشق بي آرام ڪيس، ٽيا دل تي درد گهڻا گهڻا.

1. مون ضعيف يتيم تي، آيا سنبري سور ڪئين،
سي جان منهنجيءَ کي جدا ڪريو، وڃن ٽا ڪٽا ڪٽا.

2. ڪڏهن ٻڏان ۽ غوطا کان، هن درد جي درياءَ ۾،
ڪڏهن ڇوڏاري آهي ڇاهہ، آئون منجهہ باهہ، سڃوئي سڙا سڙان.

3. هاڻ مرڻ وس منهنجي ناهي، ۽ جيئڻ جڳ ۾ جنجال ٿيو،
هي ڏکيا ڏينهن ڇمار جا، آئون پيڙو، پساهہ ڪٽان ڪٽان.

4. هن مهل "مننار" سان همراهہ ٿيءَ حيدر علي!
سائين يا حسين! حمايت ٿيو، وٺو ٻانهون ٻئي ڇٽا ڇٽا.

ڪافي. 662

ٿلهہ: منجهہ اري آيو آهيان، مشڪل بچڻ تو مران مران.

1. ام سان پيڙس اڇي، هن باهہ جي پڙڪار ۾،
مچ اندر ماندو گهڻو، ٻوساٽجيو تو ٻران ٻران.

2. سمنڊ سورن جي اندر، ڪن ۾ ڪري پيئڙو آهيان،
آئون اصل اٽڄاڻ ٻي تارو، پلا ڪيئن تران تران.

3. ويا وڪوڙي ورهہ وهلور، ۽ سؤ سور ڪئين،
لادوا لاچار آئون، منجهہ پيڙ پيڙو ڳران ڳران.

4. ڪجهڻ واجب ڪينڪي، اهي مناسب "مننار" کي،
پر ٻي وسيءَ لاچار ڪئون، ڪوڪون، گهٽيئيءَ تو ڪران ڪران.

ڪافي. 663

تلهہ: ٽيہ سور سيني ۾ گهڻا، جي مايو سگهن مون وٽ نٿا.

1. درد ڪان دانهون ڪريان، مون ڪي صبر سهڻ لاچار ٿيو،
ڪٿان تان ڪڙو ٿيان، ڪنهن سان ڪريان ڪيرت ڪٿا.

2. غم گهڻا گهاٽا ٿيا، افسوس ۽ ارمان پيا،
سي اندر آهن سپيئي، سامان سورن جا ستا.

3. سو درد دل تي هئا، عاجز اڳي ڪيڙس رني،
تان طرف ڪان تازو وري نئون مرض هيءَ جاڳيو مٿان.

4. ۽ هو مرڻ "مننار" جو، اڳ پوءِ انهيءَ آزار ۾،
تان موٽ جي معجون هيءَ، پرين ڏني پنهنجي هٿان.

ڪافي. 664

تلهہ: سي لکيا پيو لوڙيان، سوَ سور منهنجي نصيب ۾.

1. انگ الستي جينئن لکيا، قلم قابوابليٰ ڪنئون،
سي سيلهہ سيني جي اندر، پيا انبور منهنجي نصيب ۾.

2. بجهان ڏينهن ميثاق جي، ورهن سندو واٽو مليو،
سي ڪٽي پيو ڪير جي، وهلور منهنجي نصيب ۾.

3. ڏک ڏنر ڏاڍا گهڻا، پيا هوءِل هينئڙي تي هزار،
تن سون دکن دردن سندا، دستور منهنجي نصيب ۾.

4. منهنجو ڪرم "مننار" چئي، آئون ڏوهہ ٻئي ڪنهن کي ڏيان،
سڀ مٿي سر تي مجيم، مزڪور منهنجي نصيب ۾.

Scanned with CamScanner

ڪافي 665

ٿلهه: سڻ سنديم هيءَ دانهن ۽ فرياد، مالڪ ياخدا!

1. آئون ڪريان ڪيئن ڪوڪ هي، ٻي عرض آدم ٻنيءَ ڪي[1]،
جو تو بنا تدبير ٻي، ناياد مالڪ ياخدا!

2. درد دل منهنجيءَ سندا، مؤلئ مهر سين ميٽ تون،
ڪر عطاالله سو، امداد مالڪ ياخدا!

3. مون ڏڪويل کي ڏسي، تون ڪر شرع قادر ڏٺي!
ڪر عدل انصاف سين، منهنجو داد مالڪ ياخدا!

4. منڪر مٿا "منٺار" جا نمبريل مڙيئي ناس ڪر،
ته پوءِ پليتن کان تيان، آزاد مالڪ ياخدا!

ڪافي. 666

ٿلهه: جيءَ منهنجي ۾ ڙي جيڏيون! آهي يادگيري يار جي.

1. خواب ۾ صورت سندين، ڪو ذرو ظاهر هئي،
تل گهڙي تجلي ڏٺيم، تنهن نور جي جهلڪار جي.

2. معلومي هن مرض جي، خبر خاوند کي آهي،
ڪير چاٽي ڪو ٻيو، هن برهه جي بيمار جي.

3. دم پلڪ دل تان ذرو، آئون ته ڪين وساريان،
وائي منهنجي وات ۾، پريءَ جي پچار جي.

4. آئون ڪريان هر روز تو، سوال صاحب کي سدا،
اها اندر منجهه آسڙي، سامن پچي "منٺار" جي.

---

(1)

Scanned with CamScanner

ڪافي. 667

تلهہ: اڄ اسان جي دوست دلبر، يار گهر آيو هلي.

1. مون جنهين جي واسطي، پير پوڇيا تي ولي،
سو اڱڻ آيو اسان جي، مرتضيٰ موليٰ علي.

2. مون سڪندي سال تيا، پر ڪانہ منهنجي تي چلي،
اڄ وڏا احسان تيا، جو محبوب لاتي مشڪلي.

3. گهورون گهوريان تنهن واٽ تان، جا وٽي آيو ڳلي،
پيو سر سندم سنت ڏيان، پوءِ من وهي خوش تي ڪلي.

4. مون بسم الله چئي آمين سان جهولي جهلي،
من سنديون "منٺار" چئي، پنيون مرادون تي پلي.

ڪافي. 668

تلهہ: وٺ راه تان رحمت ملي تي، آسري الله جي،
ان پير تي پورو رهج، رهبر رسول الله جي.

1. پڙهہ توبهہ استغفار ادا! تہ چٽي غير گناهہ جي،
ڪٽي قلب ڪي ڪلمون پڙهاءِ، تہ بچين پؤڪؤن باهہ جي.

2. گهر خير تون خاوند وٽان، خالق خلق الله جي،
ٻي پن سدا تون پنج ڪٽي، ڪئون دادلي درگاهہ جي.

3. اهو نفس نقصاني سمجهہ پنهنجي نظر سان نگاهہ جي،
پيو حرص شيطاني هٽائج، هٽان حق همراهہ جي.

4. مرشد ڪي مبج "منٺار"! تون، پنهنجي اُڪنڊ سين ارواح جي،
تان لنگهي لانگها وجي، هوند مدد محمد شاهہ جي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 669

تلھہ: مون کي اميد اھا ھئي، تان آئون ڏسندس يار کي،
سا آس پوري ڪين ٿي، تنھن مرض ڪيو "**منٺار**" کي.

1. طاقت ناھي تل جيتري، جو حڪم ريءَ اڳتي ھلان،
اھو اذن مليو نہ مون، اصلئون امر بردار کي.

2. نينھن آئون نانگو ڪيس، ھاڻي صبر سھڻ لاچار ٿيو،
ٻي ناھي دوا ديدار ريءَ، مون برھہ جي بيمار کي.

3. ٻي ڪل ڪھين کي ڪانہ ڪا، منھنجي پيڙ پروڙي پاڻ ٿو،
ھن منھنجي حال جي، ٻي سڌ ناھي، سنسار کي.

4. ڪيئن ڪريان قدرت ناھي، زور مون ضعيف ۾،
جو سڏي سريھا چوان، تنھن بالم ٻي اختيار کي.

ڪافي. 670

تلھہ: مون کي مان نصيب ٿئي، ظاھر زيارت يار جي.

1. پڻي پرين جي پير جي، سو سرمون اکين جو ڪريان،
آئون انھيءَ اميد ۾ آھيان، پوڄاري پيزار جي.

2. آئون اصل ڪان آھيان، بلبل حسن جي باغ جي،
من وٺان وري واسنا، تنھن گل چمن گلزار جي.

3. آئون جنھن جي واسطي پيئي سڪان، ساھ پساھ ۾،
من مھر مون تي ٿئي، تنھن صورت جي سردار جي.

4. منھن ڏسي محبوب جو، پوءِ ساھ سڄڻ وٽ ڏيان،
اھا اندر منجھہ آسڙي آھي، مدامي "**منٺار**" جي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 671

ٿلهه: وڃ ادا قاصد! منهنجي محبوب جي، لهي آ خبر.

1. وڃ وڃي ويهي ڏسج، اتي رمز ڊولڻ يار جي،
تہ ڪو ذرو تل ياد ڪن ٿا، ڪي هيءَ نماڻي ۽ نڌر.

2. ڪيترا ورهيہ وڇوڙي جا، لکيا لوهہ قلم،
وڃي پڇج پرين کي، تون ابجد اسان جيءَ جا اکر.

3. دک درد سورن اندر، مون سڪندي سال ٿيا،
ڪونہ ڪو مون ڏي مڪو، ڏڍ ۽ دلاسو دلبر.

4. منهنجي پارئون تون ڪجان، آزيون عجيبن کي اُتي،
پوءِ من ڪرن "منٺار" ڏي، سي موٽي نوازڻ جي نظر.

ڪافي. 672

ٿلهه: پاڪ پرينءَ جي پيشاني، تون پاڻ ۾ صورت پڇاءِ.

1. غير واري گمان کي، واجب اٿئي دل تون وڃاءِ،
۽ حسن پرين جو حقي، ڪنهن رمز سان من تي رهاءِ.

2. تي فنا محبوب ۾، تان تو ۾ سا صورت سماءِ،
۽ نقش نرمل جو اُتاري، سو پنهنجي دل تي لکاءِ.

3. محبت رکي محبوب ڏي، ڪٽي تندتون تون وڃاءِ،
۽ ذڪر ذاتي ذوق ميان، هو هوءَ جي ٻولي هلاءِ.

4. تون منجهان هوند تون ٿئين، هاڻي تون کي تون ڪٽي تن لاءِ،
موتو مري "منٺار" تون، جا مون جيئڻ جو پختو پاءِ.

Scanned with CamScanner

تار تاولنگھ

ڪافي. 673

ٿلھ: معاف ڪر منهنجون مدايون، تون سچائج پنهنجو شان.

1. تون آهين محبوب مالڪ، پاڪ پستئون پهلوان،
ٻ ڪل متي قادر آهين، شير خدا شاهي سجان.

2. هاڻي صحيح توکي مون سڃاتو، جان دل اکين ڪيڙو ڏيان،
پوءِ ويو لهي من تان مڙيئي مون کي، غير خطري جو گمان.

3. پيس تنهنجي پوش ۾، سائين ننگ سندئي آهي نيشان،
ٻ ڪو سندم پڙدو رکج، ڍڪ عيب ڏي، مون کي ايمان.

4. تو سندو "مننار" منگتو، پت سڏائيندڙ پان،
ٻ حوض ڪوثر جا پيالا، ڪرم ڪر مون کي ڏج دان.

ڪافي. 674

ٿلھ: تنهن دوست جي ديدار ۾، اڇي مينهن محبت جا وٺا.

1. ڪيئن ڪندا جي ٿيا بندا، امر ڍولڻ جي ٻڌا،
سر سنت رکيئون سندا، ڪنهن قرب پرين جي ڪٺا.

2. ڏسڻ سان مطلوب جي، ماريس قرب قلوب جي،
ٻ واسطي محبوب جي، ڪئين سور سر تي مون سٺا.

3. مولي محبوب ملايا، عجيب اڱڻ تي آيا،
اڇي پير پرين پايا، جي ڪنهن قضا سين هٿا رٺا.

4. منجھ ڳچيءَ "مننار" جي، پيئي دام دردن وار جي،
ٻ هٿان هاديءَ يار جي، ڏس ڪان ڪجليون ٿي ڇٽا.

ڪافي. 675

تلهہ: منهنجيءَ دل تي آڑاهہ عشق جا، پاروچل پنهون ٻاري ويو.

1. ڪيچئون ڪوهيارل هتي اچي، محبت ڏني مون مسڪين کي،
سي وقت مونکي سور ٿيا، جيڪي هت گهڙيون گهاري ويو.

2. ڀهرين دل رکي مون ڏوهياڻيءَ سان، قرب تان ڪيڏا ڪيئين،
سچيون سٽائي سارو لحہ، ڳالهيون ڪري ڳاري ويو.

3. آئون گڏ ستي ساڻس هيس، ننڊ مون نياڳيءَ کي هئي،
پوءِ اُٺ تي چڙهي اڌ رات جو، سو انڙو اُٺاري ويو.

4. هن پنهور ۾ پينر ٻڙي! سک عيش سمهڻ ۽ ويهڻ،
سي خان پنهل منهنجي خيال تان، ۽ وسهو تہ سڀ وساري ويو.

5. آئون هيس اڻ ڄاڻ، پي هت عيش عشرت ۾ گهميس،
پوءِ سک جا سبق پاڙهي، پنهون سسئيءَ کي سيکاري ويو.

6. هاڻ ڪاف ڪشالا ڪيترا، ڏونگر جبل جاڙي جيڏيون،
ڏک ڏکڙا، پنڌ پهڻ جا، ڏيئي ڏاج ڏيکاري ويو.

7. مون کي چڏي "مننار" چئي، هاڻي ڪيئين هت هيڪلي،
ڪري جدائي جيڏيون، ماري نکي جياري ويو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 676

تلهہ: حق لا اِلٰـہ الا الله چوءُ ذڪر تحليل جو.

1. هـي تحفـو محمـد نبـيءَ لاءِ، ليکيـو عـرش عظيـم تـي،
سـو قلـم قـدرت سـين هليـو، جـڏهن ڇـم نـہ جبرائيـل جـو.

2. قـالوا بلـيٰ، واري وقـت ڪـي، چـو وسـاري ويهـي رهيـون،
يـاد ڪـر يقيـن سـين ميـان! سـو اسـم رب جليـل جـو.

3. رايـا نفـس جـا سـڀ ڇـڏي، حـق پـاڪ جـا مـاڻج حضـور،
چـو رکيـن تـو وسوسـو، ميـان شـيطانيءَ دليـل جـو.

4. اي "منـار" مرشـد پـاڪ کنئـون، توکـي اهـا تلقيـن تـي،
سـو چـوڻ ثـابت رکـج ميـان،اميـن محمـد اصيـل جـو.

ڪافي. 677

تلهہ: جو ڪرين نصيحت تو ٻين ساڻ، پنهنجي پاڻ کي چو نہ سمجهائين.

1. مـاڻهن سـان مصـالا[1] ڪرئيـن، عمـل ان تـي آپ نـہ ڏرئيـن،
چٽ چمار وجيئـي تـي چـاڻ، ڪيئـن تـو پنهنجـو پـاڻ پـڏائين.

2. اصلئون ڇا مان پئدا تيئڙون، پوءِ ڪهڙي خيال خوديءَ منجهہ پيئڙون،
ءِ سو تون نسل سڃاڻ، سمجهہ صحي ڪر، تـہ تـون ڇـا آهيـن.

3. ڪفر تو منجهہ دين بہ منجهئي، سوجهي سمجهہ صحي ڪر سوئي،
لاهج من پنهنجي جو موريان[2]، ءِ رک فڪر تان فيض پراتيـن.

4. اي "منـار"! سمجهـہ اتـاهون، ڳولئيـن ڦولئيـن چـو پراهـون،
ءِ جو نـہ سڃاڻي اڃان پنهنجو پاڻ سو ڪيئن سالڪ آپ سڏائين.

---

[1] مصالا = مسئلا

[2] موريان = ڪٽ

Scanned with CamScanner

ڪافي 678

ٿلهہ: جهڙو ڪي سج اپرندي جو شعاع، تنهن ڪنئون آڪرو تنهنجو پرين! تجلو.

1. چار پهر سج ڪري سهائي، تنهنجي سدائين آهي روشنائي،
اهڙو اعليٰ تنهنجو اهاءِ، دائم قائم شاهي تنهنجو شعلو.

2. صورت سج ڪان آهي تنهنجي سهڻي، مشتاقن جي من جي مهڻي،
اهڙو بالا تون بي پرواهہ، جو حسن هلائيءِ هلان ڪري حملو.

3. تون الله جو نور نوراني، هر هند تنهنجي آباداني،
۽ منڊ مڙني جو تون شاهن شاهہ، ٻي تو مان جوڙ پئي سڀ جملو.

4. چئي "مننار" عجب ۾ آهيان، تنهنجون ڳالهيون ڪيتريون ڳايان،
۽ وڏي واحد جي وڏائي، واهہ جو ساراهہ، ڇيهہ شمار ناهي سنڌلو.

ڪافي. 679

ٿلهہ: ڏسيو چند سهائيءَ جو چمڪار، پوءِ ساجن صورت تنهنجي سنڀاليان.

1. چند چوان ڇا چوڏهينءَ وارو، تنهن ڪان منهنجي ليکي، تون محبوب موچارو،
جو دل وٽيو تنهنجو ديدار، پوءِ آئون ڳائيندس ڪيتريون ڳالهيان.

2. صورت سج ڪان آهي تنهنجي سهڻي، مشتاقن جي من جي مهڻي،
جن ڏٺو تنهنجو جهلڪار، ٻيون وسريون وايون عقل واليان.

3. ڪڏهن ڪڏهن تو پاڻ پسائين، ڪڏهن ڪڏهن تو آپ، لڪائين،
جو بيحد بنائين تو بيشمار، عجب چئجن تنهنجيون چاليان.

4. عجب طرح سين ديدار دکائيئي، ڪامڻ! ڪجلين ساڻ ڪمائيئي،
جيئن مست مدامي ڦري "مننار" ناهي جميعت سک ڪيئن جاليان.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 680

ٿلهہ: آيو عشق اڪيلو اگهور، ڏس جا برهي باھہ ٻلائي.

1. عشق اڪيلو اندر وچ آيو، هوش عقل جنهن سارو گنوايو،
مون کي مچايئين سيني ۾ شور، جوش ڏيئي تنهن جان جلائي.

2. عشق اندر ڪيو آستانو، موڄ ڪري ٿو سوئي مستانو،
جو دل منهنجيءَ ۾ ڪري دور، اچي تنهن اپڻي چال چلائي.

3. عشق مون کي عذاب ڪيو، هڏ چم ڪٽي جنهن ڪباب ڪيو،
بت پچي جنهن ڪيو پور پور، سخت حڪومت تنهن تہ هلائي.

4. عشق مکو ڏيئي محبوب اشارو، ڪيئن وي ڪري"منٺار" ويچارو،
جو ناهي زوراور سان منهنجو زور، جائي بنائي سائي پلائي.

ڪافي. 681

ٿلهہ: تو ڪو ڏٺو هو منهنجو يار، آئون تہ پڇان ٿي توڪان پانڌي.

1. ڳالهہ پڇيئي ٿي پرين واري، ڪر ادا قاصد! مونسان ساري،
ڏي تون سچڻ جو سماچار، خبر ڪيانتل! تو ڪا آندي.

2. درد فراق جي آهيان دڪن ۾، سختي سورن ڏاڍن ڏکن ۾،
ورهہ وکوڙيو منهنجو وار وار، ويساھہ ڪريو ناهيان واندي.

3. سخت سناٽو سور پرايم، ورهہ وڇوڙي وهلور پرايم،
عشق اندر منجهہ لايو آزار، انجي ملڻ لاءِ آهيان ماندي.

4. درد فراق ڦوڙائي، آهيان ماري، مانڌي مڪائون ڪا دلداري،
ماندو ملڻ لاءِ ٿيو "منٺار" مان ملن تہ تيان هيڪاندي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 682

تلهہ: ساڃي سڄڻن دل جي ڳالهہ، تہ دوست ڏسڻ جي اتم درڪاري.

1. سج چنڊ ڪان بہ سچيءَ منهنجو سهڻو، مشتاقن جي من جو مهڻو،
صورت سنديس سالئون سال، وصف ڪري نہ هيءَ سگهي ويچاري.

2. جيڏهون روح منهنجي جو رايو، تڏهون سنبت گهٽي اتم سعيو،
وينديس آئون نرمل جي نال، درشن دوست جو بہ دلداري.

3. ڪڏهن ڪڏهن ديدار ڏيکائي، ڪڏهن ڪڏهن تان آپ لڪائي،
عجب انهيءَ جي اهڙي چال، ماڻن تنهن جن آئون آهيان ماري.

4. چئي "منٺار"محبوب مونکي ملندا، ڪٽيو نيڻ خوشيءَ مان ڪلندا،
ٿينديون اميدون منهنجيون برحال، حضرت آس پڄائيندو هماري.

ڪافي. 683

تلهہ: مون ڪي منهنجي تنهن من مهٺي يار، گهور ڪجلين سان ڪري گهايو.

1. دم گهڙيءَ ۾ ديدار ڏيکائيئي، جهاتي پائي وري پاڻ لڪائيئي،
جوت پرينءَ جي جلوي جهلڪار، سارو جان جگر ٽڙڪايو.

2. ڪجليون ڪاريون ڪيفن داريون، تکيون تيغون تفنگ تراريون،
سر ڪرن جي ڏڙ ڪان ڏار، مون تنهن ميدان ۾ ڪنڌ ڪپايو.

3. سخت سناٽو سور پرايم، ورهہ وڇوڙو وهلور پرايم،
ماريس دردن ان ڪئون ڏار، روز روئان تي نت واجهايو.

4. محبوبن ڪي "منٺار" ويچارو، سوال ڪري تو سڪٺهارو،
تہ هن پياسيءَ ڪي هڪ وار ملي، صحبت جو ساءُ چکايو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 684

تلهہ: ڪئين ڪسي قربان ٿيا، هزار عاشق جا،
آئون ٻڌايان ڪيترا، تن پار عاشقن جا.

1. حسن مير حسين، ٻئي سردار عاشقن جا،
پيا ٻہ ڪربلا ۾ ڪئين ڪنا، بردار عاشقن جا.

2. ۽ ڪنڌ ڪپيل هئا، مثل عطار عاشقن جا،
سوري مٿي سر هئا، هسوار عاشقن جا.

3. هئا مجروح جسم، تن زخم دار عاشقن جا،
تہ بہ هوت ڏي دليون هينئان، هوشيار عاشقن جا.

4. روح رضا ۾ رهيا، هموار عاشقن جا،
منهن منور هئا جدا، ڏڙ ڏار عاشقن جا.

5. لکين سر لٿيا هئا، لاءِ ديدار عاشقن جا،
جان کان جدا ٿيا، ڪاپار عاشقن جا.

6. گهاٽي منجهہ گهمڻ جا، هئا اقرار عاشقن جا،
پرن تا سخن اهي، سچيار عاشقن جا.

7. مجني جهڙا مستهئا، سالار عاشقن جا،
ٿيا فنا منجهہ يار، لوءُ لوءُ وار عاشقن جا.

8. اهي مختون ملامتون، سر بار عاشقن جا،
طعنا بديون تهمتون، ڳل هار عاشقن جا.

9. سور ۽ سختيون اهي، سينگار عاشقن جا،
مطلب مقصد مڙوئي، منجهہ يار عاشقن جا.

10. جي پڇين مون کان، ميان پرڪار عاشقن جا،
تہ الله تي اهڙا ڪيا، آچار عاشقن جا.

11. اجا بہ گهڻا آهن قصا، بيشمار عاشقن جا،
هي اوصاف ڇيا ٿورڙا، "**منٺار**" عاشقن جا.

Scanned with CamScanner

ڪافي685

تلهہ: پياس وارن ڪان پڇي ڏس، بات عاشقن جي،
ٿيا فنا في الله جيڏهون، جهات عاشقن جي.

1. و الله بڪل شيءِ محيط، سا آيات عاشقن جي،
عين ٿين الله، عرش السماوات، عاشقن جي.

2. صورت ۾ سلطان جيءَ، وفات عاشقن جي،
هوءَ ۾ ٿيا هو، جا هو حيات عاشقن جي.

3. سور سٺائون ڪيترا، جا ذات عاشقن جي،
ڏک ڏيل اندر روئڻ رات عاشقن جي.

4. اي "منٺار" ملي ياخدا، اها تات عاشقن جي،
فاذڪروني، فيض ذڪر، ذات عاشقن جي.

ڪافي. 686

تلهہ: دوست ڪان دنيا جو، ٻيو مطلب گهرڻ حرام ٿيو،
حب گهرج هڪي اها، جو عاشقن جو ڪام ٿيو.

1. سهنج گهرن عورتون، سڪن جو سرجام ٿيو،
طالب دنيا جو مخنث، اهو محمدي ڪلام ٿيو.

2. ٻيا مطلب محبوب ريءَ، تون ترڪ ڪر تمام ٿيو،
هڪي دعوائي رک ديدار ۾، تہ مرد تنهنجو نام ٿيو.

3. جو سينو ساهي يار سان، سو ٻي لحو بدنام ٿيو،
ٿڌهن ادب جي اخلاق سين، سائيءَ جو سلام ٿيو.

4. اي "منٺار"! محبت يار ڪان، منگي ڇو نہ مدام ٿيو،
هڪ سڪ واري سرڪي گهرج، اهو جانبن جو جام ٿيو.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 687

تلهہ: منهنجي روح ڏنـا هٿا ڏوتيئڙا رات،
خواب لڌو اتم. ڪائڻ ۾ ويئي آهيان.

1. سپنو لڌم تہ ساهيڙيون سرتيون، مون سان پنهواريون پاڻا اڇي پرتيون
۾ آئـون تـي ڪريـان سـاڻن بـات، پـاپ پلانـد پنـاري پيئـي آهيـان.

2. آئون تہ اصل ڪان انهن جي آهيان، آس اباڻن منجهان ڪيئن لاهيان،
مون ڪي طلب سندين، تـن منجهہ تـات، طالب انهن جي تهدل تـي آهيان.

3. لـڌم پريـن پنهـوار سيـن لائـون، قـوت جنيـن جـو سـڳر ۾ سـائئون،
سا ڏت ڪائڪ اسان جي ذات، پوءِ قيد عمر تـو ڪچاڙي لئہ ڪئي آهيان.

4. چئـي "مننـار" ساهيڙيون ساريان، منان مـاڙيچيون مـور نـہ وسـاريان،
منهنجي مان ساڻن تئي ملاقات، جو هول انهن جي آئون هئي آهيان.

ڪافي. 688

تلهہ: تنهنجي ڪوٽن ۾ آئون ڪٿيان ڪيئن، اتم آر اباڻن ساڻ.

1. پڪا پنهـوارن جـا ۾ پيهيـون، هـي مـاڙيون مـون نـہ وڻـن ان جيهيـون،
سـي مـٽ نـہ يانيـان مرنـدي سيئن، جنـم گذاريـم جهـانگيڙن سـاڻ.

2. مـون نـہ وڻـن هت مـاڪيون مصريون، ساوڙيون مڪٽيـون نيري هت نسريون،
هيـر انهـن جـي مـون ڪـي هينئـن، تـہ ڏت چونديـان ڏاڏاڻـن سـاڻ.

3. آئـون تـہ وساريان وطن ۾ ويڙهيـون، يـاد پـون سـرتيون ۾ سـاهيڙيون،
سڪان سپ سامونڊ جيئن، جنهن ڪي مينهـن ملي مانـداڻن سـاڻ.

4. چئـي"مننـار" مليـر وجـڻ جـي، ڏوتيئـڙن ۾ ڏيهـہ ڏسـڻ جـي،
مون ڪي موڪل ڏي هت ونڙا مينهن، تـہ پس پيان وجي پنهوارن ساڻ.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 689

ٿلهه: ڇو ٽيون منهنجي خيال ڪي ڪاريو، دل من پنهنجو ويچاريو.

1. ڪيئن تي سسئي روهه ۾ رلي، ڪيئن تي سهڻي بحرين ٺلي،
ڪيئن تي رانجهن سين هير هلي، عشق اهو ڪم ڪاريو.

2. ڪيئن تي زليخا ڪئي عشق انان، ڪيئن تي مجنو ٿيو مستان،
ڪيئن تي فرهاد ٿيو قربان، صورت شيرين جي ساريو.

3. ڪيئن تي منصور ڪاڏي ڦاهي، شمس تبريز کل لاهي،
وڙهي صوفيءَ تي سرواهي، وڏو جنهن ڏيل تي ڏاريو.

4. اهو عشق اصل آهي اهڙو، صبر سڪڻ ناهي جهڙو،
ڏيو تنهن ڏوهه پوءِ ڪهڙو، ائين ڇو ٽيون "منٺار" ڪي ماريو.

ڪافي. 690

ٿلهه: عشق ڇپي ڇيرو آهي ڇر جن کي لڳو ان کي خبر.

1. هڪ روز روئڻ هنجهون هارڻ، ٻيو گوندر ۾ گهڙيون گهارڻ،
هئڻ ڇڏڻ مٺي مارڻ اهي آهن ان جا اثر.

2. اک سنديس سدا آلي، رهڻ خودي کان خالي،
سوين ملڪن جا والي، نينهن نمايا ڪئين نر.

3. عشق وڃائي تو آرام، نيٽين ننڊڙي حرام،
لذت نه ڏيندو تل طعام هول پرين جا هر هر.

4. اهي ڇڏي "منٺار" مال مالڪ، ترڪ ڏيئي ٿيا تارڪ،
سڙين پيو ڏاران سڪ جيڪو اسباب منجهه اندر.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 691

تلهہ: عشق وارين کي ڙي اديون، سڪ نہ ڪرڻ ڏي شرم.

1. پاتو جني آهي ليڙو، عقل ڇڏي اني ويڙو،
مـن بيوس تـن تيڙو سـي نـہ پڇـن ديـن ڌرم.

2. جن صحيح پرين سڃاتو، سي روئنديون ڏينهن راتو،
هار گلا جو تن پاتو پڇي ويون پنهنجو پرم.

3. ٻي چال وڃايو سڀ چوڪي، درد ڪري تو دوڪي،
شوق وڃائي تو شوخي، او نينهن واريون هيون نرم.

4. اهو "منٺار" جو مذڪور، سڪ سودا ۾ ٻيو سور،
ڏيان ڪريو ڏسي دستور، تيڻ نہ گهرجي گرم.

ڪافي.692

تلهہ: روئان اُن يادگيريءَ ۾ جو لائي سڪ ويو هون صغيريءَ ۾.

1. ننڍ پڻ ۾ تو لائي لوري، پوءِ پاڇل تو نہ ڦوري،
رهيم چمار ڪا توري، اچي مل تون آخيريءَ ۾.

2. ننڍي لاڪون تو دل نيڙي، مونکي جواني ياد نہ پيڙي،
عمر فراق ۾ ويڙي، هاڻ پرچين مان پيريءَ ۾.

3. هاڻي بيپرواهيءَ کي ڇڏ تون، دل دلبر! مون سين گڏ تون،
مون سڪ واريءَ کي سڏ تون، تہ تئي وري دل ڏيريءَ ۾.

4. چئي "منٺار" اچي مل تون، اڱڻ اسان جي تل تون،
مون سان خوشحال ٿي کل تون، اعليٰ تنهنجو شان اميريءَ ۾.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 693

تلهه: اچا تنهنجي يادگيريءَ ۾ روئان ڏينهن روز سڀ راتيون.

1. منهنجي دل دام ۾ ڦيئڙي، تو قابو ڪمند ۾ ڪيئڙي،
سا وس منهنجي ڪان ويئڙي، جهلي نه رهي ڦائي جهاتيون.

2. هيئي دل ساڻ ڪنهن موقعي، وڏي آهيان رمز تنهن روڪي،
تارون مونکي طلب جون توکي ڏاڍي ڪنهن پيچ سان پاتيون.

3. مٺي لڳيم تنهنجي محبت، اتم ثواب سا صحبت،
روح جي راحت آهي رحمت، پانيان برڪت تنهنجون باتيون.

4. چئي "منٺار" منهنجي من ۾ تانگهه طلب رهي تن ۾،
ساپچندي مراد هن سن ۾، تان ڪر مليم سڀ ڏاتيون.

ڪافي.694

تلهه: ڏنئي ڪهڙي دانهن دل واري، جو توکي معلوم سڀ ساري.

1. جهڙي تهڙي آهيان تنهنجي هج تو سان نڪا منهنجي،
مونکي پيارل! تون ڪر پنهنجي ٻانهي ۽ غلام برداري.

2. دل ۾ ڏيانڙو ڏر تون، قدم پلائيءَ سان پر تون،
ڪرم اسان تي ڪر تون، ڏسي پنهنجو شان سرداري.

3. ٻئل دل مان هيءَ ٺاهين، منهنجو آذار تون آهين،
مون تان هٽڙو نه جي لاهين ته تيان محبوب! موچاري.

4. مڃ "منٺار" جي آزي، ننگ پرور هيءَ نيازي،
رب جي نام تي راضي، ڏي داناهه دلداري.

Scanned with CamScanner

ڪافي.695

تلهہ: اسين تنهنجي نام جا آهيون غلام، ڪو سي دل يار مونڏي ڪر ڪام.

1. منهنجي توسان ٻانهپ جي ٻولي، ڏيئي محبت ڪيئي گولي،
لائي مونکي يار ويہون لولي، ڀائي دل منهنجي ڪي دام.

2. نام ڌڻي صاحب ستار، لهي وڃ سار ۽ سنڀار،
تون نہ مڃ مٺيءَ ڪي يار! مر تہ مٺي وڃي ٻي عام.

3. هن مرض منهنجي جو اثر، ڀيو ڪو نہ سڃاڻي قطر،
دل منهنجي جو دفتر، مور نہ سمجهن ٻيا مام.

4. تو ڏهون "منٺاري" جي، آس اُميد واري جي،
واهر تي ويچاري جي، هادي، ڀڄايو منهنجي هام.

ڪافي.696

تلهہ: منهنجا محبوب متوالا! تنهنجو اقبال هوئي اعلي.

1. ڪائي مرضي منان پيڙيئي، منهنجي دل ناز سان نيڙئي،
جا بيپرواهي ڪيڙيئي، موٺي مٺي سان ڀوءِ ڇا لاءِ؟

2. مرض منهنجي ڪي ڄاڻي، ڪوئي نہ طبيب سڃاڻي،
مون وٽ الله من آڻي، يار سندم توڪي يا الله!

3. سنديئي شريڪ آئون ناهيان، سينو تہ سان ڪيئن ساهيان،
توڪي هي پلاند تي پايان، اسم الله جا نالا.

4. آئون ڏکن سورن ۾ ڏهيلو، رهيم وروڻه سڀ ويلو،
ڪر "منٺار" سان ميلو، ڪاڻ الله رب تعالي!

ڪافي. 697

ٿلهه: وڃي پهچائي پرين کي منهنجو ڪاغذ ادا ڪانگل!

1. لکيم لڙڪن ساڻ روئي سنيهو يار ڏي سوئي.
جنهن منجهه حال منهنجو ئي، آهي خبر ساري ڪل.

2. چئي منهنجي چهنب ۾ ڪر تون، سگهڙو اڏام بر سرتون،
وڃي ويهه دوست جي در تون، توڙي هجي محل يا ڪمهل.

3. ٻيون زباني تون ڪجان زاريون، ساڻ نياز نيزاريون،
پائي ڳل پاند ڳچيءَ ڳاريون، پيرين پئجان منجهه پلپل.

4. ٻيو پارون "منٺار" جي ميڙيون، ڪج ست ست ڳنڍ پيڙيون،
آڙيون ڪج يار وٽ اهڙيون، جيئن اچڻ عجيب جو ٿئي شل!

ڪافي. 698

ٿلهه: ڪڏهن ڪانگل اتي ويندون، مونکي خبر ڪيانتل وري ڏيندون.

1. رٺيا مون روح ۾ جيئي، سنيها يار ڏي سيئي،
منهنجا پيغام سي مڙيئي، نياپا يار وٽ نيندون.

2. ڪج زاريون ۽ سوال ضعيفن جا عرض غرض غريبن جا،
پائي تون پلاند پيرن جا، پيرين پرين کي پيندون.

3. اها مونکي چوڳالهه من واري، توکي آهي ترت ڪا تياري،
تڏهن مون کي ٿيندي اعتباري، جڏهن قسم خدا جو ڪيندون.

4. مرٺي "منٺار" ڏي هاٺي، ايندو اڄ ڪي سياٺي،
ملڻ مبارڪون آٺي مون کي، چڱيون سرهايون چيندون.

Scanned with CamScanner

ڪافي.699

تلهه: مون کي محبوب منهنجي جي خبر ڪيانتل سڻائيندو.
سچي سڌ يار جي ڏيندو.

1. ڳالهيون هي من منهنجي واريون، ڪندو ڪانگل وجي ساريون،
نمي نوڙي سي نيزاريون، ڳچيءَ منجهه پاند پائيندو.

2. سنيها هي سندم سارا، چيندو پرينءَ کي مون پارا،
ڳچيءَ سو ڳل پائي ڳارا، عرض منهنجا الائيندو.

3. ريجهائي يار منهنجي کي، سچڻ سينگار منهنجي کي،
اکين دل ثار منهنجي کي، وينتي سان اور ورائيندو.

4. "منٺار" کي يار پيارو، سڄڻ دل جان جيارو،
مٺو محبوب موچارو، مالڪ سائين ملائيندو!

ڪافي.700

تلهه: آندو قاصد هي ڪاغذ اڄ محبوب جو مان ڏي.

1. رکان پنبڻيون پيرن تي سر قاصد جي قدمن تي،
چٺي پرينجي چشمن تي، جا لکي مکي لاڏلي لاڏي.

2. آيو پرين جو پروانو، مليو مضمون سو آسانو،
جتي عجيبن جو آستانو، پئي دل ٽڪيو تاڏي.

3. سو مون پروانو پڙهايو، سڻين سمجهي مون دل لايو،
تہ مون کي عجيبن آهي آڻايو، آئون ڪنڌ ڦيريندي‌س ڪاڏي.

4. چٺي "منٺار" منهنجون مدايون، تو ڏسي نہ عجيب اڳلايون،
ڪري بيچڙن سان پلايون، اهو پهت سندس پيءُ ڏاڏي.

ڪافي.701

ٿلهه: خبر ڪيانتل ادا! مونکي ڏي، توکو ڏنو يار منهنجي ڪي.

1. منهن مهتاب آهي جنهنجو، سوروشن گلاب آهي جنهنجو،
مک آفتاب آهي جنهن جو، اها صورت سردار منهنجي ڪي.

2. جو حسن هتيار ڌاري ٿو، لکين مشتاق ماري ٿو،
وڏي ڇچري ۾ ڌاري ٿو، اهو ڪمڙو ڦهار منهنجي ڪي.

3. جو حڪم هشمت ڏيکاريندڙ، ۽ پنهنجا سڀ شرط پاريندڙ،
۽ ڏئي مهميز ماريندڙ، اها دهشت دلدار منهنجي ڪي.

4. چئي "منٺار" مت منهنجي، وير وسري سرت پنهنجي،
مونکي لڳي تار هڪ تنهنجي، پيو ورهه وار وار منهنجي ڪي.

ڪافي.702

ٿلهه: ادا قاصد قريبن جي ڳجهي چئو ڳالهه مون ڪي ڪن ۾.

1. اچي مونکي ويجهڙو ويهي، ٻڌاءِ ڳالهيون سڀئي سيئي،
ته سٽان دل وارو ڪن ڏيئي، سي رکان مخفي آئون پنهنجي من ۾.

2. ڳالهيون جانب چئي جيهين، ٻڌاءِ مونکي طرح تيهين،
ڪنان ميثاق جي ڏيهين، سا رهي مونکي تانگهه آهي تن ۾.

3. محبوبن جون مقالڙيون، پچارون پرين والڙيون،
ڳجهيون ڪر مون سين ڳالهڙيون، ڪنهن پناهي پوش جي پن ۾.

4. چئي "منٺار" ڪهه ڪانگل! مون سان مخفي سي هن ئي مهل،
ته پرين پرتل هوا يا رنل، اهو ڪيئي ڪو ڏيان تنهن درشن ۾.

ڪافي. 703

تلهہ: ڀانڊي ادا! مون کي پرين جو حقيقت حال ٻڌءِ سارو.

1. مون سان جادوگر يار ڪئي جيهي، توکي معلوم ڪا تيهي،
ڪندو مٺيءَ سان نجهان ڪيهي، هو آهي خود پاڻ اختيارو.

2. وس نہ هلي آئون ويچاري، ماڻي محبوب جي ماري،
ڪڏهن ڏيندو دوست دلداري، ڏسي پنهنجو ننگ پيارو.

3. سمئي جي يار ڪان ڳالهيون، من محبوب جي واليون،
ڪرمئيءَ سان هر حاليون تہ وجي هي وروڻهہ مونجهارو.

4. منهنجي دلڙي روز دوستن کي، من تيو اداس محبوبن کي،
ساريو سڀ وقت سڄڻن کي، پيو روئي "منٺار" ويچارو.

ڪافي.704

تلهہ: نجومي تون ٻڌءِ نام خدا، تہ ڇاڪوڻ جانب ٿيم جدا؟

1. آئون جهڙو جي تهڙو کوجهو ڪوڙو توڙي کهڙو،
تہ بہ روز رکيوئن تي تيڙو، توڙي ڪم تي ڪيم ڪڏا.

2. تہ بہ ڪاوڙيا ڪين کي ڪڏهن، جڏا ڪم تي ڪيم جڏهن،
هو ترش هئا تڏهن، جڏهن هڪا عيب ڏٺئون ۽ ٻيا هئون ٻڏا.

3. ناهي معلوم هيءُ مان کي، ڪريان عرض تو اوهانکي،
آهي اعتقاد هي اسان کي، تہ ڏيندا پروڙ آهيون منڌا.

4. تہ ڪڏهن ملندو "منٺاري" کي وچڙيل هن ويچاري کي،
پيندو ڪڏهن رحم پياري کي، ڪشف سين سڻي سندم صدا.

ڪافي. 705

تلهه: وڇوڙي جا ڏينهن هي پيئڙا نجهان کهڙا ڏوهه مون ڪيئڙا؟

1. نجومي نام خاوند جي، محابي مير محمد جي
ڪارڻ ڪلام الحمد جي، هون انگ جهڙا چوءَ تهڙا.

2. ڪي ابجد ميان عامل! عدد آڻي ڪر شامل،
ملندا محبوب ويندا مشڪل، تيندا احسان ڪڏهن اهڙا؟

3. وڇوڙي ۾ هنجهون هاريم، ڏکن جا ڏينهڙا گهاريم،
لحم لڳن ڪان ڳاريم، وسيلا پيا چڪي ويئڙا،

4. من منجهه "منٺاري" ڪي، هئي آس اُميد واري ڪي،
تہ پسنديس يار پياري ڪي، ورق وري ٿيا پيڙا.

ڪافي. 706

تلهه: جي ملي محبوب نٿو مان ڪي تہ پوءِ الاجي هي عيد آهي ڪنهن جي؟

1. جنهن سان خوش روح هو ٿيندو، سو مون ڪوڻ محبوب رهيو ويندو،
جي هجي پڪ تہ يار اچ ايندو، سا اهڙي عقيد آهي ڪنهن جي؟

2. وڇوڙي ۾ روئڻ دم دم، فڪر ۾ فراق جو غم غم،
بنا محبوب مون سان ماتم پي خوشي خوشنيد آهي ڪنهن جي؟

3. چڱا چڱا طعام خوش ٿي کائڻ، حرص جي خيال ۾ هوئڻ،
ميرا لاهي اڇا اوڍڻ، سا پوشاڪ پوشيد آهي ڪنهن جي؟

4. چئي "منٺار" ملڻ ڏارا، ٿيا پيا خيال سڀ ڪارا،
ڪئين دنيا ۾ چيز چوڏارا، ديکڻ واري ديد آهي ڪنهن جي؟

Scanned with CamScanner

ڪافي. 707

تلهه: تنهنجي ديدار ۾ دير ڇو ٿيئڙي، نجان ڪهڙي سهو مون کان پيئڙي؟

1. پيم پروڙ ڪانه ڪائي، ته ايءُ اوکاڻ ڇو آئي،
مون سان ڪر ڳالهه سچڻ سائي، خطا نجان تي مون کان ڪهڙي؟

2. آهي هي قصور نجان ڪهڙو، آيو عتاب اڄ اهڙو،
مون تي مشڪل نه تنهن جهڙو، جو آئون وهلور ۾ ويئڙي.

3. ڪريان منتون لک ميڙيون، چوين جهڙيون آئون تهڙيون.
عادتون ڪير ڪر اهڙيون، ڪيئي جدائي هيءَ جهڙي.

4. ڳاهي جيئڻ "منٺار" جو مرڻ ڳاهي، توکي معلوم ايءَ آهي.
طاقت سهڻ جي ناهي، هڪ ساعت جدائيءَ جي پيڙي.

ڪافي. 708

تلهه: سڪ واري سهڻيءَ تي ڏمر ويري ڏم جو ڏيهاڻي.

1. محبت ميهار سين جنهن جي، تني پوءِ تار ڪيئن تنهن جي،
ڪري ڪن ڳالهه نا ڪنهن جي، پوي ندي منجهه سا نماڻي.

2. سهڻي ساهڙ ڏانهن سچي، ويندي بحرن موُن بچي،
ملندي ميهار ساڻ اڄي، تور نباهڻ تاڻي.

3. تو وللي ڏم ويڻ ڳالهائي، مدو مردود تو پائي،
ڪپر تنهن کي شل ڪائي ته مري هن دم سو هاڻي.

4. ڇڏيو جنهن ساهه جو سانگو، ويندي لنگهي "منٺار" سا لانگهو،
تنهن کي پاڻي تار ته به تانگهو، ساهڙ جنهن جو ساڻي.

Scanned with CamScanner

ڪافي.709

تلھ: خواب جي خيال منجھہ مون ڏٺي عجب مجليس مردن جي.

1. درويشي دلق جن تي، جوين سر نور جهلڪ جن تي،
سدا عاشق الڪ اُن تي، ڪريان تعريف ڪھڙي تن جي.

2. اهي والي ولايت جا، اُهي عارف عنايت جا،
اهي هادي هدايت جا، لڳي جڙ جان ۾ جن جي.

3. ظاهر ۾ جو ڏٺم عالم، تن مان ڪو نہ سريو ڪو ڪم،
باطن جا مرد هوا بالم، رمز اسرار عاشقن جي.

4. موهيو جن "منٺاري" ڪي، وجھي ونگڙا ويچاري ڪي،
ڏنائون پيالي اجاري ڪي، پنهنجي دستئون سا دردن جي.

ڪافي.710

تلھ: عقل اسرار عجيبن جو جن منھنجي دل رمز سان ريھي.

1. صورت سندين سوڏي سالم، شامل برهہ پيو بالم،
مونکي رهي ڪانہ ڪا مالم[1]، تہ ڪري پيو ڪار نجهان ڪيھي.

2. پئي مونکي دام ڳل ڳاري، آئون اڻ ڇاڻ ويچاري،
صورت سرير ۾ ساري، رهيم وجود ۾ ويھي.

3. وس ڪان هاڻ آئون ويئڙي، نھوڙي نينھن آئون نيئڙي،
ڪمند ۾ قابو آئون ٿيئڙي، مونسان جادوگر يار ڪئي جيھي.

4. جنھن من "منٺار" جو موهيو، مسافر واٽ جو روهيو،
سو وجي تو هاڻ بيڏوهيو، بنا ڏسو پاپ پر ڏيھي.

---

[1] معلوم

ڪافي-711

تلھ: ميان سوداگر! موٽي آءُ سگھو نہ تہ وڃئي تي مرھو وڻجاري.

1. جڏهن ونڃئي سمند جي سير، چاڪ چٽل ڇڪي پيا چير،
سنيالي تي پير ۽ پيا فقير، بندر پٽڻ تي پوڄاري.

2. دم دم سنڀالي تي دستگير، پيو خواجہ پاڻي جو پير،
تہ اچي وڻجارو شل وير، ھن حياتيءَ ۾ هڪواري!

3. رکي خيال ولايت ڏي سڀ سارو، ڪجي نہ وطن جو ويسارو،
آهي روز رازق ڏيڻ وارو، آهي الله جي اختياري.

4. رک "منٺار" جي معلم، عقل سنڀال تون سالم،
بيغرضو نہ تيءُ بالم، ڪجي پوين جي پوئواري.

ڪافي-712

تلھ: ميان سامونڊي! سفر متي لائيءَ ڏينهن ڇو گهٽا؟

1. مونکي ڇيون هيئي باتيون، ٻڌي انجام جون راتيون،
پوءِ تو زياده لاتيون، آئون تي ڏينهڙا ڳڻيا.

2. ڪارونيار ۾ ڪنن جا، آهن هزار آفتن جا،
ٻڌي نالا ولاتن جا، آئون تي هينئڙو هٽان.

3. ساموندي! ننگڙو سڄاڻ، ڇڏ پرڏيهہ جو پرياڻ،
الله ڏيڪاري اکين ساڻ، موٽي تنهنجي منهن جي مٽيان.

4. روح "راڄڙ" جي واري، توکي معلوم سڀ ساري،
پرين ڪج تنهن جي پوئواري، تہ پوءِ وڻجاري وٺان.

ڪافي. 713

تلهه: منهنجو آذار ڙي اديون، اوهان وت ڇا م ڪو آيو؟

1. آهيان تنهن گهوٽ جي گهوري، جو لاٿي مونکي يار ويو لوري،
آهي منهنجي جان کي جهوري، روئان رت نيڻ ٿي واهيو.

2. پڇان رند يار جون راهون، ڏيان سڀ لوڪ کي دانهون،
ٻئي هٿڙا ٻڌان ٻانهون، چاڪرياڻي ڇايو.

3. وس ڪان هاڻ آئون ويڙي، ڪرم نصيب هيئين ڪيڙي،
آهيان مستان ٿي پيئڙي، ڳالهيون يار جون ڳايو.

4. چئي "منثار" دل ماندي، دم نه ورونهه ڪانواندي،
پڇان منهنجي يار جا پانڌي، ڳچيءَ پلاندڙا پايو.

ڪافي. 714

تلهه: وچ رنگپور ميڏا رانجهو، شوق ڪيتا شيلاني.

1. ڇوڙيندا آپئي اميري، بيک بنائيندا فقيري،
عشق ڇوڙائيندا اميري، تخت سڪندر ثاني.

2. عشق جڏاهين آيس، چاڪر نام سڏايس،
پوش فقيري داپايس، جوڳي ٿيا هڻ جاني.

3. پڳوا پوش پئيندا، چار چتن ڪون لائيندا،
مرلي آپ وڄائيندا، عشق آواز اهلاني.

4. مالڪ هزاري دا رانجهو، ٿيا هي گداگر ساڌو،
الانسان سري و اناسره ديکو آيت قرآني.

5. اکي "منثار" مئين نماڻي، نال تهيندي وڪاڻي،
گڏ ڇلسنان ٿي جوڳياڻي، مئين ڪنيزڪ قرباني.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 715

تلهہ: هو رانجهن هزاري ڪنئون آيو رکي رايو،
هير تنهين سان نينهڙو لايو.

1. تيو منظور مينهن چارڻ لاءِ تنهن چوچڪ چناهہ تي پڇايو.

2. تنهن شهزادي کي سيال سڃاتو، جنهن ساڻس روحڙو رلايو.

3. لکيو ماءُ پيءُ کان ايندي هئي، لڪ ڇپ ۾ ليئڙو پايو.

4. پوءِ هير کي حڪم سين کيڙو کڻي ويو، جيئن قسمت قلم لکايو.

5. تيو رانجهن جوڳي آيو رنگپور ۾، جنهن بيئنسري بين کي وڄايو.

6. سوئي سرود جهنگ سيال سڃاتو، تنهن پنهنجو پيرڙو ڏنگايو.

7. چئي "منٺار" تہ منڊ جوڳيءَ جي کيو سڪندڙ کي سڃايو.

ڪافي. 716

تلهہ: هير رانجهن لاءِ اڃاري هئي ويچاري،
ڏکن تنهن کي دردن ماري.

1 تنهن جهنگ سيال کي کيڙا کڻي ويا، جنهن کي هئي پرت رانجهن جي پياري.

2. بنا راضپي رنگپور ڳوٺ ۾، لنگهيس ڏينهڙا لاچاري.

3. ڏينهن ميثاقون محبت ٻوليئين، اهي تي پاري سخن سچياري.

4. چئي "منٺار" يار ماهيءَ جو لڱڙس کان ڪپاري.

ڪافي.717

تلهه: ڪلنديــان تســان هــو خوشــحاليان وو ســياليان!
ميڪون پيــا هــن دک ديــان دواليــان وو ســياليان!

1. وچ سيني دي لڳيــان ميڪــون ديدان مــاهي ديــان دو ناليــان.
2. رمزان رانجهو ديان موهيا من ميڈا الٹيان چاک ديان چاليان.
3. رانجهــن ميڪــون آپ سٹايان ڈون ترائــي ڳجهيــان ڳالهيــان.
4. آکي "منٺار" ميڪون مرشد ماهي، سٹان سو لانديان سيڪاليان.

ڪافي.718

تلهه: جوڳيــان دا بيڪڑا بنايا، ناءِ ڇپايــا ميڈا رانجهــو رنگپــور آيــا.

1. تخــت هــزار آپ رانجهــو دا، هــن پــوش فقيــران والا پايــا.
2. عشــق رانجهــن ڪــون اٹئــون هــڻ اپڻا محبــت ملڪڑا ويڪايــا.
3. ڪنــان وچ والڑا ڳلــي وچ ڪنٹيــان مرلــي دا ســازڑا وجايــا.
4. نــال جــادو دي مــن ڪيڑيــان دا منجهيــان والڑي منجهايــا.
5. آکي "منٺار" مئي سمجهــ سڄاتا، هڻ بيرنگي هي رنگ لايا.

ڪافي.719

تلهه: پڳوان ٻڌڪي سردشالا، ڳل مالها، ميڈي گهر آيا، بينسري والا.

1. خفنيــان پــاتس، طنبيــان ڇــاتس، ڪســتا ڪمــر وچ ڪــالا.
2. جلــوا جوڳــي دا هــڻ مئــي ويڪيــا اڪيــان وچ نــور هــي نــرالا.
3. تسان هڻ ڪيڑيان سمجهــ نــ ڇاتــا، عزت جوڳي دي هي اعليٰ.
4. آکي "منٺار" هڻ نال جوڳي دي چلسان مئين انشاءالله رب تعاليٰ.

Scanned with CamScanner

ڪافي.720

تلهه: ڪيتا رانجهن فقيران دا ويس، وچ رنگپور دي جوڳي بن آيا.

1. هٿان وچ ڪنگڻ، ڳلي وچ مالها، پوش پهريندا پڳوان دشالا، صاف دلق درويش.

2. ملڪ جنهندي مندا اميري، تنهن ول ڪيتي ڦرڪي فقيري، لاهوتيان دا لبيس.

3. جوئي شاهه هزاري تخت شهر دا، برهه انهين سر موج بحردا، پڙهندا هي لک آديس.

4. آکي "منٺار" محبت وچ ماهي، شاهه سيلاني ڪرندا گدائي، ديس توڙي پرديس.

ڪافي.721

تلهه: هن عشق عاشق جو احوال توريءَ معالم[1] حال نه ڪنهن ڪي.

1. درد منهنجي جان جگر جا، ڪنهن ڪي سٽايان سور اندر جا، واقف ريءَ هي حال.

2. آئون ويچاري دردن ماري، نام ڏٺي جي ڏي دلداري، جيئڻ اٿم جنجال.

3. مرض منهنجي کي پيو ڪونه سڃاڻي، ڪر علاج حڪيم! تون هاڻي، ته فرق ٿئي في الحال.

چئي "منٺار" محبوب پيارا! دانهن ڪنهن ڪي ڏيان تو ڏارا، سڻ پنهنجي سر تون سوال.

---

[1] معلوم

ڪافي. 722

تلهه: وو! هٿ جو ڪيئي قول، سو هٿ ڪين پاريئي،
تيو آهين ڪوڙو.

1. الست بربڪم قالوابليٰ جو پوڙا! وساريئي پول.
2. هٿ چيئي تہ ڪندس هڪڙائي، ۽ هٿ ٿئين پيو هول.
3. ۽ ترميزان جتي ترندو، ات پيندو سڀ تول.
4. اي "منٺار"! موٽي ڪر توبهہ، تہ عيب ڍڪي تنهنجا ڍول.

ڪافي. 723

تلهہ: ڪيڏي ڪيئي ڏس يار ساڻ يتيمن بيپرواهي.

1. ڪرڻ ڪين ڪپن بيڪس سين اهڙا بي اختيار.
2. دردوندن جي دل ڪي دلاسا ڏيڻ ڪپن ڏاتار.
3. ڏوهہ ڏادي ڪي ڏيڻ نہ واجب ۽ مٿئي ڪانہ ميار.
4. موٽي ويچاري "منٺار" فقير تي هٿڙو رکج هيڪار.

ڪافي. 724

تلهہ: ڪانہ ڪيئي منهنجي يار پنهل! پوئواري.

1. ڏکيا ڏينهن گذارڻ آيم دلبر! توڪئون ڏار، قيامت ڪاري.
2. آئون اڻ سونهين پنڌ اڙانگو تيڙم هول هزار، وس نہ ويچاري.
3. دوا ناهي درد منهنجي ڏاران تنهنجي ديدار، وڃي نہ بيماري.
4. موٽي هن "منٺار" ويچاري جي سار لهج سردار، اڄج ڇام آري!

ڪافي. 725

تلهه: ميـــڏڙا ديـــن ايمـــان تئيـــن هـــو شـــاهه رانجهـــا!

1. شـــرع شـــريعت طـــالب تيـــڏي نـــا هـــڻ غيـــر گمـــان.
2. مسـجد مـک محـراب سـين ڪيتـي صولـت تيـڏي سـبحان.
3. حـــق حقيقـــت تيـــڏي صولـــت ڪيـــڙا هوســـي شـــيطان.
4. هــي "منــار" دي معلــوم تيڪــون ڪيهــا اکــان ميــن بيــان.

ڪافي. 726

تلهه: ميـــن هـــان اداســـڻ هيـــر آءُ ميـــان رانجهـــن رمـــزن والا.

1. نـــال اورانـــدي مـــول نـــہ ڪتســـان ڪنئـــي وي ڪيـــڙان دا ڪيـــر.
2. نـــال تيـــڏي ميـــن تيســـان جوڳيـــاڻي ڇـــوڙ پلنـــگ پـــٽ چيـــر.
3. ڪـــاڻ ڪهينـــدي جوڳـــي بڻيـــا، تخـــت هـــزاري دا اميـــر.
4. آکـــي "منـــار" هـــڻ ميـــن تـــہ چلســـان وي تيـــڏڙي نـــال فقيـــر.

ڪافي. 727

تلهـــــہ: مـــــل وي پيـــــارل يـــــار دلڙي دردن مـــــاري.

1. سـورن سـانگهيئڙا ڪيـا منهنجـي هينئـڙي منجهہ لک هـزار.
2. گونـدر منجهـہ گـذران تيـو منهنجـي سـاري سـڀ ڇمـار.
3. روئـي روئـي ڏينهـن راتيـون سـائين! نيڻـن ڪـان وهـايم نـار.
4. اڇي هاڻ نـام الله جـي سـائين! منهنجـي لهـي وڃ سـار سنڀار.
5. هيڪـر جيئـري هـن جهـان ۾ سـائين مـل ڪـي اڇـي "منـار"

راڳڻي جوڳ تار تين تار

ڪافي. 728

ٹلھ: يار رانجھو تيڏي پارئون ميکون سياليان ڏيون مھڻان.

1. رانجھو تيڏي ڪيتي ميں چنيان قبوليان وو ميان!
طعنا سر نال سھڻا سائين! طعنا سر نال سارا سھڻا.

2. نديان ميں ترندي، رانجھو رانجھو ڪرندي وي ميان!
جڳ ھڻ ڪري سي سھڻا سائين! جڳ ھڻ ڪري سي مين نال جھيڙا.

3. جھڙيان مين ڪون جھلنديان، پاڙي واليان پلنديان وي ميان!
تنھان دا ٻوڙيسي سھڻا سائين! تنھان دا ٻوڙيسي قادر ٻيڙا.

4. آکي "منٺار" ميں رانجھو! تيڏي وي ميان!
ڏوجھا کامي مريسن سھڻا سائين! ڏوجھا کامي مريسن کيڙا.

راڳڻي جوڳ تار آڏک

ڪافي. 729

ٹلھ: ڪيجھي قضا ڪرو قاضيا مين تہ رانجھن دي ھوئي.

1. ميڏا رانجھو دي نال وي نڪاح تڏانکو ھي پڙھيا،
جڏان عالم نہ خلقيا، قاضيا! عشق ميڏا ھوسي اوئي.

2. برھہ ميڏي داني وي جڳت ھي چايا وو ميان!
عشق ميڏا ميان قاضيا! جڏان عالم تہ خلقيا ڪوئي.

3. سالک آپ دا نـي وي جڳھڙا نبيري وو ميان!
غير ڏوجھي ميان قاضيا! غير ڏوجھي ھي گفتگوئي.

4. آکي "منٺار" نـي وي ماھي ميکون ڏتڙا وو ميان!
مين سبق پڙھان ميان قاضيا، مين سبق پڙھان ساڳيا سوئي.

Scanned with CamScanner

ڪافي.730

تلهہ: ڪـــڏانهن هـــڻ آســـي، ميـــڏا مـــاهي،
ميـــن هيـــر نمـــاڻي دي ويڙهـــي.

1. مـــالڪ هـــزاري دانـــي وي تســـان هـــو وو ميـــان!
تـــاج تيـــڏي سـهڻا سـائين! تـاج تيـڏي سـر نـال شـاهي.

2. تيـڏي ملڻ دي ٻـاجهون نـي وي، ميـن مـر ويسـان وو ميـان!
ڏوجهي ڇوڙ دنيا سهڻا سائين! ڏوجهي ڇوڙ دنيا تيسان راهي.

3. آڪـي "مننـار" نـي وي سـڻ ميـڏا رانجهـا نـي وو ميـان!
تيڪون آک سڻاوان سهڻا سائين! تيڪون آک سڻاوان آگـاهي.

ڪافي.731

تلهہ: هٽـڙو مـون تـان متـان لاهيـن، ڪمڙا ڏسـي سـندم ڪوجهـا.

1. پنهنجيءَ ڪمائيءَ ۾ نـي وي، آئـون آهيـان شرمائي وو ميـان!
حجـت هٽيـو سـهڻا سـائين! حجـت هٽيـو تيئـي پـاهين.

2. نـالي تنهنجـي نـي وي، آئـون پئـي سـڏجان وو ميـان!
شـل ننگڙو اهـو سـهڻا سـائين! شـل ننگڙو اهـو تـون نبـاهين.

3. جـي عيبـن واري نـي وي تـہ بـہ آئـون تنهنجـي وو ميـان!
تـو نيـٺ ڇـڏڻ سـهڻا سـائين! تـون نيـٺ ڇـڏڻ جهـڙو نـاهين.

4. چئـي "مننـار" نـي وي آئـون اُميـد نـہ لاهيـان وو ميـان!
تـون عيب ڍڪڻ سهڻا سائين! تـون عيب ڍڪـڻ جهـڙو آهيـان.

ڪافي.732

تلهه: پريــن تــون پرچيــن مــون ســاڻ جيهيـــن،
مــون ڪــي چئــو تـــ ڪريــان آئــون تهــدل تيهيــن.

1. آئــون تنهنجـــو عاشـــق وي روز الســـتئون وو ميـــان!
ڪنئون قابلوابليءِ سهڻا سائين! ڪنئون قابلوابليءِ واري ڏينهيـن.

2. جيڪو توکي سهائيندو ني وي، سوکٽي مذهب پنهنجو آئون ڪريـان،
قـصن ٻيـن سـهڻا سـائين! قـصن ٻيـن ڪـي ڪنـدس ڪيهيـن.

3. نـاهي معلومي نـ وي، تـ مونکي ڪيئـن تـي ملنـدو وو ميـان!
شـل ڪـرڻ برحال سهڻا سائين! شـل ڪـرڻ برحـال تـون ٻيهيـن!

ڪافي. 733

تلهه: ڪڏهن تون ايندين جڙيا جاني! آئون تـ اصل تنهنجي ٻانهي.

1. تنهنجـــي اچـــڻ لاءِ نـــي وي ڪـــانگ اُڏايـــان وو ميـــان!
ڪڏهن اوهان جي ٿيندي سهڻا سائين! ڪڏهن اوهان جي ٿيندي آمدني؟

2. طعنـــا تنهنجـــي لاءِ نـــي وي ســـتر ســـپيئي وو ميـــان!
مهڻـــا مڙئـــي ســـهڻا ســـائين! مهڻـــا مڙيئـــي مـــون ڳـــل ڳـــاني.

3. اجـــان پـــي اســـان تـــي نـــي وي تـــرس نـــ توکـــي وو ميـــان!
اي اتـــر ڏاڍي ســـهڻا ســـائين! اي اتـــر ڏاڍي ارمـــاني.

4. چئـــي "منٺـــار" نـــي وي مـــل مـــن مهڻـــا وو ميـــان!
ڪـر تـون اهـا سهڻا سائين! ڪـر تـون اهـا مـون سـان احسـاني.

Scanned with CamScanner

ڪافي.734

تلھہ: ڏينھڙو اھو ڪڏھن ٿيندو يار اڳڻ منھنجي ايندو؟

1. ٻڌاءِ نجومي نـي وي نام خدا جي وو ميان!
ڪڏھن ورھ وٺان، پلو ٿينداءِ! ڪڏھن ورھ وٺان منھنجي ويندو؟

2. جڏھن پرچي پيارو ني وي پنھنجي زبانون وو ميان!
مونکي ٻانھي سنديس، پلو ٿينداءِ! مونکي اچي سنديس ٻانھي چيندو!

3. جڏھن ايندو پيارو ني وي تڏھن ٿينديم شاديون وو ميان!
مون کي ڏيھ مبارڪون، پلو ٿينداءِ! مونکي ڏيھ مبارڪون ڏيندو!

4. سو ويل مرڻ جي ني وي ميت منھنجي وو ميان!
ھادي ھٿن پلو ٿينداءِ، ھادي ھٿن سين لٿيندو.

5. تڏھن پڄنديون مرادون ني وي "منٺار" جي من جون وو ميان!
جڏھن پنھنجي نال نماڻي، پلو ٿينداءِ، جڏھن نال نماڻي کي نيندو.

ڪافي.735

تلھہ: مٺيءَ جا سنيھڙا ساري پانڌي وڃي ڏي پرين کي.

1. چوئين ٿي جيھين ني وي ٻڌائج تيھين وو ميان!
سر قدمن پلو ٿينداءِ سر قدمن ڏي ڍاري ڍاري.

2. منھنجا نياپا ني وي نياز سين چئجان وو ميان!
ٻولي ٻانھپ پلو ٿينداءِ! ٻولي ٻانھپ جي واري.

3. منھنجو عيبن سببان ني وي اچڻ نٿو ٿئي وو ميان!
وڏيس ميار پلو ٿينداءِ وڏيس ميار تنھن ماري.

4. شل ڇڏج ڪيم لاھي ني وي ھٿ رحمت جو وو ميان!
محبوب مٺان پلو ٿينداءِ، محبوب مٺان "منٺاري".

ڪافي.736

تلھ: برھ بھادر جي بي قاعدا، مونکان ڪمڙا ڪرايا.

1. قصا جي ھئا ڪين ڪرڻ جا زورا زوري سي،
زابر مون کان ھلڙا ھلايا.

2. ناھس شوق شريعت واري، ۽ ڪن ڪفر ڪي نہ ڏي،
عشق لک مرد بنايا.

3. ناھي جاءِ جرايت منھنجي حاڪم سين ھھڙي،
عشق لک مرد بنايا.

4. ڳالھيون حال احوال منھنجي جون تو "منٺار" چئي،
ان ڪي مون منھنجا سور سڻايا.

ڪافي.737

تلھ: سمجھو ناچاڪ توسان، آسڻ رانجھن داھي تخت ھزارا.

1. ڪاڻ تماشي آيا شھزادا ڪرندا اپڻا خيال پسارا.

2. عشق الست والي آندا اتاھون لاتس ويکو نينھن دا نظارا.

3. تنھن داناھي مقصود مزوري گھنڻ دا ڪرندا سلام جنھن کون عالم سارا.

4. آکي "منٺار" مين صحيح سجاتا ڄاڻندا خدا پروردگارا.

راڳڻي جوڳ

تار تين تار

ڪافي.738

تلهه: نـــاز نهـــوڙي نيـــو نيـــو مـــن محبوبـــن جـــي.

1. ڪسي ڪٺي ويو دل هينئڙو هٿي ويو لالڻ پائي هـڪ ليـو ليـو.

2. انجي اکين ۾ نـور الاهـي ڪـامڻ جـن مـون سـان ڪيـو ڪيـو.

3. دنيا دولـت مـڏيون ملڪيـت پيـو وجهـه وسـري سـڀ ويـو ويـو.

4. ٻي طاقت نـه ڪنهن کي جو تار کي ٽٽڪي راي ٻاروچل پيو پيو.

5. هاڻي دم دم سارڻ يار کي سنيارڻ منهنجي پساهه منجهه پيو پيو.

6. موٺـي ويچـاري "مننـار" فقيـر جـو حـال ههـڙو هـي ٿيـو ٿيـو.

ڪافي.739

تلهه: وٺ عجيبـــــن اچـــــي اچـــــي دلڙي درد پرايـــــو.

1. پتنـگن وانـگر پڪيـس پـاڻهي نـه تـه هيـس اڳ ٻچـي ٻچـي.

2. ڏينهـان ڏينهـن تيان پئي ڏٻري مـاس نـه چـاڙهيم مچـي مچـي.

3. سڪ نـه ستيس ۾ سور نـه ڇڏيس سودا لڳيـم هـي سچـي سچـي.

4. صورت کي نـه سڃاتم جيتر، تيتر آئـون هئـي ڪچـي ڪچـي.

4. چئـي "مننـار" مٿـي سـر منهنجي نينهـن آيـو سـونچي نچـي.

Scanned with CamScanner

تار تين تار

ڪافي.740

تلھ: يـــار جـــادوگر جـــوڙي جـــوڙي دل ڪئـــي اتئـــي قـــابو.

1. دامون دواليون پيون پساھ ڪي زلف ڇڏي جي ڇوڙي ڇوڙي.

2. ڪجليون ڪنّاريون ڪيفن واريون ڪيئي لڳيم ڪوڙي ڪوڙي.

3. برھ بڇايئي باشو بحري سو ماس رڳن تان تو روڙي روڙي.

4. عشق جيءَ اڳ ۾ ٻارڻ ڪيو اتئي جيرا ڦڦڙ منھنجا ڦوڙي ڦڙي.

5. ھاڻ جيئڻ نہ جڳ ۾ مرڻ نہ منھجو چڪچور ٿيس منجھ چوڙي چوڙي.

6. ڪري مجروح ”مننار“ ويچاري ڪي منھن ويو آھين موڙي موڙي.

ڪافي.741

تلھ: ليمـــڪ آھيـــان لٽـــي لٽـــي منھـــن محبوبـــن جـــي.

1. حســن حڪــم ھاڳــام ڪــري پــوءِ جوپــن آھيــان جھٽــي جھٽــي.

2. عشق آيو ڪٽبي ھٿيــار حســن جا سو جوان ويو آھي جنگ ڪٽي ڪٽي.

3. ڀرون آبـرو ٻئي تيغـون ترازيـون، تـن سيغن آھيـان سـٽي سـٽي.

4. ھـاڻ وجـڻ جون واٽـون چلـڻ جا چارا ڳر ٿيـم سـپ گھٽـي گھٽـي.

5. اکڙيون يار جون ڪجليون ڪنّـاريون تـن ڦٽيـل دل واري ڦٽي ڦٽي.

6. آٽـي رڪيس عشق اڏي تي تنھـن قـرب ڪبـاب جيئـن ڪٽي ڪٽـي.

7. چئـي ”مننــار“ ملــم مريــض تــي پــاڻ ٻــڌن مــن پٽــي پٽــي.

ڪافي.742

تلهہ: صورت يار جي ساڳي ساڳي خود آهي اکين ۾.

1. اول روز الست ڪنئون پوءِ لنوڙي جنهن ساڻ لاڳي لاڳي.

2. آهي پاڻ عجيب اهوئي دلڙي منهنجي جنهن داڳي داڳي.

3. ڪڏهن ڪري قرار قلب ۾ ڪڏهن جوش ڪري تو جاڳي جاڳي.

4. چئي "منٺار" مونکي ڪيو پرين رمز انهي منجهہ راڳي راڳي.

ڪافي.743

تلهہ: دل ڪيو ديدار فقيرن جو فقيرن جو.

1. ويس جني ڪي ڪتيون ڪاريون، سر متي دستار فقيرن جو.

2. حال سندن مسڪين نماڻو ۽ پوڇت بيشمار فقيرن جو.

3. نالو مجيئون تي "نوح فقير" جو سرور هو سردار فقيرن جو.

4. ڪئي مجلس ارواح اُنهن سين تيو ملاقي "منٺار" فقيرن جو.

ڪافي.744

تلهہ: سرور صوفين وارو، سارو ڪيو امداد مون تي حال همشہ.

1. ڪن ڪي ڏسي رند شاهي شريعت،
ڪن ڪي ڪري منجهہ طالب طريقت،
ڪن تي وجهي تو حال حقيقت،
ڪن ڪي ڏسي رند معرفت وارو.

2. ڪن ڪي پڙهائي علم ظاهر ۾،
ڪن ڪي ڪري واقف باطن بحر ۾،

ڪن کي رسائي داور جي در ۾،
آهي انهن جو بخت ڀلارو. . . .

3. ڪري لک طالب ذاڪر ذڪر ۾،
ڪري لک طالب فهم فڪر ۾،
ڪري لک طالب صابر صبر ۾،
ڪن ڪان وچارائي نينهن جو نغارو. . .

4. مرشد "امين محمد" اشارو ڪيو اهڙو،
اٿر تار تار ۾ اٿر هاڻ تهڙو،
ڪونهي "منٺار" جو ڪوفو ڪهڙو،
هر مظهر ڪان آهي رهڻ نيارو.

ڪافي. 745

ٿله: وٺ مت مرشد موچاري جي ۽ لوڪ دنيا جي لڙهه ڪيو لڳ تون.

1. دم نه وسارج تون دلبر کي، مرشد مڪمل تنهن منور کي،
سونهن ڀري تنهن سچي سرور کي، رک او ياد پيشاني پياري جي.

2. رکج اندر ۾ يار جي روايت، جنهن مان تيئي توکي هدايت،
سمجهه رکين تان تيئي شفاعت، او صحبت يار سچاري جي.

3. خيال دنيا جا اٿئي ڪاريندڙ، وحدت وارا ورق وساريندڙ،
حرص هوا جا اٿئي رنگ ڏيکاريندڙ، او آهي حرڪت نفس هچاري جي.

4. سمجهه چڱائيءَ کي "منٺارا"، هر دم هوئج تون هاشيارا،
ڏسڙا سڌارج مرشد وارا، پوءِ من واٽ ليئي واڌاري جي!

ڪافي.746

تلھ: لھي ويو دليل دلگيريءَ جو، اچي عشق لڳم اڪسيري جو.

1. مون تہ چئيءَ هٿي چمار وڃائي، اوتڙ ۾ ساري عمر اجائي،
يار سڄڻ جي وات سجائي، ڪامل قرب قديريءَ جو.

2. آئون تہ گھران ٿو سندين صحبت، جنھن منجھہ رب جي راحت رحمت،
هردم حاصل من تيئي محبت، پوءِ ناهي احتياج اميريءَ جو.

3. يار سڄڻ مونکي ڳالھڙي سڻائي، سا مت سندين مون من لائي،
غير دليل جي وسرير وائي، جو حرص هوم صغيري جو.

4. چئي "مننار" منھنجو محرم آيو، پيچ پريت جو پيارل پايو،
سھڻل ڪيو اچي سانگ سجايو، جنھن فيض ڏنو آهي فقيريءَ جو.

ڪافي.747

تلھ: ڪيئن سانگڙو پايو اٽئي شڪاريءَ جو،
جو وري ترس نہ پيئي مون ويچاريءَ جو.

1. تنھنجون ڪجليون ڪان مثل تي چٽيون،
ان تيغ ابروءَ جي هزارين ڦٽيون،
ڪير ڪندو هاڻ اُن تي پٽيون،
پيو ويچ نہ ٻاڻ ٻلهاري جو.

2. هيءَ هت تنھنجي پٺي منجھہ ڦاهي،
سا ڪنھن وٺ قيد تيل وجي ڪاهي،
ٻڌڻ وارو پيو توريءَ ناهي،
فرياد دل فگاريءَ جو.

راڳڻي آسا

3. دام منـــــدي دل منهنجـــــي نيـــــڙي،
قـــابو ڪمنـــد ۾ ڏاڍي ڪيئـــڙي،
مرضـــي ڇـــڏڻ يـــا ڪهـــڻ جـــي پيئـــڙي،
آهـــي اهـــو ڪـــم تنهنجـــي اختيـــاريءَ جـــو.

4. چئـــي "مننـــار" مـــون ڪـــي آســـرو نـــاهي،
ســـوس جيئـــڻ جـــو ڇـــڏيم لاهـــي،
تـــہ مـــوت منهنجـــو تنهنجـــي هـــٿ آهـــي،
ســـو اتـــم يقيـــن اعتبـــاريءَ جـــو.

ڪافي. 748

تلھ: توڪـــي رنـــگ هـــون رانجهـــن يـــار ســـندم،
واهـــ جـــا ســـگهي لـــڏي اتئـــي ســـار ســـندم.

1. جڏهن هيءَ نمـاڻي تنهنجـي نـالي هئـي سڏڙا ڪنـدي سنيالي هئـي،
هت هت تنهنجـي حوالـي هئـي، تـڏهن ڪرڻـي هيئـي آڏار سـنديم.

2. جڏهن هن تہ هيڻيءَ جو حال مڙوئي، توڪان نہ ڳجهو ڪو خيال مڙوئي،
معلوم هـيءَ احـوال مڙوئـي، تـڏهن مناسـب توتـي ميـار سـنديم.

3. جـيءَ منهنجـي ۾ ڳـالهڙي جـائي، هيـــر انـــدر ۾ آس اُهـــائي،
ڪانـ پڇـائي دلبـر ڪـائي، انهيـن ويئـي افـراد ڇمـار سـنديم.

4. چئي "مننار" هوم عزم اهوئي، تہ جنهن دم سنپالينديس ملندو سوئي،
هاڻي حياتيءَ ٻنو رهيم دم ڪوئي، تڏهن ساڻ اوهان الله توهار سنديم.

Scanned with CamScanner

ڪافي.749

ٿلهه: پانڌي ادا! پرين جي پار سندي، مونکي چئو تون حقيقت يار سندي.

1. توکي جيڪا سهڻل يار سڻائي، باب منهنجيءَ ۾ بات ٻڌائي،
سچ تون سڻائج ڳالهه اُهائي، اچ ڪا اسان اعتبار سندي.

2. مون سان ملاقي نجهان ڪڏهن ٿيندا، دل کي دلاسو ڏيندا نه ڏيندا؟
ڪرم ملڻ جو ڪيندا نه ڪيندا، اها ڳالهه سندين اختيار سندي.

3. لنءَ ته سنديم لڳيم لولي، عشق عجيب جي آئون آهيان اولي،
ٻانهپ واري ان سين ٻولي، اچ مون امر بردار سندي.

4. جيئڻ جدائيءَ ۾ جنجال ٿيم، هت هي منهنجو حال ٿيم،
منجهه درد آهون احوال ٿيم، اها ڪا معلوم هئي "**منٺار**" سندي.

ڪافي.750

ٿلهه: اچي ٿيو پورون آهي وقت پچاڙيءَ جو، آيو سو معياد موڪلاڻيءَ جو.

1. آئون جا ويچاري محبت ماري، سڪ ۾ گذاريم عمر ساري،
آهيان تنهنجي لاءِ اجاري، جيئن اُجيل ڪري شوق پاڙيءَ جو.

2. ڪرم اسان تي اصل توڪيڙا، اهي مون کي وسري اڄان ڪين ويئڙا،
اچي اچ مل گهران امداد ٿو اهڙا، اهو مون سوال اياڻيءَ جو.

3. ياد نه آهي مون کي موت مڪمل، پرت پيارا تنهنجي بيشڪ بلڪل،
چنڻ اها تند مونکي آهي مشڪل، جو پيوند پريت پراڻيءَ جو.

4. چئي "**منٺار**" محبوب پيارا، دم نه سوتڙي ٿيئي توکوئن ڏارا،
پال ڪري اچ هاڻ پلارا، اچي ننگڙو نباهه مون نماڻيءَ جو.

Scanned with CamScanner

راڳڻي آسا

ڪافي-751

تلهه: هڻ مئين ويکيا حسن دلبر دا، جنهن دا مٺ شمع نہ شمس قمر دا.

1. ساجن ميڏا سر سبحاني، جنهن دي منزل هي لاثاني،
ڪيوين ڪران مئين واڪاڻ زباني، هئي نور خدا پرور دا.

2. طور سينا تي تجلا آيا، نور نهوڙي جبل جلايا،
اوئي درشن هڻ مئين پايا، واهہ واهہ اسرار انور دا.

3. مئين سچاتا ساجن سوئي، ناهي دليل ڪجهہ قطرو ڪوئي،
اعليٰ افضل نور اهوئي، جوئي مالڪ هئي محشر دا.

4. آکي "منٺار"مئين هان مستانا، مئين کون ڪيتا هي ديد ديوانا،
ناهڻ آوي صبر زبانا، جنهن کون شوق پيا سرور دا.

ڪافي-752

تلهہ: ٿيي ڏونهان وچون ڏيندا هي عشق ڪفر اسلام نہ ڏيکي.

1. ڪڏهن دانهن ڪڏهن ديواناهي ڪڏهان عاقل ڪڏهان مستانا هي،
ويڪو سهس رنگي سبحانا هي وٺندا ڪام ڪريندا هي.

2. ڪڏهن شاهہ تخت سر شاهي هي، ڪڏهان پينوا آپ گدائي هي،
اهندا رنگ عجب الاهي هي، ويڪو هر بازيگر ٿيندا هي.

3. ڪڏهان محمد نام ڌاراوي، دين شرف اسلام ڪراوي،
ڪڏهنا نام هر نام پڙهاوي، ويڪو برهو بيک بنيدا هي،

4. هڻ آوندا لباس اسان ڏي چولي، اي سڀ باتيان برهو ٻولي،
هي "منٺار" امر دي گولي، اوئي عشقون آپ الينداهي.

ڪافي. 753

ٿلهه: هجن توکي لک حيف هزار جو پيا اتيئي ڪڻ قول وسارڻ جا.

1. قالو ابليٰ جو تہ قول ڪيوئي، سوڳڻ پلڪ نہ ياد پيو ئي،
ٻول سٻول سارو وسري ويو ئي، هت ڪنئي بدين جا سو لک بار.

2. سو تہ بدين جا بار پرين ٿو، پيا خام خيال ڏس دم تہ ڏرين ٿو،
ڪوڙا ڪانئر ڪانہ ڪرين ٿو، پرين جي هت ياد پچار.

3. ڪوڙن قصن جون توو موجون ماڻين، عقل تہ هڏهين مور نہ آڻين،
سچ ڪي تون تو ڪين سڃاڻين، هاٺي رک ڪا پنهنجي سرت سنيار.

4. هئي هئي هاريا ڪين ڪمائي، ويهي اجايو وقت وڃائي،
الٽو پنهنجو پاڻ ڦاسائي، ان ڪان مرڻ موچارو هو "**منٺار**".

ڪافي.754

ٿلهہ: عشق عجائب آهي وڏو ٿول جن ڪن ڪي ڪيو بخش خدا.

1. طالب المولیٰ فاذڪروني هڻ هينئين سين حديث جو ٻول.

2. قالو بليٰ تہ ڪيئن فرمائي، لاءِ قلب سين پنهنجو مول.

3. حن تي آيو عشق الستي، معلوم تن ڪي پيڙو مول.

4. اي "**منٺار**" گهر عشق الله جو غير گمان وارو پج تون پول.

ڪافي.755

تلهہ: دلبر توڪان ڌار دکن ۾ تنهن ڏولائي جا ڏينهڙا گهاريم.

1. وروهہ انهي جي آئون اچي پيڙس پنهنجي نصيب نراڙ پکن ۾.

2. آيم ڏينهن الست ڪنئون، پوءِ مون تہ ڇتيءَ جي ڇمار ڏکن ۾.

3. ٻيون تہ منهنجون سرتيون سرهيون سنديون، گهمن چڱي گينوار سکن ۾.

4. چئي "مننار" مرض منهنجي جي دوا تنهنجي منجهہ ديدار اکين ۾.

ڪافي.756

تلهہ: تنهنجو سومرا سون چاندي آئون ڪين پائيندس.

1. وطن اسان جي اهين ويڙهيون، جتي منهنجون سرتيون ساهيڙيون،
ءِ هي هنڌ بنگلا ظلم جون پيڙيون، ڪنهن قضا امر اهيان آندي.

2. نہ منهنجو مطلب تنهنجي سک مال ۾، نہ منهنجو مطلب ٻي ڪنهن خيال ۾،
ريءَ اباڻن آهيان جنجال ۾ تن مارن لاءِ دل ماندي.

3. آئون ڪيئن لاهيان اباڻي لوئي، جنهن ۾ گذاريم راتيون روئي،
ٻيو نہ ڏنئون مونکي ڏاجو ڪوئي، هڪ اها ڏنئون امدادي.

4. چئي "مننار" منهنجي ماروءَ مير جو ٿئيم نصيب شل مقام مليرجو،
اهڙو ارادو منهنجي ساهہ سرير جو تہ ٿئيم قبر پنهوار جي پيراندي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 757

تلھ: سمھڻ سيج ٻندن تي مون نہ جڳائي وي ميان عمر! مون نہ جڳائي.

1. ياد ملير جني کي پيندو، الٽ اوسيئڙو ان کي ٿيندو،
روئندي رات سڄو ڏينھن ويندو، سي ھسنديون ڪين ھنڌن تي.

2. منھنجون مٽائيون آھن اھي ئي، جي ست ۾ گذارين سرتيون سيئي،
مائٽ مرڪن انجا مڙيئي، جيڪي پرين پنھوار جي پنڌن تي.

3. اتم اُميد اتي آئون ويندس، آزيون ۽ نيازيون ان کي چيندس،
پيرين پنھوارن کي وجي پيونديس، رکي سر قدمن تي.

4. عمر! خيال سمجھ تون پنھنجو ھيءُ تہ مناسب ناھي تنھنجو،
چئي "مننار" آھي ننگ منھنجو اني ايل وندن تي.

ڪافي. 758

تلھ: مرڪ نہ ماڙيچن وي ميان عمر!، سمھڻ سر ڏيئي وھاڻا وو،
آئون ڪيئن سمھان ميان سيج تي.

1. ڪاڄ سڱر جن جو ساوڙي وو، آئون بہ منجھان آھيان تن،
جن جا گھر پکڙا پن جا پراڻا.

2. وو ويني آئون لڙڪ وھايان، وو ساريو سانگيئڙن،
ھاريان جر، ڪڏھن ڏسنديس اباڻا.

3. قسمت آندي آھيان ڪوٽ ۾، وو منڌيس منجھ محلن،
ساڻ امر، کھڙي ڪرم نجاڻا.

4. وو مون سان سي "مننار" چئي، وو پنھوار شال پرچن،
ھت ھيڪر ڏوتي مئي جا ڏاڏاڻا.

Scanned with CamScanner

ڪافي.759

تلهہ: ڏوتيئڙا ڏيهي ڪيئن وسرن، جن سان گڏ مون گذاريو،
وو قسمت آندي آهيان ڪوٽ ۾.

1. پيتيون هيم پياليون، وو ويڙهين منجهہ ويهي،
سانڍ سرتين تنهن مونکي محبت ماريو.

2. وو سانگيئڙن جي سيل ۾، وو ڪر تيندي ڪيهي،
منجهہ قيدن تنهن مونکي ڳڻتيءَ ڳاريو.

3. وو آئون تہ اباڻن جي آهيان، وو جيهي جي تيهي،
تہ بہ سندين مونکي پنهوارن پاريو.

4. منهنجو من "مننار" چئي، وو ننگڙو ڏسن نيهي،
سوال اتن، نين وطن من واريو.

ڪافي.760

تلهہ: پنهواريون پرڀات ميان عمر! ساهيڙيون آئون تي ساريان،
وو جنم گذاريو هوم جن سان.

1. وو اتم اباڻي پار جي، وو وائي منهنجي وات،
آئون وسان تہ ڪين وساريان.

2. وو مارن ذاران هت ماڙينئين، وو قيام گذاريم رات،
محشر رت هنجون هئي هئي هاريان.

3. وو ڪڍ بندياڻي بند مان، وو عمر ڪر آجات،
لاهہ در تہ ڪائوڙين ڪي ڪيڪاريان.

4. وو تن مارن سان "مننار" چئي، وو منهنجي تئي ملاقات،
هيڪر صاحب رب ڪي سنياريان.

Scanned with CamScanner

ڪافي 761.

تلهه : اوڻي ڪونهه آيو اي ميان! پنهوارن جو هٿ پانڌي،
وو آئون ان ماري آهيان مامري.

1. وو ويٺي لڙڪ وهايان، وو مون منهن پايو،
ماڙيچن لاءِ دل ماندي.

2. وو آئون جي مران هٿ ماڙينئين، وو تهه ميت موٽايو،
مقام تن مارو ٽينهه ڪانڌي.

3. وو ڪرم لکئي جي ڪوٽ ۾، وو مٺي ڪي ڦاسايو،
منجهه قيدن ارادي ڪنهن آندي.

4. وو منهنجي اڄ "منٺار" چئي، روح اهو رايو،
ته وڃان وطن هيڪر، تيان هيڪاندي.

ڪافي 762.

ڪاغذ خط پيغام پانڌي، مٺي ڏي ڪونهه مڪائون،
ڪائي دلداري هن قيد ۾.

وو سانگين ڏاران عمر سومرا! وو مٺي سان ٽيوم ماتام،
ماندي ري ابائڻ آءُ.

وو آيم ابائڻ ڪئون ڪونهه ڪو، وو سنيهو ڪو سلام،
چا لاءِ وڃاندر ورهيه وڏائون.

وو آئون ته قبوليندي ڪينڪي، سون رپو سر انجام،
چاندي لوئي مون ڪي لاڳ ڏنائون.

وو مان ٽئي "منٺار" جو، وو تن ماڙيچن سان مقام،
ڪانڌي مارو ٽينهه تڏاهون.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 763

تلهه: سرتيون ڏيهه سنگهار سارين، ماڳ وطن ۾ پيون ويڙهيون،
وو سي مون کي ڏنڙي ڏينهن تيا.

1. وو آئون هت آب اکين مان، وو ڏنارن کان ڌار،
هاريان ياد کريو ساهيڙيون.

2. جيڪي لکيو لوح ۾ وو، سو وٺ قيد قهار پاريان،
سهان هلائون تي هڙيون.

3. منهنجين ماڙيچن سين، و شال! ٻکر ٻباڻا چاريان.
تين تر چايون ات پيڙيون.

4. تن مارن ريءَ "**منٺار**" چئي، وو ڏکيا ڏينهن ڄمار گهاريان.
ظلم زنجيرن پيڙيون.

ڪافي.764

تلهه: ويڙهه وطن ڏي آئون وينديس، روح وڻن نا رتوليون،
وو موڪل ڏي وي ميان سومرا!

1. ڏونرا پسيون ڏيهه ۾، وو ڪائوڙين سين وڃي ڪينديس،
گولاڙن جون ٻيون گولون.

2. هيءَ حقيقت حال جي، وو چاچاڻن کي وڃي چينديس،
جيئن رنم تي هت رولون.

3. وو عمر اباڻي ايل ڙي، ڇيهئون کين ڇڏينديس،
ڪير ٻاٻاڻن سان ٻولون.

4. وو چئي "**منٺار**" ملير، وو پيش پرين جي وڃي پينديس،
تيندير معاف ٽتوليون.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 765

تلھ: عمر! اڄ هي خواب ڏٺم، مارن ساڻ ملي آهيان.
وڃي وطن ۾ پانهنجي.

1. وو سانگي سرها ساٿيھ ۾، وو هن منجھ ڪو نہ حساب ڏٺم،
ور ريءَ آئون ڪيئن ولهي آهيان.

2. مرڪن روز مليرِ ۾، وو اُن منجھ عيل عجائب ڏٺم،
آئون هت عيب الي آهيان.

3. جان جاڳيس پوءِ ننڊ مان، وو تان هت تنهنجو تاب ڏٺم،
۽ ڪيئن تو قيد جهلي آهيان.

4. منجھ سهڻي "منٺار" چئي، وو عزت انهي وٽ آب لڌم،
تہ ڪائوڙين ساڻ ڪلي آهيان.

ڪافي. 766

تلھ: هي ڏهاڙا هت هنئين، قسمت جا مونکي قيد ۾ پيڙا.
وو مان ملان ڪي هت مارئين.

1. جيڪي لکيو لوح ۾، وو ڏڪڙا ڏسان ٿي تيئن،
وٽان مون وهلور جي ويئڙا.

2. اڻ لکيا عمر چام جا، وو ڪوٽ ڏسان هوند ڪيئن،
مائٽ مٺي جا تہ منجھ تيڙا.

3. سيڻ منٺائي ساڳيا، وو مورهون مرندي سيئن،
ڪنديس ڪين بئڙا.

4. مون تہ نجهان "منٺار" چئي، وو اصل الست جي ڏينهن،
گناھ ڪبيرا هئا ڪيڙا.

Scanned with CamScanner

ڪافي.767

تلھ: وڻڙا مينھن مليا ۾، ڏوٿين ڏيھڙو وسايو.
وو آئون تہ عمر! تو ھت قيد ڪئي آھيان.

1. ڳالھيون ڳوٺاڻن جون، وو ساريان روز سرير ۾،
اکڙين آب وھايو.

2. وو اصل منھنجي انگ ۾، وو لکيو قلم خمير ۾،
لوڙيو پنھنجو ڪمايو.

3. آئون ڪيئن عيبن ڪان ڇٽان، وو سانگيئڙن جي سير ۾،
جو مھٽو مئي ڪاڻ آيو.

4. چئي "منٺار" اُميدڙي، وو اتم پنھنجي پير ۾،
تہ ڪندڙم سانگ سجايو.

ڪافي.768

تلھ: ويڙھيچن جي ورونھ، منھنجي حالت ھي بنائي،
وو نڪي جيان، نڪي مئي آھيان.

1. ساري سانگيئڙن ڪي، وو سڄيءَ وڃايم سونھن پنھنجي،
جھوريءَ جان جلائي.

2. مئيءَ ڪي ماروئڙن جا، وو دل ۾ دکيم دونھن ٿھجي،
دونھين درد دکائي.

3. مئي جي پٽ پنھوار سان، وو محشر منجھ صبوح رھجي.
ايندم شال سچائي.

4. مونکي مراد "منٺار" چئي وو حضرت نرمل نوح تنھنجي،
تون ڪج ساعت سجائي.

كافي.769

تلھہ: ويڙهيچن وري ڪائي خبر، مئي جي ڪان ڪئي آ،
ھوم انھن جو آسرو.

1. وو ساري سانگيئڙن کي، وو پيڙم ماھہ ڳري منجھہ اندر،
ڪا جا پيڙ پئي آ.

2. وو ڪيت خبر ڪئي ڪانہ ڪا، وو ظاهر هيڪ ذري، تنهن پنهوار،
دل انھيءَ ھول هنئي آ.

3. وو قضا منهنجي ڪرم جي، وو لکيل کين ٽري، انگ اکر،
اصلئون تيئي ٽئي آ.

4. ان مونجهاري "مننار" چئي، وو ويندي‌س مفت مري اي عمر!
آس جيئڻ جي ويئي آ.

كافي.770

تلھہ: عمر! اڄ تہ آيو اي ميان! پانڌي ڏانھن پنهوارن،
تان آءُ اسان ڏي، تون مارئي!

1. ھيءَ نياپو نويکلو، وو چاچاڻن چايو، اي ميان!
ثابت مئي ڏي سنگھارن.

2. رنج روسا مون ريت جو، وو لک نہ مون سان لکايو، اي ميان!
تن ماڙيچن موچارن.

3. سرهي بابت سومرا! وو مئي کي موٽايو، اي ميان!
ويندي‌س پنهنجي ولھارن.

4. اٿم اباڻي ملک ڏي، وو سنبت ۾ سعيو، اي ميان!
تہ پاڻي پيان تن پارن.

5. مان پڇي "مننار" چئي، وو روح سندو رايو، اي ميان!
سنمک تيان سردارن.

ڪافي-771

تلهہ: اوٺي شل ڪي اچن، خبرون ڪن، ماڙيچن جون مون وٽ،
مـن ڪـي ڳـالهڙيون، منڪـي ڳـالهڙيون.

1. ڪيئن وڌايون خير سين، وو مئي ڏي مان منجن ورهہ وچن،
حـرص تيـن هونـود جهـٽ پـٽ.

2. ان تہ اباڻي ڏيهہ جي، وو سرتيون روز ڪتن لاءِ ڪتن،
ڏوئيـرن پنهنجـي ارٽ.

3. ڏڪيا ڪنيم ڏينهڙا، وو ڪسڪي منجهہ ڪوٺن، هن محلن،
ريءَ ڏوتيـن پـوان پيئـي گهـٽ.

4. موٺي آئون "منـنـار" چئي، وو وجان ويڙهيچن، ملڪ سندن،
شـل پرچـن سـر ڏيـان سـٽ.

ڪافي-772

تلهہ: ان تاريلن سان تيان ويڙهہ وجي، هيڪر شل هيڪاندي،
وو راز جنيـن سـاڻ منهنجـي روح جـو.

1. وو ڪير پياليون ڪاڻڙ ﻫﺮ، وو پنهوارن سان پيان، آهيان اجي،
مارن لاءِ دل ماندي، اهو ارمان وورنهہ جو.

2. وو پيرون پنهوارن ڪي، وو ڏوتيئڙن ڪي ڏيان ڏار پيجي،
ڪيڙن منجهہ ڪشادي سنگهارن ڪي صبح جو.

3. ايلِ نہ پچنديس ان جو، وو جيتر تي بہ جيئان، سا مئي مجهي،
بات سنهين بنيادي، سيل اباڻي سونهن جو.

4. تن مارن سان "منـنـار" چئي، وو مئي ڪي ميل ميان تيام اجي،
اها گهران امدادي، نظر سرور شاهہ نوح جو.

ڪافي. 773

تلهہ: ساريان روز صبح مولي، ڳڻ ماڙيچن جون ڳالهيون،
مون ساڻ ڪيون جي تن مارئين،

1. مون تان ڏنڙي ڏينهن ٿيا، وو ان ساهيڙين جي سونهن مولي،
جن تي لاڪيون لويون لاليون.

2. راتو ڏينهان روح ۾، وو ويڙهيچن جي ورونهن مولي،
ساهيڙيون مون سنياليون.

3. ساريم ماڳ مليرجو، وو ساريم ڪائوڙين جا ڪوهہ مولي،
پيتر جن تي پيااليون.

4. مون نہ وسرن "مننار" چئي وو روز هيئين ڪان روح مولي،
چت تي چڙهن سندين چاليون.

ڪافي. 774

تلهہ: الله! ماڙيچا آڻ مولي، ماڳن تي موٽائي،
وو آئون بہ اڪندي آهيان ان ڪي.

1. سانگي جن ويڙا سانگ تي، وو پريون ڪنهن پرياڻ مولي،
لاڳاپا مئي جا لاهي.

2. روئي روئي ڏينهن راتيون، وو حال وڃايم هاڻ مولي،
ويڙهيچن ڪي واجهائي.

3. قادر ڪاريندم ڪڏهن، وو ريلن منجهہ رهاڻ مولي،
ويڙهيچن سان ورائي.

4. مون سان ڪج "مننار" چئي، وو پرين جي پرچاڻ مولي،
بديون سنديم بخشائي.

Scanned with CamScanner

ڪافي-775

تلھ: الله ڪو اوتي آهي مولي تن ڪائوڙين جو وو خابرو.

1. مولي مينهڙا وسائين، وو ملڪ ملير تي هاڻ مولي،
تي رهي ابائن جو آبرو.

2. مون ڪي تن مارن سامهين، وو ساڻ ايمان اماڻ مولي
تي لهن ظالم مٿي تان زابرو.

3. وڃي آئون ويڙهيچن سين، وو ڪنهن پر لاهيان ڪاڻ مولي
روئي روئي وڃي روبرو.

4. تن مارن سان "مننار" چئي، وو منهنجي تئي ميلاڻ مولي!
تي تيان سنگهارن وٽ سرخرو.

ڪافي-776

تلھ: هاءِ ڪيڙم رات رهاڻيون، ميان ڪائوڙين سين وو خواب ۾.

1. خواب ۾ ڪائڙ ڏٺم تن، ويڙهيچن جون واڙيون،
جان جاڳيس تان پوءِ ڏٺم، طاق تنهنجون تاڙيون.

2. پٽ پهريندي سس ڪينڪي، هنڌ پلنگ پٽراٽيون،
وو ڪتيون ڪائڙ ملڪ جون، اوڏين جن ڪي اگهاڙيون.

3. سيرا حلوا سيئيون، چکينديس ڪين چنگاليون،
ساڳ سگر جو سومرا! ساڻ پلاڪين پاڙيون.

4. مون نه وڻن "مننار" چئي، محل تنهنجون ماڙيون،
وو جهوپا جهانگيئرن جا. پٽيون جن جون پراٽيون.

ڪافي. 777

تلهہ: سائين ڏوتي مئيءَ جا ڏاڏاڻا، اُن جا اوڊين وو ڪپڙا.

1. پٽ پٽيهر زربفت، عطر ڪتوري هاڻان،
ڏسيو ڏيل ۾ تي ڏاران، سي مونکي ڪين سيباڻا.

2. ڪتاڪتيون لوئيون، ان جا ويس وڏاڻا،
ڏاج ڏوئيرن جو ڏين، ڏيءَ کي پرڻي پچاڻا.

3. ڪباب قيما ڪوفتا، سي ڪيندا ڪين نماڻا،
ڏٿ ڏونرا سگر ڪين، ڪنپيون مکٽيون پرٽ مانڏاڻا.

4. هي محلاتون "مننار" چئي، سمجهن عيب اباڻا،
وو جهوپا جهانگيئڙن جا، پکڙا پن جا پراڻا.

ڪافي. 778

تلهہ: اسين تنهنجا اوڏ غريب، لاڪا! توتي لڄ ننگڙو نماڻيءَ جو.

1. جهڙي جي تهڙي تنهنجي آهيان، اهو تنهنجو آسرو مور نہ لاهيان.
ڪج تون ڪرم قريب وي ميان!

2. اسان جن عيبن ڏي ۾ نهارج، پنهنجو ننگ پاڻئون پارس پارج،
۽ چڱي تنهنجي عادت، عجيب وي ميان!

3. اوڏڻ نماڻي سڏايان تي، اوهانجي لطف وڏي سان، مونکي ڪج پانهنجي.
ڪنهن ساڻ نواز نصيب وي ميان!

4. مهر موچارا! ڪر "مننار" تي، نياز وندي هن عرضن دار تي،
۽ هٿڙو رکج حبيب وي ميان!

Scanned with CamScanner

ڪافي.779

ٿلهه: رسڻ جو نيانپو اڄ رات وي ميان! عمر اباڻن مون ڏي آهي موڪليو.

1. ملڪ مليـر ۾ هيـس موچـاري، اچـي ٿيـس تـو وٽ عيبـن واري،
ٻ آيـم بـديءَ سـندي بـات، وي ميـان!

2. مهندا مارن جي مري چـو نـه ويس، مهڻـن ڪـارڻ اچـي هـٿ پيـس،
حـال منهنجـي ڪـي هيهـات، وي ميـان!

3. اوڏڻ مارن جا ان جـون لويـون، ڪـاچ سـگر بيـو ڏونـرن جـون ڏويـون،
زيـور پـائي ڪيـن، اهـا ذات، وي ميـان!

4. جڏهن "منٺار" ڪي نينـدا مليـر ۾، پرچنـدا پـاڻئون صحبـت سـير ۾،
تڏهن من تـان ويندي مشڪلات، وي ميان!

ڪافي.780

ٿلهه: اچي ٿيـا حـرف هـزار وي ميـان! عمـر تـن مـاروئڙن جـا .

1. ان جون چايون هٿ ڪيـن آيـون، سي پيـن ڪـائوڙ جـا پـار وي ميـان!

2 مونکي چيائون ڳالهيون سي ڪيم نه چاليون اها مون ڏي آهي سندين ميار وي ميان!

3. انگ منجهه اينهين لڪيل جيهين، تيئن ٿيس ڌنارن ڪان ڌار، وي ميان!

4. چوي "منٺار" مـون سـان هڪـوار، اهـي پرچـن شـال پنهـوار وي ميـان!

Scanned with CamScanner

ڪافي.781

تلهہ: اڄ مون ڏي آيا ڪي سلام وي ميان عمر! تن ماروئڙن جا .

1. سانگين سنيها، ڇيا سب ساري، ڏنا سي قاصد، مئي ڪي ويچاري،
تنهن پانڌيئڙي پيغام، وي ميان!

2. ڇي رهج ثابت، ستي پنهنجي سيل ۾، ڪج ۾ تفاوت اباڻن جي عيل ۾،
ڪامڻ! ڪڇي تون ڪج ڪام، وي ميان!

3. بي ڏوهيءَ ڪي ڪيئي ڇو باندي، مونکي ڏي موڪل تيان آئون هيڪاندي
اهو سوال ڪريان تي صبح شام، وي ميان!

4. شراڪر سومرا! ڇڏ "منٺار" ڪي، موٽي ملي من پريڻ پنهوار ڪي،
جنهن ڏي هينئڙي جي هام، وي ميان!

ڪافي.782

تلهہ: جيءَ ۾ سندن يادگير، وو عمر سائين! اني ڪي اڪنديو منهنجو سرير.

1. ڳٺيو سندن ڳالهيون، ڇيو سندن ڇاليون،
نيٽين تہ واهيان ويٺي نير.

2. اجهي مارو ايندا، مونکي وٺي وطن ويندا،
ڀڃي تنهنجو ظلم زنجير.

3. حرف حسابي، مونکي مارو ڪندا معافي،
توهہ سين مڙيئي تقدير.

4. ميلو "منٺار" جو، اُميدن وار جو،
ڪندو پريں سان پير.

ڪافي. 783

ٿلهه: سانگي منهنجا روز سنڀاريان، وي عمر سائين!
ان کي آئون نت تي نهاريان.

1. هڪ تہ ساريو ساهيڙيون، ٻيو وطن جون ويڙهيون،
آب تہ اکين منهنجان هاريان.

2. جيتر ڪا حياتي، ناهي مماتي، تہ ويڙهيچا،
تان نہ وساريان.

3. هت جي پهر پون ٿا، تہ ڇڻ ورهيہ وڃن ٿا،
انهيءَ غم منجهہ ڏينهڙا ٿي گذاريان.

4. آهي "مننار" جي من، تان ملان کي ماڙيچن،
جنين کي سرير منجهہ ساريان.

ڪافي. 784

ٿلهه: تن سانگين مٺي جي سنڀار، ميان عمر! قيد ۾ لڙڪ ڪانہ ڪا.

1. وينئي آئون لڙڪ وهايان، وي ميان!
تن ڌنارين ڪئون ڌار.

2. لوئي تہ منهنجي ليڙ ٿي، وي ميان!
ٻيا مر ۾ منهنجي ويا اٺر وار.

3. سي نہ اباڻا آيا، وي ميان!
آئون هيس جنين جي هار.

4. کهڙي آئون چائي موڪليان، وي ميان!
تن ماڙيچن ڏي ميار.

5. ڏکيا ڪٽيا آهن ڏينهڙا، وي ميان!
تن مارن ريءَ "مننار".

ڪافي. 785

تلھ: ڏنــي لنگهــي ويــا اتــم ڏينهــن ميــان عمــر!
مــارئڙا مــاڳ مليــر جــا.

1. جيڪــر هجــان آئونــوس پنهنجــي، وي ميــان!
تــ هــت نــ گذاريــان هيئــن.

2. جيئــن ڪونجــون ســارين روهــ ڪــي، وي ميــان!
مونکــي طلــب مــارن جــي تيئــن.

3. منهــن نــ ڏنــوم وري مــارئي، وي ميــان!
ڪئيــن مندون لنگهي ويــون مينهــن!

4. هــي مــاڙيچي "مننــار" چئــي، وي ميــان!
وري قيــد وهــاري اتئــي ڪيئــن.

ڪافي. 786

تلھ: ان جي پچان ڪيئن ڪري عيل، ماڙيچا مليــر جــا.
ســائيانون تــي ســاريان ســبيل.

1. تنهنجــي ســيج نــ قبوليندیس ســومرا! وي ميــان،
اهــي لاهــي ڇــڏج دليــــل.

2. الڪــو رکنديــــس ان جــــو، وي ميــــان،
جيڪــي اتــم اباڻــا اصيـــــل.

3. بــي ڏوهــيءَ ڪــي هــن بنــد ۾، وي ميــان،
ڪيئــــن آنڌئــــي عزازيـــــل.

4. مونکــي موڪــل ڏي "مننــار" چئــي، وي ميــان،
پنهنجــــي ڪــــارڻ رب جليــــل.

Scanned with CamScanner

ڪافي.787

تلهہ: منهنجي اڄ موڪلاڻي، آهيان بنديـاڻي، وو قسـمت، نيـم تـي،
ڪـوٽ ۾ ڙي جيـڏيون! مئـي جـي آهــي موڪلاڻــي.

1. مونکي معاف ڪجوڙي منهنجيون سرتيون! هئي اديون!
اوهـــانجو پيتـــر جـــو پـــاڻي.

2. ڪـائي ڪـل لهجـو منهنجي قيـد ۾، هئـي اديـون!
پنهنجـــي ســـنگت ســـجاڻي.

3. هـت مـري رهنديـس مـاڙيئين، هئـي اديـون!
ســـانجهي يـــا ســـياڻي.

4. مـــان تئـــي "مننـــار" چئـــي، هئـــي اديـــون!
وري منهنجـــي ان ســـين ملائـــي.

ڪافي.788

تلهہ: اٺ ٿـي پهـر اداس ميـان عمـر! مـارن جـي منهنجـي مـن تـي.

1. راتـو ڏينهـن روح ۾ وي ميـان!، پنهوارنجـي پيـاس ميـان!

2. مونکي تن ماڙيچن جي وي ميان! تانگهہ طلب ٻي تـاس ميان!

3. بي ڏوهيءَ کي هن بند ۾ وي ميان! قيد ڪيئي ٻي قياس ميان!

4. مـارن مـلان "مننـار" چئـي وي ميـان! اهـا اتـم اميـدڙي آس.

Scanned with CamScanner

ڪافي.789

تلهه: تن ڪاٿوڙين مان ڏي خبر، ميان عمر!
ماڙيچن ڪان موڪلي.

1. ڪئين وهلور وجود ۾ وي ميان! جاڳيم غم ۾ گوندر ميان!

2. آئون ته مران تي ان مامري، وي ميان! جو ڪانه لڏائون ڪر ميان!

3. ساريو سانگيئڙن کي وي ميان! پوءِ هنجون وهايان هر هر ميان!

4. يا آهن ماروئڙا پنهنجي ماڳ ۾ وي ميان! يا سانگي ويا ڪنهن سفر ميان!

5. من موتي ملان "منٺار" چئي، وي ميان! ڪنهن پردي ساڻ پرور ميان!

ڪافي.790

تلهه: پيم ڪانه پروڙ ميان عمر! مارو ماڳ يا ٻئي ملڪ ويا!

1. تيا وهلور وجود ۾ وي ميان! ڪئين ارمان اروڙ ميان!

2. قيد تيل آهيان ڪوٽ ۾ وي ميان! ڪنهن زيري هيٺ ضرور ميان!

3. هن ڏينهن ڏوتي ڏونرن جا وي ميان! چونديين پٽن منجهه پروڙ ميان!

4. مونکي ناهي معلوم "منٺار"، چئي وي ميان! تا دل ۾ اچن دروڙ ميان!

Scanned with CamScanner

ڪافي-791

تلھ: حق الله، حق الله ڇو الله اندر ۾ خدا کي ڳول، پنھنجي ڪول،
سو اتئي گھوٽ گھر ۾.

1. ڏس قرآن جو فرمان سڻ بيان خبر ۾،
آھي فاذڪروني اذڪر ڪر ڏس عزت ھن اڪر ۾.

2. خدا جلشانھ جو مڪان آھي دل، من جي مندر ۾،
سندو ذڪر ڪجان فڪر تھ ملئي فيض فڪر ۾.

3. ذڪر زات جو ڏينھن رات ڪر وظاعف وندر ۾،
ڪر اھو پنڌ وٺي رند اتي سنبھ سفر ۾.

4. اي "منٺار" تون ھروار رھھ خدا جي ذڪر ۾،
تھ اڳيان اھنجاڻ، ٻي اوڪاڻ تيندءِ ڪانھ قبر ۾.

ڪافي-792

تلھ: ھو الله، ھو الله ھو جو حرف حقاني،
تي ساز ڪر آواز رکي راض روحاني.

1. اتئي ڇاڻ پنھنجو پاڻ ڇڏ ھئڻ حيواني،
تي فنا في الله ۾ اي فقير! تون فاني.

2. دنيا دار لک ھزار ھئا جن ساڻ ڪماني،
ڏسجن ڪين منجھھ زمين تيا مدفون مڪاني.

3. زوالقرنين ڏسجن ڪين نڪا رھين نشاني،
آھي ھو ھوندو ھو، سمجھھ بات بياني.

4. اي "منٺار" رک سنيار ڪٿي تو وٺ جواني،
خدا جو نام آھي مدام نئون بھار نوراني.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 793

تلهہ: الله هــو هــادي يــا نــور پڙهــج پســاهہ ســين،
۽ تــيءَ نـــہ جــدا تــون ان اســـم الله ســـين.

1. اســم اهوئــي ســبحان سـوئي دم ســيڪوئي ســنڀالج ســاهہ ســين.

2. ذڪــر هــي ذاتــي اهــي اصلاتــي صيقــل فــولادي لاءِ ارواه ســين.

3. ان نور جي نعمت اٿئي امانت هوند رهي تنهنجي روحانيت ڪنهن پردي پناهہ سين.

4. ان نور جا نظارا ڪلنديءِ چارا وجي "مننار"! پنهنجي محمد شاهہ سين.

ڪافي. 794

تلهہ: اسم الله جو نالو وسارڻ واجب ناهي، وسارڻ واجب ناهي.

1. الســت بربڪــم وي ميـــان! احــد الســتي الـــو،
قـــول قـــالوابليٰ والـــو وســـارڻ واجـــب نـــاهي.

2. ذڪــر خدائــي نــي وي ميــان! چــوڻ چڱــائي الــو،
اجــاري قلــب جــو ڪــالو وســارڻ واجــب نــاهي.

3. جڏهن هڪ ڏينهن حضرت وي ميان! ننڍڙي نبيءَ ڪئي الو،
تـــہ آيـــو ان وقـــت اويـــالو وســـارڻ واجـــب نـــاهي.

4. پڙهہ "مننار" نــي وي ميــان! ڪلمــون قلــب ســان الــو،
تــہ تيئــي مطلــب برحــالو وســارڻ واجــب نــاهي.

Scanned with CamScanner

ڪافي.795

تلهه: تي ڪتڻ جي ويل وڃي ساري، اٿو ڀڙي آٿڻ واريون!
آٿو ڀڙي آٿڻ واريون!

1. وقت صبوح جو ڙي اديون! وڃي گذرندو الو،
پوءِ متان پئي رات آنڌاري، اٿو ڀڙي آٿڻ واريون!

2. سٺ سيڪنهن جوڙي اديون! ڪانڌ ڪتيندي ون الو،
هٿن سين پاڻ هڪواري، اٿو ڀڙي آٿڻ اوريون!

3. ڪل جي ڪمائي ڙي اديون! پاڻ پسندو الو،
شل اتي تيئي ڪام ڪاٽياري اٿو ڀڙي آٿڻ واريون!

4. چئي "منٺار" ڙي اديون! هن ماريس اوسيئڙي الو،
جو ڪتيم تند ڪانه موچاري، اٿو ڀڙي آٿڻ واريون!

ڪافي.796

تلهه: مسافر! تون متان متئين اسان جي ڪج يادگيري،
پلو تيئي ڪج يادگيري.

1. ميخون محبت جون ميان! هنيئي هينئين ۾ الو،
سي پرين پاهيون متان پٽئين.

2. ترهي وارا ني وي ميان! پار اڪارج الو،
سمنڊ سير ۾ متان سٽئين،

3. اڄ آخيريءَ ۾ ميان! هن پيريءَ ۾ الو،
فراقي گهاءُ متان ڦٽئين.

4. چئي "منٺار" وي ميان! ويل مرڻ جي الو،
سندم شل لوڙهه تون لٽئين.

ڪافي. 797

تلهہ: سندين صحبت رهيءَ نہ سرندي، ڏسڻ تيم ڏاڍو اڙانگو.

1. دلڙي منهنجي وي ميان! دم دم سندين الو،
ڳالهيون ياد ڪيو ڳرندي.

2. هڪ ڏينهن ڏمر جي وي ميان! مونکي نصيحت ڪيائون الو،
آيم پر تو وجي پرندي.

3. اڄ آئون آهيان ني وي ميان! وروڻهہ انهيءَ ۾ الو،
تہ نجهان ملندي يا اڳ مرندي.

4. چئي "منٺار" ني وي ميان! مشڪل واري الو،
پيل شامت ڪڏهن ٽرندي.

ڪافي. 798

تلهہ: وڃي تان پوءِ سکھو ورجان مسافر! ڏينهڙا م لائج،
پلو تيئي ڏينهڙا م لائج.

1. حال اسان جو وي ميان! معلوم توکي الو،
ڪو ڏيان رحم ساڻ ڏرجان.

2. جي تيان اوهان ري ني وي ميان! مرڻ کي اوڏي الو،
تہ پوئواري پوءِ تون ڪرجان.

3. سڻي منهنجون دانهون ني وي ميان! اڄج اوراهون الو،
وڃان ڍارو نہ پيو ڍرجان.

4. چئي "منٺار" ني وي ميان! نام خدا جي الو،
مون ڏي قدم پلائيءِ سين پرجان.

Scanned with CamScanner

ڪافي.799

تلهه: جدائــي يــار جــا ڪيڙئــي دڪـــن ان دردن مـــاري،
دڪـــــن ان دردن مـــــاري.

1. ســاعت ســک جــي وي ميــان! مڙئــي منهنجــي الــو.
نهــوڙي ســا اڳئــي نيڙئــي.

2. نيــازن واريءَ نــي وي ميــان! هــن هيٺــيءَ تــي الــو،
ڪاجــا ڪــاوڙ اچــي تيڙئــي.

3. ريت رسڻ جي ني وي ميـان! ڪنهـن تـہ سيڪاريئہ الو،
ڪہ نجهان پاٽئون اينهيـن پيڙئـي؟

4. چئــي "منٺــار" نــي وي ميــان! دلڙي منهنجــي الــو،
ڦــري مــاري لٽــي ليئڙئــي.

ڪافي.800

تلهہ: ڪجليــون ڪانــہ ٻئــي ڇٽيــون طرفــان تنهنجــي پيــارا!
وو طرفـــان تنهنجـــي پيـــارا.

1. اڪيــون اوهــان جــون نــي وي ميــان درس دو نــاليون الــو،
جــي پيچــن نيشــان ٻئــي ڇٽيــون.

2. آبــرو تنهنجــا نــي وي ميــان! تيغــون تراڙيــون الــو،
ســي مٽــي ميــدان ٻئــي ڇٽيــون.

3. ٻــانهن تنهنجــي وي ميــان لــوڏن ســين لک ماريــان الــو،
ڪئيــن جــوڌ جــوان ٻئــي ڇٽيــون.

4. چئــي "منٺــار" نــي وي ميــان، اي ســتم ســيئي الــو،
تنهنجــا تيــز طوفــان ٻئــي ڇٽيــون.

Scanned with CamScanner

ڪافي.801

تلهه: سچڻ ملندا ڪ نا ملندا، ڪر وي نرمي! نجومت.

1. ويڙي جنين کي ني وي ميان! ورهيـ لنگهي ويا الو،
سي وري ولنداڪـ نا ولندا؟

2. اصل اسان سان ئي وي ميان! قول ڪيائون الو،
سي پائين پلندا ڪـ نا پلندا؟

3. اڳڻ اسان جي ني وي ميان! محبوب موچارا الو،
اچي ٽلندا ڪـ نا ٽلندا؟

4. سرچي پرچي ني وي ميان! مون سان "منٺار" چئي الو!
مرڪي کلندا ڪـ نا کلندا؟

ڪافي.802

تلهه: نانگا ويـر نهوڙي سي ڪاپڙي ڪٿي ڳوليان؟

1. ميخون محبت جون ميان! هٿي ويا هينئين الو،
مثل جادوءَ جي جوڙي.

2. سنجهي سناسي ني وي ميان! تيا سيلاني الو،
نسنگ نگانت ٽوڙي.

3. سامين سڪ جا، ني وي ميان! سبق پڙهايا الو،
چت وجهي ويـر چوڙي.

4. چئي "منٺار" ني وي ميان! مئيءَ کي ماريو الو،
تن ويرا ڳين جي وچوڙي.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 803

تلھ: دم دم ياد ڪريان تي سنگت تن سامين جي.

1. وتان مون ويڙا ني وي ميان! وڃي غائب تيڙا الو،
فڪر فرياد ڪريان تي.

2. سرھا سامي ني وي ميان! تيندم حامي الو،
اھا اعتقاد ڪريان تي.

3. آديسي ايندا وي ميان! وٺي مونڪي ويندا الو،
من ۾ مراد ڪريان تي.

4. اُن ريءَ عمر اجائي وي ميان! ويھي مون وڃائي الو،
اي گذر برباد ڪريان تي.

5. چئي "**مننار**" وي ميان! عشق آزار الو،
ورھ نت واڌ ڪريان تي.

ڪافي. 804

تلھ: جوڳيئڙا يار جاني ڪرم سان قادر آڻئي.

1. اتر ڏکڻ ڏي وي ميان! ايرڻ الھن ڏي الو،
تنھنجو تل ناھي ڪو ثاني.

2. ڪئي فقيري وي ميان! نہ اٿئي دلگيري الو،
سدا مند تون سيلاني.

3. تورو لائج وي ميان! ڦيرو پائج الو،
اھا مئيءَ تي احساني.

4. چئي "**مننار**" سدائي تو منجھ وي ميان! نور خدائي،
پسائج پاڪ پيشاني.

ڪافي.805

تلهه: صدق هي سر سچو سارو سهڻي ساجن مٿان صدقي.

1. ڪنديس ڪشالا وي ميان ڪاف ڏورينديالو،
مـن ملي ڪامل ڪوهيارو.

2. گـڏيس تـہ گوندر لهندا، مون درد وندي جي دل جا الو،
جي ميس تان ٿيو مڙهہ موچارو.

3. هوت پنهل جي وي ميان، تات تنواريان الو،
اڪنـد ارواح هـي آرو.

4. چئي "منٺار" وي ميان! هينئڙو هوت پنهل لئہ الو،
ونجهيل منجهہ روز ويچارو.

ڪافي.806

تلهه: پايئي جا يار ميان! جهاتي، منهنجي جند جان تنهن جلائي.

1. ڪجليون تنهنجون وي، تلوارين ڪان تکيون الو،
ڪپي ويـر سـا ڪاتي.

2. ساريو ساريان وي ميان! هنجهون نت هاريان الو،
ههڙي منجهہ حال مون حياتي.

3. جيئڻ جدائيءَ جو گهوريو جنهن ۾ وچوڙو الو،
تنهن ڪان مري مر ٿيان مماتي.

4. مل "منٺار" چئي وي ميان! محبوب موچارا الو،
اچي ٿي يار اٿباتي.

Scanned with CamScanner

ڪافي.807

ٿلهه: سرور جن کي آهي سمجهايو، حق اسرار حقيقت وارو،

1. سمجهن مطلب هڪ حق موليٰ، اها پروڙ انهن جي اعليٰ،
سندن ستارو بيشڪ بالا، ٻاري جن کي ڪين پلايو.

2. شريعت کي ٻ سڃاڻن سالڪ، طريقت سين پڻ طالب تعلق،
معرفت ۾ محو منجهه مالڪ رب ساڻ روحڙو رندن آرسايو.

3. صورت شيخ منجهان ٿيا سونهان، ڏسڻ رسول کي روءِ سوءِ روهان،
فنا في الله ٿي دڪاون دونها، پير مغان اتي انهين کي پهچايو.

4. ٿي "منٺار" محو مرشد ۾، مليئي من رستو سنوت جو سڌ ۾،
پڇين مان منزل حقيقي حد ۾ پوءِ ٿئي هوند سانگ سڃايو.

ڪجهه ڪافيون "منٺار" فقير صاحب جي رسالي "صدائيءَ" مان ڏجن ٿيون.

راڳڻي ڪيڏارو

ڪافي.808

ٿلهه: ڪن سان ورهه وٺيان ويهي سور سارا،
منهنجا هي هي هلي ويا حال وارا.

1. اهي محبت وارا ويا مور مري، ان جي ڳُٽي ٿيم ورنهن ڳري،
لنگهيا ورهه وڃان آيا ڪين وري هڪ دم نه گذاريم جن ڪان ڏار.

2 اهي واقف هيم مضمون پيائي، منهنجي مخفي ڳجهه جي باطون پيائي،
هي هٿا سچار ستون پيائي، جيئن ڪر پتنگ هجن تيئن هٿا پرت پارا.

3. ان جي صحبت لاءِ سڪان سارِيان، هئي هئي روز هنجون هريان،
ڏکيا ڏينهن حياتيءَ جا گهاريان، نديون نيش وهن ڪيو نيڻ نارا.

4. چئي "منٺار" تہ سوال منهنجو، من الله سٽي احوال منهنجو،
ڪندو ڪرم ڏسي هي حال منهنجو، من محب ملن مون کي يار يارا.

Scanned with CamScanner

كافي.809

تلهه: آئون تنهنجي قدمن تان قربان، گهوريان سموري جند جان.

1. آئون شل گهور جان گهوت تان تو، سهسين ڇئي شڪران ميان،
تون شل سائين جيئين سدائين، شاهي تنهنجو هوئي شان.

2. آئون پاڻ صدقي سڄڻ توتان، ٻيو صدقي سارو جهان ميان،
سج چنڊ صدق سڄڻ توتان، عرش زمينون آسمان.

3. منهنجو سر آوي جي ڪتب اوهانجي، تان ڪر پايان مان ميان،
تيان حوالي هادي تنهنجي، لک تورا ٻيو احسان.

4. سهنج ٻه طلبيان سڄڻ توريءَ طلبيان نان بستان ميان،
منگي "منٺارو" درشن تنهنجو سنجهه صبح ستان.

كافي.810

تلهه: مون پائيو ته مون وٽ، پنهل منهنجو هوت هميشه هوندو.

1. وو سڌ نه پيم سورجي، ته ڪو منهنجو روحڙو رندن تي روئندو.

2. وو ڪائي ڪل پيم ڪانه ڪا، ته ڪو ورهه وڇوڙو پوندو.

3. وو مون چاتو ته مون ساڻ گڏ، پوتيون پنهل پيارل ڏوئيندو.

4. وو مون نه سمجهيو "منٺار" چئي ته ڪو مونکي لوڪ چري سڀ چوندو.

Scanned with CamScanner

راڳڻي　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　کسوري

ڪافي. 811

تلهه: ڦرائج ڦينار ڪي، جيڪو ڦاٽ ڦڻ ڦي آيو.

1. بخشيو هدايت بخشيو نعمت، مونکي بخشيو صبر سجايو.

2. دان ڏيارج ڏان ڏيارج، مون ڦاند ڦڻ لاءِ ڦايو.

3. آهيان آسي تنهنجو ميراثي، هٿ مون ڦٽ ڦان سڏايو.

4. چئي "منٺار" اميدن وار، مونکي مهندان ڪجهه مرڪايو.

راڳڻي　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　تلنگ

ڪافي. 812

تلهه: دعا ڪج واسطي الله جي، نيازي رسول الله جي ميان.

1. ته مونکي سوليءَ تي رب واري، ڪلمي دين ايمان سين ماري،
تئي مهڙ محمد ڏانهن موڃاري، ڦنڌ رمان تنهنجي راهه جي ميان.

2. غم شيطاني وڃي گمراهي، حضرت شاهه جي تئي همراهي،
اوجر ڏي تان وڃي اونداهي، تنهنجي نظر ساڻ نگاهه جي ميان.

3. منهنجو آسون الله ڦڃائي، مٿو محمد مان ملائي،
سنديس ڪڇهريءَ منجهه مرڪائي، مهندان منور ماهه جي ميان.

4. ملي فقيري "منٺار" ويچاري ڪي عاصي عرضن دار ويچاري ڪي،
سگهڙي سڪڻ هار ويچاري ڪي، حرمت حضرت شاهه جي ميان.

Scanned with CamScanner

ڪافي. 813

تلھ: منھنجا ساٿي ويھ سرت سڄڻ،
ور وطن وري وڃي لائي چو ڏينھن گھٽا.

1. توڙي ڪٽيم ڏينھڙا ڏھيلا، آءُ اچي ڪر مٺيءَ سان ميلا،
ڪارڻ رب رحمان ور وطن وري.

2. ڪريان تنھنجي اچڻ لاءِ ڪارون، دم بدم ۾ منديان ڦارون،
ھاٿي موٽي اچي شل مان.

3. ڪرڻ جدائي توکي نہ جڳائي، توريءُ من ارمان ۾ آھي،
تي پيا سورن جا سمان.

4. چئي "منٺار" تہ من جون ڳالھيون، نا آھن ٻي ڪنھن ٻڌاوڻ واليون.
توکي چوندس ساڻ زبان.

ڪافي. 814

تلھ: سڻ وي سندم فرياد فقير، مونکي ملاءِ جنھنجي اٿم اڪير.

1. مونکي ملائج عجيب اھوئي، جيءَ گھري منھنجو جانب جوئي،
ھال وڃايم روئي روئي، سڪان سارين اندر سرير.

2. آھيان يار جي ملڻ لاءِ ماندي، تي حمايت ڪر ھيڪاندي،
سڪ سورن ڪان وار ناھيان واندي، چاڪ فراق ڦٽي ڪيم چير.

3. خاص خدائي فقير تون آھين، محندان رسول وزير تون آھين،
برڪت دار بشير تون آھين، تون ڪان ٽيندي سنديم تدبير.

4. تي مدارت اچي "منٺار" سين، مونکي ملاءِ مٺي منھنجي يار سين،
دل وٺيي دل جي دلدار سين، لاھ جدائي سدا زنجير.

راڳڻي کسوري

ڪافي.815

تلھ: مھراڻ ميان بري بر جا، شمعدان ڏيا تنيا تر جا.

1. آئون تنھنجي پيناري پيني، منھنجا سڻ تون سوال سپيئي، توتي دست مبارڪ ٻئي، آھن شاھ سچي سرور جا.

2. مون سان ڪر تون پال پلائي، تنھنجي قبول تي ھي ڪمائي، ننگڙو تون سجاڻ ننگ پائي، اسين سوالي آيا ھون تنھنجي در جا.

3. مون ڪان وقت لکين ڪيئن ويڙا، مون ڪر تہ ڪچا سڀ ڪيئڙا، مون تي حرف هزارين تيئڙا، ھن پاڪ ڏٽي پرور جا.

4. تنھنجو آيو سوالي "**مننار**" تي، ھت آسي منگت مڳٺھار تي، تنھنجي در تي پنڻ پينار تي، ڪج مقصد پورا مون اندر جا.

راڳڻي سارنگ

ڪافي.816

تلھ: آئون تہ اگلڙي آھيان، پردو رکج منھنجا پير، ڍولڻ عيب ڍڪيئن، دلبر داتا دستگير.

1. تکو ۽ تڪڙو تار وھندو، ڪو نہ سنبري مٿي سير، اتان پار لنگھائي، وو اتر وارا پير.

2. ڪيرت چاڙھان ڪان ڪا، فضل ڪج پاڪ فقير، سٽي منھنجا سڏڙا، اچي ٿيج وسيلو وير.

3. سيد ويل سڪرات جي، سھمت ڏج، ڪا سڌير، ھادي حڪم لاھيئين وو، سندو منڪر نڪير.

4. "**مننار**" چئي منھنجا پرين، مٺا مرشد مير، ڪنڌي ڏينھن قيامت جي، وو آڳھ اجھو تون امير.

Scanned with CamScanner

ڪافي 817

تلهه: خيرسين خواجا هندل ولي، مون اندر جي آس پڄايو.

1. پنڻ واسطي پنڌ گهڻي ڪئون، آئون آس ڪري آهيان آيو.
2. تو در تي پٽ پان سڏائي، مون اڃي پاند پنڻ لاءِ پايو.
3. ڪس ڪٿيو قلب منهنجي تان، هي غم وهم سڀ لاهيو.
4. مهر ڪري "منٺار" ڪي ميان، نيئي محبن ساڻ ملايو.

ڪافي 818

تلهه: آئون جو آيس اجمير جا والي، تنهنجو منگت مڱڻهارو.

1. آئون تنهنجو سوالي ڇڏج م خالي، تون آهين ڏيڻ جو ڏاتارو.
2. هن منهنجي حال جو ميان، آهي معلوم توکي سڀ سارو.
3. شوق شيطاني مڻ منهنجي تان، سوئي گوندر لاهه غبارو.
4. من مرادون "منٺار" جون ميان، تون حاصل ڪر هروارو.

ڪافي 819

تلهه: سچا شاهه ڪر نگاهه مون تي مير موچارا.

1. آئون تہ سوالي ڇڏم خالي، پيرانپير موچارا،
چائيم پان تون ڏي دان، دستگير موچارا.

2. ڏي دلداري ڪا موچاري، ڪي دلگير موچارا،
م سڪرات ٿيج حمايت، ڏيج سڌير موچارا.

3. اٿم حب ساڻ قرب، اندر اڪير موچارا،
تہ ڏسان نور شل ظهور، تو قدير موچارا.

4. تون "منٺار" جي ڪج يار، واهر وير موچارا،
تنهنجي مدد ساڻ ڪج احسان، سوکيءَ سير موچارا.

Scanned with CamScanner

ڪافي-820

تلهه: مست شهباز قلندر لال، سيد سڄ اسان جا سوال ميان.

1. تو در آيس پير پيادو، اصل رکي اهڙو ارادو،
پاند پنهنجي لاءِ پاير پاندو، پٽ ڇائيم ڪر پال ميان.

2. تہ هڪ حب منهنجي تنهنجي سيد ڏي، ٻي حب سرور شاهہ مرشد ڏي،
ٽي حب ڏڻي الله خاوند ڏي، ٽين محبت جا مال ميان.

3. حسن حسين حامي توسان يا علي، آئون پاڻ آيس تو در سوالي،
تنهنجي خزاني مان ڇڏ ڄ م خالي، سنديم لهج سنڀال ميان.

4. سڄيج فقير "منٺار" جون ڪارون، سيد لهج سگهيون سنڀارون،
پارت ڪج ڪا منهنجي پارون، تہ مون سان يا رب پرچي شال ميان.

ڪافي-821

تلهه: جهولي جهولي ميان لال قلندر، قادر ڪلنگيءَ وارا.

1. تو در نانگا روز نچن ٿا، جني جي مستو مست تنوارا.

2. نرمل توکي سڀ نکٽ نمن ٿا، سڄ چنڊ ڪتيون ۽ تارا.

3. توکي شينهن بہ سلام ڪن ٿا، تنهنجا نون ڪندن ۾ نارا.

4. مدد ڪري "منٺار" سان ميان، اڄي پهرائج پينارا.

ڪافي-822

تلهه: اي منهنجا دائود، دل جا يار ويهه م آءُ تون وري توري ساعت نا سري.

1. ساري سونهن منجهه وروهن، منهنجو تہ ماهہ ويو ڳري،
تورئ حال ۾ احوال ظاهر چوان نٿو ڏري.

2. ڪو دم دور مون ڪان ڏور، وجي تڪ م تون ٽري،
اڄ هاڻ ڪر رهاڻ تان من دل پئي ٺري.

3. توسان يار ڪا چمار، مون تا گذر هئي ڪري،
مگٺهار تي م ڏار جدائي چو تو ڏري.

4. پون پور سوين سور چاڪن دل ڪي چري.
چئي "منٺار" درد وار متان هت آئون وجان مري.

ڪافي- 823

تلهه: سڻ ميان سوال فقير منٺار.

1. ڪنگوري جا ڪامل نام دار نامل،
ديس پرديس منهنجهه تنهنجي پچار.

2. هنڌ سنڌ چين ۾ روءِ زمين ۾،
تنهنجي چوڪي ڏين چوڏار.

3. تنهنجو مون تي نالو ڪج برحالو،
سڀ دم لهجان تون سار سنڀار.

4. "منٺار" تہ مدامي سنڌئي سلامي،
ڍڪج اسان جا عيب اپار.

راڳڻي پيروي

ڪافي.824

ٿلهه: سٽي منهنجا سوال ڪارڻ ڪريم، عبدالرحيم اچي غم لاهه گرهوڙي.

1. توسان الله احسان ڪيا وو ميان، وو حڪمت ڏٺي حڪيم.

2. توتي راض رسول ڪيو وو ميان، وو هن سيد پاڪ سليم.

3. آهن اوطارا اوهان جا وو ميان. وو متي عرش عظيم.

4. شاهي شهادت ملي توکي وو ميان، وو ڏني آگي پاڪ عليم.

5. شل معاف تين"مننار"چئي وو ميان وو جي ڪيم گناهن جا گيم.

راڳڻي ڪونسيو

ڪافي.825

ٿلهه: ميان ملتان جا مالڪ، بهاوالدين بسم الله.

1. ملڪ تنهنجي مريديءَ ۾، ٻڌا ڏيو جن خريديءَ ۾،
ادم لک لکيا فريديءَ ۾، تنهنجي تلقين بسم الله.

2. تون آهين ملڪن سندو والي، تنهنجي آهي عزت عالي،
اسين تنهنجا آهيون سوالي، م چڏ غمگين بسم الله.

3. مليون توکان عنائيتون، هزارن کي هدايتون،
ڏنيون تو کي نعمتون، رب راحمين بسم الله.

4. ڪريو "مننار" تو آزي، تنهنجي در تي پني پازي،
تون ٿي تنهن تي راضي، ڪيم آمين بسم الله.

Scanned with CamScanner

راڳڻي		كونسيو

ڪافي.826

تلهه: محي الدين پير جيلاني، تون ڪر مشڪل آساني.

1. ڏسي منهنجو حال هي ههڙو، اچي ڪر پال تي پيڙو،
اڪارج پار سندم پيڙو، نه ته غمن منجهه ٿيوس غرقاني.
2. مون منجهه طاقت ذري ناهي پيس ڪارونيار ۾ ڪاهي،
مون کي تنهنجو آسرو آهي، مدد ڪج پير پيراني.
3. تنهنجي دامن لڳو آهيان، تو منجهه آسون اميدون پانيان،
تنهنجو ڪيئن آسرو لاهيان، تون آهين سرتاج سبحاني.
4. منگت "منٺار" هي تنهنجو، پهراءِ پينار تون پنهنجو،
نه ڪر انتظار ٻي ڪنهنجو، لاهج غم غوث صمداني.

راڳڻي		ملاري

ڪافي.827

تلهه: حاجي محمد صوفيءَ ساڻ، تي همراهه علي حيدر تون.

1. تون آهين الله جو شير يزدان، ڪل تي قادر شاهي مردان،
سيد تون سلطان، آهين شاهه سچو صفدر تون.

2. تون ڪر دل دل تي هسواري، خدا ڏني توکي فتح داري،
تون پرور جو پهلوان، تي حمايت ٻڌي ڪمر تون.

3. ڏي فتح فقير کي زير ڪر ظالم کسن خارج سي ڪر خادم،
تيءَ لهي سا ڪفر جي ڪاڻ، اهي دشمن پيرن هيٺئون ڏر تون.

4. تيءَ ته مدارت چئي "منٺارو"، ڪل کي پنهنجو لشڪر پيارو،
سو تون ننگ سڄاڻ، ۽ ڪجان واهر وسيلو ور تون.

Scanned with CamScanner

تلنگ

راڳڻي

ڪافي.828

تلهہ: پرچ خدا پروردگار، حاجي محمد سان يا هادي.

1. فضل لطف ڪر ساڻ فقيران، حرمت حضرت محي الدين ميران،
وو لاهج غير غبار، ڏي خوشحالي شڪر ۽ شادي.

2. الله سائين منهنجو عرض اگهائج، صوفيءَ فقير جو شان وڌائج،
چوؤ قبلي چوڌاري، نيڪي ناموس آهر آبادي.

3. ويري دشمن جيڪي وڙهن تا، چغل چانجو سي جيڪي جهڙن تا،
سي مرن مدعي منهن ڪار، تون ڪر ترت تني سان تادي.

4. اي رب پاڪ رحيم تي راضي، ڪج قبول اسان جي آزي،
جو عرض ڪيو "منثار" بخش الله اها امدادي.

ڏوهيڙا بيت سيني روپن ۾ راڳنين تي ڇيل

1

اول نــام الله جــو، جــو خــالق خلقٹهــار،
قــادر رب ڪريــم، ســو جــل جــلال جبــار،
وصــف ۾ واڪــاڻ ڪــان، آهــي پــري تنهنجــو پــار،
ڳڻــي ڳڻينــدو ڪيتــرا، ان جــا معجــزا "**منٺــار**"،
صــاحب رب ســتار، تيــو راضــي رب رسـول تــي.

2

تيــو راضــي رب رســول تــي، محمــد لــڌو مــان،
ملڪن ڪان بہ مٿي ڪيئين تنهن سيد سندو شان،
پيــدا ســندس نــور مــان تيــو جمــع ســڀ جهــان،
سڄ چنڊ تــارا ڪتيــون عــرش زمينــون آســمان،
ســيئي ســوالي ســيد جــا تنهــن در گهــرن دان،
"**منٺار**" بہ منگتــو ان جــو آهــي پــٽ ڳــائيندڙ پــان،
او آخــر آهــہ ضمــان ڪريــم ڏينهــن قيــام جــي.

3

واري ڳــول وجــود ۾ تــہ تــو ۾ بولــي ڪيــر،
منجهئــي تيــرت تڪيــو تــون پــري پــاءِ ۾ پيــر.
الانسان سري واناسره جنهــن منجهــہ ڦند نــہ ڦير،
متــان منجهيــن "**منٺــار**" تــون ڇڏ بولــي جــو پيــر،
سمجهــي لهــج ســوير تــہ الڪ توهــي ڪــي اوڏڙو.

4

الڪــہ توهــي ڪــي اوڏڙو تــون پــري پيــرم پــاءِ،
تــو ۾ ســر سميــع جــو تــون دئــوڙي دل ســين لاءِ،

ونجن اقرب اوڏڙو الڪ تو هي ڪي آهه،
"مننار" پنهنجي من جي هئڻ ڪي هئاءِ،
غير غئين جو لاهه ته عين وجي اثبات ٿئي.

5

عين وجي اثبات ٿئي جنهن منجهه حال حلاج،
پاڻ پسڻ ڪان پري ٿيئي تڏهن صورت سرتاج،
غير جنهن سين گم ٿئي اهو ڪر علاج،
ته ڏاتر بخشئي ڏاج ڪٽي مردن جي منزل جو.

6

مردن جي منزل ۾ چڙهه لاڳاپا لاهي،
تنهنجو ڪم ڪريم سين پوءِ دنيا سان ڇاهي،
فاذڪروني اذڪر ڪر، وڃ قرب منجهئون ڪاهي،
مٿو محبوبن ڪي ڏج سر سنت لاهي،
اهو مرڪ آهي محبتين مننار ڇئي.

7

محبتي "مننار" ڇئي انهي ريت رهن،
جو پسڻ ڪارڻ پريڻءَ جي ٿا سر صدقي ڪن،
باغ بهشت جا جنتون ترڪ ڏنائون تن،
طالب الدنيا مخنث ڪر خلق ڦٿو ڪدڙن،
طالب العقبيٰ مؤنث ايءِ ڪم عورتن،
طالبن المولي مذڪر ٿيءَ مرد منجهان مردن،
سچائج حرف حديث جو ائين چيو محبوبن،
محبت ۾ "مننار" تون ڏج پساهه پرين،
جيڪي انهيءَ اهڃاڻن عاشق ڇئجي انڪي.

8

ڪر ياد پنهنجي رب ڪي جنهن توکي اُپايو،
مٽيءَ سنديءَ مٽ مان توکي باريءَ بنايو،
پوءِ پاٽيءَ مان پيدا ڪري توکي هادي هلايو،
هنر حرفت ڪيتري توکي صاحب سيکاريو،
"منئار" پنهنجي من سين سو سدا ساراهيو،
ڳايو وڄايو ڪج تعريفون تنهن رب جو.

9

ڪر ياد پنهنجي رب ڪي جنهن جوڙيو سڀ جهان،
سڀئي عالم ان جو هندو مسلمان،
"منئار" مالڪ آهي راحم ڏاڍي رحمان،
ساراهي سبحان ڪر تعريفون تنهن رب جون.

10

ڪر ياد پنهنجي رب ڪي تون وسئون ڪيم وسار،
جان جان آهين جيئرو تان تان تند تنوار،
دنيا سڀ ترڪڻ تال اٿئي غفلت ۾ م گذار،
مٺي سندي منئار تون هستي مڙئي هار،
ڏينهن اٿئي ٻه چار اٿي اور الله سين.

11

ڪر ياد پنهنجي رب ڪي اندر ساهه پساهه،
بنا ياد يار جي تنهنجو ٻيو نه وسيلو واهه،
ان ويسر سندي ويرهه ۾ لکين ٿيا گمراهه،
تون تون سندي تسبي "منئار" پڙهه مداهه،
هو هو ڪر همراهه ته وڃين سفر ۾ سکيو ٿئين.

12

هت حاڪم اڳ ٻه هزار هئا پر ڪهه تہ ويا ڪا ڏانهن،
هر گز هت نہ رهڻو تون ٻہ ويندين تا ڏانهن،
"**منثار**" پنهنجي من سين جن سچاتو الله
سر هو تئي ساهہ جڳ جڳ رهن جيئرا،

13

واهہ قدرت واحد سندئي چئو قبلي چوڏارا،
ڪيئن زمين ڪئين فلڪي سج چنڊ ڪتيون تارا،
جيڪي خلقي خلقڻهارا، سو معلوم اتئي "منثار" چئي.

14

واحد وڏائي تنهنجي جا مون آهي لائي من،
تہ هادي تنهنجي حڪم سان اکيون تيون ڏسن،
تہ هي جي ڪن ڪپار جا سبحان تو سڻن،
زبان تنهنجي زور سين چپ ڏند تا چرن،
انگڙا تنهنجي احسان سين هٿ پير تا هلن،
جڏهن صاحب ساهہ ڪسيو وٺي تڏهن بازيون بسر تين،
وجيو مٿي گڏجي مٽي سين منجهہ واريءَ جي ورڪن،
يا مولي "**منثار**" چئي تون آهين قادر ڏٺي ڪلن،
ڳٽي ڇا ڳٽجن ڪئين عجب تنهنجا اهڙا.

15

توريءَ سرت نہ سمجهہ ڪا توريءَ نہ تئي اڪلاءِ،
توريءَ ڪنڌي منهنجي ڪانڪا توريءَ نہ وسيلو واهہ.
يا مولي "**منثار**" چئي تون هادي ٿيءَ همراهہ.
آهين تون الله ڪل قدرت جو ڏٺي.

Scanned with CamScanner

16

کلمي جيءَ ڪنجيءَ سان ڪرف قلب جو ڪول،
ستّون سڪ جي سور جون اندر ٻاهر ٻول،
فاذڪروني اذڪر ڪم دل ترازيءَ تول،
"منثار" مالڪ ملڪ جو آهي قادر تنهنجي ڪول،
ڳوٺ وسيون مَ ڳول الڪ تنهنجي اندر ۾.

17

الڪ تنهنجي اندر ۾ صاحب رب ستار،
ونحن اقرب اليہ من حبل الوريد، ڪر انهي آيت تي اعتبار،
"منثار" موڳائي ڇڏي پنهنجو هوش ڪجان هشيار،
تہ واحد توکان وار، پرور پري ڪين ڪي.

18

پرور پري ڪينڪي توکان رازق رب رحيم،
آهي ڪک پن ۾ ڪلتار سو قادر پاڻ ڪريم،
و الله بڪل شيءِ محيط تو آگو چوي عليم،
جي "منثار" سڃاڻي ميم تہ احد توکي عين ٿئي.

19

احد توکي عين ٿئي هوند ڇئو قبلي چوڌار،
تي موتو قبل انت موتو تہ لهي مرڻ ميار،
الانسان سري و انا سره ايءَ معنا ڏس منثار،
تو تون جي تند تنوار هي هو هادي هيڪڙو.

20

هي هو هادي هيڪڙو جان ڪيو مطالع مون،
ڪلمون لا الله الا الله جو پڙهي پروڙيو سون،

Scanned with CamScanner

تہ ريءَ خدا ٻيو ناهہ ڪي جنهن ڪي ڇڄجي ڏون،
آئون پڻ آهيان ڪينڪي تون رب آهين تون،
"مننار" پنهنجي من مان ماري ڇڏج مون،
عرش آسمان ٻون، آهي هونگ مڙيائي هيڪڙي.

21

بحر بلاول جو چڙهيو دل مٿي درياهہ
موج مٿاهين تو ڪري البيلو اوڙاهہ،
واقف گهر جي وير جو مير بحر ملاح،
سو تڙ سرور شاهہ مان ڪري "مننار" ڪي.

22

مان ڪري "مننار" ڪي سوتڙ سرور شاهہ،
ڏسي تو ڏاتار جو اسم نام الله،
افضل ابوجهن ڪي آهي رند رسولي راهہ،
ساقي سرور شاهہ آهي آب حيات جو.

23

آهي آب حيات جو ساقي سرور گهوٽ،
جتي واهہ وحدت جو وهي چڙهندڙ چوٽان چوٽ،
منگتا اور نہ موٽ وڃ تہ واصل تون ٿئين.

24

چئو تون الله هيڪڙو سمجهي سرت ساڻ،
ذڪر پڙهڻ ذات جو آهي اجرڻ جو اهڃاڻ،
تہ پارس منجهان پاڻ هوند سڄوئي سون ٿئين.

Scanned with CamScanner

25

راڳ ڪجي ڪلياڻ جو پلو منجهه راڳن،
جنهن جي سوز سٽڻ سان ٿا جوش گهٽا جاڳن،
مان ملي "منٺار" چئي برهه ذرو پاڳن،
موتي جن ماڳن رم انهي راهه سان.

26

ڪوٽ قصر قيد ۾ اڇي آئون پياس،
آئون بندياڻي بند ۾ هتي هيئن تياس،
تن مارن ڪي "منٺار" چئي وسري آئون وياس،
ڪرم هيئن ڪياس جو تر مارو آئون ماڙيئين.

27

پهاڙي پريت ڪي تي سڀ دم سڌاري،
تنهنجي تند تنوار تون وجود ۾ واري،
"منٺار" پنهنجي من ۾ نر تئون نهاري،
جو اندر اجاري سو صيقل هڻ تہ صاف تئين.

28

پهاڙي پياس يار جيءَ منهنجو من ماري ڪيو مچ،
دلبر دل ڪسي ويو ڪري سرير ۾ سچ،
اتم يار عجيب جي اڪنڊ ۽ ٻي اُڇ،
برهہ لائي پيچ مون مٺيءَ سان "منٺار" چئي.

29

جيسي پياس پهاڙي راڳني، تيسي پياس ميري من ڪي،
لنئون صنم سون لڳهہ رهي تار ميري تن ڪي،
ضورت سجن ڪي موهہ ڳئي "منٺار" نون.

Scanned with CamScanner

30

جيسي پياس پهاڙي راڳڻي،
تيسي پياس ميري من پاس،
لنئون صنم، سون لڳ رهي تار طلب کي تاس،
اڪ وار ملن کي آس مجڪون "منٺارو" کهي.

31

ڪونسيو ڳاءِ قلب مان پنهنجو هوش ڪري هوشيار،
رکج انهيءَ راڳ تي اندر جو اعتبار،
"منٺار" پنهنجي من ۾ ڪر ويساهه جو ويچار،
ته پسين پريون پار سڪ سچائي جي رکين.

32

روپ ڪري ڇئو راڳڻي قربئون ڪسوري،
دلڙي ڏجان دوست کي سنت سموري،
"منٺار" تنهنجي من جي هوند پوءِ تئي پوري،
ايءَ مقصد منظوري مان ملئه محبوب کان.

33

روپ ڪري ڇئو راڳڻي ڳاءِ تلنگ جي تان،
هستي هئڻ وجود ۾ ڪاوڙ ڇڏ ڪان،
پوءِ "منٺار" محبت جو ماسو ملئه مان،
عشق ملئه احسان مل سان ملي ڪينڪي.

34

بروو ڳاءِ برهه مان جو وڏيل ويچارو،
من اثر وني ان راڳ مان من تئين ورهه وارو،
محبت ري "منٺار" ڇئي اتئي مڙئي مونجهارو،
ڇل وني چارو، عشق جي آذار سان.

Scanned with CamScanner

35

چئي ڪيڏارو ڪربلا جو ياد ڪجان تون ڏينهن،
علي جي اولاد تي مرغ وٺو مينهن،
موليٰ جو "مننار" چئي نيبهه تيڙن نينهن،
سورهيه سيد شينهن عاشق تيو الله جو.

36

حسينيءَ جي حال مادر ماري آهيان،
وسرن ڪين وجود مان جيڪي ڪيچي ويڙا ڪالهه،
ريءَ محبوبن "مننار" چئي مون نه گهرجن مال،
چپر جهاڳي شال پسان مان پنهون ڪي.

37

کوهيارل ڪيا ڪامڻ جادو جيءَ ۾،
وسرن ڪين وجود مان جي هتان هوت ويا،
مونکي سندن "مننار" چئي پل پل پور پيا،
هلنديس آئون هيا ويهنديس ڪين سرتين وچ ۾.

38

کوهيارل ڪوري منهنجا جيرا جگر جدا ڪيا،
لائي باهه برهه جي چت اندر چوري،
مان ملان "مننار" چئي ڏونگر سڀ ڏوري،
وجان گهوٽ مٿان گهوري، ڏيان سر صدقو سنج رڻ ۾.

39

آئون ستي هو هليا ڪشيو ڪيچيئڙن،
اتيس ويل اسر جي ته هاجو ڪيو هوتن،
مون کي گهٽيون "مننار" چئي اوقاتون اڇن،
پجاڻان پرين ڏينديس باهه پنيور کي.

Scanned with CamScanner

40

آهيان تنهن جي آسري جنهن جوڙيو جڳهہ جهان،
ڪاهي ڏسنديس ڪيچ ڪي جو موچارو مڪان،
پسان مان پنهونءَ ڪي جو سر ڪردو سلطان،
سو آرياڻي اڳواڻ، مان ملي "مننار" چئي.

41

جبلڙا جواب ڏي آئون تي پڇان ڏس،
ڏونگرڙا ڏيڪار مون گهوٽ پنهل جو گس،
جي آئون مليس "مننار" چئي تہ توکي چونديس جس،
ڪريان وڃڻ سان وس، پسان مان پنهوءَ ڪي.

42

سارنگ ڪي سنباهہ، لاءِ وسڻ ولائتن جي،
پورب ۽ پنجاب تي پلر ڪي پلٽاءِ،
قابل ۽ ڪشمير تي ڪڪرن ڪي ڪڙڪاءِ،
ابر عربستان تي چڳي پيچ پچاءِ،
هاڻي هندستان جا پوٺا پٽ پساءِ،
والي مينهن وساءِ موهر تي "مننار" چئي.

43

سارنگ آيو سنبري ڪئي مينهن ملهاري،
چئو قبلہ ڪئين چيز تيا سبز زمين ساري،
ڪيڙن ڪيٽ خوشيءَ مان حرص ڪيو ياري،
آئون پڻ اجاري ريءَ محبوبن "مننار" چئي.

Scanned with CamScanner

44

سارنگ کر سينگار سٽي سدائون منهنجون،
ڏيهہ ڏکاريا گهڻو سي هنڌ کر سکار،
رحمت سان راڄڙ ڇوي کجا ميگهہ ملهار،
سرهو ٿئي سنسار، جي وسي آب ابر جو.

45

سورٺ ساز سٽڻ سان، وسري مون ويئي،
سٽندي سريم ۾ اڃي پرت ڳنم پيئي،
مرڪائي "**منٺار**" ڇئي سو ڏان ڳنئي ڏيئي،
مال مٿو ٻيئي ملڪ تنهن جي منگتا.

46

سورٺ ڪئين سوين ڪيون ڪي منٿون مگٹهار،
تہ ڏيئين بدل ڏياج جي هيرا لعل جواهر،
تڏهن منگتي ڪيو "**منٺار**" ڇئي اتي پڻ انڪار،
ڪيس ڌڙ سسيءَ ڪان ڌار، مٿو ڪٽي موٽيو.

47

بسنت راڳ بناءِ تون سمجهي سرت ساڻ،
سپ سٽائون سڪ جون ثابت تون سجاڻ،
"**منٺار**" موليٰ جي محبت ۾ پٽي ڪجاءِ پاڻ،
عاشقن اهجاڻ، تيا مثل مٽيءَ خاڪ جي.

48

ڪنپات ڇئي خيال سان ويهي ڪر واڪاڻ،
ٿهڙو مورهون ناهي ملڪ ۾ جهڙو پرين پاڻ،
قمر مهتاب "**منٺار**" ڇئي سڪن لاءِ سجاڻ،
سورج سنديس آڻ، اٿ ٿئي پهر ادب ۾.

Scanned with CamScanner

49

پيلو راڳ پريت سان چڱي پت چئيج،
روپ انهيءَ جي راڳڻي ڪري لات لئيج،
تنهن معنيٰ ۾ "منثار" تون پٽي تئي پئيج،
منجهان نياز نئيج، عشق جي آواز کي.

50

مانجهه چئي تون مهل سر روپ ڪري چئو راڳ،
سٽي جي سمجهي رهيا تن لڳو عشق اجهاڳ،
موليٰ ريءَ "منثار" چئي ٻيو ڇڏ ملڪيت ماڳ،
سندو تن سڀاڳ، جي عاشق تيا الله جا.

51

پوربيا پري ويا سامي سمجهائي،
مادر ماري آهيان آئون سندن ڦوڙائي،
الله آديسين کي من واحد ورائي،
شل پير اچن پائي، مون اڳڻ "منثار" چئي.

52

جوڳهه جوڳي دي نال تيسان مئين جيجل جوڳياڻي،
کهه ٻن ڪيڙا جهنگ سياليان کهه پيڙهي ڏاڏاڻي،
ويکو ماهي ڇوڙي "منثار" آکي شاهي شاهاڻي،
کيوين مين هير نماڻي، کيوين رانجهن مالڪ راڄ دا.

53

جيئن جوڳ نماڻي راڳڻي تيئن عشق نماڻي هير،
ميثاقئون "منثار" چئي هئي طرف سندس تقدير،
جڏهن فضل ڪيو فقير، تڏهن رانجهن مليو رنگپور ۾.

54

جيئن جوڳ نماڻي راڳڻي تيئن هير نماني هوءِ،
کي مشڪل جا ڏينهن "منٺار" چئي هئي لاءِ جدائي جوءِ،
تنهن وقت پڇاڻان پوءِ رانجهن رنگپور ۾ مليو.

55

انهيءَ ورهه وري مونکي ماءُ! وڌو مامري،
عشق يار عجيب جي چوري ڪيس چري،
ريءَ ملڻ "منٺار" چئي ويندي ويندس مفت مري،
ان ڳڻتي منجهه ڳري، ويندس ڪپي خاڪ ٿي.

56

آسا ڪر الله جي جو ڏيڻ جو ڏاتار،
آهي ڏيندڙ ڪل کي ڏيهه ڏٺي هر وقت هروار،
مگ سدا "منٺار" تون سون سچاڻي ستار،
تہ ڏسين ڪو نہ ڏڪار، جي در داتا جو نہ ڇڏين.

57

آسا اباڻن ۾ اجان مون آهي،
ڇيهئون ڇڏينديس ڪينڪي آسرو لاهي،
جو عيبن ڀريل اولاد کي مائٽ نہ مارائي،
قيدون ڪيائي، مارو نيندم "منٺار" چئي.

58

آسا چئي الله کي ويهي ڪيرت ڪر،
ڏيهائي ڏاتار جي وڃ داتا جي در،
متان ڇڏين "منٺار" تون سا پينارن جي پر،
گهر تہ آٿين گهرو ماڻڪ موتي منگتا.

59

ڳـاءِ بـلاول پـان تـي سـچائي سـلطان،
عـالم جنهـن جـي آسـري آهـي جـڳ جهـان،
تنهن محمد کان "منٺار" چئي منگتن لڌو مـان،
داتـا وٺـان دان پينـو وٺـي پـر تيـا.

60

پـوءِ رکـي چـوءِ پيـروي سـنيالي سـرکار،
کـل نفـس ذائقـت المـوت نرتئـون تـون نهـار،
"منٺـار" معنـيٰ تنهنجـي وجـود ۾ ويچـار،
هسـتي هئـڻ هـار، رکـي خـوف خـدا جـو.

61

چوءِ لـوڙا لئـو لات سين جـو قتيـل منجهـہ فـراق،
ورهـہ جـا وجـود ۾ چـور تـہ چکنئـي چـاک،
محبت ۾ "منٺار"، چئي کئين مري ويا مشتاق،
خـدا پـرور پـاک، سـکنڌ سي سـرها کـري.

62

چوءِ جهونگـاري جهنگلـو کـري وجـود ۾ ويچـار،
تـہ کـک پـن ۾ کلتـار سـو صـاحب رب سـتار،
"منٺـار" پنهنجـي مـن جـون اکيـون کـر اظهـار،
تـہ واحـد توکـان وار، پـرور پـري کينکـي.

Scanned with CamScanner

63

وڻجارن جي واٽ، نت نت تي نهاريان،
ان جي اچڻ لاءِ، جر تي باسيم جاٽ،
مونکي سندن "مننار" چئي آهي اُج اُساٽ،
ڳوڙهن پريو ڳاٽ اکيون اوڏانهين ڪٽان.

64

سهڻي لهر سمونڊ جي پاڻيءَ ۾ پيئي،
طاقت ناهي ترڻ جي وسارت ويئي،
ميهر ڪڍ "مننار" چئي هٿ هٿ ۾ ڏيئي،
جنين جا جيئي، تن ڪي ترهو تن جو.

65

ليلان لولاٽيون تي ڪري تي داسڙاتو در،
تہ چنيسر چام چگايون تون ڪامل مونسان ڪر،
معافي ڪج "مننار" چئي مون منجهہ عيب اپر،
آئون آهيان بي اثر، تون ڍولا ڍوليج ڪيم ڪي.

66

راڻا ڪيم رسيج سوڍا سرت سجاڻ تون،
ڍڪي عيب اسان جا ترسي تون تسيج،
هن محلي ۾ "مننار" چئي وارث تي وسيج،
ڪا ڏاهپ جي ڏسيج مت مومل ڪي ميندار.

67

مارئيءَ ڪي ميان، عمر! عيب م لاءِ تون،
سنگهارن جي سٽ ۾ شل وجي تہ تيان،
تن مارن سان "مننار" چئي وجي پس پيان،
تہ جان ڪي تان جيان، جي پنهوار ڪنم پنهنجي.

Scanned with CamScanner

68

مرڪ نہ منهنجو سومرا جو عيش ڪريان آئون،
ڪاڄ اسان جو ڪنيپون سنگر ۾ سائون،
تنهن مارو سان "منٺار" چئي لڏيم جت لائون،
اُت مونکي چتاري چيائون تہ ريت م ڇڏج راڄ جي.

69

ڏناسري جي ڏير منهنجو جيءَ جياريو،
اسين اوهان جي آهيون دامن دستگير،
متان ڇڏين "منٺار" چئي مونکي پلئہ لائج پير،
منجهان سختيءَ سير، اڪارج احسان سان.

70

ڏناسري نار، ڇڏيو ڇنيو ڪينڪي،
واري گڏج وڳہ ۾، سنياري سنگهار،
منهنجي ڪج "منٺار" چئي پوئواري پنهوار،
هاڻي اڃان تو آڌار، پنهنجي وطن جي وٽاڻ ۾.

71

بروو بنديائي آئون قسمت قيد ڪياس،
لکئي لوح قلم جي پياريم پاڻي،
مارو ٽيندم "منٺار" چئي سختي ۾ ساڻي،
ننگڙو سڃاڻي، وٺي ويندم ويڙهہ ۾.

Scanned with CamScanner

72

چئي پرياتي پريات جو پنهنجي ڪچ پروڙ،
اتي اور الله سان چڏي پيا ضرور،
سچ ملندئي "مننار" چئي ڪم نہ ايندئي ڪوڙ،
آتڻ منجهہ اروڙ، ست صرافن ڦولهيا.

73

چئي صبحڙو صبح جو ذڪر دليئون زبان،
فاذڪروني اذڪر ڪم فرمايو فرقان،
اي معنيٰ پڙهہ "مننار" تون اهو ڪوڙ نہ منجهہ قرآن،
وسهي ساڻ ايمان، واحد وسارج ڪينڪي.

74

چئي ڪانرو قلب سان صاحب رب سڄاڻ،
تہ ساري دل صفائي تئي هوند ذڪر ذاتيءَ ساڻ،
"مننار" محبت رب جي آهي اجرڻ جو اهڃاڻ،
تنهن پارس جو پرياڻ، جنهن لڪ مڻ لوهہ جا سون ڪيا.

75

سڙن سدا سڪ سوز ۾ محب تنهنجا مشتاق،
وڍيا جي وهلور ۾ نت چير چڪائن چاڪ،
ماريا سي "مننار" چوي تن جي ڦوڙائي ڦراڪ،
اڇين جي اوطاق، تہ سورن ڪان سکهي تيان.

76

سڪندي سڪندي سڙ رهيا ميڪون سڪندي تي ڳيا سال،
سڻ عرض ميڏيان آزيان ڪروي پلائي پال،
سڻ اسان ڏا سوال مج عرض "مننار" دا.

Scanned with CamScanner

77

جيئن نوازي نوري ڪئي، متي مهاڻي،
مونکي تيئن تماچي چام، رنگ محل ۾ رساڻي،
پنهنجي پلئه ۾ آئون، لائق لڄاڻي،
ڏي پلئه ته پاڪ تيان، وڃي نوري نماڻي،
لائق تنهنجي لطف جو، پرو ناهه پڇاڻي،
اڇي نواز ته تيان نئين، نه ته پاند پراڻي،
جيڪا توکي تماچي وڻي، آهي اها اڳهاڻي،
نيئي راڻين ۾ راڻي، مونکي من ڪرين "منٺار" چئي.

Scanned with CamScanner

حضرت فقير منٺار سائين جن جا اهي بيت جيڪي اڳ ۾ ڇپائي هيٺ نہ اچي سگهيا. فقير ولي بخش سائين پنهنجي پسند جي مختلف شاعرن جو شعر وغيره گڏي هڪ قلمي ڪتاب جوڙايو بحرالعاشقي هي بيت ان ڪتاب تان ورتا ويا.

78

جيئن نوازي نوري ڪئي متي مهاڻي،
مونکي تيئن تماچي ڄام رنگ محل ۾ رساڻي،
پنهنجي پلئہ ۾ آءُ لائق لجاڻي،
ڏي پلئہ تہ پاڪ تيان وڃي نور آڻي،
لائق تنهنجي لطف جو پروناهہ پڄاڻي،
اچي نواز تہ تيان نئين نت پاند پراڻي،
جيڪا توڪي تماچي وڻي آهي اها اڳهاڻي،
نيئي راڻن ۾ راڻي مونکي من ڪرين "منٺار" چئي.

79

آئون اڳلي گدلي گندري تون سمون سر سين،
تولاءِ تماچي ڪيتريون سميون تيون بہ سڪن،
آئون آڳيان جن جوڙ نہ جتيءَ جيترو.

80

آئون اڳلي گدلي گندري تون سمون ڄام سرتاج،
مونکي علم نہ عقل ايترو جو آئون ڪران علاج،
جيڪو تنهنجو راءِ رواج مونکان ادب نہ پڄي ايترو.

Scanned with CamScanner

81

آئون اڱلي گدلي گندري تون سمون ڇام سلطان،
تولاءِ تماچي سڪن ڪيئن حورون مثل حئران،
مون مهاڻيءَ جو مڪان جت جوڙ نہ جتيءَ جيترو.

82

آئون اڱلي گدلي گندري اي صاحب سمان ڇام،
تولاءِ تماچي سڪن ٿيون حورون مثل حشام،
نالي تنهنجي نام شايد سڏبيون سميون.

83

آئون اڱلي گدلي گندري تون سمون بادشاهہ،
تولاءِ تماچي سڪن جن جو حسن منور ماهہ،
مونکي ڪج مباهہ جو آئون بہ آستائتي آهيان.

84

آئون اڱلي گدلي گندري تون ننگر تخت نواب،
تو لاءِ تماچي سڪن جن جو منهن مثل مهتاب،
مون اڱليءَ جو آب جت جوڙ نہ جتيءَ جيترو.

85

آئون اڱلي گدلي گندري تون ڇام غريب نواز،
تولاءِ تماچي ڪيتريون ٿيون پريون ڪن پرواز،
هن نوريءَ جو نياز، شل تو پسند پارس ڪي اچي.

86

جڪريا هي جمائت اڱڻ آئي اوهان جي،
تون اڄهو تون آجڪو تون هيٺن جي حمايت،
جا سوالي گهرن سوغات تون تن کي بخشين ٿهڙي.

Scanned with CamScanner

87

جکريا جهوليءَ تنهنجيءَ مندا ٿندا مگڻهار،
گهرن گندي گراهہ ٿا اُن جا ٻچا ٻار،
هجي تو وڏي چام چمار تہ ان جي الکو ناهہ ايال کي.

88

جکريا جهوليءَ تنهنجي توڙي اچن کي مسکين،
تہ وڃان ويلو توڙجو تن پوي کنگالن کين،
جي اجهي تو امين سي سوالي شاهوکار ٿيا.

89

جکريا جهوليءَ تنهنجيءَ توڻي مريض محتاج،
تبہ سمان سکارين انجا کامل مڙيئي کاج،
پنهنجي گهران ڏيو ڏاج سيئي سمان ناکاريئين.

90

سور ساجن جي سکجو چاتيءَ منجهہ چپاءِ،
دانهن دکہ دا راز جي کنا لوک لکاءِ،
محبت جو "منثار" تون دل ۾ دود دکاءِ،
صنم واري سوز جو من ۾ مچ مچاءِ،
پر ۾ پاڻ پچاءِ جيئن ٻاهر ٻاڦ نہ نکري.

91

ٻاهر ٻاڦ نہ نکري تو پوي پرينءَ جو پور،
دونهينءَ درد فراق جيءَ مونکي کيو چکناچور،
کيئنءَ کريان کاڏي وڃان کيئن سانديان سک جو سور،
صبر نہ اهي ساهہ کي ۽ ٿي ماٽ نہ اچي مور،
مونکي محبوبن جي کيو قرب کلور،
"منثار" اهو مظکور سانڍڻ ناهي سترو.

Scanned with CamScanner

92

سانڍڻ ناهي سٽرو عشق جو آزار،
سور سڄي سرير ۾ هڪ وٽي ناهي وار،
وڍي منهنجي وجود کي سڪ ڪيو سنگسار،
مجروح ٿيو "**منٺار**" پرينءَ جيءَ پياس ۾.

93

پريئن جيءَ پياس جي آهي خاصي هيءَ خبر،
هيڪاندا تنهن حب جا، هينئڙي منجهه حشر،
قيامت جي قصي کان ڪاڙهو هيءُ ڪٿر،
سي ساڪن سور سڌر آهن منهنجي جيءَ سين.

94

آهي عجيبن جيءَ مونکي موهيو معام،
هول پريئان جي حب جا هينئڙي منجهه حشام،
ڪاڙو آه قلب ۾ جيئن قربلا واري قيام،
من اندر ماتام "**منٺار**" محبوبن جو.

95

"**منٺار**" محبوبن جو آيو عشق اجهل،
وڪوڙي وجود کي ڪابو ڪيائين ڪل،
وڍ ٽڪ جو وجود ۾ برهه ورتو بل،
ڪيو قرب قتل "**منٺار**" محبوبن جي.

96

راڳي رنگ محل ۾ سڏايو سلطان،
چارڻ چلي چئو گمان ۾ هيئن طلب جي تان،
تنهن مڱڻي سان "**منٺار**" چئي ڪيائين اپارين احسان،
داتا ڏنا دان ان ساعل کي سرجا.

97

ساعل کي سرجا ڏان ڏنا ڏاتار،
راجا ريڏو راڳتي سٽي تند تنوار،
مٿو ڏنائين مهر سان تنهن منگتي کي "**منٺار**"،
جڏهن سخا کئي سردار تڏهن مرکي موٽيو منگڻو.

فقير سائين جي رسالي رهنمائي مان چونڊ ڏهر

1

اول نام الله جو، جل جلال جلشان،
ٻيو مير محمد مصطفيٰ، آهي عالم جو زمان،
چارئي يار رسول جا، سونهن موچارو شان،
منجهان اولاد حضرت ابابڪر صديق جي، اچي جاڳيو جنگ جوان
نرمل نوح فقير جو، اچي نام ٿيو نيشان،
"منٺار" ٻـ منگتو ان جو آهي پٽ سڏائيندڙ پان،
دهرا ڏيندم دان پاڳا پرم ايمان جا.

2

اول نام الله جو جو باري بي پرواهه
ٻيو مير محمد مصطفيٰ آهي شافع شاهن شاهه،
چارئي يار رسول جا جن دين اجاريو راهه،
منجهان اولاد حضرت ابابڪر صدق جي هڪ دولهه ٿيو دراهه،
نرمل نوح فقير ٿيو اڪمل اولياءُ،
قائم تنهن قريشي جي دائم آهي درگاهه،
"منٺار" ٻـ نگتو ان جو تو پني پوش پناهه،
شل پڇيم ساهه پساهه ڪلمي جي ڪنجي سين.

3

ڪلمون ڪنجي قلب جي آهي لاءِ سچي سنسار،
احمد اُمت ڪي چيو اڙين جي آڌار،
تہ هيءَ ذڪر ذري ايمان سان جي هوند پڙهو هڪوار،
تہ لهي وڃن لطف سان جي هجن گناهه هزار.

Scanned with CamScanner

لا الہ الا الله محمد الرسول الله اها پرين جي پچار،
"منٺار" محمد مير تي چئو صلوات سئو وار،
ان اسمن جي آذار تون بي خوفو وج ٻهشت ڏي.

4

ڪلمون ڪنجي قلب جي جي پڙهين پريت ساڻ،
تہ لهي وڃئي لطف سين من متان موريان،
حضرت پاڻ حديث ڪئي سو تون حرف سڃاڻ،
تہ مومن نئون ڪريو ايمان کي ان ڪلمي صيقل ساڻ،
لا الہ الا الله محمد رسول الله اهو اجرڻ جو اهڃاڻ،
"منٺار" معنيٰ تنهن جي پروڙج پرياڻ،
تہ ان پارس منجهان پاڻ هوند سڃئي تنهنجو سون ٿئي.

5

چئو لا الہ الا الله ايءُ ذڪر دليون زبان،
فاذڪروني اذ ڪر ڪر فرمايو فرقان،
"منٺار" معني سمجهہ تون تہ ڪوڙ نہ منجهہ قرآن،
اهڙي املهہ ماڻڪ کي رک دم دم منجهہ ڌيان،
تہ ڪوسي پسين ڪانہ جي واحد تون نہ وسارئين.

6

چئو لا الہ الا الله ڪري وجود ۾ ويچار،
تہ ڪک پن ۾ ڪلتار سو آهي صاحب رب ستار،
ونحن اقرب عليه منحب للوريد ڪر انهي آيت تي اعتبار،
"منٺار" پنهنجي من جيون اکيون ڪر اظاهر،
تہ واحد توکان وار پرور پري ڪين ٿئي.

7

جي وڻان پنهنجي ور کي تہ سندم تئي سهاڳ،
شال محابي مرشد جي ۽ سبتو تئي سپاڳ،
منهنجي خلوت خاوند سين تين هوند رس رهاڻيون راڳ،
تہ معافي مڙوئي تئي هوند لهڻون ڏيٿون لاڳ،
اهو کنهن نکٽ ساڻ نصيب تئي تنهن معشوقيءَ جو ماڳ،
سو اهڙو بلند ڀاڳ مان تيئي "منٺار" جو.

8

جي اچان پسند پنهنجي ور کي تنهن وارث کي وڻان،
تہ سوغاتون سهاڳ جون خوش تي هوند کٽان،
۽ ڳهڻان هارڳچيءَ ۾ سي پايو گهمان گهڻان،
جنهن مالک منجهہ متان تنهن شل پسند پارس کي اچان.

9

جي پسند پارس کي اچان تہ تيان هوند نسوروُ ئي نور،
تنهن لطف لائق جو تئي ۽ فضل جو دستور،
محابي مقرب جي آءُ مان تيان منظور،
تہ مرڪان محلاتن ۾ جي هوئي حاصل سندس حضور،
جو ڪل مقصد جو مور سو مان ملي "منٺار" کي.

10

سرور شاهہ جي سگهہ جو ليکو لکندو ڪير،
آيو جو اولياءُ وٽ پر تئون پري پير،
سو سڀکي شاهوڪار تيو توڙي ڏڏ ڏقير،
جن دعا گهري هڪ دمڙي تن کي سرور بخشيو مير،
جنهن جي فيض ۾ ڪونهي ڏير سو چو نہ مجي "منٺار" چئي.

Scanned with CamScanner

11

تـو ملي مرشد ڪئون "مننار" چئـي اسـم نـام الله،
سو آهي آب حيات جو منهنجي داتـا وٽ درياهـ،
سو تئي امداد ايماندارن کي ڪٿيو بخشي بادشاهـ،
سـو مـان تئي "مننـار" تـي سـندس نـواز نگاهـ،
تـ هڏ چم منهنجو ماهـ هوند پوءِ سمورو سون تئي.

12

هوند پوءِ سمورو سون تئي منهنجو بـدن بـي بهـاءِ،
سو وجـي ڪيـن وجـود مـان تنهـن امـل جـو اهـاءِ،
سو چمڪي چوڏهين چنڊ جي ڪري شمس جيئن سهاءِ،
تنهن مرشد جي مهاءِ تو ملي خدا "مننـار" چئـي.

13

جي ملي خدا "مننار" چئي تـ آهيان نرگ تيان پوءِ نـور،
مهـابي مقـرب جـي تئـي حـاصل حـق حضـور،
حرمـت حضـرت نـوح جـي مولـيٰ وٽ منظـور،
سو فضل جو هت هن فقير تي رکي رحيم رب غفور،
تـ پوءِ پٽ پان تئي پرپور هئي "مننار" ميراثي منگٿون.

14

شال ملن "مننار" کي هڪ مرشد ڀيو رسول ٿيو رب،
تـ چـڻ مقصـد مڙئـي تيـا ڪليـو سـيا ڳ سـبب،
آئـون تـ گهـران تـو ايتـري ايهـا امـداد عجـب،
مگي مرشد ڪـان "مننـار" تـو اهـو مرداڻـو مطلب،
جي هوند ڪلمون چوي ۾ قلب چڻ روح منهنجي رچ ڪيو.

Scanned with CamScanner

15

هل سرور جي سومار تي تہ اتي ملئي الله،
راضي گهڻو رسول تئي سو منو محمد شاهہ،
۽ چارئي يار رسول جا پنج تن کندئي پناهہ،
تہ لهي ويئي لطف سان جي گهڻو هجيئي گناهہ،
پوءِ اهڙو اولياءُ ڇو نہ مجي "منٺار" چئي.

16

هل سرور جي سومار اي مومن مسلمان،
وڃي ڏس نظارو نوح فقير جو ادب سان ايمان،
تہ ملئي اسم الله جو جل جلالہ جلشان،
تو ۾ رتي ريخت نہ رهي سندي غير گمان،
جيکي جني طلبئوسي پاڳا وٺن پان،
تا دهرا ملن دان منگتن کي "منٺار" چئي.

17

هل سرور جي سومار تي جتي نرمل نوح نواب،
آهي صاحب شريعت جو منجهہ عالمن اربان،
سو سرور سارهہ جهڙو آهي ماڻهن ۾ مهتاب،
معافي مڙوئي تئي جنهنجي حرمت ڏوهہ حساب،
اهڙو ئي آفتاب ڇو نہ مجي "منٺار" چئي.

18

وڃ وڏي ويساهہ سان هالن ڏانهن هلي،
تہ راضي پاڻ رسول تئي ۽ محمد مير،
پنج تن پاسو تنهنجو کري عنايت علي،
ان جي محابي "منٺار" چئي کئي وڏي دعا ولي،
پوءِ پيٽن ڇو نہ پلي چائنٺ نرمل نوح جي.

Scanned with CamScanner

19

وڃ وڏي ويساهه سان هلي هالن ڏانهن،
ته مؤلو مهربان ٿئي اڳو رب الله،
راضي پاڻ رسول ٿئي مير محمد شاهه،
چار ئي يار رسول جا ڪنئي پشتي پوش پناهه،
پنجتن پاسو تنهنجو ۽ حضرت شاهه همراهه،
مرڻ ويل "منٺار" چئي جڏهن پڇندو سنڌ ۽ پساهه،
تڏهن ملڪ محابي تنهنجي وري سولو نينڌ ۽ ساهه،
پوءِ اهڙو اولياءَ پلو ڪوهه نه پيٽين.

20

مڃ منهنجي پير ڪي جو سرور سوپارو،
آهه ساڻ الله جي ٿيو ڪامل قرارو،
اُپ ستين آسمان ۾ آهي جنهنجو نغارو،
تون وٺ تلقين تنهنجي آهي مرشد موچارو،
سو مهند ٿي "منٺار" چئي اچي ڪنڌ ۽ چوٽڪارو،
سمجهي سوارو رک حب هالن ڏٺيءَ ڏي.

21

ميان امين محمد اجرا دلبر دل جا يار،
پلين خاوند خلقيون پاڪ پروردگار،
توڪي نر نوازيو عالم جي سردار،
تون پاڪريل پنجن تنن جو سائين ڏيهه ڏٺي ڏاتار،
توڪي دعا دستگير جي ميان ملڪ ڏٺي مختيار،
تنهنجي مدد محمد ڪارڻي ۽ چڱا چارئي يار،
ڪج مهر "منٺار" سان دلبر ٿيج ۾ ڏار،
آهين وڏي آڌار ڪنڌي ڏيهن قيام جي.

22

ميان امين محمد اجرا تون پيرن ۾ پڌرو،
مشعل ملڪن ۾ آهين سرور سوجهرو،
ڪامل تنهنجي قدرت جو ناهي پار پرو،
مرشد ساري ملڪ ۾ تون چنڊ چوڏهينءَ وارو،
توتي رب راضي ٿيو پيو محمد موچارو،
ڪج مهر "منثار" تي جتي ترندو ترارو،
اتي ورائيج وارو تہ محشر مرڪندو ٿيان.

23

ميان امين محمد اجرا سياجها سائين،
تنهنجو سوالي آهيان، سي عرض ٻہ اونائين،
ملامتون "منثار" چئي ڪنهن لطف سان لاهين،
آسرو آهين ڪنڌي ڏينهن قيام جي.

24

ميان امين محمد أجرا دل وٺيا دلدار،
طلب تنهنجي اٿم گهڻي سڪ سردار،
"منثار" چئي منهنجا پرين تون پيرو ڪج پيار،
تون نہ وسرين يار مون نہ وسارج ولها.

25

ميان امين محمد أجرا دل وٺيا دلبر،
طلب تنهنجي اٿم اڪنڊ منجهہ اندر،
"منثار" چئي منهنجا پرين اچي سار لهج سرور،
تون نہ وسرين ور مون نہ وسارج ولها.

Scanned with CamScanner

26

ڪي ڪنين جا ڪارڻي ڪي ڪنين جي لاءِ،
مونکي مخدوم نوح جو اوٽ اجهوئي اهي،
تنهن سرور جي ساڃاهه مونکي آگاهه امن ۾ رکين.

27

ڪي ڪنين جا ڪارڻي ڪي ڪنين جو پار،
مدت مون مسڪين جي سرور شاهه سردار،
مائٽ مڪمل جنهنجو والي وڏو يار،
سو سڄاڻي سچار مونکي آگاهه امن ۾ رکين.

28

وڏا طالع تن جا جيڪي محمد مڃيندا،
رکيو ساڃاهه سيد جي ادب ۾ ايندا،
مٿئون تن "منٺار" چئي سڀ وهلور ويندا،
ڪلمون جي چوندا اُهي ڇٽندا ايمان سين.

29

مڃ منهنجي پير کي جنهنجا ڏيهه مڙيئي ڏاني،
مورهون ناهي ملڪ ۾ ڪو سرور جو ثاني،
جنهن تي آر الله جو آهي رايو رباني،
مٿس راض رسول جو جو حبيب حقاني،
تون وٺ تلقين تنهنجي ڇڏي شوق شيطاني،
ان مرشد ريءَ "منٺار" چئي پيا فيض مڙيئي فاني،
ظاهر باطني رک جب هالن ڏٺيءَ ڏي.

حضرت فقير منٺار سائين عليه رحمة جن جا نوادرات
هيٺ وچايل ڪيس، فقير سائين جن جي دستار مبارڪ، ڪٽي مبارڪ.
ڪندري ۽ ان ۾ پيل ڌاڳا، جهولي، ڪشتي، بيراڳڻ، ناد ۽ سنڪ ۽
فقير ولي بخش سائينءَ جن جي دستار مبارڪ، تسبي، چادر ۽ دشالو

Scanned with CamScanner